
خيرپور جي
ميرن جو
ادب، سياست ۽
ثقافت ۾ حصو
ڊاڪٽر عطا محمد حامي
ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ

# خيرپور جي ميرن جو
## ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو

پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد حامي

ثقافت ۽ سياحت کاتو
حڪومت سنڌ

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو |
| ليکڪ: | پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد حامي |
| پهريون ڇاپو: | 1994ع |
| ٻيو ڇاپو: | 1430هه / 2009ع |
| تعداد: | 1000 |
| ڪمپوزنگ: | يوسف احمد پنو |
| | السنڌ ڪمپوزرس، حيدرآباد فون: 3010706_022 |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | نديم احمد سولنگي |
| ڇاپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي |
| ڇپائيندڙ: | شمس جعفراڻي |
| | سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت کاتو |
| | حڪومت سنڌ |

قيمت: 600/= رپيا

ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ

ثقافت ۽ سياحت کاتو بوڪ شاپ

سامهون ايم پي اي هاسٽل

سر غلام حسين هدايت الله روڊ

ڪراچي 74400

فون: 9206063

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1 | پبلشر پاران | 13 |
| 2 | پيش لفظ | 15 |
| 3 | مقدمو ـ عطا محمد حامي | 19 |
| 4 | **باب پهريون**<br>**خيرپور جي جاگرافي** | |
| 5 | تعارف | 25 |
| 6 | جاگرافيائيءَ جي بيهڪ ۽ حدون | 26 |
| 7 | ايراضي ۽ پکيڙ | 26 |
| 8 | طبعي پاڱا | 27 |
| 9 | آباد ۽ زرخيز علائقو | 27 |
| 10 | غير آباد ۽ ريگستاني علائقو | 27 |
| 11 | پيلن وارو علائقو | 27 |
| 12 | تڪرين وارو علائقو | 27 |
| 13 | آدمشماري | 27 |
| 14 | آب هوا | 29 |
| 15 | انتظامي حصا | 29 |
| 16 | خيرپور سب ڊويزن | 29 |
| 17 | خيرپور تعلقو | 29 |
| 18 | گمبٽ تعلقو | 30 |
| 19 | ميرواهه سب ڊويزن | 31 |
| 20 | ڪوٽ ڏيجي تعلقو | 31 |
| 21 | ميرواهه تعلقو | 32 |
| 22 | فيض گنج تعلقو | 32 |
| 23 | نارو تعلقو | 32 |
| 24 | ميراڻا يادگار | 33 |
| 25 | هاڻوڪيون تفريح گاهون | 34 |
| 26 | زبان | 35 |
| 27 | تعليم | 35 |
| 28 | ڪارخانا | 37 |
| 29 | آمد و رفت جا ذريعا | 37 |
| 30 | سنڌو نديءَ ۽ ان جا وهڪرا | 38 |
| 31 | منن ڪوٽ کان سکر | 39 |
| 32 | سکر کان سيوهڻ | 39 |
| 33 | سيوهڻ کان ٺٽو | 39 |
| 34 | ٺٽي کان سمنڊ | 40 |
| 35 | اُپرندو نارو | 40 |
| 36 | بيا واهه | 42 |
| 38 | ٽنڊيا ڦاٽ | 42 |
| 39 | پترڻ | 43 |
| 40 | آبپاشي | 44 |
| 41 | آبپاشيءَ جا طريقا | 44 |
| 42 | ويسٽ فيڊر جا واهه | 45 |
| 43 | زراعت | 45 |
| 44 | زمين جا قسم | 46 |
| 45 | فصل جون مندون | 46 |
| 46 | ڪجهه پوکن جون جنسون | 47 |
| 47 | ميوا | 48 |
| 48 | گل ڦل | 48 |
| 49 | ٻيلا | 49 |
| 50 | معدني پيدائش | 50 |
| 51 | پٿر، ميٽ، لوڻ، ڪوئلو | 50 |
| 52 | مڇي | 51 |
| 53 | جانور | 52 |
| 54 | پکي | 54 |

| | | |
|---|---|---|
| 55 | جيت جٽيا | 55 |
| 56 | **باب ٻيو** | |
| | **خيرپور جو تعارف ۽ قديم آثار** | |
| 57 | تعارف | 57 |
| 58 | ڏيجيءَ جو دڙو | 58 |
| 59 | سيراج جي ٽڪري | 59 |
| 60 | ناروءَ وارو دڙو | 59 |
| 61 | ليلا جا آتڻ | 60 |
| 62 | ننڍا آتڻ | 60 |
| 63 | اٽراهه جي پٽي | 60 |
| 64 | ابل ويسر وارو دڙو | 61 |
| 65 | درن جي پير وارو دڙو | 61 |
| 66 | باغو ڏورو وارو دڙو | 61 |
| 67 | لهيري وارو دڙو | 61 |
| 68 | ڳاڙهو پيرو | 61 |
| 69 | علي اصحابو وارو دڙو | 62 |
| 70 | ٽاري وارو ٽيڪرانو | 62 |
| 71 | شهيدن وارو ٽيڪرانو | 62 |
| 72 | ستهه وارو دڙو | 62 |
| 73 | پٽ وارو پڙو | 63 |
| 74 | وستڙن جي پٽ | 63 |
| 75 | درگا جو دڙو | 63 |
| 76 | ٻوهي وارو پڙو | 64 |
| 77 | لاکرنڊ | 64 |
| 78 | ترائي وارو دڙو | 64 |
| 79 | سانٽ وارو دڙو | 64 |
| 80 | پاٽيءَ وارو پڙو | 64 |
| 81 | گرهر جو ڪوٽ | 64 |
| 82 | مامڙيءَ ڪرنجڙي جا ڪوٽ | 65 |
| 83 | شير شاهه جا مسافرخانا | 65 |
| 84 | **باب ٽيون** | |
| | **ٽالپرن جو حسب نسب ۽ اوائلي احوال** | |
| 85 | اصليت | 67 |
| 86 | ٽالپر لقب | 68 |
| 87 | هجرت | 68 |
| 88 | هاٽوڪي سڪونت | 71 |
| 89 | اوائلي احوال ۽ مشاهير | 71 |
| 90 | مير هوتڪ خان | 72 |
| 91 | مير شهداد خان | 72 |
| 92 | مير چامر نندو خان | 73 |
| 93 | مير چاڪر خان | 74 |
| 94 | مير بهرام خان | 74 |
| 95 | مير بجار خان | 75 |
| 96 | مير عبدالله خان | 76 |
| 97 | مير فتح علي خان | 77 |
| 98 | **باب چوٿون** | |
| | **ٽالپرن جي سياسي تاريخ ۽ ان ۾ خيرپور جي ميرن جو حصو** | |
| 99 | تعارف | 81 |
| 100 | سنڌ ۾ ڪلهوڙا | 81 |
| 101 | سنڌ ۾ نادر شاهه | 81 |
| 102 | سنڌ ۾ پناڻ | 82 |
| 103 | سنڌ ۾ قلات جا بروهي | 85 |
| 104 | سنڌ ۾ بهاولپور جا دائود پوٽا | 87 |
| 105 | سنڌ ۾ راجپوت | 89 |
| 106 | سنڌ ۾ پنجاب جا سک | 90 |
| 107 | سنڌ ۾ انگريز | 91 |
| 108 | **باب پنجون** | |
| | **خيرپور جا حڪمران** | |
| 109 | (i) **مير سهراب خان** | 111 |
| 110 | تعارف | 111 |
| 111 | فتوحات | 112 |
| 112 | گوشه نشيني | 112 |
| 113 | اولاد | 112 |
| 114 | وصيت | 113 |
| 115 | روزانه زندگي ۽ اخلاق | 113 |
| 116 | وفات | 113 |
| 117 | (ii) **مير رستم خان** | 114 |
| 118 | ولادت ۽ تخت نشيني | 114 |
| 119 | ڪرڙيءَ جي جنگ | 114 |

120 نونهار جي جنگ 115
121 وفات 115
122 اخلاق 116
123 (iii) **مير علي مراد خان** 117
124 ننديپڻ 117
125 ملڪيت تان تڪرار 117
126 ملڪ جي ايراضي 118
127 بغاوت 118
128 لنڊن جو سفر 119
129 خوني حملو ۽ وفات 120
130 اولاد 120
131 سيرت 121
132 (iv) **مير فيض محمد اول** 121
133 تعارف 121
134 ملڪي سڌارا 122
135 شعر و شاعري 123
136 اولاد 123
137 وفات 123
138 (v) **مير امام بخش خان** 123
139 تعارف 123
140 ملڪي سڌارا 124
141 سياءُ ۽ عادتون 124
142 وفات 125
143 (vi) **مير علي نواز خان** 125
144 تعارف 125
145 ملڪي انتظام 125
146 انتظامي ڪائونسل 126
147 سياءُ 126
148 وفات 126
149 (vii) **مير فيض محمد خان ثاني** 127
150 تعارف 127
151 ملڪي سڌارا 128
152 (viii) **مير علي مراد خان ثاني** 128
153 تعارف 128
154 تعليم 128
155 حڪومت جو نظام 129
156 اقتصادي ترقي 130


**باب ڇهون**

**خيرپوري ٽالپرن جو ملڪي نظام**


157 (i) **معاشرو** 133
158 جاگيردار 133
159 زميندار 133
160 ڪاشتڪار 134
161 پاڳيا ۽ مالدار 134
162 واپاري 134
163 عامل 134
164 ڪاسبي 135
165 فنڪار 135
166 گهريلو هنرن وارا 135
167 مزدور 135
168 پير، فقير ۽ عالم 135
169 ٻانها ۽ غلام 135
170 بيڪار 136
171 (ii) **حڪومت جو انتظام** 136
172 سزاولڪار ۽ ڪاردار 136
173 ڪوتوال 137
174 فوج 137
175 عدالت 137
176 راڄ 138
177 سزا 138
178 آمدني 139
179 ٻٽائي 140
180 ڇيڙ 142
181 اڙد 142
182 ميرن جا سڪا 143


**باب ستون**

**خيرپور جي ٽالپرن جو ادب، تعليم ۽ تدريس ۾ حصو**


183 ادب ۾ حصو 145
184 مير سهراب خان اول 146

185 مير زنگي خان 147
186 مير رستم خان اول 149
187 مير حمزو خان 149
188 مير مبارڪ خان 150
189 مير علي مراد خان 151
190 مير محمد حسن خان 151
191 مير علي اڪبر خان 153
192 مير علي محمد خان 153
193 مير شاهنواز خان 154
194 مير خدا بخش خان "ضيا" 154
195 مير فيض محمد خان "عاجز" 155
196 مير عبدالقادر خان 156
197 مير سهراب خان "مسڪين" 156
198 مير خير محمد خان 157
199 مير محمد خان 157
200 مير امير علي خان "امير" 158
201 مير مهر نجف خان "غريب" 158
202 مير غلام نجف خان "غلام" 159
203 مير گل حسن خان 159
204 مير خداداد خان "مير" 159
205 مير خير محمد خان "ضيا" 159
206 مير راض محمد خان "عاشق" 160
207 مير محب علي خان 160
208 مير علي نواز خان ناز 160
209 مير دوست محمد خان 161
210 مير نثار حسين خان 161
211 مير عطا محمد خان عطا 161
212 مير غلام حسن خان احسن 162
213 مير خان محمد خان 162
214 مير غلام محمد "فقير" 162
215 مير لطف علي "فقير" 162
216 مير چنل خان 163
217 **تعليم ۽ تدريس ۾ حصو** 164
218 تعارف 164
219 تعليمي ادارا 165
220 تعليم جو نظام 166
221 مير علي مراد خان جو دور 170
222 مير فيض محمد خان جو دور 170
223 مير امام بخش خان جو دور 173
224 مير علي نواز جو دور 174
225 مير فيض محمد خان ثاني جو دور 175
226 مير علي مراد خان ثاني جو دور 176

**باب اٺون**

**ميرن جي تهذيب ۽ تمدن جو مطالعو**

227 عام معاشرو 179
228 ميراڻو معاشرو 181
229 ميرن جي شڪل شبيهه 181
230 ميرن جو لباس 182
231 عورتن جو لباس 183
232 زيور 183
233 حرم سراءِ 184
234 ميرن جي عورتن جو معمول 185
235 سواري 186
236 هٿيار 186
237 طعام 187
238 مهمان نوازي 188
239 سخاوت 188
240 وهم 188
241 ميرن جي عيد 189
242 ميرن جي دربار 190
243 ميرن جون خصلتون 190
244 ميرن جو معمول 191
245 **(ب) ريتون رسمون** 193
246 سڳابندي 193
247 سڳ جي ڳولا 194
248 شادمانو 194
249 مڱڻو 195
250 تياري 195
251 ونواهه 196
252 سرور 196

| | | |
|---|---|---|
| 253 | پنيئر | 197 |
| 254 | شادي | 197 |
| 255 | نکيتي | 199 |
| 256 | ستاواڙو | 200 |
| 257 | دگهي | 200 |
| 258 | جمر | 200 |
| 259 | چڻي | 200 |
| 260 | لوڏ | 201 |
| 261 | جهنڊ | 201 |
| 262 | عقيقو | 201 |
| 263 | يارهو | 202 |
| 264 | چوڏهو | 202 |
| 265 | چاليهو | 202 |
| 266 | ڪيچڙ | 202 |
| 267 | طهر | 203 |
| 268 | غمي | 203 |
| 269 | رسمن ۾ قير قار | 204 |
| 270 | **(ج) مذهب** | 205 |
| 271 | مذهبي پاليسي | 205 |
| 272 | ماتمداري | 205 |
| 273 | **(ح) شڪار—پيلي جو شڪار** | 210 |
| 274 | اوسر | 210 |
| 275 | مهاڙي | 211 |
| 276 | چوڙ | 211 |
| 277 | تاري | 211 |
| 278 | ٻولي | 211 |
| 279 | چين | 211 |
| 280 | سير جو شڪار | 212 |
| 281 | دٻي جو شڪار | 212 |
| 282 | **تکر جو شڪار** | 212 |
| 283 | مهاڙي | 212 |
| 284 | گرگ | 212 |
| 285 | ٻنو | 212 |
| 286 | گهوم | 213 |
| 287 | تر جو شڪار | 213 |
| 288 | **پکين جو شڪار** | 213 |
| 289 | چاڙهاڪو | 213 |
| 290 | ٻولي | 213 |
| 291 | هشڪر | 213 |
| 292 | چوڙ | 213 |
| 293 | اڏار | 213 |
| 294 | پگو | 214 |
| 294 | **ٻازن جو شڪار** | 214 |
| 295 | لغڙ مادي ۽ جهگڙند | 214 |
| 296 | باز مادي ۽ زور نر | 214 |
| 297 | باشو مادي ۽ بشين نر | 215 |
| 298 | چراغ مادي ۽ چرغيلو نر | 215 |
| 299 | بحري مادي ۽ بحري بچونر | 215 |
| 300 | شاهين مادي ۽ شاهينچو نر | 215 |
| 301 | شڪرو مادي ۽ چپڪ نر | 215 |
| 302 | ترمچي مادي ۽ چٽوو نر | 215 |
| 303 | **ڪٽن جو شڪار** | 215 |
| 304 | **واڳو سيسر جو شڪار** | 216 |
| 305 | **متفرق شڪار** | 216 |
| 306 | راڳ ۽ ساز | 216 |
| 307 | گويا | 217 |
| 308 | ڪافي خوان | 218 |
| 309 | ساز | 219 |
| 310 | ملهه ۽ ملاڪڙا | 219 |
| 311 | **تعميرات** | 221 |
| 312 | قلعو احمد آباد | 222 |
| 313 | امام ڳڙهه | 222 |
| 314 | شاهه ڳڙهه | 223 |
| 315 | گولي شاهه جو قبو | 223 |
| 316 | قادر بخش جو قبو | 223 |
| 317 | تر ڏٽيءَ جو قبو ۽ ڪوٽلو | 223 |
| 318 | شاهه جو ٽنڊو | 224 |
| 319 | امام بارگاهه | 224 |
| 320 | سهرابي محل | 224 |
| 321 | سچل سرمست جو روضو | 225 |

322 رستم منزل 225
323 لعل بنگلو 225
324 فقيراڻا مقبرا 225
325 فيض محل 226
326 شاهي محل 226
327 ٽڪري وارو بنگلو 226
328 مير احمد علي خان جو بنگلو 226
329 ڏيڍيون، ڍهوٽن وارو بنگلو ۽ ڪلر وارو بنگلو 227
330 امام بارگاهه 227
331 هنري اسڪول 227
332 سرڪاري دفترن ۽ آفيسرن جا بنگلا 227
333 ڪچهري وارو بنگلو 228
334 دلشاد منزل 228
335 گهر جو بنگلو 228
336 سرور هائوس 229
337 منبر وارو بنگلو 230
338 آزاد منزل 230
339 مندر 230
340 **هنر ۽ ڪاريگريون** 230
341 اسلحه سازي 231
342 سونارڪو ڪم 232
343 وينجهارڪو ڪم 233
344 ٺانارڪو ڪم 233
345 ڊکٽڪو ڪم 234
346 موچڪو ڪم 234
347 ڪنڀارڪو ڪم 234
348 ڪاشيءَ جو ڪم 235
349 چر جو ڪم ۽ رنگريزي 235
350 پاٽولڪو ڪم 235
351 زري دوزي 236
352 ڪورڪو ڪم 236
353 ڪيسن جو ڪم 236
354 چاندنيون 237
355 سوسين جو ڪم 237
356 جنڊيءَ جو ڪم 238
357 ڪمانگري ۽ نقاشي 239
358 رليون ۽ پرت 240

**باب نائون**

**سنڌي ٻوليءَ جو خيرپوري لهجو**

359 تعارف ۽ تاريخ 241
360 سريلي لهجو 242
361 سرائڪي جو اثر 242
362 صوتياتي خوبيون 243
363 وياڪرڻي خوبيون 244
363 ضمير متڪلم 245
364 زمان مستقبل 245
365 ڇڏيجو ۽ ڳڏيجو 246
366 تصغير 246
367 ماضي معطوفي 247
368 حال استمراري 247
369 زمان مضارع 248
370 نحوي خوبيون 248
371 نون غنو 249
372 زمان حال 249
372 فعلن ۾ ”ي“ جو استعمال 249
373 زمان ماضي مطلق 249
374 ”ني“ جو استعمال 249
375 وچولي لهجو 249
376 ضمير 249
377 ظرف 249
378 ”ت“ ”ڊ“ ۽ ”ڍ“ جو استعمال 251
379 ضميرن ۾ نون غنو 251
380 ضميري نشاني 251
381 تصغير 251
382 تخفيف 251
383 حرف جر 253
384 لاڙي لهجو 253
385 حالتن جو ڦير 254
386 مرڪب لفظ 255

| | | |
|---|---|---|
| 387 | حرفن جي تخفيف ۽ واڌارو | 255 |
| 388 | لفظن جي قيرَ ڦار | 256 |
| 389 | حرف جر ۽ فعلن ۾ قير ڦار | 256 |
| 390 | عدد | 257 |
| 391 | **خيرپوري لهجي ۾ بين بولين جا لفظ** | 257 |
| 392 | آسترو ايشياٽڪ بولين جا لفظ | 257 |
| 393 | دراوڙي بولين جا لفظ | 258 |
| 394 | يوناني جا لفظ | 258 |
| 395 | سنسڪرت ۽ پالي جا لفظ | 259 |
| 396 | عربيءَ جا لفظ | 259 |
| 397 | فارسيءَ جا لفظ | 259 |
| 398 | ترڪيءَ جا لفظ | 260 |
| 399 | پورچوگيزي جا لفظ | 260 |
| 400 | انگريزي زبان جا لفظ | 260 |
| 401 | **عربي زبان ۾ خيرپوري لهجي وارا لفظ** | 261 |
| 402 | ڪڇيءَ جا لفظ | 261 |
| 403 | پشتو جا لفظ | 261 |
| 404 | **خيرپوري لهجي جو جائزو** | 262 |
| 405 | صوتياتي جائزو | 262 |
| 406 | اصواتي جائزو | 262 |
| 407 | وياڪرڻي جائزو | 263 |
| 408 | **خيرپور جي ميرن جي بولي** | 263 |
| 409 | فارسي زبان | 264 |
| 410 | سنڌي ۽ سرائڪي زبان | 264 |
| 411 | صدائون | 264 |
| 412 | چوٽيون ۽ پهاڪا | 265 |
| 413 | **خيرپور لهجي جا محاورا ۽ خاص لفظ** | 268 |
| 414 | ميرن جي فرنيچر جا نالا | 271 |
| 415 | ميرن جي برتنن جا نالا | 271 |
| 416 | ميرن جي مخصوص طعامن جا نالا | 271 |
| 417 | ميرن جي پوشاڪن جا نالا | 272 |
| 418 | ميرن جي بندوقن جا نالا | 272 |
| 419 | ميرن جي ترارين جا نالا | 272 |
| 420 | ميرن جي اُٺن جا نالا | 272 |
| 421 | ميرن جي گهوڙن جا نالا | 272 |
| 422 | ميرن جي ڪُتن جا نالا | 272 |
| 423 | **شڪارگاهن جا نالا** | 272 |
| 424 | بيلي جون مهاڙيون | 272 |
| 425 | تڪر جا بنا | 273 |
| 426 | **خيرپور جي ٽر جون پتون ۽ پڙا** | 273 |
| 427 | خيرپور جي ميرن جا ڪکها | 273 |
| 428 | خيرپور جي ٽر جا تڙ | 273 |
| 429 | خيرپور جي ٽر جون ڍنڍون | 273 |
| 430 | خيرپور جي ٽر جا ديرا | 273 |
| 431 | **ديهن جا نالا** | 274 |
| 432 | انتظاميه جا لفظ | 276 |
| | **باب ڏهون** | |
| | **ميرن متعلق لطيفا** | 277 |
| 433 | **باب يارهون** | |
| | **ميرن جو گهريلو لوڪ ادب** | |
| 434 | تمهيد | 287 |
| 435 | ڪوڏاڻا | 287 |
| 436 | هالو | 291 |
| 437 | سريهڙو | 293 |
| 438 | سرور | 294 |
| 439 | ڪامڻ | 295 |
| 440 | سانجهي | 297 |
| 441 | جهنبڙو | 297 |
| 442 | متفرقہ لاڏا | 298 |
| 443 | اوسارا | 299 |
| | **باب ٻارهون** | |
| | **مشاهير خيرپور** | |
| 444 | خيرپور جا مير | 303 |
| 445 | مير غلام محمد خان | 303 |
| 446 | مير سليمان خان | 304 |
| 447 | مير عالي خان | 304 |
| 448 | مير غلام حيدر خان | 304 |
| 449 | مير محمد خان | 305 |
| 450 | مير احمد خان | 305 |
| 451 | مير چاڪر خان | 306 |

452 مير غلام مصطفيٰ خان 306
453 مير امام بخش خان 307
454 مير رستم خان ثاني 307
455 مير سهراب خان ثالث 308
456 مير نصير خان 308
457 مير علي مدد خان 309
458 مير جان محمد خان 309
459 مير خان محمد خان 309
460 مير غلام مهدي خان 309
461 مير محمد مراد خان 310
462 مير احمد علي خان 310
463 مير علي محمد خان 310
464 مير غلام حسين خان 311
465 مير غلام رضا خان 311
466 مير الهداد خان 311
467 مير غلام علي خان 312
468 مير حاجي غلام حسين 312
469 مير محمد علي خان 312
470 مير نظر حسين خان 312
471 مير علي ڏنو خان 313
472 **وزير** 313
473 شير محمد خان 313
474 فتح محمد غوري 313
475 شيخ علي حسين خان 314
476 قادر داد خان 315
477 سردار محمد يعقوب خان 315
478 شيخ صادق علي خان 316
479 محمد ابراهيم خان 316
480 شيخ محمد قادر 316
481 شيخ محمد يعقوب خان 317
482 مسٽر ٽانٽن 317
483 مسٽر سليڊن 317
484 سيد اعجاز علي 318
485 مرزا ممتاز حسن قزلباش 318
486 **ديوان** 318
487 ديوان ڀڳوانداس 318
488 ديوان لالداس 319
489 ڀڳوانداس جا پٽ 319
490 ديوان ڪانسنگهه جا پٽ 319
491 ٻيا ديوان 320

**باب تيرهون**

**فوجي سردار ۽ سرائي**

492 مرين جو خاندان 321
493 مير حاجي خان 321
494 اميد علي خان 322
495 مستي خان ثاني 322
496 محبت خان 322
467 گل حسن خان 323
498 مير محمد خان اول 323
499 مريد خان 324
500 نظر علي خان 324
501 نهال خان 324
502 عالم خان 324
503 جهان خان 325
504 ڏڱاڻو خان 325
505 ٻگٽين جو خاندان 326
506 چانڊين جو خاندان 327
507 رندن جو خاندان 328
508 کهيڙين جو خاندان 329
509 جانورين جو خاندان 331
510 چانگن جو خاندان 332
511 جسڪاڻين جو خاندان 333
512 لاشارين جو خاندان 334
513 نظاماڻين جو خاندان 335
514 پرهڙين جو خاندان 336
515 لغارين جو خاندان 336
516 **پٺاڻن جا دستا** 337
517 حافظ حڪومت خان 337
518 در محمد خان 337
519 ناصر خان 338

520 شاهنواز خان 339
521 الهداد خان 339
522 سنجر خان 339
523 **سرائي جا چڱا مڙس** 340
524 سرائي محمد صالح خان 340
525 سرائي علي گوهر خان 340
526 سرائي گهنور خان 340
527 سرائي پيارو خان 341
528 سرائي لطف علي خان 342
529 سرائي گل شير خان 343
530 **جمعاڻي سرائي** 343
531 سرائي عبدالحڪيم خان 344
532 سرائي لڏو خان 345
533 سرائي مبارڪ خان 345
534 انڙن جو خاندان 347
535 سرائي علڻ خان 347
536 سرائي ڏنل خان 348

**باب چوڏهون**

**مخدوم، قاضي ۽ عالم**

537 کهڙن جا مخدوم 349
538 ڪوٽڙي ڪبير جا مخدوم 352
539 لقمان جا قاضي 353
540 ٽالپرن وڏن جا قاضي 356
542 سينارجن جا قاضي 356
543 ڪوٽ ڏيجي جا قاضي 358
544 راڻيپور جا قاضي 359
545 سادات باره 359
546 مرزائن جو خاندان 361
547 مهيسرن جو خاندان 362
548 حافظ محمد افضل اول 362
549 حافظ سجڻ 362
550 حافظ زين الدين 362
551 حافظ جان محمد 362
552 حافظ عبدالقادر 362
553 حافظ محمد افضل ثاني 362
554 حافظ احمد 363
555 حافظ احمد پيو 363
556 حافظ جان محمد ثاني 363
557 حافظ محمد سليم 363
558 حافظ عبداللطيف 363
559 حافظ جان محمد ثالث 363
560 حافظ محمد موسيٰ 363
261 حافظ محمد عالم 364
562 مولانا غلام محمد مهيسر 364
563 آخوند چنو جامڙو 365
564 خيرپور جو رضوي خاندان 365
565 مکيه ديني عالم 365
566 مخدوم الله بخش آسي 365
567 ملا محمد 366
568 مولانا حبيب الله 367
569 مولانا فضل الله 367
570 مولانا محمد سعد الله 367
571 مولانا عبدالڪريم 368
572 مولوي محمد صادق 368
573 مخدوم امير احمد 368
574 حاجي محمد عثمان 369
575 سيد قاسم علي شاهه 369
576 سيد خادم حسين شاهه 370
577 سيد عبدالڪريم شاهه 370

**باب پندرهون**

**پير، فقير ۽ شاعر**

578 راڻيپور جا پير 371
579 گمبٽ جا پير 372
580 پاڳارا پير 374
581 تجل جا پير 377
582 پريان لوءِ جا پير 380
583 هنگورجن جا پير 382
584 فتحپور جا پير 383
585 ربجهه علي شاهه جي درگاهه 384
585 ڏانوري جا پير 386

586 دونهين جا پير 387
587 هالائيءَ جا سيد 389
588 چوڏاهو جا پير 390
589 ڊپ مهر شاهه جا پير 391
590 سيد بچل شاهه بخاري 394
591 جهانيان پوٽا 394
592 جيوڻ پوٽا 395
593 ڪنڊڙيءَ جا ڪلتار 396
594 درازن جا درويش 397
595 ميان صاحبڏنو ميان عبدالحق 397
596 ميان قبول محمد 398
597 سچل سرمست 398
598 ميان نظر محمد، ميان نجم الدين 399
599 ميان قبول محمد ثاني 399
600 ميان صاحبڏنو ثاني 400
601 ميان قبول محمد ثالث 400
602 ميان عبدالحق ثاني 400
603 درازن جا پانڌيڙا 400
604 فقير نانڪ يوسف 400
605 غلام حيدر فقير 401
606 مينگهو فقير 401
607 غلام شاهه فقير 402
608 قائم فقير 402
609 مراد علي فقير 402
610 بيدل فقير 403
611 هيسباڻي فقير 403
612 کهڙن جا اُجڻ فقير 404
613 فقير شادي شهيد 406
614 لونگ فقير 407
615 نصير فقير 408
616 فولاد فقير 409
617 آخوند محمد حيات ”حاتم“ 409
618 آخوند گل محمد 410
619 آخوند عبدالهادي 410
620 آخوند محمد صالح 410
621 آخوند باغ علي 410
622 آخوند محمد نشان 410
623 محمد عالم ڪربلائي 411
624 الهرڪيو فقير 411
625 بادل فقير 411
626 پيرو شاهه 411
627 حمل فقير 412
628 محمد رحيم 412
629 فقير شتر خان ميسالو 413
630 مبين فقير 413
631 سيد عابد علي شاهه شيدا 413
632 محمد عالم ”احقر“ 414
633 محمد علي شاهه ”فاني“ 414
634 حاجي محمد مفتون 414
635 حاجي محمد حداد 414
636 علي بخش شر 415
637 سيد عبدالله شاهه فتاحي 415
638 واڏل فقير 415
639 سيد چٽن شاهه 415
640 پيرل فقير 416
641 رازقڏنو ونڊير 416
642 الهرڪيو ڪوڪر 416
643 خدا بخش ”ڪمتر“ 416
644 انور علي ”انور“ 417
645 سيد غلام شاهه 417
646 آخوند آگيڏنو 417
647 الهيار فقير 417
648 حافظ محمد اسلم 418
649 عبدالڪريم ڪرل 418
650 **ضميمو پهريون: ميرن جا شجرا** 419
651 **ضميمو ٻيو: ميرن جي ڪلام جو انتخاب** 439
652 **ببليوگرافي** 465
653 انڊيڪس 481

# پبلشر پاران

سنڌ جي سرزمين وڏي خوشنصيب رهي آهي، جنهن ۾ هميشہ وڏن عالمن، اديبن، شاعرن، دانشورن، اسڪالرن ۽ محققن جنم ورتو آهي. جن پنهنجي سڄي ڄمار ادب، ٻولي، تاريخ ۽ تهذيب جي مختلف رخن کان تحقيق ڪندي گذاري، اهڙين شخصيتن ۾ خيرپور ميرس جي ننڍڙي ڳوٺ سوهو قناصرا ۾ جنم وٺندڙ پروفيسر عطا محمد حامي بہ آهي، جنهن پنهنجي سڄي ڄمار تحقيق ۽ تعليم جو پورهيو ڪندي گذاري.

پروفيسر عطا محمد حامي جي شخصيت ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. سندس پرڪشش شخصيت، دلين تي اثر ڪندڙ شاعري ۽ سندس ڪيل تحقيق اڄ تائين ادب دوست حلقن ۾ خاص مقام والاريندي پئي اچي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ حامي صاحب جي ڪيل علمي پورهيي کي ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪرڻ لاءِ جاکوڙجي. حامي صاحب جي شخصيت جا جيتوڻيڪ ڪيترائي اهم پهلو آهن پر سندس 1978ع ۾ لکيل پي ايچ ڊي مقالو ”خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو“ تحقيقي ميدان ۾ خاص جاءِ والاري ٿو.

انهيءَ مقالي ۾ حامي صاحب خيرپور پرڳڻي جي ميرن جي پاران ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ ورتل ڪوششن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي جنهن ۾ هن ميرن جو تاريخي پس منظر، حسب نسب، تعليم و تدريس، ادبي ماحول، رياستي نظام، انتظامي ڪائونسل جي جوڙجڪ، عدل و انصاف، مير حڪمرانن جا شخصي خاڪا، انهن جون تصويرون، خيرپور رياست جو حدون ۽ انهن جا نقشا، قديم آثار ۽ انهن جا اسڪيچز شامل آهن. ان سان گڏ ان وقت جي اديبن، شاعرن، فنڪارن، مَلهن، دستڪارن، ڪاشتڪارن، واپارين، عامل بزرگن، جاگيردارن ۽ زميندارن جو بہ ذڪر ڪيو آهي. ان کان علاوه ميرن جون ريتون رسمون جنهن ۾ سڱابنديءَ جو طريقو مڱڻو ونواهہ، شادي، ڪاڄ، ستاوڙو ٻار جي پيدائش ۽ ان جو عقيقو طهر مطلب تہ هر ننڍي کان ننڍي شيءِ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. آئون هن ڪتاب کي

خيرپور پرڳڻي جي انسائيڪلوپيڊيا چوان تہ ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. يقيناً حامي صاحب جو هيءُ تحقيقي ڪم ايندڙ نسل لاءِ هڪ اهم دستاويز آهي.

انهيءَ اهم تحقيقي ڪم جو قدر ڪندي سنڌ يونيورسٽيءَ حامي صاحب کي پي ايچ ڊي جي ڊگريءَ سان نوازيو هو ۽ ان مقالي کي 1994ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڪتابي صورت ۾ ڇپايو. گذريل سال پروفيسر عطا محمد حامي صاحب جي 26 هين ورسيءَ، جيڪا حامي يادگار ڪاميٽي ۽ ثقافت کاتي گڏجي ملهائي هئي جي موقعي تي حامي يادگار ڪاميٽي جي صدر ۽ حامي صاحب جي فرزند ڊاڪٽر نصير حامي صاحب پنهنجي سپاسنامي ۾ سنڌ جي وڏي وزير کان اهو مطالبو ڪيو هو تہ حامي صاحب جو لکيل مواد ثقافت کاتي طرفان ڇپايو وڃي، جنهن تي وزير اعليٰ سنڌ ثقافت کاتي کي اها ذميواري سونپي.

حامي صاحب پاران 1978ع ۾ لکيل پي ايچ ڊي مقالي جو ٻيو ايڊيشن، حامي صاحب جي 27 هين ورسيءَ جي موقعي تي ثقافت ۽ سياحت کاتي طرفان شايع ڪندي مون کي نهايت خوشي محسوس ٿئي ٿي. اميد آهي تہ سنڌ جي علم دوست حلقن وٽ اسان جي هيءَ ڪاوش ضرور صاب پوندي.

هر ڪتاب کي خوبصورت ڇپائي ۽ پڙهندڙن اڳيان رسائڻ ۾ جن دوستن جو تعاون رهيو انهن ۾ ڊاڪٽر نصير حامي، محترم لال بخش منگي، ثقافت کاتي جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ۽ ڊائريڪٽر لياقت لائبريري منظور احمد قناصرو شامل آهن. مان سندن شڪر گذار آهيان.

**شمس جعفراڻي**
سيڪريٽري
ثقافت ۽ سياحت کاتو
حڪومت سنڌ

ڪراچي
30 مئي 2009ع

# پيش لفظ

1951ع ۾ ايم. اي ڪرڻ کان پوءِ ڊي فِل جي ڊگري حاصل ڪرڻ جي شوق دامنگير رهيو مگر هر ڪم لاءِ قدرت جي طرفان وقت مقرر هوندو آهي. تحقيقي ڪمُ ڪرڻ لاءِ ڪافي تڙپ هجڻ باوجود، ون- يونٽ ٿيڻ تائين سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺي نہ سگهيس. ڇو تہ ان زماني ۾ ادب جي ذوق تي سياست جو چسڪو غالب اچي چڪو هو تہ نوڪري ڇڏي، 1952ع واري رياست جي اليڪشن ۾ سرڪاري پارٽي (مسلم ليگ) جي مقابلي ۾ عملي طور تي حصو ورتم. تان جو رياست جي اسيمبلي ۾ ڪامياب ٿي، مخالف ڌر جو ليڊر بڻجي ويس. آخرڪار آڪٽوبر 1955ع ۾ رياست ختم ٿي وئي، ۽ مون کي نوڪري ڪرڻي پئي. نئين سر نوڪري ۾ اچڻ بعد 1958ع ۾ پنهنجي ڪرم فرما، محسن ۽ هردلعزيز استاد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي رهنمائي ۾ ڊي فل لاءِ داخلا ورتم، ۽ رياست خيرپور جي ادبي تاريخ تي مقالي لکڻ جو ڪم شروع ڪيم. ٻن سالن ۾ سمورو ادبي قسم جو مواد هٿ ڪري ورتم. باقي مون کي صرف مقالو لکي يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪرڻو هو، مگر ان وقت بہ انهيءَ ڪم جي تڪميل قدرت کي منظور نہ هئي! ايتري قدر جو پنهنجي ڪم تي نظرثاني ڪري، ان کي عالمن جي آڏو آڻڻ جي لائق بہ نہ سمجهيم، ۽ احساس ڪمتري ۾ مبتلا ٿي ويس. منهنجي انهيءَ مواد مان تہ ڪافي سڄڻن فائدو وٺي ايم اي جا مونو گراف لکي ڊگريون حاصل ڪيون، پر مان اتي جو اُتي رهجي ويس. ائين وقت گذرندو ويو. تان جو سالن کان پوءِ دوست ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب کي خط لکي، پنهنجي مدعا بيان ڪيم، صاحب موصوف مهرباني فرمائي ڊي فل لاءِ فارم وٺي موڪليو ۽ مقالي لاءِ سنڌ يونيورسٽي طرفان گائيڊ بڻجڻ بہ قبول ڪيو. ان ڏينهن کان ئي بسم الله ڪري ڪم کي لڳي ويس. مقالي جو عنوان بہ ڪجهہ تبديلي سان ساڳيوئي مليو يعني مون کي خيرپوري ميرن جي ادب، سياست ۽ ثقافت تي لکڻو پيو. ڊاڪٽر الانا صاحب سان دوستي واري دعوي ڇڏي، سندس نيازمند شاگردن ۾ شمار ٿي ويس. مون پاڻ کي بيشڪ هڪ ارادتمند شاگرد سمجهي ڪم شروع ڪيو، مگر ڊاڪٽر صاحب اڳي کان وڌيڪ بي تڪلف بڻجي، هڪ

شفيق دوست وارو ڪردار ادا ڪيو ۽ منهنجي ڪم ۾ ايتري دلچسپي ورتي، گويا اهو سندس ذاتي ڪم هو. بهرحال مون سندس رهبريءَ ۾ نئين سر پنهنجو ڪم جاري رکيو ۽ رياست جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي مواد حاصل ڪرڻ لاءِ جاچ پڙتال ڪئي. مون ڪي ٽالپرن جي حسب نسب ۽ اوائلي احوال هٿ ڪرڻ لاءِ مختلف ميرن ۽ ٻين بلوچن سان ملٽوپيو. هڪ دفعي ته ملتان وڃي نڪتس، ۽ مشهور اديب ۽ عالم مولانا نور احمد صاحب فريدي سان مليس. هن ڪان بلوچن جي اصليت متعلق خيالن جي ڏي وٺ ڪري، سندس فاضل ۽ اديب فرزند چاڪر خان رند ڪان ”بلوچي دنيا“ جا مختلف فائيل هٿ ڪيم. ساڳيءَ طرح چاچڙان شريف جي صوفي بزرگ مولانا احمد جان صاحب سان هن سلسلي ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪيم. ليه ضلعي جي مشهور عالم ۽ پير، الاهي بخش فقير ليکي، ۽ سرائڪي زبان جي سٺي شاعر اسلم رسولپوريءَ سان به مليس. ايتريءَ پڇ ڳڇ ڪرڻ باوجود منهنجي آرزوءَ جي تسڪين ٿي نه سگهي. آخرڪار ميرپورخاص واري ڪرم فرما مير حاجي محمد بخش خان ٽالپور جي مشوري سان مختلف شهرن جو غور سان مطالعو ڪيم ته معاملو آسان ٿي پيو ۽ ثابت ٿيو ته سنڌ جا ٽالپور اصل ۾ هوت قبيلي جي هڪ شاخ مان آهن. اهو نظريو سامهون رکي ميرن جي ادب ۽ ثقافت متعلق مواد حاصل ڪيم. ڪتابي مواد ۾ سندن لياقت متعلق گهٽو ڪجهه مليو مگر سندن ادب ۽ ثقافت متعلق سڀ ڪجهه مختلف ماڻهن وٽ وڃي ذاتي طور تي سندن سينن جي دفنين مان حاصل ڪيم، ڇو جو هن باري ۾ هن وقت تائين ڪنهن به ماڻهو ڪجهه لکڻ جي تڪليف گوارا نه ڪئي آهي. خيرپور جي ميرن پاڻ وٽ پنهنجن وڏن جي ورثي مان چند هٿيارن، ۽ ڪجهه طب جي ڪتابن ڪان سواءِ ڪجهه به سنڀالي ۽ سانڍي نه رکيو آهي. ان ڪري دَر دَر جون تڪليفون سهي، وڏي جاکوڙ ڪرڻ ڪان پوءِ، جو ڪجهه حاصل ڪري سگهيو آهيان، اهو هن مقالي ۾ پيش ڪيو اٿم. اميد ته هي محنت رائگان نه ويندي، ۽ آئينده جي محققن لاءِ به مفيد ثابت ٿيندي. آمين.

**مون کي مارونڙن ڳڻن سان ڳنهي ڇڏيو:**

هن مقالي جي سلسلي ۾ جن جن مهربانن، اديبن، دوستن ۽ ساٿين منهنجي مدد ڪئي آهي، تن مان ڪيترائي هن مٽيءَ جو ماڳ مٽائي، وڃي الله کي پيارا ٿيا آهن. انهن مان صاحبزادي مير غلام حسن خان ڪوٽ ڏيجي واري، مير غلام مهدي خان ڪوٽ مير محمد خان واري، مير بجر خان منگهن واري، مير حسين بخش خان عرف مير ڇتل خان ڪنڌرن واري ۽ سرائي امداد علي خان سهاڳ جا احسان ايترا آهن، جيڪي لفظن ۾ لکي نٿا سگهجن. انهن جي قرب وارين ڪچهرين ۽ رس ڀرين

رهاڻين ئي ميرن متعلق ڪجهہ لکڻ تي آماده ڪيو هو ۽ سندن ئي تعاون خواهہ همدرديءَ سان مون کي ڪافي مواد حاصل ٿي سگهيو.

پرسال پنهنجي هردلعزيز استاد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان سيوهڻ کان حيدرآباد تائين گڏ سفر ڪيم، ۽ گفتگو جي دوران ميرن جي ثقافت تي ايتريون سمجهاڻيون حاصل ڪيم، جيڪي هن مقالي جي لکڻ ۾ خضر راهہ ثابت ٿيون. منهنجو منڙو استاد ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب مقالي جي عنوان تي رهنمائي ڪندو رهيو.

حاجي مير محمد بخش خان مالڪاڻي وٽ ٽي چار دفعا وڃي مهمان ٿي رهيس، جنهن وڏي فراخدليءَ سان پنهنجي ذاتي لئبرري جا ڪتاب بہ حوالي ڪيا ۽ مفيد مشورا بہ ڏنا.

ساڳي طرح ٽنڊي آغا واري مرزا عباس علي بيگ نہ فقط ڇپيل ڪتاب عطا ڪيا، پر پنهنجا ناياب مخطوطات بہ مهينن جا مهينا منهنجي حوالي ڪري ڇڏيا.

پبلڪ لئبرري خيرپور جي مهتم اعليٰ ميان عبدالغفور جوڻيجي صاحب بہ ڪشاده دليءَ سان ساري لئبرري منهنجي حوالي ڪري ڇڏي، نہ فقط ايترو پر جيڪي گهربل ڪتاب لئبرري ۾ ڪين هئا، اُهي لئبرري طرفان خريد ڪري ڏنائين، يا وري ٻين لئبررين کان اڌارا وٺي موجود ڪري ڏنائين. مسٽر نور محمد خان چانڊيئي، محمد قاسم صاحب فوٽوگرافر ۽ ڊاڪٽر اميد علي خان خميساڻي مختلف فوٽوگرافن کان سهولت وٺي، گهٽ خرچ تي ڪافي فوٽا ڪيڊرائي ڏنا.

مان مٿي ذڪر ڪيل سڀني مهربانن جو دل جي حضور سان شڪريہ ادا ٿو ڪيان، خيرپور جي ميرن مان صاحبزادي مير حاجي غلام حسين خان، مير اعجاز حسين خان، مير امام بخش خان، مير غلام حسين خان عرف ڳاڙهو مير حسين بخش خان عرف مير شمن، مير فدا حسين خان، مير حسن علي خان، مير وليداد خان ۽ مير غلام علي خان جن جا احسان وسارڻ جا ناهن. جيڪڏهن اهي بزرگ مون کي پنهنجن وڏن متعلق مواد نہ ڏين ها، تہ شايد هيءُ مقالو لکي نہ سگهان ها.

پيرن جي مواد لاءِ پير اُڏل شاهہ، پير غلام حسين شاهہ، پير عنايت علي شاهہ، پير خميس علي شاهہ، پير حاجي ميرڻ شاهہ، پير علي حسين شاهہ، پير ارشاد احمد شاهہ، پير بچل شاهہ، پير علڻ شاهہ، پير غلام مصطفيٰ شاهہ، پير علي شاهہ لڪياري، پير امام علي شاهہ، پير محمد حسين شاهہ ۽ پير محمد علي شاهہ جوهر، سڀني وڏيون مهربانيون ڪري مفيد ۽ ناياب مواد هٿ ڪري ڏنو.

فقيرن، فاضلن، شاعرن ۽ اديبن جي احوال هٿ ڪري ڏيڻ لاءِ هيٺين صاحبن جو احسانمند آهيان: ظفر علي فقير، امير علي فقير، قربان علي فقير، ماسٽر محمد

يوسف ويسر، علي سائين ڏنو وڪيل، قاضي محمد غلام حسين، استاد حاجي محمد حداد، علي محمد فقير، ماستر حسين بخش خان، بخشڻ خان دستي، علي ڏنو خان سوهو علي احمد شاهه، اميد خيرپوري، عطا محمد خان سهاڳ، لعل بخش خان تالپر، محمد صالح خان شاهاڻي، هادي بخش خان جوڻيجو ۽ ماستر تاج محمد خان جانوري.

بلوچ سردارن ۽ فوجي سالارن جي احوال لاءِ رئيس مير محمد خان مري، زوار عبدالحسين خان مري، خدا بخش خان جسڪاڻي، شاهه نواز خان بگٽي، بيگو خان چانديو، غلام علي خان چانڊيو، الهداد خان جانوري، الهر ڪئي خان رند، فقير خادم حسين رند، علي مردان خان چانگ، امان الله خان پناڻ، شاهنواز خان پناڻ ۽ حيدر شاهه شاهاڻي جون مهربانيون مڃيان ٿو.

خيرپور جي سرائين مان، سرائي خان، سرائي محمد بخش خان، سرائي لطف علي خان، سرائي امداد علي خان، سرائي گل محمد خان، سرائي نذر حسين خان، سرائي ربنواز خان، سرائي واحد بخش خان ۽ سرائي غلام شبير خان جو ٿورائتو آهيان، جو هنن مهرباني ڪري پنهنجن بزرگن جو احوال فراهم ڪري ڏنو.

آثار قديمه جي ذاتي معائني لاءِ رئيس شريف الدين خان راڄپر جو ٿورائتو آهيان جنهن پنهنجي دوست صالح شاهاڻي جي معيت ۾ هڙان ۽ وڙان وهي، ساري فيض گنج تعلقي ۽ ناري تعلقي جي ڪجهه پٽن، پڙن ۽ ويرن جو پنهنجي جيپ ۾ سير ڪرايو. ان ڪان سواءِ مير حسين خان تالپر، شير محمد خان قلپوٽي، سيد پير اُڏل شاهه ۽ سيد سلطان علي شاهه صاحبن جا احسان به وساري نٿو سگهان، جن ڪيترائي دفعا پنهنجي خرچ تي سواريون فراهم ڪري، مون کي مختلف جڳهن تي وٺي وڃڻ جي مهرباني ڪئي.

مون تي پنهنجي دلبر دوست ميان علي خان حداد جا به احسان آهن، جيڪو هر وقت منهنجي مقالي جي ڪم ۾ مون سان ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو.

مٿي ذڪر ڪيل مهربانن کان سواءِ غلام اڪبر خان چاچڙ، فتح محمد خان جتوئي، جمال الدين خان لوهر، الطاف حسين خان سومري، الطاف حسين خان سهاڳ، عطا محمد خان سهاڳ، محمود خادم مهيسر، ۽ الهورائي خان چني به مهرباني ڪري مقالي جا ڪجهه باب نقل ڪري ڏنا، مان سندن شڪر گذار آهيان.

آخر ۾ پنهنجي ڪرم فرما سيد ارباب علي شاهه انجنيئر تعميرات جو احسانمند آهيان، جنهن ڪمال مهرباني سان مير سهراب خان جي حڪومت وارين حدن جي نشاندهي ڪري سنڌ جو نقشو به ناهي ڏنو ۽ سنڌوندي متعلق مفيد مواد به هٿ ڪري ڏنو.

# مقدمو

گذريل پنج هزار سالن کان سنڌ جي جداگانہ جاگرافيائي ۽ تاريخي حيثيت تسليم ڪيل آهي[1] . هتي جي تهذيب دنيا جي قديم ترين تهذيبن مان هڪ آهي، جيڪا بابل ۽ مصر جي تهذيبن سان ڪلهو ملائي ٿي سگهي. موهن جي دڙي وارن آثارن مان هي حقيقت ظاهر ٿي چڪي آهي تہ سموري برصغير ۾ هتي ئي سڀ کان اڳ ۾ تهذيب ۽ تمدن جو آفتاب اُڀريو ۽ سندس ڪرڻا هتان ئي ٻين علائقن ڏانهن ويا[2]. ڪوٽ ڏيجي جي کوٽائي کان پوءِ اها ڳالهہ بہ ثابت ٿي چڪي آهي، تہ خيرپور واري خطي جي تهذيب موهن جي دڙي واري تهذيب کان ست سؤ سال کن پراڻي آهي[3].

هتي قديم زماني کان وٺي مختلف تهذيبن وارا ماڻهو ايندا رهيا آهن، ۽ مقامي تهذيب تي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان اثرانداز ٿيندا رهيا آهن[4].

اسلام جي آمد کان اڳ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ الور يا اروڙ هو جتي اڳ ۾ راءِ گهراڻي وارا، ۽ پوءِ برهمڻ گهراڻي وارا حڪومت ڪندا هئا[5]. خيرپور وارو خطو بہ الور جي حڪومت ۾ شامل هو ۽ گاديءَ جي هنڌ کي ويجهو هو. سن 29 هجري مطابق 217ع ۾ سنڌ عربن جي حڪومت ۾ شامل ٿي، ۽ دارالاسلام بڻجي وئي. مسلمانن هتي هڪ ذهني، فڪري، سياسي، ۽ معاشي انقلاب آندو[6] . اسلام سنڌ جي ماڻهن جي سوچ ۾ تازي خون مثل ڪم ڪيو. هڪ نئين معاشري جنم ورتو ۽ سنڌ جي ثقافت بہ نئون روپ اختيار ڪيو[7].

---

(1) جي. ايم. سيد: "سنڌي ڪلچر"، نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي، 1974ع، ص: 7

(2) نسيم امروهوي: "تاريخ خيرپور"، مراد برقي پريس، خيرپور، 1958ع، ص: 17.

(3) Khan, F.A: "Pakistan Archeology," Number-2, Archeology Deptt: Karachi, 1956, p. 85.

(4) Nila Kanta, K.A, Sastri: "A Comprehensive History of India," Orient Longman, Bombay, 1957, p. 129.

(5) قليچ بيگ، مرزا: "سنڌ جي تاريخ"، قيصريہ پريس، حيدرآباد، 1903ع، ص: 11.

(6) نسيم امروهوي: "تاريخ خيرپور" حوالو ڏنل آهي، ص: 17.

(7) غلام علي الانا، خواجہ، ڊاڪٽر: "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ،" ڊي فل لاءِ مقالو 1971ع، ص 2، 3.

عربن جي حڪومت 1025ع تائين هلي، ۽ پوءِ محمود غزنوي جي وزير عبدالرزاق سڄي سنڌ تي قبضو ڪري ورتو. سن 1187ع تائين محمود غزنوي جا نائب سنڌ تي حڪومت ڪندا رهيا. ان کان پوءِ دهليءَ جا بادشاهه سنڌ جا حاڪم ٿيا. دهليءَ جي آخري بادشاهن جي ڪمزوري ڏسي، سومرا خودمختار ٿي ويا. ۽ سن 1400ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪيائون[1].

سومرا ڏيهي حاڪم هئا. هنن جي ڏينهن ۾ تصوف جو پرچار تيز لڳو. سخي مردن کي ساراهڻ، ظالمن جي گلا ڪرڻ، همت، شجاعت، خود قرباني، ۽ حب الوطني هن دور جي علم ادب جا موضوع رهيا آهن[2].

سومرن کان پوءِ سنڌ جي حڪومت سمن جي هٿ ۾ آئي، جيڪا 1521ع تائين هلي[3]. سمن جي دور ۾ سخا، بهادري، رواداري، سرفروشي ۽ حب الوطني جي جذبن ۾ تازگي آئي. ڄام نظام الدين، ڄام تماچي، مخدوم بلاول، ۽ دولهه دريا خان جهڙا مٿير مرد هن دور جي پيداوار آهن. انهن جي ڪارنامن علم ادب ۾ پڻ اضافو آندو[4].

سمن کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان ارغون، ترخان، ۽ مغلن جا نواب سنڌ تي قابض رهيا، ۽ 1738ع تائين حڪومت ڪندا رهيا. اهو سوا ٻن صدين جو سارو عرصو سنڌ جو اقتدار اعليٰ ڌارين جي هٿ ۾ رهيو ۽ سنڌي پراون هٿن ۾ پيڙبا رهيا[6]. انهي عرصي ۾ ٺٽي جي شهر کي ٽي دفعا جلايو ويو. بکر جي سادات کي لڏي روهڙيءَ ۾ رهڻو پيو. ڪيترن بلوچن جو خون ڪرايو ويو ۽ سنڌن پائيتاليهه ڳوٺ نابود ٿي ويا[5].

مغلن جي آخري نواب ميان يار محمد ۽ سندس پٽ ميان نور محمد ڪلهوڙي پنهنجي حڪمت عمليءَ سان ملڪي خودمختاري حاصل ڪئي. ڪلهوڙا گهڻو وقت سنڌ ۾ رهڻ ڪري، سنڌي بڻجي ويا هئا. تنهن ڪري سنڌين سڄيءَ دل سان سندن ساٿ ڏنو ۽ هنن جي حڪومت ۾ سک جو ساهه پٽيائون[6]. هو داخلي طور تي خودمختار هئا، پر خارجي معاملن ۾ اڳ ۾ ايرانين، ۽ پوءِ افغانين جي اثر هيٺ رهيا.

---

[1] قليچ بيگ، مرزا: "سنڌ جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص: 61، 62، 67.

[2] غلام علي، الانا، خواجه، ڊاڪٽر: "مقالو: سومرن جي دور جي سنڌي شاعري"، سه ماهي مهراڻ، جلد 9، نمبر 1_2، 1960ع ص 149_155.

[3] قليچ بيگ، مرزا: "سنڌ جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص: 86.

[4] امير علي شاهه، سيد: سنڌ جي تاريخ جو قلمي مسودو 1930ع، مملوڪ سيد غلام مصطفيٰ شاهه عرف روشن شاهه.

[6] ايضاً.

[5] پيرومل آڏواڻي: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1956ع، ص: 220

[6] امير علي شاهه سيد: "سنڌ جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي.

سندن امير، وزير، ۽ فوجي عملدار سڀ سنڌي هئا. تنهن ڪري سنڌ وارن سندن حڪومت کي پنهنجي حڪومت تصور ڪيو.

ڪلهوڙن جي حڪومت جو دور سنڌي ادب جو سونهري دور ليکيو وڃي ٿو[1]. هن دور ۾ هڪ طرف صوفي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ انساني عظمت ۽ عالمي ڀائيچاري جي تبليغ ڪئي، تہ ٻئي طرف عالمن، فاضلن ادبي ۽ مذهبي ڪتاب لکي، سنڌي ادب ۾ اضافو آندو.

ڪلهوڙن جا آخري حڪمران نااهل ثابت ٿيا، جن پنهنجا وفادار ۽ محسن امير بيگناهہ مارايا، جنهن جي نتيجي ۾ ٿي حڪومت وڃائي ڇڏيائون. آخرڪار سن 1783ع ۾ ٽالپرن ساري سنڌ تي قبضو ڪري ورتو ۽ بلوچ حڪومت جو بنياد رکيو.

بلوچن سنڌ کي تقسيم ڪري ٽڪري ٽي خاندان جون ٽي خودمختار حڪومتون قائم ڪيون.

خيرپور وارو حصو مير سهراب خان جي قبضي ۾ آيو. مير سهراب خان اٺاويهين سالن تائين وڏي شان ۽ شوڪت سان حڪومت ڪئي، ۽ 1811ع ۾ اها واڳ پنهنجي وڏي پٽ مير رستم خان جي حوالي ڪيائين[2]. ٻنهي پيءُ پٽن جي حڪومت راڄوٽي قسم جي هئي. ماڻهو سکيا ستابا ۽ آسودا هئا. امن آرام قائم هو ۽ حڪومت جو سارو نظام بااثر سردارن ۽ راڄ وارن جي مشورن سان هلندو هو سموري رعيت ڪين پنهنجو پريو مڙس تصور ڪندي هئي. پيرن، فقيرن، عالمن ۽ راڄ جي ماڻهن کي وٽن پهچڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي روڪ ٽوڪ ڪانہ هوندي هئي ۽ هرڪو ماڻهو سندن حڪومت کي پنهنجي حڪومت سمجهندو هو[3].

مير رستم خان پهريان ٽيهہ سال سک سانت ۾ گذاريا، پر سندس حڪومت جي آخري ڏهن سالن ۾ خوف ۽ هراس جي فضا ڇانيل هئي. هڪ طرف تي فرنگي سياست پنهنجي چالبازي ۽ مڪاريءَ جو ڄار وڇائيندي رهي ۽ ٻئي طرف سندس ڀائرن جي اٽڪٽ ۽ محلاتي سازشن سندس زندگي زهر ڪرائي ڇڏي[4]. آخرڪار 1843ع واري منحوس سال ۾ مياڻيءَ جي جنگ ميرن جي حڪومت جو خاتمو آندو ۽ مير رستم خان پنهنجن پٽن، ڀائيٽن ۽ حيدرآباد جي ميرن سان گڏ، انگريزن جو قيدي بڻجي، بوني ۾ وڃي، پنهنجا پساهہ پورا ڪيا[5]. حيدرآباد ۽ ميرپورخاص جي

---

[1] محمد صديق ميمڻ، خانبهادر: "سنڌ جي ادبي تاريخ"، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد 1951ع.
[2] امير علي شاهہ سيد: "خيرپور جي تاريخ"، قلمي مواد.
[3] دوست محمد خان، مير: "سرگذشت ٽالپران" فارسيءَ ۾ قلمي مسودو مملوڪ مير وليداد خان ٽالپر.
[4] دوست محمد خان، مير: "سرگذشت ٽالپران"، حوالو ڏنل آهي.
[5] ايضاً

حڪومتن وارو سارو ملڪ انگريزن جي حڪومت ۾ شامل ٿيو ۽ خيرپور جي حڪومت جو ڪجهه حصو مير علي مراد خان کي هڪ ڏيهي رياست جي صورت ۾ ڏنو ويو. انهيءَ رياست تي مير علي مراد خان ۽ سندس اولاد آڪٽوبر 1955ع تائين حڪومت ڪئي. سنڌ جا ٻيا مير ڪجهه وقت جلاوطن رهيا ۽ پوءِ انگريزن کان پينشن يا جاگير بحال ڪرائي، گوشه نشين ٿي ويٺا.

هن مقالي ۾ خيرپوري ميرن جي ادب، سياست ۽ ثقافت جو مطالبو پيش ڪيو ويو آهي. ثقافت اڪتسابي، يا آزادي، يا شعوري طرز عمل جو نالو آهي. اڪتسابي طرز عمل ۾ اسان جون اهي سموريون عادتون، ڪم، خيال، رسمون ۽ قدر شامل آهن، جن کي اسان هڪ منظم معاشري يا خاندان جي رڪن جي حيثيت ۾ پيارو رکندا آهيون، يا ان تي عمل ڪندا آهيون، يا عمل ڪرڻ جي خواهش رکندا آهيون[1]. هڪ ٻئي محقق جي لفظن ۾ ثقافت ماڻهن جي مڪمل زندگيءَ جو عڪس ٿيندو آهي. هن ۾ ماڻهن جي ريتن رسمن، رهڻي ڪهڻي، سوچ ويچار، اعتقادن، وهمن ۽ خواهشن جو بيان اچي وڃي ٿو[2].

هن مقالي ۾ مٿين وصفن جي روشنيءَ ۾ ميرن جي ثقافتي زندگيءَ تي بحث ڪيو ويو آهي. مختلف ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن مان ذرو ذرو ڪري سارو مواد هڪ جاءِ تي جمع ڪيو ويو آهي. جن موضوعن ۽ عنوانن متعلق ڪتابن مان مدد نه ملي سگهي آهي، تن لاءِ مختلف جڳهن تي وڃي، مختلف ماڻهن سان ملي، زباني مواد ڪٺو ڪيو آهي ۽ شخصي طور تي جاچ پڙتال ڪري، هر نڪتي جي وضاحت ڪئي وئي آهي.

پهرئين باب ۾ خيرپور واري خطي جي جاگرافي ڏني وئي آهي، جنهن ۾ هتان جي طبعي حالتن، انتظامي حصن، آبپاشيءَ جي طريقن ۽ قدرتي دولتن جو تفصيل ڏنو ويو آهي. خيرپور جي حدن مان وهندڙ دريائن تي مفصل نوٽ لکي، ان جي پراڻن وهڪرن، واهن ۽ پتڻن جو تفصيل ڏنو ويو آهي. ميرن جي پراڻن يادگارن، جانورن، پکين پسن، جيتن جڻين ۽ گاهن جو ذڪر به ڪيو ويو آهي.

ٻئي باب ۾ خيرپور جي قديم آثارن تي روشني وڌي وئي آهي. هن کان اڳ قديم آثارن مان ڪوٽ ڏيجي جي ٽڪري، نارو واري دڙي ۽ سيراز واري ٽڪري کان سواءِ، ٻين آثارن جو ڪو رڪارڊ ڪونه هو. راقم الحروف هرهڪ تعلقي ۾ وڃي،

---

[1] "اردو انسائيڪلوپيڊيا"، ٻيو ڇاپو فيروزسنز لاهور 1968ع، ص: 491.

[2] Harold Rugg & William Withers: "Social Foundation of Education", Second edition Prentice Hall, INC, U.S.A.

پٽن پڙن واريءَ جي دڙن جو ذاتي طور تي معائنو ڪيو آهي ۽ اهڙيون پنجويهن کان مٿي جڳهون هٿ ڪيون آهن، جن جي کوٽائيءَ مان وڏي انڪشاف جي اُميد آهي. ڪن جڳهن تان ٺڪريون ۽ رانديڪا هٿ ڪري، انهن جا فوٽا ڪڍيا ويا آهن.

ٽئين باب ۾ ٽالپرن جو حسب نسب ۽ اوائلي احوال ڏنو ويو آهي. مختلف جڳهن تان ٽالپرن جا شجرا هٿ ڪري ضميمي ۾ شامل ڪيا ويا آهن. انهن شجرن جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته هو اصل ۾ هوت بلوچ آهن ۽ اوائل ۾ سندن سڪونت ڪيچ مڪران ۾ ٿي آهي، جتان مختلف جڳهن تي لڏپلاڻ ڪندا، سنڌ ۾ پهتا آهن، جتي پنهنجي فوجي اهليت ۽ قابليت سان حڪومت هٿ ڪئي اٿن. هن سلسلي ۾ سنڌ جي مختلف شهرن کان سواءِ ملتان تائين گشت ڪرڻو پيو آهي.

چوٿين باب ۾ ٽالپرن جي مختصر سياسي تاريخ ڏيئي، ان ۾ خيرپوري ميرن جو ڪردار ڏيکاريو ويو آهي. عباسي ڪلهوڙن، ايرانين، افغانين، بروهين، راجپوتن، سکن ۽ انگريزن سان ٽالپرن جا جيڪي به تعلقات رهيا آهن، تن جو ڪولي بيان ڪيو ويو آهي.

پنجين باب ۾ خيرپور جي حڪمرانن جي سوانح حيات ڏني وئي آهي ۽ هر هڪ جي حڪومت ۾ جيڪي به انتظامي تبديليون اينديون رهيون آهن، تن جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي.

ڇهين باب ۾ ٽالپرن جي ملڪي انتظام تي تبصرو ڪيو ويو آهي. ان وقت جي معاشري ۽ حڪومت جي نظام تي ڪولي بحث ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ ملڪ جي اقتصادي حالتن جو ذڪر به ڪيو ويو آهي.

ستين باب ۾ ٽالپرن جي ادبي ماحول ۽ سندن تعليم ۽ تدريس جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ٽالپرن مان جيڪي اديب ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، تن جو مختصر ذڪر ڪري، سندن ڪلام جو انتخاب ضميمي ۾ ڏنو ويو آهي. ان کانسواءِ هن باب ۾ خيرپور جي تعليمي نظام ۽ ميرن جي تعليمي ڪمن ۾ دلچسپيءَ جو خاڪو پيش ڪيو ويو آهي.

اٺين باب ۾ ميرن جي تهذيب ۽ تمدن جو مطالعو ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ سندن معمول، شڪل شباهت، لباس، رهڻيءَ ڪهڻيءَ، مذهب ۽ رسم و رواج جو جائزو ورتو ويو آهي. سندن ماتمداري، شڪار، راڳ ۽ ٻين دلچسپين جو بيان ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ سندن تعميراتي ڪمن ۽ هنرن جي رکپالي جو ذڪر به ڪيو ويو آهي.

نائين باب ۾ خيرپوريءَ لهجي جو تعارف ۽ تاريخ ڏيئي، ان جو صوتياتي، صرفي ۽ نحوي جائزو ورتو ويو آهي. ان کان پوءِ ميرن جي ٻوليءَ تي تبصرو ڪري، سندن خاص لفظن، چوڻين، اصطلاحن ۽ پهاڪن تي تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي.

انهيءَ حوالي سان سندن زيورن، هٿيارن، سواريءَ جي وهٽن ۽ شڪار گاهن جا مخصوص نالا ڏنا ويا آهن.

ڏهين باب ۾ ميرن جي ڪچهريءَ ۾ پيش آيل واقعن متعلق ڪجهه لطيفا ڏنا ويا آهن. جن ۾ سندن سادگي، رواداري ۽ سچائيءَ جا مثال ملن ٿا.

مقالي جا آخري باب ان دور جي مشاهير جي احوال تي مبني آهن. مشاهير ۾ پير فقير، عالم فاضل، مخدوم، قاضي، مير وزير، ديوان، قومي سردار ۽ سرائي اچي وڃن ٿا. انهن مان هرهڪ جي مختصر سوانح حيات ڏني وئي آهي. مشاهير ۾ اهڙا خاندان به آهن، جن مان هرهڪ تي جيڪر وڏو ڪتاب لکجي وڃي، پر هن مقالي ۾ انهن خاندانن جو مختصر پر جامع لفظن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. جن شخصيتن جا فوٽا دستياب ٿي سگهيا آهن اهي به ڏنا ويا آهن.

مطلب ته خيرپوري ميرن جي ادبي، سياسي ۽ ثقافتي سرگرمين جو مختصر لفظن ۾ پورو پورو بيان ڏنو ويو آهي. اميد ته هن مقالي ۾ ميرن جي مڪمل زندگي ۽ ان وقت جي معاشري جو سچو پچو عڪس نظر ايندو.

**عطا محمد حامي**

# خيرپور جي جاگرافي

**(الف) تعارف:**

خيرپور جي حڪومت جو بنياد 1783ع ۾ پيو. جڏهن مير سهراب خان ساري اُتر سنڌ تي قبضو ڪري، خيرپور کي پنهنجو تخت گاهه بڻايو. اُن وقت هن حڪومت جون حدون اُتر ۾ ڪشمور ۽ سبزل ڪوٽ تائين، اولهه ۾ ڪڇي ۽ گنداوا تائين، ڏکڻ ۾ نوشهري فيروز تائين ۽ اوڀر ۾ ٿر ۽ جيسلمير تائين پکڙيل هيون[1]. مير سهراب خان کان پوءِ سندس وڏو پٽ مير رستم خان 1843ع تائين انهيءَ ملڪ تي حڪومت ڪندو رهيو. مياڻيءَ جي جنگ بعد ميرن جي خودمختاري ختم ٿي ۽ اهو ملڪ انگريزن جي زبردستيءَ ۾ مير سهراب خان جي ننڍي پٽ مير علي مراد خان کي هڪ ڏيهي رياست جي صورت ۾ مليو. مگر ٿوري ئي وقت ۾ مٿس ڪميشن ويهاري، پيو سمورو ملڪ کسي، باقي هاڻوڪي خيرپور ضلعي وارو ٽڪرو کيس ڏنو ويو. جنهن کي 1955ع تائين خيرپور رياست جي نالي سان ياد ڪيو ويو[2]. اسان ڪي هتي انهيءَ رياست جي جاگرافيائيءَ حالتن جو جائزو وٺڻو آهي.

اها رياست سنڌو نديءَ ۽ راجپوتانا جي رڻ جي وچ ۾ آهي، جنهن کي اُپرندو نارو ۽ ٻه پيا واهه، سکر بئراج وٽان وهي آباد ڪن ٿا. هن خطي جي زمين جدا جدا جڳهن تي مختلف ۽ متضاد حالتن واري آهي. هڪ طرف تي زرخيز ۽ آباد وادي آهي، ته ٻئي طرف تي غير آباد ۽ ريگستاني علائقو آهي. ڪٿي درياهه جي ڪناري سان ڪجين ۽ ٻيرن جا ڍڳها وڻ آهن، ته ڪٿي وري واريءَ جي دڙن تي ڪو سلو به سائو نٿو ٿئي. ڪٿي نوان شهر ۽ ڳوٺ آباد آهن، ته ڪٿي وري تاريخ کان اڳ واري دور جا دڙا عبرت جا نشان بڻيا بيٺا آهن. هڪ طرف کي برسات جي اڻاٺ آهي، ته ٻئي طرف آب پاشيءَ جو بهترين نظام آهي. مطلب ته هي خطو متضاد حالتن جو مجموعو آهي[3].

(1) Times of India Office: "Indian Princes and the Crown", Bennet Cileman & Co. Bombay, 1912, p. 221
(2) The Chief Minister's Office: "A Note on Khairpur", Khairpur, a cyclostyled copy, 1958.
(3) Pithawala, M.B: "A Geographical Analysis of the Khairpur State", Govt. Press, Karachi, 1935, p.1.

## (ب) جاگرافيائي بيهڪ ۽ حدون:

بيهڪ جي لحاظ کان خيرپور کي سنڌ جي دل سڏي سگهجي ٿو. هي علائقو اُتر ويڪرائي ڦاڪ 10_26 ۽ 27_44 ۽ اوير ڊگهائي ڦاڪ 14_68 ۽ 14_ 70 جي وچ ۾ آهي[1]. ان جون حدون اُتر ۾ سکر، اولهه ۾ لاڙڪاڻي، نواب شاهه ۽ ڏکڻ ۾ سانگهڙ ضلعن سان ملن ٿيون. اوڀر کان وري جوڌپور ۽ جيسلمير رياستن سان لڳي، هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ حد قائم ٿي ڪري[2]. خيرپور جي اُتر اولهه واري سرحد جي پاسي کان اسي ميلن تائين سنڌو ندي گذر ڪري ٿي، جنهن مان سکر وٽان خيرپور جي آباديءَ لاءِ ٻه واهه، مير واهه ۽ ابل واهه نڪرن ٿا[3]. ڏکڻ کان روهڙي ڏانهن هڪ ٽڪرن جي قطار ارڙهن ميلن تائين پکڙيل آهي، جنهن کي گهاڙ وارا ٽڪر سڏيو وڃي ٿو. اهي ٽڪر سمنڊ جي سطح کان ساڍا چار سؤ فوٽ مٿي آهن ۽ مٿن ڪنهن به قسم جي آبادي ڪانهي[4]. انهن مان ڪن ٽڪرن تي اوليائن جون درگاهون آهن، جتي عقيدتمند اچي دعائون گهرندا آهن.

## (ڀ) ايراضي ۽ پکيڙ:

ايراضيءَ جي لحاظ کان پاڪستان ۾ خيرپور جو سورهون نمبر آهي. هن جي ڊيگهه هڪ سؤ ويهه ميل ۽ ويڪر ستر ميل آهي[5]. ايراضي سنڌو نديءَ جي پاڻي سبب هميشه هڪ جهڙي نه رهندي آهي، جيڪا ڪڏهن وڌندي آهي، ۽ ڪڏهن گهٽبي آهي[6]. سن 1874ع ۾ 6109 ميل[7]. سن 1907ع ۾ 6050 چورس ميل[8]. سن 1947ع ۾ 6060 چورس ميل[9] ۽ سن 1961ع کان وٺي اڄ تائين 6018 چورس ملي رهي آهي[10]. اها سموري ايراضي 12,20,301 ايڪڙ آهي، جنهن مان 6,76,902 ايڪڙ زمين آباديءَ جي لائق آهي[11]. باقي ايراضي شهرن، ڳوٺن، ٻيلن ۽ واريءَ جي غير آباد دڙن سان واريل آهي[12].

---

(1) Aitki, E.H: "Gazetteer of the Province of Sind", Mercantile Steam Press, Karachi, 1907, p. 510
(2) Administration Report of Khairpur State for 1911
(3) Chief Engineer Khairpur's Report for 1949
(4) Administration Report of Khairpur State for 1947
(5) District Census Report, Khairpur, 1961, p.3
(6) Chief Minister Khairpur's Report: op. cit. 1952
(7) Hughes, A.W: "Gazetteer of the Province of Sind", George Bell & Sons, London, 1874, p.406
(8) Aitkin, E.H: op. cit. p.511
(9) Administration Report of Khairpur State for 1947
(10) "دائره معارف اسلاميه"، پنجاب يونيورسٽي، لاهور، 1972ع، ص 77.
(11) District Census Report, Khairpur 1961, p.10
(12) Chief Minister Khairpur's note on Khairpur, 1952

**(ٿ) طبعي ڀاڱا:**

خيرپور ڌارو خطو هيٺ ڄاڻايل طبعي حصن ۾ تقسيم ٿيل آهي.

(i) **آباد ۽ زرخيز علائقو:**

هي علائقو آباديءَ جي لحاظ کان هڪ بهترين علائقو آهي. سندس اُتر اولهه ۾ سنڌو نديءَ ۽ اوڀر ۾ ناري تعلقي جو ريگستان آهي. ڏکڻ ۾ نوابشاهه ۽ سانگهڙ ضلعن تائين پکڙيل آهي. اُڀرندي ناري جي ڀنڀي ڀاسن تي زمين جا اهي ٽڪرا، جيڪي 250 ڪنٽور کان هيٺ آهن، سي به هن علائقي ۾ شامل آهن. هتي سنڌو نديءَ جي لڳاتار ٻوڏن، ۽ واهن جي پاڻي ايترو ته لٽ وڌو آهي، جو زرخيز ترين علائقو بڻجي ويو آهي[1]. هن علائقي ۾ ناري کان سواءِ ٻيا سمورا تعلقا، خيرپور، گمبٽ، ڪوٽ ڏيجي، مير واهه ۽ فيض گنج شامل آهن.

(ii) **غير آباد ۽ ريگستاني علائقو:**

هن علائقي ۾ رياست جو منو حصو اچي وڃي ٿو. هن ۾ اُتر اوڀر کان ڏکڻ اولهه تي واريءَ جون وڏيون ڀٽون آهن، جيڪي بلڪل خشڪ ۽ بيڪار آهن. ڪٿي ڪٿي ڀٽن جي وچ ۾ ڪجهه ڊٺ آهن، جن تي باراني پوک ٿيندي آهي[2]. هن علائقي ۾ نار تعلقي سان گڏ، مير واهه ۽ فيض گنج تعلقن جا ڪجهه حصا به شامل آهن.

(iii) **ٻيلن وارو علائقو:**

هي علائقو سنڌو نديءَ جي ڪناري سان ميل کن جي ويڪر ۾ ۽ اُڀرندي ناري جي ڀر واري ايراضيءَ ۾ ميل ڏيڍ جي ويڪر ۾ آهي. ان کان سواءِ ڪجهه ٻين حصن ۾ به مصنوعي جهنگ ۽ شڪار گاهه رکيل آهن[3].

(vi) **ٽڪرين وارو علائقو:**

هي علائقو گهاڙ وارين ٽڪرين تي مشتمل آهي، جيڪي ارڙهن ميلن جي ويڪر ۾ ٽيهن ميلن تائين رياست جي حد ۾ پکڙيل آهن. اهي ٽڪريون به سؤ فوٽن جي بلنديءَ تي آهن. هتي به ڪا آبادي ڪانه ٿيندي آهي[4].

**(ٺ) آدمشماري:**

سن 1961ع جي انگن اکرن موجب خيرپور جي آدمشماري 472137 آهي.

---

(1) Pithawala, M.B: op. cit. p.7
(2) Ibid: p.11
(3) Ibid: p.19
(4) Ibid: p.8

آدمشماريءَ جي لحاظ کان پاڪستان ۾ خيرپور جو ائيتاليهون نمبر آهي ۽ سراسري 78 ماڻهو هڪ چورس ميل ۾ رهن ٿا[1]. انهيءَ آدمشماريءَ ۾ اصلوڪي آباديءَ کان سواءِ نوان خيرپوري مهاجر به شامل آهن، جن جو تعداد ٻتيهه هزار آهي[2]. هن وقت يعني 1976ع ۾ آدمشماريءَ جا ديهوار انگ هي آهن:[3]

| تعلقو | ديهن جو تعداد | آدمشماري |
|---|---|---|
| خيرپور | 89 | 23529 |
| گمبٽ | 83 | 168995 |
| ڪوٽ ڏيجي | 52 | 104596 |
| مير واهه | 55 | 106439 |
| فيض گنج | 59 | 73246 |
| نارو | 58 | 28803 |
| | 396 | 717373 |

خيرپور جي ساري آبادي هيٺين ذاتين ۽ قبيلن ۾ ورهايل آهي:

i. سادات: بخاري، جيلاني، شيرازي، نقوي، رضوي وغيره.
ii. قريشي: عباسي، علوي، صديقي، فاروقي وغيره.
iii. بلوچ: مختلف پاڙن ۽ بروهين سميت.
iv. پٺاڻ: سدوزئي، بارڪزئي، مليزئي، خاڪواڻي وغيره.
v. سومرا: ڪاشتڪار، ڏڪڻ، ڪتي وغيره.
vi. سماٽ: سما، ابڙا، راڄپر، سهتا وغيره.
vii. جت: مختلف پاڙن ۾.
viii. ميمڻ ۽ شيخ: مختلف پاڙن ۾.
ix. شيدي ۽ غلام: مختلف پاڙن ۾
x. سرائي: پنجاب کان آيل ۽ سرائڪي ڳالهائيندڙ.
xi. متفرقہ قومون: مهر، ڏاريجا ۽ سولنگي وغيره.
xii. هندو: برهمڻ، عامل، لوهاڻا، واڻيا وغيره.

(1) District Census Report Khairpur, 1961, p. 15
(2) Chief Minister's note on Khairpur, 1952.
(3) Office record of Asstt: Director, Agriculture, Khairpur, 1976.

**آب هوا:**

خيرپور جي آب هوا گهڻو ڪري ساڳي اُتر سنڌ واري آهي. اونهاري ۾ گرميءَ جو انتهائي درجو اٽڪل 120 ڊگريون ۽ سياري ۾ اٽڪل ٽيهه ڊگريون آهي. برسات بہ سڄي سنڌ وانگر ٿوري پوندي آهي ۽ ساري سال ۾ ٽن چئن انچن کان وڌيڪ نہ هوندي آهي[1].

**(ب) انتظامي حصا:**

انتظامي لحاظ کان خيرپور رياست ٻن حصن ۾ ورهايل آهي: خيرپور سب ڊويزن ۽ مير واهہ سب ڊويزن. خيرپور سب ڊويزن جو هيڊ ڪوارٽر خيرپور ۽ ميرواهہ سب ڊويزن جو هيڊ ڪوارٽر ڪوٽ ڏيجي ۾ آهي. اهي سڀ ڊويزنون جدا جدا تعلقن ۾ ٽپن ۾ ورهايل آهن، جن جو مختصر احوال هن ريت آهي:

**خيرپور سب ڊويزن:**

هن سب ڊويزن ۾ خيرپور ۽ گمبٽ، بہ تعلقا آهن. ٻنهي تعلقن جي مشهور شهرن ۽ ڳوٺن جو احوال ڏجي ٿو.

1. **خيرپور تعلقو:**

هن تعلقي ۾ هينيان شهر ۽ ڳوٺ مشهور آهن.

**خيرپور:** هي خيرپور ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. ميرن جي حڪومت کان اڳ هڪ ننڍڙو ڳوٺ هوندو هو جنهن کي ٻوراهڻ سڏيندا هئا. مير سهراب خان 1783ع ۾ هنَ کي پنهنجو تخت گاهہ بڻايو ۽ خيرپور نالو رکيو هي ميرواهہ جي ٻنهي طرفن تي هڪ سهڻو شهر آهي، ۽ واپار جو مرڪز آهي. شهر جي آدمشماري 46,265 آهي[2]. هن ۾ ٽن بزرگن: پير رڪن الدين، ضياءَ الدين ۽ حاجي جعفر شهيد جون مزارون آهن[3].

**لقمان:** هي خيرپور کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ننڍڙو شهر آهي. هن جو بنياد نواب مير لقمان خان رکيو هو[4]. هتي جنڊيءَ جو سامان تمام سٺو ٺهندو آهي.

---

(1) Chief Minister's Note on Khairpur, 1952.

(2) Office record of District Council Khairpur, 1976

(3) "The Imperial Gazetteer of India.", Vol. XV, Clarendon Press, Oxford, 1908, p. 216

(4) زباني روايت مير الهبچايو خان ٽالپر ساڪن جهڏو ضلعو ٿرپارڪر.

**نيڙهي:** هي شهر خيرپور جي اتر اوڀر کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي آهي. هن ۾ رياست جو وڏي ۾ وڏو ديني مدرسو دارالهديٰ آهي، جيڪو ساري پاڪستان ۾ مشهور آهي. جتي ڪارڪن جو لکها روپين جو واپار ٿيندو آهي. سندس آدمشماري 8,234 آهي.[1]

**پير جو ڳوٺ:** هي خيرپور کان اولهه طرف اٽڪل ٻارهن ميلن جي مفاصلي تي پاڳارن جو ڳوٺ آهي.[2] هتي 27 رجب ۽ عيدن جي موقعن تي پاڳارن جي مريدن جا وڏا اجتماع ٿيندا آهن. واپار جو سٺو مرڪز آهي. سندس آدمشماري 12,727 آهي.[3]

**پريان لوءِ:** هي هڪ قديم شهر، جيڪو باغات ۽ سبزي کان گهڻو مشهور آهي. هتي سنڌ جي مشهور بزرگن: پير صالح شاهه، سرائي ۽ مخدوم محمد اسماعيل نقشبندي جون درگاهون آهن. سوسين جو چڱو واپار ٿيندو آهي. سندس آدمشماري 8,240 آهي.[4]

**ٻبرلوءِ:** هيءَ هڪ پراڻو شهر آهي، ۽ ڪجيءَ جي باغات کان مشهور آهي. هن شهر جي ٻاهران دونهين ۾ موتڻ شاهه ۽ ابراهيم شاهه جون درگاهون آهن.

**ii. گمبٽ تعلقو:**

هن تعلقي ۾ هيٺيان شهر ۽ ڳوٺ مشهور آهن:

**گمبٽ:** هي تعلقي جو هيڊڪوارٽر آهي. هتي جيلاني پيرن جي وڏي درگاهه آهي جتي ربيع الثاني مهيني جي يارهين تاريخ تي ميلو لڳندو آهي. هن شهر ۾ اوائل کان وٺي بهترين ڪيس ٺهندا آهن. هتي جي آدمشماري 13,892 آهي.[5]

راڻيپور: هيءَ هڪ پراڻو شهر آهي ۽ جيلاني پيرن جي درگاهه کان مشهور آهي، جتي هر سال ربيع الثاني مهيني جي ٻارهين جو ميلو لڳندو آهي. هتي جون ٺهندڙ چانديون مشهور آهن. هتي جي آدمشماري 7,479 آهي.[6]

---

(1) Office record District Council, Khairpur, 1976

(2) Pithawala, M.B: "The Khairpur State", op. cit. p.34

(3) See reference No: 2

(4) Office record of District Council, Khairpur, 1961

(5) Office record of A.D. Local Govt Khairpur, 1976

(6) Ibid:

**کهڙا:** هي هڪ قديم شهر آهي، جتي مخدومن ۽ اُچڻ فقيرن جون مشهور خانقاهون آهن. هي شهر قديم زماني کان ونئي ديني مرڪز رهيو آهي. هتي تمام سنيون ٽوپيون ٺهنديون آهن. هتان جي آدمشماري 7313 آهي.[1]

**درازا:** هي شهر فاروقين جي درگاهه ڪري مشهور آهي، جتي هر سال رمضان شريف جي چوڏهين تاريخ تي سنڌ جي مشهور صوفي شاعر سچل سرمست جو عرس وڏي ڌوم ڌام سان ٿيندو آهي.

**هنگورجا:** هي هڪ قديم شهر آهي، جتي لڪياري سادات جي درگاهه آهي. هتي تمام گهڻا کنڊرات ۽ پراڻا آثار آهن. هن وقت واپار جو سٺو مرڪز آهي. سندس آدمشماري 5318 آهي.[2]

**مير واهه سب ڊويزن:**

هن ۾ ڪوٽ ڏيجي، مير واهه، فيض گنج ۽ نارو تعلقا اچي وڃن ٿا. انهن تعلقن جي مشهور شهرن ۽ ڳوٺن جو احوال ڏجي ٿو.

**i. ڪوٽ ڏيجي تعلقو:**

هن تعلقي ۾ هيٺيان شهر ۽ ڳوٺ مشهور آهن:

**ڪوٽ ڏيجي:** قديم زماني ۾ هي شهر پراڻي تهذيب جو مرڪز رهيو آهي. هن وقت به چڱو شهر آهي، جتي ميرن جا رهائشي بنگلا ڏسڻ جهڙا آهن. انهن کان سواءِ ڪوٽ ڏيجي جو جنگي قلعو ميرن جو بهترين يادگار آهي. هتان جي آدمشماري 9479 آهي.[3]

**بنگلو:** ڪوٽ ڏيجي شهر کان هڪ ميل کن جي مفاصلي تي هڪ ننڍڙو شهر ۽ واپار جو سٺو مرڪز آهي. هتي به ميرن جي رهائش جون جايون آهن.

**جسڪاٽي:** هي شاهي رستي تي هڪ ننڍو ڳوٺ آهي، جيڪو ميرن جي صاحبي ۾ دريان خان جسڪاڻي ٻڌايو هو. هتي هڪ پوليس جي چونڪي به آهي. هتي جي آدمشماري 4110 آهي.[4]

**ڪنب:** هي به هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو آهي، جيڪو ڪراچي واري شاهراهه ٺهڻ کان پوءِ جلدي اُسريو آهي ۽ واپار جو چڱو مرڪز بڻجي ويو آهي. هتي جي آدمشماري 2744 آهي.[5]

---

(1) Ibid:
(2) Office record of Taluka office Gambat, 1976
(3) Ibid: Taluka Kotdiji
(4) Office record of Taluka office Kotdiji, 1976
(5) Ibid:

**ii.ميرواهہ تعلقو:**

هن تعلقي ۾ هيٺيان شهر ۽ ڳوٺ مشهور آهن:

**ٺري:** هي تعلقي جو ڪوارٽر آهي. اناج جي چڱي منڊي آهي. سنڌس آدمشماري 4485 آهي.[1]

**بوزدار وڏا:** هتي بہ هڪ پراڻو پروچڪو ڳوٺ آهي. هتي جا ماڙيچا انگوچا ۽ پيو چڱو ڪپڙو ٺاهيندا آهن. سنڌس آدمشماري 3884 آهي.[2]

**سيٺارجا:** ٺري ۽ هنگورجا شهرن جي وچ تي هڪ پراڻو شهر آهي. هن وقت هتي اناج جو سٺو مرڪز آهي. سنڌس آدمشماري 6283 آهي.[3]

**iii.فيض گنج تعلقو:**

هن تعلقي ۾ هيٺيان شهر ۽ ڳوٺ مشهور آهن:

**پڪا چانگ:** هي چانگن جو هڪ پراڻو ڳوٺ ۽ تعلقي جو هيڊڪوارٽر آهي. پريا روڊ اسٽيشن تائين پڪي رستي ٺهڻ ڪان پوءِ چڱي ترقي ڪري ويو آهي. سنڌس آدمشماري 2500 آهي.[4]

**ڪرونڊي:** پڪا چانگ جي اوڀر ۾ پنجن ڇهن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي. هتي اناج جو سٺو مارڪيٽ آهي. آدمشماري 3000 آهي.[5]

**ڀنگو ٻهڻ:** پڪا چانگ جي اولهہ طرف پنجن ميلن جي مفاصلي تي هڪ چڱو ڳوٺ آهي. هتي هاءِ اسڪول هجڻ ڪري فيض گنج تعلقي جا ڪافي ماڻهو تعليم يافتہ ٿي چڪا آهن. هتي جي آدمشماري 495 آهي.[6]

**vi. نارو تعلقو:**

هن تعلقي ۾ هيٺيان شهر ۽ ڳوٺ مشهور آهن:

**سوراهہ:** هي تعلقي هيڊڪوارٽر آهي، جتي پنجاهہ ڪن سرڪاري ڪامورا ۽ منشي مڙا رهندا آهن. سنڌس پسگردائي ۾ ماڻهن جا گهر آهن.

---

(1) Office record of Taluka office Mirwah, 1976.

(2) Office record of Tauka office Mirwah, 1976

(3) Ibid:

(4) Office record of Taluka office Faiz Ganj, 1976

(5) Ibid:

(6) Ibid:



خيرپور جي ميرن جو تاريخي يادگار 'فيض محل'





درگاهہ سچل سرمست




سنڌ پرڳڻي جو هاڻوڪو نقشو

**چونڊڪو:** هي ناري تعلقي جو وڏي ۾ وڏو ۽ هندڪو ڳوٺ آهي، هتي جا هندو واپاري سنڌ جي مختلف شهرن ۾ واپار ڪندا آهن. هتي واڻ ۽ گيهه جو چڱو واپار ٿيندو آهي. سندس آدمشماري 1656 آهي.[1]

**قاڙهيارو:** هي لغاري بلوچن جو ننڍڙو ڳوٺ آهي. ناري تعلقي جو ٻيو نمبر شهر ليکجي ٿو. واڻ ۽ گيهه جو چڱو مرڪز آهي. آدمشماري 840 آهي.[2]

**تجل:** ايرندي ناري جي پرئين پاسي ڏيڍ ميل ڪن جي مفاصلي تي هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو آهي ۽ مخدوم سلام الله عرف تر ڏٽيءَ جي درگاهه ڪان مشهور آهي. هتي هر سال ذوالحج مهيني ۾ هڪ فقيراڻو ميلو لڳندو آهي. هتان جو فاقيرو تيل سنڌن جي سور جو بهترين علاج آهي.[3]

## ميراڻا يادگار:

هونئن تہ ميرن جا خيرپور شهر ۾ ٻين جڳهن تي ڪيترائي باغ ۽ تفريح گاهہ هئا. جتي سير، شڪار ۽ ٻين مشغلن سان دل وندرائي ويندي هئي، پر هيٺين پنج جڳهون ذڪر ڪرڻ جي قابل آهن:

**i. دوباغو:**

خيرپور شهر جي ٻاهران، مير واهہ جي ڀرسان هڪ بهترين قسم جو باغ هو جنهن کي دوباغو سڏيندا هئا. هن باغ ۾ هر قسم جا ميويدار وڻ ۽ گل ٻوٽا هوندا هئا. باغ جي لڳ هڪ بهترين بنگلو ٺهيل هوندو هو جتي انگريزن جو ريزيڊنٽ آفيسر رهندو هو. مير علي مراد خان گهڻو ڪري اتي ڪئمپ ڪندو هو.[4]

**ii. ربوهَ جي ڪڏ:**

خيرپور شهر جي اوير واري پاسي ڪان هڪ وڏو تلاءَ هوندو هو جنهن ۾ خيرپور جا شهزادا ٻتيلن تي چڙهي تفريح ونندا هئا. تلاءَ جي ٻاهران هڪ وڏو باغ هوندو هو جنهن کي لکي باغ سڏيندا هئا. ان ۾ هرهڪ قسم جا رنگارنگي گل ۽ ٻوٽا هوندا هئا. هتي عام ماڻهو بہ سير ۽ تفريح لاءِ ايندا هئا. اتي مير علي مراد خان جي هڪ سهري ميان ربنواز خان لوڌيال جو گهر بہ هوندو هو.[5]

---

(1) Office record of the Disst: Census& Registration organization, Khairpur, 1976

(2) Ibid:

(3) زباني روايت فقير نبين جوڙيو ساڪن ڳوٺ تجل.

(4) Langley: "At the Court of Alimurad", Vol. I, Hurst & Blackett, London, 1860, pp. 214-216

(5) زباني روايت ميان عبدالرحيم خان کنهباتي، ساڪن خيرپور.

**iii.آزاد منزل:**

ديهه حسين آباد، تعلقي ڪوٽ ڏيجي ۾ واريءَ جي دڙن جي وچ ۾ هڪ عاليشان بنگلو ۽ ان جي چوڌاري هڪ وڏو باغ لڳل هو. اهو بنگلو ۽ باغ مير علي نواز خان ٺهرايو هو. انهيءَ بنگلي جي ڀتين تي بهترين قسم جي چٽسالي ۽ گلڪاري ٿيل هئي. مير صاحب ڪڏهن ڪڏهن اتي اچي آزاد فضا ۾ ڪئمپ ڪندو هو. هن وقت اهو بنگلو به ڊهي ويو آهي ۽ باغ به اُجڙ ٿي ويو آهي.[1]

**iv.ڪالهوڙي:**

خيرپور شهر کان ٻه ٽي ميل اوڀر تي هڪ وڏي ڍنڍ هوندي هئي، جنهن مان بي انداز ٻهه، مڇي ۽ لوڙهه نڪرندا هئا ۽ پکين جو بهترين شڪار به ٿيندو هو. ڍنڍ جي ڀرسان لاڳيتو هڪ مهاڙي هوندي هئي.[2]

**v.ڪاناٽي:**

هيءَ گمبٽ تعلقي جي شهر راڻيپور کان چئن ميلن جي مفاصلي تي هڪ وڏي ڍنڍ هوندي هئي، جتي بهترين قسم جو شڪار ٿيندو هو. مير علي مراد خان هن ڍنڍ تي گهڻيون منزلون ڪندو هو.[3]

مٿي ذڪر ڪيل سمورا يادگار هن وقت نابود ٿي ويا آهن ۽ ماڻهن جي زبان تي سندن نالو وڃي بچيو آهي.

**هاڻوڪيون تفريح گاهون:**

خيرپور ۾ ماڻهن لاءِ تفريح گاهون تمام گهٽ آهن، تڏهن به هيٺين جڳهن جو ذڪر دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو.

**هزهائينس جا باغيچا:**

خيرپور شهر جي فيض محل لال بنگلي ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ جي شاهي محل جي لڳ هزهائينس جا باغيچا آهن، جن ۾ هر قسم جا گل ۽ بهترين ڇپر جا پارا ٺهيل آهن، هتي شاهي خاندان جا ماڻهو ۽ سندن مهمان تفريح ڪندا آهن.[4]

**ii. وڏيري الهداد خان جو باغ:**

فيض گنج تعلقي جي ڪروندي شهر ۾ مرحوم الهداد خان راڄپر، لاهور واري

---

[1] زباني روايت وڏيرو احمد بخش خان سوهو سابق توشڪي مير علي نواز خان.

[2] زباني روايت (وڏن کان ٻڌل) ماستر غلام قادر خان نوناري، ساڪن ڳوٺ نوناري، لڳ خيرپور.

[3] زباني روايت سرائي محمد موسيٰ خان ڏيسي، ساڪن ڳوٺ مڏ تعلقو گمبٽ.

[4] ذاتي مشاهدو.

شاليمار جي نموني تي هڪ ننڍو باغيچو نهرايو هو جنهن ۾ هر قسم جا ديسي ۽ ولايتي گل بهترين چهچٽو پيش ڪن ٿا. هڪ ننڍڙي وستيءَ ۾ اهڙو باغيچو هجڻ هڪ وڏي ڳالهه آهي.[1]

iii.قول باغ:

هيءُ خيرپور شهر جي وچ ۾ ميونسپالٽيءَ جي طرفان هڪ ننڍڙو باغيچو ٺهيل آهي، جتي سياسي ۽ مذهبي جلسا ٿيندا رهندا آهن. شام جو عام ماڻهو اچي تفريح ڪندا آهن. هن باغيچي جي وچ ۾ هڪ ننڍڙي لئبرري بہ آهي.[2]

iv.جيمخانو:

هي خيرپور شهر ۾ رياست جي ڪامورن لاءِ هڪ ڪلب آهي، جتي هر قسم جي گهريلو راندين (Indoor games) جو بندوبست ٿيل آهي. هتي مختلف موقعن تي دعوتون ۽ ادبي تقريبون ٿينديون رهنديون آهن.[3]

v.اسٽيڊيم ۽ ممتاز گرائونڊ:

خيرپور شهر جي اترئين پاسي تي بہ وڏا کليل ميدان آهن، جتي شهر جا ماڻهو هاڪي، فوٽ بال، ڪرڪيٽ ۽ ٻيون رانديون ڪري دل وندرائيندا آهن. وڏيون مئچون يا وڏا جلسا بہ انهن ميدانن تي ٿيندا رهندا آهن.[4]

## (ج) زبان:

خيرپور ۾ سنڌي، سرائيڪي، بلوچي ۽ اردو زبانون رائج آهن. ڪثرت سنڌي ۽ سرائيڪي ڳالهائڻ وارن جي آهي. مير فيض محمد خان اول جي زماني تائين سرڪاري زبان فارسي هئي. ان کان پوءِ اڄ تائين سنڌي آهي. خيرپوري لهجي ۾ ۽ ميرن جي ٻوليءَ جو جائزو هڪ ٻئي باب ۾ ورتو ويو آهي.

## (چ) تعليم:

خيرپور ۾ تعليم جي شرح سراسري طور 27 سيڪڙو آهي. ابتدائي ۽ ثانوي درجي تائين سيني اسڪولن ۾ تعليم مفت آهي. هن وقت علائقي ۾ هيٺيان تعليمي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن.[5]

---

[1] ذاتي مشاهدو.
[2] ايضاً.
[3] ذاتي مشاهدو.
[4] ايضاً.

[5] Office Record of Disst: Education Officer, 1976

| | |
|---|---|
| i. <u>ابتدائي تعليم:</u> | پرائمري اسڪول 80 |
| | ايليمينٽري اسڪول6 |
| | اي پي ڪلاس 17 |
| ii. وچولي تعليم: | مڊل اسڪول 40 |
| | نئشنلائيزڊ مڊل اسڪول 7. |
| iii. ثانوي تعليم: | هاءِ اسڪول 17. |
| | ڪمپريهينسو هاءِ اسڪول 1 |
| | گرلز هاءِ اسڪول 1 |
| iv. اعليٰ تعليم: | ڊگري ڪاليج 4 |
| | ڪاليج آف ٽيڪنالاجي 1 |
| | ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ 2 |
| v. تربيتي ادارا: | ٽريننگ ڪاليج فار مين 1 |
| | ٽريننگ ڪاليج فار وومين 1 |
| | مرڪز توسيع تعليم 1 |

انهن کان سواءِ ديني تعليم لاءِ هيٺيان مدرسا بہ آهن.[1]

i. مدرسو حفظ القرآن، خيرپور.
ii. مفتي مدرسو خيرپور.
iii. دينو مدرسو خيرپور.
iv. سلطان المدارس، خيرپور.
v. مدرسو دارالهديٰ، ٺيڙهي.
vi. مدرسو شمس الهديٰ، ڪولاب جيئل.
vii. مدرسو شمس الهدايت، ڊٻ مهر شاهہ.
viii. مدرسو دارالفيوض، راڻيپور.
ix. مدرسو مظهرالعلوم، کهڙا.
x. مدرسو انوار العلوم، کهڙا.
xi. مدرسو راشديہ، پير جو ڳوٺ.
xii. مدرسو ديوبندين جو پير جو ڳوٺ.
xiii. مدرسو نورالهديٰ، گمبٽ.
xiv. مدرسو مطلع العلم، گمبٽ.
xv. مدرسو فيض القرآن، ڳوٺ عبدالرشيد اُجڻ.

---

[1] ماستر الهورايو چنو: "خيرپور جا مدرسا"، قلمي مسودو، 1974ع.

انهن کان سواءِ پريان لوءِ، ڪرڙاهه، ڪرڙي ۽ مهيسرن جي ڳوٺن ۾ ننڍڙا مدرسا بہ آهن، جتي قرآن پاڪ جي تعليم ڏني ويندي آهي.[1]

## (ح) ڪارخانا:

اگ خيرپور ۾ ڪارخانن کي ڪا خاص اهميت ڪا نہ هئي، ۽ آمدني جو سارو دارومدار زراعت تي هوندو هو. مگر پاڪستان بڻجڻ کان پوءِ هتان جي حڪومت رياست کي هڪ صنعتي مرڪز بڻائڻ جي ارادي سان جتي ڪٿي ڪارخانا لڳائڻ شروع ڪري ڏنا. جن جي نتيجي ۾ زمين جي ڊل جو چوٿون حصو معاف ڪرڻ باوجود رياست جي اُپت ٽيڻي ٿي وئي. سن 1955ع کان اگ جا لڳايل هيٺيان ڪارخانا اڄ بہ موجود آهن.[2]

i. ٽي ٽيڪسٽائيل ملون، بہ خيرپور ۾ ۽ هڪ گمبٽ ۾.
ii. ڪپهہ ٽاڻڻ جا ڪارخانا ٽي.
iii. ڳنڙين پڏڻ جو ڪارخانو هڪ.
iv. چمڙي جو ڪارخانو هڪ.
v. بنارسي ڪپڙي ٺاهڻ جي ڪالوني هڪ.
vi. بيڊري ورڪس جو ڪارخانو هڪ.

## (خ) آمدو رفت جا ذريعا:

مير علي نواز خان (متوفي 1935ع) جي ڏينهن کان اگ رياست ۾ سرڪاري طور تي رستن جو ڪو انتظام ڪو نہ هوندو هو. هڪ بہ سڙڪون ٺهيل هيون، جن تي ڪک پيل هوندا هئا.[3] مير علي نواز خان کانپوءِ آمدرفت جي ذريعن جو هڪ جدا کاتو کوليو ويو ۽ قومي ملڪيت ۾ آندو ويو. ون يونٽ جي وقت (آڪٽوبر 1955ع) تائين خيرپور ۾ ڪافي پڪا رستا تعمير ڪرايا ويا. ڪراچيءَ کان لاهور تائين خيرپور ۾ ڪافي پڪا رستا تعمير ڪرايا ويا. ڪراچيءَ کان لاهور وارو شاهي رستو بہ خيرپور مان گذر ڪري ٿو. هن وقت هيٺيان پڪا رستا آهن:[4]

i. خيرپور کان ڪوٽ لالو ڪنبن جي رستي.
ii. خيرپور کان راڻيپور، ٽنڊي مستي خان جي رستي.

---

[1] ماستر الهورايو چنو: حوالو ڏنل آهي.
[2] نسيم امروهوي: "تاريخ خيرپور"، حوالو ڏنل آهي.
[3] Hughes, A.W: "Gazetteer of the Province of Sind," George Bell & Sons, London, 1874, p. 411
[4] Office Record of Distt: Council, Khairpur, 1975

iii. خيرپور کان پير جو ڳوٺ.
iv. خيرپور کان احمد پور، منگهن واري جي رستي.
v. خيرپور کان پريان لوءِ، نيڙهي جي رستي.
vi. خيرپور کان لونگ فقير.
vii. پير ڳوٺ کان سکر، ڳاڙهي موريءَ جي رستي.
viii. ڪوٽ ڏيجي کان ٽنڊو مستي خان.
ix. ڪوٽ ڏيجيءَ کان سوراهه.
x. پريا روڊ کان ڪرونڊي، پڪا چانگ جي رستي.
xi. هنگورجا کان ٽري، سيٺارجا جي رستي.
xii. راڻيپور کان صوبو ديرو.
xiii. صوبو ديرو کان هنگورجا، سمي ميرڪ جي رستي.
xiv. گمبٽ کان اڳڙا.

مٿي ذڪر ڪيل پڪن رستن کان سواءِ، ٻيون به ڪيتريون ئي ڪچيون سڙڪون آهن، جن جي ذريعي مختلف شهر ۽ ڳوٺ، هڪ ٻئي سان ڳنڍيا پيا آهن.

بار برداري لاءِ موٽر، لاريون، ٽرڪ، ٽانگا، بيل گاڏيون، اُٺ، گهوڙا ۽ گڏهه استعمال ٿيندا آهن. "پاڪستان ريلوي" خيرپور کي پاڪستان جي ٻين حصن سان ڳنڍي ٿي. خيرپور جي حدن ۾ خيرپور، ٽنڊو مستي خان، پير ڪٽپر، گمبٽ، راڻيپور، سيٺارجا ۽ ڪوٽ لالو جون ست اسٽيشنون آهن.[1]

## (د) سنڌو ندي ۽ ان جا وهڪرا:

سنڌو ندي دنيا جي قديم ترين درياهن مان هڪ آهي، جنهن جو ذڪر سڪندر اعظم جي وقت کان وٺي تفصيل سان ملي ٿو. هي هماليه جبلن مان نڪري، اولهه تبيٽ، هندستاني ڪشمير ۽ پاڪستان جي سرحدن مان ٻه هزار ميل لتاڙي، سمنڊ ۾ پوي ٿو.[2]

هي درياهه منڻ ڪوٽ جي نزديڪ پاڻ سان پنجاب جا ننڍا درياهه شامل ڪري، سنڌ جي سرزمين ۾ سفر شروع ڪري ٿو.[3] انهيءَ سفر ۾ ڪيس هيٺيون چار منزلون طئي ڪرڻيون پون ٿيون:

---

(1) Chief Minister's Office: "A Short Note on Khairpur," 1955

(2) Jean Fairley: "The Lion River," Lowe and Brydone, London, 1975, p. 273

(3) ارباب علي شاهه، سيد: "سنڌونديءَ جو سفر" قلمي مسودو، 1976ع

**i.منڻ ڪوٽ کان سکر:**

هي هڪ سؤ ستر ميل ڊگهو ميداني علائقو آهي. هن علائقي ۾ ٻنهي طرفن کان ڪيترائي واهڙ نڪري ڪجهه مفاصلي کان پوءِ وري درياهه ۾ پوندا هئا. انهن جي اونهائي اٺن کان پندرهن فوٽن تائين هوندي هئي. درياهه ۾ چاڙهه هوندو هو ته ڪيترين ئي ٻيڙين انهن واهڙن ۾ هلنديون هيون. بئراجن جي تعمير کان اڳ سڄي ڪپ سان سکر کان اٽڪل چويهه ميل مٿي سنڌ واهه نڪرندو هو. هن واهه ذريعي شڪارپور، نوشهرو ابڙو ۽ لاڙڪاڻي جا علائقا آباد ٿيندا هئا. سکر کان ستر ميل اتر طرف بيگاري واهه نڪرندو هو. 1853ع ۾ جان جيڪب هن واهه کي ڳڙهي خيري تائين وڌايو ۽ نور واهه کڻائي جيڪب آباد کي آباد ڪرايو. گڊو بئراج کان پوءِ ٻنهي مکيه واهن جا منهن بئراج مان رکيا ويا آهن. کبي ڪپ تي بکر کان چاليهه ميل کن مٿي درياهه جي ٻوڏن ذريعي هڪ ڦاٽ ايرندي ناري ۾ پوندو هو جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو.

**ii. سکر کان سيوهڻ:**

هي علائقو هڪ سؤ سٺ ميل ڊگهو آهي. درياهه سکر وٽ ٽڪرائتي لنگهه مان گذر ڪري، سيوهڻ جي پرسان وري لڪيءَ جي پهاڙن ۾ ٽڪرائجي نڪري ٿو. انهيءَ وچ ۾ ڪيترن ئي ڏنگن وڪڙن مان نڪري ڏکڻ ڏانهن رخ ڪري ٿو. سکر کان پنجويهه ميل کن هيٺ سڄي پاسي کان الهندو نارو نڪرندو هو جيڪو اٽڪل هڪ سؤ فوٽ ويڪرو هو. هي واهه کيرٿر جبل جو پاسو وٺي منڇر ڍنڍ ۾ پوندو هو ۽ اتان اڙل واهه جي ذريعي وري درياهه ۾ داخل ٿيندو هو.[1]

هن واهه تي ڪيترائي شهر ۽ ڳوٺ آباد هئا. جهڙوڪ: سيد آباد، جهلي، ساوتري، سلياٽي، سهراباٽي، مديجي، خليگو مهد، مهرپور، بڪرو پڳا، جتاليا، يارو ڳوٺ، راڏڻ، خيرپور، فتح پور، جام پوسيا، ڪميڙيا، سوميانٽي ۽ غلام حيدر ڳوٺ. آباديءَ لاءِ درياهه ۽ الهندي ناري جي پر تي اڪثر لٽ چڙهيل هوندا هئا. ڪاهي طرف کان وري مير واهه نالي هڪ واهه نڪرندو هو جيڪو چاليهه فوٽ ويڪرو ۽ نوي ميل ڊگهو هو. ٻيا به ڪيترائي ننڍا واهه هئا، جي فقط گرمين ۾ وهندا هئا. هن علائقي ۾ درياهه جو پيٽ ڪن جاين تي منو ميل به هو ۽ سردين ۾ پاڻي ڪٿي ڪٿي گهٽ ۾ گهٽ پنڌرهن فوٽ هوندو هو.

**iii.سيوهڻ کان ننو:**

هي علائقو ڏيڍ سؤ کن ميل ٿيندو. هن کي لاڙ سڏيندا آهن. هتي درياهه سردين ۾

---

[1] Sorley, H.T. Dr: "Gazetteer of West Pakistan," Govt: Press, Karachi, 1968, p.10

اٽڪل ارڙهن فوٽ، ۽ گرمين ۾ ٽيهه فوٽ اونهو وهي ٿو. سندس پيٽ گهٽو ڪري ٽن هزارن فوٽن کان ويڪرو رهندو آهي، حيدرآباد کان ٻارهن ميل کن اتر طرف کان ڦليلي نالي واهه نڪري ٿو. هن تي حيدرآباد کان وٺي ڪڇ تائين ساري علائقي جي آبادي جو مدار هوندو هو.

جهرڪن جي هينيان پڇاري نالي واهه نڪرندو هو. جيڪو ڪاٻي ڪپ جي زمينن کي آباد ڪندو هو.

ميرن جي دور ۾ ٺٽي ۽ جهرڪن جي درميان گهاٽا ٻيلا ۽ شڪار گاهه هئا، جيڪي ميرن جي شڪار لاءِ مخصوص هوندا هئا.

iv.ٺٽي کان سمنڊ:

ٺٽي کان هيٺ تي سارو درياهه ساڄي ۽ کاٻي طرف تي ٻن مکيه شاخن بگهاڙ ۽ ستاهه ۾ ورهائجي ٿو وڃي. بگهاڙ اولهه طرف ۽ ستاهه ڏکڻ طرف تي پنهنجو پنهنجو رخ ڪن ٿا. اهي ٻئي حصا اڳتي هلي، ڇئن ۽ ستن ڇوڙن ۾ تقسيم ٿي وڃي سمنڊ ۾ پون ٿا. انهن ڇوڙن جا نالا هي آهن:

بگهاڙ مان ڦٽي، پٽياڻي، جوئا ۽ رچل. ستاهه مان حجامڙي، کيڏي واري، ڪوڪيواڙي، ڪهير، مال، سير، ۽ ڪوري. ڦٽي ۽ پٽياڻيءَ جي وچ ۾ ٽي ننڍا ڦاٽ آهن، جن کي ڪوڏي، ڪو ۽ ڏبو چوندا آهن. حجامڙي تي سمنڊ کان پنجويهه ميل اندر وڪر بندر آهي ۽ اڃا به ڪجهه اندر شاهبندر آهي، جتان اڳي ساموندي واپار هلندو هو. ڪوري سڀ کان وڏو ڦاٽ آهي. ڪراچي، ڦٽي ڇوڙ کان چوڏهن ميل اتر اولهه طرف تي آهي.

**ايرندو نارو:**

هي هڪ تمام پراڻو پاٽيءَ جو وهڪرو آهي، جنهن متعلق ڪيترن ئي محققن هڪ ٻئي جي ابتڙ نظريا قائم ڪيا آهن. هڪڙن جو خيال آهي ته اهو وهڪرو ستلج نديءَ جو پراڻو پيٽ آهي، جنهن کي ڪجهه صديون اڳ ستلج ندي ڇڏي وئي آهي. ڪن جي خيال موجب اها هڪ پراڻي ندي آهي، جيڪا ستلج جي ايرندي طرف کان هماليه جبلن مان نڪري، سنڌ مان وهندي هئي، ۽ عمرڪوٽ کي لتاڙي ڪڇ جي نار ۾ وڃي پوندي هئي. ان وقت هن کي گهاگهڙ سڏيندا هئا. پر گهٽي وقت کان پوءِ گهٽجي ناري واهه جي صورت اختيار ڪري وئي آهي.[1] سن 1834ع ۾ جيمس مئڪمرڊو (Mc murdo) لکي ٿو ته اهو سنڌونديءَ جو پراڻو پيٽ آهي، جيڪو بکر کان چاليهه ميل مٿي سيد گنج بخش جي ڳوٺ وٽ جدا ٿي الور جي اوير

---

(1) Sorley, H.T: "Gazetteer of West Pakistan," op. cit. pp.9,10

ڪان ڏکڻ طرف تي وهندو هو ۽ هن مان هڪ شاخ الهندي طرف نڪرندي هئي، جنهن کي ”لوهاڻو درياهه“ سڏيندا هئا. اهو وهڪرو ڀنيور لتاڙي ديبل وٽ سمنڊ ۾ پوندو هو.[1]

جيمس مئڪمرڊو ڪان ڏهه سال پوءِ ڪئپٽن بيڪر (Baker) لکي ٿو ته اهو سنڌونديءَ جو پراڻو پيٽ آهي، پر هن کي پاڻي پنجاب جي ٻن ڊورن ڪان ملندو هو جن مان هڪڙو سنڌونديءَ جي آمهون سامهون هو ۽ ٻيو ستلج نديءَ جي سامهون روپار ڪان بهاولپور جي نزديڪ هو. پوين ڊورو سبزل ڪوٽ وٽان وهي، روهڙيءَ جي اوپر ۾ ٻارهن ميلن جي مفاصلي تي ناري جي منهن سان اچي ملندو هو.[2]

ڪي محقق چون ٿا ته سڪندر اعظم جي وقت سنڌ مان ٻه درياهه وهندا هئا، جن مان اوپر واري درياهه کي هاڪڙو يا وهند سڏيندا هئا ۽ اهو ئي هن وهڪري جو پيٽ آهي.[3]

سيني ڪان پڇاڙيءَ ۾ مسٽر لئمبرڪ (Lambirck) تحقيق سان ثابت ڪيو آهي ته هاڪڙو ۽ نارو انهيءَ هڪڙي ئي وهڪري جا نالا آهن. اهو وهڪرو ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. سندس پهرئين ۽ آخري حصي کي هاڪڙو ۽ وچ واري حصي کي نارو سڏيندا هئا. حقيقت ۾ ڪجهه ننڍڙا درياهه: گهاگهڙ مرڪندا، سرسوتي ۽ چتانگ پاڻ ۾ ملي هڪڙو وهڪرو ٺاهيندا هئا. انهيءَ وهڪري جو وجود بهاولپور ۽ بيڪانير رياست ۾ ٻه ملي ٿو. ان کي هاڪڙو سڏيندا هئا. ونجروٽ وٽان اهو وهڪرو ٻن حصن ۾ ورهائجي ويندو هو. هڪڙو حصو اڳ ۾ ڏکڻ طرف، پوءِ اولهه طرف، ۽ آخر ۾ ڏکڻ اولهه ۽ ڏکڻ طرف هلي، روهڙي جي ڏکڻ ۾ ٽڪرين ۾ پهچندو هو. ان کي وهندا سڏيندا هئا. ٻيو حصو ڏکڻ ۽ ڏکڻ اولهه طرف وهي، وچي وهندا سان ملندو هو. ان کي ريٽي سڏيندا هئا. ٻنهي حصن. وهندا ۽ ريٽيءَ جي ميلاپ ڪان پوءِ هيٺ گڏيل حصي کي نارو سڏيندا هئا، جيڪو ٻه ميل کن ويڪرو هوندو هو. اهو نارو واريءَ جي دڙن مان سٺ ميل سفر ڪندو، ڏکڻ ۽ ڏکڻ اولهه طرف ويندو هو. سٺ ميلن ڪان پوءِ ڪليل زمين ۾ ڏکڻ ۽ ڏکڻ اوپر تي وهندو هو. آخرڪار ڏکڻ ۽ ڏکڻ اولهه طرف تي هلي وڃي ڪچ جي رڻ ۾ پوندو هو. هن آخري ٽڪري کي وري ٻه هاڪڙو سڏيندا هئا.[4]

---

(1) Lambrick, H.T: "Sind, A General Introduction," Sindi Adabi Board, Hyderabad, 1964, pp. 229,230

(2) Lambrik, H.T. "Sind, A Genral Introduction," Sind; Adabi Board, Hyderabad, 1964 p. 231.

(3) Smith, V A, "The Early History of India, " Oxford, 1914, p. 162

(4) ارباب علي شاهه سيد: حوالو اڳ ڏنل آهي.

سن 1859ع ۾ ليفٽيننٽ فائيف (Fife) روهڙيءَ کان ٿورو درياهه مان وڏي ڏئي ناري جي پيٽ ۾ پاڻي آندو هو ۽ سکر کان بئراج ٺهڻ وقت ناري جو نئون منهن بئراج مان ڪڍيو ويو.

**بيا واهه:**

اڳ ۾ ذڪر ڪيل وهڪرن کان سواءِ بيا بہ ڪيترائي ننڍا واهه ۽ ڦاٽ هوندا هئا، جن جي ذريعي خريف ۾ ڪجهه آبادي ٿيندي هئي. خيرپور جي حدن ۾ هيٺيان واهه هئا، جيڪي بئراج کان اڳ ۾ هتان جي آبپاشيءَ جو ذريعو بڻيا هئا.[1]

ڪبڙ واهه، سنيو واهه، مير واهه يا چريو واهه، مين واهه، بودلي واهه، لالڻ واهه، ابل واهه، فيض نهر واهه، ماڏو واهه ۽ جادي واهه.

مير واهه ۽ سنئي واهه جا منهن سکر بئراج کان مٿي، ٿورن فرلانگن جي مفاصلي تي هئا، ۽ ٻين واهن جا منهن مختلف جڳهن تي چاليهن ميلن اندر هئا.[2]

خيرپور جي ساري آبادي جو دارومدار انهن واهن تي هو. پوک گهڻو ڪري چرخي تي ٿيندي هئي. موڪ تمام هيٺانهين زمينن تي ٿيندي هئي، ۽ اها بہ تڏهن جڏهن درياهه ۾ چاڙهه هوندو هو. اهو پاڻي وڏ ۾ وڏ جون کان سيپٽمبر تائين هلندو هو. سياري جي موسم ۾ سمورا واهه سڪا پيا هوندا هئا.[3]

**ننڍا ڦاٽ:**

خيرپور جي حدن ۾ درياهه جا ڪجهه ننڍا ڦاٽ بہ هوندا هئا، جيڪي ڪجهه ميل هلي، ختم ٿي ويندا هئا، يا وري درياهه ۾ ويجي پوندا هئا. انهن مان هيٺيان مشهور هئا:

**i. گهري:** هي پريان لوءِ جي نزديڪ درياهه مان نڪرندي هئي، ۽ جسڪاڻين وٽان ٿيندي، هالاڻي تائين ويندي هئي. سندس ٻيو حصو گمبٽ مان ڪانالوئي جي ڍنڍ وٽان ٿيندو هالاڻي تائين ويندو هو. هن گهريءَ مان دروازن وٽان پير واهه نالي هڪ واهه نڪري صوپيديري تائين ويندو هو.[4]

**ii. ڊانگي واهه:** هي عاليپور جي مٿان نڪرندو هو اُلرن ۽ ڪولرن وٽان ٿيندو پنڊن جي ڳوٺ جي پرسان چراغ واري مهاڙيءَ ۾ چوڙ ڪندو هو ان جي ڊيگهه اٽڪل ڇهه ميل هئي.[5]

---

[1] ارباب علي شاهه، سيد، حوالو اڳ ۾ ڏنل آهي.

[2] Colabawala, J.R: Khirpur Llyod Barrage Project," The Daily Gazette Press, Karachi, 1936, p.3

[3] Colabawala, J.R: op. cit. p.3

[4] وڏن کان ٻڌل روايت: ولي محمد خان عباسي، ڪلرڪ

[5] زباني روايت: مير فدا حسين خان ٽالپر، ساڪن منگهن واري

iii.**ڪاسائن وارو ٻوگهڙ:** هي نائچن جي ڳوٺ وٽان نڪري اُڀِن، شرن ۽ مڱڻيجن جي ڳوٺ وٽان ٿيندي، پراڻي ڪشمير مهاڙي کي پاڻي ڏيندي هئي ۽ ان کان پوءِ جنت واري واڌِ جي مٿان درياهه ۾ پوندي هئي. هن جي ڊيگهه اٽڪل ٻارهن ميل هئي.[1]

iV. **نوري واري ٻوگهڙ:** هي لائق خروس جي ڳوٺ وٽان درياهه مان نڪرندي هئي ۽ بخاريءَ واري باهڻي، نورل ناريجي جي ڳوٺ وٽان ٿيندي، فيض محمد جي ٻنڌي وٽان وري درياهه ۾ پوندي هئي. هن جي ڊيگهه چار ميل کن هئي.[2]

V.**ٻانداهو:** هي رازق ڏني اُڍي جي ڳوٺ وٽان نڪرندو هو ۽ ڄامڙن، ٻنگن، سکن، ڪنيرن ۽ شڪل جي کوهه وٽان ٿيندو، وڏيري ايوب مڱڻيجي جي ڳوٺ وٽان درياهه ۾ پوندو هو. سندس ڊيگهه ڏهه ميل کن هئي.[3]

Vi.**ٻگهڙ واهه:** هي ڳڙهي ٻناڻ وٽان درياهه مان نڪري ڦل واهڻ ۽ منگهن واري کان ٿيندو اڳتي ويندو هو.[4]

Vii.**حرن واري ڍنڍ:** هي اُلر جاگير وٽان نڪري، ٽي ميل هلندي هئي.[5]

Viii.**گڊو ناريجي واري ڍنڍ:** هي ٻـ اُلرا جاگير جي چڪ نمبر چوٽين وٽان نڪرندي هئي ۽ ڇئن ميلن تائين پکڙيل هوندي هئي.[6]

iX.**گهمرا ڍنڍ:** هي هادل شاهه جي ڳوٺ جي پرسان درياهه مان نڪرندي هئي، ۽ نون ميلن تائين هلندي هئي.[7]

X.**گٽنگ:** هي ديهه موهل ۽ مهيسرن جي پرسان نڪرندو هو ۽ اڍائي ميل کن ڊگهو هوندو.[8]

**پتڻ:**

خيرپور حڪومت جي پراڻي حد ۾ درياهه تي هيٺيان پتڻ هئا، جيڪي رچرڊ برٽن جي نقشي ۾ ڏنل آهن.[9] عمرڪوٽ، روجهاڻ، ملوهاري، مياڻي، بدراڻي، هونڊڙي، چانڊي، ڪونڊڙي، ڪشمور، قادرپور، ماڇڪو ٻداڻي، چڪ، گبلو جانپور، سنوجا داراپور،

---

[1] زباني روايت: مير حسين بخش خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان

[2] ايضاً.

[3] ايضاً.

[4] ايضاً.

[5] ايضاً.

[6] ايضاً.

[7] زباني روايت: مير حسين بخش خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.

[8] ايضاً.

[9] Richard Burton: "Sind," Oxford University Press, London 1973, p. map.

حسين بيگ سيد، کرهي، بکر، مزاري، سعود آباد، ٽنڊو پليجا، ٻهار جو ديرو دريا خان، ڇيتا، نورپور، چنڊ ڳوٺ، سيال، لاشاري، نئون ڳوٺ، مٺڙ، باغ ۽ دولت پور.

مير علي مراد خان جي حڪومت وقت رياست جي حدن ۾ هيٺيان ڇهه پتڻ هئا[1]: پنڊو، عاليپور، سڳا، رفيع ديرو، اڳڙا ۽ نور پور.

## آبپاشي:

سنڌ ۾ اوائل کان آبپاشيءَ جو سٺو انتظام هوندو هو ۽ ساري هندستان ۾ آبپاشيءَ جا طريقا به سڀ کان پهرين سنڌ ۾ شروع ٿيا.[2] هن سلسلي ۾ ٽالپرن ڪلهوڙن جي پيروي ڪئي ۽ انتظام به ساڳيو پراڻو رکيائون. هنن ڪافي واهه کوٽايا ۽ انگريزن طرفان سنڌ فتح ڪرڻ کان وٺي نوي سالن تائين سنڌ جي آبپاشي ميرن جي کوٽايل واهن مان ٿيندي رهي.[3]

1932ع کان اڳ آبادي خريف ۾ وهندڙ واهن جي ذريعي ٿيندي هئي. انهن واهن ۾ به پاڻيءَ تي پروسو ڪو نه هوندو هو ڇو جو انهن جو دارومدار سنڌو نديءَ جي چاڙهه تي هوندو هو. ڪڏهن پاڻي گهٽو ٿي ڊنڊن ۽ ڍورن کي پري ڇڏيندو هو ڪڏهن وري آبڪلاڻيءَ جي موسم ۾ به پورو ڪو نه پوندو هو. ڪڏهن ته 15 جون تائين به پاڻي ڪو نه ايندو هو ۽ ڪڏهن وري 15 سيپٽمبر کان پوءِ هوندو ئي ڪو نه هو.[4]

## آبپاشي جا طريقا:

ميرن جي وقت ۾ آبپاشيءَ جا چار طريقا هئا: **چرخي** جنهن ۾ واهن جو پاڻي نار ذريعي زمين ۾ آڻبو هو **موڪي** جنهن ۾ ڪڙين ۽ ڪسين جي ذريعي هيٺاهين زمين آباد ڪبي هئي، **چرخي مدد موڪي**، جنهن ۾ آبڪلاڻي موسم کان پوءِ موڪي وارو پاڻي هرلي جي ذريعي بنين ۾ آڻبو هو ۽ **چاهي** جنهن ۾ کوهن جي پاڻيءَ سان زمين آباد ڪبي هئي.

## ڪاتي:

واهن جي ڪاتي لاءِ به ٽن قسمن جو بندوبست ٿيندو هو[5]:

i. وڏن واهن جي ڪاتي حڪومت ڪرائيندي هئي.

---

[1] Hughes, A.WL "Gazetteer of the province of Sind," op.cit. p.411

[2] Sorley,H.T: "Gazetteer of West Pakistan," op. cit. p.451

[3] Lambrick, H.T: "Sind_ A General Introduction," op.cit. p.193

[4] Colabawala, J.R: op.cit.p.2

[5] Sorley, H.T: "Shah Abdul Latif of Bhit," 2nd Edition, Oxford University Press, Karachi, 1975, p.131

ii. حڪومت واهن جي کاٽي ڪرائي، ان تي ٿيندڙ خرچ جو ڪجھ حصو ڪڙمي ءَ کان وٺندي هئي، جنهن کي "شراڪتي" سڏبو هو.
iii. ننڍين واهن جي کاٽي ڪڙمي ڪندا هئا ۽ انهن کي بدلي ۾ هڪ خرار تي ڪجھ ڪاسا ان ملندو هو جنهن کي "مخادمي" سڏبو هو.
iv. ننڍا ڪڙيا ۽ ڪسيون ڪڙمي پنهنجي خرچ تي پاڻ صفا ڪندا هئا.

**ويسٽ فيڊر جا واھ:**

ڪبڙ شاخ، ٻيرلوءِ شاخ، فيض واھ، پير مڱيو شاخ، لالڻ واھ، مهيسر شاخ، ابل واھ، محراب واھ ۽ گرڪٽو واھ.

**مٿين واهن جون شاخون:**

رنگل شاخ، پلھ شاخ، ڪپري شاخ، اُيڙي شاخ، ڦلپوٽا شاخ، ڏانورو شاخ، سائدي شاخ، مين واھ، ٻگهڙ واھ، جمشيد واھ، نئين شاخ، مگرجي ڪڙيو فريد آباد شاخ، پٽي شاخ، ٻودلي شاخ، چانڊيا شاخ، ميان خان شاخ، الهداد شاخ، پنجابي شاخ، ٽوري شاخ، همايون شاخ، ڪمالديرو شاخ، صفر شاخ، گنگڙ شاخ، لاکا شاخ، کهڙا شاخ، راٽيپور شاخ، درازا شاخ، غلام علي شاخ، رسول آباد شاخ، هگورجا شاخ، رپڙي شاخ، هميرجي شاخ، محمد شاخ، راضيديرو شاخ، ماڏو واھ، مهتاٽي شاخ، ٻيلهارو شاخ، سينارجا شاخ، گيڙو شاخ، جادي واھ، صوڀوديرو شاخ، امام واھ، تيڪٽو واھ ۽ قاضي پٽو شاخ.[1]

## (ذ) زراعت:

خيرپور ۾ جيڪا زمين آباد آهي، سا تمام زرخيز آهي، ۽ منجهس آبپاشيءَ جو بهترين نظام آهي. جتي ڪٿي واهن، واٽر ڪورسن، ڪڙين ۽ ڪسين جو ڄار وڇايل آهي. منجهس هر وقت سنڌونديءَ جي پاڻيءَ جو لٽ پوندو رهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو هن خطي ڪڏهن بہ ڪوٽ ۽ قلت جو منهن نہ ڏٺو آهي. هتي اوائل کان وٺي هر قسم جي پوک ٿيندي رهي آهي، ۽ زمينن جو اپايل اناج هتان جي ماڻهن جي گهرج کان گهڻو ٿيندو رهيو آهي.[2]

"هتان جي جوئر ۽ ڪڻڪ جا فصل دنيا جي ڪنهن بہ حصي جي بهترين فصل سان مقابلي ۾ آڻي سگهجن ٿا. هتان جي جوئر جا ڪانا سورهن فوٽ ڊگها، ۽ سنڌن سنگ مني پائونڊ کان بہ ڳورا ٿيندا آهن.[3]

---

[1] Colabawala: Op. cit. Appendix II

[2] رحيمداد مولائي شيدائي: "جنت السند"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص 762.

[3] Langley: "At the Court of Mir Ali Murad," Vol. I, Hurst & Blackett, London, 1860, pp. 301, 302

## زمين جا قسم:

آباديءَ جي لحاظ کان هتان جي زمين پنجن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿي.[1]

i.واريا‌سي (Sandy) :

هي اها زمين آهي، جنهن ۾ گهڻي واري ۽ ٿورو لٽ ٿيندو آهي. هن قسم جي زمين ۾ مگ، پٽاٽا ۽ لاهوري گجرون پوکي ٿيون سگهجن. اها زمين سموري ناري تعلقي ۽ ٻين تعلقن جي ٿورن حصن ۾ آهي.

ii.لٽياسي (Loamy) :

هي اها زمين آهي، جنهن ۾ گهڻو لٽ ۽ ٿوري واري ٿيندي آهي. هي زمين جو بهترين قسم آهي. هن ۾ سمورا فصل سٺا ٿيندا آهن. اها زمين ناري تعلقي کان سواءِ خيرپور جي سيني تعلقن ۾ آهي.

iii.چيڪي (Clay) :

هن قسم جي زمين تمام سخت ٿيندي آهي. هن ۾ مختلف عناصر جو ڳار (Humous) تمام گهٽ هوندو آهي ۽ سندس سطح تي ڏار هوندا آهن. هي زمين ٽڪرن يا جهلي بندن جي وچ ۾ ٿيندي آهي. خيرپور ۽ گمبٽ تعلقن جي اولاهين حصي ۾ اهڙي زمين جا ڪجهه ٽڪرا آهن. هن قسم جي زمين ۾ تيلي ٻج پوکبا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ساريون بہ ڪندا آهن.

iv.رڙ (Hilly tractsoll):

هي اها زمين هوندي آهي جنهن ۾ پٿرائين واري ۽ پٿر جو لٽ هوندو آهي. اها گهاڙ وارين ٽڪرين جي آسپاس آهي. هن ۾ تيلي ٻجن جي باراني پوک ٿيندي آهي.

v.ڪلرائي (Saline):

هي اها زمين آهي، جنهن ۾ لوڻ گهڻو هوندو آهي. هن جا ٽي قسم ٿيندا آهن: شور ڪلر، ٿاٽ ڪلر، ۽ مٺو ڪلر. مٺي ڪلر واري زمين سارين جي پوک لاءِ موزون ٿيندي آهي. هن قسم جي زمين خيرپور ۽ ڪوٽ ڏيجي تعلقن جي ڪجهه حصن ۾ آهي.

## فصل جون مندون:

خيرپور ۾ سڄي سنڌ وانگر فصل پوکڻ جون ٽي مندون ٿينديون آهن: خريف يا ڪتي، ربيع يا چيٽ ۽ اڏائون.

[1] زباني روايت: نور محمد خان ابڙو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر زراعت، لاڙڪاڻو.

vi.ڪمند جا قسم: ڪومئيتمپور، 321، 491، 447، 459، بي ايل 19، بي ايل4، پي آر 1000، لاهوري پنڊيہ ۽ استريپڊ ماريشس.[1]

v.سارين جا قسم: ڪنگڻي، ڪنگڻي سونهري توڙ ڪنگڻي، جَجَڻي 77، بينگالو سونهري سگداسي، سدا گلاب، بڙانگ، ڏوڪري، باسمتي، اِري مهراڻ، اِري 841، اِري 661، اِري 424، اري 533 ۽ اري 579.[2]

vi.مڪئي جا قسم: ديسي، دوغلي ۽ هائبرڊ.[3]

vii.ڪڻڪ جا قسم: مئڪسي پاڪ، پاڪ 70، يڪورا، نوري، ٺوڙهي، ڪونج، سي 591، ايچ 68، 1132 ۽ وي 1143.[4]

**ميوا:**

خيرپور وارو خطو ميرون ڪان بہ مشهور آهي. انب، ڪجي، ليمان، نارنگيون، مالٽا، توت، صوف، زيتون، ڪيلا، ڊاڪ، ڦاروان، چمون، ڏاڙهون (ديسي)، ۽ صوفي ٻير بہ سٺا ٿيندا آهن. انبن جون تخمي توڙي قلمي بهترين جنسون ٿينديون آهن. ڪجيءَ جي بهترين ۽ اڍائي سؤ ڪن جنسن ۾ خيرپور کي انفراديت حاصل آهي.[5]

خيرپور جي باغات جو گهڻو حصو ڪجين سان ڀريل آهي.[6] خيرپور تعلقي جي نيڙهي، پريان لوءِ، ٻير ڳوٺ ۽ ماچين ۾ تمام گهڻا باغ آهن. ڪجهہ سالن کان ڪوٽ ڏيجي تعلقي ۾ بہ ڪجي چڱي پيماني تي پوکجي ٿي. ان کان سواءِ گمبٽ، هير واهہ ۽ فيض گنج تعلقن ۾ بہ چڱا تجربا ڪيا پيا وڃن.

هتي جهنگلي ميون مان ٻير، پيرون، پڪا، سگر ۽ ليسوڙا بہ جام ٿيندا آهن.

**گل ڦل:**

خيرپور ۾ گلاب، رابيل، موتيو چنبيلي، ناز بوءِ ۽ انگريزي گل تمام گهڻي انداز ۾ ٿيندا آهن. قلمي گلاب جون ڪافي جنسون باغن ۾ نظر اينديون آهن. اليگزينڊر برنس لکيو آهي تہ اتر سنڌ (خيرپور) جي گلابي گلن جهڙا گل هن ڪنهن بہ ملڪ ۾ نہ ڏٺا آهن.[7] لنگلي جي خيال موجب بہ خيرپور جي گلابي گلن جي خوشبوءِ يورپ

---

(1) ايضا. ص 41.

(2) دوست محمد سنديلو: "پوکن پچارون"، حوالو ڏنل آهي، ص 39

(3) ايضا. ص 43

(4) ايضا. ص 54

(5) Nayer Bari: "Souvenir on Date Production," Govt. Press, Khairpur, 1975

(6) Nayer Bari: "Souvenir on Date Production", Govt. Press, Khairpur, 1976.

(7) Alexzandar Burnes: "Caborl", Govt: Press, Lahore. 1961, p. 47


KHAIRPUR DISTRICT
SHOWING
ROADS, CANALS & NATURAL FEATURES.
Scale. 1" = 8 miles
N
SCALE 1" = 8 MILES
S.No.
REFERENCES
1 DISTRICT BOUNDARY
2 TALUKA "
3 RAILWAY & STATIONS
4 NATIONAL HIGH WAY
5 BLOCK TOP ROAD.
6 STONE SOLED ROAD
7 KACCHA ROAD
8 RIVER COURCE
9 CANALS
10 RIVER BUNS
11 REST HOUSES
12 RENGE OF HILLS
13 FORESTS
14 EARTH FILTERS (MATE)
15 ARAB MACHHI - KOT LALU ROAD
16 KHAIR PUR MANGHAN WARI ROAD
17 THERI - FAIZ WAH ROAD
18 KHAIRPUR WES FEEDER TO KOT MIR MOHD
19 BRICK PAVED OF KARUNDI
20 SAND HILLS
DISTRICT SUKKUR
DISTRICT LARKANA
TALUKA ROHRI
TALUKA NARA
BOUNDRY OF JAISALMIR (INDIA)
DISTRICT NAWAB SHAH
SANGHAR
TALUKA KHAIRPUR
TALUKA GAMBAT

خيرپور جي رياست جا ٿلهوڪا قدرتي وهڪرا






خيرپور ضلعي جو زراعتي ۽ سنواريل حصو



خيرپور جي ڪچي واري علائقي ۾ سنڌوءَ ڪناري قائم هڪ ڳوٺ

جي گلن کان وڌيڪ آهي.[1]

بيلا:

خيرپور ۾ بيلن جو جدا کاتو آهي، جنهن جي ذريعي شڪار گاهن جي اڪثريت بيلن ۾ تبديل ڪئي وئي آهي. هتي بيلا پنجن قسمن جا آهن[2]:

i. خاص رکيل (Reserved) بيلا
ii. روينيو جا بيلا
iii. ڪچي جا خانگي بيلا
iv. پڪي ۾ خانگي بيلا
v. هزهائينس جا بيلا

سال 1971ع ۾ خيرپور جي بيلن جي اُپت هڪ لک اسي هزار روپيا هئي.[3] خيرپور جي بيلن هيٺ آيل زمين جي ايراضي 6875 ايڪڙ آهي.[4]

هتان جي بيلن ۾ ٻير ۽ ڪنڊيءَ جي وڻن جي ڪثرت آهي، جن مان ڪافي انداز ۾ ڪوئلو پل ۽ عمارتي ڪاٺ مهيا ٿئي ٿو. درياهه جي پرسان باهڻ جا ڪافي وڻ آهن، جن مان جنڊيءَ جو سامان ٺهي ٿو. زرعي زمينن ۾ ٽاليءَ جا وڻ عام جام آهن، جن مان بهترين عمارتي ڪاٺ ملي ٿو. انهن کان سواءِ ٻيا وڻ جهڙوڪ پپر، نم، سرنهن، پپل، لئو، ٻڙ، ڪرڙ ۽ ڪبڙ وغيره به اڻ ڳڻيا آهن. بيلن مان عمارتي ڪاٺ ۽ بارڻ کانسواءِ بهترين ماکي ۽ ڪنئور ملن ٿا. واٽر ڪورسن ۽ ڪڙين جي ڪپن تي، خواهه بيلن ۽ شڪار گاهن ۾ بي انداز ٻوڙا ٿين ٿا، جن جي ڪانن مان پـترون، مُوڙا ۽ چِڪُون ٺهن ٿيون. ٻوڙن جي سرن مان ٽوئا ۽ ميڄ مان ڪافي انداز ۾ واڻ ٺهي ٿو.[5]

جهنگلي ٻوٽن مان ڦوڳ، ڪپ آڪ، توهه، اُبت ڪنڊڙي، ڪانڊيرا ۽ ٿما وغيره به کوڙ ٿيندا آهن. چوپائي مال جي چاري لاءِ هينيان گاهه به سنا ۽ گهڻي انداز ۾ ڦٽندا آهن: ساوڙي، چبر، ڍب، ڪبهه، منڌيري، ڇپري، ڏنهي، ڳم، ڳنڍير، ٻـٽر، چل، واهو سنجهه، چيڙ، جهنجهڻ، اِڪڙ للر، مريرو لنب، لوٽڪ، ناڙو چينو ڪل، چانهه، ڳڏهه چل ۽ ڊانچو وغيره

---

(1) Langley: "At the Court of Ali Murad", op. cit. p. 274

(2) Aslam, Memon, M: "Working Plan of Khairpur Forest Division", 1964. A typed copy in Forest Office, Khairpur.

(3) Office Record of Divisional Forest Officer, Kh.

(4) Ibid:

(5) Chief Minister's Note on Khairpur, 1952

**(ز) معدني پيدائش:**

خيرپور جو علائقو معدنيات جي لحاظ کان به پٺتي پيل نه آهي. هتي معدني پيدائش جا ڪافي ذخيرا موجود آهن. جن مان پٿر، ميٽ، لوڻ، کار، ڪوئلو ۽ چانيهو مشهور آهن.

**پٿر:**

هتان جي جبلن مان اڻ ڪٽ پٿر نڪري ٿو. جيڪو عمارتي ڪمن ۽ رستن جي تعمير ۾ ڪم ايندو آهي.

**ميٽ:**

پير ڪوڪي ۽ شادي شهيد وارين ٽڪرين ۾ ڪجهه ميٽ جون کاڻيون آهن. جن مان پاڪستان جي پيداوار جو پنجاهه سيڪڙي جيترو ميٽ نڪري ٿو.[1]

**لوڻ:**

ڪلراٺي زمين ۽ ڪجهه ڍنڍن ۾ لوڻ جا بي انداز ذخيرا آهن. انگريزن طرفان سنڌ قبضي ڪرڻ کان اڳ لوڻ کاتي جو جدا محڪمو هوندو هو اڄ به نونارين جي ڳوٺن جي پرسان ڪلر جا وڏا دڙا نظر ايندا. جتي لوڻ ناهڻ جا ڪارخانا هوندا هئا.

**ڪوئلو:**

ريگستاني علائقي ۾ ڦوڳ جا وڻ تمام گهڻا ٿيندا آهن. جن کي ساڙي بهترين قسم جو ڪوئلو ناهيندا آهن.

**کارو چانيهو:**

ناري تعلقي ۾ کاري پاڻيءَ جون ڪافي ڍنڍون آهن. جن مان کارو چانهيو نڪرندو آهي. انهن مان هيٺيون مشهور آهن:

**ناري جي پاسي واريون:**

ڍيرن واري تلي، ٻُلا واري، ٻگهڙ وارو ڍيل، سڪ چاهو چگاري چاهي واري، چگاري ڪلر واري، ترائي پير نانگو ڪريري چاچ واري، دوسي واري، ڍبريون، ڪلر واري، ورچورا سر، قارن واري سر، ٽيڪٽي، آچرو بيترو پارو واري، نانگن وارو چلهن وارو منڙي، گلو واري، پوچي واري، لاهوري، چنمپ واري، ترائي واري، مير واري جتو واري، ڪريري موجن واري، برتڪو واري ميٺهڙي، اُبراند ڍيرن واري، لالڙي سن ڙي، لالڙي لمبڙي واري، لبڙو لالڙي وڏي، گنجا واري، متي وارو ڪارا اوڪر، ڪبڙ وارو

---

[1] Chief Minister's note on Khairpur, 1952

ڪڪرن وارو ڊرگ واري، اشرف وارو ڪِنو چاھو ترائي بارڪو بارڪو سيداھو چارڪن وارو وڏو چارڪن وارو ننڍو هزاري، سر واري، مقام واري، رام راھہ سيدن وارو آسر ۽ مونڙن وارو.[1]

**جبي واريون:**

پکيارو گنھور وارو نار وارو لئي واري، ڦارن وارو گادن واري، ڪلبو وارو گپنم، آهيہ وارو آچرو ٻڊرو ڪنڊي وارو ٻمبالوئي وڏي، ٻمبالوئي ننڍي، رحيم وارو گدڙ وارو پڊريو جارن وارو واٽ وارو وارن وارو مٽرن وارو ٻورن وارو منچر، ڳاڙھو گھوٽ، ڪارو وارو سوجي ننڍي، سوجي وڏي، ڪرو جھنڊوئي وڏي، جھنڊوئي ننڍي، ڊپو ڳانڊي، سنوئي ننڍي، سنوئي وڏي، سنوئي ڪوٽن واري، سنوئي ڳاڙھي، سنوئي نار واري، گابن وارو روجي وارو عبدالرحيم، ليٽڻ عبدالرحيم، لاٽي واري، نئون ريٽ، ريٽ پريو ڀائون ڪوٽ ڪوڙو نروئي، دبورا، ساوڙي علڻ، ساوڙي اُبراند، ٽُرھڻ، سن ڙي، مچوئي، لوڻ ڪاڻ اُبراند، ليارا چندروئي، دڪاني، پور چندر ڪڙي ۽ لوڻ ڪاڻ علڻ.[2]

**(س) مڇي:**

خيرپور جي اقتصاديات ۾ مڇيءَ کي بہ اوائل ڪان وني وڏي اهميت رهي آهي. هتان جي حدن مان وهندڙ درياھہ ان جي وهڪرن، واهن، نالين، ڍنڍن ڍورن ۽ ڪڏن مان هميشہ ڪان وني بي انداز مڇي مرندي رهي آهي. ميرن جي دور ۾ مڇي ايتري گهٽي ۽ سستي هوندي هئي جو هڪ دفعي اليگزينڊر برنس هڪ روپئي ۾ بہ ڪارا خريد ڪيا هئا. جن ۾ اسي ڏنيرا هئا.[3]

موجوده وقت ۾ گهٽا ٻيلا ۽ شڪار گاھہ ڪٽجي ويا آهن ۽ ڪيتريون ئي ڍنڍون ۽ ڍورا سُڪي آبادي هيٺ اچي ويا آهن. تنهنڪري اڳي جيتري مڇي پيدا نٿي ٿئي، ان هوندي بہ باقي بچيل ڍنڍن ڍورن ۽ واهن مان ڪافي انداز ۾ مڇي ملي ٿي، جنهن جا سرڪاري طور تي ٺيڪا ڏنا ويندا آهن. هتي پلي ۽ ساموندي مڇيءَ کانسواءِ هر قسم جي مڇي ملي ٿي. هتان جي مڇيءَ جا هي قسم مشهور آهن: ڏنيرو موراکي، ٿيلهي، گندڻ، جرڪو ڪڳو سينگاري ۽ گوج.

اڄ ڪلھہ درياھہ جي پتڻن کان سواءِ هينين ڍنڍن، سم نالين، واھن ۽ ڪڏن مان مڇي مرندي آهي[4]:

---

(1) Cotter, G: "Alkaline Lakes & Soda Industry of Sind",Geological Deptt Govt: Press, Bombay, 1923, pp. 216 to 228.

(2) Cotter, G: op. cit. pp. 235 to 247

(3) Alenxander Burnes: "Caboof", op.cit. p.6

(4) Office Record District Council, Khairpur, 1976

**خيرپور تعلقو:**

(i) سم نالي روهڙي ڪئنال کان ٽنڊو مستي تائين. (ii) روهڙي ڪئنال مختلف جڳهن تي. (iii) مير واهه مختلف جڳهن تي. (iv) ابل واهه مختلف جڳهن تي. (v) ڪارو ڍنڍ نئون ڍنڍ ۽ پٽ وارو ڍنڍ. (vi) چامارو ڍنڍ. (vii) خالقڏني وارو ڍنڍ. (viii) سم نالي لقمان کان ڪلهوڙن جي ڳوٺ ڏٽين. (ix) شيخن ۽ اُنڙن واري ڍنڍ. (x) بچل ميربحر ۽ نواز بروچ وارو ڍنڍ. (xi) ڪوڙي وارو ڪنب ۽ چاڪر وارو ڍنڍ. (xii) ڍنڍ ڪانڊي ۽ سم نالي نهال آرائين. (xiii) ورري ڳوٺ کان بورنگ مشين تائين نالي. (xiv) ڪيهرن وارو ڍنڍ. (xv) غوثو وارو ڍنڍ. (xvi) ميري خروس وارو ڍنڍ. (xvii) نواز علي ناريجي وارو ڍنڍ. (xviii) گڙنگ ڍنڍ. (xix) سمٽو ڍنڍ. (xx) پنجل شاهه وارو ڍنڍ. (xxi) چتي وارو ڍنڍ. (xxii) عيسل وارو ڍنڍ. (xxiii) عبدالمجيد وارو ڍنڍ. (xxiv) ياني ميربحر وارو ڍنڍ. (xxv) ڳاڙهي ميري وارو ڍنڍ. (xxvi) گهمرن واري ڍنڍ.

**گمبٽ تعلقو:**

(i) جهلي بند کان گهار بهارو تائين ڍنڍ- (ii) چانهين راضيديرو- (iii) غلام جعفر گس وارو ڍنڍ- (iv) گهارو گلو سيال خواجن کان ميران بخش تائين.(v) ريل پيلي چاٽي، حسڻ ميربحر کان علي مراد ڪلهوڙي تائين- (vi) ڍنڍ شڪاري گهانگهري- (vii) ڪيتي، ڪنوري کان منگي ماڙي- (viii) ڪوٽ وارو ڍنڍ ۽ نجم الدين الڙ وارو ڍنڍ- (ix) ڍنڍ ڪوٽ چانڊڪو يعقوب ڪلهوڙو (x) ڪيتي، انڙ کان مريد شيخ تائين- (xi) سدا واهه. (xii) گهارو گلو سيال پاڻ وارو- (xiii) ڪڪو وارو ڍنڍ- (xiv) ڍنڍ صوبو ڀاڳت (xv) ڪٽ چانڊڪو پتڻ.

**مير واهه تعلقو:**

(i) واپڊا نالي عطا محمد لنڊ کان بورنگ مشين تائين-

**نارو تعلقو:**

(i) چوٽي- (ii) ڀڪڻ- (iii) لياري- (iv) ڪنڌي- (v) پٽاشو- (vi) مورو- (vii) حسڻ- (viii) ناموڪ (ix) گوپ- (x) توتن- (xi) گهوڪ (xii) ڪلڻ- (xiii) مريد علي- (xiv) گهرڪٽو- (xv) ڪچلي- (xvi) سمٽو- (xvii) ڏولي- (xviii) سانگ جيوٽو- (xix) چوڦير- (xx) مجو- (xxi) بچايو- (xxii) اڏوهٽو- (xxiii)- اڏ ڍبي-

**(ش) جانور:**

خيرپور چوپائي مال ۽ جهنگلي جانورن کان به مشهور آهي- مير واهه، فيض گنج، ۽ نارو تعلقا، توڙي ڪچي وارو سارو علائقو ڀاڳين جي پاڻن سان پريو پيو آهي.

اوائلي ميرن جي زماني ۾ ، مال جي ايتري گهڻائي هوندي هئي، جو مالدارن جون مينهون، ڳئون، ڍاڇيون، رڍون ۽ ٻڪريون اڻ ڏڏيون ڇتنديون هيون.[1] اهو ئي سبب آهي جو هتي جا ماڻهو پنهنجين ڳئن مينهين جو ڏڌ، کير ۽ گيهه مکڻ کائي پي، ڏاڍي موج ۽ مزي ۾ بي غما ۽ بي گوندرا تي گذاريندا هئا.[2] شهرن ۾ مکڻ جون پيڙيون پرچي وڪامڻ ايندون هيون.[3] خيرپور جي ميرن ۽ ٻين اميرن کي سواريءَ جي بهترين وهٽن ڏارڻ جو شوق بہ عشق جي حد تائين پهتل هوندو هو.[4] هو هر سال عاليشان گهوڙا خريد ڪندا هئا. وٽن سٺن گهوڙن کان سواءِ اعليٰ نسل جا ڪتا بہ هوندا هئا. جي هو اتر وارن ملڪن مان گهرائيندا هئا.[5] ڪين بازن ۽ گهوڙن کي هيرائڻ جو ڪم لکڻ پڙهڻ کان بہ وڌيڪ دلچسپ نظر ايندو هو. هو گهوڙن کي هڪدم ڦيرڻ، بيهڻ، چال مارڻ، زمين تي ڪري پوڻ ۽ مشرقي نموني جي ٻن ڪرتبن جي مشق ڪرائيندا هئا. هتان جي غريبن وٽ بہ گهوڙي هڪ گهر جو ياتي ڪري جاتي وبندي هئي. گهڻا ماڻهو پاڻ وقت تي ماني نہ کائيندا هئا، پر پنهنجن پيارن وهٽن کي بک نہ ڏيندا هئا.[6]

1952ع ۾ خيرپور جي حدن اندر ٻن لکن کان وڌيڪ چوپايو مال هوندو هو. جنهن مان ستونجاهه هزارن کان وڌيڪ ڳئون، اٺيتاليهه هزارن کان وڌيڪ ڍڳا، ٽيويهه هزارن کان وڌيڪ مينهون ۽ چاهٺ هزار کان وڌيڪ رڍون ۽ ٻڪريون هيون. اُٺ گهوڙا ۽ گڏهہ بہ عام جام هئا.[7] هتان جي چوپائي مال ۽ وهٽن جا هاڻوڪا انگ اکر هي آهن[8]:

| | خيرپور | ڪوٽڏيجي | گمبٽ | ميرواهه | فيض گنج | نارو |
|---|---|---|---|---|---|---|
| مينهون: | 37374 | 35374 | 36375 | 37475 | 33573 | 30671 |
| ڳئون: | 43312 | 46213 | 40312 | 42233 | 44613 | 3294 |
| رڍون: | 50413 | 19855 | 36273 | 23191 | 28715 | 21241 |

(1) امير عليٰ شاهه، "سنڌ جي تاريخ"، قلمي مسودو مملوڪ سيد روشن شاهه ساڪن کهڙا.

(2) فتح محمد سيوهاڻي، حڪيم، "ميرن جي صاحبي"، الوحيد پريس ڪراچي، 1924ع ص 15.

(3) ايضاً. ص 89.

(4) دوست محمد خان، مير: "سرگزشت تالپران" قلمي مسودو مملوڪ مير وليداد خان ٽالپر.

(5) جيمس برنس: "سنڌ جي دربار"، سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1964ع، ص 96.

(6) رچرڊ برٽن: "سنڌ ۽ سنڌو نديءَ ۾ وسندڙ قومون"، سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1971ع، ص 505، 210، 211.

(7) Chief Minister's note on Khairpur, 1952

(8) Office Record of Asstt: Director, Animal Husbandry, Khairpur, 1976

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ٻڪريون: | 43704 | 35912 | 45954 | 47014 | 31394 | 19212 |
| اُٺ: | 5340 | 6750 | 5746 | 4830 | 5440 | 1509 |
| گهوڙا: | 6200 | 9110 | 5112 | 4107 | 1202 | 1109 |
| گڏهه: | 1430 | 780 | 100 | 250 | 175 | 312 |

خيرپور جي ٻيلن ۽ جهنگلن ۾ هرڻ، ڦاڙها، گدڙ لومر، سيڙهه، سها ۽ سوئر بي انداز لڀن ٿا.[1] اڳ چيتا ۽ بگهڙ بہ هوندا هئا، جيڪي هاڻي گهٽجي آبادي سبب ختم ٿي ويا آهن. 1965ع واري هندستان ۽ پاڪستان جي جنگ کان پوءِ هرڻ بہ گهٽجي ويا آهن.

مير علي مراد خان جي ڪوشش سان سنڌ ۾ ڪارن هرڻن جو نسل رائج ٿيو هو. هن کان اڳ هن صوبي ۾ ڪارن هرڻن جو نشان ئي ڪونہ هو. مير علي مراد خان وٽ هڪڙي حالتگهي جا سڱ 26 انچ ڊگها هئا، ۽ هڪڙي هرڻ جا سڱ 16 انچ ڊيگهہ ۾ هئا.[2]

(ص) پکي:

خيرپور ۾ ڪافي وڻ ٽڻ، ٻيلا ۽ جهنگ آهن. ان کان سواءِ هتان جي آبهوا ۽ زمين جون قدرتي حالتون اهڙيون آهن. جو پکين جي گذاري لاءِ جهنگ جهر ۾ ڪافي آن پاڻي ۽ موزون غذا مهيا ٿي سگهي ٿي. ان ڪري هتي بي انداز پکي رهن ٿا.[3] سڄي سنڌ وانگر هتي بہ ٻن قسمن جا پکي نظر ايندا آهن: هڪڙا گهريلو ۽ ٻيا جهنگلي. گهريلو پکين مان مختلف قسمن جون ڪڪڙيون، بدڪون، ڪاز ۽ ڪبوتر مشهور آهن. ڪي شوقين مور، باز، تتر ۽ بلبليون بہ ڌاريندا آهن. جهنگلي پکي ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا ديسي ۽ ٻيا پرديسي. ديسي ۽ پرديسي پکين مان بہ هڪڙا سڪيءَ جا آهن، تہ ٻيا پاڻيءَ جا. هتي ٻنهي قسمن جي پکين جا نالا ڏجن ٿا:

**ديسي پکي سڪيءَ جا:** ڪانءُ، ڪٻر، جهرڪي، هيڙهو ملهالو ڦوسي، ڪتياڻي، چتون، ڳيرو اڇو تتر، ڪارو تتر، پٽ تتر، سرڻ، ڳجهہ، گورخر، ڪاٺ ڪٽو بلبل، چيهو مينا، موسڙو ترڪلو، چيرو، چنڊول، ڪبوتر، پاريهل ۽ تلور.

بازن مان لغڙ نر ۽ مادي، بحري، بحري بچو شاهين، شاهينچو ترمچي، چٽوو شڪرو چپڪ ۽ عقاب ديسي سڪيءَ جا پکي آهن.

---

(1) Chief Miniter's Note on Khairpur, 1952

(2) رحيمداد مولائي شيدائي: "جنت السند" حوالو ڏنل آهي، ص 688.

(3) Sorley, H.T: "Gazetteer of W. Pakistan", op. cit. p.58

**پرديسي پکي سکيءَ جا:**

چانهه، هد هد، ڪوئل، ڪٽڇي، ابابيل، ڪارو وهيو ڪبرو وهيو بازن مان باز، زرو باشو بشين، چرخ ۽ چرغيلو سڪيءَ جا پرديسي پکي آهن.

**ديسي پکي پاٽيءَ جا:**

ڪڪئي، ڪوڪڙات، سانهن، ڪانئيرو، منگهه، جهنگ ڪڪڙ، گهگهه، ڏوئلو ڪانيرو ڪينائي، ٽوبر، ڪيٽاهه، سنگ ۽ گاجر.

**پرديسي پکي پاٽيءَ جا:**

گونج، پيڻ، نيرڳي، ڪارو بهار، بهار، هنجر، لڙاندبو، پڏٽو ڦاروو، بيرولي، چهه، پينئر، پنئو تريو هاڙهي، هنج، للر هنج، ڪرڙو ۽ تہ گوش، شيخلو.

**(ض) جيت جڻيا:**

سنڌ جي ٻين حصن وانگر خيرپور واري علائقي ۾ بہ طرح طرح جا نانگ بلائون ۽ ٻيا انيڪ قسمن جا جيت جڻيا نظر ايندا آهن، جن مان ڪن جا نالا هي آهن:

**نانگ:**

ڪاريهر، ڪنيارو تليهر ۽ چهڙو.

**بلائون:**

لنڊي، سرنگهه، پيئڻ، ڪوريل، پدم، گهوڙيل، ڪپر ۽ هڻ ڪڻ.

**ٻيا جيت:**

ڪنول، ماڪوڙي، تندڻ، ڪوريئڙو پوپٽ، پنيوري، گهريتڙي (پونگري)، اُڏهي، تڏ مچر، مک، ڪتي جي مک، ماکي جي مک، ڏينيو پنئور ۽ تاندراٽو. انهن کان سواءِ ڪرڙي، سانڊو، ٺور، ڳوهه، گلوئي ۽ نوريئڙو وغيره بہ جام ٿيندا آهن.

باب ٻيو

# خيرپور جو تعارف ۽ قديم آثار

**تعارف:**

سن 1783ع کان اڳ خيرپور جي ڪا بہ سياسي حيثيت ڪا نہ هئي. هيءَ هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو هوندو هو جتي ڪجهہ ”ٻوراوا“ ذات جا ماڻهو قلپوٽن جون زمينون آباد ڪندا هئا.[1] هن ڳوٺ کي ”ٻوراهڻ“ ”ٻوراون واري وانڊ“ ۽ ٻورن واري خيرپور سڏيندا هئا.[2]

سنڌ ۾ مسلمانن جي فتح کان اڳ، هي ڳوٺڙو اروڙ جي حدن ۾، هندن جي حڪومت هيٺ هو.[3] ان بعد عرب، سومرا، سما، مغل، ارغون، ترخان، افغان ۽ ڪلهوڙا هتان جا حاڪم رهيا. آخرڪار 1783ع ۾ جڏهن ٽالپرن سنڌ جي حڪومت تي قبضو ڪيو، تڏهن مير سهراب خان خيرپور ۾ اچي پنهنجي الڳ رياست قائم ڪئي، جيڪا سٺ سالن تائين بلڪل خودمختار رهڻ بعد 1843ع ۾ انگريزن جي قبضي ۾ اچي ويئي. انگريزن سموري سنڌ تي قبضو ڪري، مير سهراب خان جي حڪومت جو ڪجهہ حصو سندس ننڍي پٽ مير علي مراد خان کي هڪ ڏيهي رياست جي صورت ۾ ڏنو. اها ڏيهي رياست جولاءِ 1947ع تائين انگريزن جي ماتحت، ۽ پوءِ پاڪستان جي نگراني ۾ رهي.۽ مير علي مراد خان جي اولاد مان هڪ ٻئي پٺيان پنج نواب: مير فيض محمد خان، مير امام بخش خان، مير علي نواز خان، مير فيض محمد خان ثاني ۽ مير علي مراد خان ثاني سندس سربراهہ رهيا. آخرڪار 14 آڪٽوبر، 1955ع تي اها رياست ختم ٿي سنڌ حڪومت جو هڪ حصو بڻجي ويئي.[4] هن وقت اها سابق رياست سنڌ جو هڪ ضلعو آهي.

---

(1) Pithawala: "A Geographical Analysis of Khairpur," Govt: Press, Karachi, 1935, p. 33.

(2) زباني روايت: صاحبزادو مير حاجي غلام حسين خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽ ڏيجي.

(3) See Ref: 1, p.2

(4) عطا محمد، حاجي: مضمون ”رياست خيرپور“، قلمي، 1960ع.

خيرپور جو اڌ کان وڌيڪ حصو ريگستاني علائقو آهي، جتي واري جون وڏيون ڀٽون پکڙيل آهن. انهن ڀٽن جو سلسلو بهاولپور رياست جي چولستان جي علائقي کان شروع ٿئي ٿو ۽ سنڌ جي ٿرپارڪر ضلعي ۽ ڪڇ جي رڻ سان وڃي لڳي ٿو. هن وقت اهو سارو علائقو هڪ غير آباد ريگستان آهي، مگر ڪنهن وقت پراڻي تهذيب جو گهوارو رهيو آهي. ڇو جو انهن غير آباد ڀٽن ۾ ڪيترائي نيڪرانا نظر اچن ٿا، جيڪي پراڻي زماني جي خوشحالي ۽ آسودگيءَ جي ساک ڀرين ٿا. هيئين جڳهيون تاريخ کان اڳي واري زماني جون يادگار معلوم ٿين ٿيون.

i. ڏيجيءَ جو دڙو:

هي دڙو ڪوٽ ڏيجيءَ جي قلعي جي اتر طرف کان ڪراچيءَ واري شاهراهه جي ڀرسان آهي. هن دڙي ۾ دفن ٿيل تهذيب جي نشاندهي 1935ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جي هڪ اسڪالر ماڌو سروپ ڪئي هئي. سندس خيال موجب اها تهذيب تاريخ کان اڳ واري زماني جي هئي.[1] ان کان پوءِ 1955ع ۾ قديم آثار جي محڪمي، نومبر مهيني ۾ کوٽائي جو ڪم شروع ڪيو. وري سال 1957ع ۾ آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر جا ٽي مهينا ٻيهر کوٽائي ڪرائي ويئي. انهيءَ کوٽائي جي ڪم لاءِ مير علي مراد خان ثانيءَ جي طرفان ويهه هزار رپين جو عطيو ڏنو ويو.[2] کوٽائيءَ مان جيڪي شيون هٿ آيون، تن کي ڏسي قديم آثارن جي ماهرن اندازو لڳايو تہ ڪوٽ ڏيجيءَ جي تهذيب موهن جي دڙي واري تهذيب کان سٽ سؤ سال پراڻي آهي.[3] انهيءَ دڙي جي ڊيگهه اوڀر کان اولهه طرف ٽي ڇهه سؤ فوٽ، ويڪر چار سؤ فوٽ ۽ اُچائي چاليهه فوٽ آهي.[4]

اهو دڙو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ حصي ۾ عام ماڻهو رهندا هئا ۽ ٻئي حصي ۾ هڪ عاليشان قلعو آهي، جنهن ۾ حڪمران طبقي جي رهڻ جون جايون آهن. انهيءَ قلعي مان شهر جي حفاظت بہ ڪئي ويندي هئي. قلعي جي ٻاهران هڪ وڏي ۽ ويڪري ڀت نڪتل آهي.

هن دڙي مان ظاهر ٿيل قلعو شهر جون جايون پٿر جا اوزار هٿيار ۽ مٽيءَ جا ٿانوَ هڪ محقق جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائن ٿا. انهن جي بناوت مان ماهرن اندازو لڳايو

[1] Pithawala: "Some Old Sites in Sind," Govt. Press, Karachi, 1938, p.485

[2] Khan, F.A, Dr: "Pakistan Archaeology, No.2_1965," International Packing Co: Karachi, 1965, p.14

[3] Khan, F.A, Dr."Kotdiji," Feroz Sons, Karachi, 1958, pp.19, 20

[4] Khan, F.A, Dr. "Kotdiji", Feroz Sons, Karachi, 1958, p.19, 20.

آهي تہ هيءُ شهر سنڌ جي انهن ابتدائي شهرن مان آهي، جتي مهذب زندگيءَ جو آغاز ٿيو هوندو. هن شهر جي تباهيءَ متعلق بہ ماهرن جو خيال آهي تہ ڪن ماڻهن اوچتو حملو ڪري ساري شهر کي باهہ ڏني هوندي، ڇو جو قلعي کان وٺي ساري شهر جي مٿان سڙيل خاڪ جا تهہ جميل آهن. اهو بہ ممڪن آهي تہ اها باهہ هڙاپا جي ماڻهن حملو ڪري ڏني هجي جو ٻنهي هنڌن تان هٿ آيل ٽانوَن ۾ هڪ جهڙائي نظر اچي ٿي. شايد ڪوٽ ڏيجيءَ تي فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ هڙپا جا ڪاريگر اهو هنر سکي ويا هجن.[1]

دڙي جي ڪوٽائي مان هن ڳالهہ جو پڪو ثبوت مليو آهي تہ هتان جا ماڻهو امن امان جي زندگي بسر ڪندا هئا ۽ مختلف ڌنڌن ۾ مشغول رهندا هئا. ٽانوَن ٺاهڻ جو ڪم ڪمال ترقيءَ تي پهچي چڪو هو. ٽانوَ چيڪي مٽيءَ مان ٺاهيندا هئا. پٿر جا اوزار ۽ هٿيار بہ وڏي مهارت سان تيار ڪندا هئا.[2]

ii. سيراج جي ٽڪري:

هيءَ جڳهہ ڪوٽ ڏيجيءَ کان ڇهن ميلن جي مفاصلي تي اُين شاهہ جي سامهون آهي. هن کي سيراج جي ٽڪري سڏيندا آهن. اتي بہ ڌنارن جي هٿان لڌل شيون ڏسي مير علي نواز خان سن 1935ع ۾ کوٽائيءَ جو ڪم شروع ڪرايو هو پر اُن وقت پئسي جي تنگي ۽ مهارت رکندڙ عملي جي ڪميءَ سبب اهو ڪم ڪنهن نتيجي نڪرڻ کان سواءِ روڪجي ويو.

iii. ناروءَ وارو دڙو:

هيءَ جڳهہ ٽنڊي مستي خان ۽ ڪوٽ ڏيجي جي رستي جي پرسان، ڪوٽ ڏيجيءَ کان ستن ميلن جي مفاصلي تي آهي. هي هڪ واريءَ جو دڙو آهي، جنهن جي ڊيگهہ پنجويهہ سؤ فوٽ، ويڪر پنڌرهن سؤ فوٽ، ۽ اُچائي پنجويهہ فوٽ آهي. هن تي ڪافي نيڪرانو آهي. هتان ڌنارن جي هٿان لڌل ٺڪريون ۽ ڪجهہ ٺڪر جا ٽانوَ پراڻي تهذيب جي نشاندهي ڪن ٿا. سن 1935ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جي هڪ پروفيسر ڊاڪٽر گهوري (Ghury) اهو دڙو ڏسي ٻڌايو هو تہ اهو دڙو ۽ ڪوٽ ڏيجي جو دڙو ٻيئي هڪڙي وقت جا ۽ پراڻي تهذيب جا يادگار آهن ۽ اتان هٿ آيل ٺڪريون ۽ ٽانوَ موهن جي دڙي مان لڌل شين سان مشابهت رکن ٿا.

---

[1] ظفر عمر زبيري: "قديم تهذيبين"، انٽرنيشنل پريس، ڪراچي 1961ع ص 116 ۽ 117.

[2] ايضاً. ص 115.

1 سيپٽمبر 1955ع تي قديم آثار جي محڪمي وارن هن دڙي جو معائنو ڪيو هو. هنن ڪجهه کوٽائي ڪري اندازو لڳايو هو ته اهو نيڪرانو صرف ڇهن انچن اندر آهي. هن مان ڪجهه ٺڪر جا ٽانوَ به لڌا ويا هئا. جيڪي هڙاپا واري تهذيب سان مشابهت رکن ٿا. هن دڙي ۾ عمارتون وغيره ڪين آهن. ان ڪري ماهرن جو خيال آهي ته هتي هڙاپا وارن عارضي طور تي ڪجهه وقت رهائش ڪئي هوندي.[1] راقم الحروف به هن دڙي مان هڪ سالم لوٽي ۽ ڪجهه رنگين ٺڪريون هٿ ڪيون آهن، جيڪي سنڌالاجيءَ ۾ محفوظ آهن:

iv. ليلا جا آتڻ:

هي جڳهه ديهه اڪڙي تعلقي فيض گنج ۾ آهي ۽ اڪڙيءَ جي ڳوٺ کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي.[2] هتي ٻن ميل کن جي ايراضيءَ ۾ هڪ وڏو نيڪرانو آهي، جنهن جو ڪجهه حصو نواب شاهه ضلعي جي حد اندر اقبال اسٽيٽ ۾ واقع آهي. هتان به ڪجهه ٺڪريون ۽ هڪ ٺڪر جي مورتي هٿ آيا. اهي شيون سنڌالاجي ۾ محفوظ آهن. اتان جا ماڻهو پنهنجن وڏن کان ٻڌندا آيا آهن ته اهو شهر برهمڻ آباد سڏبو هو ۽ ان جڳهه کي ليلا جا آتڻ به سڏيندا هئا.[3]

v. ننديا آتڻ:

هيءَ جڳهه اڪڙيءَ جي ڳوٺ کان ڏيڍ ميل کن پنڌ تي ديهه ٽيلاهو تعلقي مير واهه ۾ آهي. اُتي ٻن ويسن جي ايراضيءَ ۾ هڪ دڙو آهي، جيڪو پراڻين ٺڪرين ۽ پڪين سرن سان ڀريل آهي. انهيءَ جڳهه کي ليلا جا ننديا آتڻ سڏيندا آهن.[4]

vi. اٽراهه جي پٽي:

هيءَ جڳهه محراب پور جي شهر ۽ ٽنڊي مير عاليءَ جي وچ تي آهي، جتي ٻن ٽن ميلن ۾ هڪ وڏو نيڪرانو آهي جنهن کي اِٽراهه جي پٽي سڏيندا آهن. اها پٽي ديهه محمد اصحابي، تعلقي مير واهه ۾ آهي.

---

(1) Pithawala: "Some Old sites in Sind," op.cit.p.85

(2) Khan, F.A, Dr: "Pakistan Archaeology, No: 1- 1964," William Clowes & Sons, London, 1964, p.43

(3) زباني روايت: دانل خان شر ساڪن ڳوٺ مينگهو شر ۽ سندس ڪجهه ساٿي.

(4) زباني روايت: دانل خان شر ساڪن ڳوٺ مينگهو شر ۽ سندس ڪجهه ساٿي.

vii. ابل ويسر وارو دڙو:

هي جڳهه ٺريءَ جي ڳوٺ کان ڏيڍ ميل کن جي مفاصلي تي ابُل ويسر جي ڳوٺ جي ڀرسان آهي. هي هڪ وڏو دڙو آهي، جيڪو ٺيڪرائي سان ڀريل آهي. اهو دڙو ديهه سانيو تعلقي ميرواهه ۾ آهي.[1]

vii. درن جي پير وارو دڙو:

هيءَ دڙو ديهه جلباڻي، تعلقي ميرواهه ۾ آهي.[2] هيءَ هڪ وڏو پٽ آهي، جنهن جي ڀرسان هڪ پراڻو قبرستان آهي، جنهن کي درن واري پير جو مقام سڏيندا آهن. اتي ڪافي ٺڪرانو موجود آهي.

ix. باغو ڍورو وارو دڙو:

هيءَ دڙو ديهه باغو ڍورو تعلقي ميرواهه ۾ ٺريءَ جي شهر کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي آهي.[3] اتي ڪافي ٺيڪرانو موجود آهي. انهيءَ دڙي جي هيٺان ڪيڻ وهائيندي، ٽي پراڻا کوهه هٿ آيا آهن. اهو دڙو ۽ کوهه شرف الدين پنجابيءَ جي ڳوٺ جي ڀرسان آهي.

x. لهيري وارو دڙو:

هيءَ دڙو ديهه "نئون لهيرو" تعلقي فيض گنج ۾ آهي.[4] هن دڙي جي ايراضي تقريباً ميل کن ٿيندي. هتان ماڻهن کي ڪافي سرون ۽ سڪا هٿ آيا آهن. ڪجهه سال اڳ ماڻهن کوٽائي ڪندي هڪ جڳهه لڌي هئي، جنهن ۾ ٻه ڏاند جوٽيا بيٺا هئا ۽ ان جڳهه جي هڪ جاري ۾ هڪ لڪڻ رکيو هو. پر جڏهن انهن شين کي هٿ لاتو ويو تڏهن هڪدم ڀري ۽ مٽي ٿي ويون. انهيءَ دڙي مان امير بخش پاتي نالي هڪ ماڻهو سرون ڪڍي، پنهنجي جاءِ تعمير ڪرائي آهي، جيڪا اڃا تائين سلامت بيٺي آهي.

xi. ڳاڙهو پڙو:

هيءَ پڙو ديهه ڪرم خان راڄپر تعلقي فيض گنج ۾ بهڻ واري ويري ۾ . خير

---

[1] زباني روايت: حاجي محمد بچل رٽائرڊ سپروائيزر، ساڪن شهر ٺري.

[2] ايضًا.

[3] ايضًا.

[4] زباني روايت: رئيس شرف الدين خان راڄپر، ڳوٺ بصيرو تعلقو فيض گنج.

محمد ٻھڻ جي ڳوٺ جي ڀرسان آهي.[1] ڳاڙهي رنگ جي واريءَ جو هڪ وڏو دڙو اڌ ميل ڪن ايراضي ۾ آهي. هتي به ڪافي نيڪرانو آهي ۽ برسات جي موسم ۾ ڏنار متي ۽ پٿر جا انيڪ رانديڪا هٿ ڪندا آهن.

xii. علي اصحابو وارو دڙو:

هيءَ دڙو ديهه جاڪيري، تعلقي فيض گنج ۾ سهڻ واري ويري ۾ آهي.[2] علي اصحابو نالي هڪ بزرگ جي تربت به آهي. انهيءَ جي ڀرسان هڪ جڳهه تان ڪوٺائي ٿيل آهي ۽ ڪنهن نڪتل ديگ جا نشان نظر اچي رهيا آهن. ان جاءِ تي ڪچين سرن جي اوساري ٿيل آهي. انهن سرن تي جيڪي متيءَ جا وڏا تهه چڙهيل آهن. انهيءَ جاءِ جي سامهون هڪ وڏي پٽ ميل ڪن جي ايراضيءَ ۾ آهي، جنهن تي ڪافي انداز ۾ نيڪرانو موجود آهي. اتان به ڪجهه رنگين چٽن واريون ٺڪريون هٿ ڪري سنڌالاجي ۾ محفوظ ڪيون ويون آهن.

xiii. ٿاريءَ وارو نيڪرانو:

هيءَ نيڪرانو علي اصحابو جي تربت کان ڏيڍ ميل ڪن جي مفاصلي تي ديهه بصيرو ۾ آهي.[3] اتان جي ماڻهن پنهنجن وڏن کان ٻڌل روايت موجب ڳالهه ڪئي، ته ڪنهن زماني ۾ اتان درياهه وهندو هو ۽ اتي هڪ مياڻي هوندي هئي. اڄ ڪلهه ان جڳهه کي ٿاريءَ وارو نيڪرانو سڏيندا هئا.

xiv. شهيدن وارو نيڪرانو:

هيءُ شير بيگ خان مري ۽ ڏيرهه ڳوٺن جي وچ تي، فيض گنج تعلقي ۾ هڪ دڙو آهي، جنهن جي ڀرسان به پراڻيون تربتون آهن، جن جي متعلق اتان جا ماڻهو چون ٿا ته سيد علي تقي ۽ سيد محمد شفيع جون آهن. ان دڙي تي نيڪرائي سان گڏ هڪ کوهي ۽ جاين جا ڪجهه نشان به موجود آهن.

xv. ستهه وارو دڙو:

هيءَ ديهه ڪنياري تعلقي جي فيض گنج ۾ ستهه واري ويري ۾ هڪ وڏو پڙو هوندو هو جنهن جو گهڻو حصو ماڻهن آباديءَ هيٺ آڻي ڇڏيو آهي. هاڻي به پنجن

---

[1] ايضا.
[2] ايضا.
[3] ايضا.



ڪوٽ ڏجي ڏڙي جو ساحلي حصي وارو عام نظارو



ڪوٽ ڏجي قلعي جو هڪ ٻيو نظارو



ڪوٽ ڏجي جي دڙي مان
لڌل ٺڪر جا ٿانوَ





ڪوٽ ڏجي جي دڙي مان لڌل ٺڪريون



ڪوٽ ڏجي جي دڙي مان لڌل پٿر جا اوزار

ڇهن ايڪڙن ۾ هڪ وڏو نيڪرانو موجود آهي. ڏهہ سال کان اڳ هن پڙي جي پرسان وڏيري سوڀاري خان ٻانيڻ جي هارين هر ڪاهيندي هڪ هڏائون پڃرو لڌو هو. جيڪو ان جڳهہ جي پرسان ٻيهر دفن ڪري ڇڏيائون. انهن هارين ڳالهہ ڪئي تہ انهيءَ لاش جا هڏا عام ماڻهن جي هڏن کان وڏا ۽ مضبوط هئا. انهيءَ دڙي مان بہ ڪجهہ رنگين نڪريون هٿ ڪري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ محفوظ ڪيون ويون آهن. هتان ڪجهہ ماڙيچن نڪر جا وڏا مٽ بہ لڌا هئا، جيڪي هنن ڀڃي ڀري ڇڏيا.[1]

### xvi. پٽ وارو پڙو:

هيءُ پڙو ديهہ بصيرو تعلقي فيض گنج ۾ پٽ واري وبري ۾ آهي.[2] ڇٺن پنجن ايڪڙن جي ايراضيءَ ۾ ڪافي نيڪرانو آهي. اُتان جي ماڻهن جي روايت موجب اتي بہ ڪنهن زماني ۾ هڪ وڏي مياڻي هوندي هئي. اهو دڙو حاجي معلوم خان راڄپر جي ڳوٺ جي پرسان آهي.

### xvii. وسترن جي پٽ:

هي پٽ ديهہ حسين پاتو تعلقي فيض گنج ۾ آهي، مٿس ڪافي نيڪرانو موجود آهي. هتان جي ماڻهن ڪجهہ سرون بہ هٿ ڪيون آهن. جيڪي هڪ وڏيءَ ڪٽ جيڏيون آهن.[3]

### xviii درگا جو دڙو:

هيءُ ديهہ اڪڙيءَ ۾ محمد طفيل پنجابيءَ جي زمين ۾ هڪ وڏو دڙو آهي. جتان ڪجهہ رنگين نڪريون ۽ ٽامي جا سڪا ماڻهن کي هٿ آيا هئا. اُتان جي ماڻهن کي وهم آهي تہ انهيءَ دڙي ۾ دنيا پوريل آهي، جنهن جي حفاظت هڪ وڏو نانگ ۽ ڪجهہ ديو ڪري رهيا آهن. انهيءَ دڙي کي سڌو ڪري پوک ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي ويئي آهي پر اتفاق اهڙو ٿيو آهي، جو هڪ بہ دفعا ٽرئڪٽر جي چين ٽٽي پيئي آهي، تنهن ڪري ماڻهن جي وهم ۾ ويتر اضافو آيو آهي.[4]

---

[1] زباني روايت: رئيس نور محمد خان ٻانيڻ جو ڪمدار.
[2] زباني روايت: رئيس شرف الدين خان راڄپر.
[3] ايضاً.
[4] زباني روايت: مسٽر محمد اسلم گوراها، پرائمري ٽيچر، ساڪن ڪرونڊي.

xix. ٻوهي وارو ڀڙو:

هيءَ ڀڙو ديهه عثمان ملو تعلقي فيض گنج ۾ ٻوهو ريسٽ هائوس جي ڀرسان آهي. هتي ڪافي انداز ۾ ٺڪريون نظر اچن ٿيون ۽ ڪجهه عمارتن جا نشان ملن ٿا.

xx. لاڪرنڊ:

هي به هڪ وڏو ڀڙو آهي، جيڪو فيض گنج تعلقي جي ديهه گتيرو ۾ ڳوٺ "ماستر جو بنگلو" جي ڀرسان واقع آهي.[1] هن ڀڙي کي لاڪرنڊ سڏيندا آهن. جيڪو ميل کن جي ايراضي ۾ آهي ۽ ٺڪرين سان ڀريل آهي.

xxi. ترائي وارو دڙو:

هي دڙو ديهه ترائي تعلقي فيض گنج ۾ آهي. هتي ڳاڙهي واري ۽ ٺيڪرانو آهي. هتي برسات جي موسم ۾ وڏا ڪنب ڦٽندا آهن ۽ موقعي سان ڪجهه ڀڪل مٽي ۽ پٿر جا رانديڪا به هٿ ڪندا آهن.[2]

xxii. سانت وارو دڙو:

هي دڙو فيض گنج تعلقي جي سرحد سان ناري تعلقي ۾ آهي. هن جي پاسن کان ترائيءَ ۾ ڪافي گاهه ڦٽندو آهي. سارو دڙو ٺيڪرائي سان ڀريل آهي.

xxiii. پاٽيءَ وارو ڀڙو:

هي ڀڙو به فيض گنج تعلقي جي سرحد تي ناري تعلقي ۾ آهي. اڳ هن جي چوڌاري هيناهين ۾ بارش جو پاڻي ڪافي وقت تائين بيٺو هو ۽ مير هن دڙي تي ڪڏهن ناهي هرڻن جو شڪار ڪندا هئا.[3] هي دڙو به اڌ ميل کن جي ايراضي والاري ٿو جيڪا ٺيڪرائي سان ڀريل آهي.

xxiv. گرهر جو ڪوٽ:

هي هڪ تمام پراڻو ۽ ڦٽل ڪوٽ ناري تعلقي ۾ هڪ دڙي تي آهي، جنهن لاءِ اتي جا ماڻهو هن ڪوٽ متعلق هينيون بيت پنهنجن وڏن کان ٻڌندا رهيا آهن:

---

[1] زباني روايت: رئيس شرف الدين راڄپر.
[2] ايضا:
[3] زباني روايت: رئيس شرف الدين خان راڄپر.

ماڻهن جي متي سرنهن جو گارو
هي ڪوٽ تڏهن ٺهيو جڏهن سڪندر جو وارو.

xxv. مامڙي ۽ ڪرنجڙي جا ڪوٽ:

هي بہ ناري تعلقي ۾ وڏا پڙا آهن. اُتان جي ماڻهن ڳالهہ ڪئي تہ انهن متعلق هو پنهنجين ستن اٺن پيڙهين کان ٻڌندا آيا آهن تہ تمام اوائلي زماني جا آهن. انهن ڪوٽن بنسبت هيءَ بيت بہ ٻڌو ويو:

گرهڙ ڪئي گوڙ مامڙي ڏني مام
وچئون پئي سام ڪرنجڙي ڪوٽ اڏابو.

xxvi. شير شاهہ جا مسافر خانا:

ديهہ سينارجا تعقي ميرواهہ ۾ پنيرن جي ڳوٺ ڏانهن ويندي هڪ پراڻو پپر نظر ايندو جنهن متعلق چيو ويجي ٿو تہ ان جي هيٺيان نادر شاهہ ايراني منزل ڪئي هئي. ان ڏينهن کان وٺي انهيءَ پپر کي سماج وارو پپر سڏيندا آهن.[1] ان پپر جي اتر ۾ سڏ کن پنڌ تي هڪ دڙو آهي، جنهن کي شير شاهہ جا مسافر خانا سڏيو ويجي ٿو.[2] اهو دڙو پراڻي شاهراهہ عرف تار واري سڙڪ جي ڪناري تي آهي.

---

(1) زباني روايت: پير اُڏل شاهہ صاحب. ساڪن راڻيپور.

(2) زباني روايت: عطا محمد خان پنيرو. ڳوٺ پنيرا.

# تالپرن جو حسب نسب ۽ اوائلي احوال

## i. اصليت:

خيرپور ۽ سنڌ جي تالپرن جي اصليت متعلق مختلف روايتون ملن ٿيون. عام بلوچن جي دعويٰ وانگر مير نصير خان پنهنجي هڪ خط ۾ لکي ٿو تہ هو حضور پاڪ جن جي چاچي حضرت امير حمزي جي اولاد مان آهن.[1] ڪن محققن جو خيال آهي تہ هو لغاري آهن.[2] ۽ ڪي کين مزاري بلوچن جي رستماڻي شاخ ۾ آڻين ٿا.[3] ڊاڪٽر رحيم هنن کي مري بلوچن جو هڪ قبيلو سمجهيو آهي.[4] ۽ خداداد خان کين رندن ۾ شمار ٿو ڪري،[5] ڪي محقق وري لکن ٿا تہ هو بلوچن جي هوت قبيلي مان آهن.[6]

حقيقت ۾ آخري راءِ وزن واري نظر اچي ٿي، ڇو جو تالپرن جو هر هڪ شجرو هوت بن جلال سان وڃي ملي ٿو. ان سلسلي جا ڪجھ شجرا ضميمي پهرئين ۾ ڏنا ويا آهن.

---

(1) ضامن ڪنتوري: "عبرت ڪده سندھ"، نفيس اڪيڊمي ڪراچي، 1967ع، ص 375.

(2) Khuda Bakhsh Justice: "Search light on Balochistan", Royal Book Co., Karachi, 1974, P. 197.

هيتو رام، راءِ بهادر: "تاريخ بلوچستان"، بلوچي اڪيڊمي، ڪوئيٽہ، 1973ع. ص 51.

M. Sardar Khan: "History of Baloch Race", Process Pakistan, Karachi, 1958, P. 129.

Denzil Ibeton Sir: "Punjab Castes", Sh . Mubarak Ali Lahore, 1974, P. 44

(3) رحيم داد، مولائي شيدائي: "بلوچستان جي مختصر تاريخ"، ريلوي پريس سکر، 1941ع، ص 100.

(4) Rahim. A. Dr.: "A History of Freedom Movement:, Pakistan Historical Society, Karachi, 1960, P. 58.

(5) خداداد خان: "لب تاريخ سندھ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1959ع، ص 141.

(6) نور احمد مولانا: "بلوچ قوم اور اس کي تاريخ"، نور محل، ملتان، 1967ع، ص 336.

محمد حنيف، مهر: "تاريخ مانکاني تالپر"، زاهد پريس، حيدرآباد 1968ع، ص 7.

محمد بخش، حاجي، مير: "مسودو تاريخ ماڻڪاڻي مير"، قلمي، ص 8.

### ii. ٽالپر لقب:

هن قبيلي تي ٽالپر لقب بجار بن بيزن جي وقت کان پيو، جيڪو سن 1000 هجريءَ مطابق 1592ع ۾ خان جي ڳوٺ چوٽي بالا ۾ اچي رهيو. هن ڳوٺ ۾ هڪ ٽاريءَ جو وڻ هو. جنهن جي هيٺان بجار خان ۽ سندس قبيلي وارا ويهي ڪچهري ڪندا هئا. ان ڪچهري ۾ ويهڻ وارن جو نالو ٽالهي پور يعني ٽالهيءَ جا پٽ هڪ آل طور پئجي ويو. سرائڪي زبان ۾ ٽاريءَ کي ٽالهي سڏيندا آهن. اهو لفظ ٽالهي پور مان ڦري ٽالپور بڻجي ويو. ان کان پوءِ زنگي بن بجار کي هڪ پٽ بہ ان ٽاريءَ جي وڻ هيٺان ڄائو جنهن جو نالو ٽي ٽالهو رکيائون. اهو ٽالهو ڪڪي خان جي پيءُ شاهو خان وڏي جو چاچو هو.[1]

### پاڙا:

سنڌ ۾ ٽالپرن جا هيٺيان ايڪويهہ پاڙا آهن[2]: شهداداڻي، ماڻڪاڻي، سهراباڻي، خاناڻي، بهاراڻي، مراداڻي، گهراماڻي، عيساڻي، درياخاناڻي، هليلاڻي، جيوناڻي، جٺنداڻي، احمداڻي، شهواڻي، ياراڻي، مقصوداڻي، آلوداڻي، ٺاراڻي، شاهلياڻي، حاجوڻي ۽ سڪلاڻي.

انهن پاڙن مان شهداداڻين، ماڻڪاڻين ۽ سهراباڻين جي حڪومت حيدرآباد، ميرپورخاص ۽ خيرپور ۾ هئي، جن مان اسان جو واسطو سهراباڻي قبيلي سان آهي.

### iii.هجرت:

ٽالپرن جي مورث اعليٰ هوت بن جلال خان جي حڪومت ڪيچ مڪران ۾ هئي، جيڪا سندس ٽن پيڙهين تائين قائم رهي.[3] اتان سندس اولاد پنجاب ۽ سنڌ جي مختلف جڳهن تي ڪيئن آباد ٿيو. ان لاءِ هيٺيون روايتون ملن ٿيون:

#### (الف) ملتان:

هوت خان جو پڙ پوٽو مير اسماعيل خان ملتان جي گورنر سلطان شاهہ حسين لانگاهہ جو گهاٽو دوست هو جنهن کيس پاڻ وٽ دعوت ڏيئي گهرايو ۽ هو ملڪ سهراب خان دودائي سان گڏجي ملتان ۾ آيو. سلطان شاهہ حسين ٻنهي کي پنهنجي سرحد ۾ دين ڪوٽ کان ڪوٽ ڪروڙ تائين سارو علائقو سرداري ۾ ڏنو.[4]

---

[1] غلام مرتضيٰ شاهہ سيد: "سنڌي يوسف زليخا"، مطبع جليل (ڪليل) ڪراچي 1892ع ص 609.
محمد حنيف: "تاريخ ماڻڪاڻي ٽالپر" حوالو ڏنل آهي، ص 8.

[2] رحيم داد، مولائي شيدائي: "تاريخ بلوچستان"، اردو قلمي، ص68، مملوڪ حاجي مير محمد بخش خان ٽالپر

[3] نور احمد خان، مولانا: "بلوچ قوم اور اس کي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 238.

[4] محمد بخش خان، حاجي، مير: حوالو ڏنل آهي، ص 8.

**(ب) ديرو اسماعيل خان:**

ديري اسماعيل خان جو بنياد مير اسماعيل خان 1488ع ۾ رکيو.

**(ٻ) ساهيوال:**

مير اسماعيل خان جي اولاد مان هڪ شاخ ساهيوال ضلعي ۾ اچي رهي ۽ اتي پنهنجي رياست قائم ڪيائين.[1]

**(ت) سخي سرور:**

بلوچن جي مشهور ٽيهن سالن واري لڙائي ۾ ٽالپرن جو هڪ سردار امير عبدالرحمن عرف بليده بن ملهير خان، مير چاڪر خان جو طرفدار هو جنهن لاهور ڏانهن ويندي سخي سرور[2] جي دره وٽ وفات ڪئي. ڪيس چوڏهن پٽ هئا. سندس وڏو پٽ تبريز خان لاشارين جي شهزادي مير ابوبڪر سان گڏ گجرات جي شهر پالنپور ڏانهن هجرت ڪري ويو.[3]

**(ٿ) ديره جات:**

جڏهن شهنشاهه همايون ايران کان موٽيو هو تڏهن ساڻس ٻين پروچن سان گڏ ٽالپر به هئا، جن ديره جات[4] ۾ ڪجهه علائقي تي قبضو ڄمايو هو.[5]

**(ٽ) ماڙي انڊس:**

شهنشاهه همايون ٽالپرن کي سنڌ ساگر دوآبي ۾ هڪ جاگير ڏني هئي. سندس تختگاهه ماڙي انڊس هو.[6]

**(پ) مزارچه:**

ٽالپر مزارين ۽ مگسين طرفان چانڊين سان وڙهيا هئا. تنهنڪري ڪجهه مزارچه علائقي ۾ به لڏي آيا هئا.[7]

---

(1) ايضاً

(2) سخي سرور هڪ وڏو ولي ٿي گذريو آهي. سندس درگاهه تعلقي ديري غازي خان ۾ آهي.
(Henry Frowde: "Imperial Gazetteer of India", The Clarenden Press, Oxford, 1908, P. 257.)

(3) رحيم داد، مولائي شيدائي: "جنت السند"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1958ع، ص 456.

(4) ديره جات سنڌو ندي ۽ سليمان جبلن جي وچ واري ميداني علائقي کي سڏيندا آهن. هن علائقي ۾ ديره اسماعيل خان، ديره غازي خان ۽ ديره فتح خان اچي وڃن ٿا. ڏسو حوالو پهريون، ص 269 ۽ 270.

(5) رحيم داد، مولائي شيدائي: "بلوچستان جي مختصر تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 33.

(6) ماڙي انڊس ديري غازي خان جي مشهور ٽن شهرن هڙند، رسني ۽ ماڙي مان هڪ آهي. اتي راجا رسالو جي بيوفا راڻي ڪڪيلان جي جاءِ هئي، ڏسو حوالو پهريون، ص 250.

(7) ڏسو حوالو ٻيو، ص 398.

(ج) ڪوهه سياهه:

تالپر ڪوهه سياهه واري علائقي بيبرڪ ۾ رهندا هئا. اهو علائقو ديري غازي خان ۽ ڪڇيءَ جي وچ ۾ هو. هن مان نوتاڻي، مزاري، جکراڻي، گبداڻي ۽ شنباڻي قبيلا به هئا. هنن کي بگٽي بلوچن جي ڪجهه قبيلن اتان ڪڍيو ۽ هو سنڌ ۾ آيا.[1]

(چ) ياگناڙي:

مير اسماعيل خان جو پوٽو بجير بن بيزن سن 1000 هجري، مطابق 1592ع ۾ لڏي اچي ياگناڙي ۾ ويٺو. جيڪا قلات جي حدن ۾ آهي. ڪجهه وقت ڪانپوءِ هو ديري غازي خان ۾ آيو ۽ چوٽي بالا جو شهر بڏي ويٺو.[2] مير سليمان عرف ڪڪي خان جي رهائش به چوٽي بالا ۾ هئي، جتي سندس پٽن ۽ پوٽن جي نالي تي واهه، قلعا ۽ انهن جا ويرا اڄ به موجود آهن.[3]

(ح) ڊگهه بالا:

مير ڪڪي خان جو سهرو حاجي خان مري پنهنجي راڄ سميت مري علائقي ڪاهان مان نڪري، سنڌ جي علائقي ڪاڇي ۾ اچي ويٺو هو جنهن جي استدعا تي سندس ڏهٽو مير ماڻڪ خان ۽ ٻيا تالپر چوٽي بالا مان نڪري، اتي آيا ۽ ڊگهه بالا جو شهر بڏي ويٺا.[4]

(خ) پٽ باران:

سن 1700ع ۾ ميان مير محمد ڪلهوڙي، مير آلودي خان کي دعوت ڏئي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ميان يار محمد خان کان کيس فوج ۾ رتبو ڏيارايائين. ان زماني ۾ مير شهداد خان ديره جات جي دردانين جي بغاوت بند ڪئي هئي، جنهن جي صلي ۾ دهليءَ جي دربار مان کيس پٽ باران جو علائقو جاگير ۾ مليو هو.[5]

مير شهداد خان پنهنجي فوجي اهليت سبب بروچن جي مختلف گروهن کي ملائي پنهنجو ڪيو هو ۽ مقامي بغاوتن بند ڪرڻ سبب سندس بهادري مشهور ٿي وئي هئي، تنهنڪري ڪلهوڙن ڪوشش وٺي کيس پنهنجو بڻايو هو ۽ پنهنجي لشڪر جو سپهه سالار مقرر ڪيو هو.[6]

---

[1] عطا محمد مرزا منشي: "تاريخ تازه نوائي معارڪ"، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي 1959ع ص 798.

[2] غلام مرتضيٰ شاهه، سيد: "سنڌي يوسف زليخا"، حوالو ڏنل آهي. ص 592.

[3] محمد بخش خان، حاجي، مير: "ماڻڪاڻي ميرن جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 11.

[4] ايضاً: ص 14.

[5] رحيم داد، مولائي شيدائي: "تاريخ بلوچستان، قلمي اردو"، حوالو ڏنل آهي، ص 68.

[6] Khuda Bakhsh Mari, Justice: "Search Light on Baluchistan" op. cit. p. 198.

مير شهداد خان ۽ سندس اولاد ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ وڏن عهدن تي سرفراز هئا ۽ ڪلهوڙن سان وفاداريءَ جو دم ڀريندا رهيا. پر ڪلهوڙن جي آخري حڪمرانن مير شهداد خان جي اولاد سان نه رهايو جنهن جي نتيجي ۾ مجبور ٿي ٽالپرن سنڌ ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي.[1]

## iv. هاڻوڪي سڪونت:

هن وقت مير سهراب خان جو اولاد ۽ ڪجهه ٻين پاڙن جا ٽالپر جن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ آباد آهن، انهن جا نالا هي آهن:

(الف) **خيرپور ۽ ڪوٽ ڏيجي:** مير علي مراد خان جو اولاد.

(ب) **ڪوٽ مير محمد خان:** مير غلام حيدر خان جو اولاد.

(ٻ) **دارا واهڻ:** مير احمد خان ولد مير غلام حيدر خان جو اولاد.

(ت) **محراب پور:** مير حاجي غلام مصطفيٰ خان جو اولاد.

(ٿ) **جنوجي ۽ روشن آباد:** مير رستم خان جو اولاد.

(ٽ) **منگهڻ واري:** مير رستم خان جو اولاد.

(پ) **غريب آباد:** مير رستم خان جو اولاد.

(ج) **رضا آباد:** مير غلام محمد خان ولد مير رستم خان جو اولاد.

(چ) **علي آباد:** مير مبارڪ خان جو اولاد.

(ڇ) **راهوجا:** مير چاڪر خان جو اولاد.

(ح) **صوپوديرو:** مير چام نندي خان جو اولاد.

(خ) **ٽالپر وڏا ۽ ننڍا:** ٽالپرن جي نهالاڻي قبيلي جا ڪجهه گهر.

(د) **حسين آباد:** ٽالپرن جي ٻهاراڻي قبيلي جا ٻه گهر.

(ذ) **اڳڙا:** ٽالپرن جي ٻاگڙاڻي قبيلي جو هڪ گهر.

## v. اوائلي احوال ۽ مشاهير:

سنڌ جي سيني ميرن جي مورث اعليٰ مير ڪڪو خان هو جيڪو ديري غازي خان جي جابلو علائقي جي ڳوٺ چوٽي بالا ۾ رهندو هو. هو ڪڪن وارن سبب ڪڪو خان سڏبو هو ورنه هن جو اصلي نالو سليمان خان هو. هن کي هوتڪ خان، ٻجار خان، ماٽڪ خان، عالي خان، جيوڻ خان، ميروڻ خان، دڦڙ خان ۽ صفر خان نالي اٺ پٽ هئا.[2] هن جي اولاد کي ڪڪاڻي به سڏيندا آهن. مراد فقير زنگيجي کين

---

[1] Postans, T: "Personal Observations in Sind." Indus Publicatons, Karachi, 1973, P. 176.

[2] نور احمد، مولانا: قلمي مسودو (ميرن متعلق).

شهداد خان ميان يار محمد خان جي طرفان اهو فساد بند ڪرائي، امن امان قائم رکيو. ان جي ڪري ۽ ٻين ڪيترين ئي خدمتن جي صلي ۾ کيس پٽ باران جي زمين عطا ٿي.[1]

سندس نواب لطف علي رضوي نتوي سان به دوستي هئي[2]. ان ڪانسواءِ سنڌ جي مشهور بزرگ شاهه عنايت جهوڪ واري جو به ارادتمند هو مگر جڏهن ٺٽي جي نواب اعظم خان شاهه عنايت سان مير شهداد خان جي معرفت صلح ڪري، کيس ڌوڪي سان شهيد ڪرايو هو تڏهن چيو هيائين:

ڏونگر ڏني ڏاڙهي، ڪر ڪتي جو پيچ

ميان يار محمد خان مير شهداد خان کي "برخوردار" جو لقب ڏنو هو[3]. ميان يار محمد خان کان پوءِ ميان نور محمد خان کان پنهنجن عزيزن کي ميرپور، خانپور، سنهڙو ۽ مانڌر جون جاگيرون وٺي ڏنيون هيائين[4].

ميرشهداد خان کي چار ننڍو چاڪر خان، بهرام خان ۽ خير محمد خان نالي چارپٽ هئا. خير محمد لاولد فوت ٿي ويو باقي ٽي اولاد وارا ۽ وڏي حيثيت جا مالڪ ٿيا. هن 2 رجب، 1147 هجري مطابق 1734ع تي وفات ڪئي. سندس مزار سڪرنڊ تعلقي جي ڳوٺ قبي شهدادؐ ۾ آهي.[5]

## viii. مير چام ننڍو خان:

هي مير شهداد خان کان پوءِ ميان نور محمد خان جي لشڪر جو سپه سالار ٿيو. وڏو بهادر ماڻهو هو. سن 1725ع کان 1728ع تائين دائود پوٽن سان شڪارپور ۽ ٻيٺ ڏٺي ڄجي جنگين ۾ پنهنجي پيءُ سان شريڪ هو. ان کان سواءِ جاني ديري جي جنگ ۾ جڏهن قلات جو والي عبدالله خان شهيد ٿيو تڏهن به هن پنهنجي والد جي سرڪردگي ۾ بهادري جا جوهر ڏيکاريا هئا. جڏهن نادر شاهه 1739ع ۾ ميان نور محمد جا پٽ يرغمال طور وٺي ويو هو تڏهن چام ننڍو به انهن سان گڏ ايران ويو هو ۽ وفات به مشهد ۾ ڪئي هيائين. کيس چام فيروز ۽ شهداد ثاني نالي به پٽ هئا. هو سنڌي زبان جو هڪ سنو شاعر به هو[6].

---

(1) Devid Seton: "History of Kalhoras", A typed copy in Sindhology, P. 5.

(2) غلام مرتضيٰ شاهه سيد: "سنڌي يوسف زليخا." حوالو ڏنل آهي، ص 594.

(3) غلام رسول مهر: "تاريخ ڪلهوڙا" جلد ٻيو حصو ڇهون، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1964ع، ص 616.

(4) غلام مرتضيٰ شاهه سيد: "سنڌي يوسف زليخا"، حوالو ڏنل آهي، ص 593.

(5) M. Sardar Khan: op. cit. P. 131

(6) Khuda Bakhsh Mari, Justice: op. cit, P. 198.

**ix. مير چاڪر خان:**

هي مير شهداد خان جو ٻيو نمبر پٽ هو. ميان نور محمد خان جي چڱن سالارن مان هو. پنهنجي پيءُ ۽ ڀائرن سان سمورين جنگي مهمن ۾ شريڪ رهيو[1]. ڄام نندي خان جي ايران وڃڻ کان پوءِ، جڏهن ڪلهوڙن سندس نندي ڀاءُ مير بهرام خان کي سپہ سالار ڪيو تڏهن هن پنهنجي حق تلفي سمجهي، ملازمت تان استعيفا ڏئي ڇڏي ۽ پنهنجي جاگير تي وڃي، گوشہ نشين ٿي گذاريائين[2]. کيس سهراب خان، غلام محمد خان، سليمان خان، زنگي خان ۽ عالي خان نالي پنج پٽ هئا. جن مان سهراب خان خيرپور جي حڪومت جو بنياد قائم ڪيو. هن 1180 هجري مطابق 1766ع ۾ وفات ڪئي[3].

**x. مير بهرام خان:**

هي ميرشهداد خان جو ٽيون نمبر پٽ هو. ڄام نندي خان جي ايران وڃڻ بعد ڪلهوڙن جي لشڪر جو سپہ سالار ٿيو. هن کي ميان نور محمد توڙي ميان غلام شاهہ وٽ وڏي عزت هئي. هن سلسلي ۾ مير عظيم لکي ٿو[4]:

امير زمان مير بهرام بود، کہ باماه و خورشيد همنام بود.
گل گلشن مير شهداد شير، کہ بود او رئيس بلوچان دلير.
عجب مؤمن آن مرد ديندار بود، دل روشنس گنج انوار بود.

سندس تعريف ڪندي مير حسن علي خان لکي ٿو[5]:

هو ان عهد ۾ مير روشن ضمير جهان پهلوان مير بهرام شير.
اگرچہ نہ هو ملڪ جو بادشاهہ هيو قوم پنهنجي جو فرمان روا.
هو بهرام گو راڳ جيئن بي نظير، تيئن مير بهرام هو شيرگير.

پاڻ ميان سرفراز خان جي حڪومت جو بہ رڪن اعظم هو[6]. سندس اثر رسوخ ڏسي، ڪيترائي حامي سندس دشمن بڻجي پيا هئا. جن کيس ميان صاحب

---

محمد بخش خان حاجي مير: "تاريخ ماٽڪاڻي مير،" قلمي مسودو ص 30.
[1] محمد بخش خان، حاجي مير: "تاريخ ماٽڪاڻي مير"، حوالو ڏنل آهي، ص 29.
[2] نور احمد، مولانا: "مضمون رسالو بلوچي دنيا"، جنوري 1971ع، ص 11.
[3] اعجاز الحق قدوسي: "تاريخ سندهہ"، حوالو ڏنل آهي، ص 717.
[4] عظيم الدين ٺٽوي مير: "فتحنامہ سندهہ"، حوالو ڏنل آهي، ص 28.
[5] حسن علي خان، مير: "شاهنامہ سندهہ"، حوالو ڏنل آهي، ص 2.
[6] خدادا خان: "لب تاريخ سندهہ"، حوالو ڏنل آهي، ص 134.

جي نظرن ۾ ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي. ميان صاحب به انهن جي اثر ۾ اچي، مير بهرام خان کي سندس پٽ صوبدار خان سميت شهيد ڪرائي ڇڏيو[1]. اهو جانگداز واقعو سن 1189 هجري، مطابق 1775ع ۾ پيش آيو. وفات جو سال هيٺئين شعر مان نڪري ٿو[2].

به سال وصالش ملڪ بر فلڪ، بگفتا بفردوس خرگاهه زد.

**xi. مير بجار خان:**

هي مير بهرام خان جو ٻيو نمبر پٽ هو. والد جي شهادت وقت حج تي ويل هو. ڪيس اها وحشت اثر خبر حج تان موٽندي وات تي ملي. قلات جي حاڪم مير نصير خان ڪيس وڏي لشڪر سان مدد ڏئي، ڪلهوڙن کان وير وٺڻ جي آڇ ڪئي، مگر مير بجار خان سندس شڪريو ادا ڪندي جواب ڏنو "مان برابر بيڪس ۽ مظلوم آهيان، پر خدا کان سواءِ ڪنهن کان به مدد نه وٺندس. مون لاءِ اها شرم جي ڳالهه ٿيندي، جو پنهنجي ملڪ تي پرائي فوج وٺي وڃي حملو ڪريان." هو نصير خان جي آڇ موٽائي، سنڌ ۾ آيو[3]. ان وقت سنڌ ۾ بدامنيءَ جي بازار گرم هئي. ميان سرفراز خان راتو واهه محل ڇڏي اچي حيدرآباد جي قلعي ۾ لڪو ۽ قيد ٿيو. ڪلهوڙن هڪ ٻئي پٺيان ميان محمد خان، ميان صادق علي ۽ ميان غلام نبي کي تخت تي ويهاريو. مير بجار خان وري به هنن کي معاف ڪرڻ تي چاهيو، مگر سازشي ماڻهن جي چرچ تي، هن سان لانياريءَ جي ميدان تي لڙائي ڪيائون، جنهن ۾ ميان غلام نبي مارجي ويو. مير صاحب سندس ڀاءُ ميان عبدالنبي کي تخت تي ويهاريو ڇو جو هن کان سواءِ ڪلهوڙن مان ٻيو ڪو به حقيقي وارث ڪونه بچيو هو. ميان عبدالنبي اڳ ۾ ئي ميان سرفراز ۽ سندس ٽن ساٿين کي قلعي ۾ شهيد ڪرائي ڇڏيو هو[4]. ميان عبدالنبي جو ڀائٽيو ميان عزت يار خان افغانستان جي بادشاهه وٽ فريادي ٿيو ۽ اتان حڪومت جي سند ۽ لشڪر جي امداد وٺي ڇاڇي تي چڙهائي ڪري آيو پر مير بجار خان هٿان شڪارپور جي ويجهو شڪست کاڌائين[5]. ايترين مهربانين باوجود ميان عبدالنبي مير صاحب جي برخلاف سازشون ڪندو رهيو پر سامهون وڙهڻ جي سگهه ساري نه سگهيو.

---

[1] James Mc murdo: "History of Kalhora", A typed copy in Sindhology, P. 21.

[2] خداداد خان: "لب تاريخ سنڌه"، حوالو ڏنل آهي، ص 34.

[3] اعجاز الحق قدوسي: "تاريخ سنڌه"، حوالو ڏنل آهي، ص 492.

[4] غلام رسول مهر: "تاريخ ڪلهوڙا"، حوالو ڏنل آهي، ص 665.

[5] James Mc murdo: op. cit, P 25.

نيٺ پنهنجي دوست جوڌپور جي راجا جي مدد سان ٻه راجپوت گهرائي، انهن جي هٿان مير صاحب کي دغا سان شهيد ڪرايائين[1]. مير صاحب انهن مان هڪڙي کي ماري وڌو ۽ ٻيو ڀڄي ويو[2]. سندس وفات جو سال 1194ع هيٺئين شعر مان برآمد ٿئي ٿو[3]:

از سر افسوس گفتا هاتفم، مير شد از جمدر هند و شهيد.

### xii. مير عبدالله خان:

مير بجار خان جي شهادت کان پوءِ سيني ميرن ۽ بلوچن سندس فرزند مير عبدالله خان کي پنهنجو وڏو تسليم ڪيو ۽ سندس سرڪردگي ۾ حڪومت جي برخلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيائون. ميان عبدالنبي بلوچن جو تاءُ ڏسي، قلات مان هڪ سالار زرڪ خان کي وڏي لشڪر سان چاڙهي آيو. مير عبدالله خان مقابلو ڪري کيس شڪست ڏني. زرڪ خان مارجي ويو ۽ ميان عبدالنبي فرار ٿي راجپوتن ڏانهن ڀڄي ويو ۽ اتان هڪ تازه دم لشڪر وٺي آيو پر راجپوتن کي به بلوچن هٿان شڪست فاش آئي. ميان عبدالنبي اتان به نااميد ٿي آخري ڪوشش لاءِ افغانستان ويو ۽ وڏيون لالچون ڏيئي مدد خان پناڻ کي وٺي آيو.[4]

مير عبدالله خان بادشاهي لشڪر جي احترام سبب ٽڪرو وڙهڻ مناسب نه ڄاتو. ٻار ٻچا ڪڇ ڏانهن موڪلي، پاڻ ريگستان ڏانهن هليو ويو. پنيان مدد خان ڦرلٽ ڪري سنڌ ۾ تباهي مچائي ڏني.[5]

انهيءَ تباهي متعلق ڪيترن شاعرن مرثيا چيا، جن جو تت هيٺئين شعر ۾ ملي ٿو[6]:

چنان هول در ملک سنده او فتاد، که هول قيامت بداده بياد.

مير عبدالله خان پنهنجي ملڪ کي بيگناهه لٽبو ڏسي، پنهنجن اميرن سان مشورو ڪيو ۽ يڪراءِ ٿي بادشاهي لشڪر سان وڙهڻ جو فيصلو ڪيو. هوڏانهن مدد خان به مجبور ٿي ساڻس خط و ڪتابت شروع ڪئي، جنهن جي

---

(1) Houston: "Representative Men of Bombay Presidency, Govt Press, Bombay, 1897, P. 46.

(2) حسن علي خان مير: "سنڌ جو شاهنامو"، حوالو ڏنل آهي، ص 28.

(3) خداداد خان: "لب تاريخ سنده"، حوالو ڏنل آهي، ص 137.

(4) غلام رسول مهر: "تاريخ ڪلهوڙا"، حوالو ڏنل آهي، ص 762 کان 766.

(5) Jmes Mc murdo: op. cit. P P. 26, 27.

(6) خدادا خان: "لب تاريخ سنده"، حوالو ڏنل آهي، ص 138.

نتيجي ۾ صلح ٿي ويو ۽ ٽالپرن آخري دفعو بہ ميان عبدالنبيءَ کي معاف ڪري، بادشاهہ تسليم ڪيو ۽ مدد خان افغانستان ڏانهن موٽي ويو.[1]

ميان عبدالنبي کي اڃا بہ آرام نہ آيو ۽ هن مير عبدالله خان ۽ مير فتح خان ماڻڪاڻي کي پاڻ وٽ دغا سان گهرائي، مارائي ڇڏيو. مير عبدالله خان جي وفات جو سال "شهيد ابن الشهيد" جي مادي مان 1196 هجري، مطابق 1782ع نڪري ٿو[2].

## xiii. مير فتح علي خان:

مير عبدالله خان ۽ مير فتح خان جي شهادت کان پوءِ سيني ميرن گڏجي، مير بهرام خان جي پوٽي ۽ مير صوبدار خان جي وڏي پٽ مير فتح علي خان کي پڳ ٻڌرائي ۽ سندس سرڪردگي هيٺ ڪلهوڙن سان جنگ جوٽيائون، جيڪا "جنگ هالاڻي" جي نالي سان مشهور آهي. هن موقعي تي بلوچن مان گهڻا ماڻهو ڪلهوڙن جي خلاف وڏي جوش ۽ جذبي رکڻ باوجود، تيستائين وڙهڻ لاءِ تيار نہ هئا، جيستائين کين اهو يقين ڏياريو ويو تہ هاڻي ڪلهوڙن کي هميشہ واسگر حڪومت موٽي نہ ملندي، ان وقت سيني ٽالپرن جي برادري ۾ مير سهراب خان وڏو ۽ نيڪ مرد هو. جيڪو بلوچن کي يقين ڏياري، عين لڙائي هلندي، هڪ وڏو لشڪر وٺي آيو ۽ جان جي بازي لڳائي جنگ ڪيائين[3].

مير حسن علي خان هن جنگ ۾ پروچن ۽ مير سهراب خان جي بهادري جو نقشو هيٺين شعرن ۾ ڪڍيو آهي[4].

پروچن ها پيرن ۾ ڏانوڻ وڏا،
متان منهن ڪو موڙي پڇي بي خطا
پروچن جو ڪل لشڪر هيو ڇهہ هزار،
ميان جو هو لشڪر وڏو بي شمار
انهيءَ حال ۾ مير سهراب خان،
ڪئي جنگ تي پنهنجي محڪم ميان.
مقابل ٿيو با دشمن ڪينہ خواهہ،
گهڻن سرڪشن کي ڪيئين ماري تباهہ.
ڪيئين رخ تي جنهن پاسي با تيغ تيز

---

(1) James Mc murdo: op. cit. P. 27.

(2) غلام رسول مهر: "تاريخ ڪلهوڙا"، حوالو ڏنل آهي، ص 767.

(3) وڏن کان ٻڌل روايت: مير غلام علي خان، ساڪن صوبو ديرو.

(4) حسن علي مير: سنڌ جو شاهنامو"، حوالو ڏنل آهي، ص 58.

وڏئين تي بہ جان عدو رستخيز.
نہ ڪثرت ڪان دشمن جي ڪو بيم و باڪ.
گهڻا ماري دشمن ڪيئين خون و خاڪ.
مگر پاڻ پيو مير سهراب شير،
تي زخمي پيو جنگ ۾ سو دلير.
ڪيائين نہ زخمن جي پرواهہ ڪا،
وڙهيو جئن وڙهي شير با اژدها.
تي شمشير ان شير جي شعلہ بار،
جو پاڻيءَ مان ان جي تي نڪتا شرار.

هن جنگ ڪلهوڙن جي حڪومت جو خاتمو آندو ۽ سنڌ ۾ ميرن جي حڪومت قائم ٿي. مير فتح علي خان ڪجهہ وقت نوشهري فيروز ۾ اچي رهيو. پوءِ حيدرآباد جو قلعو فتح ڪري، اتي پنهنجو تخت گاهہ مقرر ڪيائين[1].

مير فتح علي خان جي مرضي هئي تہ هو اڪيلي سر سنڌ جو مطلق العنان بادشاهہ ٿئي ۽ ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ نہ ڏئي، پر اها ڳالهہ مير سهراب خان ۽ مير ٺاري خان کي نہ وڻي. تنهنڪري ٻئي ڄڻا ناراض ٿي حيدرآباد مان هلئيا ويا ۽ پنهنجن راڄن سميت ملڪ جي مختلف حصن تي وڃي قبضو ڄمايائون. مير سهراب خان روهڙيءَ ۾ آيو ۽ مير ٺارو خان شاهہ بندر ۾ ٻنهي خيرپور ۽ ميرپورخاص ۾ پنهنجون حڪومتون قائم ڪيون[1]. اهو ئي سبب آهي، جو جڏهن ميان عبدالنبي جي مدد لاءِ سردار احمد خان نورزئي ۽ بوستان خان چاليهن هزارن جي لشڪر سان مير فتح علي خان تي چڙهائي ڪري آيا، تہ مير سهراب خان ۽ مير ٺارو خان ٻئي غيرجانبدار ٿي ويهي رهيا. ان هوندي بہ مير فتح علي خان اڪيلي سر افغانين کي شڪست ڏني[2]. اها لڙائي جنگ هالا جي نالي سان مشهور آهي. انهيءَ فتح جو سال هيٺئين شعر مان نڪري ٿو[3]:

بفرمود حق سال نصرت قرين،
کہ انا فتحناک فتح مبين.

(1204 هجري)
1790ع

---

[1] حسن علي خان، مير: "سنڌ جو شاهنامو"، حوالو ڏنل آهي، ص 66.
(1) James Mc murdo: op. cit. P. 27.
[2] نور احمد خان، مولانا: "مضمون بلوچي دنيا" ملتان، جنوري 1971ع، ص 14.
[3] ايضاً

جڏهن ٻاهريون خطرو دور ٿي ويو، تڏهن مير فتح علي خان جي ڪمسن ڀاڻيجي ۽ مير عبدالله خان شهيد جي فرزند مير غلام حسين کي پنهنجي حق تلفي جو احساس ٿيو ۽ هڪ دفعي مير فتح علي خان تي بندوق جو فائر ڪيائين، مگر اهو گسي ويو. مير صاحب هن کي قلعي کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ هن وڃي "ٽنڊو غلام حسين" نالي ڊار ڳوٺ ٻڌو[1]. اها خبر ٻڌي مير سهراب خان، مير ٺارو خان ۽ ٻيا ڪيترا ٻروچ مير غلام حسين جا طرفدار ٿي بيٺا ۽ هڪ وڏي جنگ جي تياري ٿي وئي. مختلف ماڻهن جو لشڪر اچي ڪٺو ٿيو هو پر ميرن جي مستورات وچ ۾ پئي اها جنگ ٽاري ڇڏي ۽ ٽالپرن گڏجي صلح ڪيو. مير غلام حسين خان مير فتح علي خان جي حڪومت تسليم ڪئي ۽ مير فتح علي خان نہ فقط خيرپور ۽ ميرپورخاص جي حڪومتن جي خودمختاري تسليم ڪئي، پر پنهنجي حڪومت ۾ بہ پنهنجن ٽن ڀائرن، مير مراد علي خان، مير ڪرم علي خان ۽ مير غلام علي خان کي شريڪ ڪري "چوياري" قائم ڪئي.[2]

---

[1] ايضًا: ص 15.

[2] محمد بخش خان حاجي، مير: "تاريخ ماڻڪالي مير"، حوالو ڏنل آهي، ص 98، 99.

باب چوٿون

# تالپرن جي سياسي تاريخ ۾ ان ۾ خيرپور جي ميرن جو حصو

**تعارف:**

سنڌ جي تاريخ ۾ تالپرن جي سياسي ۽ قومي خدمتن جو مطالعو مختلف زاوين کان ڪري سگهجي ٿو. تالپر، ڪلهوڙن جي ابتدائي دور ۾ فوجي اڳواڻ ٿي آيا ۽ حالاتن جي جنگ کان پوءِ هن ملڪ جا حاڪم ٿيا. انهيءَ عرصي دوران سنڌن ڪلهوڙن کان سواءِ مکيه سرحدي حڪومتن ۽ حڪمرانن سان واسطو پيو. انهن لاڳاپن جي حوالي سان تالپرن جي سياسي بصيرت ۽ قومي خدمت جي هڪ جهلڪ هيٺ پيش ڪجي ٿي.

**i. سنڌ ۽ ڪلهوڙا:**

تالپرن ۽ ڪلهوڙن جي تعلقات جو مختصر احوال اڳئين.باب ۾ اچي چڪو آهي، جنهن ۾ ذڪاريو ويو آهي ته مير شهداد خان ۽ سندس پٽن مير چانر نندي خان مير بهرام خان جي فهم و فراست ۽ بهادري جي ذريعي سندن اقتدار جون پاڙون پختيون ٿيون ۽ وري ميان سرفراز خان ۽ ميان عبدالنبي خان جي ناداني ۽ درٻاري سازشن سبب سندن حڪومت تي هميشه لاءِ زوال اچي ويو ۽ سنڌ جي حڪومت تي تالپرن جو قبضو ٿيو.

**ii. سنڌ ۽ نادر شاهه:**

سن 1739ع ۾ ايران جي بادشاهه نادر شاهه هندستان تي حملو ڪيو ته سنڌ به سندس يلغار کان بچي نه سگهي ۽ هو ميان نور محمد خان کي شڪست ڏئي سنڌ کي پنهنجي باجگذار بڻائي ويو. سنڌ مان موٽڻ وقت ميان نور محمد خان جي پٽن

پٺاڻن جي شڪست جو ٻڌي تيمور شاهه پاڻ سنڌ تي چڙهائي ڪئي. ۽ مير فتح علي-خان هڪدم هڪ درخواست بادشاهه جي خدمت ۾ موڪلي ڏني، جنهن ۾ احمد خان نورزئي ۽ ٻين پٺاڻن جي اڳرائي جو احوال ۽ پنهنجي مجبوري جي حقيقت لکي موڪليائين. بادشاهه درخواست پڙهي، پنهنجي صلاحڪارن کان مشورو ورتو جن مير فتح علي خان جي سفارش ڪئي. ايتري ۾ هن کي افغانستان ۾ ڪجهه فسادن جو اطلاع به مليو تنهن ڪري واٽ تان ئي ڪابل موٽي ويو.

تيمور شاهه افغانستان جي فسادن کي منهن ڏئي، وري ٻئي سال پنهنجي سردار پائينده خان جي هٿ هيٺ سنڌ مان خراج وٺڻ لاءِ لشڪر چاڙهي موڪليو. مير فتح علي خان به مقابلي لاءِ تيار ٿيو پر سفيرن جي معرفت صلح ٿي ويو جنهن موجب مير صاحب افغانستان کي اهو خراج ڏيڻ قبول ڪيو جيڪو ڪلهوڙا سال بسال ڏيندا رهندا هئا[1].

ان کان پوءِ مختلف قبيلن جي ڇڳن مڙسن گڏجي، ٽالپرن جا خانداني جهڳڙا نبيري ڇڏيا ۽ هو پراڻا ويڇا وساري، پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي ويا. هنن هڪ ٻئي جي حڪومتن جي خودمختاري تسليم ڪري، خارجي معاملات ۾ هڪ ٻئي کي ساٿ ڏئي بلوچي اتحاد قائم ڪري ڇڏيو.

هوڏانهن افغانستان ۾ تيمور شاهه جي وفات کان پوءِ ڪافي انقلاب آيا ۽ پٺاڻ ڪيترائي سال پاڻ ۾ وڙهندا رهيا ۽ زمان شاهه ۽ محمود شاهه جي ايامڪاري ۾ سنڌ جي سياست کان دور رهيا. وري جڏهن شاهه شجاع کي حڪومت هٿ آئي، تڏهن 1803ع ۾ سنڌ تي ڪاهي آيو. خيرپور ۽ حيدرآباد جي ميرن گڏجي سندس مقابلو ڪيو[2].

شاهه شجاع ميرن کان ڍل جي گهر ڪئي ته مير غلام علي خان هن کي جواب ۾ چيو ته ”اها ڪڪڙ ئي مري وئي جيڪا سونا آنا ڏيندي هئي. اهي ڍلن ڏيڻ وارا مري ويا“. ان جواب تي شاهه شجاع جي صلاحڪارن ميرن سان ميٺ محبت جون ڳالهيون ڪيون ۽ شاهه سندن مهماني کائي موٽي ويو[3].

سن 1814ع ۾ شاهه شجاع بارڪزئي خاندان جي حڪومت کان ڀڄي سنڌ ۾ آيو. ميرن سندس آدرڀاءُ ڪري، کيس شڪارپور ڏانهن اماڻي ڇڏيو. شاهه شجاع جي پٺيان ايوب شاهه لشڪر وٺي اچي سنڌ تي ڪڙڪيو. ميرن شاهه شجاع کي لڏياني ڏانهن

---

[1] قليچ بيگ، مرزا: ”رياست خيرپور جي تاريخ“، حوالو ڏنل آهي، ص 34.
[2] امير علي شاهه، سيد: حوالو ڏنل آهي، ص 72.
[3] حسن علي خان، مير: ”سنڌ جو شاهنامو“، ص 86.

موڪلي ڏنو ۽ ايوب شاهه سان صلح ڪري، ڪيس موٽائي ڇڏيو[1].

شڪارپور جو شهر احمد شاهه ابداليءَ جي وقت سان وني پٺاڻن جي قبضي ۾ هوندو هو. 1823ع ۾ حيدرآباد جي وڏي وزير نواب ولي محمد خان لغاري حڪمت عملي سان ۽ رتو ڇاڻ کان سواءِ پنهنجي قبضي ۾ آندو ۽ اتي خيرپور ۽ حيدرآباد جي ميرن جي طرفان بہ گورنر مقرر ڪيا ويا.

سن 1833ع ۾ شاهه شجاع دربدر ٿي سنڌ ۾ اچي پناهه ورتي. ميرن ڪافي ڏينهن سندس آدرياءُ ڪيو ۽ شڪارپور ۾ رهڻ ڏنو ڪجهه وقت لاءِ اتان جي آسپاس جو محصول مهماني طور هن جي حوالي ڪيو ويو. مگر هو واپس وڃڻ بدران ميرن جي سرحدن تي قبضو ڪرڻ لڳو. جنهن تي مجبور ٿي حيدرآباد ۽ خيرپور جي ميرن گڏجي سندس مقابلو ڪيو[2].

شاهه شجاع جي علمبردار سمندر خان سکر جي پرسان آدم شاهه جي ٽڪريءَ تي توبون نصب ڪيون ۽ ميرن جي لشڪر غلام مرتضيٰ شاهه ڪهيري جي سپہ سالاريءَ ۾ ڪرڙيءَ جي ميدان تي سامهون ٿيو. وڏي رتو ڇاڻ ڪانپوءِ ميرن شڪست کاڌي ۽ سندن بهترين جوڌا شهيد ٿيا، جن مان غلام مرتضيٰ شاهه، ڪاظم شاهه ۽ جهان خان مريءَ جا نالا قابل ذڪر آهن. نيٺ صلح ٿيو ۽ شاهه شجاع اٺ لک رپيا وٺي واپس موٽي ويو[3].

ان ڪانپوءِ شاهه شجاع انگريزن جي پناهه ۾ ويو ۽ ڪافي ڏچو پيدا ڪيائين، جنهن جو ذڪر انگريزن جي احوال ۾ ڏنو ويندو.

### iv. سنڌ ۽ قلات جا بروهي:

قلات جي بروهين جا سنڌ سان تعلقات ميان نور محمد خان ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ شروع ٿيا. سن 1697ع ۾ ميان محمد دائود ڪلهوڙو سبيءَ جي هڪ امير ملڪ باروزئي جي نياڻي زوري کڻي ويو. هن ملتان جي گورنر شهزادي معزالدين کي دانهن ڏني. شهزادو معزالدين، ميان محمد دائود جو دوست هو ۽ هن کان ڀانهن نہ وٺي سگهيو. تنهن ڪري ملڪ باروزئي شهنشاهه اورنگزيب عالمگير وٽ وڃي فرياد ڪئي. اورنگزيب ميان محمد دائود جي موت جو پروانو جاري ڪري شهزادي کي سندس گرفتاري جو حڪم ڪيو. شهزادي قلات جي نواب مير محراب خان اول کي حڪم جي تعميل لاءِ لکيو. مير محراب خان ميان محمد دائود جي پنيان پيو ۽

---

[1] قليچ بيگ، مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 39 ۽ 40.

[2] آندل فقير ماڇي: "جنگ نامو ڪرڙي، سنڌي بيتن ۾."

[3] عطا محمد مرزا، منشي: "تاريخ تازه نوائي معارڪ"، ص 305.

جهالاوان جي علائقي ۾، چڪوءَ جي ڳوٺ وٽ ميان محمد دائود ۽ سندس پاءُ ميان نور محمد سان مقابلو ڪيائين. انهيءَ مقابلي ۾ مير محراب خان اوچتي، گولي لڳڻ سبب مري ويو. مگر شڪست ڪلهوڙن کي آئي ۽ ٻئي ڄڻا گرفتار ڪيا ويا. مير محراب خان جي پائنٽي مير سمندر خان هنن جي قتل جو حڪم ڏنو مگر اتان جي هڪ امير آخوند محمد صالح سفارش ڪري سندن جان بچائي ورتي، ڪلهوڙن معافي وٺي چاليهه هزار روپيا ساليانه خراج ڏيڻ جو وعدو ڪيو. ڪجهه ڏينهن بعد مير سمندر خان کين شهنشاهه اورنگ زيب وٽ وٺي ويو ۽ کين معافي وٺرائي ڏني. اورنگ زيب مير محراب خان جي خون بها ۾ ڪراچيءَ جو بندر ڪلهوڙن کان وٺي سمندر خان کي ڏياري ڇڏيو[1].

وري سن 1731ع ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ قلات جي حاڪم مير عبدالله خان جو مقابلو ڪڇيءَ جي علائقي ۾ جاني ديري جي ڳوٺ وٽ ٿيو جنهن ۾ مير عبدالله خان مارجي ويو. هن جنگ ۾ ٽالپرن جو سردار مير شهداد خان ۽ سندس پٽ مير چاڪر نندو خان به شريڪ هئا.

سن 1739ع ۾ جڏهن نادر شاهه ميان نور محمد خان کي شڪست ڏئي سندس پٽن کي يرغمال طور وٺي قلات مان لنگهيو تڏهن مير عبدالله خان جي خون بها ۾ ڪڇيءَ جو سارو علائقو ڪلهوڙن کان کسي قلات جي نواب مير محبت خان جي حوالي ڪري ڇڏيو[2].

سن 1745ع تائين قلات جو شهزادو مير نصير خان يرغمال طور ايران ۾ رهيو مگر نادر شاهه جي قتل ٿيڻ کان پوءِ اتان ڀڄي نڪتو. پوءِ قنڌار ۽ مڪران مان ٿيندو سنڌ ۾ ڪلهوڙن وٽ اچي پورا ٻه سال مهمان ٿي رهيو[3].

اهوئي مير نصير خان جڏهن قلات جو حاڪم ٿيو. تڏهن هن سن 1788ع ۾ ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي مدد لاءِ پنهنجي هڪ سردار زرڪ خان کي وڏي لشڪر سان ميرن جي مقابلي لاءِ چاڙهي موڪليو. مير عبدالله خان ٽالپر بلوچن جو لشڪر وٺي سندس سامهون ٿيو. انهيءَ لڙائي ۾ زرڪ خان مارجي ويو ۽ سندس لشڪر شڪست کائي موٽي قلات هليو ويو[4].

---

[1] گل خان نصير، مير: "تاريخ بلوچستان، جلد اول"، اقبال اسٽيشنري مارٽ، ڪوئيٽا، 1952ع ص 43 کان 46.
Ahmed Yar Khan: "Inside Baluchistan", Royal Book Co: Karachi 1975, P. 80.

[2] گل خان نصير، مير، "تاريخ بلوچستان، جلد اول"، اقبال اسٽيشنري مارٽ، ڪوئيٽه، 1952ع، ص 80.
Ahmed Yar Khan, "Inside Baluchistan", Royal Book Co: Karachi, P.83.

[3] ايضا:

[4] ايضا: ص 156، 157.

ان کان پوءِ جڏهن 1790ع ۾ افغانستان جي بادشاهه تيمور شاهه سردار مدد خان اسحاق زئي کي سنڌ تي چاڙهي موڪليو هو تڏهن به مير نصير خان پنهنجي خاص سردارن جي سرڪردگي ۾ هڪ وڏو لشڪر مدد خان سان گڏ موڪليو هو. ان وقت به پٺاڻن ۽ بروهين گڏجي سنڌ ۾ ڦرلٽ ڪئي هئي ۽ پوءِ صلح تي ويو هو[1].

افغانستان جي بادشاهه تيمور شاهه جي گهر ۾ مير نصير خان بروهي جي ڀائيٽي هئي ۽ سندن هڪ ٻئي سان برادرانه تعلقات هئا. تنهن ڪري جڏهن به افغانن جي طرفان سنڌ تي ڪاهه ٿيندي هئي، تڏهن بروهين جو لشڪر به پٺاڻن جي لشڪر سان ڪنو هوندو هو.

مير غلام علي خان حيدرآبادي جي ڏينهن ۾ سنڌ ۽ قلات جا تعلقات تمام وڏي ويا، ڇو جو قلات جي حاڪم مير نصير خان جي پٽ مير محمود خان جي ڀائيٽيءَ سان ڀاڳ ناڙيءَ جي شهر ۾ مير غلام علي خان جي شادي ٿي هئي[2].

ان وقت قلات جو هڪ شهزادو بهرام خان مير محمود خان سان بغاوت ڪري سنڌ ڏانهن مدد لاءِ ڀڄي آيو هو مگر ميرن سندس ڪا به مدد ڪانه ڪئي هئي.

سن 1795ع ۾ مير ڪرم علي خان ڪراچي جي بندر تي قبضو ڪري هميشه لاءِ قلات جي حڪومت کان ڌار ڪري ڇڏيو[3].

وري سن 1832ع ڌاري مير محراب خان ثاني شهيد جي زماني ۾ آخوند محمد صالح بغاوت ڪري پنهنجي پٽ محمد صديق کي سنڌ جي ميرن ڏانهن امداد لاءِ موڪليو هو پر ميرن هن باغي جي به مدد ڪانه ڪئي هئي[4].

اهڙي طرح ٽيتاڙي تائين سنڌ جا مير قلات جي حڪومت سان بلوچي اتحاد قائم رکندا آيا.

### ٧. سنڌ ۽ بهاولپور جا دائود پوٽا:

بهاولپور جي دائود پوٽن جا سنڌ سان تعلقات عيسوي سترهين صديءَ جي ابتدا ۾ قائم ٿيا، جڏهن سندن وڏو ڏاڏو امير فيروز خان لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ترائي ۾ وڏيري جلال خان ابڙي جو مهمان ٿي رهيو هو ۽ وفات به اتي ئي ڪئي هئائين. فيروز خان جو پٽ بهادر خان بلوچستان جي علائقن سبي ۽ ڍاڍرجي نواب وٽ وڃي رهيو هو جنهن کيس هڪ جاگير عطا ڪئي هئي. ان وقت سکر ضلعي جي شهر لکيءَ جو

---

[1] گل خان نصير، مير: حوالو ڏنل آهي، ص 157 کان 159.
[2] قليچ بيگ، مرزا: حوالو ڏنل آهي، ص 38.
[3] گل خان نصير، مير: حوالو ڏنل آهي، ص 179.
[4] ايضاً: ص 225.

حاڪم شير خان مهر هو جنهن جا ماڻهو بهادر خان ۽ سندس عزيزن جو مال ٻه چورائيندا رهندا هئا ۽ سندس شڪار گاهه ۾ به خلل وجهندا هئا.

بهادر خان وڏيرو شير خان وٽ سندس مرشد به ميڙ وني ويو پر مهرن پنهنجون حرڪتون بند نه ڪيون. نيٺ بهادر خان تنگ ٿي مهرن سان مقابلو ڪيو. هنن کي شڪست ڏئي، لکيءَ کان نون ميلن جي فاصلي تي 1026 هجري مطابق 1617ع ۾ هڪ شهر پڏي، ان جو نالو شڪارپور رکيو. ان کان پوءِ وري لکيءَ جي وڏيري ڪريم ڏني خان جي سرڪردگي ۾ مهرن جوابي حملو ڪيو پر ڪامياب ٿي نه سگهيا ۽ لکيءَ جو شهر به دائود پوٽن جي قبضي ۾ اچي ويو[1].

هڪ صدي گذرڻ کان پوءِ ميان نور محمد خان ڪلهوڙي ٻه ٽي دفعا شڪارپور تي ڪاهه ڪئي، پر هر دفعي صلح ٿي پي ويو ۽ شڪارپور جو شهر دائود پوٽن جي قبضي ۾ رهندو آيو. نيٺ سن 1139هجري مطابق 1726ع ۾ ميان نور محمد خان ڪلهوڙي مير شهداد خان ٽالپر سان گڏجي شڪارپور تي حملو ڪيو جنهن ۾ امير صادق محمد خان اول هار کائي خانپور ۾ آيو پر اتي به سنڌ جي لشڪر سندس پيڇو ڪيو ۽ هو ديري غازي خان جي درياهن جي وچ واري زرخيز علائقي "پيٽ دبلي" ۾ وڃي پهتو جتي پنهنجي شڪست قبول ڪري جان ڇڏرايائين[2].

ٽالپرن جي زماني ۾ خيرپور جي حاڪم مير سهراب خان سن 1224 هجري مطابق 1809ع ۾ بهاولپور تي چڙهائي ڪئي مگر صلح ٿيو[3].

ٻن سالن کان پوءِ مير سهراب خان ڪن اُچ جي ساداتن جي حق رسي لاءِ بهاولپور تي پنهنجو لشڪر چاڙهي موڪليو. ميرن جي لشڪر هڪ سڪل واهه جي تري ۾ آڙ ورتي. بهاولپور جي نواب واهه جو منهن کولرائي پاڻي ڇڏرايو جنهن جي ڪري ميرن جو لشڪر ڇڙوڇڙ ٿي ويو ۽ شڪست کاڌائين. نواب صاحب ٽنولي ڪري لشڪر جو ڇڏيل سامان مير غلام علي خان ڏانهن حيدرآباد ڏياري موڪليو. مير غلام علي خان غصي ۾ پنهنجي هڪ سالار طاهر خان کي لشڪر ڏئي بهاولپور تي چاڙهي موڪليو. مير سهراب خان جو تازه دم لشڪر به طاهر خان سان مليو ۽ ٻنهي لشڪرن گڏجي بهاولپور تي ڪاهه ڪئي. هن دفعي مير ڪامياب ٿيا ۽ سبزل ڪوٽ ۽ ڀنگ ڀاڙي وارو علائقو ڪسي خيرپور جي حڪومت سان ملائي ڇڏيائون ۽ نواب صاحب جي فرزند رحيم يار خان کي يرغمال طور حيدرآباد وٺي آيا[2].

---

[1] محمد عزيز الرحمن، عزيز: "صبح صادق"، اردوطبع ثاني، برقي پريس، بهاولپور 1943ع، ص 67 کان 69

[2] ايضاً: ص 75.

[3] ايضاً: ص 95.

[2] لطف الله، بدوي: "تذڪره لطفي"، ڀاڱو ٻيو، ص 31، 32.

شهزادو رحيم يار خان سنڌ ۾ هڪ سال اڍ مهينا رهيو ۽ پوءِ عزت سان پنهنجي ڳوٺ موٽي ويو[1].

تاريخ 8 ڊسمبر 1842ع ۾ انگريزن سبزل ڪوٽ ۽ ڀنگ ڀاڙي وارا علائقا خيرپور جي حڪومت کان کسي بهاولپور جي نواب جي حوالي ڪيا[2].

اُن کانپوءِ سنڌ جي ميرن جا بهاولپور وارن سان ڀائپي وارا تعلقات رهندا آيا. مير محمد حسن ۽ سندس عزيز بهاولپور جي نواب جي ضمانت تي سنڌ ۾ موٽي اچي رهيا هئا[3]

vi. سنڌ ۽ راجپوت:

جوڌپور ۽ جيسلمير جا راجپوت سنڌ جي ڪلهوڙن جا دوست ۽ تالپرن جا جاني دشمن هئا. ميان عبدالنبي خان ڪلهوڙي سن 1194هجري مطابق 1780ع ۾ جوڌپور جي راجا بجيسنگهه سان سازباز ڪري ٻه راجپوت گهرايا هئا. جن مير بجار خان کي شهيد ڪيو هو[4].

ساڳئي سال مير بجار خان جي فرزند مير عبدالله خان لشڪر وٺي جوڌپور تي حملو ڪيو هو. راجا بجيسنگهه ۽ بلوچن جي وچ ۾ خونريز لڙائي لڳي هئي. بلوچ راجا کي شڪست ڏئي جوڌپور ۾ ڦرلٽ ڪري واپس آيا هئا ۽ عمرڪوٽ جو قلعو پنهنجي قبضي ۾ ڪيو هئائون[5].

وري جڏهن مدد خان پٺاڻ جي مدد سان ميان عبدالنبي خان ڪلهوڙو اقتدار ۾ آيو هو. تڏهن هن عمرڪوٽ وارو قلعو پنهنجي دوست، جوڌپور جي راجا کي واپس ڏئي ڇڏيو هو.

هالاڻي جي جنگ کان پوءِ جڏهن مير سنڌ جي حڪومت سنڀالي ويٺا. تڏهن سن 1201هجري مطابق 1786ع ۾ مير سهراب خان خيرپور واري جو ڀاءُ مير غلام محمد خان شڪار جي سانگي عمرڪوٽ جي طرف ٿي ويو ته راجپوتن جي ور چڙهي ويو ۽ وڙهندي پنهنجي هڪ سو ماڻهن سان شهيد ٿي ويو. مير سهراب خان ڀاءُ جي بدلي وٺڻ لاءِ جوڌپور تي چڙهائي ڪئي. حيدرآباد مان مير فتح علي خان جو لشڪر به ساڻس مدد ۾ هليو. ڪافي راجپوت مقابلي ۾ مارجي ويا ۽ شڪست کاڌائون. مير صاحب عمرڪوٽ جو قلعو قبضي ۾ ڪري ڪاميابيءَ سان موٽي آيو[6].

---

[1] محمد عزيز الرحمن، عزيز: حوالو ڏنل آهي، ص 94.
[2] ايضاً: ص 107.
[3] روايت: مير فدا حسين خان تالپر
[4] لطف الله بدوي: "تذڪره لطفي"، ڀاڱو ٻيو حوالو ڏنل آهي، ص 13.
[5] ايضاً: ص 15.
[6] قليچ بيگ، مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 27 ۽ 28.

مير فتح علي خان، مير ناري خان ۽ مير سهراب خان راجپوتانا جي سرحد کان بچاءَ لاءِ ٽيٽيهه قلعا تعمير ڪرائي ڇڏيا. ان کان وٺي راجپوت ميرن جي ملڪ تي ڪڏهن به بري نظر ڪري نه سگهيا. انگريزن سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ شاهه ڳڙهه وارو قلعو خيرپور جي ميرن کان کسي جيسلمير جي راجا کي ڏئي ڇڏيو.

## vii. سنڌ ۽ پنجاب جا سک:

ميرن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان سورهن سال پوءِ 1799ع ۾ رنجيت سنگهه پنجاب ۾ هڪ سک رياست قائم ڪئي هئي. انهيءَ رياست قائم ڪرڻ ۽ راجا جي لقب اختيار ڪرڻ جي اجازت کيس افغانستان جي بادشاهه زمان شاهه ڏني هئي، ڇو جو رنجيت سنگهه سندس درياهه ۾ ٻڏل توبون ڪيڙرائي هن ڏانهن ڏياري موڪليون هيون.[1]

ابتدا ۾ رنجيت سنگهه جا ميرن سان سنا تعلقات هئا. ٻئي حڪومتون هڪ ٻئي ڏانهن ساليانا تحفا ۽ سوکڙيون موڪلينديون رهنديون هيون[2]. مير ناري خان جي فرزند مير علي مراد خان ماٽڪاٽي جي رنجيت سنگهه سان خاص دوستي هوندي هئي[3].

سن 1817ع ۾ سنڌ ۾ افواهه اٿيو ته راجا رنجيت سنگهه جو ڏوهٽو نهال سنگهه وڏي لشڪر ۽ توبخاني سان سنڌ تي ڪاهيو ٿو اچي. اهو ٻُڌي مير ڪرم علي خان حيدرآباد واري ۽ مير سهراب خان خيرپور واري جا لشڪر گڏجي مقابلي لاءِ شڪارپور تائين آيا. هوڏانهن حيدرآباد مان ميرن جا وڪيل بمبئي جي انگريز گورنر ڏانهن مدد لاءِ ويا. انگريزن خط لکي راجا کي لڙائي کان روڪ ڪئي. جنهن جواب ۾ لکيو ته نهال سنگهه سير ۽ تفريح جي لحاظ کان ان طرف تي ويو هو ۽ کين سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ جو ڪو به ارادو ڪونه هو. ميرن ڏانهن به هڪ دوستي جو خط لکيائين. ان کان پوءِ ميرن جو لشڪر موٽي خيرپور ۽ حيدرآباد هليو ويو.[4]

ان کانپوءِ جڏهن رنجيت سنگهه شڪارپور شهر جي رونق ۽ سنڌ جي زرخيز علائقن جي شهرت ٻڌي، ته هن کي سنڌ فتح ڪرڻ جو شوق جاڳيو. تنهن ڪري هميشه وجهه ڳوليندو ۽ پنهنجي فوجي آفيسرن سان سنڌ هٿ ڪرڻ جون صلاحون ڪندو رهندو هو. هڪ دفعي سندس هڪ فوجي آفيسر وليم لي (William Leigh)

---

(1) Lepel Griffin: "Ranjit Singh", S. Chand &Co. Delhi, 1957, p. 161, 162.

(2) لطف الله بدوي: "تذڪره لطفي، جلد ٽيون"، حوالو ڏنل آهي، ص 58.

(3) محمد حنيف مهر، ڪاڇيلوي: "تاريخ ماٽڪاٽي مير"، حوالو ڏنل آهي، ص 64.

(4) قليچ بيگ، مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 40، ۽ 41.

کي ڇيو هو تہ هو ڏهہ هزار ماڻهو وٺي سنڌ فتح ڪري سگهندو.[1]

رنجيت سنگهہ سنڌ تي چڙهائي ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي، مگر انگريزن وري بہ هن کي منع ڪئي، ڇو جو سنڌ جي ميرن سان سندن سٺا تعلقات هئا[2] جڏهن 1831ع ۾ سيد احمد بريلوي شهيد ٿي ويو تڏهن هن جو من وڌي ويو ۽ سنڌ جي سرحد وارن ڪافي علائقن تي قبضو ڪري ورتو. 1838ع ۾ سنڌ جي ميرن کان خراج وٺڻ جي گهر ڪيائين، جيڪا هنن حقارت سان ٺڪرائي ڇڏي، ان وقت بہ هندستان جي وائسراءِ وچ ۾ پئي رنجيت سنگهہ کي اڳرائي ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو[3]. ان هوندي بہ انگريزن اڳ ۾ ميڙ منٿ ڪري، پوءِ دڙڪا ڏئي بہ هن کي ميرن کان پندرهن لک روپيا وٺي ڏنا[4].

رنجيت سنگهہ 1839ع ۾ مري ويو[5]. ۽ سندس جانشين سنڌ جي ميرن سان سٺا تعلقات رکندا آيا. ايتري قدر جو مير شير محمد خان ماڻڪاڻي ۽ مير محمد حسن خان خيرپوري جلاوطني واري زماني ۾ سکن جي سرحد ۾ وڃي رهيا هئا[6].

### viii. سنڌ ۽ انگريز:

سنڌ ۾ انگريزن جي آمد عيسوي سترهين صديءَ جي شروعات ۾ ٿي. هڪ پئي پنيان سندس محقق سير ۽ تفريح جي خيال کان هتي اچي ملڪي مشاهدو ڪندا رهيا ۽ پنهنجي سفرنامن جي ذريعي پنهنجي قوم کي هتان جي حقيقتن کان واقف ڪندا رهيا. اهڙن سياحن مان ڪئپٽن هاڪس، رابرٽ شرلي، نڪولاس ورنگٽن، هئملٽن ۽ ميسن جا نالا قابل ذڪر آهن[7].

ان کانپوءِ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي کان رعايت حاصل ڪري 1758ع ۾ واپاري ڪوٺيون کوليائون، جيڪي سن 1775ع ۾ بند ڪيائون، ڇو جو ميان غلام شاهہ جي فرزند ميان سرفراز سندن سرپرستي نہ ڪئي.[8]

---

(1) Gray, C: "European Adventures of Northern India", Govt. Press, Lahore, 1929, p. 76.

(2) Mahajan, V.D: "India Since 1526", S. Chand & Co: Delhi, 1963, p. 162.

(3) Dod well, H.H: "The Cambridge History of India", Vol. V.S. Chand & Co: Delhi, p. 523, 524.

(4) قليچ بيگ، مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 46.

(5) Lepal Griffin: "European Adventures of India".

(6) ممتاز حسين، پٺاڻ، ڊاڪٽر: "ڪئپٽن استوڪ جي انگريزي ڪتاب دلا ۽ ليوز جو ترجمو"، ص 320.
محمد حنيف، مهر، ڪاڇيلوي: "تاريخ ماڻڪاڻي مير"، حوالو ڏنل آهي، ص 84.

(7) لطف الله، بدوي: "تذڪره لطفي"، حوالو ڏنل آهي، ص 6 کان 12.

(8) Hughes: "Selections from the Records of the Bombay Govt:", New Series No xviii, Education Society Press, Bombay, 1855, p. 109.

وري سن 1799ع ۾ هنن پنهنجي هڪ مقامي واپاري ابوالحسن کي موڪليو ته هو سنڌ جي حڪومت سان تعلقات قائم ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪري. هنن ظاهر ۾ اهو ڏيکاريو ته هو سنڌ سان تجارتي ناتا رکڻ ٿا چاهين. مگر حقيقت ۾ سندن مقصد سياسي هو ۽ چاهيائون ٿي ته انهيءَ نموني سان هو ٽيپو سلطان ۽ فرينچن جي سرگرمين کي ناڪام بڻائي سگهندا ۽ افغانستان جي بادشاهه زمان شاهه جي منصوبن کان به اڳواٽ واقف ٿي سگهندا. مير فتح علي خان هنن جي حفاظت ڪرڻ ۽ کين هر طرح جي رعايتن ڏيڻ جو وعدو ڪيو ۽ سندن ريزيڊنٽ ناٿن ڪرو کي ڪراچيءَ ۾ گهر ناهڻ جي اجازت ڏني.[1] ۽ هنن نتي ۽ ڪراچي ۾ ڪوٺيون وڌيون. ٿورن ڏينهن ۾ مير صاحب کي مقامي تاجرن ذريعي انگريزن جي نيت جو پتو پئجي ويو ۽ سن 1800ع ۾ هنن جون ڪوٺيون بند ڪرائي کين ملڪ مان ٺي تڙي ڪڍيائين.[2]

جيستائين مير فتح علي خان زنده هو، تيستائين انگريزن سنڌ ۾ پير نه پاتو مگر مير فتح خان جي وفات کان پوءِ جڏهن نيپولين، ايران ۽ روس وارن سان عهد ناما ڪيا، تڏهن کين خوف ٿيو ۽ 1809ع ۾ مير غلام علي خان سان دوستانه تعلقات رکي عهد نامو ڪيائون، جنهن موجب ميرن وعدو ڪيو ته هو پنهنجي ملڪ ۾ فرينچن کي رهڻ نه ڏيندا. مير غلام علي خان 1227هجري مطابق 1813ع ۾ وفات ڪئي.[3] ۽ مير ڪرم علي خان سندس جانشين ٿيو جنهن جي ڏينهن ۾ انگريزن رنجيت سنگهه ۽ ميرن جو صلح ڪرايو.

سن 1820ع ۾ مير ڪرم علي خان انگريزن سان پهرين عهد نامي جي توثيق ڪئي ۽ وعدو ڪيائين ته آئينده انگريزن کان سواءِ ٻئي ڪنهن به يورپي کي پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ نه ڏيندو.[4]

مير ڪرم علي خان 1828ع ۾ ، مير سهراب خان 1830ع ۾ وفات ڪئي. حيدرآباد جي حڪومت مير مراد علي خان جي حوالي ٿي ۽ خيرپور ۾ مير رستم خان اڳ ۾ ئي حاڪم ٿيو هو.

ان وقت هندستان جو وائسراءِ لارڊ وليم بينٽڪ هو جنهن کي سندس صلاحڪارن ۽ بمبئي جي گورنر سنڌ تي قبضي ڪرڻ جو مشورو ڏنو پر هن

---

[1] محمد حنيف، صديقي: "مضمون انگريزن جو سنڌ تي قبضو"، اخبار مهراڻ، جنوري 1961ع، ص 16.

[2] Rahim, A, Dr: "A History of the Freedom Movement" vol, II, Pakistan Historical Society, Karachi, 1960, p. 49.

[3] دين محمد، وفائي، مولانا: "الوحيد آزاد نمبر"، 1936ع ص 107.

[4] سي يو ايچيسن: "اردو ترجمو عهدنامجات، جلد ستون"، نولڪشور لکنو 1869ع، ص 5.

سياسي مجبورين سبب ان وقت ايڏو وڏو قدم نہ کنيو. تڏهن بہ 1831ع ۾ رنجيت سنگهہ ڏانهن گهوڙن ۽ ٻين سوکڙين موڪلڻ جو بهانو بڻائي، ميرن کان سنڌو ندي استعمال ڪرڻ جي اجازت گهريائين. مير اهڙي اجازت ڏيڻ لاءِ راضي نہ هئا، پر هڪ تہ برنس اڳ ۾ ئي سندن علاج ذريعي وٽن اثر رسوخ حاصل ڪري چڪو هو، ٻيو مير نصير خان سندن سفارش ڪئي ۽ ٽيون وري گورنر جنرل ڪين پنهنجي دوستيءَ جو واسطو وڌو. تنهن ڪري حضور شرميءَ کان مجبور ٿي هنن کي اجازت ڏنائون. برنس گهوڙا ۽ سوغاتون ساڻ ڪري سنڌونديءَ مان پنجاب ويو ۽ مخفي طرح سنڌونديءَ ۽ ان جي آسپاس جي چوڪاس وٺي حڪومت کي رپورٽ ڏني[1].

هڪ انگريز محقق مسٽر ٿرٽن جي قول موجب ميرن غير ملڪي تاجرن لاءِ پنهنجي ملڪ کي کولڻ مناسب نٿي ڄاتو. هو اهڙي زمين جي ٻڪ وارن بيمارن تي ڀروسو رکي نٿي سگهيا[2].

انگريزن جي انهيءَ دريائي سفر تي سنڌين جي دلين ۾ ڪيترائي شڪ شبها ۽ خوف پيدا ٿيا ۽ هڪ سنڌي سيد چئي ڏنو "افسوس جو سنڌ هلي وئي، ڇو جو انگريزن درياهہ ڏسي ورتو آهي ۽ اهو ئي فتح جو رستو آهي"[3].

جڏهن انگريزن کي سنڌو نديءَ جي پوري پروڙ پئجي وئي، تڏهن ميرن کي ان جي جهاز راني ۽ واپار جي فائدن جا سبز باغ ڏيکارڻ شروع ڪيائون ۽ خيرپور جي مير رستم خان کي پهريون دفعو پنهنجي دام ۾ آنڊائون. مير رستم خان ان وقت پنهنجي خانداني جهڳڙن ۽ انگريزن جي پيدا ڪيل سياسي سازشن ۾ ڦاٿل هو، تنهن ڪري حالتن کان مجبور ٿي 1832ع ۾ معاهدو ڪيائين، جنهن موجب انگريزن خيرپور جي جداگانہ حيثيت تسليم ڪئي ۽ واپار لاءِ سنڌوندي ۽ ٻيا رستا کولريائون. ٿورن ڏينهن اندر اهڙو ئي عهد نامو حيدرآباد جي ميرن سان بہ ڪيائون. خيرپور ۽ حيدرآباد جي ٻنهي حڪومتن سخت مجبوريءَ جي حالت ۾ انگريزن جا شرط قبول ڪيا، پر دورانديشي ڪرڻ هنن کان بہ اهو شرط لکرائي ورتائون تہ هو سنڌ ۾ ٻيڙيون ڪري نہ ويهندا ۽ سنڌو ندي يا ٻيا رستا فوجي طرح سان استعمال نہ ڪندا. ان کانپوءِ 1834ع ۾ وري انگريزن هڪ نئون عهدنامو ڪري ٻيڙين تان محصول جي رعايت ورتي[4].

---

(1) Rahim, A. Dr: "A History of the Freedom Movement". P. 52.

(2) قيام الدين احمد، ڊاڪٽر: "هندستان مين وهابي تحريک"، نفيس اڪيڊمي ڪراچي، 1972ع ص 118.

(3) محمد حنيف، صديقي: حوالو ڏنل آهي، ص 17.

(4) Hughes, A. W: "Gazetteer of the Province of Sind", George Bell & sons, London, 1874, p. 413.

حقيقت ۾ وليم بينتڪ جو اصلي مقصد سنڌونديءَ کي انگريزن جي حڪومت لاءِ هڪ غار ٻڻائڻ هو. هن 1832ع وارو عهد نامو ڪري پاڻ کان پوءِ اينڊڙ گورنر جنرلن لاءِ هڪ راهه هموار ڪري ڇڏي هئي، تہ جيئن هو اڳتي هلي ان غار کي ميرن جي قبر ٻڻائي ڇڏين[1].

انهيءَ وچ ۾ سن 1249هجري مطابق 1833ع ۾ ٻهرئين چوياري جو آخري تاجدار مير مراد علي خان وفات ڪري ويو ۽ حيدرآباد ۾ مير نور محمد خان، مير نصير خان، مير محمد خان ۽ مير صوبدار خان جي ٻي چوياري قائم ٿي ۽ پنهنجو ملڪ چئن حصن ۾ تقسيم ڪري حيدرآباد ۾ گڏجي حڪومت ڪرڻ لڳا. ان وقت خيرپور جي حڪومت ٽن پائڙن مير رستم خان، مير مبارڪ خان ۽ مير علي مراد خان ۾ ورهايل هئي. ساڳئي نموني سان ميرپوخاص جي حڪومت مير شير محمد خان، مير شاهہ محمد خان ۽ مير خان محمد خان ۾ تقسيم ٿيل هئي.[2] مطلب تہ وڏا مير پنهنجو وارو وچائي مالڪ حقيقي سان وڃي مليا هئا ۽ ساري سنڌ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ننڍين شهزادن جي هٿ ۾ اچي وئي هئي، جيڪي آهستي آهستي انگريزن جي سياسي ڄار ۾ ڦاسندا ويا. ٻن سالن کان پوءِ لارڊ آڪلنڊ هندستان جو گورنر جنرل ٿي آيو ۽ هن ميرن سان اهڙو برتاءُ ڪيو جهڙو پنهنجي زيردستن سان ڪبو آهي.

انگريز هڪ طرف ميرن سان معاهدا ڪندا ويا ۽ ٻئي طرف سکن کي تشدد تي اياريندا ويا[3]. نتيجو اهو نڪتو جو رنجيت سنگهہ روجهاڻ تي قبضو ڪيو ۽ سنڌ تي باقاعدي ڪاهہ ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني. سرچارلس نيپيئر جي لفظن ۾ "سنڌي بلوچن جي بهادري ۽ سندن جنگجو طبعيتن کي ڌيان ۾ رکندي، اها ڳالهہ يقيني نظر ڪانہ پي آئي تہ ڪو رنجيت سنگهہ پنهنجي حملي ۾ ڪامياب ٿي سگهي ها. اها ڳالهہ بہ يقيني آهي تہ ميرن کي هن جي خلاف ٻاهرين مدد وٺڻ جي نہ ڪا خواهش هئي ۽ نہ وري هنن اهڙي گهر ڪئي هئي"[4].

هونئن بہ ميرن رنجيت سنگهہ جي ڌمڪين جي پرواهہ ڪانہ ڪئي هئي ڇو جو ڪيس پنهنجي طاقت تي ڀروسو هو.

مير رستم خان دعوي سان چيو هو "اسان سکن کي اڳ بہ پڇايو آهي ۽ هاڻي بہ پڇائيندا سون"[5]

---

(1) Rahim, A, Dr: "A Historyof the Freedom Movement", p. 54.

(2) M. Sardar Khan: "History of Baloch Race &Baluchistabn", Process Pakistan, Karachi, 1958. P. 153.

(3) تبسم، چوڌري: "تذڪره پيران پاڳاره"، انڊس پرنٽرس، حيدرآباد، 1975ع، ص 114.

(4) محمد حنيف، صديقي حوالو ڏنل آهي، ص 17.

(5) Montgomery Martin: "The History of the Indian Empire", Vol. I, Printing Co; London, 1874, p. 449.

اها ہي ڳالهہ هئي تہ هو سکن ۽ انگريزن جي گڏيل طاقت سان مقابلو ڪري سگهن ها يا نہ. ہنهي طاقتن پاڻ ۾ ملي ايڏي سازش ڪئي جو تالپرن کي ہن ڳالهين مان هڪڙي ڳالهہ قبول ڪرڻي هئي. يا تہ هو ڳالهين ذريعي صلح ڪن ها. يا ہنهي سان ڪليو مقابلو ڪن ها. ميرن مجبور ٿي پهرئين ڳالهہ قبول ڪئي ۽ 1838ع ۾ انگريزن جي ريزيڊنٽ کي پاڻ وٽ رهائي سندس ثالثي قبول ڪئي [1] نہ فقط ايترو پر ميرن جي خرچ تي حيدرآباد ۾ انگريزي لشڪر بہ رهايو هئائون. تہ هو سنڌين جي مجبوري جو وڏ ۾ وڏ فائدو وٺي [2].

ان وقت انگريزن کي روس جي حملي جو خوف سر تي سوار هو. تنهن ڪري ان جي روڪڻ لاءِ افغانستان جي بادشاهہ دوست محمد خان سان تعلقات وڌائي کيس پنهنجي مطيع بڻائڻ جي ڪوشش ڪيائون. پر هو سندن دام ۾ نہ آيو. ايتري ۾ افغانستان مان لوڌجي نڪتل شاهہ شجاع هنن جي ور چڙهي ويو جنهن کي دوست محمد جي بدران پنهنجو هٿ ٺوڪيو حاڪم بڻائڻ جو فيصلو ڪيائون [3]

جون 1838ع ۾ شاهہ شجاع، رنجيت سنگهہ ۽ انگريزن جي وچ ۾ ٽن ڌرين جو عهدنامو ٿيو جنهن ۾ طئي ڪيو ويو تہ شاهہ شجاع ۽ انگريز افغانستان تي حملو ڪندا ۽ شاهہ شجاع جي خرچ لاءِ رهيل خراج جي بهاني سان ميرن کان هڪ دفعو ئي وڏي رقم وٺي ويندي ۽ ان مان پندرهن لک رنجيت سنگهہ کي رشوت طور ملندا.

افغانستان تي ڪاهڻ لاءِ رنجيت سنگهہ کين پنهنجي ملڪ مان رستو نہ ڏنو تنهنڪري هنن کي سڌو ۽ سولو رستو ڇڏي سنڌ جي رستي کان وڃڻو پيو ۽ کين هزارين ميل مسافري برداشت ڪرڻي پئي [4].

سنڌ جا مير رستي نہ ڏيڻ ۾ رنجيت سنگهہ کان گهٽ ڪين هئا. پر ٽن طاقتن جي وچ ۾ ڦاسي چڪا هئا ۽ کين ڪنهن تي اعتبار ڪونہ هو ۽ هڪ وقت تي سڀني سان مقابلو بہ ڪري نہ ٿي سگهيا. انگريزن کي ڪابل ڏانهن لشڪر موڪلڻو هو تنهن ڪري 1832ع واري عهد نامي جي پيڪڙي ڪيائون ۽ ڏنڊي جي زور تي لشڪر موڪلي سنڌ کي فوجي ڪارروايين جو مرڪز بڻايائون [2].

---

(1) Abid: p. 449.

(2) محمد حنيف صديقي: حوالو ڏنل آهي، ص 17.

(3) Chandra, P.T,: "Indian Cyclopaedia", 3rd edition, Navyug Printing Press, Lahore, 1934, p. 38.

(4) Griffiths, S.P: "The British Impact on India", Macdoneld, London, 1952, p. 96.

غلام سرور لاهوري، مفتي: "بهارستان تاريخ"، نولڪشور لکنو 1877ع، ص 149.

ثناءالله شيخ: "برٽش سلطنت"، عجائب استورس، سکر، 1964ع، ص 81.

(2) Marriot, J.A. R: "A History of England", Vol. VII, Methmen & co. London, 1919, p. 269.

Percival Spear: "Oxford History of Modern India", University Press, London, 1965. p. 164.

جڏهن انگريز افغانستان تي چڙهائي لاءِ سنڌ مان وچي رهيا هئا، تڏهن افغانستان جي بادشاهہ دوست محمد خان هنن کي خط لکيو هو تہ "اوهان انگريزن کي رستو ڏئي پاڻ لاءِ کندا پوکي رهيا آهيو. اسان کي اوهان جي حال تي افسوس آهي. اوهان اها حديث نہ ٻڌي آهي ڇا تہ "جيکو کنهن ظالم جي مدد کندو آهي تہ خدا ان تي اهو ئي ظالم مسلط کندو آهي. اوهان جو کجھہ کري رهيا آهيو ان جو نتيجو اوهان کي جلد ملندو"[1].

ميرن جي انهي خط جي هدايتن تي عمل کرڻ جي مرضي هئي، مگر ويچارا مجبور هئا ۽ کجھہ بہ کري نٿي سگهيا.

عين ان وقت انگريزن اليگزينڊر برنس کي حکم ڏنو تہ هو خيرپور جي ميرن کي لالچائي، خوف ڏياري، هنن سان تعلقات پيدا کري ۽ نئين عهدنامي تي دستخط وٺي. برنس خيرپور ۾ آيو ۽ ڇهن کلاکن جي بحث کان پوءِ اڏاري طور بکر جي قلعي جو قبضو ورتائين[2].

حيدرآباد جا مير ڌانهون کندا رهيا، مگر انگريزن ۽ شاهہ شجاع جون فوجون اڳتي وڌنديون رهيون. شاهہ شجاع شڪارپور کان ڏيندو اچي لاڙڪاڻي تي قبضو کري ويٺو. هوڏانهن انگريزي فوجون ڪراچي تي زوري قبضو کري حيدرآباد ڏانهن وڌڻ لڳيون. اهڙي ماحول ۾ انگريزن جا سفير حيدرآباد ۾ عهدنامي لاءِ زور ڀري رهيا هئا. مير نور محمد خان هڪ ڀيتي کولي سمورا عهدناما کڏي سندن اڳيان رکيا ۽ چيو تہ "آخر انهن عهدنامن جي قيمت ڇا آهي؟ جڏهن کان وٺي انگريزن جا سنڌ سان تعلقات شروع ٿيا آهن تڏهن کان وٺي هر روز نوان مطالبا پيش ٿيندا ٿا وڃن. اسان دوستيءَ جي ناتي تي هر کا مدد ڏيڻ گهرون ٿا، مگر اها پڪ ملڻ گهرجي تہ آئينده اسان کي وڌيڪ تنگ نہ کيو ويندو". مير جي آڏو سفير لاجواب ٿيل، مگر نئين عهدنامي لاءِ زور ڀريندا رهيا. نيٺ ميرن مجبوريءَ جي حالت ۾ 1839ع ۾ عهدنامو کري انگريز فوج جا پنج هزار ماڻهو پنهنجي خرچ تي سنڌ ۾ رهڻ ڏنا[3].

عهدنامي ۾ اهو بہ شرط وڌو ويو تہ مير انگريزن جي پڇڻ کان سواءِ کنهن سان بہ خارجہ تعلقات نہ رکندا ۽ ڪراچيءَ جو شهر انگريزن جي قبضي ۾ ڏيندا[4]. ان عهدنامي کي چارلس نيپيئر جهڙي ظالم ماڻهو بہ ارهہ زورائي ۽ بي انصافيءَ جو قدم

---

[1] عطا محمد، مرزا، منشي: "تاريخ تازه نوائي معارک" ص 615 ۽ 616.

[2] Hariram Gupta: "Mohan lal Kasmiri", Minerva Book Shop, Lahore, 1943, p. 114 & 118.

[3] لطف الله بدوي: "تذکره لطفي"، ياگو بيو حوالو ڏنل آهي، ص 49، 50 ۽ 51.

[4] Azimushan Hyder, Dr: History of Karachi", Feroz Sons, Karachi, 1974, p. 7.

سڏيو آهي[1]. انهيءَ عهدنامي ڪانپوءِ انگريزن جو لشڪر خيرپور ۾ راس بيل کي ريزيڊنٽ ڪري افغانستان ڏانهن هليو ويو جتي عارضي فتح حاصل ڪري، ظلم جي باهه ٻاري ڏنائين. انگريزن اتان ڪجهه لشڪر جنرل ويشائر کي ڏنو جنهن قلات ۾ خونريزي ڪري اتي جي نواب مير محراب خان کي شهيد ڪري، ان جي جاءِ تي شاهنواز خان کي هٿ ٺوڪيو حاڪم بنايو[2].

خيرپور جو ريزيڊنٽ راس بيل (Ross Bell) مير رستم خان جي اندروني معاملات ۾ ناجائز دخل ڏيڻ لڳو. ايتري قدر جو سندس ڪاردارن کي سڏرائي سزا ڏنائين ۽ سندس وڏي وزير فتح محمد خان غوريءَ جي بي عزتي ڪيائين[3].

مير رستم خان پنهنجي وڏي پٽ مير حسن خان کي پنهنجو ولي عهد مقرر ڪيو. ته سندس ننڍي ڀاءُ مير علي مراد خان وڃي راس بيل کي دانهن ڏني ۽ راس بيل اڻ سڏيو مهمان بڻجي ولي عهديءَ جي معاملي ۾ ٽپي پيو ۽ فيصلو ڏنائين ته مير رستم خان جو جانشين مير علي مراد خان کي بڻايو وڃي[4].

خيرپور ۾ پائرن جي بي اتفاقي جاري هئي، ته سن 1841ع ۾ حيدرآباد جو حڪمران مير نور محمد خان گذاري ويو ۽ سندس جاءِ تي مير نصير خان ويٺو. ان وقت ميرن ۾ جتي ڪتي خانگي جهيڙا پڪڙجي رهيا هئا. مير نور محمد خان جي پٽن جو ورثي تان تڪرار ٿيو جنهن کي ميجر آئوٽرام وچ ۾ پئي ٺاري ڇڏيو. ٻئي طرف مير صوبدار خان به مير نصير خان ۽ ٻين ميرن جي برخلاف ٿي بيٺو هو. سنڌ ۾ بيقراري جي فضا قائم ٿي چڪي هئي، ته اوچتو افغانستان ۾ به انقلاب اچي ويو. شاهه شجاع کي قتل ڪري انگريزن جي ايلچيءَ کي بيدرديءَ سان ماريو ويو[5].

1842ع ۾ افغانستان ۾ جتي ڪتي انگريزن جو ڪوس ڪيو ويو. اتان هار کائي موٽندي، واٽ تي سنڌن ساڍن سورهن هزارن ماڻهن مان صرف هڪ ماڻهو برائڊن (Briden) زنده موٽي آيو[6]. افغانستان جي هار کانپوءِ لارڊ آڪلنڊ کي انگلنڊ موٽايو ويو. جيڪو ڊرو، گيدي ۽ ارادي جو ڪچو هو ۽ ان جي جاءِ تي لارڊ ايلنبرو گورنر جنرل ٿي آيو جيڪو تڪڙو، سخت ۽ هيڻلو هو[7].

---

(1) محمد حنيف صديقي: "مضمون مهراڻ"، ص 17.

(2) گل خان نصير، مير: "تاريخ بلوچستان، جلد اول"، اقبال استيشنري مارٽ، ڪوئيٽه، 1952ع، ص 262.

(3) ممتاز حسين، پٺاڻ، ڊاڪٽر: "ڪئپٽن استوڪ جي انگريزي ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو"، ص 73 ۽ 74.

(4) مير دوست محمد خان: "سرگذشت تالپران فارسي قلمي".

(5) لطف الله بدوي: "تذڪره لطفي"، ياڳوڻيو حوالو ڏنل آهي، ص 53.

(6) Azizmushan Hyder, Dr: "History of Karachi", Feroz Sons, Karachi, 1974, p . 8.

(7) Sorly, H.T, Dr: "The Imperial Gazeetteer of West Pakistan", Govt. Press, Lahore, 1968, p. 177.

لارڊ ايلنبرو افغانستان ۾ انگريزن جي وڃايل شان شوڪت واپس هٿ ڪرڻ جو پياسو هو. هن جڏهن سنڌو ندي جي پاٽيءَ جو وهڪرو ڏٺو تڏهن سندس تصور ۾ سنڌ هٿ ڪرڻ جي باهه ٻري وئي[1].

هو لارڊ آڪلنڊ کان به وڌيڪ ظالم ثابت ٿيو. افغانستان جي لڙائي کان پوءِ ميرن جي احسان مڃڻ جي بدران الٽو مٿن ظلم شروع ڪري ڏنائين[2]. هن 1842ع ۾ سر چارلس نيپئر جهڙي تڪڙي، چيڙاڪ ۽ مغرور ماڻهو کي سنڌ جو ريزيڊنٽ ڪري موڪليو[3]، جنهن اچڻ سان مصنوعي الزام هڻي، ميرن سان اهڙو برتاءُ ڪيو جو چڻ ته سندس زيردست هئا ۽ ڪين ڪنهن به قسم جي خودمختاري حاصل ڪانه هئي[4]. مير الزامن کي رد ڪندا ويا ۽ نيپئر سندن قلعن تي زوري قبضو ڪندو ويو. ڇو جو کيس ملڪ فتح ڪرڻ جي لالچ هئي[5].

چارلس نيپئر پاڻ پنهنجي ڊائري ۾ ڪيترائي دفعا قبول ڪيو آهي ته[6].

(i) اسان پاڻ ڏاڍيل آهيون، پر ڏاڍو قاعدي سان هٽندا آهيون.

(ii) مير ظالم آهن ۽ اسان به ظالم آهيون، هنن کي اسان جو حڪم مڃڻو پوندو.

(iii) اسان پاڻ عهدنامن جي ڀڃڪڙي ڪندا آهيون، پر ان جو اهو سبب ناهي ته ٻيا به ڀڃڪڙي ڪن.

(iv) اسان کي مجبوريءَ واري حالت ۾ "جيڪو ڏاڍو سو گابو" وارو اصول اختيار ڪرڻو پوندو.

(v) اسان لاءِ رئيس اهڙو هئڻ گهرجي، جيڪو اسان جي رحم و ڪرم تي هجي ۽ اسان جي غلامي ڏئي.

هڪ دفعي وري لکيو هئائين ته[7]:

---

(1) Percevol Spear: "Oxford History of Modern India", University Press, London, 1965, p. 163 & 164.

(2) Majumdar, Ray & Data: "An Advanced History of India", Macmillon & Co:, London, 1961, p. 762.

(3) Roberts, P. E; "Historical Geography of India", University Press, Oxford, 1952, p . 328.

(4) Majumdar, Ray & Datta: "An Advanced History of India", Macmillan &Co:, London, 1961, p. 763.

(5) Byron Farwell: "Queen Victoria's Little Wars", Allen Lane, London, 1973, p. 27.

(6) Napier, W: "The Life & opinions of Sir Charles Napier", Vol. II, John Murray, London, 1857, p.196, 217, 238, 269 & 301.

(7) Rosam and Lawcence: "Charles Napier Friend & Fighter", Johon Marray, London, 1952, p. 151.

”مان سوئر وانگر اجايو وڙهي رهيو آهيان. انهيءَ هوندي بہ مون کي لازمي طور تي لڙائي ڪرڻي آهي“.

خيرپور جو مير علي مراد خان جنهن کي برٽن، حرفتي حريص ۽ بي اصول سڏيو آهي[1]. تنهن بہ چارلس نيپئر جو پاسو ورتو ۽ پنهنجي ڀائرن جي برخلاف سندس سازشن ۾ شريڪ ٿيو. حيدرآباد جي ميرن مان مير صوبدار خان بہ هن سان ڳجهيءَ طرح لکپڙهہ ڪندو ۽ ڪيس پڪ ڏياريندو رهيو تہ جنگ جي حالت ۾ هو ميرن جو طرف نہ وٺندو[2]. هن سازش ۾ مير رستم خان جو هڪ پٽ مير علي مردان خان ۽ ٻيا ڪجهہ مير بہ مير علي مراد خان سان شامل هئا[3].

باغي اميرن جي ڳٽ جوڙ ڪانپوءِ چارلس نيپئر اڳي کان اڳرو ٿي، ميرن سان ازحد زورائي ڪرڻ ۽ الزام هڻڻ لڳو تہ هو انگريزن جي خلاف هئا. هن گورنر جنرل ڏانهن لکي موڪليو تہ مير رستم خان لاهور جي راجا گبر سنگهہ ڏانهن ۽ نصير خان بلوچستان جي بگٽي سردار بيبرڪ خان ڏانهن انگريزن جي برخلاف خط لکيا هئا. جان جيڪب جي تحقيق موجب اهي خط اصل ۾ ريزيڊنسيءَ جي هيڊ منشي علي اڪبر جا لکيل هئا. جيڪو مير علي مراد خان جي وزير شيخ علي حسين جو دوست هو. هونئن بہ چارلس نيپئر جا جيڪي بہ جاسوس هئا، سي ميرن جي مخالف ڪئمپ مان خبرون هٿ ڪندا هئا ۽ اهي خبرون مير علي مراد خان جي سازش سان گهڙيون وينديون هيون[4].

اهڙيون خبرون گهڙيندڙ سر چارلس نيپئر جا منشي هئا. جيڪي وڏا شرارتي ۽ مير علي مراد خان جا پگهاردار هوندا هئا[6] انهيءَ قسم جي جاسوسن مان ڪجهہ هندو ۽ ٻيا اهي ماڻهو هئا. جن کي ميرن موقوف ڪري نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو هو.

حقيقت ۾ چارلس نيپئر سنڌ جي ميرن کي پنهنجي نئين دوست مير علي مراد خان جي اکين سان ڏٺو هو ۽ پنهنجي سوچ موجب هنن کي ظالم سمجهي سندن صلح جا منصوبا رد ڪندو رهندو هو[7]. گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو ۽ سندس

---

[1] محمد حنيف صديقي: ”مضمون مهراڻ“، حوالو ڏنل آهي، ص 19.

(2) Allana, G.: "Our Freedom Fighters", Paradise Subcriptions, Agency, Karachi, 1969, p. 104.

[3] امير علي شاهہ، سيد: حوالو ڏنل آهي، ص 72.

(4) Lambrick: "John Jecob of Jecobabad", London, 1960, p. 71

(6) Ibid:

(7) Butter, F. William, Sir: "Sir Charles Napier", 4th Edition, Macmillians &Co: London, 1911, p. 60.

سيڪريٽري مئڊرڪ کي وري سنڌ متعلق فقط اها ئي خبر هوندي هئي، جيڪا کين چارلس نيپئر موڪليندو هو[1].

اصل ۾ لارڊ ايلنبرو کي سنڌ کپندي هئي، تنهنڪري هن چارلس نيپئر کي سموريون اختياريون ڏئي ڇڏيون. نيپئر جنگ جو خواهان هو ۽ ان لاءِ مصنوعي ڪيس ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو[2]. ۽ نيٺ 4 ۽ 5 ڊسمبر 1842ع ۾ خيرپور ۽ حيدرآباد جي ميرن اڳيان نوان عهدناما پيش ڪري هينيان شرط وڌائين[3]:

(i) ينگ پاڙي ۽ سبزل ڪوٽ جا علائقا نواب بهاولپور جي حوالي ڪيا وڃن.
(ii) سکر، بکر ۽ پروارن بيٺن تي انگريز قبضو ڪن.
(iii) سنڌونديءَ جي ڪناري مان هڪ سؤ وال زمين انگريزن کي ڏني وڃي.
(iv) انگريزن جو سڪو رواج ۾ آڻي، ان جي هڪ پاسي تي انگلينڊ جي راڻيءَ جي تصوير ڇاپي وڃي.
(v) انگريزن کان مال جو محصول ۽ ڍلون معاف ڪيون وڃن.

ميرن لاءِ مٿيان شرط قبول ڪرڻ پنهنجي موت جي دستاويز تي دستخط ڪرڻ جي برابر هئا. ڇو جو هڪ طرف تي کين ملڪ جي ڪافي حصي تان هٿ کڻي مالي نقصان برداشت ڪرڻو ٿي پيو ته ٻئي طرف تي سندن شاهاڻي وقار کي ڪاپاري ڌڪ ٿي لڳو ۽ ٽئين طرف تي سڪي تي راڻيءَ جي تصوير ڇپرائڻ سان سندن مذهب ۾ دخل اندازي هئي، تنهنڪري هنن پنهنجا وڪيل موڪلي عاجزي سان عرض ڪيو ته انهن شرطن ۾ ڪجهه ترميم آندي وڃي، پر چارلس نيپئر سندن هڪ به نه ٻڌي ۽ جلدي تعميل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. آخرڪار ميرن مجبور ٿي اهي شرط به قبول ڪيا.

چارلس نيپئر انهن عهدنامن جي توثيق ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي 8 ڊسمبر تي هڪ فرمان جاري ڪري، مير رستم خان جي ڪافي علائقي تي قبضو ڪيو ۽ ميرن جي ڪاردارن کي حڪم ڏنو ته هو ڍل نه اڳاڙين. انهيءَ ڪاروائي کان پوءِ ٿي دفعا مير صاحب ڏانهن دڙڪن ڀريل خط لکيائين ۽ سندس تخت گاهه تباهه ڪرڻ جون ڌمڪيون به ڏنائين[4] نه فقط ايترو پر کيس حڪم ڪيائين ته هو پنهنجي فوج کان هٿيار لهرائي ڇڏي[5].

---

(1) Rahim, A. Dr: op. cit. p. 60.

(2) Ibid: p. 72.

(3) لطف الله بدوي: "تذڪره لطفي"، ڀاڱو ٻيو ص 56

(4) John Clark Marshman: "Abridgement of the History of India", Vol. IV, 2nd Edition, London, 1983, p. 433.

(5) Rahim. A, Dr: op. cit, p. 64.

85 ورهين جي پوڙهي مير رستم خان حالتن کان مجبور ٿي چارلس نيپئر وٽ اچي پناهه وٺڻ جي التجا ڪئي، پر نيپئر کيس پنهنجي ڀاءُ مير علي مراد خان وٽ وڃي پناهه وٺڻ جو حڪم ڏنو[1]. هو ويچارو ڪسمپرسي جي حالت ۾ پنهنجا ٻار ٻچا ميڙ ڪري، مير علي مراد خان وٽ ويو ۽ هن کي منتون ڪري سمجهيائين ۽ اهو به وعدو ڪيائين ته جيڪڏهن هو انگريزن جي طرفداري ڇڏيندو ته رياست جي پڳ به سندس حوالي ڪئي ويندي. مير علي مراد خان ٺڳي ڪري هن کان پڳ تان دستبرداري جو عهدنامو لکرائي ورتو[2] مير علي مراد خان عهدنامي لکرائڻ شرط نيپئر کي اطلاع ڏنو ته "مير رستم خان پڳ تان دستبردار ٿي ويو آهي". چارلس نيپئر لکي موڪليو ته هو مير رستم خان سان پاڻ ملي پڪ ڪندو. اها ڳالهه پڙهي مير علي مراد خان پنهنجي پيرسن ڀاءُ کي اڌ رات جو ننڊ مان اٿاري خوف ڏياريو ته چارلس نيپئر کيس صبح سان اچي گرفتار ڪندو. مير رستم خان بي واهه نه ڏسي، راتو واهه ٽر ڏانهن پنهنجي ويو ۽ واٽ تان پنهنجي ماڻهوءَ هٿ چارلس نيپئر کي چورائي موڪليائين ته مير علي مراد خان ساڻس ٺڳي ڪري، عهدنامي تي زوري مهر هڻائي آهي[3].

چارلس نيپئر مير علي مراد خان کي ساڻ ڪري، ٽر ۾ وڃي جنگ جي اعلان ڪرڻ کانسواءِ امام ڳڙهه جو خالي قلعو بارود سان اڏائي ڇڏيو جيڪو مير محمد خان ولد مير غلام حيدر خان جي ملڪيت هو ۽ جنهن انگريزن کي ڪڏهن به ڪنهن شڪايت جو موقعو نه ڏنو هو[4]. اصل ۾ چارلس نيپئر کي جاسوسن ٻڌايو هو ته انهيءَ قلعي ۾ مير محمد خان جو ٽي لک ست هزار پائونڊ خزانو پوريل آهي ۽ هن جي لالچي نظر ان تي ڪتل هئي، پر حقيقت ۾ اتي ڪو به ماڻهويا خزانو ڪونه هو[5].

مير رستم خان جي ڀڄي وڃڻ جو ٻڌي خيرپور ۾ اچي ڀاڄ پئي ۽ شهر خالي ٿي ويو. مير علي مراد خان جي وزير شيخ علي حسين اچي خيرپور جي خزاني تي قبضو ڪيو ۽ مير رستم خان جي وزير فتح محمد خان غوري کي به گرفتار ڪيائين[6] مطلب ته نواب الهداد لغاري صوفيءَ جي لفظن ۾ خيرپور تي شور پور محشر جو مڪان[7].

---

(1) Echeson, C.V: "Treaties", vol. VII, Nawalkishore, Lucknow, 1869. p. 13.

(2) دوست محمد خان، ٽالپر، مير: "سرگزشت ٽالپران".

(3) John Clark Marshman: op. cit. p 433.

(4) Ibid:

(5) Montgomery Martin: op.cit. p.451.

(6) قليچ بيگ، مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 77.

(7) نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: "ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1968ع، ص 130.

مير رستم خان جي تڙ تڪڙ ۾ ڀڄڻ وقت سندس ديري جي ٻانهن ڏوليءَ تان ڪرندي ڀڄي پئي هئي ۽ سندس ٻه نوڪرياڻيون ٻه ڏڪ کائي مري ويون هيون. هو دربدر ٿي پنهنجا قيمتي زيور وڪڻي، گذارو ڪندو وڃي حيدرآباد جي ميرن وٽ سام پيو[1].

مير رستم خان جو پٽ مير الهه بخش خان ۽ مير مبارڪ خان جا پٽ مير نصير خان ۽ مير ولي محمد خان پنهنجي ڏاڏي زنگي خان سميت اڳ ۾ ئي پنهنجن ڪجهه فوجي دستن سان حيدرآباد ويل هئا[2].

هوڏانهن چارلس نيپئر امام ڳڙهه جو قلعو نابود ڪري حيدرآباد تي چڙهائي ڪرڻ جي خيال سان اڳتي هليو. واٽ تي حيدرآباد جي ميرن جا وڪيل مهرون ڪٽي سندس ڪئمپ تي آيا ۽ چيائون ته هو ميرن جي طرفان عهدنامي تي مهرون هڻي ڏيندا، پر نيپئر هنن کي حيدرآباد موٽي وڃڻ جو حڪم ڏنو[3].

آخرڪار ميرن 12 فيبروري 1843ع تي عهدنامن تي دستخط ڪري، ميجر آئوٽرام جي حوالي ڪيا، جنهن نيپئر کي هڪ قاصد موڪليو ته هو پنهنجي ڪاهه کي ملتوي ڪري، پر لڳاتار پيغامن باوجود هن نهايت خطرناڪ حالت ۾ حيدرآباد تي پنهنجي ڪاهه جاري رکي[4].

چارلس نيپئر سڪرنڊ وٽ بلوچن جي سردار حيات خان مري ۽ نعيم خان مريءَ کي پنجويهن ماڻهن سميت گرفتار ڪيو. اها خبر ٻڌي ٻيا پروچ صبر وڃائي ويٺا[5] ۽ قرآن پاڪ تي وڙهڻ جو فيصلو ڪيائون ۽ چيائون ته: "سنڌ جي زمين اسان کي ماءُ وانگر آهي. اولاد تي ماءُ پيءُ جو وڏو حق آهي. اسان سنڌ جي خدمت ۾ پنهنجا سر قربان ڪنداسون. جيڪڏهن سر قربان نه ڪياسون ته نمڪ حرام ۽ احسان فراموش سڏباسون[6]". اهو عهد ڪري هنن نيپئر کان نااميد ٿي وڃي آئوٽرام تي حملو ڪيو[7]. ميجر آئوٽرام ان حملي لاءِ لکيو آهي: "اميرن خواهه ٻروچن کي منهنجي توڙي منهنجي پهريدارن کي قتل ڪرڻ جو ڪو ارادو ڪونه هو پر جنرل نيپئر جي ڪاهه هنن کي مجبور ڪيو هو ته هو پنهنجي تختگاهه جي حفاظت لاءِ

---

(1) محمد حنيف، صديقي: "مضمون مهراڻ"، حوالو ڏنل آهي، ص 19.

(2) دوست محمد خان، ٽالپر، مير: "سرگزشت ٽالپران".

(3) محمد حنيف، صديقي: حوالو ڏنل آهي، ص 19.

(4) ايضاً:

(5) Rahim, A, Dr: op.cit. p. 67.

(6) عطا محمد، مرزا، منشي: "تاريخ تازه نوائي معارڪ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، 1968ع، ص 655.

(7) John Hudson: "Representative Men of the Bombay Presidency". Govt: Press, Bombay, 1897, P. 47.

اڳتي وڌي اچن ۽ مون کي ٻاهر ڪڍي ڇڏين. ميرن کي انتها تائين وڃڻ جو ارادو نہ هو جنهن جي ثابتي اها آهي تہ هو پنهنجي سموري ملڪيت ۽ عيال کي حيدرآباد ۾ ڇڏي آيا هئا[1].

ميرن اڃا بہ جنگ نٿي چاهي. هو مير حسين علي خان ۽ مير صوبدار خان جي پٽ مير فتح علي خان جي شادين جي تياريءَ ۾ مصروف هئا. پرنس سالٽي ڪاف (Solty Koff) جيڪو فيبروريءَ ۾ حيدرآباد آيو هو تنهن بہ لکيو آهي تہ ميرن کي ان وقت بہ صلح جي اميد هئي[2].

ميرن ۽ ميجر آئوٽرام جي لڳاتار ڪوشش جي باوجود چارلس نيپئر حيدرآباد جي ويجهو اچي پهتو. اهو حال ڏسي ميرن جا راڄ ۽ ٻروچ سڀني گڏجي مير نصير خان وٽ آيا ۽ ٻيون سڀ واهون بند ڏسي جنگ جي تياري ڪيائون. ٻاهرين سردارن ۽ راڄن ڏانهن ماڻهو موڪلي لشڪر ڪٺي ڪرڻ جو وقت ڪونہ هو. لشڪر جيڪو حيدرآباد ۾ اڳ ۾ ڪٺو ٿي چڪو هو اهو ساڻ ڪري مياڻيءَ جي ميدان ۾ پهتا. ان لشڪر ۾ جيڪي بلوچن جا قبيلا شريڪ ٿيا هئا، تن مان ڪن جا نالا سيد احسان علي شاهہ ولد ثابت علي شاهہ جي جنگ نامي جي هيٺئين بند مان معلوم ٿين ٿا[3].

پرڳڙي ۽ چانگ مري ٽالپر ڏورا هزار،
۽ نظاماڻي مري ڪوسا ۽ ڪوڪر نامدار،
چلگري گوپانگ لاشاري لغاري بيشمار،
رند ڪورائي جتوئي باگڙاڻي ٿيا تيار،
خان خاناڻي ۽ شهواڻي ۽ شهداداڻي شير،
چاڪراڻي ماڻڪاڻي نامور سورهہ دلير.

مير نصير خان سان خيرپور جو مير رستم خان ۽ سندس پٽ ۽ ڀائٽيا بہ ڪٺا هئا. مير صوبدار خان ۽ مير مير محمد خان سندس ساٿ نہ ڏنو ڇو جو اهي ٻئي مير اندروني طرح انگريزن سان مليل هئا.انگريزن کين ڏٺو ڏنو هو تہ هو ملڪ فتح ڪري ميرصوبدار خان جي حوالي ڪندا. مير صوبدار خان قرآن پاڪ جا واسطا وجهي مير شير محمد خان ماڻڪاڻي کي بہ واٽ تان موٽائي ڇڏيو هو[4].

---

[1] محمد جنيف، صديقي: "مضمون مهراڻ"،حوالو ڏنل آهي، ص 19.

[2] Rahim, A, Dr: op. cit. p. 67.

[3] احسان علي شاهہ، سيد: "جنگنامو مياڻي"، قلمي مسودو، مملوڪ، ممتازمرزا، ٽنڊو آغا، حيدرآباد.

[4] محمد حنيف، مهر، ڪاڇيلوي: "تاريخ ماڻڪاڻي ٽالپر اردو"، پاسبان پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، 1971ع ص 122.

بهرحال ميرن جو ان وقت جمع ٿيل لشڪر ۽ انگريزن جو لشڪر، 17، فيبروري، 1843ع جي صبح تي مياڻيءَ جي ميدان تي هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا. هڪ موتمار لڙائي لڳي. بلوچ سر جو سانگو لاهي، وڏي همت سان وڙهيا. ڪافي وقت تائين سندن پاسو زور هو مگر اوچتو سندن توبخانو سرد ٿيندو ويو جنهن تي دشمن قبضو ڪري ويا. بلوچن تلوار جا وڏا جوهر ڏيکاريا. پر پري کان ئي دشمن جي توبن ۽ بندوقن جي گولين سان ڦلن وانگر ڇڻندا رهيا. ميرن جي توبخاني جو ڪمانڊر هڪ يورپي جان هاول (John Howell) هو جنهن جي غداريءَ سبب جنگ جي حالت بدلجي وئي. جان هاول جنگ بعد نيپئر جي داماد مئڪمرڊو اڳيان پاڻ اقرار ڪيو هو تہ هن انگريزن جي خير خواهيءَ ۾ گولا اهڙيءَ طرح تي اڇلايا، جيئن مٿي هليا وڃن ۽ انگريزن جي لشڪر کي نقصان نہ پهچائين.[1]

محقق مولائي شيدائي، ليڊي برٽن جي حوالي سان لکيو آهي تہ انگريزن ميرن جي توپچين کي اڳواٽ پئسا ڏيئي پنهنجي طرف ڪري ڇڏيو هو ۽ انهن جنگ ۾ توبن جا منهن مٿي ڪري گولا ڇوڙيا هئا.[2] اهي توبچي يورپي هئا ۽ جن سنڌ جي سردارن سان غداري ڪئي هئي، اهي مير علي مراد خان ۽ مير صوبدار خان جي سازش ۾ شامل هئا.[3]

اها خونخوار لڙائي فقط تي ڪلاڪ هلي، جنهن ۾ انگريزن کٽيو ۽ ميرن هارايو.

هن لڙائي ۾ خيرپور جي ميرن مان هينيان مير شامل هئا. مير رستم خان جو چاچو مير زنگي خان، جيڪو لڙائي هلندي پڇي ويو هو. سيد احسان علي شاهہ جي لفظن ۾ :

مير رستم خان کي ڇڏي زنگي خان پڇي پيلي ۾ ويو.[4]

مير رستم خان جا پٽ، مير علي اڪبر خان، مير دوست محمد خان ۽ مير الله بخش خان. مير مبارڪ خان جا پٽ مير نصير خان ۽ مير ولي محمد خان ۽ مير غلام حيدر خان جو وڏو پٽ مير محمد خان.

انهن سيني پنهنجن مختصر فوجي دستن سان مقابلو ڪيو ۽ پڇاڙيءَ تائين جنگ جي ميدان تي موجود رهيا. لڙائي هارجڻ وقت مير رستم خان جي حڪم سان مير محمد خان، مير علي اڪبر خان ۽ مير دوست محمد خان عورتن کي ساڻ ڪري ٽرواري رستي کان پڇي اچي مير محمد حسن خان سان مليا. مير رستم خان

[1] Gray, C: "European Adventures of Northern India", Govt. Press, Lahore, 1929, P 356.

[2] رحيمداد، مولائي، شيدائي: "جنت السند"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 742.

[3] دوست محمد خان، ٽالپر، مير: "سرگزشت ٽالپران"، قلمي فارسي.

[4] احسان علي شاهہ، سيد: حوالو ڏنل آهي.

پنهنجن عزيزن سميت مير نصير خان سان قلعي ۾ آيو. سيني گڏجي ٻار ٻچا ساڻ ڪري روپوش ٿي وڃڻ جي صلاح ڪئي، ته مير صوبدار خان جي ماڻهن ڪوڙي خان ۽ ٻين قلعي جا دروازا بند ڪري ڇڏيا. مير صوبدار خان جي خاص صلاحڪار ديوان آوتيراءِ وچي نيپئر کي پنهنجي مير جي طرفان مبارڪ پيش ڪئي. اهو واقعو جنگنامي ۾ هيئين ريت آهي[1]:

قفل ڏيئي ڳوٺ جو در بند ڪيو ڪوڙي يزيد،
مير قيدي ڳوٺ ۾ ڪيا هاءِ ان قوم عنيد،
ڪيئون صداقت مٿون عداوت ٿيا ڦري سرڪش شديد،
خط نيان جرنيل ڏي جلدي منجهنون آوت پليد،
چيئين وڃي انگريز کي هٿن ۾ صاحب جي دعا
قيد ڪياسين ڳوٺ ۾ دشمن سنڌئي ڏيئي دغا.

ٻئي ڏينهن تي مجبور ٿي مير اچي پيش پيا. چارلس نيپئر کين چيو: ”پنهنجون ترارون واپس وٺو جيڪي اوهان عزت سان منهنجي خلاف استعمال ڪيون آهن. مان اوهان کي بهادر ٿو سمجهان، مگر جيڪڏهن اوهان وري اسان جي برخلاف ٿيندا ته اوهان کي ڪتي وانگر ماري ڇڏيندس[2]“. ائين چئي هنن کي نظربند ڪيائين. حيدرآباد وارن سان گڏ مير رستم خان، مير نصير خان، مير ولي محمد خان ۽ مير الله بخش خان کي به قيد ڪري اڳ ۾ پوني جي ويجهو ساسور جي ويجهو ڳوٺ ۾ رکيو ويو جتي مير رستم خان ۽ سندس ڀائٽئي مير نصير خان وفات ڪئي. بعد ۾ ميرن کي ڪلڪتي ۽ هزاري باغ ۾ آندو ويو جتي ڪيترائي مري کپي ويا. باقي جيڪي بچيا سي ڏهن سالن جي جلاوطني بعد 1854ع ۾ سنڌ موٽي آيا[3].

وڏي ناز ۽ انداز سان نپايل سنڌ جي شهزادن فرنگين جي قيد ۾ جيڪي تڪليفون سنيون ۽ ڏک ڏٺا، تن جو اندازو حيدرآباد جي آخري تاجدارمير نصير خان ”جعفري“ جي قيد ۾ چيل هڪ مثنوي مان لڳائي ٿو سگهجي، جنهن جا ڪجهه شعر هيٺ ڏجن ٿا[4].

---

(1) ايضًا:

(2) Rosam and Lawrance: op. cit. p p. 133, 134

(3) محمد حنيف، صديقي: حوالو ڏنل آهي، ص 61.

(4) محمد ابراهيم، خليل، مخدوم: ”تڪمله مقالات الشعراءُ“، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، 1958ع، ص 714 ۽ 715.

بہ تن دردناک و بہ دل مستند،
گرفتار ناحق بہ قید و بہ بند؛
نہ آرام در شب نہ راحت بہ روز،
ھمہ روز در غم ھم شب بہ سوز؛
نمي بود گرکشتن خود گناھہ،
فگندم همين خويشتن را بہ چاھہ،
بہ پيش خداوند عقل و هنر،
کہ مرگ است زين زندگي خوب تر؛
يکي غم نہ باشد کہ دردم بسي،
کہ هرگز نہ ديده مر اورا کسي.

سنڌي ترجمو: "اسان ناحق گرفتار ٿي دردناڪ حالت ۾ پيا آهيون، نہ ڏينهن جو چين ملي ٿو ۽ نہ رات جو آرام نصيب ٿئي ٿو. سارو ڏينهن غم ۾ گذاريون ٿا ۽ ساري رات سوز ۾ مرون ٿا. جيڪڏهن خودڪشي گناهہ نہ هجي ها تہ جيڪر پاڻ کي ماري ڇڏيون. اسان خدا کي حاضر ناظر سمجهي چئون ٿا تہ هن زندگي کان موت بهتر آهي، اسان کي هڪ غم نہ آهي جنهن جو ذڪر ڪريون. اسان ايڏن عذابن ۾ مبتلا آهيون، جيڪي ڪنهن بہ نہ ڏٺا آهن."

ميرن کي گرفتار ڪري ٻاهر موڪلڻ کان پوءِ انگريز پلٽڻون توبن سان گڏ ان قلعي ۾ داخل ٿيون، جنهن ۾ اڃ نر پکيءَ جو پير نہ پوندو هو. شهر ۽ قلعي ۾ پورا ست ڏينهن ڦرلٽ جاري رکيائون. انگريزن هڪ عورت جي معرفت حرمسراءِ جي عورتن جي نهايت ڏکوئيندڙ نموني سان تلاش ورتي وئي. مطلب تہ جو ڪجهہ هٿ آيو اهو ٻهاري کنيو ويو. آخرڪار ڪتون بہ وٺي نيلام ڪرايون ويون. عورتون ويچاريون شرم جون ماريون پيرين اگهاڙيون پيچي نڪتيون[1]. انهيءَ ڦرلٽ مان صرف چارلس نيپئر جي انعامي حصي ۾ ستر هزار پائونڊ آيا[2] مياڻي جي جنگ ۾ انگريزن ۽ ميرن جي لشڪر متعلق عام تاريخن ۾ غلط بياني ٿيل آهي تہ انگريزن جي فوج فقط ستاويهہ سؤ هئي ۽ بلوچ لشڪر ٻاويهہ هزار يا ٽيهہ هزار هو. اهو وڏائي نيپئر ۽ سندس ساٿين رڳو پنهنجي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيو هو. انگريزي فوج جي انداز بابت نيپئر جي ڀاءُ وليم نيپئر اڳ ۾ سترهن سون جو انگ ڏنو هو پر جڏهن جنگ ۾ موجود

(1) Montgomery Martin: op. cit. p. p 451, 452.

(2) Robert, P.E: "Historical Geography of India", University Press, Oxford, 1952 p. 329.

ڪيترن انگريزن لشڪر جو وڏيڪ انداز ظاهر ڪيو تڏهن سترهن سون مان ڦيرائي اناويهہ سؤ ظاهر ڪيائين. جيتوڻيڪ اهو تعداد بہ گهٽ ڏنل آهي.[1]

23. آگسٽ 1849ع جي گورنمينٽ گزيٽ بمبئي ۾ جي.جي.او نمبر 435 ۾ ڏيکاريل انعام ونڊڻ فوجين جو تعداد ئي 4731 آهي. تڏهن اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اصل فوج جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ بہ ساڍن پنجن هزارن ۽ ڇهن هزارن جي وچ ۾ ضرور هوندو. ميرن جو لشڪر بہ وڏ ۾ وڏ ايترو ئي هو.[2] ڇو جو هنن کي جنگ ڪرڻ ۽ لشڪر ڪشي ڪرڻ جو ارادو ئي ڪونہ هو. هتي صرف اهي پروچ هئا، جيڪي ميرن جي سڏ کان سواءِ پاڻ اچي ڪٺا ٿيا هئا. اها جنگ نيپئر هٺ ڌرمي ڪري مٿن اوچتو مڙهي هئي.

مياڻيءَ جي جنگ کان پوءِ مهيني کن ۾ جڏهن چارلس نيپئر وٽ انگريزن جون تازه دم فوجون پهچي ويون، تڏهن هن 24 مارچ 1843ع تي ميرپورخاص جي مير شير محمد خان تي ڪاهہ ڪئي. انگريزن ۽ مير شير محمد خان جو مقابلو دٻئي جي ميدان تي ٿيو جيڪو حيدرآباد ضلعي ۾ ٽنڊي عيسيٰ خان کتياڻ جي پرسان ناريجن جي ڳوٺ وٽ آهي. مياڻيءَ جي جنگ کان پوءِ هيءَ جنگ بہ وڏي خونخوار هئي، جنهن ۾ بلوچن جي بهادري ڏسي نيپئر خار ۾ پنهنجي مٽي جا وار پٽي رهيو هو. انگريزن جا سپاهي پڇڙ تي هئا، تہ اوچتو قسمت جي ڪوتاهي سبب هڪ انڌيري اچي وئي، جنهن جو موقعو وٺي خان محمد خان نوڙهي غداري ڪري، ميرن جي بارود کي باهہ ڏئي ڇڏي. ان کان سواءِ مير خان محمد خان ماٽڪاڻي ۽ غلام محمد خان لغاري بہ ميدان ڇڏي پڇي ويا ۽ لشڪر ۾ افراتفري پئجي وئي.[3]

عين جنگ هلندي خيرپور جي مير علي مراد خان، نواب احمد خان ۽ ان جيّ ڪافي ماڻهن کي پاڻ وٽ نوڪريءَ جي لالچ ڏئي برغلائي ڇڏيو[4] . انهن سيني ڳالهين جي نتيجي ۾ لڙائي جو پاسو بدلجي ويو ۽ شڪست جا آثار ڏسي، نواب اميد علي خان لغاريءَ جي صلاح سان مير شير محمد خان جنگ جو ميدان هوش محمد شيديءَ جي حوالي ڪري پاڻ ميدان مان نڪري ويو. هوش محمد شيدي وڏي همت سان لڙيو ۽ سنڌ تان سر قربان ڪري شهادت پاتائين.

مير صاحب جنگ جي ميدان مان کسڪي، ميرپورخاص مان ٿيندو عمرڪوٽ ۾ آيو ۽ هفتو کن انگريزن جي فوجي دستن سان مقابلو ڪري، وري نئون ڪوٽ ۾

---

[1] گل حسن، مرزا، احسن، ڪربلائي: "مضمون جنگنامو مياڻي"، رسالو مهراڻ، 1ـ2، حيدرآباد، 1957ع، ص 144.
[2] گل حسن، مرزا، احسن، ڪربلائي: حوالو ڏنل آهي، ص 415.
[3] محمد حنيف، مهر، ڪاڇيلوي: حوالو ڏنل آهي، ص 79.
[4] عطا محمد، منشي، مرزا: "تاريخ تازه نوائي معارڪ"، حوالو ڏنل آهي، ص 696.

آيو. ان کان پوءِ شهدادپور، سڪرنڊ ۽ هالن جي پرسان ساڻن چڪريون ڪائيندو ڪڇيءَ جي علائقي ۾ بگٽي سردارن جو مهمان ٿيو جتي بروهين، بگٽين، ڊومبڪين، جکراڻين، بليدين ۽ بجاراڻين انگريزن جي خلاف جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو. چارلس نيپئر، مير علي مراد خان ۽ نواب ولي محمد خان چانڊئي جي مدد سان انهن سيني قبيلن تي چڙهائي ڪري ڪاميابي حاصل ڪئي. اتان مايوس ٿي مير شير محمد خان قنڌار ۽ ڪوئيٽا جا چڪر ڪاٽي، لاهور جي پرسان سکن جي سرحد ۾ اچي مقيم ٿيو.[1]

نيٺ پنجاب جي حڪومت تي بہ زوال آيو ۽ مير شير محمد خان پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪري، پنهنجي گرفتار ٿيل ساٿين جي جان آزاد ڪرائي. مير صاحب پاڻ بہ 1854ع ۾ آزاد ٿي پنهنجي ڳوٺ اچي رهيو. هن آزاديءَ جي شمع جي پرواني 1877ع ۾ رباني راهہ ورتي.

انگريزن 1843ع ۾ سنڌ جون ٿيئي آزاد ۽ خودمختار حڪومتون ختم ڪري، سنڌ کي برطانيہ سلطنت سان ملائي ڇڏيو.

انگريزن جي متي ذڪر ڪيل جنگين ۽ سنڌ تي جابرانہ قبضي متعلق ڪن انگريز مؤرخن جا ڪجهہ رايا پيش ڪجن ٿا:

ميجر آئوٽرام لکيو آهي[2]: "مان ايمانداري ۽ سچائي سان چوان ٿو تہ اسان جيڪي ڪجهہ سنڌ ۾ ڪيو آهي، اهو هڪ ظلم ۽ ڌاڙو آهي." مسٽر ٽيلر لکيو آهي[3]: "اسان افغانستان مان هار کائي موٽياسون، مگر انهيءَ هار سان گڏ اسان کي اهو بہ قبول ڪرڻ گهرجي تہ هتي اسان جي سنڌ واري پاليسي بہ غلط هئي." هڪ ٻئي انگريز ايلفنٽن لکيو آهي[4]: "انگريز افغانستان مان مار کائي سنڌ جي ميرن تي اهڙيءَ طرح حملہ آور ٿيا، جيئن ڪو رستي تي موچڙا کائي، گهر ۾ اچي پنهنجن ٻارن کي ماريندو آهي."

مسٽر ڊيويز چيو آهي[5]: "ميرن انگريزن جي عهدنامن تي اعتراض ڪيا تہ اهڙن شرطن مڃڻ سان سنڌن خومختياريءَ تي حرف ايندو. انهن ئي اعتراضن جي ڪري چارلس نيپئر متن حملو ڪري، سنڌ کي انگريزي حڪومت سان ملائي ڇڏيو."

---

(1) محمد حنيف، مهر، ڪاڇيلوي: حوالو ڏنل آهي، ص 80 کان 84.

(2) Goldsmid: "James Outran", Vol. I. 2nd Edition, Smith Wdler & Co. London, 1881, P.314

(3) Bulter, W.F: "Sir Charles Nepier", Macmillan & Co: London, 1911, p.108.

(4) Byron Farwell: "Queen Victoria's Little Wars", Allen Lane, London , 1973, p.30

(5) Griffith Device. J,D: "A New History of England", William Heincuanu, London, 1932, p.105

هڪ ٻئي انگريز مسٽر ٽروٽر لکيو آهي[1]: "سنڌ جي فتح اسان جو آخري دکدائڪ ڊرامو هو."

جان جيڪب پنهنجي ياءُ ڏانهن خط ۾ لکيو هو تہ[2]: سَر چارلس نيپئر سچي سنڌ ۾ ظلم جي باھ ٻاري ڇڏي آهي."

جان ڪلرڪ لکيو آهي[3]: "سنڌ جي الحاق سپاهين ۾ بدنظمي ۽ بي اعتمادي جو ٻج پوکيو جيڪو ٽيرهين سالن ۾ غدر جي صورت اختيار ڪري ويو."

سمٿ باسورٿ جي لفظن ۾[4]: "سنڌ جي فتح هڪ بدنما داغ آهي، جنهن کي اسان جي سچي قوم برداشت ڪيو ۽ آئينده جي نسلن تائين اهو داغ ورثي ۾ رهندو ايندو."

مسٽر سيٽن ڊيئرڊن راءِ ڏني. آهي تہ[5]: "سنڌ جو الحاق هڪ نفعي وارو ۽ ڪارائتو بچڙائي جو ڪم هو جنهن لاءِ انگريزن کي پنهنجا اصول اورانگهي عهدناما ٽوڙڻا پيا."

مسٽر اسپيئر جي لفظن ۾[6]: اڻويهين صديءَ ۾ سنڌ ۾ ڪنيل قدم انگريزن جي تاريخ ۾ هڪ بدنما داغ آهي."

مسٽر مئرٽ جي خيال موجب[7]: "انگريزن کي ميرن کان ورتل شهر واپس ڪرڻ ڏکيا لڳا. تنهن ڪري بهانا ٺٺائي، ڏکيا شرط مڙهيندا ويا ۽ آخرڪار حملو ڪري سارو ملڪ کسي ورتائون."

مسٽر سمٿ جي راءِ موجب[8]: "اجوڪي دور ۾ اهڙي قدم کي ڪو بہ قدر جي نگاھ سان نہ ڏسندو." مسٽر اسپيٽ لکيو آهي تہ[9]: انگريزن افغانستان جي شڪست وارو ڏک سنڌ کي هٽي ورتو."

• مسٽر نيوٽن اظهار ڪيو آهي تہ[10]: "هن قدم کي انگلنڊ ۾ گهڻو نفرت جي نگاھ سان ڏنو ويو ۽ ان تي نڪتہ چيني بہ ڪئي وئي، پر ڪنيل قدم تان هٽ ڪڻڻ

(1) Trotter, L.J: "Rulers of India" , Clarenden Press, Oxford, 1905, p. 214.
(2) Lambrick, H.T: "John Jecob of Jecobabad", op. cit, p.121.
(3) John Clark Marshman: op. cit. p.436.
(4) Smith Boswrth: "Life of Lord Lawrence", Nawal Kishore, Lucknow, 1886, p.157.
(5) Setan Dearden: "The Arabian Knight", Arther Barker, London, 1953, p.17.
(6) Percival Spear: "Oxford History of Modern India", Univesity Press, London, 19865, p.165.
(7) Marriot, J.A.R: "A History of England", Vol. VII, 3rd Edition, Mathuen & Co. London, 1919, p. 272.
(8) Smith, A: "The Oxford History of India", 3rd Edition, Oxford University Press, London, 1958, p.609.
(9) Spate, O.H.K: "India & Pakistan", Mathuen & Co: London, 1954, p.456.
(10) Newton, A.P: "A Hundred years of British Empire", Duckworth, London, 1947. p.130.

مشڪل هو. آخرڪار لارڊ ايلنبرو کي هندستان مان برطرف ڪيو ويو."

مسٽر رابرٽس لکيو آهي ته[1]: "اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به مؤرخ يا ماهر مياڻيءَ جي جنگ کي سٺو ۽ جائز نه چاتو آهي. ميجر آئوٽرام حيدرآباد جي لُٽ مان هڪ رپئي کي به هٿ نه لاتو ۽ نيپئر کي ستر هزار پائونڊ مليا. بورڊ آف ڪنٽرول جي ڊائريڪٽر سر جان هاب هائوس چيو ته جيڪڏهن لارڊ ايلنبرو کي حقيقتن جي خبر هجي ها ته ڪڏهن به انهيءَ قدم کي قبول نه ڪري ها."

لارڊ آڪلنڊ جي بدنيتي بابت هڪ انگريز شاعر مسٽر ڪيئي Kaye هڪ شعر لکيو آهي، جنهن جو مطلب هي آهي ته[2]: "جڏهن حاڪم حق ۽ عدل وارا لفظ چوندا آهن، تڏهن سندن اهڙن ڪوڙن لفظن مان زمين ۽ آسمان ٻئي ڪڪِ ٽي پوندا آهن."

چارلس نيپئر کي خود انهيءَ غلط قدم جو احساس هو ۽ لفظ "پڪاوي" چئي قبول ڪيائين ته "مون گناهه ڪيو آهي."[3]

چارلس نيپئر پنهنجي ڊائري ۾ لکيو آهي ته[4]: "اسان کي سنڌ کسڻ جو ڪو حق ناهي، پر ان هوندي به اسين سنڌ ضرور کسينداسين. جيتوڻيڪ اهو هڪ وڏو بداخلاقي ۽ بدڪرداريءَ وارو قدم ٿيندو."

---

(1) Roberts, P.E: "Historical Geography of India", Oxford University Press, 1952, p.329.

(2) Rahim, A. Dr: op. cite. p.57.

(3) William Sons, T.A: "The foundation & Growth of the British Empire", 5th. Edition, Macmillan & Co: London, 1953, p.307

(4) Frazer, R.H: "Britith India", T.Fisher Huwin, London, 1908, p.238.
Denis Richards & Hunt: "Modern Britain", Longmans Gren & Co. London, 1954, p.368.
Ghulam Mustafa Shah: "The British in the Subcontinent", Feroz Sons, Lahore, 1964, p.59

# خيرپور جا حڪمران

## i.مير سهراب خان:

### (الف) تعارف:

مير سهراب خان ولد مير چاڪر خان خيرپور جي حڪومت جو باني هو. هي مير فتح علي خان جي والد، مير صوبيدار خان جو سڳو سؤٽ هو. سندس ولادت 1156هجري مطابق 1745ع ۾ ٿي.[1] سندس چاچي مير بهرام خان جي شهادت وقت 33 سالن جو جوان هو. ان ڪان پوءِ ٽالپرن جا ڪلهوڙن ۽ ٻين قومن سان جيڪي ٻه مقابلا ٿيا، تن سيني ۾ شريڪ ٿي، پنهنجي شجاعت جا جوهر ڏيکاريندو رهيو. هالاڻي جي جنگ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جو هميشہ لاءِ خاتمو آيو. انهيءَ جنگ ۾ مير سهراب خان اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ سنڌ جو حقيقي فاتح بڻيو مگر مير فتح علي خان جي ماتحتي ۾ رهڻ جي بدران پنهنجا راڄ وٺي خيرپور ۾ الڳ حڪومت قائم ڪيائين.[2] انهيءَ ڪري ٻنهي جي پاڻ ۾ اڻبڻت ٿي پئي، ايتري قدر جو ڪافي وقت تائين هڪ ٻئي کي ڌمڪيون ڏيندا رهيا. هڪ دفعي مير سهراب خان مير فتح علي خان کي چوائي موڪليو:

من باد شماليم وزيرم همہ کس را،
من گرگ درنديم دريدم همہ کس را.

ان تي مير فتح علي خان جواب موڪليو تہ:

پشہ چہ بود پرد پيش فيل،
گربہ هوا رفت نہ شد جبريل.
وز مگر زور دو بازو نمود،
صلعمہ سيمرغ نبايد ربود.[3]

---

[1] امير علي شاهہ سيد: "خيرپور جي تاريخ،" قلمي، ص 12.

[2] James Mc Murdo: "History of Khalhora", A typed copy, 1820, p.27.

[3] خداداد خان: "لب تاريخ سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1959ع ص145.

نيٺ ٽالپرن ۾ ٻين اميرن وچ ۾ پنهنجي پنهنجي جو صلح ڪرايو ۽ مير فتح علي خان سن 1793ع ۾ خيرپور جي خودمختيار حڪومت کي تسليم ڪيو. ان کان پوءِ مير سهراب خان ۽ حيدرآباد جا مير هڪ ٻئي سان هميشه ساٿ ڏيندا رهيا.

(ب) فتوحات:

هنن ٻئي ڏينهن ۾ افغانستان جو بادشاه شجاع الملڪ ٻه دفعا يعني 1803ع ۽ 1814ع ۾ سنڌ تي ڪاهي آيو پر ٻئي دفعا خيرپور ۽ حيدرآباد جي ميرن گڏجي سندس مقابلو ڪيو. سن 1817ع ۾ پنجاب جي راجا رنجيت سنگهه جي ڪاهه جو افواهه ٻڌي پنهنجي حڪومتن جا لشڪر شڪارپور پهچي ويا، پر انگريزن جي معرفت صلح صفائي ٿي وئي. ان کان سواءِ بهاولپور جي نواب کان سبزل ڪوٽ وارو پرڳڻو ۽ جوڌپور جي راجا کان عمرڪوٽ جو قلعو به گڏجي ورتائون.[1]

مير سهراب خان درياهه پار ڪري پٺاڻن جا موغلي وارا علائقا هٿ ڪيا. ان کان سواءِ ٻڙدڪي جو پرڳڻو روپاهه،چڪ، مزارچه، محمدا باغ، شاهه پيلي، بکر، سهڪجي ۽ ڪلواڙي تي به قبضو ڪيائين.[2]

مير سهراب خان جي حڪومت قائم ڪرڻ وقت، ان جي حد خيرپور شهر ۽ آسپاس وارا ٽڪرا هئي، پر پوءِ هن تدبير ۽ تلوار جي زور تي پنهنجي حد وڌائي، جيڪا اتر ۾ سبزل ڪوٽ ۽ ڪشمور تائين، اوڀر ۾ جيسلمير جي ريگستان تائين، اولهه ۾ ڪڇي ۽ گنداوا تائين ۽ ڏکڻ ۾ نوشهري تائين وڃي پهتي.[3]

(ت) گوشه نشيني:

مير صاحب ستاويهه سال وڏي شان ۽ شوڪت سان حڪومت هلائي، سن 1811ع ۾ گوشه نشين ٿي پنهنجي پڳ پنهنجي وڏي پٽ مير رستم خان جي حوالي ڪيائين.[4]

(ث) اولاد:

مير سهراب خان کي ٽي ديرا هئا. هڪڙي مان مير رستم خان ۽ مير غلام حيدر خان، ٻئي مان مير مبارڪ خان ۽ مير چاڪر خان، ۽ ٽئين مان ننڍي ۾ ننڍو مير علي مراد خان ٽيس.[5]

---

(1) امير علي شاهه سيد، حوالو ڏنل آهي، ص 20.

(2) قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، فيض پريس، خيرپور، 1922ع ص 59.

(3) Times of India: "Indian Princes & the Crown", p.222 & 223.

(4) Luxmi Dosa Bhaee Shah: "Prince of Wales & Princes of India", Vol.I Kathiawar Printing Work, Rajkot, 1923, p.295.

(5) امير علي شاهه سيد: حوالو ڏنل آهي، ص 36.



مير رستم خان جي تصوير



مير سهراب خان جي تصوير



مير عليمراد خان جي تصوير



مير فيض محمد خان جي تصوير



میر فیض محمد خان میر عبداللہ جو گزی کے ساتھ



برادر صاحب مهربان مشفق جان سلامت

[illegible]

میر امام بخش خان جا ہمشاکر

[illegible]

حضرت بندگان حضرت علیهم الشأن امیدگاه جاودان عزیزبخش میر نور محمد

میر بالجن نامه آنحضرت و حضرت صاحب قبله مکان دام عظمه حرفو

زمن مبتلج البلی رسیده شد و در مطالعه آمد حضرت خود را با و جناب

میا شنیده که در دو غیبن ببرد و لاشه مبارک روز یکشنبه گذشته

حالا کشیده شد از اینجا نقش بنظر می آید و خاص ارواح مومن

اول در اینجا میرسد و هندستش سلطان روم از حد گذشت

نه حضرت سید کاشم آشته دل می آید که من روبروی پادشاه

ازینجا سر انجام کرده رخصت گرفته بیایم لیکن عقل قبول

و اینجا سنگ مقبره از سنگ مرمر اینجا درست می کنند

نتیجه معلوم شده است که اگر کدام کس لاشه مخفی طور لیبوی

متعلق ببرد و او بیان معلوم شود پس بیان لاشش را در آب

شور می اندازند و این بنده الهی شیر جدا کرده قبر مرحوم فرزند

دلبند خود را اینجا درست می کنانداشتن عرض نمی... و خدمت

میر فیض محمد خان جا هت اکبر



مهر علیشواز خان جاهت اکر

(پ) وصيت:

پنهنجي وفات کان ٻه سال اڳ تاريخ 4، ذوالقعد 1244 هجري، مطابق 1829ع تي هڪ وصيت نامو لکي، پنهنجي اپت ٽنهي ڏيرن جي اولاد لاءِ هڪ جيتري مقرر ڪيائين ۽ مير رستم خان کي پڳ جو حصو وڌيڪ ڏنائين.[1]

مرزا قليچ بيگ ۽ سيد امير علي شاهه پنهنجين تاريخن ۾ انهيءَ وصيت نامي جو هوبهو نقل ڏيئي، پوءِ لکن ٿا:" ڇوڙ ۾ اچي ٿو ته وصيت نامي ۾ لکيل هو ته منهنجي مرڻ تي پڳ ۽ گادي مير رستم خان کي ملندي، انهيءَ کان پوءِ مير مبارڪ خان کي ۽ انهيءَ کان پوءِ مير علي مراد خان کي." حقيقت ۾ اها غلط بياني مرزا عطا محمد پنهنجي ڪتاب" تاريخ تازه نوائي معارڪ" جي صفحي 721 تي ڪئي آهي، جنهن کي ڏسي مرزا قليچ بيگ ۽ سيد امير علي شاهه به هوبهو نقل ڪيو آهي، جڏهن ته سڄي وصيت نامي ۾ اهي لفظ ڪين آهن، ته پوءِ مرزا صاحب ۽ سيد صاحب اهي لفظ ڪٿان آندا؟ واقعي جيڪڏهن مير صاحب پاٽرن کي پڳ ڏيڻ جو رواج خيرپور ۾ جاري ڪري ها، ته ان جي شروعات به پنهنجن پٽن جي بدران پنهنجن پاٽرن سان ئي ڪري ها، جيڪي ان وقت جيئرا هئا.

(ج) روزانه زندگي ۽ اخلاق:

مير صاحب هڪ وڏو داناءُ ۽ دورانديش حاڪم ٿي گذريو آهي. هو هڪ ڪرڙو ۽ ڊگهي نظر وارو حاڪم هو. جڏهن حيدرآبادي ميرن شجاع الملڪ سان معاهدو ڪيو هو تڏهن سندن عقل تي افسوس ڪندي چوندو هو: "بادشاهي ڪم هلائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اهي مير پنهنجو وعدو پورو ڪري نه سگهندا ۽ اجايو پاڻ کي بدنام ڪري، بيوفائي جو عذاب سهندا رهندا."[2] هن کي افغانستان جي بادشاهه وٽان "شاهه ناظر سنڌ" جو لقب مليل هو.[3] هو جيستائين جيئرو رهيو تيستائين انگريزن جهڙي طاقت کي به خيرپور جي حڪومت ۾ دست اندازي ڪرڻ نه ڏنائين، حالانڪ حيدرآبادي ميرن هنن سان به ٽي معاهدا ڪيا.

مير سهراب خان جي غريب پروري، قدر شناسي، اشراف نوازي ۽ مسافر پروري مشهور هئي.[4]

(ج) وفات:

هڪ دفعي بارش وسي رهي هئي ۽ مير صاحب پنهنجي محلات جي دريءَ مان

---

[1] دوست محمد خان، ٽالپر، مير: "سرگذشت ٽالپران".

[2] اعجازالحق، قدوسي: "تاريخ سنڌ"، جلد دوم، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور 1974ع، ص 107 کان 114.

[3] امير علي شاهه، سيد: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 6.

[4] عطا محمد مرزا منشي: "تاريخ تازه نوائي معارڪ"، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، 1959ع، ص268.

گھوڙن جي ڪڙهه ڏانهن ڏسي رهيو هو ته اوچتو سندس پير ترڪي ويو ۽ اتي ئي ڪري پيو ۽ دم ڏنائين. سندس وفات جو سال هيٺين مادن مان 1246هجري مطابق 1830ع برآمد ٿئي ٿو.

الف: سخي و ولي مير سهراب بود.

ب: طشت از بام افتاد.[2]

ج: زبام فلڪ شد فرود آفتاب.[3]

## ii. مير رستم خان:

### (الف) ولادت ۽ تخت نشيني:

هي مير سهراب خان جو وڏو پٽ هو. سندس ولادت 1184هجري، مطابق 1773ع ۾ ٿي. سن 1811ع ۾ پنهنجي پيءُ جي جيئري رياست جي پڳ ٻڌائين[4]. حڪومت جي واڳن وٺڻ کان پوءِ پنهنجي پيرسن پيءُ کي شادي ڪرايائين، جنهن مان سن 1815ع ۾ مير علي مراد خان ڄائو جيڪو وڏو ٿي سندس وڏو ويري بڻيو[5]. گادي نشين ٿيڻ کان اڳ مير سهراب خان جي وڏن سالارن مان هڪ هو. سلطنت کي وڌائڻ لاءِ جيڪي به جنگيون ٿيون، تن ۾ لشڪر جي منهداري هن جي هٿ ۾ هوندي هئي ۽ سندس بهادري ملڪن ۾ مشهور هئي[6]. تخت نشين ٿيڻ سان پنهنجي پيءُ جي وصيت موجب پنهنجن ڀائرن ۽ ڀائٽين کي ملڪ ورهائي ڏنائين، جن مان ڪجهه پوءِ مغل بادشاهه همايون جي ڀائرن وانگر خودمختار بڻجي ويا[7].

### (ب) ڪرڙيءَ جي جنگ:

مير رستم خان جي ڏينهن ۾ شاهه شجاع الملڪ افغانستان مان ٽڙجي شڪارپور ۾ اچي ميرن جو مهمان ٿيو. ميرن ڪافي ڏينهن سندس آدرڀاءُ ڪيو مگر هو واپس وڃڻ جي بدران سندن سرحدن تي قبضو ڪرڻ لڳو. جنهن تي مجبور ٿي حيدرآباد ۽ خيرپور جي ميرن گڏجي سندس مقابلو ڪيو[1]. ميرن جي لشڪر جا منهدار غلام مرتضيٰ شاهه ڪهيري ۽ آغا ڪاظم شاهه هئا ۽ شجاع الملڪ جي

---

[2] نسيم امروهي: "تاريخ خيرپور"، مراد پريس، خيرپور 1958ع.
[3] قليچ بيگ مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص58.
[4] سهراب خان مسڪين: "تتمه ديوان مسڪين"، قلمي فارسي.
[5] وڏن کان ٻڌل روايت مير حسين بخش خان عرف مير چٽل خان ٽالپر.
[6] دوست محمد خان، مير: "سرگذشت فارسي قلمي".
[7] ايضاً.
[1] آندل فقير، ماڇي: "جنگنامو ڪرڙي"، سنڌي بيتن ۾.

لشڪر جو علمبردار سمندر خان پٺاڻ هو. پناڻن چوري اچي آدم شاهه جي ٽڪريءَ تي توبون نصب ڪيون. ڪرڙيءَ جي ميدان تي سن 1833ع ۾ فوجن جو مقابلو ٿيو[1]. جنهن ۾ ميرن جا بهترين سالار شهيد ٿي ويا. جن مان ڪاظم شاهه، غلام مرتضيٰ شاهه ۽ جهان خان مريءَ جا نالا قابل ذڪر آهن[2]. نيٺ صلح ٿيو ۽ شجاع الملڪ اٺ لک روپيا وٺي، واپس موٽي ويو.

(ت) نونهار جي جنگ:

مير رستم خان جو ننڍو ڀاءُ مير علي مراد خان جي سنڀال ۾ رهندو هو. جڏهن وڏو ٿيو تڏهن اول مبارڪ خان سان ۽ پوءِ سندس پٽ مير نصير خان سان ملڪيت تي تڪراري ٿيو. سندن مخالفت وڌي وڃي جنگ جي نوبت تي پهتي. مير رستم خان پنهنجي ڀائٽئي ۽ نياٽي مير نصير خان جو طرف ورتو. خيرپور جي پرسان نونارين جي ڳوٺ وٽ لڙائي لڳي، جنهن ۾ مير علي مراد خان ڪامياب ٿيو. پير پاڳاري علي گوهر شاهه ۽ رياست جي وڏي وزير فتح محمد خان غوري وچ ۾ پئي صلح ڪرايو. مير رستم خان پنهنجي ۽ مير نصير خان جي حصي مان ڪجهه ديهون ڏئي علي مراد خان کي راضي ڪيو. اها لڙائي سن 1258هجري، مطابق، 1842ع ۾ لڳي ۽ "جنگ نونهار" جي نالي سان مشهور ٿي[3].

(ث) وفات:

"جنگ نونهار" جي صلح کان پوءِ به ڏرين جون دليون صاف نه ٿيون ۽ هڪ ٻئي سان وڙهڻ جون تياريون ڪرڻ لڳيون[4]. مير علي مراد خان وڃي انگريزن جو طرف ورتو ۽ ساڻن سازباز ڪرڻ لڳو. انگريزن اهو وجهه وٺي پنهنجي سياسي چار کي پڪو ۽ پختو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ "مياڻيءَ جي جنگ" لڳي ۽ ميرن هارايو. مير رستم خان پنهنجن ڀائٽين ۽ حيدرآباد جي ميرن سان گڏ نظربند ٿي پوني ويو. جتي 1262 هجري، مطابق 1846ع ۾ وفات ڪيائين. سندس لاش اتان آڻي ميرن جي آبائي مقام قادر بخش جي قبن ۾ دفن ڪيو ويو.

مير سهراب خان مسڪين سندس وفات جي تاريخ لکي آهي، جيڪا هن ريت آهي[5].

---

[1] قليچ بيگ، مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 59.
[2] عطا محمد مرزا:حوالو ڏنل آهي، ص 305.
[3] امير علي شاهه، سيد: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 73.
[4] قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 65.
[5] سهراب خان، مسڪين، مير: "تتمه ديوان مسڪين"، محلوڪ مير بجر خان.

چون شد مير رستم معليٰ لقب
ازين عالم بيوفا نا پديد
بتاريخ دويم جماد آخرين
بہ نزهت کہ قدس مکين، گزيد
بہ پونہ زتن رستہ روز خميس
سوئي ملک بيچون بہ جان خوش دويد
شده داخل زمره اهل صفا
بہ الطاف عترت بہ منزل رسيد
سن رحلتش هاتف غيب گفت
کہ حقا بہ خلد برين آرميد

(ج) اخلاق:

مير رستم خان هڪ وڏو هردلعزيز حاڪم ٿي گذريو آهي. عمر جي ڪمزوري کان سواءِ منجهس سموريون خوبيون هيون. هو هڪ حليم سڀاءَ وارو نيڪ نيت، صورت ۽ سيرت ۾ موچارو بادشاهہ هو. سندس سموري رعايا مٿس عاشق هوندي هئي.[1]

هو رحمدل، فهميده، صلح پسند ۽ ڪس ڪسر ڪائڻ جهڙو ماڻس هو جيڪو بہ ساڻس ملندو هو تنهن کي هن لاءِ نہ فقط محبت، پر عزت جو جذبو بہ پيدا ٿيندو هو.[2]

پرنس لکيو آهي تہ سندس ڪردار ۽ گفتار ۾ اهڙو تہ اعتدال هو جو مان اعتبار ئي نٿي ڪري سگهيس تہ ڪو هڪ يورپ جي دربار ۾ آهيان. سندس سڀاءُ شاهاڻو ۽ لياقت سان ڀريل هو.[3]

پوني ۾ ميرن جي سنڀال ڪرڻ وارو سول سرجن ڊاڪٽر برٽ لکي ٿو تہ مير رستم خان مذهبي رسمن جي پوري ڪرڻ ۾ بہ ڏاڍو سخت آهي. هو رهڻي ڪهڻيءَ ۾ بہ نهايت پرهيزگار آهي.[4]

مطلب تہ سنڌ جي حڪمرانن ۾ اهڙو نيڪ طبعيت وارو ۽ ڪم آزاد ماڻهو مشڪل سان ملندو.[5]

---

(1) Postans, T: op. cit. p 214.

(2) ڪئپٽن ايسٽوڪ: "پراڻي مصر جا نوان ورق"، انگريزي ڪتاب جو ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1973ع، ص 206.

(3) ايضا: ص 271.

(4) ايضا: ص 308.

(5) نور احمد، فريدي، مولانا: "مضمون بلوچي دنيا"، مئي، 1960ع، ملتان، ص 33.

### iii.مير علي مراد خان:

**(الف) نناڍپڻ:**

هي مير سهراب خان جو ننڍي ۾ ننڍو پٽ هو ۽ ڪيس پيرسني ۾ گوشہ نشيني واري زماني ۾ ڄائو هو. سندس ولادت جو سال 1815ع آهي. جڏهن ننڍو هو تڏهن سندس ملڪيت مير مبارڪ خان جي سنڀال هيٺ هوندي هئي. ننڍپڻ کان وٺي سندس طبعيت ٻين ميرن کان مختلف طرح هوندي هئي ۽ سيني کان علحدگي اختيار ڪندو هو.[1]

مير مبارڪ خان سندس ملڪيت جي سنڀال لاءِ پنهنجن ٽن پٽن: مير نصير خان، مير محمد علي خان ۽ مير فضل محمد خان کي ملازم ڪري رکيو هو انهيءَ ملازمت جي صلي ۾ مير علي مراد خان کي شاهہ ٻيلي ۽ ٻبرلوءَ جا علائقا بخشي ڇڏيا هئا.[2] ڪن جو چوڻ آهي تہ مير علي مراد خان هٿ جو ڏاڍو ڪشادو هو. تنهن ڪري پنهنجي خرچ پوري ڪرڻ لاءِ اهي علائقا پنهنجي پاءُ مير مبارڪ خان وٽ گروي رکيا هئائين[3].

**(ب) ملڪيت تان تڪرار:**

مير علي مراد خان جڏهن وڏو ٿيو تڏهن انهن علائقن (شاهہ ٻيلي ۽ ٻبرلوءِ) واپس وٺڻ جي تقاضا ڪيائين، پر مير مبارڪ خان ڪيس اهي علائقا ڪنهن بہ صورت ۾ واپس نہ ڪيا. مير مبارڪ خان جي وفات بعد مير علي مراد خان ۽ سندس ڀائٽيا انهيءَ ملڪيت تي تڪرار ڪندا رهيا. مير رستم خان ڀائٽين جو طرف ورتو ۽ نوبت وڃي نونارين واري جنگ تي پهتي، جنهن ۾ مير علي مراد خان ڪامياب ٿيو ۽ تڪراري ملڪيت سان گڏ ڪجهہ ٻيو ملڪ ۾ حاصل ڪيائين. انهيءَ تڪرار هلندي انگريزن کي بہ وچ ۾ ٽپي پوڻ جو موقعو مليو ۽ پنهنجي سياسي شطرنج ۾ مير علي مراد خان کي پنهنجو مهرو بڻايائون.[4]

نيٺ 1843ع وارو منحوس سال آيو جنهن مياڻيءَ جي جنگ ۾ سنڌ ۾ ميرن جي حڪومت جو خاتمو آندو. اصلي حاڪم اسير ٿي ويا ۽ انگريزن پنهنجي پياري دوست مير علي مراد خان کي پنهنجي سرپرستيءَ ۾ خيرپور جي رياست عطا ڪئي.[5]

---

[1] دوست محمد خان، ٽالپر، مير "سرگذشت ٽالپرن".
[2] ايضا:
[3] ڪئپٽن ايسٽوڪ: حوالو ڏنل آهي.
[4] دوسٹ محمد خان، ٽالپر، مير: "سرگذشت ٽالپران"، قلمي فارسي.
[5] ايضا:

**(ت) ملڪ جي ايراضي:**

مير علي مراد خان ڪي جيڪو ملڪ مليو ان جي ايراضي ساڍا پنج هزار چورس ميل ۽ آدمشماري اٽڪل ﺑﻪ لک هئي. ملڪ جو گهڻو حصو شڪار گاهن ۽ جهنگلن هيٺ هو. تڏهن به ان جي اپت خرچ لٿي ڏهه لک روپيا هئي.[1]

**(ث) بغاوتون:**

مياڻي جي فتح ڪانپوءِ بروچن جي گهرن ۾ ماتم مچي ويو ۽ سڄي سنڌ ۾ بيچيني پيدا ٿي وئي. ڪيترن ئي قبيلن جا ماڻهو سرحدن تي بغاوتون ڪرڻ لڳا. جن کي دٻائڻ لاءِ انگريزن مارشل لا لاڳو ڪيو ۽ مير علي مراد خان جي مدد سان لشڪر ڪشي ڪيائون. پورا ﺑﻪ سال اها مهم جاري رهي. ڪيترائي مهمير مارجي ويا. باقي جيڪي بچيا، سي اچي پيش پيا. جن مان بجار خان ڏومبڪي، اسلام خان بگٽي ۽ دريا خان جکراڻي جا نالا قابل ذڪر آهن.

چارلس نيپئر جيستائين سڄي سنڌ تي مڪمل طرح قبضو نه ڪيو هو تيستائين مير علي مراد خان کي جيءَ ۾ جاءِ ڏيندو هو ۽ پنهنجو دلي دوست تصور ڪندو هو پر پنهنجي ڪم ڪڍڻ کان پوءِ هن تي ڪرڙي نظر رکيائين. هڪ دفعي کيس ڌمڪي ڏيئي خط ۾ لکيائين: "تون انگريزن جي زور تي وڏو بڻايو ويو آهين، اهڙي عزت توکي خواب ۾ به ڪين هئي. توکي ياد رکڻ گهرجي ته گورنر جنرل جي آڏو تون ائين آهين، جيئن باز جي چنبن ۾ جهرڪي، جيڪڏهن ذري جيتري بيوفائي ڪندين ته تو تي لازمي طور تي تباهي اچي ويندي"[2]

هوڏانهن مير علي مراد خان جي انگريز دوستي ملڪن ۾ مشهور هئي، جيڪا ان وقت جي ڪنهن شاعر جي هيٺئين شعر مان ظاهر آهي[3]:

شد پيشوائي دولت انگليه هم،
مير علي مراد ﺑﻪ صد شان سروري،
گفتند صاحبان فرنگ آفرين تمام
بر مردي و شجاعت آن مير گوهري

انهن ڳالهين جي باوجود مير علي مراد خان انگريزن کي پنهنجي ملڪ ۾ دست اندازي ڪرڻ نه ڏيندو هو. سن 1845ع ۾ چارلس نيپئر سان ﺑﻪ هڪ عهدنامو ڪري پنهنجي ملڪ جي حد بندي ڪرائي ڇڏي هيائين[4].

---

(1) قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 82.
(2) Napier, W: "The Life & openion of Sir Charles Napier", Vol. III, London, 1857,, p. 13.
(3) عطا محمد مرزا، منشي: "تاريخ تازه نوائي معارڪ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، 1968ع، ص 700.
(4) امير علي شاهه، سيد: حوالو ڏنل آهي، ص 84.

چارلس نيپئر اهو عهدنامو گورنر جنرل جي منظوري لاءِ موڪليو. پر ان جو جواب ڪيترن سالن تائين ڪو نه آيو ڇو جو ڪن ماڻهن شرارت ڪري مير علي مراد خان جي خلاف مخفي درخواستون موڪليون هيون. جن ۾ ڄاڻايو ويو هو ته هن مير رستم خان واري عهدنامي ۾ ڦيرڦار ڪري ڪافي ملڪ ڦٻائي ورتو آهي[1]. سن 1850ع ۾ هڪ ڪميشن ويٺي ۽ فريادين جا نالا ظاهر ڪيا ويا. ميرعلي مراد خان سيني فريادين جي دشمني ظاهر ڪري، پنهنجي بچاءُ ۾ ڪافي شاهد پيش ڪيا. پر انهن تي ڪميشن جي ميمبرن اعتبار نه ڪيو ۽ فيصلو مير صاحب جي برخلاف ڏنائون[2]. نيٺ تاريخ 21. جنوري 1852ع تي اعلان جاري ڪري مير صاحب کان مير رستم خان وارا سمورا پرڳڻا کسي، هن کي فقط اهو ملڪ ڏنائون، جيڪو مير سهراب خان جي وصيت موجب کيس مليل هو[3].

(ج) لنڊن جو سفر:

مير صاحب ڪميشن جي فيصلي جي برخلاف ڪمشنر کان وٺي وائسراءِ تائين اپيلون ڪيون، مگر ڪوبه نتيجو ڪونه نڪتو نيٺ سن 1856ع ۾ پنهنجي دادخواهي لاءِ لنڊن ويو ۽ پورو ڏيڍ سال کن اتي رهيو پر سڪٽن دلاسن کان سواءِ ڪجهه به حاصل ڪري نه سگهيو ۽ محروم موٽي آيو[4]. ان کان سواءِ هر موقعي تي گورنر يا وائسراءِ سان ملڻ وقت اشاري طور يا سڌي طرح ساڳيو ئي ملڪ واپس وٺڻ جو سوال دهرائيندو رهيو. انگريز سندس خدمتن جو اعتراف ڪري، هن جي وڏي عزت افزائي ڪندا رهيا، مگر ورتل ملڪ واپس نه ڪيائون[5].

سن 1876ع ۾ تمام گهڻي بارش سبب درياهه اٿل ڪاڏي، اها اٿل ايڏي وڏي هئي جو خيرپور تائين پهچي وچ واري حصي کان سواءِ سارو شهر ٻوڙي وئي. ماڻهو مشڪل سان سر بچائي ٻاهر نڪتا. مير صاحب انهيءَ هنگامي حالت ۾ اهو سڀ ڪجهه ڪيو جيڪو سندس وس ۾ هو. ماڻهن جي خوراڪ ۽ پوشاڪ جي بندوبست کان سواءِ تقاوي ڏيئي، پيهر گهر به تعمير ڪري ڏنائين ۽ سندس ڪوشش سان شهر وري آباد ٿي ويو[6].

---

[1] دوست محمد خان، مير: "سرگزشت ٽالپران"، حوالو ڏنل آهي.
[2] Trotter, L J: "The History of British Empire in India', Vol. I, Allen &Co, London, 1886. p. 278.
[3] Distt: Census Report of Khairpur, Karachi, 1961, p. 1.
[4] خدادا خان: "خيرپور نامو"، لٿو پريس ڪراچي، 1894ع
[5] قليچ بيگ، مرزا: حوالو ڏنل آهي، ص 104.
[6] نسيم امروهوي: "تاريخ خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص70.

(ح) خوني حملو ۽ وفات:

سن 1882ع ۾ هڪ دفعي مير صاحب شڪار تي نڪتو ته اوچتو هڪ ماڻهو مٿس خوني حملو ڪري، طمنچي جا فائر ڪيا ۽ مير صاحب زخمي ٿي پيو. سکر مان ڈاڪٽر پيڪاڪ کي گهرايو ويو جنهن جي علاج سان ٻن مهينن اندر چاق ٿي ويو. چون ٿا ته اهو حملو ڪندڙ هڪ حر هو جنهن کي مير صاحب جي ماڻهن ٽڏي تي ماري ڇڏيو[1].

سن 1891ع ۾ جڏهن مسٽر جيمس سنڌ جو ڪمشنر هو تڏهن بمبئي جو گورنر شڪارپور ۾ آيو ۽ هڪ وڏي دربار ڪوٺائي ميرعلي مراد خان کي برٽش سرڪار طرفان ڪي. سي. جي. آءِ. (K.C.G.I.) جو خطاب عطا ڪيو[2].

سن 1893ع ۾ ساڳيو ئي ڪمشنر مسٽر جيمس سکر ۾ آيو ۽ سيني ننڍين وڏن خيرپور جي خاندان سان تعلق رکندڙ ميرن کي سڏايائين. انهن کان روبرو احوال وٺي، سندن قرض ۽ خرچ پکي جي ياداشت تيار ڪري کين جاگيرون ۽ پينشون مقرر ڪري ڏنائين[3].

سن 1894ع ۾ مير علي مراد خان جڏهن دڙيءَ جي منزل تي هو ته بيمار ٿي پيو ۽ ٽن مهينن جي علالت کان پوءِ تاريخ 25 رمضان، 1311 هجري مطابق 2 اپريل 1894ع تي وفات ڪيائين[4]. سندس وفات جو سال سيد غلام محمد شاهه گدا جي هيٺئين شعر مان نڪري ٿو[5].

سال نقلش گدا به روئي بهشت
گفت هاتف بهشت يافت مکان

مير صاحب جو جنازو کڻائي وڃي ڪربلا معليٰ ۾ دفن ڪيائون[6].

(خ) اولاد:

مير علي مراد خان کي ڇهه پٽ ۽ ٽي نياڻيون هيون. سندس پٽن جا نالا هي آهن: سهراب خان، شاهنواز خان، فيض محمد خان، جان محمد خان، خان محمد خان ۽ غلام مهدي خان، مير فيض محمد خان کان سواءِ سندس ٻيا سمورا پٽ سندس زندگي ۾ ئي وفات ڪري ويا[7].

---

[1] قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور جي تاريخ" حوالو ڏنل آهي، ص 107.
[2] قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 107.
[3] احمد علي خان، سرائي: "گلدسته ريحان"، قلعي، 1895ع، ص 38.
[4] ايضاً:
[5] بشارت علي، زيدي: "دارالسرور خيرپور"، مطلع العلوم مراد آباد، 1915ع، ص 7.
[6] ايضاً: ص 9.
[7] قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 110.

(د) سيرت:

مير علي مراد خان هڪ وڏي دل وارو، سخي مرد، مهمان نواز ۽ مسافر پرور حاڪم تي گذيو آهي. سندس سخا ۽ بخشش سنڌ ۾ مشهور هئي. هو ڏاڍو خبردار، تيز فهم ۽ قابل شخص هو. اسلام سان گڏ هندو مذهب کان به واقف هو. راڳ جو ايڏو شوق هيس، جو هندستاني ۽ پنجابي گويا ۽ ڪٿڪ ۽ سنڌي راڳ ڳائڻ وارا هميشه ساڻس گڏ رهندا هئا. شڪار جو شوق انهي حد تائين هئس جو هميشه جهنگ ۾ لانيين ۾ گذاريندو هو[1]. هن جي سيرت جو ڪمزور ترين پهلو اهو هو جو هن پاڻ کي انگريزن جي اطاعت ۽ فرمانبرداري جو مرڪز بڻائي ڇڏيو هو جنهن جي نتيجي ۾ سنڌين جي آزادي واري جذبي کي وڏو نقصان پهتو[2].

هو نهايت گهٽي طبع، تجويز ۽ سمجهه وارو ماڻهو هو[3]. پنهنجن ڪمن ۾ ڪا به دست اندازي برداشت نه ڪندو هو ۽ سيني بلوچن کان علحدگي اختيار ڪندڙ هو. سندس منشي وغيره سڀ ڏاريا هئا. هن جا فوجي به هندستان، ڪابل، پنجاب ۽ بهاولپور جا هئا[4].

مير صاحب جي فوج جو ڪمانڊر اڳ ۾ هڪ انگريز ميڪائيل [5] ۽ پوءِ حافظ حڪومت خان هو[6]. هن جي فياضي ۽ عالمن ۽ فقيرن جي قدرداني سنڌ کان سواءِ ڏورانهن ملڪن ۾ به مشهور هئي[7]. سندس علم نوازي سبب ڪيترائي عالم ۽ شاعر سندس دربار ۾ ايندا هئا. سندس سخاوت وارو هٿ هميشه ڪشادو رهندو هو[8]. مطلب ته هو هڪ غير معمولي مدبر، سليقه مند، مستقل مزاج ۽ بامروت انسان هو[9].

## iv.مير فيض محمد اول:

(الف) تعارف:

مير علي مراد خان جي وفات کان هڪ هفتو پوءِ تاريخ 7 اپريل 1894ع تي عيدالفطر جي ڏينهن مير فيض محمد خان گاديءَ تي ويٺو[10]. کيس سندس مرضيءَ

---

(1) قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 114.
(2) اعجاز الحق، قدوسي: "تاريخ سندهه"، جلد دوم، حوالو ڏنل آهي، ص 762.
(3) Langley: "At the Court of Ali Murad", Vol, I, London, 1860, p. 207.
(4) Postans. T: op. cit. p. 216.
(5) Alexender Burnes: "Cabool", 2nd . Edition, Lahore, 1960. p. 34.
(6) امير علي، شاهه، سيد: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 95.
(7) عبدالرحمان، امرتسري، حافظ: "سياست هند"، رفاه عام لاهور، 1909ع ص 94.
(8) نسيم، امروهوي: "تاريخ خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص 75.
(9) نور احمد، فريدي: "مضمون بلوچي دنيا"، ملتان، مئي 1960ع، ص 42.
(10) خداداد خان: "خيرپور نامو"، حوالو ڏنل آهي، ص 33.

مطابق انگريزن طرفان خان بهادر قادر داد خان وزير ٿي مليو. جنهن اچڻ سان اڳوڻو انتظام بدلائي نئون نظام شروع ڪيو. ديوان اتمچند ۽ ٻيا منشي، رياست جي سياه ۽ سفيد جا مالڪ بڻيا ويٺا هئا، تن کي ڪڍي، هر هڪ ڪم لاءِ جدا جدا ڪاتا کوليائين. مير صاحب جي شخصي ڪاروبار لاءِ جدا ڪئمپ شاهيءَ جو عملو مقرر ڪيائين[1].

مير صاحب پنهنجي والد وانگر شڪار جو شوقين هوندو هو ۽ منشي هميشه گشت ۾ رهندو هو. تنهن ڪري ملڪ جي سڌاري جو سمورو بار وزير صاحب تي هو جنهن کي صرف نئين ڪم لاءِ مير صاحب کان دستوري منظوري وٺڻي پوندي هئي[2].

(ب) ملڪي سڌارا:

وزير صاحب زراعت ۽ آبپاشي جي ڪاتن کي ترقي ڏني، ڪافي واهه کوٽرايا. شڪارگاهن کي محدود ڪري ڪيترائي جهنگ ڪيرائي، اتي آبادي ڪرايائين. جنهن جي نتيجي ۾ رياست جي اپت پنجن لکن مان وڌي ويهه پندرهن لکن تي پهتي[3]. جتي ڪٽي رستا نهي ويا، واهن تي پليون ٻڌجي ويون ۽ ربيع جي آبادي لاءِ کوهه کوٽجي ويا، ان کان سواءِ رياست جي حدن مان ريلوي جو گذر ٿيو. پوسٽ آفيس ۽ ٽيليگراف جو نئون محڪمو کوليو ويو. سرڪاري دفترن لاءِ سٺيون عمارتون تعمير ٿيون. هڪ سؤ کان وڌيڪ اسڪول کوليا ويا. هڪ لئبريري، هڪ وڏي اسپتال ۽ چار ڊسپينسريون ٺهرايون ويون. مطلب ته رياست جي ذريعن آهر قادر داد خان ڪافي سڌارا آندا. هن 1903ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس جاءِ تي سردار محمد يعقوب خان وزير مقرر ٿيو. جنهن 1907ع تائين اڳين سڌارن کي وڌايو. خيرپور ۾ انگريزي اسڪول جاري ٿيو ۽ ان سان گڏ بورڊنگ هائوس نهيو. فيض محل جي نالي سان هڪ عاليشان محلات به تعمير ٿيو[4].

سردار محمد يعقوب خان سن 1907ع ۾ وفات ڪئي ۽ ان جي جاءِ تي شيخ صادق علي خان وزير ٿيو. هن ڪوٽ ڏيجي ۾ شاهي محل ٺهرايو ۽ ڪراچي ۾ زمين خريد ڪري، مير صاحب لاءِ هڪ وڏو بنگلو تيار ڪرايو[5].

مير علي مراد خان جي وقت ۾ انگريز رياست جي ڪمن ۾ ڪا به مداخلت نه ڪندا هئا، پر سندس مرڻ بعد، سندن دست اندازي ايتري وڌي وئي، جو وزيرن ۽ ڪن ٻين عهديدارن جي جڳهه به پوليٽيڪل ايجنٽ جي منظوري سان پرجڻ لڳي.

---

[1] ايضاً
[2] امير علي، شاهه، سيد: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 105.
[3] بشارت علي، زيدي: "دارالسرور خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص 10.
[4] قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 133 کان 136.
[5] ايضاً: ص 188.

ان ڳالهه جو اهو فائدو ٿيو جو خيرپور هڪ جاگير هجڻ جي بدران هڪ منظم رياست جي قالب ۾ اچي وئي ۽ ترقي جي راهه تي گامزن ٿي[1]

مير فيض محمد خان هڪ وڏو رحمدل، سادگي پسند ۽ نياز نوڙت وارو ماڻهو هو. هو هڪ انصاف پسند، رعايا پرور ۽ غريبن جو همدرد حاڪم هو[2]. هو مروت، مهرباني ۽ خوش خلقي ۾ پنهنجن پائرن کان وڌيڪ هو. فارسي لکڻ پڙهڻ ۾ هوشيار نمازي ۽ خدا پرست انسان هو[3]. هن کان اڳ سڀ ڪجهه ميرن ۽ سندن ساٿين جي فائدي لاءِ ڪيو ويندو هو پر هن رعايا لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ ماڻهن کي زبان خور جانورن جي مارڻ جي اجازت به ڏنائين. کيس تعليم سان به خاص دلچسپي هئي[4]

(ت) شعر و شاعري:

مير فيض محمد خان، سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي زبان جو قادرالڪلام شاعر هو ۽ "عاجز" تخلص ڪندو هو[5].

(ث) اولاد:

هن کي ٽي پٽ هئا، هڪ، مير غلام علي خان، جيڪو يارهن ورهن جي ڄمار ۾ فوت ٿي ويو ٻيو احمد علي خان، جيڪو سندس زندگي ۾ وفات ڪري ويو ۽ ٽيون، امام بخش خان، جيڪو ولي عهد هو[6].

(ج) وفات:

مير فيض محمد تاريخ 5 مارچ، 1909ع ۾ ڪوٽ ڏيجي ۾ وفات ڪئي. سندس عمر 74 سال هئي ۽ پندرهن سال حڪومت ڪيائين. سندس شجرو هي هئي[7]:

"بحق فيض محمد علي مرادم داد".

## v. مير امام بخش خان:

(الف) تعارف:

هي تاريخ 7 جمادي الثاني، 1277هجري مطابق 1860ع، تي ڄائو. سندس والد

[1] نسيم، امروهوي: "تاريخ خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص 137.
[2] ايضاً: ص 91.
[3] قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 137.
[4] پراڳ نارائڻ: "صحيفه زرين"، نولڪشور لکنو 1902ع، ص 129.
[5] زباني روايت: صاحبزادو مير حاجي غلام حسين خان.
[6] ڏسو حوالو پهريون، ص 137.
[7] ايضاً

جي وفات کان پوءِ ٻئي ڏينهن تاريخ 6 مارچ، 1909ع تي ڪيس برادريءَ جي طرفان پڳ ٻڌرائي وئي ۽ پهرين جولاءِ 1909ع تي باقاعده سندس تاجپوشي جو جشن ملهايو ويو[1].

هن به پيءُ وانگر پاڻ کي آئيني سربراهه جي حيثيت تائين محدود رکيو ۽ حڪومت جو انتظام وزير جي حوالي ڪيو. سندس وزير شيخ صادق علي خان هڪ وڏو بيدار مغز ايماندار خداپرست ۽ خلق جو خيرخواهه هو ۽ تعليمي ڪمن جي ترقي لاءِ گهڻي ڪوشش ونندو هو. رياست جي لئبريري ۽ جيمخانو سندس يادگار آهن[2]. شيخ صادق علي خان 1912ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس جاءِ تي محمد ابراهيم خان وزير ٿيو.

(ب) ملڪي سڌارا:

وزير محمد ابراهيم خان پنهنجي ايام ڪاري ۾ گهڻا سڌارا ڪيا. شهر ۾ نوان رستا، عمارتون ۽ مسجدون ٺهرايائين. هنري اسڪول ۾ لوهه جو عاليشان ڪارخانو جاري ڪيائين. ڪيٽريون ئي مهاڙيون صاف ڪرائي، زمين آباديءَ هيٺ آندائين. پراڻي انگريزي اسڪول کي هاءِ اسڪول بڻايائين. خيرپور جي زناني اسپتال ۽ پاور هائوس به سندس يادگار آهن[3]. هن جي ڏينهن ۾ پهرئين مهاڀاري لڙائي لڳي جنهن ۾ انگريزن کي خيرپور مان تمام گهڻي امداد ملي، جنهن جي صلي ۾ مير امام بخش خان کي جنوري 1918ع ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل جو اعزازي عهدو مليو[4]. سن 1919ع ۾ خيرپور شهر ۾ "آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس" جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ سڄي هندستان جا تعليمي ماهر ۽ اديب ڪٺا ٿيا[5]. سن 1920ع ۾ مير صاحب پنهنجي ولي عهد مير علي نواز خان تي ناراض ٿيو. تنهن ڪري صاحبزادو دهليءَ ڏانهن هليو ويو. مير صاحب سندس جاگير ضبط ڪري ڇڏي. نيٺ جڏهن محمد ابراهيم خان وزير استعيفا ڏئي هليو ويو ۽ ان جي جاءِ تي شيخ محمد قادر خان آيو. تڏهن ولي عهد صاحب موٽي اچي پنهنجي پيءُ کي پرچايو[6].

(ت) سياڻ ۽ عادتون:

مير امام بخش خان فيض وارو ۽ علم دوست حاڪم ٿي گذريو آهي. هن ڪراچي کان وٺي ڪلڪتي تائين ادارن کي امداد ڏني. ڪيس شڪار جو به گهڻو

---

[1] بشارت علي، زيدي: "دارالسرور خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص 11.

[2] قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 188 ۽ 189.

[3] قليچ بيگ مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 190 ۽ 191.

[4] Administration Report of Khairpur State for 1921.

[5] دين محمد، وفائي، مولوي: "الوحيد سنڌ آزاد نمبر"، ڪراچي، 1936ع، ص 106.

[6] دوست محمد خان، ميرو "سرگذشت ٽالپران"، حوالو ڏنل آهي.

شوق هوندو هو[1]. هو حد درجي جو ڪفايت شعار پورالو ۽ ڪرڙو حاڪم هو[2].

هن کان اڳ ڇيڙ ۾ في ماڻهوءَ ڪي ٻه آنا ڏنا ويندا هئا. پر هن جي ڏينهن ۾ ڇيڙ جي مزدوري في ماڻهو چار آنا ڪئي وئي. اڳي ميرن جي شادي، غمي ۽ ٻين تقريبن تي ديڳيون ۽ ڪٽولا راڄ منجهان ورتا ويندا هئا. پر امام بخش خان اهو رواج بند ڪري، هڪ سؤ ديڳيون ۽ ڪافي ڪٽولا خريد ڪرائي توشاخاني ۾ رکرايا[3].

(ث) وفات:

مير صاحب تاريخ 8 فيبروري، 1921ع تي وفات ڪئي سندس لاش ڪربلا معليٰ ڏانهن موڪليو ويو[4].

ڪيس علي نواز خان، علي محمد خان ۽ غلام علي خان نالي ٽي فرزند هئا.

## vi. مير علي نواز خان:

(الف) تعارف:

هو تاريخ 9 آگسٽ، 1884ع تي ڄائو ۽ 37 سالن جي عمر ۾ 13 فيبروري، 1921ع تي مسند نشين ٿيو. ابتدائي تعليم ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ حاصل ڪري، چيفس ڪاليج لاهور ۾ داخلا ورتائين. پوءِ ولايت ۾ نو مهينا رهي وڌيڪ تعليم حاصل ڪري آيو[5].

(ب) ملڪي انتظام:

مير صاحب تخت تي ويهڻ شرط ڇيڙ جو رواج بالڪل بند ڪري ڇڏيو. اڳ زمين جي ڍل بٽائي جي نموني سان وٺبي هئي، پر سندس ڏينهن ۾ اهو سرشتو بند ڪري روڪ پئسن ۾ ڍل وصول ڪرائي. بٽائي وارو عملو ڪڍي، وڌيڪ تپيدار ۽ سپروائيزر مقرر ڪيا ويا[6].

رياست ۾ نوان واهه ۽ شاخون کوٽائي وڌيڪ اٺ هزار ايڪڙ زمين آباد ڪرائي وئي. خيرپور شهر ۾ واٽر ورڪس کولي گهرن ۾ نلڪا مهيا ڪيا ويا. ”امداد باهمي“ جو نئون کاتو کوليو ويو. نوان اسڪول وجود ۾ آندا ويا ۽ انگريزي اسڪول جو نالو ”نازهاءِ اسڪول“ رکيو ويو[7].

---

(1) بشارت علي، زيدي: ”دارالسرور خيرپور“ حوالو ڏنل آهي، ص 17 ۽ 18.

(2) علي محمد، شاهه راشدي: ”اهي ڏينهن اهي شينهن“، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1966ع، ص 46.

(3) ڊپٽي ڪمشنر خيرپور جو پراڻو رڪارڊ.

(4) قليچ بيگ، مرزا: ”خيرپور جي تاريخ“، حوالو ڏنل آهي، ص 148.

(5) نسيم، امروهوي: ”تاريخ خيرپور“، حوالو ڏنل آهي، ص 98.

(6) امير علي، شاهه، سيد: ”خيرپور جي تاريخ“، حوالو ڏنل آهي، ص 120.

(7) ڏسو حوالو پهريون، ص 18.

### (ت) انتظامي ڪائونسل:

مير صاحب جي حڪومت جا پهريان ڇهه ست سال ڏاڍا سٺا گذريا ۽ اڳتي لاءِ رعايا کي وڏي اميد هئي ته اهڙي تعليم يافته ۽ روشن خيال حاڪم جي سرپرستي ۾ رياست اوج تي ايندي. پر مير صاحب اوچتو ئي اوچتو عشق جي آري ۾ اچي ويو ۽ سڀ ڪجهه محبت جي راهه ۾ لٽائيندو رهيو. نتيجو اهو نڪتو جو خزانو خالي ٿيڻ لڳو. اهو حال ڏسي انگريزن وزارت جو عهدو ڪيڏي، حڪومت جو انتظام هڪ ڪائونسل جي حوالي ڪيو. جنهن ۾ مير صاحب کان سواءِ ٻيا ٽي ميمبر مسٽر هيليفاڪس، مسٽر امداد علي قاضي ۽ مسٽر لواٽي مقرر ٿيا. اها ڪائونسل به ٻن ٽن سالن ۾ ناڪامياب ٿي ۽ 1930ع ۾ وري مسٽر ٽانٽن وزير مقرر ڪيو ويو. ٻن سالن بعد انهيءَ به استعيفا ڏني ۽ ان جي جاءِ تي سليڊن صاحب وزير ٿي آيو جيڪو مير صاحب سان آخري دم تائين نباهيندو رهيو.[2]

ڪائونسل جي ناڪامي کان پوءِ مير صاحب صرف آئيني سربراهه هو ۽ حڪومت جو ڪاروبار وزير صاحب جي هٿ ۾ هوندو هو.[3]

### (ث) سياءُ:

مير علي نواز خان نهايت حليم ۽ سادي طبعيت وارو انسان هو. سندس آمدني جو وڏو حصو فقيرن ۽ مسڪينن جي امداد ۾ خرچ ٿي ويندو هو[4]. هو وڏو خرچائو سخي مرد، عاشق مزاج ۽ حضور شرم ماڻهو ۽ اعليٰ درجي جو شاعر هو. سندس شعر ۾ چڱو سوز ۽ گداز سمايل هو. ڪڏهن ڪڏهن اميريءَ سان گڏ فقيري به اختيار ڪندو هو. بدن تي گيڙو ڪفني، مٿو اگهاڙو هٿ ۾ يڪتارو ۽ زبان تي رندي ڪلام هوندا هيس. ويرانن ۾ جهوپڙيون لڳي وينديون هيون ۽ جهوپڙين ۾ عاشقانه صدائون بند ڪندو هو[5].

### (ج) وفات:

مير صاحب 1935ع ۾ وفات ڪئي. سندس لاش ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ امانت طور رکيو ويو ۽ ڪجهه عرصي بعد ڪربلا معليٰ ڏانهن موڪليو ويو[6]. چون ٿا ته کيس ڪنهن ويجهي عزيز زهر ڏنو هو.[7]

---

[2] امير علي، شاهه سيد: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 125.

[3] دين محمد، وفائي، مولانا: "الوحيد، سنڌ آزاد نمبر"، حوالو ڏنل آهي، ص 107.

[4] نسيم، امروهوي: "تاريخ خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص 105

[5] علي محمد، شاهه راشدي: "اهي ڏينهن اهي شينهن"، حوالو ڏنل آهي، ص 47.

[6] نسيم، امروهوي: "تاريخ خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص 104.

[7] سيد علي رضا، شاهه، متعلق انگريزي ۾ لکيل وصيت نامو بذريعه ليٽر نمبر 480، مورخ 20 آڪٽوبر، 1935ع، مملوڪه امام علي شاهه ساڪن خيرپور.

## vii.مير فيض محمد خان ثاني:

**(الف) تعارف:**

هي مير علي نواز خان جو اڪيلو پٽ هو. سندس ولادت تاريخ 4 جنوري 1913ع تي ٿي. هو والدين کي سڪي سڪي ڄاڻو هو. تنهن ڪري کيس ڏاڍو پيار ڪندا هئا ۽ پيار مان هن کي "الهبچايو" ڪري سڏيندا هئا. سندس والده بيبي نذير بيگم بلوچ خاندان مان ٿـ هئي، تنهن ڪري سندس چاچي مير غلام علي خان ۽ ڪجهہ ٻين شاهي خاندان جي ماڻهن کي سندس ولي عهديءَ تي اعتراض هو. مير غلام علي خان برطانيہ سرڪار وٽ بہ پڪاريو مگر علي نواز خان ڪوشش ڪري سندس ولي عهدي منظور ڪرائي ڇڏي[4].

سن 1934ع ۾ هڪ ڏينهن اهڙو اتفاق ٿيو جو مير علي نواز خان جي ڪچهري ۾ مير فيض محمد خان جي هٿان سندس روالور ڇٽي ويو ۽ اوچتو وڃي سندس ٻن سالن جي ٻار شهزادي علي مراد خان ثانيءَ جي ٻانهن ۾ لڳو. پوءِ تہ وڏو ٻائيتال مچي ويو ۽ ڪئمپ شاهي جي حوارين مير فيض محمد خان کي چريو چريو چوڻ شروع ڪيو ۽ کيس ڪجهہ وقت لاءِ ذهني علاج واسطي لاهور موڪليو ويو. ان کان پوءِ هن کي پوني ۾ زير علاج رکيو ويو[5].

هو اڃا پوني ۾ ئي هو تہ 1935ع ۾ سندس والد وفات ڪئي. ان کان پوءِ سنت سندس والده بہ گذاري وئي. هڪ طرف والدين جو وڇوڙو ٻيو وطن کان دوري ۽ ٽيون چاچي جي ناسازي تخت بخت کان محروميءَ مڙني ڳالهين گڏجي سندس ذهني توازن وڃائي ڇڏيو. نيٺ 1947ع ۾ برطانيہ سرڪار کيس حڪومت لاءِ نااهل قرار ڏيئي، سندس ولي عهد مير علي مراد خان کي حاڪم بڻايو[1].

ساڳئي سال ۾ پاڪستان بنجڻ بعد هن کي پوني مان خيرپور آندو ويو. هو پنهنجي حياتيءَ جا آخري پنج ڇهہ سال ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ گذاري، تاريخ 18 رجب، 1376هجري، مطابق 14 اپريل، 1952ع تي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس وفات جو سال هيٺئين شعر مان بر آمد ٿئي ٿو[2].

تاريخ مرگ مير يہ لکهہ ديجئي نسيم
مولي کي پاس فيض محمد جنان مين هي.

---

[4] امداد علي خان، سرائي: "مهاڳن جو احوال"، قلمي مسودو.
[5] زباني روايت: مير حسين بخش خان عرف مير ڇتل خان، باڊي گارڊ مير علي نواز خان.
[1] زباني روايت: سرائي پيارو خاصخيلي سابق معتمد خاص مير علي نواز خان.
[2] نسيم امروهوي: "تاريخ خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص 107.

(ب) ملڪي سڌارا:

مير صاحب جي نالي ماتر حڪومت ۾ سن 1937ع تائين انگريز وزير مسٽر سليڊن هو ۽ ان ڪان پوءِ خانبهادر اعجاز علي وزير مقرر ٿي آيو. جيڪو 1947ع تائين رياست جي سياهه ۽ سفيد جو مالڪ رهيو. انهيءَ عرصي ۾ رياست ۾ ڪافي سڌارا آيا، جن مان هيٺيان ذڪر جي لائق آهن[1].

i. سکر بئراج جي تعمير سبب آبپاشي جي انتظام ۾ ترقي آئي ۽ ڪافي غير آباد زمين آباد ٿي.
ii. اعجاز ٽئنري نالي هڪ چمڙي جو ڪارخانو کوليو ويو.
iii. ڳوٺ سڌار کاتي کلڻ سبب هارين جي معاشي ۽ سماجي حالتن ۾ سڌارو آيو.
iv. خيرپور ۾ هاءِ ڪورٽ جو قيام عمل ۾ آيو.
v. صحت کاتي ۾ توسيع آڻي ڪجهه ڊسپينسريون کوليون ويون.
vi. ٻه نوان هاءِ اسڪول ۽ ڪافي پرائمري اسڪول کوليا ويا.
vii. حڪومت جي نظام ۾ ڪجهه آئيني سڌارا آيا، جن جي ڪري جمهوريت کي فروغ حاصل ٿيو.

## viii. مير علي مراد خان ثاني:

(الف) تعارف:

سندس ولادت تاريخ 29 جون، 1933ع تي انگلينڊ جي شهر برائٽن ۾ ٿي، ڇو جو ان وقت سندس والد مير فيض محمد خان ثاني پنهنجي ديري سميت اتي رهيل هو. ٽن سالن جي عمر ۾ ئي کيس رياست جو ولي عهد مقرر ڪيو ويو. تاريخ 24 جولاءِ 1947ع ۾ جڏهن چوڏهن سالن جو هو تڏهن سندس تخت نشيني عمل ۾ آئي، مگر حڪومت جا اختيارات کيس نه مليا هئا، ڇو جو کيس تعليم جي تڪميل ڪرڻي هئي[2]. تاريخ 11، سيپٽمبر، 1951ع تي مرحوم لياقت علي خان جي هٿان هن کي حڪومت جا اختيار ڏنا ويا، جن کي 14 آڪٽوبر، 1955ع تائين آئيني طور تي استعمال ڪندو رهيو[3].

(ب) تعليم:

هن ابتدائي تعليم ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ ورتي ۽ سينيئر ڪئمبرج جو امتحان

---

[1] ايضاً
[2] نسيم امروهوي: "تاريخ خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص 108 ۽ 109.
[3] ايضاً: ص 120.

ايچيسن ڪاليج، لاهور مان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ 1950ع کان 1953ع تائين انگلينڊ ۾ رهي اعليٰ تعليم ورتائين. انهيءَ عرصي تائين حڪومت جون واڳون وزير سنڀاليندا رهيا[1].

**(ت) حڪومت جو نظام:**

مير صاحب جي ولي عهدي واري زماني کان وٺي رياست جو وزير خان بهادر اعجاز علي هو جنهن کي 1938ع کان وٺي ٻن صلاحڪارن جي ڪائونسل ڏني وئي هئي. اهي صلاحڪار صاحبزادو مير حاجي غلام حسين خان ۽ خان بهادر ڪولابا والا هئا. 1942ع ۾ حر تحريڪ زور ورتو جنهن کي ڪچلڻ لاءِ ساري سنڌ ۾ مارشل لا لاڳو ڪيو ويو. تاريخ 20 مارچ، 1943ع تي پير پاڳارو، سيد صبغت الله شاهه ثاني کي شهيد ڪيو ويو ۽ جتي ڪٿي سنڌس مريدن جي وٺ پڪڙ شروع ٿي وئي. خيرپور جي حڪومت به حرن جي خلاف قدم کڻڻ ۾ سرگرم عمل رهي[2]. حرن تي اها سختي ڪيترائي سال هلي ۽ انهيءَ دٻاءَ واري پاليسي ۾ ڪيترين ئي زندگيون بيگناهه ضايع ٿيون. ڪافي ماڻهن قيد ۽ بند جون تڪليفون سٺيون، جن جي نتيجي ۾ حڪومت خلاف هڪ عوامي تحريڪ شروع ٿي وئي. نيٺ 1947ع ۾ مير صاحب جي اختيارات سنڀالڻ جي وقت تائين هڪ ريجنسي بورڊ قائم ڪيو ويو جنهن جا ميمبر، مير غلام حسين خان، مير علي ڏنو خان، مير محمد علي خان، مير غلام حسن خان ۽ مير خان محمد خان هئا. اهو فيصلو ڪيو ويو ته هر هڪ ميمبر واري تي هڪ سال لاءِ حڪومت جو سربراهه ٿي رهندو ۽ سندس ماتحتي ۾ هڪ ڪاروباري ڪائونسل ڪم هلائيندي. ان ڪائونسل جا ميمبر خان بهادر ڪولابا والا ۽ شيخ بهاءُ الدين هئا. ريجنسي بورڊ جي سربراهي جو عرصو هيٺئين ريت تقسيم ڪيو ويو[3].

| | |
|---|---|
| صاحبزادو حاجي غلام حسين خان: | جون 1947ع کان مئي 1948ع تائين. |
| صاحبزادو مير علي ڏنو خان: | جون 1948ع کان مئي 1949ع تائين. |
| صاحبزادو مير محمد علي خان: | جون 1949ع کان مئي 1950ع تائين. |
| صاحبزادو مير غلام حسن خان: | جون 1950ع کان مئي 1951ع تائين. |
| صاحبزادو مير خان محمد خان: | جون 1951ع کان سيپٽمبر 1951ع تائين. |

---

[1] زباني روايت: سرائي امداد علي خان سابق سيڪريٽري مير علي مراد خان ثاني.
[2] نسيم امروهوي: "تاريخ خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص 110.
[3] ايضاً: ص 111 کان 118.

مير غلام حسين خان جي وقت ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو جنهن سان رياست خيرپور جو الحاق ٿيو. اسڪولن ۾ تعليم مفت ڪئي وئي ۽ ڪوٽ ڏيجي ۾ هڪ پاور هائوس کوليو ويو.

مير علي ڏني خان جي وقت ۾ سيني ڪاتن جي عملدارن ۽ منشين کان رشوت نہ وٺڻ لاءِ قرآن شريف کڻايو ويو. تاريخ 30، سيپٽمبر 1948ع تي مرزا ممتاز حسن قزلباش، چيف منسٽر ٿي آيو جنهن جي ڪوشش سان ائسوسيئيشن ائڪٽ منسوخ ٿيو ۽ پبلڪ کي تقرير ۽ تحرير جي آزادي ملي. هن جي ڏينهن ۾ شراب جي تجارت تي مڪمل بندش وڌي وئي. ان کان سواءِ زمين جي ڍل جو چوٿون حصو معاف ڪيو ويو[2].

1950ع ۾ عام راءِ سان چونديل پندرهن ميمبرن جي اسيمبلي قائم ڪئي وئي، جنهن مان چيف منسٽر قزلباش صاحب کان سواءِ ٻيا بہ وزير مسٽر الهڏنو خان سيال ۽ صاحبزادو مير علي خان کنيا ويا[3].

1953ع ۾ هڪ نئون آئين پاس ڪري، ٽيهن چونديل ميمبرن تي ٻڌل قانون ساز اسيمبلي قائم ڪئي وئي، جنهن مان چيف منسٽر قزلباش صاحب جي علاوه ٻيا ٽي وزير شيخ بهاءُ الدين، صاحبزادو مير عطا حسين خان ۽ مسٽر غلام قادر خان پنهور کنيا ويا. جيڪي 14 آڪٽوبر، 1955ع تائين پنهنجن عهدن تي برقرار رهيا[1].

تاريخ 14 آڪٽوبر، 1955ع تي رياست کي ون يونٽ جي وحدت ۾ ملائي، سندس انفرادي حيثيت ختم ڪئي وئي ۽ خيرپور سان سنڌ جا ڪجهہ حصا ملائي هڪ ڪمشنري قائم ڪئي وئي. اها ڪمشنري 1973ع تائين قائم رهي، پر هاڻي اهو اعزاز سنڌ کي نصيب ٿيو آهي ۽ خيرپور، سنڌ جو هڪ ضلعو بڻجي وئي آهي.

**(ث) اقتصادي ترقي:**

سن 1947ع تائين خيرپور جي ساليانہ آمدني اٺيتاليهہ لک هئي، پر پوءِ اها آمدني وڌي وڃي ڏيڍ ڪروڙ تي پهتي، ان وقت في ماڻهو ساليانہ آمدني جي سراسري (Per Capita) اها سراسري ويهن روپين کان وڌيڪ نہ هئي[2].

ون يونٽ قائم ٿيڻ وقت پوري رياست ۾ ابتدائي تعليم مفت ۽ لازمي هئي ۽ ثانوي تعليم ۾ ڪنهن بہ قسم جي في نہ ورتي ويندي هئي. اسڪولن ۾ پنج سؤ

---

[2] نسيم امرهوي: "تاريخ خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص 134.
[3] ايضاً
[1] ايضاً
[2] ايضاً

شاگرد فري بورڊر هئا. جن کي مفت کاڌي پيتي کان سواءِ ڪتاب ۽ ڪپڙا بہ مفت ڏنا ويندا هئا. اعليٰ تعليم لاءِ هر مستحق شاگرد کي اسي روپيا ماهانہ اسڪالرشپ ۽ اسي روپيا قرض حسنہ (Debt of Honour) طور ڏنا ويندا هئا.

معاشي رٿابندي ڪري بہ ڪارخانا قومي ملڪيت ۾ آندا ويا. ٽرانسپورٽ کاتو بہ نئين طرح سان کولي قومي ملڪيت ۾ آندو ويو. ان کان سواءِ هنرمندن ۽ ڪاريگرن جي همت افزائي ڪري کين ڪچو مال سستي اگهہ تي مهيا ڪري ڏنو ويو. انهن سببن ڪري ڪيترائي خانگي ڪارخانا لڳي ويا ۽ گهريلو صنعتون قائم ٿيون. زرعي سڌارن سان ڪاشتڪارن کي ڍل جو چوٿون حصو معاف ڪيو ويو ۽ کين تقاوي جي قرضن جي سهولت ڏني وئي، مطلب تہ خيرپور هڪ فلاحي رياست بنجڻ شروع ڪيو هو جو ڪيس ون يونٽ جي ڏڪ سان ختم ڪيو ويو.

# خيرپوري ٽالپرن جو ملڪي نظام

**i. معاشرو:**

ٽالپرن جي حڪومت ۾ مغلن جي حڪومت وانگر طبقاتي ۽ جاگيردارانہ نظام هو[1]. جنهن ۾ سڪر سٽائي هئي ۽ ماڻهو سکيا ستابا هئا. ملڪ جي ساري آبادي ماڻهن جي جن طبقن ۾ تقسيم ٿيل هئي، انهن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو:

**(الف) جاگيردار:**

هي اهي ماڻهو هئا، جن کي سندن خدمتن جي صلي ۾ گذاري لاءِ ڪجھہ زمين انعام طور ڏني وئي هئي، جيڪا هو پنهنجن خادمن ۽ ڪمدارن جي ذريعي هارين کان آباد ڪرائيندا هئا. جاگيردار چئن قسمن جا هئا: پهريان اهي، جن کي ٽالپرن جي حڪومت کان اڳ ۾ ئي پروانن ذريعي اڳين حڪومتن کان زمينون مليل هيون ۽ وقت جي حڪومت سان وفاداري سبب بحال ڪيون وينديون هيون ۽ ٻيا اهي، جيڪي ٽالپرن جي شاهي خاندان جا ماڻهو هئا، جن کي فراست سان زندگي گذارڻ لاءِ زمين ڏني وئي هئي. ٽيان بلوچ سردار ۽ امير جيڪي پاڻ وٽ فوجي دستا رکندا هئا ۽ ضرورت جي وقت لڙائي لاءِ لشڪر ڪنوڪري ڏيندا هئا. چوٿان پير، فقير عالم ۽ مجاور جن کي خيرا تدار سڏبو هو[2].

جاگيردارن جي مرڻ تي سندن وارث پنهنجون سندون ۽ پروانا نوان ڪرائيندا هئا[3].

**(ب) زميندار:**

هي بلوچ سردارن ۽ ٽالپرن کان سواءِ اهي ماڻهو هئا، جن کي پنهنجا راڄ هئا،

---

(1) Azimushan Hyder, Dr: "History of Karachi", Feroz Sons, Karachi, 1974, p. 3

(2) Nur Nabi "A Report on Jagirdars & Zamindars", Govt. Press, Karachi, 1939, p. 1 & 2.

(3) Postans, T: "Personel observations on Sind", op.cit, p. 236.

هنن کي گذاري لاءِ "سيريءَ" طور ڪجهه زمين مليل هوندي هئي ۽ وڏي ناٺ سان رهندا هئا. هو ڪافي مال متاع وارا ۽ اوطاقن جا مالڪ هوندا هئا ۽ پنهنجين ريتن رسمن موجب راج ڀاڳ جا فيصلا ڪندا هئا ۽ پنهنجي قوم کي ضابطي ۾ رکندا هئا. جيڪڏهن ڪو وڏو ڏوهه يا اهڙو واقعو ٿيندو هو جنهن جو نبيرڻ هنن جي وس کان ٻاهر هوندو هو ته پوءِ ميرن کان مدد وٺندا هئا[1].

(ت) ڪاشتگار:

ملڪ جي اڪثريت ڪاشتگارن يا هارين تي مشتمل هوندي هئي ۽ جاگيردارن يا زميندارن جون زمينون آباد ڪندا هئا. زمين جي اپت مان مقرر حصو جاگيردار يا زميندار کي ڏئي، باقي مان پنهنجو گذارو ڪندا هئا. زمين کيڙڻ ۽ کير پيڻ لاءِ مال متاع به ڌاريندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڏور وڪڻي، پنهنجي موڙي ٺاهيندا هئا. هنن جي حالت گذريل دورن کان گهڻو درست هئي[2].

(ث) ڀاڳيا ۽ مالدار:

هي اهي ماڻهو هئا، جن جو گذران پنهنجي مال تي هوندو هو. رڍن، ٻڪرين، ڳئن، مينهن ۽ اٺن جا ڌڻ ڌاريندا هئا. هنن مان ڪيترا مال جي چاري لاءِ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تي گهمندا رهندا هئا. سندن مال مان کير مکڻ کان سواءِ ان ۾ ڌاس جي به ڪافي پيدائش ٿيندي هئي.

(ج) واپاري:

هي گهڻو ڪري لوهاڻا هندو هئا ۽ ننڍين وڏن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ دڪان ڪيڌي گذارو ڪندا هئا. هنن مان ڪي ڪتين، نير يا ٻين شين جو واپار ڪندا هئا ۽ ماڻهن کي اڳواٽ ٻول تي پئسا ڏيندا هئا ۽ فصل لهڻ تي گهٽ اگهن ۾ جنسون وٺي، روزگار ڪندا هئا. ان کان سواءِ ماڻهن کي وياج تي پئسا ڏيندا هئا.

(ح) عامل:

هي هندن جو پڙهيل طبقو هو جيڪو فارسي ۾ مهارت حاصل ڪري، سرڪاري نوڪري ڪندو هو. ميرن جو دفتر گهڻو ڪري هنن جي حوالي هوندو هو. هنن کي عامل يا ديوان ڪري سڏيندا هئا. سندن اٿڻي ويهڻي ۽ رهڻي ڪهڻي مسلمانن وانگر هوندي هئي. هنن کي ميرن جي حڪومت ۾ وڏا عهدا هوندا هئا. ميرن وانگر سٿڻون، پهراڻ ۽ ٽوپيون پائيندا هئا[1].

---

[1] فتح محمد حڪيم: "ميرن جي صاحبي"، الوحيد پريس ڪراچي، 1924، ص 9 ۽ 10.

[2] رحيم داد مولائي شيدائي: "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي پريس، حيدرآباد، 1959ع، ص 584.

[1] قليچ بيگ مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 121.

(خ) ڪاسبي:

هي هنرمند ۽ پورهيت هئا، جيڪي ڏڪاڻڪو لوهارڪو حجامڪو ڪنڀارڪو موچڪو ۽ ڪتڪو ڪم ڪندا هئا. ڳوٺن ۾ زميندارن ۽ ڪاشتڪارن سان سندن آهت هوندي هئي. سندن ڪم اجوري وٺڻ کان سواءِ ڪندا هئا. فصل لهڻ وقت پنهنجو مقرر ڪيل ڀاڱو ڏاڻ وٺي پيٽ پاليندا هئا.

(د) فنڪار:

هي ڳائڻ وڄائڻ ۽ هٿ ناٽ ڪرڻ وارا ماڻهو هئا، جيڪي سان آواز ۽ هٿ جي هنر تي گذارو ڪندا هئا. ڪين شادين مرادين جي موقعن تي گهڻو ڪجهه ملي ويندو هو. ميراسي، ڀلهاٽي، منگتا، مڱڻهار ڳائڻا ۽ ڪٽڪ وغيره هن طبقي ۾ اچي وڃن ٿا.

(ذ) گهريلو هنرن وارا:

مٿي ذڪر ڪيل ڪاسبين کان سواءِ ڪجهه ٻيا ڪاريگر به هئا، جيڪي ننڍي پيماني تي پنهنجون معاشي ضرورتون پوريون ڪندا هئا. مثال طور ڪوري، ماڙيچا ۽ ماڇي، جيڪي جوڙيءَ جو ڪپڙو، کيس سوسيون ۽ ڪارا ٺاهيندا هئا. شيخ ۽ ٻاليشاهي ڪانن جون پترون، چڃ ۽ ڪارا ٺاهيندا هئا. ڪي وري ٽوپا ۽ تڏا ٺاهي پيٽ قوت ڪندا هئا. ڪي عورتون ۽ مرد سرن جو واڻ ٺاهي وڪڻندا هئا. ڪٽي پنڊيون ۽ پکا ٺهندا هئا. ڪجهه ماڻهو زري دوز ۽ ڪنڊي دوز هوندا هئا. ڪي مالدار ماڻهو ڏاس مان فراسيون ۽ کٿيون ٺاهيندا هئا. رلهيون به بهترين قسم جون ٺهنديون هيون. ڪي وري جنڊي ڪاشيءَ جا اعليٰ ڪاريگر هئا.

(ر) مزدور:

هي اهي ماڻهو هئا، جيڪي مارڪيٽن ۾ يا جڳهن جي مرمت وغيره جي ڪم تي ڀڳهر جو پورهيو ڪري، اجورو وٺي پيٽ پاليندا هئا.

(ز) پير، فقير ۽ عالم:

هي اهي ماڻهوهئا، جيڪي روحاني تربيت لاءِ خانقاهون قائم ڪندا هئا ۽ مريدن جي نذر نياز مان پيٽ پاليندا هئا. انهن وٽ ديني تعليم جو خاطر خواهه انتظام هوندو هو.

(س) ٻانها ۽ غلام:

ميرن ۽ سردارن وٽ ڪجهه غلام به رهندا هئا، جيڪي سندن گهر جو ڪم ڪار ڪندا هئا.[1] غلامن سان تمام سهڻو ورتاءُ ڪيو ويندو هو. ڪيترن کي سندن

---

[1] M. Sardar Khan: "History of Baloch Race", op. cit. p. 167 & 168.

حسن خدمتي سبب سٺا عهدا بہ ملندا هئا. عام غلام پاڻ کي آزاد ماڻهن کان بهتر حالت ۾ سمجهندا هئا.[1]

(ش) بيڪار:

مٿي ذڪر ڪيل ماڻهن کان سواءِ باقي اهڙا هئا، جيڪي گداگري تي گذران ڪندا هئا ۽ مٺخانا وسايو ويٺا هوندا هئا. ڪي وري رڇ يولا ڏاري ڳونن ۽ شهرن ۾ گهمندا وتندا هئا. جوڳي فقير وري نانگ بلائون ڏاريندا هئا ۽ در در تي صدائون هڻي، بکيا وٺي گذران ڪندا هئا.

## ii. حڪومت جو انتظام:

ميرن جي حڪومت فوجي، اميرانٽي ۽ راجوٽي قسم جي هئي، جنهن ۾ هڪ قسم جو قبائلي اتحاد هو[2]. ڪي بہ مقرر ٿيل قاعدا ۽ قانون يا حساب ڪتاب جون فهرستون ڪين هيون. اقتدار اعليٰ گادي نشين جي هٿ ۾ هوندو هو. جيڪو پنهنجي حڪومت جو چرخو اميرن، وزيرن ۽ اهلڪارن جي صلاح سان هلائيندو هو[3]. مير صاحب يا سندس اميرن ۽ وزيرن وٽ هر هڪ ماڻهوءَ کي رسائي هئي ۽ ڪو بہ ماڻهو بنا روڪ ٽوڪ جي وٽن وڃي سگهندو هو[4].

(الف) سزاولڪار ۽ ڪاردار:

انتظامي لحاظ کان سارو ملڪ پرڳڻن يا ضلعن ۾ ورهايل هوندو هو ۽ هر هڪ پرڳڻي تي هڪ سزاولڪار مقرر هوندو هو جيڪو ڪاردارن جي ذريعي انتظامي ڪاروبار هلائيندو هو. سزاولڪار جي عملي ۾ هڪ خزانچي، اٺ يا ڏهہ سوار ۽ ڪجهہ هرڪارا هوندا هئا، جن کي معقول تنخواهہ ملندي هئي، جنهن سان سٺي ۽ اميرانٽي زندگي بسر ڪري سگهندا هئا[5]. سزاولڪار انتظام جي لحاظ کان مختارڪاري جو ڪم بہ ڪندو هو ۽ ضرورت وقت پوليس جي ناظم جي حيثيت بہ رکندو هو.

هرهڪ پرڳڻو مختلف ٽپن ۾ ورهايل هوندو هو ۽ هرهڪ ٽپي تي هڪ ڪاردار هوندو هو جنهن کي انتظاميہ، عدليہ ۽ پوليس جا ڪم بہ ڪرڻا پوندا هئا[5].

---

(1) Postans, T: op. cit. p . 73 & 74.

(2) M. Sardar Khan: op. cit. p. 166.

(3) Sorly, H. T. Dr: "The Imperial Gazetteer of West Pakistan", govt. Press, Lahore, 1968, p. 172.

(4) ضامن ڪنتوري: "عبرت ڪده سندهہ" نفيس اڪيڊمي ڪراچي، 1967ع، ص 77.

(5) ضامن ڪنتوري: "عبرتڪده. سندهہ" حوالو ڏنل آهي، ص 304.

(5) Azimushan Hyder,: "Historyof Karachi", p.3.

(ب) ڪوٽوال:

هر هڪ وڏي شهر جي مٿان هڪ ڪوٽوال هوندو هو جنهن جي هٿ ۾ ڪجهه سپاهي هوندا هئا. هو شهر جو انتظام سنڀاليندو هو.

هر هڪ دفاعي قلعي جي مٿان هڪ عملدار هوندو هو جنهن کي قلعه دار سڏيندا هئا. هن کي هڪ فوجي دستو به هوندو هو.

(پ) فوج:

ميرن وٽ باقاعده لشڪر ڪونه هوندو هو. سڄو ملڪ فوجي سردارن، اميرن ۽ جاگيردارن ۾ ورهايل هو جيڪي ضرورت وقت لشڪر مهيا ڪري ڏيندا هئا. هر هڪ لاءِ سپاهين ڏيڻ جو تعداد مقرر هوندو هو. جنگ جي وقت يا ٻي حالت ۾ سپاهين ۽ فوج جو خرچ پڪو حڪومت کي ڪرڻو پوندو هو. روزانه خرچ لاءِ في پيادي کي هڪ سير چانور ۽ پنج پئسا روڪ ملندا هئا. في سوار کي گهوڙي جي خرچ سميت روزانه چار آنا ملندا هئا[1]. عام حفاظت ۽ ٻئي ڪم لاءِ ميرن جي حاضري ۾ هڪ فوجي دستو هر وقت موجود هوندو هو[2]. ميرن جي اوچتي حڪم ملڻ تي تڪڙا قاصد انهن تي چڙهي روانا ٿيندا هئا ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ هزارين سپاهي ڪٺا ڪري سگهندا هئا.[3]

(ٺ) عدالت:

ميرن جي ڏينهن ۾ هاڻي وانگر عدالت جو جدا ڪاتو ڪونه هو. سمورا فيصلا قاضي، ڪوٽوال ۽ ڪاردار قرآني قانون موجب ڪندا هئا. هڪڙي قاضيءَ جي فيصلي تي ٻيا قاضي اپيلون به ٻڌندا هئا[4]. ڪاردار اهڙا فيصلا قاضيءَ جي فتوي وٺڻ بعد ڪندو هو[5]. قاضي جي عدالت ۾ خاص ڪري موروثي ملڪيت ۽ شادي مرادي جا مسئلا ايندا هئا. جن جو فيصلو شريعت مطابق ٿيندو هو. قاضي جنهن کي مناسب سمجهندو هو تنهن کان ساک وٺي، لکيل فتوي ڏيندو هو. هندن جا فيصلا پنچائت ۾ نبرندا هئا. پنچائت جو صدر شهر جو مکي هوندو هو جيڪو هڪ ڪاميٽيءَ جي ذريعي جاچ پڙتال ڪندو هو. هندو ۽ مسلمان ٻئي امين به مقرر ڪرائيندا هئا. ڪڏهن لکيل دستاويز پيش ٿيندا هئا، ته ڪڏهن وري هڪ ڏر قسم

---

(1) رحيم داد، مولائي شيدائي: "تاريخ تمدن سنڌھ"، حوالو ڏنل آهي، ص 587 ۽ 588.

(2) رحيم داد، مولائي شيدائي: "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 766.

(3) Postans, T.: op. cit. p. 44.

(4) Richard Burton: op. cit p. 182.

(5) Azimushan Hyder: "History of Karachi". Op. cit. p. 3.

ڪٽنديون هئي ۽ ٻي ڏر کي اها ڳالهه مڃڻي پونديون هئي. امينن جي وڏي عزت ڪئي ويندي هئي ۽ سندن فيصلي تي ڪو به اعتراض نه ورتو ويندو هو.

خون جو فيصلو مير صاحب قاضيءَ جي فتويٰ وٺي پاڻ ڪندو هو. مقتول جي وارثن کان پڇيو ويندو هو ته هو خون جي بها وٺي، خونيءَ کي ڇڏي ڏيندا يا خون جو بدلو خون سان وٺندا. بهرحال فيصلو سندن مرضيءَ موجب ڪيو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سرڪار خونيءَ کي سنگسار ڪرائيندي هئي ۽ ڪڏهن وري ڏوهيءَ جي ڏاڙهي ۽ مٿو ڪوڙائي، گڏه تي چاڙهي، ڪيس شهر مان گهمايو ويندو هو ۽ مقتول جي وارثن کان معافي ڏياري پوءِ آزاد ڪيو ويندو هو[1].

(ج) راڄ:

ڳوٺن ۾ هر هڪ زميندار کي پنهنجو راڄ هوندو هو جنهن جو معمولي فيصلو زميندار ڪندو هو. جڏهن ڪا ڳالهه وڏي ويندي هئي، تڏهن سمورو راڄ گڏ ٿيندو هو زميندار جي سرڪردگي ۾ فيصلو تبيريو ويندو هو. زميندار کي وڏيرو يا چڱو مڙس سڏيندا هئا، اهو عهدو موروثي هوندو هو.

هر هڪ ڳوٺ ۽ شهر ۾ هندن جي پنچات هوندي هئي، جنهن جي پرئي مڙس کي مکي سڏبو هو. مکيءَ جي مرڻ تي ٽن ڏينهن اندر ٻيو مکي چونڊيو ويندو هو جنهن کي سڄي پنچائت طرفان پڳڙي پڌرائي ويندي هئي. اها پڳڙي سندس مٿي تي برهمڻ رکندو هو. هن کي ڪم ڪار هلائڻ لاءِ هڪ سيڪريٽري يا ٿهليو هوندو هو. پنچائت جا ڪم مذهبي ۽ سماجي هوندا هئا: مثلاً معمولي جهڳڙن جا فيصلا، ڌرمشالائن ۽ ٽڪاڻن جي سنڀال ۽ خيراتي ڪم وغيره.[2]

(ح) سزا:

ميرن ۾ رحم جو مادو گهڻو هو. تنهن ڪري رتوڇاڻ کان ڏاڍو لهرائيندا هئا. خطرناڪ بدمعاشن جي حالت ۾ به سندن بازو ڪپي ڇڏيندا هئا. اها سندن سزا جي حد هوندي هئي[3]. موت جي سزا لاچاري حالت ۾ فقط مير صاحب پاڻ ڏيندو هو. ٻيون وڏيون سزائون ڏنڊ ۽ قيد جي صورت ۾ هونديون هيون. چور کان چورايل مال جي ملهه جو ٻيڻو ٽيڻو وٺبو هو. ڏنڊ نه ڏيڻ جي حالت ۾ ڏوهيءَ کي زنجيرن ۾ وجهي قيد ۾ رکيو ويندو هو[4]. ڪڏهن ڪڏهن ڏوهيءَ جي ڪپي هٿ ڪپڻ کان

(1) Sorley, H.T, Dr: "Shah Abdul Latif of Bhit," op. cit. p. 152.

(2) Thakur, U.T: "SindhiCulture", University Press, Bombay, 1959, p. 73 & 74.

(3) Estwick, Captain: op. cit. p. 80.

(4) قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 119.

سواءِ سندس ڪن به ڪپيندا هئا[1].

ڏوهارين کي سچي ڪرائڻ لاءِ ڏاڍي مارڪٽ ۽ زبردستي ڪرڻ ۾ ايندي هئي، جيئن ته لوهه تپائي ڏنبڻ، رسن سان ابتا هٿ پير ٻڌڻ ۽ انهن تي پاڻي وجهڻ، ٽنگن کان ابتو ٽنگڻ وغيره[2].

ڪڏهن ڏوهاري جو ڏاڙهي، مٿو ۽ ڀرون ڪوڙائي، ڪارو منهن ڪري، ڳچيءَ ۾ پادرن جي ڪنڍي وجهي، گڏهه تي چاڙهي، شهر مان گهمائيندا هئا. عضون وڍڻ جو نقصان ورلي ڪندا هئا. نڪ ۽ ڪن ڪپڻ تمام وڏي سزا هوندي هئي. ڏوهه نه باسڻ جي حالت ۾ توبري ۾ ڳاڙها مرچ ڪٽي، ڏوهاريءَ جي ٻوٿ تي ٻڌندا هئا، يا ڪنهن وڻ سان ابتو ٻڌي، لڙڪائي ڇڏيندا هئا. اهڙي جٺ اهڙي مجرم سان ڪندا هئا، جيڪي سورهن آنا ثابتي ملڻ جي باوجود سچي نه ڪندو هو[3].

### (ذ) آمدني:

ميرن جي خزاني ۾ ٻن قسمن جي آمدني ٿيندي هئي: هڪ عام ڍل ۽ ٻيو خاص محصول. عام ڍل هيٺين نمونن سان ورتي ويندي هئي:

(1) زمينداري يا زمين جي ڍل،

(2) سرشماري يا مٿگي

(3) سير يا راهداري محصول.

جنس ۾ ورتل ڍل کي بٽائي سڏيندا هئا، جيڪا خيرپور ۾ عام هئي، هيٺين جنسن تان روڪ ڍل ورتي ويندي هئي: ڪپهه، تماڪ، پست، نير، ڪمند، گدرا ۽ سبزيون. سرشماري هڪ قسم جو محصول هو جيڪو فصل لهڻ وقت في ماڻهو ان آنن جي حساب سان ورتو ويندو هو. سير يا راهداري وڪر جي محصول کي سڏيندا هئا[4].

خاص محصول هيٺيان هئا[5]:

(i) **پيشڪش مهاڄڻ:** جيڪا غير مسلم ماڻهوءَ کان پنج يا ڏهه رپيه سال ۾ ورتي ويندي هئي.

(ii) **سرشماري:** جيڪا ڪاسبين ۽ ڪاريگرن کان سراسري ٽي رپيا سال ۾ ورتي ويندي هئي.

(iii) **دلالي:** جيڪا دلالن کان ورتي ويندي هئي.

---

(1) M. Sardar Khan: op. cit. p. 16.

(2) قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور جي تاريخ" حوالو ڏنل آهي، ص 120.

(3) رحيم داد، مولائي شيدائي: "تاريخ تمدن سنڌ"، حوالو ڏنل آهي، ص 584.

(4) رچرڊ برٽن. "سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون"، سنڌي ترجمو حوالو ڏنل آهي، ص 12 کان 20.

(5) ايضا: ص 43 کان 55.

(iv) **هوائي:** پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويل يا پڇي پيل جهاز جو مال.
(v) **فروعي:** رولو ۽ بنا مالڪ جي هٿ آيل چوپايو مال.
(vi) **چرخي:** نارن واري آباديءَ جي ڍل.
(vii) **حقابو:** خاص زميندارن تان پاڻيءَ جي ڍل.
(viii) **اجارو ڪولاب:** ٻوڏ ۾ آيل زمين ۽ ڍنڍن ۾ مڇي مارڻ جو نيڪو.
(ix) **اجارو پتڻ:** درياهه جي پتڻ جو ليڪو.
(x) **شڪار ماهي:** مهاڻن کان مڇي مارڻ جو محصول.
(xi) **سر درختي يا زير درختي:** باغات تي محصول.
(xii) **ترازو:** بازار ۾ وڪري جو محصول.
(xiii) **سلامتي ڪشتي:** ٻيڙين يا جهازن تي محصول.
(xiv) **مويشي:** چوپائي مال جي وڪري تي محصول.
(xv) **ريزڪي:** هڪ سؤ رپين کان وڌيڪ خريداري تي محصول.
(xvi) **پن چري:** ٻيلن ۾ مال چارڻ جو محصول.
(xvii) **گتو:** نشيدار شين جو محصول.
(xviii) **اميني:** فيصلي ڪندڙ امين جي محصول.
(xix) **جرمانو:** ڏوهارين کان ورتل ڏنڊ.

### (ر) بٽائي:

ڪنهن بہ فصل جي ڍل، جيڪا جنس ۾ ورتي ويندي هئي، تنهن کي بٽائي سڏيندا هئا[1]. بٽائي زمين ۽ پاڻيءَ جي ٿيل بندوبست موجب ڪئي ويندي هئي. مصنوعي طريقي سان سيراب ٿيل فصل تان ٽيون ۽ چوٿون حصو ورتو ويندو هو ۽ قدرتي طرح سيراب ٿيل فصلن تان اڌائي يا ڏيڍ حصو ورتو ويندو هو. ان کان سواءِ بٽائي لاءِ مقرر ٿيل عملي جي پگهار جو حصو جدا ورتو ويندو هو[2] بٽائي جو سرشتو سڌو ۽ سادو هو، جو جو ڍل زمين جي آڌار تي ۽ جنس ۾ ورتي ويندي هئي[3].

فصل پچڻ کان ٿورو اڳ ۾ ڪاردار ڪاراون ۽ چوڪيدارن جو عملو مقرر ڪندو هو جيڪو ڳوٺن ۾ وڃي فصل جي نگهباني ڪندو هو جيئن ڪڙمي ڪچي يا پڪي پوک جي چوري ڪري نہ سگهن. ڪارائو ڪجهہ چغلخور بہ مقرر

---

[1] Nur Nabi: "A Report on Jagirdars & Zamindars", op. cit. p. 5.
[2] Sorley, H. T. Dr.: "Gezetteer of W. Pakistan", op. cit. p. 361.
[3] Postans, T: op. cit. p 237.

ڪندو هو جن کي ڏوهو سڏيندا هئا. فصل لهڻ تي هر هڪ ڳوٺ ۾ هڪ موزون جڳهہ مقرر ڪري، اتي سيني ڪڙمين جو فصل رکبو هو ان جڳهہ کي ديرو سڏيندا هئا. لاباري ڪندڙ ماڻهوءَ کي مزدوريءَ ۾ ڪجهہ ان جا سنگ ملندا هئا. جنهن کي چانڊي سڏبو هو. جيڪو ان ڏينهن جو صفا ٿيندو هو تنهن جو ڪوڙو ڪري ڪارائو نپو هٽي ويندو هو جيئن ڪڙمي ان سان هٿ چراند نہ ڪري سگهن. جڏهن سيني ڪڙمين جو ان صاف ٿي ويندو هو تڏهن ڪارائو مقرر وقت تي اچي ان جا ٽي يا چار ڍيڳ ڪندو هو. ان وقت سرڪار طرفان مقرر ڪيل بٽائي عملدار بہ موجود هوندو هو. انهن مان هڪ ڍيڳ سرڪار جو حصو ٿيندو هو جيڪو ڪڙمي سرڪاري گدام تي پهچائي ڏيندو هو.

جاگيردارن جي بٽائي وقت ڪڙميءَ جي حصي مان جاگيردار جي خرچ لاءِ مختلف نالن تي ان جي هڪ پاٽي يا ٿوبو ڏار ڪتبو هو. انهن نالن کي "ابواب" سڏيندا هئا. اهي ابواب هي آهن[1] :

(i) حق الله: يعني في سبيل الله خيرات لاءِ.
(ii) حق پير جو ٿوبو: ڪنهن درگاهہ جي مجاور لاءِ.
(iii) حق ديهہ خرچ: ديهہ ۾ ٿيندڙ خرچ پکي لاءِ.
(iv) حق من: زميندار جون ٽي پاٽيون.
(v) حق ڪمدار: ڪمدار يا منشي لاءِ.
(vi) حق ڪارائو: بٽائي عملدارن جي خرچ لاءِ.
(vii) حق ڪوتوال: ڪوتوال جي خرچ لاءِ.
(viii) حق ڏوهو: جاسوسي جي پگهار لاءِ.
(ix) حق ڪنڊي: اڻ صفا ٿيل ان جو حصو.
(x) حق ڏوڙائي: ان پريندڙ جو خرچ.
(xi) حق ڪٽارائي: ان ڪٽائي جو خرچ.
(xii) حق ڪاسبي: ڪاسبين جو خرچ.
(xiii) حق توبرو: زميندار جي گهوڙي جو خرچ.
(xiv) حق ڪير چيلو: زميندار جي مهماني.
(xv) حق ڪانجڻ: نار جو خرچ.
(xvi) حق ديرو تماڪ: ديري تي وزم پاٽيءَ جو خرچ.
(xvii) حق زميندار: زميندار جي گهر جو خرچ.

---

[1] Nur Nabi: "A Report on Jagirdas & Zamindars, op.cit. p. 9 & 10.

(xviii) **حق پلياٽو:** ان رکڻ جو خرچ.
(xix) **حق هٿ ريڙهہ:** ڏڙوائي جي مزدور جي خرچ.
(xx) **حق ڪانگ تار:** جهار هڪلڻ جو خرچ.

مٿين بابن مان ڪجهہ جاگيردار ۽ زميندار پنهنجن ڪڙمين مان ڪجهہ رعايت بہ ڪندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن بيٺل فصل جو تخمينو لڳائي، بٽئي جو حصو مقرر ڪندا هئا، جيڪو ڪڙميءَ کي هر حالت ۾ پرٽو پوندو هو. بٽائي جي هن نموني کي "ڪاسگي" يا "داٽا بندي" سڏبو هو.

(ز) چيڙ:

ميرن جي شادي، غمي، شڪار ۽ گشت وغيره جي موقعن تي عام رعايا ڪنهن اجوري ونڻ کان سواءِ ڪم ڪندي هئي. ان ڪم جي نموني کي "چيڙ" ۽ ڪم ڪندڙ کي "چيڙو" سڏبو هو. پروگرام مطابق ڪاردارن جي حڪم سان هر ڳوٺ جو زميندار پنهنجي ڳوٺ مان چيڙا وٺي ايندو هو ۽ سارو ڪاروبار انهن چيڙن جي معرفت سر انجام ٿيندو هو. اهو ڪم صرف ڪاشتڪار ڪندا هئا ۽ هر هڪ جوڙي تي هڪ ماڻهو چيڙ جي بلي هوندو هو. ساداتن، جاگيردارن، بلوچن ۽ فقيرن کي چيڙ کان معافي هوندي هئي. ڪاسبي بہ چيڙ ڪونہ وهندا هئا. چيڙن کي ماني ميرن جي طرف کان ملندي هئي[1].

مير فيض محمد خان اول جي وقت ۾ هر هڪ چيڙي کي ٻہ آنا ۽ مير امام بخش خان جي ڏينهن ۾ چار آنا ملندا هئا.[2] اُها چيڙ جي بيگر مير علي نواز خان جي ڏينهن تائين باقاعده جاري رهي.

(س) اڙد:

ميرن جي خانگي عملي کي (اڙد) سڏيندا هئا. هن عملي ۾ گهڻو ڪري ٻلهاڻي، خاصخيلي، شيدي، شيخ ۽ ڪجهہ ٻين ذاتين جا ماڻهو هوندا هئا. ڪين عام طور تي سرائي سڏيو ويندو هو انهن ماڻهن جي ڪاردارن، زميندارن ۽ چيڙن مٿان ڪافي حڪومت هوندي هئي ۽ هر ڪو ڪانئن ڪن هٽندو هو. هن عملي ۾ هينيان ڪاتا هئا، جن مان هر هڪ تي هڪ نديو عملدار داروغو يا جمعدار هوندو هو[3]:

(i) **نائب وزير ڪئمپ شاهي:** هي سڄي اڙد جو مدارالمهام هوندو هو.
(ii) **حمال:** مير صاحب جو محافو کڻندڙ.
(iii) **سوار:** ٻپال وغيره آڻيندڙ نيندڙ ۽ ٻيو خانگي ڪم ڪار ڪندڙ.

---

[1] زباني روايت: قائم خان سوهو زميندار ڳوٺ سوهو قناصرا.
[2] رڪارڊ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور سال 1907ع
[3] زباني روايت: سرائي پيارو خان، سابق توشہ ڪي مير علي نواز خان.

(iv) **حڪيم:** مير صاحب جو طبي معائنو ڪندڙ.
(v) **توشڪي:** مير صاحب جو قيمتي سامان سنڀاليندڙ ۽ جيب خرچ جو حساب ڪتاب رکندڙ.
(vi) **انبار جو داروغو:** اسٽور سنڀاليندڙ.
(vii) **سائيس:** گهوڙن جي سنڀال ڪندڙ.
(viii) **اُٺن جو جمعدار:** اٺن جي سنڀال رکندڙ.
(ix) **ڪتن جو جمعدار:** ڪتن جي سنڀال رکندڙ.
(x) **بگين جو جمعدار:** ٽانگن جي سنڀال ڪندڙ.
(xi) **بازدار:** شڪاري بازن جي سنڀال ڪندڙ.
(xii) **آبدار:** مير صاحب کي پاڻي پياريندڙ ۽ پخالين تي نظرداري ڪندڙ.
(xiii) **فراش:** بسترن، گلمن، غاليچن ۽ تنبن جي سنڀال ڪندڙ.
(xiv) **بورچي:** کاڌي پيتي جو بندوبست ڪندڙ.
(xv) **دايا:** مير صاحب جي خدمت چاڪري ڪندڙ.
(xvi) **چوبدار:** دربار ۾ سونيون يا روپيون لٺيون کڻي بيهندڙ.
(xvii) **ڪلونت:** راڳ ڳائيندڙ.
(xviii) **ٽاپرو:** مير صاحب کي زور ڏيندڙ.
(xix) **چونري وارا:** ڪير جو بندوبست ڪندڙ.

**(ش) ميرن جا سڪا:**

ميرن جو وڏي ۾ وڏو سڪو رپيو هوندو هو. سن 1839ع تائين ٻن نمونن جو رپيو هلندڙ هو: "هڪ ڪورو رپيو" ۽ "ڪاشاني يا تيموري رپيو". ڪورا رپيا حيدرآباد ۽ خيرپور ۾ ٺهندا هئا ۽ ڪاشاني يا تيموري رپيا افغانستان کان ايندا هئا. افغاني سڪن کي "سجاولي" به سڏيندا هئا. خيرپور جو سڪو "سهرابي" نالي سان مشهور هو. 1839ع ۾ ڪمپني جو رپيو به وجود ۾ آيو ۽ ان کي "ڪلدار" سڏيندا هئا.[1]

افغانستان ۾ ٺهيل سون جون مهرون به سنڌ ۾ هلنديون هيون. انهن جي تور ساڍا ڏهه يا ٻارهن ماسا هوندي. ميرن جي ننڍي ۽ ٽامي جي ٺهيل سڪي کي "پئسو" سڏيندا هئا ۽ ان جي تور اٽڪل هڪ تولو هئي[2]. خيرپور جي ربئي کي "چلڻ" به سڏيندا هئا. خيرپور جو ضربخانو 1852ع ۾ بند ڪيو ويو پر چلڻ رپيا سن 1903ع تائين ڪاروبار ۾ ڪم ايندا هئا.[3]

---

(1) Azimushan Hyder, Dr.: "History of Karachi", op. cit. p. 40.

(2) قليچ بيگ، مرزا: "سنڌ جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 148.

(3) Administration Report of Khairpur for 1907.

**(ص) ميرن جون سجعون:**

خيرپور جي ميرن مان هيٺين ميرن جون هيٺيون سجعون مليون آهن:

(i) **مير سهراب خان اول:**

ناظر سنده مير سهراب خان[1].

(ii) **مير رستم خان اول:**

رستم دوران فقير[2].

(iii) **مير علي مراد خان اول:**

علي مراد مراداد بخت ياري کرد[3].

(iv) **مير فيض محمد خان اول:**

بحق فيض محمد علي مرادم داد[4].

(v) **مير امام بخش خان:**

(الف) علي مراد بگر ديد وارث سهراب،
عطائي فيض محمد امام بخش نواب[5]

(ب) يا رب گناه ما طفيل امام بخش[6].

(vi) **مير علي نواز خان:**

(الف) از آفتاب فيض محمد علي نواز[7].

(ب) يا رب بحق احمد و زهرا علي نواز[8].

(vii) **مير احمد علي خان:**

جانشين حضرت احمد علي[9].

(viii) **مير غلام حسن خان:**

ز فيض احمد علي تاجور غلام حسن[10].

(ix) **مير غلام حسين خان:**

قمر به جان محمد منم غلام حسين[11].

(x) **مير غلام رضا خان:**

غلام رضا به دوزخ چه ڪار[12].

---

[1] امير علي، شاه، سيد: "قلمي مسودو"، مملوڪ سيد غلام مصطفيٰ شاه.
[2] خير شاه، سيد: "حاشيه يوسف نامو"، قلمي، مملوڪ مير محمد باقر خان.
[3] سرڪاري رڪارڊ، ڊپٽي ڪمشنر، خيرپور.
[4] ايضاً
[5] عباس علي بيگ، مرزا: "قلمي بياض".
[6] عباس علي، بيگ، مرزا: "قلمي بياض".
[7] ايضاً
[8] ايضاً
[9] ايضاً
[10] ايضاً
[11] ايضاً
[12] ايضاً

# خيرپور جي ٽالپرن جو ادب، تعليم ۽ تدريس ۾ حصو

## (الف) ادب ۾ حصو:

سنڌ جي ادبي تذڪرن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٽالپرن جو دور علمي ۽ ادبي ترقي جو دور هو. پيرن فقيرن جون درگاهون ۽ اميرن جون درٻاريون عالمن، فاضلن ۽ شاعرن سان ڀريل هونديون هيون. جتي ڪئي ادبي ڪچهريون ۽ علمي محفلون پيون ٿينديون هيون. سنڌ جا سمورا حاڪم علم دوست ۽ ادب نواز هئا. جن وٽ فيض وارن فقيرن، اهل دل درويشن ۽ باڪمال شاعرن جا ميڙا متل هوندا هئا. ميان لطف الله بدوي جي تحقيق موجب هن عهد کي ڪلهوڙن جي دور تي برتري حاصل هئي، ڇو جو ٽالپر تاجدار منڍ کان وٺي پڇاڙي تائين ذوق جا صاحب هئا ۽ هر وقت علم ۽ فن جي سرپرستي ڪندا هئا[1].

سنڌ جا ٽالپر امير، علم پرور، سخن سنج ۽ نڪتہ دان هجڻ سان گڏ فياض بہ هئا، جتي بہ ڪو آبدار گوهر ڏسندا هئا، تہ ان کي پنهنجي فياضيءَ سان مقناطيس وانگر ڇڪي پاڻ وٽ آڻيندا هئا. سفر توڙي حضر ۾ عالمن ۽ شاعرن جي جماعت ساڻن گڏ هوندي هئي[2].

حيدرآباد ۽ ميرپورخاص جي ميرن وانگر خيرپور جي ميرن کي بہ ادب سان وڏي دلچسپي هوندي هئي. شڪار ۽ راڳ کان پوءِ شعر و شاعري ۽ ادبي ڪتابن جو مطالعو سندن محبوب مشغلو هوندو هو. وڏا عالم، اديب ۽ شاعر سندن درٻار سان منسلڪ هوندا هئا. وٽن علم ادب جو ڇهڇٽو لڳو پيو هوندو هو.

---

[1] لطف الله بدوي: "تاريخ ادبيات سنڌ"، حصو ٻيو قلمي، 1967ع، ص 12. مملوڪہ ميان غلام احمد بدوي، ساڪن شڪارپور.

[2] رحيم داد، مولائي، شيدائي: "مضمون بزم خيرپور"، رسالو بلوچي دنيا، ملتان، مارچ 1963ع، ص 17.

حيدرآبادي ميرن جي ادبي سرگرمين تي گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي. مگر خيرپور جي ميرن متعلق اڄ تائين ڪنهن به تحقيقي ڪم نه ڪيو آهي. ان جو وڏو سبب اهو آهي جو حيدرآبادي ميرن جا خانگي ڪتب خانا پشت به پشت محفوظ رهندا آيا ۽ اڄ تائين صحيح ۽ سلامت آهن. باقي خيرپوري ميرن جي اولاد ۾ ادبي ذوق جي فقدان ۽ شڪار جي بي پناهه شوق سبب، چند بازنامن. فالنامن ۽ ڪجهه طب جي ڪتابن کان سواءِ ٻيو سمورو علمي سرمايو اڏوهي جي نذر ٿي ويو آهي. ان کان سواءِ مير علي نواز خان کان پوءِ خود سرڪاري لئبريري مان خيرپور سان واسطو رکندڙ قلمي خواهه ڇپيل ڪتابن جي اڪثريت چورائجي وئي آهي. ان هوندي به مختلف ماڻهن جي خانگي ڪتب خانن مان ڪافي مواد ملي ٿو وڃي، جنهن مان ميرن جي ادبي سرگرمين جو اندازو لڳائي ٿو سگهجي. درٻاري شاعرن جي قصيدن مان به سندن ادب نوازيءَ جا ڪيترائي حوالا ملي وڃن ٿا[1]. هتي خيرپور جي ٽالپر شاعرن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو:

i. مير سهراب خان اول:

خيرپور جي حڪومت جو باني مير سهراب خان هڪ وڏو عالم ۽ علم دوست حاڪم ٿي گذريو آهي. هو نه فقط رزم گاهه جو شاهه هو پر بزم گاهه جو بادشاهه به هو. جيئن رڪ جي تلوار سان جنگي ميدان سر ڪندو هو تيئن سخن جي تيرن سان غزل جي غزالن جو شڪار به ڪندو هو. مطلب ته جهڙو جنگجو پهلوان هو تهڙو سخنگو ۽ سخندان هو. وٽس علم ادب جون وڏيون ڪچهريون ٿينديون هيون. آخوند محمد نشان فاروقي، قاضي محمد ڪامل ۽ خان محمد پيرزادو سندس درٻاري شاعر هئا، جن سندس شان ۾ ڪافي قصيدا لکيا آهن. انهن قصيدن مان ٿي سندس سٺي شاعر هجڻ جا حوالا ملن ٿا. افسوس آهي جو سندس ڪلام ناپيد آهي. صرف هيٺيون هڪ شعر "لب تاريخ" ۾ موجود آهي[2]:

من باد شماليم و زيدم همه کس را.
من گرگ دزيدم دريدم همه کس را.

مير سهراب خان جي فرمائش تي سن 1208هجري مطابق 1794ع ۾ ٺٽي جي هڪ عالم شيخ محمد اعظم ولد شيخ محمد شفيع فارسي ۾ هڪ اعليٰ درجي جو ڪتاب "هئيت العالم" لکيو جنهن ۾ ڪل اٺ باب ۽ چوهتر صفحا آهن. هر هڪ

---

[1] عطا محمد حامي: "مضمون: خيرپور جا ٽالپر شاعر"، اخبار مهراڻ، سالگرهه نمبر، 1962ع، ص 95.
[2] خداداد خان، خانبهادر: "لب تاريخ سنڌ"، حوالو ڏنل آهي.

صفحي ۾ تيرهن سٽون آهن. انهيءَ ڪتاب ۾ دنيا جي جاگرافي، علم نحو علم نجوم ۽ ڪجهه ملڪن جو بيان آهي. سنڌ جي شهرن بکر، اروڙ سيوستان، حيدرآباد ۽ ٺٽي جو مفصل احوال ڏنل آهي[1]. ڪتاب جي مولف ڪتاب جي آخر ۾ مير سهراب خان جي منظوم تعريف ڪئي آهي، جنهن جا آخري ٻه شعر پيش ڪجن ٿا:

خدايا اين نگارين بوستان را،
کہ هر دم خوش کند روح روان را.
زچشم حاسدانش در امان دار،
قبول خاطر سهراب خان دار.

مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب کان سواءِ هڪ ٻيو ڪتاب سرائڪي ۾ منظوم يوسف نامو آهي، جيڪو ان وقت جي هڪ شاعر سيد خير شاهه جو لکيل آهي. ڪتاب ۾ ڪل ٽيهٺ باب، ٻه سؤ فصل آهن ۽ 312 صفحا آهن ۽ هر هڪ صفحي ۾ پندرهن سٽون آهن. ڪتاب جي تصنيف جو سال 1233هجري، مطابق 1818ع آهي. اهو ڪتاب به مير سهراب خان جي فرمائش تي لکيو ويو آهي. هن ۾ مير سهراب خان ۽ سندس فرزندن جي تعريف ڪيل آهي[2].

**ii. مير زنگي خان:**

مير سهراب خان جو ننڍو ڀاءُ مير زنگي خان هڪ ناميارو مدبر ۽ امير هو. هن کي ملڪي معاملات جي پيچيدگين جي وڏي پرک هوندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سفارت جا فرض به ادا ڪندو هو. کيس سياسي بصيرت سان گڏ فوجي مهارت به حاصل هوندي هئي ۽ جنگي معاملن ۾ هن جي مشوري کي وڏي اهميت ڏيندا هئا. ان کان سواءِ حاضر جوابي ۾ ته پنهنجو مٽ پاڻ هو. هڪ دفعي سر چارلس نيپئر هن کي مذاق طور چيو[3]:

”رويت چون ما، تابان نامت چراست زنگي“

هن هڪدم جواب ڏنو:

”در روز رزم مردان نام من است جنگي“

انگريزن جي سنڌ تي قبضي ڪرڻ بعد مير زنگي خان پنهنجي پاڻتي مير

---

(1) راقم الحروف اهو ڪتاب پندرهن سال اڳ محترم اعجاز الحق قدوسيءَ وٽ، سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڏٺو هو.
(2) راقم الحروف اهو ڪتاب دارا واهڻ جي مير محمد باقر خان وٽ ڏٺو.
(3) زباني روايت: مير فدا حسين خان ٽالپر، ساڪن منگهڻ واري.

علي مراد خان جو طرف ورتو ۽ زندگي جا باقي ڏينهن ان جو مصاحب ٿي گذاريائين. مسٽر فاربس (Forbes) برطانيہ ڪمپني حڪومت جي سيڪريٽري ڏانهن جيڪا رپورٽ موڪلي هئي، ان ۾ مير زنگي خان متعلق لکيو هيائين:

"هو ستر سالن جو ويڙهو مڙس آهي ۽ سندس شڪل شباهت شاڻائتي آهي. هن کي مير علي مراد خان وٽ سيني ڪان وڌيڪ رسائي آهي. هن ڪوشش وٺي مير علي مراد خان جي پٽ مير فيض محمد خان جو مڱڻو پنهنجي نياڻي مير محمد خان ولد مير سليمان خان جي گهران ڪرايو آهي[1]."

جڏهن 1852ع ۾ انگريزن طرفان مير علي مراد خان جي برخلاف ڪميشن ويٺي هئي، تڏهن مير زنگي خان مير علي مراد خان جي فائدي ۾ شاهدي ڏني هئي[2].

مير زنگي خان پنهنجي وقت جي مشهور ولي ۽ پاڳارن جي درگاهہ جي باني پير محمد راشد جو وڏو معتقد هو ۽ سندس خدمت ۾ نذرانا پيش ڪندو رهندو هو. پير صاحب سندس دعوتن تي ايندو رهندو هو[3].

مير زنگي خان فارسي زبان جو هڪ قادرالڪلام شاعر هو ۽ شاعرن جي سرپرستي ڪندو هو. هڪ دفعي قاضي محمد ڪامل لقماني سندس شان ۾ هڪ قصيدو پيش ڪيو تہ ان کي روپين سنجن سان گهوڙو ڏنائين. ان قصيدي جا ڪجهہ شعر هي آهن[4]:

کشود لب نہ صفات امیر زنگي خان،
کہ باد بخت بلندش همیشہ دولت یار.
نہ گوهر وصفش شدم بہ بحر سخن،
کہ آوردم در معنيٰ ز مخزن گفتار.
همیشہ جاه و جلالش بود فزون بہ فزون،
مدام حلقہ بگوش درش فلک دوار.

سبحان فقير ۽ صادق فقير، مير زنگي خان جا درباري شاعر ۽ ڳائڻا هئا، جيڪي سندس وفات کان پوءِ مير علي مراد خان جي نوڪري ۾ رهيا[5].

---

(1) Melvili, James: "Reports on the Administration of Sind", East India House, London, 1854. p. 367.

(2) قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، فيض پريس، خيرپور، 1922ع، ص 93.

(3) در محمد، مفتي، مولانا: "ترجمو ملفوظات"، حصو چوٿون، جمعيت علما سڪندريہ، پير ڳوٺ، 1974ع، ص 100 ۽ 101.

(4) قلمي بياض محمد ڪامل لقماني، مملوڪ قاضي عبدالله خان، ساڪن خيرپور.

(5) زباني روايت: پريل فقير ٻلهاڻي، ساڪن ڪوٽ ڏيجي.

iii. مير رستم خان اول:

مير سهراب خان جو وڏو پٽ مير رستم خان حڪمراني سان گڏ شاعري به ڪندو هو. هو هڪ وڏو ڪافي گو شاعر ۽ اهل دل درويش ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام سوز و گداز جو آئينه دار آهي. سندس هر ڪافي دکي دل جي پڪار آهي. حمل فقير لغاري، شادي شهيد رند، شاهو فقير زنگيجو ۽ خير شاهه سيد سندس صحبتي هئا[1].

مير صاحب هڪ سڌو سادو ۽ صاف دل ماڻهو هو تنهن ڪري وقت جي ناسازگار حالتن کي منهن ڏئي نه سگهيو. فرنگي فتنن ۽ گهرو سازشن سندس زندگي کي زهر بڻائي ڇڏيو. مياڻيءَ جي جنگ جي منحوس نتيجي ۾ ٻين ميرن سان گڏ انگريزن جو قيدي بڻجي پوني ويو جتي دهليءَ جي شهنشاهه بهادر شاهه ظفر وانگر ڏکن جا ڏولاوا سهي، خاڪي جامو مٽايائين. سندس پوٽي مير سهراب خان ثاني "مسڪين" سندس وفات جو سال هيٺين قطع مان ڪڍيو آهي[2]:

چون شد مير رستم معليٰ لقب،
ازين عالم بيوفا ناپديد.
به تاريخ دويم جماد آخرين،
به نزهت گه قدس مسڪن گزيد.
به پونه ز تن رسته روز خميس،
سوئ ملک بيچون به جان خوش دويد.
شده داخل زمره اهل صفا،
به الطاف عترت به منزل رسيد.
سن رحلتش هاتف غيب گفت،
که حقا به خلد برين آرميد.

iv. مير حمزو خان:

مير حمزو خان ٽالپر شاهي خاندان مان نه هو پر مير رستم خان جي حڪومت ۾ مرزا شير محمد خان بگهئي سان گڏ سفارت جا فرض ادا ڪندو هو. پنهنجي وقت ۾ فارسي زبان جو چڱو شاعر هو. سندس ڪلام مان صرف هڪ رباعي ملي سگهي آهي، جيڪا پيش ڪجي ٿي[3]:

---

[1] رحيم داد، مولائي شيدائي: "مضمون: بلوچي دنيا"، حوالو ڏنل آهي، ص 145.
[2] بياض مير سهراب خان مسڪين، مملوڪ مير بجر خان ٽالپر، ساڪن منگهڻ واري،
[3] بياض عباس علي، بيگ مرزا، ساڪن حيدرآباد.

يا شير حق بہ داد من مبتلا برس،
يعني بہ اين ستمر كش درد آشنا برس،
چون ميرسي بہ او محبان بروز حشر،
من هم يكي تو ايم بہ فرياد ما برس.

### .V مير مبارڪ خان:

مير مبارڪ خان مير سهراب خان جو ٽيون نمبر پٽ هو. مير سهراب خان جي وصيت موجب مير رستم خان ۽ مير علي مراد خان سان گڏ هن کي بہ ملڪ جو حصو مليو هو جنهن جي اپت خرچ لٿي ڪمپني سڪي مطابق ٽي لک پندرهن هزار رپيا هئي[1]. ننڍي هوندي مير علي مراد خان هن جي سنڀال هيٺ رهيو. پر جڏهن وڏو ٿيو تڏهن ساڻس ۽ سندس پٽن سان ملڪيت تان تڪرار ڪيائين ۽ اهو ئي تڪرار اڳتي هلي ميرن جي تباهي جو باعث بڻيو[2].

مير مبارڪ خان پنهنجي وقت جي عالمن ۽ صوفي بزرگن سان صحبتون ۽ رس پريون رهاڻيون بہ ڪندو هو. هڪ دفعي پير محمد راشد سان ڪچهري ڪندي چيائين تہ "دنيا سٺي آهي، جيڪا موت ۽ زندگي ۾ ڪم اچي ٿي." پير صاحب جواب ۾ چيو "دنيا بلڪل بڇڙي آهي، مگر انڌن آڏو پاڻ کي سهڻو ٿي سڏائي. ولي هن کي سڃاڻن ٿا ۽ سندس ويجهو نٿا اچن". اهو جواب ٻڌي مير صاحب لاجواب ٿيو ۽ پير صاحب جي تعريف ڪيائين[3].

مير مبارڪ خان حڪومت جي طرفان جنگي مهم ۾ بہ شريڪ ٿيندو هو. ڪرڙيءَ واري مشهور جنگ ۾ غلام مرتضيٰ شاهہ ڪهيري خود مير مبارڪ خان جي سرڪردگي ۾ حملو ڪرڻ ويو هو[4].

مير صاحب هڪ وڏو فصيح ۽ بليغ شاعر هو ۽ لطيف فنن ۾ مهارت رکندڙ امير هو[5]. سندس علم پروري جي هاڪ ٻڌي، مير ڪرم علي خان حيدرآبادي جو درباري شاعر آخوند محمد حيات خاتم هن جي دربار ۾ آيو ۽ هميشہ لاءِ اتي رهي پيو[6].

---

(1) Hughes, A. W: "Gazetteer of the Province of Sind", op. cit. p. 412.

(2) دوست محمد خان، مير: "سرگذشت تالپران"، حوالو ڏنل آهي.

(3) محمود ڪٽرئي وارو خليفو: "ملفوظات"، قلمي، ص 54.

(4) آنڌل فقير، ماڇي: "جنگنامو ڪرڙي"، قلمي، مملوڪ محمد عالم ماڇي، ساڪن چاڙ.

(5) عطا محمد، منشي، مرزا: "تاريخ تازه نوائي معارڪ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، 1959ع، ص 268.

(6) محمد ابراهيم، آخوند، عشقباز: "ديوان عجائب فارسي"، قلمي، مملوڪ محمد اشرف فاروقي، ساڪن درازا.

vi. مير علي مراد خان:

انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ خيرپور جي ڏيهي رياست جو پهريون حاڪم مير علي مراد خان هڪ سٺي اديب ۽ شاعر هجڻ سان گڏ، هڪ وڏو غريب نواز، علم دوست ۽ آزمودگار ماڻهو ٿي گذريو آهي. هو اهل دل درويشن ۽ باڪمال بزرگن جي دل وٺڻ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هوندو هو. سندس دربار وقت جي عالمن، فاضلن ۽ فيض وارن فقيرن جو آماجگاهه هئي. ان وقت سنڌ جو ڪو اهڙو شاعر مشڪل ملندو جيڪو مير صاحب جو مداح نه هجي. "مفرح القلوب" اخبار جا ڪافي صفحا سندس ثناخواني ۾ صرف ٿيندا هئا. منشي اتمچند "صبا"، چندا سنگهه "مفتون"، ڪشنچند "بيڪس"، محمد علي شاهه "فاني"، سيد جعفر علي شاهه "عابدي" ۽ آگيڏنو "عشاق" سندس درباري شاعر هئا. مرزا احمد علي قلاتي ۽ مرزا محمد باقر "آصف" به ڪجهه وقت سندس نوڪريءَ ۾ رهيا هئا[5].

پير علي گوهر شاهه راشدي، نانڪ يوسف، خير محمد هيسباڻي، محمد صلاح، رازق ڏنو اجڻ ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌي ۽ سرائڪي زبان جا شاعر سندس صحبتي هئا. محمد قاسم هالائي، غلام مرتضيٰ شاهه "مرتضائي"، غلام محمد شاهه "گدا" ۽ ٻين ڪيترن شاعرن کي مير صاحب وٽان وظيفا ملندا هئا[1]. فارسي ۾ "علي" ۽ سنڌي ۾ "مجروح" تخلص ڪندو هو. سندس وفات جو سال 1311هجري مطابق 1894ع آهي، جيڪو "مرتضائي" جي هيٺين قطع مان برآمد ٿئي ٿو[2]:

علي مراد آنکہ سرخيل سندھ،
سرو چشم بگفتار با درد و غم.
بروز دوشنبہ ز ماه صيام،
کہ بود بيست وچهارم قضاداد غم
دل "مرتضائي" درين غم غمين،
زغم روسيہ نيز دارد قلم.

vii. مير محمد حسن خان:

هي مير رستم خان جو وڏو پٽ ۽ ولي عهد هو. سندس ولادت 1216هجري، مطابق 1800ع ۾ ٿي، هو پنهنجي پيءُ جي ايام ڪاريءَ ۾ رياست جو مدار المهام ۽ فوج جو مهندار هوندو هو. وڏي جرئت وارو ۽ غيرتمند امير ٿي گذريو آهي[3].

---

[5] محمد ابراهيم، خليل، مخدوم، "تڪمله مقالات الشعراءِ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي 1958ع، ص 24.

[1] رحيم داد، مولائي شيدائي: "مضمون: بلوچي دنيا". حوالو ڏنل آهي، ص 26.

[2] بياض مير فدا حسين خان ٽالپر، ساڪن منگهڻ واري.

[3] زباني روايت: مير فدا حسين خان ٽالپر، ساڪن منگهڻ واري.

هن جي انگريزن سان اصل نہ پوندي هئي ۽ هو بہ کيس پنهنجو جاني دشمن سمجهندا هئا. ايتري قدر جو سندس جلاوطني واري زماني ۾ سر چارلس نيپئر پنهنجي ڊائري ۾ لکيو هو تہ "مير محمد حسن خان انگريزن جي خلاف جنگ ڪرڻ جو موجد آهي. جيڪڏهن اهڙي ماڻهوءَ کي سنڌ ۾ آڻي آزاد ڇڏيو ويندو تہ پوءِ ٻين ميرن جي گرفتاريءَ جي ضرورت ئي ڪانہ هئي"[1].

هو هڪ وڏو خدا ترس ۽ درويش صفت شهزادو ٿي گذريو آهي. کيس عين جوانيءَ ۾ زماني جي انقلاب مصيبتن جو منهن ڏيکاريو. پنهنجي پيءُ جي گرفتار ٿي وڃڻ کان پوءِ پنهنجي والده ۽ خاندان جي ٻين عورتن سميت پڙديڪا جي علائقي مان لنگهي مرين ۽ مزارين وٽ وڃي رهيو جن سندس بدقسمتي تي رحم کائي، کيس پناهہ ڏني هئي. ڪجهہ سالن کان پوءِ ملتان ڏانهن هليو ويو پر اتي جي سک حاڪم کيس شهر ۾ رهڻ نہ ڏنو. ان هوندي بہ پنهنجي سرحد تي هڪ ڳوٺ ۾ رهڻ جي اجازت ڏنائينس[2].

مير علي مراد خان تي جيڪا ڪميشن ويٺي هئي، انهيءَ ۾ هو پاڻ لنگهي آيو ۽ گرفتاريءَ جو خيال بہ نہ ڪيائين. اتي اچي اهڙي تہ سهڻي، سادي ۽ دلڪش نموني سان شاهدي ڏنائين، جو سيني ماڻهن جي دل ۾ هن لاءِ عزت پيدا ٿي وئي ۽ سيئي سندس ساراهہ ڪرڻ لڳا. انگريزن هن کي ماهوار پنج سؤ رپيا ڏيڻ منظور ڪيا، پر هن ونڻ کان انڪار ڪيو[3]. پوءِ بهاولپور جي نواب جي ضمانت تي سنڌ ۾ آيو ۽ مير علي مراد خان جي حد کان ٻاهر روهڙي تعلقي ۾ پنهنجو ڳوٺ ٽنڊو محمد حسن خان ٻڌي اچي رهيو[4].

هو هڪ سٺو شاعر بہ ٿي گذريو آهي. سندس تخلص "حسن" هو. سن 1284هجري مطابق 1867ع ۾ وفات ڪيائين. سندس وفات جي تاريخ سندس فرزند مير سهراب خان ثاني "مسڪين" جي هينئين قطع مان نڪري ٿي[5]:

مير محمد حسن خان عالي نژاد،
کو ز ازل نيک سرشت آمده.

---

(1) Napier, James: "The Life &Opinions of Sir Charles. Napier", Vol. III, John Murray, London, 1857, p. 121.

(2) ڪئپٽن ايسٽوڪ: "پراڻي مصر جا نوان ورق"، انگريزي ڪتاب جو ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1973ع، ص 220.

(3) ايضا

(4) زباني روايت: مير فدا حسين خان ٽالپر، ساڪن منگهڻ واري.

(5) ديوان مير سهراب خان مسڪين، مملوڪ، مير بجر خان ساڪن منگهڻ واري.

ميل غلا كرد چون دنيائي دون،
در نظرش غايت زشت آمده،
بيست هفتم مہ شعبان بہ شوق،
طالب آن نفز نوشت آمده.
سال وفاتش بہ زبان خرد،
بلبل بوستان بهشت آمد.

### viii. مير علي اڪبر خان:

مير رستم خان اول جو ڇهون نمبر پٽ مير علي اڪبر خان پنهنجي پيءُ جي قيد ٿيڻ بعد ٻين ڀائرن وانگر جلاوطن ٿي ويو ۽ گهڻو پوءِ، جڏهن ٻيا مير وطن موٽيا. تڏهن هيءُ بہ موٽي، محراب پور جي نزديڪ پنهنجو ڳوٺ ٺنڊو مير علي اڪبر خان ٻڌي وينو ۽ پنهنجي عمر جو باقي عرصو اتي گذاريائين. هن کي بہ شعر و شاعري سان دلچسپي هوندي هئي ۽ "اڪبر" تخلص ڪندو هو. هن فارسي ۾ ڪيترائي غزل، مناقب ۽ مرثيا چيا آهن. سندس ڪلام پختو ۽ سنجيدو آهي[1]. ڏڄوال فقير سندس درٻاري شاعر ۽ قوال هو[2]. هو سن 1222هجري مطابق 1809ع ۾ ڄائو هو ۽ 1272هجري مطابق 1860ع ۾ وفات ڪيائين. سندس وفات جي تاريخ مير سهراب خان "مسڪين" جي هيٺين قطع مان نڪري ٿي[3].

مير علي اكبر حر حسين
يافت چون قرب كريم صمد
شانزدهم روز ، بہ شنبہ شوال
گشت مشرف بہ مقام احد
جت خرد سال وفاتش شنيد
داخل جنات نعيمہ بود

### ix. مير علي محمد خان:

مير مبارڪ خان جو ننڍي ۾ ننڍو پٽ مير علي محمد خان هڪ هردلعزيز ۽ غريب پرور شهزادو هو ۽ روهڙي تعلقي جي ڳوٺ ٽنڊي علي آباد ۾ رهندو هو. سندس طبيعت جو لاڙو تصوف ڏانهن هو ۽ فقيراڻي زندگي گذاريندو هو. عارفن جي ڪلام

---

[1] عطا محمد حامي: "مضمون: خيرپور جا ٽالپر شاعر"، حوالو ڏنل آهي، ص 96.
[2] رحيم داد، مولائي شيدائي: "مضمون بزم خيرپور"، بلوچي دنيا، حوالو ڏنل آهي، ص 25.
[3] ديوان مير سهراب خان مسڪين، مملوڪ مير بجر خان.

جو مطالعو سندس خاص مشغلو هوندو هو. هو سنڌي ڪافي ۽ فارسي غزل جو هڪ سٺو شاعر هو[1].

### x. مير شاهنواز خان:

مير علي مراد خان جو پٽ مير شاهنواز خان سن 1832ع ۾ ڄائو هو. منجهس پنهنجي خاندان جون سموريون خصوصيتون موجود هيون ۽ ڏاڍي نٽ نانگر سان رهندو هو[2].

چارلس نيپئر کيس "ڪارو نيپولين" سڏيندو هو ڇو جو سندس منهن، مٿي ۽ بدن جي بيهڪ نيپولين جهڙي هئي. هو پنهنجي ڊائري ۾ لکي ٿو تہ مير شاهنواز خان کي فارسي سان گڏ انگريزي سکڻ جو بہ شوق هو ۽ ان ۾ چڱي دسترس حاصل ڪري ويو هو[3].

مير علي مراد خان جي يورپ هجڻ وقت رياست جي حڪومت جو ڪاروبار مير شاهنواز خان هلائيندو هو. 1857ع واري انقلاب جي موقعي تي شڪارپور ۾ جيڪي فساد ٿيا هئا، تن ۾ انگريزن جي وڏي مدد ڪيائين. انهيءَ مدد جي صلي ۾ انگريزن کيس ماهوار ٻہ هزار رپيا ڏيڻ جي آڇ ڪئي هئي، جيڪا هن قبول نہ ڪئي هئي[4].

هو مير محمد مراد خان نالي هڪ پٽ ڇڏي شعبان 1292هجري مطابق 1874ع ۾ وفات ڪري ويو[5]. کيس علم ادب سان دلچسپي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهل بيت جي عقيدت ۾ شعر چوندو هو. سندس تخلص "آشفتہ" هو.

### xi. مير خدا بخش خان "ضيا":

هو مير شهداد خان جي وڏي فرزند ڄام ننڍي خان جي اولاد مان هو ۽ مير خير محمد خان بن ڄام فيروزخان جو فرزند هو. سندس والد مير سهراب خان سان گڏجي خيرپور جي حدن ۾ آيو ۽ صوبي ديري[6] جي ڀرسان ڳوٺ ٻڌي ويٺو. پنهنجي ڳوٺ واري زمين ڪان سواءِ ٻي نوي جريب زمين سڪئي خان مگٽيجي ۽ شادي خان مگٽيجي کان خريد ڪيائين[7]. مير سهراب خان بہ هن کي محبت ديري جتوئي ۾

---

(1) زباني روايت: مير وليداد خان، ساڪن ٽنڊو علي آباد.
(2) تسنيم امروهوي: "تاريخ خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص 74.
(3) Napier, William: "Life &Opinions of C, Napier", op. cit. p. 221.
(4) قليچ بيگ، مرزا "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 98.
(5) خدادا خان: "خيرپورنامو"، حوالو ڏنل آهي، ص 16.
(6) اهو ڳوٺ صوبي خان سامتئي جو ٻڌرايل آهي. (روايت مير غلام علي)
(7) زباني روايت: مير غلام علي خان، ساڪن ڳوٺ صوبوديرو.

جاگير ڏني. هن 1320هجري مطابق 1902ع ۾ وفات ڪئي[1].

هو هڪ سنو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام ۽ نادر ڪتابن جو ذخيرو نندين جي بي توجهي سبب اڌوهي جي نذر ٿي ويو. فقط هيٺ ڏنل هڪ شعر مير غلام علي خان کي ياد هو جنهن لاءِ چيائين ته هن اهو پنهنجي والد ميرخير محمد خان "ضيا" کان ٻڌو هو. مير خدا بخش خان جو تخلص به "ضيا" هو[2].

الاهي ابر نيسان ساز ڪلڪ در فشانم را
ضيائي معرفت ده از ڪرم برق زبانم را

xii. **مير فيض محمد خان "عاجز":**

مير فيض محمد خان، مير علي مراد خان جو فرزند هو ۽ پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ رياست جو حڪمران ٿيو. مير علي مراد خان جي درٻار وارا سمورا شاعر هن جي درٻار سان وابسته ٿيا. جن کي مختلف موقعن تي دهرا دان ملندا رهيا. مير فيض محمد خان جي علم پروري ۽ ادب نوازي ملڪن ۾ مشهور هئي. سندس ڪچهري عالمن ۽ شاعرن سان ڀريل هوندي هئي. هو سيني کي عزت جي نگاهه سان ڏسندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سندن گستاخيون به خنده پيشاني سان برداشت ڪندو هو. هڪ دفعي ٽنڊي مستي خان جو شاعر سيد خير شاهه ان وقت درٻار ۾ آيو جڏهن مير صاحب شڪار ڪري موٽيو هو. خير شاهه ڪافي ڪنل هرڻ ڏسي مير صاحب کي چيو:

"مير عاجز پاڻ سڏائين ٿو هيڏا هرڻ ماري ڪيئن ڪائين ٿو."

مير صاحب انهيءَ گستاخي تي ناراض ٿيڻ جي بدران کلي ڳالهه ٽٽائي ڇڏي ۽ شاهه صاحب کي انعام ڏنو[2].

هڪ دفعي دهلي ويو ته ڪيترائي شاعر وٽس قصيدا ٺاهي آيا ۽ مير صاحب کين شاهاڻي طريقي تي نذرانا ۽ انعام ڏنا. ان موقعي تي هڪ مولوي صاحب محمد تقي نالي آيو ته مير صاحب احترام سان سندس خير مقدم ڪيو. مولوي صاحب هيٺيون قطعو پيش ڪيو:

حاضر شديم ما چون درين بارگاهه فيض،
از قرب شاهه عزت بيحد بيافتيم.
مي خوارت دل زيارت سلطان خيرپور،
اين مدعا به فيض محمد بيافتيم.

---

(1) ايضا

(2) ايضا

(2) زباني روايت: الهڏنو ابڙو، ساڪن ڳوٺ سوهو قناصرا.

مير صاحب اهو شعر هڪ عالم دين جو تبرڪ سمجهي اکين تي رکيو ۽ نذراني لاءِ ڪجهه رقم پيش ڪئي، جيڪا مولوي صاحب قبول نہ فرمائي. مير صاحب ٻئي ڏينهن تي مولوي صاحب جي جاءِ تي پاڻ وڃي حاضر ٿيو ۽ ڪانئس خيرپور اچڻ جو وعدو وٺي آيو ۽ هن جي معرفت هڪ ديني درسگاهہ لاءِ هڪ هزار رپيا نذرانو ڏئي آيو[1].

مير صاحب سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ۾ ڪلام چوندو هو. سندس تخلص "عاجز" هو. سندس فارسي ڪلام جون فقط اهي مصراعون ملن ٿيون، جيڪي سندس درٻاري شاعر ۽ استاد، آگيڏني "عشاق" پنهنجي ديوان ۾ جابجا تضمين طور آنديون آهن.

مير صاحب جون ڪجهه سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون سندس فرزند مير احمد علي خان جي بياض ۾ محفوظ آهن.جيڪي سڪ، سوز ۽ ترنم سان ڀرپور آهن.

مير فيض محمد خان جي فرمائش تي هتان جي هڪ وڏي عالم سيد قاسم علي شاهہ سرائڪي ۾ هڪ منظوم "قصو صيفل نامو" لکيو. اجا ڪتاب لکجي پورو نہ ٿيو تہ مير صاحب گذاري ويو. تنهن ڪري اهو ڪتاب سندس فرزند مير امام بخش خان ڏانهن منسوب ڪيو ويو. هي ڪتاب بهاولپور جي مشهور شاعر لطف علي جي جواب ۾ لکيل آهي[2].

xiii. مير عبدالقادر خان:

هي مير علي اڪبر خان جو پٽ هو. وڏو زنده دل درويش ۽ سٺو شاعر ٿي گذريو آهي[3]. پنهنجن وڏن جي زوال کان پوءِ زماني جي بيوفائي ڏسي، سندس دل دنيا تان کڄي وئي. اميراڻا ساز ۽ سامان ترڪ ڪري، روهڙي تعلقي جي هڪ ڳوٺ نٿي ۾ وڃي فقيراڻو آستان وسايائين ۽ فيض جو صاحب بڻيو. ڪيترائي مريد ڪيائين. صوفياڻہ ڪلام چئي، راڳ ۽ ويراڳ جون محفلون مچائيندو رهيو. سندس مزار قادر بخش جي قبن واري مقام ۾ آهي. سندس ڪلام ۾ وحدت الوجود جي تبليغ آهي.

xiv. مير سهراب خان ثاني "مسڪين":

هي مير رستم خان جو پوٽو ۽ مير محمد حسن خان جو فرزند هو. هڪ وڏو نيڪ نيت، ساده مزاج ۽ درويش صفت انسان ٿي گذريو آهي. ٻين ميرن جي برعڪس، هن کي ڪنهن بہ عيش عشرت يا شڪار وغيره جي مشغلن سان دلچسپي

---

[1] نسيم امروهوي: "تاريخ خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص 90.
[2] زباني روايت: سيد محمد علي شاهہ جوهر، ساڪن ڪوٽ ڏيجي.
[3] زباني روايت: مير ٻڍو خان ٽالپر، ساڪن لقمان.

ڪانہ هوندي هئي. پنهنجو سمورو وقت فقيرن جي صحبت ۽ ڪتابن جي مطالعي ۾ صرف ڪندو هو. سندس فارسي غزلن جو هڪ ناياب نسخو اڄ بہ مير بجر خان جي پٽن وٽ منگهن واري ۾ موجود ۽ محفوظ آهي. سندس تخلص "مسڪين" هو. هن جي ڪلام ۾ حزن ۽ ياس جو عنصر تمام گهڻو آهي.

هو پنهنجن وڏن جي جلاوطني ڪان پوءِ منگهن واريءَ ۾ اچي رهيو جتي 1292هجري، مطابق 1875ع ۾ وفات ڪيائين. سندس وفات جو سال هيٺئين قطع مان نڪري ٿو[1]:

ختم يار ما کرد رفت از جهان،
زم چهارده بود ذوالحج زمان.
چو در چارشنبہ نمود ارتحال،
بيا راست رضوان قصرش چنان.
بود مغفرش جائي جنت مڪان،
چہ خوش مرد شد مير سهراب خان.
بہ پرسيلم از غيب هاتف بگفت،
چو طوطي بہ باغ ارم بود آن.

XV. مير خير محمد خان:

هي مير محمد حسن خان جو ٽيون نمبر پٽ هو. وڏو هردلعزيز ۽ خليق انسان ٿي گذريو آهي. ڪڏهن ڪڏهن فارسي ۾ غزل چوندو هو. مير دوست محمد خان جي بياض ۾ سندس ڪجهہ فارسي جا غزل ملن ٿا. جيڪي سندس قادر الڪلامي جي ڄاڪ ڀرين ٿا[2].

xvi. مير محمد خان:

هي مير احمد خان جو وڏو فرزند ۽ ولي عهد هو. غريبن جو همدرد ۽ لڇپال امير ٿي گذريو آهي. هو هڪ وڏو مهمان نواز هو. سندس لنگر تان صبح شام غريب غربو پيو کائيندو هو. هو هڪ سٺو شاعر، اديب ۽ اعليٰ درجي جو ڪاتب هوندو هو. سندس پس ماندن وٽ سندس هٿ جا لکيل ڪيترائي ڪتاب زبون حالت ۾ موجود آهن. هو غزل سان گڏ مرثيو بہ سٺو چوندو هو. سندس وفات 28 آڪٽوبر، 1896ع تي ٿي[3].

---

[1] حاشيہ ديوان مسڪين، مملوڪ مير بجر خان ساڪن منگهن واري

[2] زباني احوال: مير ولي داد خان ٽالپر، ساڪن ٽنڊو علي آباد

[3] دستاويزات خانداني، مملوڪ مير محمد باقر خان ثاني، ساڪن دارا واهڻ

xvii. **مير امير علي خان امير:**

مير مبارڪ خان جو پوٽو ۽ مير فضل محمد خان جو فرزند مير امير علي خان هڪ وڏو شاعر، اديب ۽ انشا پرداز امير ٿي گذريو آهي. اڳ ۾ سندس نالو امير بخش خان هو ۽ "خاڪسار" تخلص ڪندو هو. مگر پوءِ پنهنجو نالو ۽ تخلص ٻئي بدلائي امير علي امير سڏايائين. ننڍي هوندي کيس پيار مان مير بچل بہ سڏيندا هئا[1].

پنهنجي استاد ۽ درٻاري شاعر آخوند محمد ابراهيم "عشقباز" کان هڪ بياض "ديوان عجائب" تاليف ڪرايائين، جنهن ۾ "محڪ خسروي" جي نموني تي مختلف فارسي شاعرن جو ڪلام جمع ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪتاب جو قلمي ۽ اصلي نسخو ميان محمد اشرف خان فاروقي وٽ درازن ۾ موجود آهي. انهيءَ ديوان ۾ مير مبارڪ خان ۽ سندس اولاد جي شان ۾ ڪافي قصيدا آهن.

مير امير علي خان جا پنهنجن همعصر شاعرن، مير عبدالحسين خان سانگي، غلام محمد شاهہ گدا، غلام مرتضيٰ شاهہ مرتضائي ۽ ٻين سان تمام گهاٽا تعلقات هئا. انهن سڀني جي وچ ۾ منظوم خطن جو سلسلو جاري رهندو هو ۽ هڪ ٻئي سان علمي ۽ ادبي سوال جواب ڪندا هئا.

مير صاحب کي سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي، ٽنهي زبانن تي عبور حاصل هو. فارسي غزل، قصيدي ۽ مثنوي ۾ وڏي مهارت هيس. پنهنجي وقت جي اميرن، اديبن ۽ شاعرن ڏانهن جيڪي منظوم خط لکيائين، تن مان سندس مثنوي جي صنف تي ڪمال دسترسي جو ثبوت ملي ٿو. ڪافي ۽ مرثئي ۾ کيس اعليٰ درجي جي شاعرن ۾ شمار ڪري ٿو سگهجي. سندس تصنيفات مان ديوان امير ۽ انشائي امير مير بجر خان جي پٽن وٽ منگهن واري ۾ موجود آهن. مير امير علي خان روهڙيءَ جي مشهور صوفي بزرگ سيد جان شاهہ رضوي جو مريد هو[2].

xviii. **مير مهر نجف خان "غريب":**

هي مير رستم خان جي پوٽي هزهائينس مير امام بخش خان جو فرزند هو ۽ جنوجي ۾ رهندو هو. سندس تخلص "غريب" هو. فارسي غزل ۽ سنڌي مرثئي ۾ مهارت هيس. کيس مرثئي ۾ سيرت نگاري تي ڪمال حاصل هو[3].

---

[1] زباني روايت: مير صادق علي خان ٽالپر، ساڪن ٽنڊو علي آباد.

[2] هدايت علي، تارڪ: "تاريخ شعراءِ سنڌ"، اردو ترجمو از محمد حفيظ الرحمن، عزيز المطابع بهاولپور، 1365 هجري ص 42.

[3] زباني روايت: مير فدا حسين خان ٽالپر، ساڪن منگهن واري.

xix. مير غلام نجف خان غلام:

هي مير مهر نجف خان غريب جو ننڍو ڀاءُ هو ۽ جنوجي ۾ رهندو هو. پنهنجي وقت جو وڏو حڪيم ۽ سنو ڪافي گو شاعر هو. سندس تخلص "غلام" هو. اسي سالن جي عمر ۾ سن 1320هجري مطابق 1902ع ۾ وفات ڪيائين[1].

xx. مير گل حسن خان:

مير مبارڪ خان جو پوٽو ۽ مير ولي محمد خان جو فرزند مير گل حسن خان هڪ وڏو سخن شناس ۽ اديب شهزادو ٿي گذريو آهي. زماني جي ماحول کان مجبور ٿي انگريزن جي نوڪري ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. پنهنجي نوڪري واري ايامڪاري ۾ ٽالپر خاندان جي بهتري ۽ بهبودي لاءِ گهڻو ڪم ڪيائين.

هو مير عبدالحسين خان سانگي ۽ مير امير علي خان امير جو صحبتي ۽ پڳ مٽ يار هو. پاڻ شاعر نه هو پر شاعرن سان گهڻي محبت رکندو هو. سندس نثر ۽ تصنيفات مان "قرآن پاڪ جو سنڌي ترجمو"، "رسول پاڪ جي سوانح عمري" ۽ "ميرن جا احوال" مشهور آهن. سندس وفات جو سال 1912ع آهي[2].

xxi. مير خداداد خان "مير":

هي مير خير محمد خان جو فرزند هو. سنڌي زبان جو هڪ سنو شاعر ٿي گذريو آهي. شڪار ۽ شاعري سندس خاص ڪمزوريون هيون. ادبي ڪچهرين ۾ علمي نڪتا ٻڌائي ماڻهن جي دل موهي ڇڏيندو هو. سندس تخلص "مير" هو. سندس عمر ٻاهٺ سال، ٻه مهينا ۽ اناويهه ڏينهن هئي. تاريخ 15 شوال، 1347هجري مطابق 28 مارچ، 1928ع تي وفات ڪيائين[3].

xxii. مير خير محمد خان "ضيا":

هي صوبي ديري جي مير خدا بخش خان جو فرزند هو. فارسي غزل جو هڪ سنو شاعر هو. پنهنجو تخلص پنهنجي پڙ ڏاڏي مير خدا بخش خان اول وارو رکيائين. سندس ڪلام پختو ۽ رنگين آهي. تاريخ 9 جون، 1930ع تي وفات ڪيائين[4].

---

(1) عبدالمجيد، ميمڻ، ڊاڪٽر: "تذڪره شعراءِ سکر"، سنڌي ادبي سوسائٽي، اسلاميه ڪاليج، سکر، 1965ع، ص 98.

(2) زباني روايت: مير حسين بخش خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.

(3) بياض مير دوست محمد خان ٽالپر، مملوڪ مير ولداد خان، ساڪن ٽنڊو علي آباد.

(4) زباني روايت: مير غلام علي خان ٽالپر، ساڪن صوبو ديرو.

**xxiii. مير راض محمد خان "عاشق":**

هي مير غلام حيدر خان ثاني ڪوٽ مير محمد خان واري جو فرزند هو. شعر ۾ ڪڏهن پنهنجو نالو ۽ ڪڏهن تخلص "عاشق" ڪم آڻيندو هو. پر علي محمد شاهه راشدي جي تحقيق موجب "فارسي علم جو گوهر هو. ڇا سندس گفتگو ۽ ڇا سندس وقار ۽ رعب، ڇا سندس فهم ۽ معامله شناسي، هر لحاظ کان سندس شخصيت قابل قدر ۽ قابل ديد هئي"[1]. هو فارسي غزل ۽ سنڌي ڪافي جي سٺن شاعرن مان هڪ هو.

**xxiv. مير محب علي خان:**

هي مير عباس علي خان جو فرزند هو. پنهنجي وقت جو هڪ سٺو شاعر ۽ ڪاتب ٿي گذريو آهي. سندس هٿ جا لکيل ڪافي ڪتاب زبون حالت ۾ مير حسين بخش خان وٽ موجود آهن. هي گهڻوڪري مناقب ۽ اهلبيت جي شان ۾ سلام چوندو هو. آگسٽ 1929ع ۾ وفات ڪري ويو[2].

**xxv. مير علي نواز خان ناز:**

هي خيرپور رياست جي آخري دور جو حڪمران شاعر هو. عين جواني ۾ حڪومت جون واڳون ورتائين، مگر جلدي مجاز جي تيرن جو شڪار بنجي ويو جنهن جي نتيجي ۾ حڪومت جو ڪاروبار وزيرن جي ڪائونسل جي حوالي ڪري ڇڏيائين. پنهنجو سمورو وقت پيرن، فقيرن، عالمن ۽ فاضلن جي صحبت ۾ صرف ڪندو هو. وٽس هر وقت اديبن ۽ شاعرن جون ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. کيس شعر و شاعري سان نهايت دلچسپي هوندي هئي ۽ وٽس ڪافي مشاعرا ٿيندا هئا. علم و فن جو قدردان هو ۽ عام فيض رساني سندس خاص شيوو هو[3].

هن وٽ اردو جا مشهور شاعر آغا شاعر قزلباس ۽ حفيظ جالنڌري گهڻو وقت درباري شاعر ٿي رهيا. سندس علم پروري ۽ ادب نوازي کان متاثر ٿي رامپور جي درباري شاعر شميم امروهوي چيئي ڏنو:

بنده نوازيون مين هي يڪتا علي نواز،
سلطان وقت اور غلام شہ حجاز.
حق کا نيازمند زماني سي بي نياز،
يہ مير بهي هي نيک رعايا بهي پاکباز.
هر شخص اهل دل هي عجب يان کي سير هي،
يہ خيرپور اصل مين بهرپور خير هي.

---

[1] علي محمد شاهه راشدي: "اهي ڏينهن اهي شينهن"، حوالو ڏنل آهي، ص 234.
[2] زباني روايت: مير حسين بخش خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.
[3] بشارت علي زيدي: "تاريخ دارالسرور"، حوالو ڏنل آهي، ص 19.

سنڌي زبان جو مشهور صحافي شاعر محمد هاشم مخلص هر سال مير صاحب وٽ اچي قصيدا پيش ڪندو هو ۽ مناسب نذرانا وٺي ويندو هو. مير صاحب سنڌي سرائڪي ۽ اردو جو هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام ۾ ڪافي سوز ۽ گداز سمايل آهي[1].

فارسي زبان جي مشهور شاعر عمر خيام جي رباعيات جو بهترين منظوم ترجمو "خمڪده خيام" جي نالي سان شايع ڪرايائين. سندس اردو غزلن جو ڪتاب "گلدستۂ ناز" نولڪشور لکنو ۾ ڇپيو جيڪو سندس قادرالڪلامي جي ساک پري ٿو. سندس تصنيفات مان "خلوت عشق" "طوفان عشق"، "آتش عشق" ۽ "گنجينۂ خرد" مشهور آهن.

xxvi. مير دوست محمد خان:

هي مير ولي داد خان جو پٽ هو. پاڻ شاعر نہ هو مگر شعر و شاعري سان ڪمال درجي جي دلچسپي رکندڙ ۽ هڪ سنو اديب هو. ساري عمر پوليس ۾ هيڊ ڪانسٽيبل ٿي رهيو ۽ ايمانداري سان نوڪري ڪيائين. پوليس ۾ هجڻ جي باوجود اديبانہ صلاحيتن سان سينگاريل هو. سندس تصنيفات مان "شخصي ڊائري" ۽ "سرگذشت ٽالپران" ٻئي ڪتاب فارسي عبارت آرائي جو عمدو مثال آهن. اهي قلمي ڪتاب زبون حالت ۾ مير ولي داد خان وٽ ٽنڊي علي آباد ۾ موجود آهن. هن تاريخ 4 رجب، 1268هجري، مطابق 24 نومبر 1932ع تي وفات ڪئي[2].

xxvii. مير نثار حسين خان:

مير دوست محمد خان جو فرزند مير نثار حسين خان بہ سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيءَ جو سنو شاعر هو. پنهنجو سمورو وقت راڳ ويراڳ ۽ فقيراڻي رهاڻ ۾ صرف ڪندو هو. وٽس فقير ۽ ڳائڻا هر وقت موجود رهندا هئا. جڏهن اڪيلو ٿيندو هو تڏهن دينيات ۽ تصوف جي ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو. سن 1952ع ۾ وفات ڪيائين[3].

xxviii. مير عطا محمد خان "عطا":

هي مير غلام نجف خان جو پٽ هو. پنهنجي پيءُ وانگر وڏو حڪيم ۽ سنو شاعر هو. سندس ڪافين ۾ رنگيني ۽ دلڪشي آهي. سندس ولادت 1870ع ۾ ٿي ۽ وفات 1944ع ۾ ڪيائين[4].

---

[1] علي محمد شاهہ راشدي: "اهي ڏينهن اهي شينهن"، حوالو ڏنل آهي، ص 47.

[2] جنم پتري مملوڪ مير ولي داد خان ٽالپر، ساڪن ٽنڊو علي آباد.

[3] ايضًا

[4] زباني روايت: مير غلام علي خان، ساڪن روشن آباد

xxix. **مير غلام حسن خان "احسن":**

هي مير احمد علي خان جو وڏو پٽ هو. اردو ۽ فارسي جو سٺو اديب ۽ شاعر هو. سندس ولادت 1884ع ۾ ٿي ۽ وفات 1966ع ۾ ڪيائين. سندس طبعيت ۾ ننڍپڻ کان وٺي شاعري جي ڏات هئي. سخن جي مشق جاري رکيائين ته سندس جوهر وڌيڪ کلي پيا ۽ هڪ باڪمال شاعر بڻجي پيو. مير صاحب هڪ وڏو هر دلعزيز، ڳالهين جو ڳهير ۽ وڏين خوبين وارو بزرگ ٿي گذريو آهي.

xxx. **مير خان محمد خان:**

هي مير غلام رضا خان جو فرزند هو. سندس گهڻو وقت ديني ڪتابن جي مطالعي ۾ گذرندو هو. سنڌي زبان ۾ ڪجهه ديني ڪتاب لکيائين، جن مان "قرآن پاڪ جو تفسير" ۽ "قرباني" مشهور آهن. 1965ع ۾ ڪربلا معليٰ ۾ وفات ڪيائين. پاڻ شاعر نه هو پر ادبي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندو هو.

xxxi. **مير غلام محمد "فقير":**

هي مير غلام حسين خان جو فرزند هو. سندس ڳوٺ ٽالپر وڏا آهي. ننڍپڻ کان وٺي فقيرن جي صحبت ۾ رهيو ۽ پٽ شاهه تي وڃي لائق فقير جو طالب ٿيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جو حافظ هو. سارو وقت ذڪر ۽ فڪر ۾ گذاريندو هو. سنڌي بيت ۽ ڪافي جو سٺو شاعر هو. تاريخ 9 جمادي الاول، 1363هجري، مطابق 1944ع تي وفات ڪيائين. سندس مزار ٽالپرن جي ڳوٺ ۾ سندس ناهيل هڪ وڏي ٿلهي تي آهي. اهو ٿلهو پنهنجو زندگي ۾ پاڻ ٽوڪريون کڻي ٺاهيو هيائين ۽ هر هڪ ٽوڪري بسم الله پڙهي کڻندو هو. هو پنهنجي پنيان غوث بخش نالي هڪ پٽ ڇڏي ويو[1].

xxxii. **مير لطف علي "فقير":**

هي مير خان ٽالپر جو فرزند هو ۽ ٽالپر وڏا ڳوٺ جو وينل هو. هن جي پنهنجي وقت جي سگهڙن ۽ فيض وارن فقيرن سان صحبت هوندي هئي. بيت ۽ ڪافي جو سٺو شاعر هو. روزي ۽ نماز جو پابند فقير هو. هندو مسلمان ۽ هر فرقي جا ماڻهو کيس عزت سان ڏسندا هئا. آخري ڏينهن ۾ سندس نظر ويهجي وئي. ستر سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. سندس وفات جي تاريخ 25 صفر، 1375 هجري، مطابق 1956ع آهي. سندس مزار ڳوٺ ٽالپر وڏا ۾ آهي[2].

---

[1] زباني احوال: مير لعل بخش خان ٽالپر، ساڪن، ڳوٺ ٽالپر وڏا.
[2] ايضاً

xxxiii. مير ڇتل خان "مسڪين":

هي ڳوٺ حسين آباد تعلقي ڪوٽ ڏيجي جو ويٺل هو. سندس قبيلو بهاراڻي آهي. هن جو اصلي نالو بلوچ خان هو پر پيار سبب ڪيس ڇتل سڏيندا هئا ۽ هو مير ڇتل خان جي نالي سان مشهور ٿي ويو. سندس والد جو نالو مير حسين بخش خان هو. هو هڪ وڏو هردلعزيز نيڪ نيت ۽ بااثر زميندار ٿي گذريو آهي. بيت ۽ ڪافي جو سٺو شاعر هو ۽ "مسڪين" تخلص ڪندو هو. سندس ولادت جي تاريخ 7 فيبروري، 1898ع وفات جي تاريخ 26 جمادي الثاني، 1394هجري، مطابق 17 جولاءِ 1974ع آهي[1].

میرن جي ڪلام تي تبصرو:

مٿي ذڪر ڪيل مير گهڻو ڪري سنڌي ۽ فارسي غزل جي روايتي شاعري ڪندا هئا. جنهن ۾ حسن ۽ عشق جا مضمون هوندا هئا. سندن غزلن ۾ تشبيهون ۽ استعارا تمام گهڻا هوندا هئا. هو لفظي خواهه معنوي صنعتون به استعمال ڪندا هئا. سندن ڪلام ۾ فارسي ترڪيبون جام هونديون هيون.

غزل کان سواءِ سنڌي ڪافي ۽ بيت به هنن جو محبوب مشغلو هوندو هو. سندن ڪافين ۽ بيتن ۾ حسن ۽ عشق جا مضمون تمام سادگي سان ٻڌل هوندا هئا. سندن زبان سادي سليس ۽ رنگين هوندي هئي.

مير امير علي خان، مير علي نواز خان ۽ مير غلام حسن خان، سنڌي ۽ فارسي کان سواءِ اردو ۾ به تمام سٺو ڪلام چيو آهي. اردو ۾ "غزل"، "منقبت"، ۽ "سلام" سندن قادرالڪلامي جي ساک پرن ٿا.

ميرن جي ڪلام ۾ "نعت" ۽ "منقبت" جو عنصر تمام گهڻو آهي. هو "مرثيي" ۽ "سلام" کان سواءِ "غزل" ۾ به اهلبيت جي عقيدت جو اظهار ڪندا آهن. مير سهراب خان "مسڪين"، مير مهر نجف خان "غريب"، مير محمد باقر خان، مير راض محمد خان ۽ مير غلام حسن خان جا مرثيا مقبول عام آهن، جن ۾ هنن اهلبيت جي فضائل سان گڏ مصائب جو به رقت آميز ذڪر ڪيو آهي.

مير رستم خان، مير فيض محمد خان، مير امير علي خان ۽ مير راض محمد خان ڪافي جا تمام سٺا شاعر هئا. سندن ڪافيون ڏک ۽ درد جون دانهون آهن، جن ۾ گهڻو سوز ۽ گداز سمايل آهي.

---

[1] زباني احوال: مير حسين بخش خان ثاني، ساڪن: ڳوٺ حسين آباد.

## (ب) تعليم ۽ تدريس ۾ حصو:

**i. تعارف:**

ارغونن کان وٺي ميرن جي زماني تائين سنڌ ۾ فارسي زبان کي وڏي اهميت حاصل هئي. سرڪاري لکپڙهه ۽ خانگي خطن پٽن ۾ اها ئي زبان استعمال ٿيندي هئي. علمي ادبي ڪچهرين، اميرن جي محفلن ۽ حاڪمن جي مجلسن ۾ به انهي زبان جي ذريعي رسائي حاصل ڪري سگهبي هئي.

ديني درسگاهن ۽ عام مدرسن ۾ عربي سان گڏ فارسي جو رواج عام هو. قرآن پاڪ جا تفسير، توڙي حديث ۽ فقهه جا ڪتاب سڀ فارسي ۾ لکيا پڙهيا ويندا هئا. ملڪ جي عوام جي ٻولي سنڌي صرف ڳالهائڻ ٻولهائڻ تائين محدود رهندي هئي، تنهن ڪري ملڪ جي اڪثريت کي ديني مسئلن سمجهڻ ۾ دقت درپيش ايندي هئي.

انهيءَ دقت کي دورڪرڻ لاءِ ڪلهوڙن جي زماني ۾ ڪجهه عالمن ڪوشش ڪري، عربي ۽ فارسي جي ڪتابن جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا ۽ آهستي آهستي اهي ڪتاب سندن درس ۾ داخل ٿيندا ويا.

ٽالپرن جي دور ۾ هن تحريڪ کي ڪجهه فروغ حاصل ٿيو ۽ سنڌي عالمن متقدمين جي تقليد ۾ سنڌي ڏانهن وڌيڪ توجه ڏنو. ان هوندي به شهرن ۾ فارسي جي حڪومت رهي، مگر واهڻن ۾ سنڌي زبان کي اڳتي وڌڻ جو موقعو مليو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌي ادب روز بروز ترقي ڪندو ويو[1]. ڇو جو ثانوي تعليم تائين سارو نصاب سنڌيءَ ۾ منتقل ٿي ويو. باقي اعليٰ تعليم اها ئي عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڏني وئي[2].

ميرن جي دور ۾ سرڪاري ۽ دفتري زبان فارسي هوندي هئي پر هو سنڌي زبان جي به سرپرستي ڪندا هئا. هنن کان اڳ ۾ وقت جي ڪن عالمن عربي ۽ فارسي جا ڪجهه ڪتاب ترجمو ڪري پنهنجي درس ۾ داخل ڪيا هئا. ميرن جي همت افزائي سان عالمن سنڌي زبان ڏانهن وڌيڪ توجهه ڏنو ۽ سنڌي ادب روز بروز ترقي ڪندو ويو[3] ۽ آهستي آهستي ثانوي تعليم تائين سارو نصاب سنڌيءَ ۾ منتقل ٿي ويو[4].

---

[1] لطف الله بدوي: "تاريخ ادبيات سنڌي"، قلمي، حصو پيو ص 17.
[2] غلام علي، الانا، ڊاڪٽر: "مضمون نئين زندگي"، جون — جولاء، 1970ع.
[3] لطف الله. بدوي: "تاريخ ادبيات سنڌي"، قلمي، حصو پيو ص 17.
[4] غلام علي، الانا، ڊاڪٽر: "مضمون نئين زندگي"، جون، جولاءِ، 1970ع.

**ii. تعليمي ادارا:**

ميرن جي ڏينهن ۾ هاڻي وانگر حڪومت جي طرفان تعليم جو جدا کاتو ڪونہ هو. اهو انتظام وقت جا پير، فقير، مخدوم ۽ عالم سنڀاليندا هئا. جنهن جي صلي ۾ کين حڪومت جي طرفان وڏيون جاگيرون ۽ پيا لوازمات ملندا هئا[1]. تعليمي مدرسا ۽ مڪتب هوندا هئا.

**کهڙا:** هتي مخدومن جو هڪ وڏو ديني مدرسو هوندو هو جتي ابتدائي تعليم کان وٺي اعليٰ تعليم تائين درس ڏنو ويندو هو. انهيءَ مدرسي سان گڏ هڪ ننڍو مدرسو بہ هوندو هو جتي ثانوي درجي تائين سنڌي بہ پڙهائي ويندي هئي. هن کان سواءِ فقير محمد اڄڻ جو مدرسو هوندو هو ۽ جيڪو اڃا تائين قائم آهي.

**راڻيپور:** هتي پير صالح شاهہ اول ۽ پير غلام محي الدين جو مدرسو هوندو هو جنهن جي استادن مان ڇتو ڇاڙو هڪ وڏو عالم هو. هن کان سواءِ قاضي عبدالله جو مدرسو بہ مشهور هوندو هو. جتي عربي ۽ فارسي سان گڏ سنڌي تعليم جو بندوبست بہ هوندو هو.

**گمبٽ:** هتي پير ابراهيم شاهہ جيلاني جو مدرسو هوندو هو جيڪو پوءِ پير شمس الدين شاهہ جي ڪوشش سان ترقي تي پهتو. هتي بہ وڏا عالم ۽ تعليمي ماهر پڙهائيندا هئا.

**درازا:** هتي ميان صاحب ڏني فاروقي جو قائم ڪيل ديني مدرسو هوندو هو جيڪو ميان عبدالحق ۽ سندس جانشين جي ڪوشش سان ڪافي وقت تائين قائم رهيو.

**پريان لوءِ:** هتي مخدوم محمد ابراهيم جو مدرسو هوندو هو جنهن کي سيد صالح شاهہ سوائي جي اولاد وارا ڪافي وقت تائين هلائيندا رهيا. ان کان سواءِ حاجي محمد عثمان جوڻيجو جو هڪ ننڍو مدرسو بہ هو جتي عربي ۽ فارسي سان گڏ سنڌي ۾ بہ تعليم ڏني ويندي هئي.

**هنگورجا:** هتي پير عبدالرشيد جو هڪ وڏو مدرسو هو. ميرن جي دور ۾ ان جو انتظام ابو عطا شاهہ ۽ ناصر علي شاهہ سنڀاليندا هئا. اهو مدرسو ننڍي پئماني تي اڄ بہ قائم آهي.

**ڊرب مهر شاهہ:** هتي سيد مهر شاهہ جو مدرسو هو جتي عربي، فارسي ۽ سنڌي جي تعليم ڏني ويندي هئي. مهر شاهہ کان پوءِ مدرسي جو خرچ سندس جانشين ڪندا رهندا هئا. اڄ بہ اهو مدرسو ننڍي پئماني تي سيد بچل شاهہ جي سرپرستي ۾ هلي رهيو آهي.

---

[1] زباني روايت: مولوي عبدالڪريم عباسي، سابق مفتي اعظم خيرپور.

**دونهون:** هتي سيد ابراهيم شاهه جو مدرسو هو. جيڪو سندس ٽن پيڙهين تائين قائم رهيو.

**پير جو ڳوٺ:** هتي پير صبغت الله شاهه جو مدرسو دارالارشاد هوندو هو جتي ديني اعليٰ تعليم جو پورو پورو انتظام هوندو هو. اهو مدرسو اڄ بہ قائم آهي، جتان هر سال ڪيترائي شاگرد فارغ التحصيل ٿيندا آهن.

**تجل:** هتي محمد شاعر صوفي جو مدرسو هوندو هو. جتي ديني ۽ دُنيوي تعليم جو بندوبست هوندو هو. هي مدرسو بہ ڪافي وقت تائين جاري رهيو.

**سيئارجا:** هتي قاضي عمر دراز عباسي جو قائم ڪيل مدرسو هوندو هو. جيڪو سندس اولاد مان قاضي غوث محمد جي ڏينهن تائين قائم رهيو. هتي بہ ديني تعليم سان گڏ دنيوي تعليم جو جوڳو بندوبست هو.

**ٽالپر وڏا:** هتي قاضي بلاول جو قائم ڪيل مدرسو هوندو هو. قاضي بلاول کان پوءِ سندس اولاد مان قاضي محمد بقا، قاضي عبدالوهاب ۽ قاضي عبدالله ان مدرسي جو پورو پورو بندوبست رکيو پر پوءِ اهو مدرسو بند ٿي ويو.

**لقمان:** هتي قاضي گل محمد اعواڻ جو قائم ڪيل مدرسو ڪافي ڏينهن تائين عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ وڏا وڏا عالم پيدا ڪندو رهيو. قاضي گل محمد کان پوءِ سندس پٽن قاضي ابوطالب، قاضي دين محمد ۽ قاضي محمد ڪامل انهيءَ مدرسي جو بندوبست رکيو. هنن کان پوءِ بہ ڪجهه وقت تائين قاضي عبدالصمد، قاضي علي محمد ۽ قاضي خداداد ان مدرسي جي سنڀال ڪئي پر پوءِ بند ٿي ويو.

### iii. تعليم جو نظام:

ميرن جي ڏينهن ۾ هاڻي وانگر حڪومت جي طرفان تعليم جو جدا کاتو ڪونہ هو. اهو انتظام وقت جا پير، فقير ۽ عالم سنڀاليندا هئا. بزرگن جي خانقاهن ۽ درويشن جي درگاهن جا سجاده نشين وڏا وڏا عالم گهرائي، پاڻ وٽ رکندا هئا. جتي عام توڙي خاص ماڻهن جا ٻار اچي علم حاصل ڪندا هئا. انهن درسگاهن جي خرچ پکي جي پورت لاءِ سجاده نشين کي حڪومت جي طرفان وڏيون جاگيرون ۽ ٻيا لوازمات ملندا هئا[1].

وڏين درسگاهن کان سواءِ مٿي ذڪر ڪيل سمورا مدرسا وڏا درسگاهہ هوندا هئا. انهن کان سواءِ ڳوٺن ۾ ننڍا مدرسا بہ هوندا هئا، جيڪي وقت تي هلندا هئا. مالدار ۽ متقي ماڻهو انهن لاءِ وصيتون ڇڏي ويندا هئا. ٽالپرن طرفان بہ انهن کي وظيفا ملندا هئا[2].

---

[1] زباني روايت: مولوي عبدالڪريم عباسي، سابق مفتي اعظم، خيرپور.

[2] عمر بن محمد دائود پوٽو ڊاڪٽر: "مضمون الوحيد"، آزاد سنڌ نمبر، 1936ع، ص 111.

ابتدائي تعليم لاءِ هر ڳوٺ ۾ هڪ مدرسو يا مڪتب هوندو هو. جنهن لاءِ ڪا بہ جدا جڳھ ڪانہ هوندي هئي. ملا،مولوي يا آخوند، مسجد جي حجري يا ڪنهن وڻ هيٺان ويهي، ٻارن کي تعليم ڏيندا هئا. ڪٿي وري امير ماڻهو پنهنجي ٻارن جي پڙهائڻ لاءِ، اوطاقن ۾ ماستر ويهاريندا هئا. جتي غريبن جاٻار بہ فائدو حاصل ڪندا هئا. استادن کي ماهوار پگهار جي بدران مختلف موقعن تي سوغاتون، پئسا، يا ان ملندو هو.[1]

هندن جي تعليم لاءِ ڪجھ جدا اسڪولن جو انتظام هوندو هو جتي ڪجھ برهمڻ کين لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاريندا هئا. جيڪي شاگرد وڏيڪ پڙهندا هئا، تن کي جوتش وديا، ڌرم شاستر ۽ منتر شاستر پڙهايا ويندا هئا. تعليم گهڻوڪري واپاري ۽ عامل طبقي جا ٻار حاصل ڪندا هئا. واپاري طبقي جا ٻار پنهنجي تعليم پڙهڻ ۽ حساب ڪرڻ تائين محدود رکندا هئا. هنن کي گرمکي ۽ هندو سنڌي اکرن جي تعليم بہ ڏني ويندي هئي. عاملن جا ٻار سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ فارسي پڙهندا هئا. فارسي جي اعليٰ تعليم لاءِ کين مسلمانن جي مڪتبن ۽ مدرسن ۾ بہ ويڄڻو پوندو هو.[2]

ميرن جي ٻارن جي تعليم لاءِ جدا اتاليق مقرر ڪيا ويندا هئا. جن کي ادب جي سيني علمن ۾ مهارت حاصل هوندي هئي. انهن کي مقرر پگهار کان سواءِ ٻيا لوازمات بہ ملندا هئا. ميرن جي ڇوڪرين کي وري قاضين جون عورتون تعليم ڏينديون هيون.[3]

جيمس برنس جي تحقيق موجب ميرن جي زماني ۾ هيٺيون نصاب، هيٺين نموني سان پڙهايو ويندو هو.[4]

ڇئن ورهين ۽ ڇئن مهينن جي عمر ۾ ٻار مڪتب ۾ داخل ٿيندو هو جتي جمعي کانسواءِ ٻين سيني ڏينهن تي، صبح کان شام تائين پڙهڻ ۾ مشغول رهندو هو. پهريائين کيس "الحمد لله رب العالمين". جا اکر ڇورايا ويندا هئا. پوءِ آهستي آهستي ڇهن مهينن تائين هن کي قرآن پاڪ جو پويون پارو پڙهايو ويندو هو. ساڳئي وقت هن کي ڪاٺ جي پٽيءَ تي اکرن جي لکڻ جي مشق بہ ڪرائي ويندي هئي. سال کن ۾ هو ڪجھ نہ ڪجھ لکڻ پڙهڻ سکي ويندو هو. ان کان پوءِ هن کي

---

[1] Azimushan Hyder, Dr: "History of Karachi", Feroz Sons, Karachi, 1974, p.22.

[2] Azimushan Hyder, Dr,: "History of Karachi", Feroz Sons, Karachi, p.22.

[3] ضامن ڪنتوري: "عبرت ڪده سندھ"، نفيس اڪيڊمي ڪراچي، 1967ع، ص 71.

[4] عمر بن محمد، دائود پوٽو ڊاڪٽر: "مضمون الوحيد"، آزاد پريس نمبر، 1936ع، ص 110 کان 112.

معنيٰ ۽ مطلب کان سواءِ قرآن شريف پڙهائبو هو جنهن جي پوري ڪرڻ ۾ هن کي چار سال کن لڳي ويندا هئا.

نون سالن جي عمر ۾ ٻار کي پنهنجي مادري، سنڌيءَ جي اڀياس لاءِ هڪ ڏاڪو اڳتي ٽپايو ويندو هو. هن کي هيٺيان ڪتاب پڙهائبا هئا:

(1) نورنامو جنهن ۾ دنيا جي پيدا ٿيڻ کان اڳ جي تاريخ آهي.

(2) مخدوم محمد هاشم جا لکيل ديني ڪتاب، جن ۾ شروعات تفسير سان ٿيندي آهي.

(3) نثر ۽ نظم ۾ قصا، مثلاً: سيف الملوڪ، ليليٰ مجنون، حڪايات الصالحين، لاڏاڻو معراج نامو ۽ سؤ مسئلا. اهڙا ٻيا بہ ڪجهہ ڪتاب هوندا هئا. جن جي پڙهڻ سان شاگرد جي ذهني ۽ خيالي طاقت وڌندي هئي.

ٻارهن يا تيرهن سالن جي عمر ۾ شاگرد فارسي شروع ڪندا هئا ۽ هنن کي درجي وار هيٺيان ڪتاب پڙهڻا پوندا هئا:

دوايو، توايو ۽ چشم و چراغ.

سولا ۽ عام مشهور شعر جا ڪتاب، جهڙوڪ ڪريما ۽ ناگهان وغيره.

تاريخ، انشاءِ ۽ وڏن شاعرن جا ڪتاب، جهڙوڪ گلستان، بوستان، حافظ، يوسف زليخا ۽ سڪندر نامو.

ان کان پوءِ وڌيڪ تحصيل لاءِ خاقاني، فردوسي ۽ ٻين عالمن جا ڪتاب شرح سميت پڙهايا ويندا هئا.

جيڪڏهن شاگردن کي عالم ٿيڻ جو ارادو هوندو هو تہ پندرهن يا سورهن سالن جي عمر ۾ ڪنهن وڏي مدرسي ۾ وڃي تعليم وٺندا هئا. جتي کين هيٺيون نصاب پڙهڻو پوندو هو:

صرف و نحو منطق، فقهہ، تفسير، حديث، معاني،بيان ۽ بديع وغيره.

مٿئين نصاب ۾ هيٺين ڪتابن کي وڏي اهميت هوندي هئي:

"ميزان صرف"، "اجناس"، "منشعب"، "عقد"، "زبدہ"، "مائة عامل"، "زرادي"، "شافيہ"، "سجاوندي"، "هدايت النحو"، "ڪافيہ"، "شرح ملا جامي"،"حاشيہ عبدالحڪيم ۽ عبد الغفور"، "ايساغوجي"، "قال اقول"، "شمہ بمع شرح"، "نيمروزي"، "يڪروزي"، "شمسيہ"، "شرح قطبي"، "تهذيب"، "مسلم"، "هدايہ"، "وقايہ"، "ڪنز"، "قدوري"، ۽ "قافيہ".

انهيءَ نصاب جي تحصيل کان پوءِ بہ هڪ جيد عالم ۽ اعليٰ اديب ٿيڻ لاءِ هيٺين علمن تي دسترس حاصل ڪرڻي پوندي هئي:

قراءَت، مناظره، عروض، طب، رمل، نجوم ۽ جفر، تاريخ، حڪمت ۽ خطا. عام طور تي وڏن مدرسن ۾ اِجِ تائين اهو پراڻو نصاب رائج آهي.

سنڌ ۾ ميرن جي حڪومت جو سارو عرصو مٿي ذڪر ڪيل تعليم جو نظام رائج رهيو. ميرن جي طرفان سيني ادارن جي سرپرستي ٿيندي رهي ۽ تعليم ڏيندڙن کي معقول وظيفا ملندا رهيا، پر 1843ع جي انقلاب کان پوءِ ملڪ جي حالتن ۾ وڏو ڦيرو آيو ۽ سڄو ماحول مٽجي ويو. اصلي حاڪم نظربند ڪري، پوني، سورت، هزاري باغ ۽ ڪلڪتي ڏانهن موڪليا ويا ۽ سنڌ جا حقيقي وارث جلاوطن بڻجي دربدر رلندا رهيا[1].

انگريز حاڪمن جو تعليم جي پراڻي نظام سان ڪو بہ انس ڪونہ رهيو جنهن ڪري ادارن جا وظيفا بند ٿي ويا ۽ آهستي آهستي انهن تي ابتري ايندي وئي، ايتري قدر جو ٿورن سالن اندر سڄو نظام درهم برهم ٿي ويو.

انگريزن پنهنجن مفادن مطابق نئون تعليمي نظام رائج ڪيو. سنڌ جي مسلمانن هن تعليمي پاليسي جي سخت مخالفت ڪئي ۽ سرڪاري اسڪولن کان پچڻ لڳا ۽ پين کي بہ پري رکڻ جي ڪوشش ڪيائون. عربي ۽ فارسي جي تعليم کي اسڪولن مان ڪڍڻ کي مسلمانن سمجهيو تہ انگريزن هنن کي عيسائي بڻائڻ تي گهريو[2]. مسلمانن غير مسلم قوم جي انگريزي زبان سکڻ کي مذهبي طور تي ناجائز ڄاتو ۽ان کان وحشت کائڻ لڳا. هنن محسوس ڪيو تہ انهن اسڪولن ۾ وڃي سندن پار اسلام کان بيگانا ٿي ويندا[3]. هنن جي خيال ۾ انگريزي ڪافرن جي ٻولي هئي[4].

مطلب تہ مسلمانن جي نظر ۾ انگريزن جو تعليمي نظام ڪين هڪ سنو مسلمان بڻائڻ بدران هڪ سرڪاري ڪارندو بڻائي رهيو هو[5] ان ڳالهہ جو نتيجو اهو نڪتوجو ٻيون قومون ترقي ڪنديون رهيون ۽ مسلمان غفلت جي ننڊ ۾ ڪونگهرا ماريندا رهيا.[6]

---

[1] ايستوڪ، ڪئپٽن: "نئين مصر جا پراڻا ورق"، ص 346.

[2] رپورٽ آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس، اجلاس 21، ڪراچي، 1907ع، انسٽيٽيوٽ پريس، علي ڳڙهہ، 1908ع.

[3] انوار احمد، زبيري، مولوي: "خطبات عاليہ"، حصہ دوم، مسلم يونيورسٽي پريس، علي ڳڙهہ 1928ع، ص 2 ۽ 3.

[4] قليچ بيگ، مرزا: "يادگيريون"، ص 57.

[5] مصطفيٰ علي، بريلوي: "مسلمانان ڪراچي وسندهہ ڪي تعليم"،ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچي، 1968ع، ص 91.

[6] انوار احمد، زبيري، مولوي: "خطبات عاليہ"، حصہ اول، مسلم يونيورسٽي پريس، علي ڳڙهہ، 1927ع، ص 189.

مجموعي طور تي سنڌ ۾ انگريزن جي دور ۾ تعليم ۽ تعليمي نظام جي اها صورتحال رهي. پر جيڪڏهن اسان خيرپور جي تعليمي تاريخ جو خاڪو چٽيندا سين تہ ان لاءِ هر هڪ حڪمران جي دور جو ذڪر الڳ الڳ ڪرڻو پوندو، جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

**مير علي مراد خان جو دور 1843ع کان 1894ع:**

مير علي مراد خان انگريزن جي انتظام کان متاثر ٿي ڪجهہ اسڪول کولرايا، پر انهن ۾ بہ شاگردن جي حاضري خاطر خواه نہ هئي. مير صاحب پنهنجي سيڪريٽري مسٽر لئنگلي(Langley) کان سنڌ جي تعليمي سربراهہ مسٽر گولڊ سمٿ(Gold Smith) ڏانهن بہ ليٽر لکرايو هو تہ کيس تعليم جي نئين پاليسي جي پروگرام کان واقف ڪيو وڃي[(1)].

مير علي مراد خان پنهنجي ملڪ ۾ نون سڌارن جاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو تہ اوچتو انگريزن مٿس ڪيس ڪري سندس ملڪ جو ڪافي حصو ڪسي ورتو. تنهن ڪري هو پنهنجي حدن ۾ مڪمل طور تي نئون نظام جاري ڪري نہ سگهيو. ان هوندي بہ هن تعليمي سڌارن ۽ ڪمن ۾ دلچسپي ورتي ۽ پراڻين درسگاهن جا لوازمات جاري رکيائين. سن 1877ع ۾ رياست خيرپورجي نئين طرح سان ڪليل اسڪولن جي بجيٽ ڇهہ هزار ڇهہ سو اٺاسي رپيا هئي[(2)].

**مير فيض محمد خان جو دورو 1894ع کان 1907ع:**

1894ع کان پوءِ جڏهن مير فيض محمد خان اول رياست جي گاديءَ تي ويٺو، تڏهن سندس وزير خانبهادر قادر داد خان، سردار محمد يعقوب خان ۽ شيخ صادق علي خان، هڪ ٻئي پنيان رياست خيرپور ۾ سيني شعبن جا نوان ڪاتا کوليندا ويا ۽ تعليمي ترقي لاءِ ڪوشش ڪندا رهيا. مير فيض محمد خان کي بذات خود رعايا جي آرام جو گهڻو خيال هوندو هو ۽ کيس تعليم سان خاص دلچسپي هوندي هئي[(3)].

هن نئين تعليمي نظام موجب اسڪولن تي حڪومت جو مڪمل ڪنٽرول ٿيو ۽ استادن کي باقاعدي سرڪاري خزاني مان ماهوار پگهارون ملڻ لڳيون ۽ پڙهائي لاءِ بہ ڪجهہ ڪلاڪن جو وقت مقرر ڪيو ويو. شاگردن جي امتحانن وٺڻ جو بہ سرڪاري طور تي انتظام ٿيو.

---

(1) Langley, E. A.: "At the Court of Ali Murad", Vol.I. HarlBoronghst, London, 1860, p. 232.

(2) مصطفيٰ علي، بريلوي، سيد: "مسلمانان ڪراچي و سندهہ ڪي تعليم"، ايجوڪيشنل ڪانفرنس، ڪراچي، 1968ع، ص 55.

(3) پراگ نارائڻ: "صحيفئہ زرين"، نولڪشور، لکنو 1902ع، ص 129.

انهن ٻنهي حڪمرانن جي تعليمي خدمتن کان متاثر ٿيندي، مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس جي 1907ع واري اجلاس ۾ تقرير ڪندي سنڌ جي تڏهوڪي ڪمشنر، مسٽر ينگ هسبنڊ (Young Husband) چيو هو تہ "اسان کي مير علي مراد خان مرحوم ۽ ان جي جانشين مير فيض محمد خان جو ٿورائتو هئڻ گهرجي، جن سنڌ جي مسلمانن جي تعليم ۾ تمام گهڻي دلچسپي ورتي آهي ۽ جن هن صوبي جي شاگردن لاءِ علي ڳڙهہ ۽ ٻين ڪاليجن ۾ پڙهڻ لاءِ شاهاڻا وظيفا ڏنا آهن"[1].

ڪمشنر صاحبَ رياست خيرپور جي وزير سردار محمد يعقوب جي اهڙين خدمتن جي واکاڻ ڪندي، چيو هو تہ "هو پنهنجي قوم ۽ پنهنجي هم مذهب ماڻهن جي اصلاح ۽ فلاح جي ڪمن ۾ همہ تن مصروف رهندو هو ۽ هن ڳالهہ کي چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو تہ مسلمانن جي حالت سڌارڻ لاءِ ڪين تعليم ڏيڻ ضروري آهي. ان لاءِ هن دليريءَ سان اڻٿڪ ڪوششون ڪيون. سنڌ ۾ ڪا شايد اهڙي اسلامي درسگاهہ هجي، جنهن ۾ هن ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان حصو نہ ورتو هجي"[2].

انهيءَ ڪانفرنس جي موقعي تي يڪراءِ رٺ نمبر 28، بحال ڪري، خيرپور جي والي مير فيض محمد خان ۽ سندس وزير شيخ صادق علي خان جي ان شاهاڻي امداد جو شڪريو ادا ڪيو ويو جيڪا هو مسلمانن جي تعليمي ڪمن ۾ وقت بہ وقت ڏيندا رهيا هئا[3]. انهي ڪانفرنس جو سارو خرچ مير فيض محمد خان جي طرفان رياست جي وزير شيخ صادق علي خان برداشت ڪيو هو[4]. شيخ صادق علي خان، علي ڳڙهہ ڪاليج جي امداد لاءِ ڪيترائي هزار پنهنجي هٿان ۽ ڪيترائي هزار رياست جي خزاني مان ڏنا هئا.[5]

مير فيض محمد خان اول جي ڏينهن ۾ رياست مان سٺ هزار رپيا ڪڍي سنڌ جي ڪمشنر جي حوالي ڪيا ويا هئا، تہ جيئن هو تعليم کاتي جي ذريعي اعليٰ تعليم حاصل ڪندڙ مسلمان شاگردن کي اسڪالرشپ ڏئي. ان کي "سر علي مراد خان اسڪالرشپ"، جو نالو ڏنو ويو. ان کان سواءِ مير فيض محمد خان هيٺين ادارن کي گرانٽ ڏيندو رهيو:

---

(1) رپورٽ آل انڊيا، محمدن اينگلو اورينٽل ايجوڪيشنل ڪانفرنس، ڪراچي، 1907ع، انسٽيٽيوٽ پريس، علي ڳڙهہ 1908ع، ص 12.

(2) ايضاً: ص 7.

(3) رپورٽ آل انڊيا محمدن اينگلو اورينٽل ايجوڪيشنل ڪانفرنس، ڪراچي 1907، انسٽيٽيوٽ پريس، علي ڳڙهہ 1908ع، ص 11.

(4) ايضاً: ص 30.

(5) عبدالرحمن، امرتسري، حافظ: "سياحت هند"، مطبع وفا عام، لاهور، 1909ع، ص 93.

"سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي لاءِ ساليانو ڇهه هزار رپيا.
سنڌ مدرسي ۾ "خيرپور هائوس" جي تعمير لاءِ ساڍا ڇهه هزار رپيا.
تعليمي اداري "قصولي" لاءِ پنج سؤ رپيا.
لاڙڪاڻي جي "مدرسي" ۾ مسجد جي تعمير لاءِ ڏيڍ هزار رپيا.
"محمدن يونين"، سورت لاءِ پنج سؤ رپيا.
سنڌ مدرسي جي "هاسٽل" لاءِ وڏيڪ پنج هزار رپيا.
"مدرسي ۽ بورڊنگ هائوس" سکر لاءِ اٺ هزار رپيا.
"زنانه ٽريننگ ڪاليج"، علي ڳڙهه لاءِ ڇهه سو رپيا.
"محمدن ايجوڪيشنل ڪاميٽي"، ترچنا پولي لاءِ هڪ سؤ رپيا.
"انجمن خادم الاسلام"، آسام لاءِ هڪ سؤ رپيا.
"انجمن تعليم اسلام" اڏيپور لاءِ پنجاهه رپيا[1].

علي ڳڙهه جي مشهور مسلم يونيورسٽي جي قائم ڪرڻ لاءِ به رياست جي وزير شيخ صادق علي خان ٿي ايجوڪيشنل ڪانفرنس 1907ع واري اجلاس ۾ رٿ پيش ڪئي هئي. ان رٿ کي هٿي بهاولپور جي وزير مولوي رحيم بخش ۽ ٽيڪو لاهور جي بئريسٽر فضل حسين ڏني هئي. پوءِ اها رٿ يڪراءِ بحال ٿي هئي[2].

مير فيض محمد خان جي ايام ڪاريءَ ۾ سن 1908ع تائين خيرپور رياست ۾ جيڪي اسڪول کليا، تن جو تفصيل هي آهي[3]:

| سال | اسڪولن جو تعداد | شاگردن جو تعداد |
|---|---|---|
| 1894_95ع | 45 | 1256 |
| 1895_96ع | 87 | 2579 |
| 1896_97ع | 117 | 3858 |
| 1897_98ع | 110 | 3754 |
| 1898_99ع | 109 | 3928 |
| 1899_1900ع | 124 | 4604 |
| 1900_01ع | 142 | 4827 |
| 1901_02ع | 150 | 5675 |
| 1902_03ع | 156 | 5282 |

(1) Administration Reports, Khairpur State, Years 1907 & 1908.

(2) رپورٽ آل انڊيا محمدن اينگلو اورينٽل ايجوڪيشنل ڪانفرنس، ص 197.

(3) Administration Report, Khairpur State, for 1904. Gazetteer of the Province of Sind, B. Vol. III, Sukkur Distt., Govt Central Press, Bombay, 1928, p. 155.

| | | |
|---|---|---|
| 1903_04ع | 135 | 4586 |
| 1904_05ع | 104 | 3632 |
| 1905_06ع | 105 | 3502 |
| 1906_07ع | 102 | 3755 |
| 1907_08ع | 102 | 3623 |
| 1908_09ع | 98 | 3506 |

مٿين اسڪولن مان هڪ هنري اسڪول ۽ هڪ انگريزي اسڪول هو. هنري اسڪول ۾ هر قسم جي هنري تعليم ملندي هئي. انگريزي اسڪول سان گڏ هڪ بورڊنگ هائوس بہ هو جنهن ۾ شاگردن جو کاڌي پيتي سميت سمورو خرچ رياست پرينديي هئي. شاگرد انهيءَ اسڪول ۾ مڊل تائين پڙهي، پوءِ ڪراچي ويندا هئا ۽ "مدرسة الاسلام" جي "خيرپور هائوس" ۽ "ٽالپر هائوس" ۾ وڃي رهندا هئا. جتي مئٽرڪ تائين تعليم وٺندا هئا. اتي بہ سندن خرچ رياست برداشت ڪندي هئي. ان کان پوءِ اعليٰ تعليم لاءِ کين "سر علي مراد خان اسڪالرشپ" ملندي هئي[1].

مير فيض محمد خان جي ڏينهن ۾ بہ ديني مڪتبن ۽ مدرسن جو پراڻو انتظام مٿي ذڪر ڪيل اسڪولن کان الڳ هو جن کي دستور موجب رياست مان امداد ملندي رهندي هئي.

**مير امام بخش خان جو دور: 1907ع کان 1921ع:**

مير امام بخش خان بہ پنهنجي پيءُ وانگر نهايت فياض ۽ روشن خيال رئيس هو ۽ تعليم سان وڏي دلچسپي رکندو هو. تعليمي سڌارن ۾ سندس وزير خان صاحب محمد ابراهيم خان جو وڏو هٿ هو[2]. هو بہ مختلف تعليمي ادارن کي پنهنجي رياست جي طرفان عطيا ڏيندو رهندو هو جن مان ڪي هي آهن:

"محمدن يونيورسٽي"، علي ڳڙهہ لاءِ هڪ لک رپيا.

"مدرسة الاسلام"، ڪراچي لاءِ ساليانہ ٻارهن هزار رپيا.

"مدرسة الاسلام"، لاڙڪاڻہ لاءِ ساليانہ ٻہ هزار رپيا.

"مدرسة الاسلام" ميهڙ لاءِ ساليانہ ڇهہ سؤ رپيا.

"علي ڳڙهہ ڪاليج" لاءِ ساليانہ ڇهہ هزار رپيا.

"انجمن حمايت الاسلام" لاهور لاءِ هڪ هزار رپيا[3]

---

[1] Administration Reports, Khairpur State for 1906.

[2] بشارت علي، زيدي: "دارالسرور خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص 18.

[3] بشارت علي، زيدي: "دارالسرور خيرپور"، حوالو ڏنل آهي، ص 18.

مير امام بخش خان جي ايامڪاريءَ ۾ خيرپور رياست جي اسڪولن جو تفصيل هي آهي[1]:

| سال | اسڪولن جو تعداد | شاگردن جو تعداد |
|---|---|---|
| 1909_10ع | 98 | 3458 |
| 1910_11ع | 109 | 3858 |
| 1911_12ع | 114 | 4385 |
| 1912_13ع | 122 | 4478 |
| 1913_14ع | 123 | 4511 |
| 1914_15ع | 131 | 4941 |
| 1915_16ع | 129 | 5278 |
| 1916_17ع | 135 | 5213 |
| 1917_18ع | 137 | 5057 |
| 1918_19ع | 124 | 5200 |
| 1919_20ع | 123 | 5100 |
| 1920_21ع | 127 | 5223 |
| 1921_22ع | 137 | 5489 |

مير امام بخش خان جي ڏينهن ۾ "آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس" جو 1919ع وارو اجلاس خيرپور جي شهر ۾ ٿيو هو جنهن جو سمورو انتظام رياست جي طرفان ڪيو ويو هو. انهيءَ اجلاس ۾ ساري هندستان مان تعليمي شوق رکندڙ مسلمان اچي گڏ ٿيا هئا[2].

**مير علي نواز جو دور: 1921ع کان 1935ع:**

مير علي نواز خان تعليمي ادارن لاءِ نه صرف پنهنجي وڏن وارا منظور ٿيل گرانٽ جاري رکيا، پر انهن ۾ اضافو به ڪيو. 1925ع ۾ لاڙڪاڻي لاءِ به هزار رپيا ساليانه مقرر ڪيائين ۽ حيدرآباد جي هڪ بورڊنگ هائوس لاءِ ٽي هزار رپيا عطا ڪيائين. هن وقت مختلف جڳهن تان تعليمي خواهه پين ادارن جا ڪارندا ايندا ۽ امداد حاصل ڪندا رهندا هئا. هو ڪنهن به سواليءَ کي نه موٽائيندو هو[3]. ڪراچيءَ

(1) Gazetteer of the Province of Sind, B Vol. III, Sukkur, Distt; Govt. Central Press, Bombay. 1928.

(2) دين محمد وفائي، مولوي: "الوحيد، سنڌ آزاد نمبر"، ڪراچي، 1936ع، ص 106.

(3) Admininstration Reoprt of Khairpur State for 1925, p. 16.

جي مشهور هاسٽل جناح ڪورٽس، جنهن کي اڳ ۾ ”ليسلي ولسن مسلم هاسٽل“ سڏيندا هئا سا به خيرپور رياست جي خرچ تي تعمير ٿي هئي[1].

سندس ڏينهن ۾ 8 فيبروري، 1925ع تي آل سنڌ مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس جو اجلاس خيرپور ۾ ٿيو هو جنهن ۾ سنڌ جي تعليمي ترقي لاءِ بهترين رٿون بحال ڪيون ويون هيون. انهيءَ ڪانفرنس جو سمورو انتظام رياست جي طرفان ٿيو هو[2].

1924ع ۾ مير صاحب جي طرفان ”ناز هاءِ اسڪول“ جو پرنسپال آل انڊيا ايجوڪيشنل ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ دهلي ويو هو ۽ موٽي اچي ڪانفرنس جي رپورٽ پيش ڪئي هئائين[3].

مير علي نواز خان جي ايام ڪاريءَ جي اسڪولن جو ڪجهه تفصيل هيٺ ڏجي ٿو[4]:

| سال | اسڪولن جو تعداد | شاگردن جو تعداد |
|---|---|---|
| 1923_24ع | 148 | 6116 |
| 1924_25ع | 150 | 6315 |
| 1925_26ع | 141 | 6383 |
| 1926_27ع | 124 | 5798 |
| 1928_29ع | 120 | 5371 |
| 1929_30ع | 134 | 5430 |
| 1932_33ع | 129 | 6863 |
| 1934_35ع | 133 | 6600 |
| 1935_36ع | 128 | 6776 |

### مير فيض محمد خان ثاني جو دور: 1935ع کان 1947ع:

مير علي نواز خان 1935ع ۾ وفات ڪئي. ان کان پوءِ پاڪستان ٺهڻ تائين مير فيض محمد خان ثانيءَ جي نالي ماتر حڪومت رهي. اهو سارو عرصو حڪومت جو ڪاروبار سندس وزير خانبهادر اعجاز علي خان سنڀاليندو رهيو.

---

(1) علي محمد، شاهه، راشدي: ”اهي ڏينهن اهي شينهن“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1966ع، ص 53.
(2) Administration Report, Khairpur State, 1925, p.16.
(3) Ibid: 1935, p.20.
(4) Administration Reoprts for Various Years.

انهيءَ عرصي ۾ نہ فقط اسڪولن جي تعداد ۾ اضافو آيو پر شاگردن کي وڌيڪ سهولتون بہ مليون.

هن دور جي اسڪولن جو ڪجهہ تفصيل هي آهي:[1]

| سال | اسڪولن جو تعداد | شاگردن جو تعداد |
|---|---|---|
| 1936_37ع | 131 | 6616 |
| 1937_38ع | 153 | 7801 |
| 1938_39ع | 202 | 9123 |
| 1939_40ع | 209 | 9496 |
| 1947_48ع | 363 | ------ |

**مير علي مراد خان ثاني جو دور: 1947ع کان 1955ع:**

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي 1955ع تائين رياست جي آخري تاجدار، مير علي مراد خان ثاني جي دور اقتدار ۾ خيرپور جي تعليم اڳي کان وڌيڪ ترقي ڪئي. پرائمري تعليم بالڪل مفت ۽ لازمي ڪئي وئي ۽ ثانوي اسڪولن ۾ في جي معافي ڏني وئي. اعليٰ تعليم لاءِ شاگردن جي اسڪالرشپن جو تعداد وڌايو ويو ۽ اسڪالرشپن سان گڏ خرچ جي پورائي لاءِ ڪين قرض حسنہ (Debt of Honour) بہ ڏنو ويو. قرض حسنہ وٺندڙ شاگردن کي تعليم پرائڻ کان پوءِ نوڪري جي ضمانت ڏني وئي.

مير علي مراد خان جي طرفان هيٺين ادارن کي مستقل ۽ عارضي طور تي امداد ملندي رهي:

"سنڌ يونيورسٽي"

"جناح ڪورٽس"، ڪراچي.

"انڊسٽريل اسڪول"، ڪراچي.

"جامع مليہ ڪاليج"، ڪراچي.

"جناح لئبريري"، لاهور.

"انجمن ترقي اردو"، ڪراچي.

"سر سيد گرلز ڪاليج"، ڪراچي.

"آل پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس، ڪراچي"[2].

---

[1] Administration Reports Khairpur State for Various Years.

[2] نسيم امروهوي: "تاريخ خيرپور"، مراد پريس، خيرپور، ص 124.

1952ع ۾ خيرپور ۾ "آل سنڌ پرائمري تعليمي ڪانفرنس" ۽ "ڪل پاڪستان اردو ڪانفرنس" جا ٻه عظيم اجلاس ٿيا. جن ۾ ملڪ جا وڏا وڏا تعليمي ماهر شريڪ ٿيا[1].

ساڳئي سال "محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس" ڪراچي جي هڪ اجلاس ۾ خيرپور جي وزيراعليٰ مرزا ممتاز حسن قزلباش صدارت ڪئي ۽ رياست طرفان پنجن هزارن جو عطيو ڏنو ويو[2].

رياست خيرپور جي ون يونٽ ۾ ملي وڃڻ ڪري هتي پين اسڪولن سان گڏ هڪ ڊگري ڪاليج به هو جنهن ۾ آرٽس سائنس ۽ ڪامرس جي تعليم جو بندوبست ٿيل هو. ان کان سواءِ هڪ اعليٰ پئماني تي يونيورسٽي کولڻ جو پروگرام به هو.

هن وقت خيرپور ۾ هيٺيان تعليمي ادارا آهن[3]:

| | |
|---|---|
| پرائمري اسڪول | 800 |
| اي. پي ڪلاس | 17 |
| ايليمينٽري اسڪول | 6 |
| نئشنلائيزڊ مڊل اسڪول | 7 |
| مڊل اسڪول | 40 |
| ٽريننگ ڪاليج | 1 |
| ڪمپريهينسو هاءِ اسڪول | 1 |
| هاءِ اسڪول | 17 |
| ٽريننگ ڪاليج. فار وومين | 1 |
| گرلز هاءِ اسڪول | 1 |
| آرٽس ڊگري ڪاليج | 3 |
| سائنس ڪاليج | 1 |
| ڪاليج آف ٽيڪنالاجي | 1 |
| ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ | 2 |

---
(1) ايضاً
(2) الطاف علي. بريلوي، سيد: "سه ماهي رسالہ العلم"، اپريل تا جون 1964ع، ص 6.
(3) رڪارڊ آفيس، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر، خيرپور

# ميرن جي تهذيب ۽ تمدن جو مطالعو

**(الف) عام معاشرو:**

ميرن جي وقت ۾ سمورا ماڻهو پنهنجي حاڪمن سميت بلڪل فارغ البال هئا. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ معاشرو طبقن ۾ تقسيم ٿيل هو مگر مختلف طبقن ۾ هڪ ٻئي تي چڙهت ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ هئي. قاضيءَ جو پٽ قاضي، ملي جو پٽ ملو ۽ چاڪي جو پٽ چاڪي هو. ملن، موراڻن ۽ ڪاسبين کي آهت جو آن، جام ملندو هو. ڪڙمي جا ڪٽن مان ڪاسا ٿي ويندا هئا. عوام ۽ خاص تصوف جي رنگ ۾ رنگيل هئا. هندن جي ڳجهتين ۾ مسلمان ۽ مسلمانن جي سماع ۾ هندو بہ شريڪ ٿيندا هئا[1].

هندو خواه مسلمان، موج ۽ مزي سان رهندا هئا. مسلمان عيد براد تي قيمتي ڪپڙا پهري راڳ ويراڳ جون محفلون مچائيندا هئا ۽ هندو پنهنجي ڏڻن تي سانگ رچائي مزا ڪندا هئا. سمورا ماڻهو شوق شڪار ۽ ميلن ملاڪڙن جا ڪوڏيا هئا. گهوڙن ۽ اٺن ڀڄائڻ جون شرطون رکڻ، گهٽن، تترن ۽ ڪڪڙن جي ويڙهہ ڪرائڻ، شطرنج ۽ ٻيون رانديون کيڏڻ سندن خاص مشغلا هئا[2].

ملڪ جي اڪثريت غريبن ۽ ڪاشتڪارن جي هئي، جيڪي هر پنجهر کان سواءِ ٻيو ڪنهن سان واسطو نہ رکندا هئا. سندن سوسائٽي ڳوٺاڻي ۽ زرعي ماڻهن واري هئي. ڪين گهرو هنرن ۾ مهارت هئي. واپاري چالاڪ ۽ ذهين هئا ۽ بلڪل محفوظ ۽ امن آرام سان رهندا هئا.

---

(1) ڪريم بخش چنہ: "مضمون: سنڌ جو سماجي جائزو"، ٽہ ماهي مهراڻ، جلد نمبر 11، نمبر 2، جون 1962ع، ص 18.

(2) Sorley, H.T, Dr.: "Shah abdul Latif of Bhit," p. 108 to 112. & 136 to 140.

سڄو ملڪ سرسبز ۽ آباد هو جتي پيرن، فقيرن ۽ سادات جو وڏو احترام ڪيو ويندو هو[1].

مطلب تہ عام ماڻهو خوشحال، صلح پسند، مهمان نواز ۽ قاعدي قانون جو احترام ڪندڙ هئا[2].

شام جو جتي ڪتي ڪليل مجلسون ۽ عام ڪچهريون ٿينديون هيون، جتي دانا ۽ سياڻا، پريا مڙس ۽ جوان، هندو ۽ مسلمان اچي حاضر ۽ شامل ٿيندا هئا. عجيب عجيب الفت ۽ اتفاق، محبت ۽ مزي جون ڳالهيون هلنديون هيون[3].

هندن مسلمانن جا گهر گهرن سان، پاڙا پاڙن سان ۽ جنڊا جنبڻ سان گڏيا پيا هوندا هئا. سڀ پاڻ ۾ شير شڪر ۽ مکڻ ماکي ٿي پيا گذاريندا هئا. نڪي هئي ملڪ ۾ بيچڙي بک، نڪو هو قحط ۽ ڪال. ملڪ سائو ۽ سکيو هو. ان، کير ۽ مکڻ آل جال ۽ عام جام هئا. ماڻهو موج ۽ مزي سان، بي غما ۽ بي گوندرا ٿي گذاريندا هئا. امير فقير سڀ پنهنجن هٿن جي ڪتيل سٽ مان تيار ٿيل جوڙي جو پاڪ ۽ پيارو ڪپڙو پهريندا هئا. ڏيتيون ليتون، وڻج واپار ڏنڌو وهنوار سڀ پروسي ۽ اعتبار تي هلندڙ هئا. چوري چڪاري، ڪوڙ ڪپت ڪا اتفاق سان ڏسبي ٻڌبي هئي[4].

ملڪ ۾ ايترو سڪار هو جو ڪڇ جا ماڻهو بہ تنگيءَ جي وقت، قوت گذران لاءِ سنڌ ڏانهن ايندا هئا[5].

پير علي محمد راشدي جي لفظن ۾: "خيرپور، 1918ع ۾ بہ سنڌ جي پراڻي رهڻي ڪهڻي جي آخرين صورت هئي". اتي جا عام ماڻهو ٿڌا، شريف، مهمان نواز آهستہ رو ۽ ننگ پال هئا. حاڪم اشراف، همدرد ۽ وقت تي ٿري وجھڻ وارا هئا. ڪامورا ٿورڪائو محنتي، دوستي رکڻ ۽ دوستي نباهڻ جهڙا هئا. اهو دور بہ ڪچهرين، حالن احوالن ۽ لسي، ٿاڌل جو دور هو[6].

هن دور متعلق سنڌ جي مشهور شاعر مرتضائي جي هڪ ڏکهي نظم جو اختصار دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندو[7].

---

(1) Charles Message: "Narrative of various Journey", Vol.I, Oxford University Press, London, 1974, p. 379.

(2) Thomes Holdtric:"Gates of India", Macmillan & co. London, 1910, p. 365.

(3) فتح محمد، سيوهاڻي، حڪيم: "ميرن جي صاحبي"، ص 3.

(4) ايضا: ص 15 کان 17 ۽ 84.

(5) جيمس برنس: "سنڌ جي دربار"، ترجمو: محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1964ع، ص 62.

(6) علي محمد، شاهہ، راشدي: "اهي ڏينهن اهي شينهن"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1966ع، ص 45.

(7) غلام مرتضيٰ، شاهہ، مرتضائي: "سنڌي يوسف زليخا"، منظوم، مطبع جليل اڪيل، ڪراچي، 1892ع، ص 84 کان 88.

ادب آئين عمدا ۽ فضيلت
ڪچهريون فيض واريون ساڻ شوڪت.
شريفن جو سدائين هت شرف هو،
جدا درجي ۾ تن ڪان ناخلف هو.
عدالت سان شريعت مصطفائي،
۽ ملت سان طريقت مرتضائي
زمين سنڌ هئي زرخير هرجا،
ڪتل هو ڪونہ سيڪو خوش توانا
هو برڪت جو قدم هرهنڌ اهڙو
ڪمائي گهٽ هو وڌ تنهن کان نفعو ٿيو.
زميندارن تي سختي ڪانہ آئي،
رسي پيدائش جيڪا ڪيئون بڻائي.
نہ ڪامورن جو ايذاءُ نہ آزار،
رعايا تي هو جان قربان عملدار،
سيد سادات جو هو مانُ بي حد،
شريفن جو هو وڏو شان بي حد.
جتي حاڪم لٽا ميلا متا ات،
هزارن کي وڏا مطلب رسيا ات.
ستارو علم جو هر هنڌ تابان،
هئا سڀ علم وارا خوش بہ دوران.
قدر هو شعر ۽ اشعار وارو
مٿي شاعرن نصيبن جو ستارو
هو هڪڙو خواب وارو ڇهڇٽو ڪو
ڏنو جنهن آهي، دائم رت روئي سو.

## (ب) ميراڻو معاشرو:

### i. ميرن جي شڪل شبيھ:

مير شڪل شباهت ۾ بلڪل سهڻا ۽ من مهڻا هوندا هئا. سندن رنگ پورو بت پريل، پيشاني ڪليل، سينو ڪشادو ۽ منهن ويڪرو هوندو هو. هنن جا چپ سنها، وات ننڍو، نڪ ڊگهو اکيون چيرويون ۽ پرون جاڙا هوندا هئا. مطلب تہ سندن صورت

بلڪل سهڻي هوندي هئي. صورت سان گڏ سندن سيرت بہ ڏاڍي سني ۽ وڻندڙ هوندي هئي. هو هر طرح سان اخلاق جا پتلا ۽ سهڻي ڪردار وارا ماڻهو هوندا هئا[1]

ii. ميرن جو لباس:

مير پراڻين رسمن جا قائل هئا. ڪين ٻاهرين دنيا سان واسطو گهٽ هوندو هو. هو انگريزن يا ٻين جون سوکڙيون، زيور ۽ فرنيچر استعمال ۾ نہ آڻيندا هئا[2].

هو پنهنجي بلوچڪي رسم موجب سادي پوشاڪ پائيندا هئا. فقط گربيءَ جون سٿڻون پائيندا هئا. ڍگها ۽ پرت پريل چولا استعمال ڪندا هئا. پٽڪن جي بدران پرت پريل ڍگهيون ٽوپيون پائيندا هئا، جن ۾ جواهر جڙيل هوندا هئا. هڪ وڏو اوڇڻ چيلهہ سان ويڙهي، ڪلهن تي ورائي ڇڏيندا هئا.پيرن ۾ نباتي جتي پائيندا هئا[3].

سردي جي موسم ۾ انگرکن جي بدران قيمتي ڪشميري شالن جا پهراڻ پائيندا هئا، جن تي زريءَ جا ڳانا ۽ قنڌار جي ڪاري پشم لڳل هوندي هئي. ڪن موقعن تي ولايتي ڦولدار ريشم يا پٽ جا گرم استر ۽ ڪپهہ مان پريل ڪپڙا پائيندا هئا، جن تي تلوار يا خنجر جو ڌڪ اثر ڪري نہ سگهندو هو[4]. ڪڏهن ڪڏهن سائي اٽ جا ڪپڙا بہ پائيندا هئا، جن تي بهترين جواهر دار موتي جڙيل هوندا هئا. سندن خنجرن تي ميناڪاري جو ڪم ٿيل هوندو هو[5]. ڪڏهن سياري ۾ اوورڪوٽ وانگر چيٽ يا ڪنهن ريشمي ڪپڙي مان نهيل لبادا پائيندا هئا. سندن پهراڻ جي ڳچي سچي پاسي کان هوندي هئي. چيلهہ تي ڪمربند ٻڌندا هئا، جنهن ۾ خنجر يا ڪاتي هڻندا هئا. تلوار بہ ڪمر جي مٿان ٻڌندا هئا[6].

ميرن جي لباس ۾ خاص ڪپڙا هڪ لونگي، هڪ پٽڪو هڪ ڪشميري شال يا ٻئي ڪنهن قسم جو ڪمربند ۽ هڪ قيمتي قسم جي ٽوپي هوندي هئي. ان کان سواءِ هڪ تلوار، هڪ سونهري پٽو ۽ هڪ جڙاءُ دار ڍال بہ ساڻ هوندي هين[7].

سندن لباس ۾ ڍگهو چولو ۽ ويڪري سٿڻ هوندي هئي.هو چيلهہ سان ريشمي يا سوٽي ڪپڙو ويڙهيندا هئا. پنهنجا وار بہ نہ ڪوڙائيندا هئا ۽ پنيان ڳنڍ ڏئي ڇڏيندا هئا[8].

---

[1] زباني روايت: پانڌي خان چاڪراڻي، عمر اٽڪل 95 سال.

[2] Postans, T,: "Personel Observations on Sind",op. cit, p. 219.

[3] زباني روايت: مير ولي داد خان ٽالپر، ساڪن: ٽنڊو علي آباد، تعلقو روهڙي.

[4] جيمس برنس: "سنڌ جي دربار" جو ترجمو حوالو ڏنل آهي، ص 75 ۽ 76.

[5] Alexender Burnes: "Cabool", 2nd Edition, Govt. Press, Lahore, 1961, p. 25.

[6] قليچ بيگ، مرزا: "يادگيريون" يونيورسٽي پريس، حيدرآباد، 1958ع، ص 65 ۽ 66.

[7] Sorly, H. T. Dr.: "The Gazetteer of West Pakistan", op. cit. p. 219.

[8] Postanns, T,: "Personal Observations on Sind", op. cit. p. 219.

خيرپوري ميرن ۽ سنڌ جي ٻين ميرن جي پوشاڪ ۾ فرق اهو هوندو هو جو خيرپور جا مير پنهنجي پهراڻ جي هيٺان صدري ضرور پائيندا هئا ۽ صدريءَ جي مٿان نيم تنا هوندا هين.سندن لبادن جي اندران سامور (ٻڄ واري پشم) يا برو (گهنڊين واري ان) بہ هوندو هو. هو سياري جو ترشاخا توپ پائيندا هئا، جن ۾ هيٺيان برو ۽ مٿان زري لڳل مخمل هوندي هئي. مير علي مراد خان جي ڏينهن کان وٺي سلمي ۽ زريءَ جون ٽوپيون پائڻ شروع ڪيائون. هنن ۾ بوٽن جورواج مير علي نواز خان جي ڏينهن کان پيو[1].

### iii. عورتن جو لباس:

ميرن جون عورتون ننڍو پهراڻ سڄي پاسي واري ڳچيءَ سان چيلهہ تائين ۽ ڳوڙهين تائين پائينديون هيون. جيڪو اڪثر ڪري پٽ سان پريل هوندوهو. سندن سٿڻيون سوسيءَ جون چوڙين سان هونديون هيون. مٿي تي اڇو رئو ڪنديون هيون. سندن جتيون ٽن ٽڻون (گلن) سان هونديون هيون[2]. هو پيٽي ڪوٽ بہ ڪنديون هيون. ارهہ يا سيني کي ڍڪڻ لاءِ ڳچي تائين قابو ٽيل ڪپڙو هوندو هين. مٿي تي وڏو رئو ڪنديون هيون[3].اهي گربيءَ جي سٽڻ ۽ ململ يا ريشم جا چولا پائينديون هيون. سندن چولا پرت يا زريءَ تي پريل هوندا هئا. اڳي نباتي ۽ پوءِ تہ گليون جتيون پائينديون هيون. ميرن خواهہ ڪيترن ئي بلوچن جون عورتون برقعن بدران رئي مٿان سفيد چادر يا اجرڪ ڪنديون هيون[4]. سندن خاص ڪپڙا سوسيون، ريشمي گربيون، ململ،تسر، اجرڪ ۽ لويون هئا. زريءَ ۽ ريشمي ڪپڙن پائڻ جو رواج مردن ۽ عورتن ٻنهي ۾ هو[5].

### iv. زيور:

ميرن جي عورتن کي شاديءَ مرادي يا ٻين خوشيءَ جي موقعن تي، هيرن، جواهرن ۽ قيمتي زيورن پائڻ جو وڏو شوق هوندوهو. وٽن زيورن جي صورت ۾ ڪافي نوادرات موجود هوندا هئا[6]. سندن نٿيون چوڪريون ڪنن ۾ واليون پائينديون هيون. نڪ ۾ بولا ٻانهن ۾ ٻانهيون ۽ ڪنگڻ ۽ ڪاراين ۾ دستيون هونديون هين. هو

---

(1) زباني روايت: صاحبزادو حاجي مير غلام حسين خان، ٽالپر، ساڪن: ڪوٽڏجي.

(2) قليچ بيگ، مرزا: "يادگيريون"، حوالو ڏنل آهي، ص 68.

(3) Postans, T,: "Personal Observations on Sind", op. cit. p. 46.

(4) زباني روايت: مير، فدا حسين خان، ٽالپر، ساڪن: منگهن واري

(5) رحيم داد، مولائي شيدائي: "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي پريس، حيدرآباد، 1959ع، ص 635.

(6) Langley E.A,: "At the Court of Ali Murad", Vol. I, London, 1860, p. 253.

نونٿ وٽ بہ تعويذ پائيندڙيون هيون. سندن وارن ۾ سڳيون ۽ چوٽي ڦل هوندا هئا. ڳچيءَ ۾ دهري ۽ هار پائيندڙيون هيون. شاديءَ کان پوءِ نٿ هڪ پاسي ۽ بولو وچ ۾ ڪنديون هيون. نٿ جهلڻ لاءِ وارن ۾ اٽڪايل موتين جي سر هوندي هئي. هٿن ۾ چلا ۽ مُنڊيون ڪنديون هيون ۽ ويڙهہ بہ پائيندڙيون هيون. ٽنگن ۾ ڪڙيون، پازيب ۽ نورا هوندا هين. پيرن جي آڱرين ۾ بہ منڊيون پائيندڙيون هيون.[1]

ميرن جي گهرن ۾ زيور گهڻو ڪري سڀ سونا ۽ هيرن جواهرن سان جڙيل هوندا هئا. مجموعي طور تي هيٺيان زيور استعمال ٿيندا هئا.[2]

**منهن ۽ مٿي جا زيور:**

نٿ سوني سچن موتين سان ڏانوٽين سميت، بينو بولو ڪانتا، سر، پنڙا، واليون، نسبيون، موتين جون سڳيون چوٽي ڦلن سان، ٽڪا موتين، زمردن ۽ هيرن سان جڙيل، جهومڪ، چٽ ۽ جهالر.

**ڳچيءَ جا زيور:**

چندن هار دهري، ڪنڍي، چپڪلي، چلڪي، هسي، ڪنمال، گلوبند، تختيون ۽ نورتن.

**هٿن پيرن جا زيور:**

چوڙا، ڪنگڻ، دستيون، پونچيون، بازو بند، ٻانهن رکيون، ڪنگٽيون، چوڙيون، چوڙو ٻانهين، چلا، منڊيون، ويڙهہ، پازيب، ويجهول، نورا، ٽوڙها، پيرن جي اڱرين جا بند، آڱونيون، ڪڙو ڪڙيون، چيلهڪي، پيرن جي آڱرين لاءِ اٽوٽ، اڳٽ جڙاءُدار اڳٽ وجهڻي سوني يا روپي.

**متفرق:**

سون ۽ چاندي مان ٺهيل، زيورن رکڻ جون پيٽيون، دبليون، سيج بند، سرمي داٽيون، گلاب داٽيون، وٽيون، چاندي جي ڳنن سان پڪا ۽ سينگاردان وغيره.

**۷. حرم سراءِ:**

هر هڪ مير کي پنهنجو گهر جدا هوندو آهي. جنهن کي ڏيڏي سڏبو آهي. ميرن جي زالن کي "ديرو" سڏيندا آهن. هر هڪ ديري جي لاءِ جدا نوڪر چاڪر ۽ دايون ٻايون هونديون آهن. اوائل کان وٺي وچ تائين هرهڪ مير پرڻجڻ کان پوءِ جدا

---

[1] قليچ بيگ، مرزا: "يادگيريون" حوالو ڏنل آهي، ص 69، ۽ 70.

[2] زباني روايتون: مير، عبدالله خان، عباسي، ساڪن: صوبو ديرو ۽ جهامنداس، ساڪن: خيرپور، هٽي سونارا.

رهندو آهي. ميرن ۾ ڪابہ عورت بيواهہ ٿيڻ کان پوءِ ڪڏهن بہ ٻي شادي ڪانہ ڪندي آهي. نہ فقط ايترو پر جيڪڏهن ڪنهن عورت جو شادمانو يا مڱڻو ٿيو هجي ۽ نالي ڪيل مڙس شاديءَ کان اڳ۾ مري وڃي تہ اها عورت ساري ڄمار ويٺي هوندي ۽ ٻئي ڪنهن سان بہ شادي نہ ڪندي هئي[1].

ميرن جي زالن لاءِ ديري کان سواءِ "صاحب"، جو لفظ بہ استعمال ڪندا آهن. جيڪڏهن بہ زالون هونديون آهن تہ وڏيءَ کي "وڏا صاحب" ۽ ننڍيءَ کي "ننڍا صاحب" چوندا آهن. جيڪڏهن ٽين زال هوندي آهي تہ ٻئي نمبر واري زال کي "وچان صاحب" سڏيندا آهن. يا وري ڪيس سندس قوم جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جيئن مير علي مراد خان جي هڪ زال نوتڪاڻي قبيلي مان هئي، تنهن ڪري ڪيس نوتڪاڻي وارا صاحب سڏيندا هئا[2].

مير علي مراد خان جون ٽي غير بلوچ زالون "عالي سرڪار" جي نالي سان ياد ڪيون وينديون هيون. اهي ساڻن شڪار تي بہ ڪنيون هونديون هيون. انهن کان سواءِ ٻي ڪابہ عورت ٻاهر نہ ويندي هئي.[3]

### vi. ميرن جي عورتن جو معمول:

ميرن جون عورتون صبح جو ساجهر اٿنديون هيون ۽ نماز پڙهڻ کان پوءِ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪنديون هيون ۽ ڪجهہ ديني ڪتابن جو مطالعو ڪنديون هيون. ان کان پوءِ ناشتو ڪنديون هيون. ناشتي ڪانپوءِ پاڻ ۾ گڏجي شطرنج يا ڪا ٻي دماغي راند ڪنديون هيون. مير علي مراد جي ڏينهن تائين منجهن حقي ۽ چلم جو رواج بہ عام هو. ڪجهہ وقت پاڻ ۾ راند روند ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي باغ ۾ سير ۽ تفريح ڪنديون هيون. سير ۽ تفريح کان پوءِ پنهنجين ٻانهين ۽ نوڪراڻين ذريعي گهرو ڪم جي نظرداري ڪنديون هيون ۽ وري بہ راند ۾ مشغول ٿي وينديون هيون. يارهين وڳي کان پوءِ هڪ بہ ڪلاڪ ننڊ ڪنديون هيون. سندن ٻانهيون کين پکو هڻنديون هيون ۽ زور ڏينديون هيون. هو ننڊ مان اٿي تڙ ڪنديون هيون. ٻانهيون سندن وارن کان ڦڻي ڏيئي سينگارينديون هيون. هو بهترين قسم جا تيل ۽ خوشبوءِ استعمال ڪنديون هيون. کين گلاب جي گلن ۽ خوشبودار شين سان تمام گهڻو شوق هوندو هو. ٽيهري جي نماز کان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ڏولين يا محافن تي چڙهي پنهنجي عزيزن جي گهرن ڏانهن وينديون هيون ۽ پنهنجين هڪ جيڏين ۽ سهيلين

---

[1] زباني روايت: مير، امام بخش خان تالپر، ساڪن: ٻنگلو.
[2] زباني روايت: مير، امام بخش خان، تالپر، ساڪن: ٻنگلو.
[3] Langley, E.A,: "At the Court of Ali Murad", Hurst & Blacketb, London, 1860, p. 137.

سان ويهي ڳالهيون ٻولهيون ڪنديون هيون. سج لهڻ وقت هو جتي ٻه هونديون هيون، اتي پابنديءَ سان نماز پڙهنديون هيون. نماز کان فارغ ٿي ماني کائينديون هيون. مانيءَ کان پوءِ ويهي پاڻ ۾ ڪچهري ڪنديون هيون، يا ڳائڻين جي واتان سهرا ٻڌنديون هيون. پوءِ رات جي نماز پڙهي آرامي ٿينديون هيون[1].

vii. سواري:

ميرن کي ننڍپڻ کان وٺي گهوڙي سواريءَ ۽ تير اندازي جي سکيا ملندي هئي، تنهن ڪري وڏا شهسوار هوندا هئا. سندن سواريءَ لاءِ بهترين اٺ ۽ گهوڙا هر وقت موجود هوندا هئا. سندن ديرا ٻه محافن ۾ چڙهندا هئا ۽ مير وڏا ٻه گهٽو ڪري محافي ۾ چڙهندا هئا. سندن ديرا ٻه محافن يا ڏولين جي سواري ڪندا هئا .محافي يا ڏوليءَ لاءِ حمالن جو عملو مقرر ٿيل هوندو هو. مير صاحب ڪڏهن ڪڏهن ٻه گهوڙي يا چئو گهوڙي بگيءَ تي ٻه چڙهندا هئا. ميرن جي وهٽن تي پنهنجا پنهنجا نالا رکيل هوندا هئا. سندن اٺن مان " انگلو"، " چنگلو"، "سچاٽو" " سنجهو" ۽ "نياپو" تمام نالي وارا هئا. گهوڙن مان "گلشن"، "طائوس"، " آهو "، "رانجهو"، "چمو" ۽ "نگينو" مشهور هئا[2].

viii. هٿيار:

مير هٿيارن ۾ توبون، جامڪيدار بندوقون، رائفلون، تلوارون، پڙچيون، ڀالا، زرهون، خنجر ۽ ڪٽاريون استعمال ڪندا هئا. توبون حفاظت لاءِ قلعن تي رکيل هونديون هيون ۽ جنگ جي وقت هاٿين يا ڏاندن جي ذريعي ڇڪجي اينديون هيون. ميرن جي توبن مان "صفن صفا" ۽ "ميدان" مشهور هيون. بندوقون اڳ ۾ جامڪيدار ۽ پوءِ رائفلون استعمال ڪندا هئا. سندن بندوقن مان دلارام، بينظير، ملڪ ۽ رائفل ڪافي مشهور هيون. مير تلوار جا ڏٽي هئا ۽ هڪ ڌڪ سان دنبي کي ٻه اڌ ڪري سگهندا هئا[3].

جنگ جي ميدان ۾ وڏي بهادري سان وڙهندا هئا. هر هڪ مير کي پنهنجي تلوار هميشه چيلهه سان ٻڌل هوندي هئي. سندن تلوارن مان "موج"، "فتح جنگ"، "الماس" ۽ "سيراهي" مشهور هيون. سندن هٿيارن تي هيرا ۽ جواهر جڙيل هوندا هئا ۽ مٺن سون جو پاٽي چڙهيل هوندو هو[4].

---

(1) Langley, E. A,L op. cit., p. 251 to 255.

(2) زباني روايت: مير خدا حسين خان، ٽالپر، ساڪن: منگهڻ واري.

(3) جيمس برنس: "سنڌ جي دربار"، سنڌيءَ ۾ ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1964ع، ص 76.

(4) زباني روايت: صاحبزادو حاجي، مير غلام حسين، ٽالپر.

ix. **طعام:**

سنو صحت بخش، زود هضم ۽ عمدو طعام تهذيب جو مکيہ جزو آهي. ميرن جي دور حڪومت ۾ مغليائي، بلوچي ۽ سنڌي قسم جا طعام زيب دستر خوان هوندا هئا[1]. ميراٺو دستر خوان ڪشادو هوندو هو جتي طرح طرح جا طعام تيار ٿي ايندا هئا. هر هڪ طعام جي مٿان سونا ۽ چانديءَ جا ورق چڙهيل هوندا هئا. اجڪلهہ وانگر ڊونگن يا وڏن ڊاڪڻ ۽ چمچن جو رواج ڪونہ هو. هر هڪ مهمان آڏو هر طعام لاءِ جدا مخبو (ننڍڙو ڊاڪون) رکيو ويندو هو. جدا جدا طعامن جا مخبا وڏن مخبن (Trays) ۾ رکجي ايندا هئا، جن تي ريشمي پرت پريل وڏا رومال رکيل هوندا هئا. هٿن ڏٿارڻ لاءِ آبدار چانديءَ جون گينڊيون ۽ بدنا کڻي ايندا هئا[2].

ميرن جي طعامن مان هيٺيان طعام مشهور هئا:

**ٻوڙ:** ڪورمو، پونو اڇو پونو ڳاڙهو پونو سبزي گوشت، تڪرن جو ٻوڙ بيضن جو ٻوڙ دولمو ڪوفتا، مختلف قسمن جو منو ٻوڙ ۽ مختلف سبزين جا ٻوڙ.

**پلاءُ:** دم پخت، برياني، آنن جو پلاءُ، مڇيءَ جو پلاءُ، قورمو پلاءُ، متنجن (کٽ ۽ مٺ وارو پلاءُ)، ساڳ جو پلاءُ، ڪيلن جو پلاءُ، ڪارڪن جو پلاءُ، ايراني پلاءُ ۽ ڪچي برياني.

**چاشني:** (عام) پنرن واري چاشني، ايراني چاشني، روسي چاشني ۽ مزعفر (ڏاڍي مٺي ۽ زعفران پيل چاشني).

**ڪباب:** سيخ ڪباب، تڪا ڪباب، گلوان جو ڪباب، طاس ڪباب، پهتي ڪباب، گندي (سڄو ڇيلو يا هرڻ پڪل)، سڄي مرغ مسلم، سيخن ۾ هرڻ ۽ تتر پڪل ۽ تلور پڪل.

**مختلف قسمن جا حلوا:** ملڪوتي (هڏن جي مک مان جيلي)، يخ دربهشت (خوشبودار فالودو) مختلف مٺايون، بسريون، اڦراٽا، نشاستي جي ماني، سنبوسا، مربا، آچار چٽڻيون وغيره.

**پلاءِ ڏنيرا:** (تريل، سٽيل، داسيل ۽ ڪوڪ).

ماني کان پوءِ بهترين قسم جا مختلف شربت ۽ ٿاڌليون پيش ڪيون ويندون هيون. چانهہ وغيره جو رواج ڪونہ هو. ان جي بدران ٿاڌل يا شربت حاضر ٿيندا هئا. ماني کان اڳ ۾ مهمانن کي عطر لڳايو ويندو هو[3].

---

[1] غلام مرتضي: شاهہ سيد: "سنڌي ڪلچر"، نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي، 1974ع، ص 68.

[2] زباني روايت: سرائي، امداد علي خان، ساڪن: ڪوٽڏجي.

[3] زباني روايت: صاحبزادو حاجي، مير غلام حسين خان، ٽالپر، ساڪن: ڪوٽڏجي.

**x. مهمان نوازي:**

ميرن جي مهمان نوازي ملڪن ۾ مشهور هوندي هئي. هونئن ته سندن لنگر ائٽي پهر جاري هوندو هو. جتان آيو ويو ۽ غريب غربو پيٽ کائيندو هو پر ڪو وڏي حيثيت وارو مهمان وٽن ايندو هو ته ان لاءِ مختلف قسمن جا طعام ۽ ضرورت کان وڌيڪ هر چيز مهيا ڪري ڇڏيندا هئا. ٻين ملڪن جا سفير به وٽن ايندا هئا ته سندن خلوص ۽ محبت جا ڳڻ ڳائيندا هئا. ميرن وٽ ٻين ملڪن جا نواب، سردار ۽ سفير هميشه مهمان ٿيندا هئا. انهن کان سواءِ پير، فقير، مخدوم ۽ عالم فاضل وٽن ايندا رهندا هئا ۽ سيني جو حسب حيثيت آڌرڀاءُ ڪندا هئا.

**xi. سخاوت:**

مير وڏا مهمان نواز ۽ سخي مرد هوندا هئا. سندن در تان ڪو به سوالي خالي نه ويندو هو. هو سوالين کي اٺ، گهوڙا ۽ سروپائون بخشيندا هئا. اديبن ۽ عالمن کي به دهرا دان ڏيندا هئا[1].

**xii. وهم:**

ميرن جي وقت ۾ شڪ شبها ۽ وهم ملڪ جي سيني ماڻهن ۾ هوندا هئا ۽ مير به ڪيترن ڳالهين ۾ وهم رکندا هئا. جيڪڏهن ڪيڏانهن شڪار تي ويندا هئا ۽ سندن کاٻي پاسي کان تتر اڏامندو هو ته پوءِ بدشگوني سمجهي گهر موٽي ايندا هئا[2]. ستارن جي سعد ۽ نحس هجڻ تي به اعتبار ڪندا هئا ۽ قمر در عقرب واري وقت ۾ به ڪو نئون ڪم نه ڪندا هئا. هر هڪ مير وٽ، پنهنجو فالنامو هوندو هو ۽ ٻاهر اسرڻ کان اڳ ۾ فال ڏسندو هو[3]. جيڪڏهن ڪنهن ڏوهي تي جرم ثابت نه ٿيندو هو ۽ شڪ جي حالت پيدا ٿيندي هئي ته پوءِ پاڻي ۽ باهه جي آزمائش ونندا هئا. شڪي ماڻهوءَ کي چوندا هئا ته هو پنهنجو پاڻ پاڻيءَ ۾ وجهي. پوءِ هڪ ماڻهو ڪمان مان گز هٽندو هو ۽ ٻيو اهو گز ڪٽي ايندو هو. جيڪڏهن گز ڪٽي اچڻ تائين شڪي ماڻهوءَ ساهه منجهائي وبو ته هن کي بيگناهه سمجهي ڇڏي ڏيندا هئا. پر جيڪڏهن هو اڳ ۾ ئي ساهه نه منجهائي سگهڻ جي حالت ۾ پاڻيءَ کان مٿو ٻاهر ڪڍندو هو ته کيس ڏوهي سمجهي سزا ڏيندا هئا. ساڳي طرح ست هٿ ڊگهي کڏ ۾ مچ مچائي، شڪي ماڻهوءَ جي ٽنگن کي ڪيوڙي جا پن ويڙهي ان مچ مان لنگهائيندا هئا. جيڪڏهن هو سواءِ ڪنهن ايذاءِ اچڻ جي مچ مان نڪري ويندو هو ته کيس

---

[1] وڏن کان ٻڌل زباني روايت: مير، فدا حسين خان، ٽالپر.

[2] زباني روايت: مير،حسين بخش خان عرف مير ڇتل خان، ساڪن: ٽنڊو علي آباد.

[3] زباني احوال: مير، ولي داد خان، ٽالپر، ساڪن: ٽنڊو علي آباد.

بيگناهہ سمجهي ڇڏي ڏيندا هئا. ٻي حالت ۾ ڪيس ڏوهاري سمجهي سزا ڏيندا هئا[1].

ميرن جي ڏينهن ۾ ڪجهہ عامل "حاضرات" جو علم بہ ڄاڻندا هئا. جنهن وسيلي هو چوري وغيره. جي جاچ ڪندا هئا[2]. حاضرات کان سواءِ ڪجهہ مير جنن ۽ پوتن جي آسيب جو عقيدو بہ رکندا هئا. هڪ دفعي مير علي مراد خان جي بيمار ٿيڻ وقت مير محمد مراد خان ۽ ٻيا مير الهڏني نالي هڪ پوپي کي وٺي آيا هئا. پوپي ڪافي ڪوشش ڪئي مگر مير علي مراد خان نہ لهر ڪئي ۽ نہ وري سندس جاڳر وجهڻ واري ڳالهہ تي اعتبار ڪيائين[3].

xiii. ميرن جي عيد:

ميرن جي ڏينهن ۾ خيرپور ۾ عيد وڏي ڌام ڌوم سان ملهائي ويندي هئي. عيد کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ شام جو مخدومن جو سجاده نشين چنڊ ڏسڻ جي ثابتي وٺي عيد جي فتويٰ ڏيندو هو ۽ مير صاحب جي حڪم سان توبون ڇوڙيون ونديون هيون. شهرجي مسجدن ۽ سرڪاري جاين ۾ چراغان.ڪيو ويندو هو. ماڻهو ساري رات خوشي ڪندا هئا ۽ عيد جي تيارين ۾ مصروف رهندا هئا. صبح جو ساجهر توبون ڇوڙيون ونديون هيون، پوءِ دهلاري عيد نماز تي هلڻ لاءِ خيرپور جي شهر ۾ پڙهو ڏيندو هو[4]. ڏهين ٻجي تائين عام ماڻهو عيدگاهہ ۾ پهچي ويندا هئا. ان مهل تائين مير پنهنجي مخصوص ماڻهن سان پنهنجي گهر عيد نماز پڙهي وٺندا هئا. ان کان پوءِ وڏي مير صاحب جو محافو نڪرندو هو جنهن جي پنيان ننڍا مير صاحب، وزير، سردار ۽ ٻيا ماڻهو هڪ وڏو جلوس ٺاهي عيدگاهہ ڏانهن هلندا هئا. عيد گاهہ تي هڪ وڏو اجتماع ٿي ويندو هو. عيد جي نماز مخدومن جو سجاده نشين پڙهائيندو هو. نماز پڙهڻ کان پوءِ وري بہ مير صاحب محافي ۾ چڙهندو هو ۽ سندس پنيان ساڳي طرح جلوس هلندو هو. مير صاحب جو جلوس دربار هال تي ختم ٿيندو هو ان وقت بہ توبون ڇوڙيون ونديون هيون. پوءِ مير صاحب هڪ ڪليل ڪچهري ڪندو هو جتي شهر جا معزز ماڻهو اچي ڪٺا ٿيندا هئا ۽ مير صاحب کي "عيد مبارڪ" ڏيندا هئا. آيل ماڻهن کي عطر لڳائي، شربت پياريو ويندو هو. ان کان پوءِ ٻنا شاعر تهنيت جا قصيدا پيش ڪندا هئا. شاعرن کي مير صاحب جي طرفان انعام ڏنو ويندو هو. پيش امام کي بہ خلعت ۽ انعام ملندو هو. انهي موقعي تي رياست جا پير،

---

[1] قليچ بيگ، مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 120.

[2] زباني روايت: مير، فدا حسين خان، ٽالپر، ساڪن: منگهن واري.

[3] احمد علي، سرائي: "سفرنامو"، فارسي، قلمي.

[4] وڏن کان ٻڌل زباني روايت: مير حسين بخش خان، ٽالپر عرف مير، ڇتل خان، ٽالپر، مير، مبارڪ خان جو پوٽو

فقير ۽ ٻيا معزز به مبارڪ ڏيڻ ايندا هئا ۽ سڀني جو حيثيت مطابق آدرڀاءُ ڪيو ويندو هو. وزير صاحب طرفان اميرن، سردارن ۽ ٻين ماڻهن جي لسٽ پيش ٿيندي هئي، جنهن موجب ڪين پروانا، لونگيون ۽ خلعتون ملنديون هيون. ان ڪان پوءِ مخدوم صاحب دعا گهرندو هو ۽ سڀئي ماڻهو مير صاحب سان گڏجي ماني کائيندا هئا.

ماني کان پوءِ هر هڪ ماڻهومير صاحب کان موڪلائي گهر ڏانهن ويندو هو. موڪلائڻ وقت به ڪين عطر لڳائي شربت پياريو ويندو هو[1].

xiv. ميرن جي دربار:

ميرن جي دربار هڪ وڏي هال ۾ ٿيندي هئي. جنهن جي ڀتين تي گلڪاري ٿيل هوندي هئي. دروازن ۽ درين تي ريشمي ڪپڙي جا پردا ڏنل هوندا هئا. ميرن لاءِ اڌ گول جي دائري ۾ هڪ مسند وڇايل هوندي هئي. مسند جي وچ تي وڏي مير لاءِ هڪ ٿلهي گدي رکيل هوندي هئي. ان تي پٽ ۽ زريءَ جو سهڻو پرت پريل هوندو هو. مسند جي مٿان ولائتي ريشمي ڪپڙي جو پوش هوندو هو. ان جون ڪنڊون سونن ڇاپن سان پٽل هونديون هيون. مير وڏي جي گديءَ جي پنيان هڪ پرت پريل بخمل جو طول وهاڻو هوندو هو. گدي جي ٻنهي پاسن کان صاحبزادا ويهندا هئا. جن جي پنيان به طول وهاڻا هوندا هئا. سفيد پوش خدمتگار ميرن جي پنيان تلوارين ۽ ڍالن سان بيٺا هوندا هئا. مسند جي سامهون هيٺ گلم ۽ گوناگون قسمن جا غاليچا وڇايل هوندا هئا. جن تي حيثيت مطابق وزير، سردار ۽ امير ويهندا هئا. انهن جي آڏو چانديءَ جون چلمچون رکيل هونديون هيون. دروازن تي چوبدار سونيون ۽ روپيون لٺيون ڪنيو بيٺا هوندا هئا[2].

مسٽر پوسٽنس (Postans) جي لکڻ موجب خيرپور جي دربار ۾ حيدرآباد جي دربار کان تڪلفات ڪجهه گهٽ هوندا هئا. هي دربار بلوچي قسم جي دربار هوندي هئي ۽ قومي روايتن جي لحاظ کان هر طرح سان منفرد هئي[3].

xv. ميرن جون خصلتون:

ٽالپر حاڪم وڏا لائق، خوش خلق ۽ قربن ڀريا ماڻهو هئا. جن جي سهڻي هلت ڪي ڏسي، مغربي ماڻهو عجب ۾ پئجي ويندا هئا. هو وڏا مهمان نواز ۽ هردلعزيز ماڻهو هئا. برنس ۽ پاٽنجر سندن اخلاق، شان شوڪت ۽ اٿڻي ويهڻي کان تمام گهڻو متاثر هئا[4].

---

(1) زباني روايت: مير وليداد خان، ٽالپر، ساڪن: ٽنڊو علي آباد.

(2) زباني روايت: مير، ڀڳو خان، ٽالپر، ساڪن: مير محمد خان جو ڪوٽ.

(3) Postans, T: "Personal Observations on Sind", op. cit. p. 213.

(4) Sorley, H. T. Dr.:"Shah Abdul Latif on Bhit", p. 143 & 144.

ميرن جي ساري خاندان کي هڪ نظر سان ڏسبو تہ سندن اخلاق ۽ تهذيب جي تعريف ڪرڻي پوندي ۽ اهو قبول ڪرڻو پوندو تہ هو جنهن ترقي ۽ اوج تي رسيا آهن، تنهن جي لائق بہ آهن. سندن شهزادن کي اهڙي لياقت ۽ فضيلت هئي، جا يورپي يا ٻئي ڏيهي ماڻهوءَ ۾ ورلي نظر ايندي. هنن جي نشست ويرخواست جو طريقو بہ اهڙو ئي تحسين جوڳو هو جهڙي سندن شڪل شباهت هئي[1].

ميجر آئوٽرام هڪ دوست ڏانهن خط ۾ لکيو هو تہ جنهن نموني سان حيدرآباد ۾ چار حاڪم ۽ خيرپور ۾ چار حاڪم حڪومت هلائي رهيا آهن، اهو ڏارين جي ڏسڻ ۽ تحسين ڪرڻ جوڳو آهي. هر هڪ حاڪم پنهنجن ماڻهن تي مزي سان حڪومت ڪري رهيو آهي[2].

xvi. ميرن جو معمول:

مير صبح جو سوير اٿندا هئا نيرن تائين درخواستن جو نيڪال ڪندا هئا. ازانسواءِ مالي قسم جي لکپڙهہ تي بہ حڪم ڏيندا هئا. ٽي چار ڪلاڪ ننڊ ڪندا هئا. شام جي نماز کان پوءِ هر هڪ مير عام دربار ڪندو هو جنهن ۾ ڪامورا، عملي جا ماڻهو سردار ۽ ٻيا ايندا هئا. اتي جيڪي بہ معاملا پيش ايندا هئا، تن جا فيصلا ڪندا هئا. اها دربار اڌين وڳي تائين هلندي هئي. ان کانپوءِ هو حرمسرا ڏانهن هليا ويندا هئا، يا ڪنهن کان قصو ڪٿائيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ادبي ڪچهري ڪندا هئا يا ناچ گاني جي محفل برپا ڪرائيندا هئا، شڪار کان سواءِ ٻي ڪا بہ ورزش نہ ڪندا هئا. ڪڏهن وري اوليائن جي قبن جي زيارت لاءِ ويندا هئا[3].

جيمس برنس جي مشاهدي موجب هو پنهنجو ڪاروبار پرڀات کان بہ ڪلاڪ اڳ شروع ڪندا هئا. ان وقت هو خانگي دربار ڪندا هئا. جنهن ۾ پڪارون ٻڌندا ۽ پنهنجن علائقن جو انتظام ڪندا هئا. اهو ئي هڪ وقت هوندو هو جڏهن پنهنجي پڳ پائيندا هئا، سج اڀرڻ وقت ڪپڙن بدلائڻ لاءِ پنهنجن ڪمرن ۾ ويندا هئا ۽ ٿوري وقت کان پوءِ موٽي دربار ۾ ايندا هئا، جتي سندن سمورو خاندان باقاعدي موجود هوندو هو ۽ جتي حڪومت جو سمورو ڪاروبار هلايو ويندو هو. جيڪي خط رات جو يا اڳئين ڏينهن تي آيل هوندا هئا، سي هنن جي اڳيان ڍڳ ڪري رکيا ويندا هئا. يارهين بجي تائين خطن پڙهڻ، انهن تي حڪم ڏيڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ تي وقت صرف ڪيو ويندو هو. پوءِ هو ناشتي لاءِ اٿندا هئا، ٻي وڳي وري ٻاهر نڪرندا هئا ۽

---

(1) جيمس برنس: "سنڌ جي دربار"، ص 38 ۽ 40.

(2) Goldsinel, F. J. Sir.: "Jamous Outram", Vol. I, 2nd. Edition, Sind & Co, London, 1881, p. 314.

(3) Postans, T.: "Personal Observations on Sind", op. cit. p. 225.

سج لهڻ تائين گڏ هوندا هئا. ان کان پوءِ وچي هر ڪو پنهنجي گهر آرامي ٿيندو هو[1]. مير ايراني نموني جي نشست برخواست تي زور ڏيندا هئا[2].

خيرپور جي حڪومت جو باني، مير سهراب خان صبح ساڻ نماز کان پوءِ دربار خاص ۾ خاص اميرن سان ملاقات ڪندو هو. اهم معاملن تي مشورن بعد دربار عام ٿيندي هئي، جتي هر ڪنهن کي اچڻ جي عام اجازت هوندي هئي. دروازي تي فقط هڪ دربان هوندو هو. يارهين وڳي تائين فارغ ٿي بورچي خاني جو درڪولرائيندو هو. اول مهمانن، مسافرن، ملازمن ۽ متعلقين کي کاڌو کارايو ويندو هو. پوءِ پکين ۽ حيوانن جي نظرداري ڪئي ويندي هئي. ان کان پوءِ ماني کائيندو هو. سندس دستر خوان تي خاندان وارا ۽ خاص ملازم شريڪ ٿيندا هئا. ٻارهين وڳي فارغ ٿي، ڇئين وڳي تائين گهر وچي آرام ڪندو هو. پوءِ وري شام تائين دربار عام هوندو هو[3]. مير رستم خان جو به اهو ئي معمول هوندو هو[4].

مير علي مراد خان جو گهڻو وقت ٻاهر شڪار ۾ گذرندو هو. سندس نوڪرن جو هجوم به گهوڙن سميت ساڻن ڪنو رهندو هو. جڏهن ڪوٽڏيجي ۾ ايندو هو تڏهن صبح جو سوير شڪار تي ويندو هو. نائين وڳي موٽي ايندو هو ۽ ناشتو کائيندو هو پوءِ لانڍيءَ ۾ ڪچهري ڪندو هو. عرضيون پڙهي، عرضدارن کي چوندو هو ته "اوهان جي جاچ بعد بندوبست ڪبو." پوءِ جيڪا ٽپال هوندي هئي تنهن جو نيڪال ٿيندو هو. پوءِ راڳ ڳائڻ ۽ وڄائڻ وارا ايندا هئا. پوءِ آرام ڪندو هو. وري ٻنپهرن کان پوءِ اٿندو هو. وهنجي پنهنجي بندوق سان نشان چٽيندو هو يا ڪتن ۽ بازن جو شڪار ڏسندو هو. اهو سندن هر روز جو ڪم هوندو هو[5].

خانبهادر خدا داد خان جي لکڻ موجب مير علي مراد خان صبح جي نماز پڙهڻ سان قرآن پاڪ جا حافظ گهرائيندو هو جيڪي خوش الحاني سان قرآن پاڪ پڙهندا هئا ۽ مير صاحب ويهي ٻڌندو هو. ان کان پوءِ مقرر ڪيل ورد وظيفي ۾ مشغول ٿيندو هو. سج اڀرڻ سان شڪار تي هليو ويندو هو. شڪار تان موٽي اچي ڪچهري ڪندو هو ۽ نيرن به کائيندو هو. ان بعد راڳ ٻڌندو هو. پوءِ ٿورو آرام ڪري، وري شڪار تي ويندو هو. صبح جو هرڻ ۽ ٻين جانورن جو شڪار ڪندو هو ۽ شام جو بازن سان پکين جو شڪار ڪندو هو پوءِ موٽي وري اچي راڳ ٻڌندو

---

[1] جيمس برنس: "سنڌ جي دربار"، حوالو ڏنل آهي، ص 73.
[2] رچرڊ برٽن: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون،" سنڌي ترجمو حوالو ڏنل آهي، ص 151.
[3] نور احمد، خان، فريدي: "مضمون بلوچي دنيا"، ملتان، مئي 1960ع، ص 24 ۽ 25.
[4] زباني روايت: مير فدا حسين خان ٽالپر، مير رستم خان اول جو پڙپوٽو.
[5] قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور رياست جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 124.



زيور: زنجيري ۽ سيج بند



زيور: جهلهڪي، مالها،
تختيون، سڳيون



زيور: اڳٺ، ڪڙو ۽ پازيب



ريون: پوتچيون، ٻاٽيهن رڪيون ۽ ڏهريون



رلهيون



رلهي- ٽلڙي پنڊي پکو وغيره



جنڊيءَ جو ڪم

هو. راڳ ٻڌڻ کان پوءِ آرامي ٿيندو هو. ناشتي واري وقت جيڪا ڪچهري ٿيندي هئي، ان ۾ عرضدارن جون شڪايتون ٻڌي ٿڌي تي پاڻ فيصلو ڪندو هو يا ڪنهن معتبر ماڻهوءَ کي فيصلو حوالي ڪندو هو[1].

**(ٺ) ريتون رسمون:**

مير پراڻي رسم ۽ رواج جا قائل هوندا هئا ۽ پنهنجين قومي روايتن کي قائم رکڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا[2]. سنڌ جي ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ ڪري هتان جون ڪجهه رسمون بہ منجهن اچي ويون. ان کان سواءِ ٽڪرن ۽ سوڍن مان شادين ڪرڻ سبب سنڌن شادي ۽ غمي جي رسمن ۾ بہ ٿوري ڦير ڦار آئي. هتي اسان سنڌن ريتن ۽ رسمن جو جائزو وٺنداسون.

i. سڱابندي:

ٽالپر پنهنجي نسل ۾ بلوچي خون قائم رکڻ جي وڏي ڪوشش ڪندا آهن ۽ گهڻو ڪري پنهنجن چاچن، مامن يا ويجهن عزيزن مان شادي ڪندا آهن. هنن ۾ پاڻ ۾ ڏي وٺ ڪرڻ جو رواج گهڻو آهي. جيڪڏهن بدلي ۾ سڱ نہ هوندو اٿن تہ، پوءِ بنا عيوض وٺڻ جي ئي عزيزن کي سڱ ڏئي ڇڏيندا آهن.

مير شهداد خان وڏي پنهنجي سوٽ جي پٽ مير مسو خان ماڻڪاڻي کي بنا عيوض جي سڱ ڏنو هو. اهڙيءَ طرح مير بهرام خان، مير فتح خان کي پنهنجي ڀاڻيجي ڏني. مير سهراب خان پنهنجي ڀيڻ مير محمود خان ولد مير بهرام خان کي ڏني هئي ۽ مير عبدالله خان جي شادي مير صوبدار خان شهيد جي گهران ٿي هئي. مير غلام علي خان مير ٺاري خان ماڻڪاڻي جي ڀيڻ سان پرڻيو هو[3].

مير سهراب خان جي گهر ۾ مير ڄام ننڍي خان جي نياڻي هئي ۽ سندس پٽ مير رستم خان وري ڄام ننڍي جي پٽ مير ڄام فيروز خان جي گهران شادي ڪئي هئي[4]. مير علي مراد خان خيرپور واري پنهنجي ڀائرن جي برخلاف هجڻ جي باوجود پنهنجون نياڻيون مير رستم خان جي پوٽي مير محراب خان ۽ مير غلام حيدر خان جي پوٽن مير غلام حيدر خان ثاني ۽ مير حسن علي خان کي ڏنيون هيون[5].

---

[1] خداداد خان: "خيرپورنامو" فارسي، گورنمينٽ پريس، ڪراچي، 1894ع، ص 33 ۽ 34.

[2] Postans, T: "Personal Observations on Sind", on . cit. p. 219.

[3] حاجي، مير محمد خان جو خط 20 آڪٽوبر 1975ع.

[4] زباني روايت: مير، غلام علي خان، ٽالپر، ساڪن: صوبو ديرو.

[5] زباني روايت: مير، فدا حسين خان، ٽالپر، ساڪن: منگهن واري.

جيڪڏهن ميرن کي پنهنجي برادري ۾ سڱ نہ هوندو آهي تہ پوءِ حاجي زئي مرين، نظاماڻين يا راجپوت سوڍن سان مائٽي ڪندا آهن. مير سهراب خان وڏو مرين ۽ سوڍن مان بہ پرڻيو هو[1].

## ii.سڱ جي ڳولا:

مير سڱ جي ڳولا لاءِ گهڻو ڪري ٻانهيون، دايون، ميراڻيون يا ٻلهاڻي قوم جون عورتون موڪليندا آهن ۽ کين تاڪيد ڪندا آهن تہ اهڙو سڱ ڳولي اچن جيڪو شڪل شباهت ۾ بہ چڱو هجي ۽ سندن ستن پيڙهين ۾ بہ ڪا آل (عيب) نہ هجي، يعني هن جي ڏاڏاڻن يا ناناڻن ۾ ڪنهن غير بلوچ جي گاڏڙ نسل جو خون نہ هجي. اهي عورتون سڱ ڏسي ايندڀون آهن، تہ وري مزيد تفصيل هٿ ڪرڻ لاءِ وڏيڪ معتبر عورتون موڪليون ويندڀون آهن. جڏهن حيثيت مطابق ٻانهن جي پڪ ٿيندي آهي، تڏهن اهي ئي عورتون وڃي ڪنواريتن کي اشاري طور ڳالهہ ڪري، مائي جو رضامندو حاصل ڪري ايندڀون آهن. ڪڏهن ڪڏهن سڱ گهرڻ لاءِ هڪ ٻلهاڻي بہ خط سان موڪليندا، جيڪڏهن ڪنواريتا وڏي حيثيت وارا هوندا هئا ۽ راضي نہ ٿيندا هئا، تہ پوءِ ڪو سيد يا پير فقير موڪليو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ميرن جا ديرا پاڻ ميڙ تي ويندا آهن، ڇو جو ٻروچن کي ڪڏهن نياڻيءَ کي جواب ڏئي موٽائڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن ڳالهيون پڪيون ٿي ويندڀون آهن، تڏهن گهوٽيتا مٺائي تقسيم ڪندا آهن ۽ مٺائي جون ڪٽيون پري ڪنواريتن ۽ برادر ڏانهن موڪليندا آهن[2].

## iii. شادمانو:

جڏهن ڪنواريتا سڱ ڏيڻ لاءِ هائو ڪندا آهن ۽ مٺائي وغيره ورهائجي ويندي آهي، تڏهن گهوٽيتا هڪ شغل ڪندا آهن، جنهن کي شادمانو سڏبو آهي. انهيءَ موقعي تي سڄي برادريءَ کي سڏبو آهي. سڀ گڏجي ڪنواريتن ڏانهن ويندا آهن. عورتون هينيون سامان کڻي هلنديون آهن: پڪي مٺائي، باداميں ۽ مصرين جا ست ست ڪنا، گربيءَ جي سائي سٽڻ، گج پريو ململ جو چولو ننهي ٻڏل کهنبو سونا والا ۽ در سوني سئي، روپي وٽي، کير منڊي، سونن چلن وارو جوڙو جتيون تہ گليون بہ جوڙا، سڳيون ۽ اڳٺ.

گهوٽ جي ماءُ يا سندس ويجهي سهاڳڻ عزيزياڻي سوني سئي، ڪيسر يا سندر ۾ ٻوڙي، ڪنوار جي نڪ تي هڪ ٽڪو ڪيندي آهي ۽ ان ٽڪي واري جاءِ تي نڪ

---

[1] زباني روايت: رئيس، مير، محمد خان، مري، ساڪن: ٽنبو مستي خان.
[2] زباني روايت: حاجي، مير، محمد بخش خان. ٽالپر.

سبندي آهي. پوءِ اها سئي نپائڻ واري دائي کٽي ويندي آهي. اتي سمورا ديرا گڏجي سورهن سورهن رپيا ويل جا ڏيندا آهن، جيڪي بلهاڻ کٽندي آهي. ان وقت فقيرياڻيون جيڪو لاڏو ڳائينديون آهن، ان کي ”سريهڙو“ سڏبو آهي.

شادماني تي ست رڇي پچندي آهي، ست رڇي جا خونچا کٽي هر هڪ ديري تي پهچائيندا آهن. هر هڪ خونچي ۾ ڏهه ڏهه ڊاڪون هوندا آهن. پرستار زاده، ميرن جي ديرن تي پنج پنج ڊاڪون موڪلبا آهن. ڪائي پي خوشي ڪرڻ کان پوءِ گهوٽيتا پنهنجي گهر موٽي ايندا آهن[1].

iv. مڱڻو:

شادماني کان ڪجهه ڏينهن پوءِ مڱڻي جي تقريب ٿيندي آهي. هن موقعي تي زنانا ڪپڙا، جتيون، اڳٺ، سڳيون ۽ رومال پنج پنج جوڙا ۽ سمورا زيور کٽي هلندا آهن. انهن مان هڪ وڳو ڪنوار کي پارائيندا آهن ۽ باقي وڳا وغيره ڪنوار جي ماءُ کٽي رکندي آهي ۽ ڏاج ۾ موٽائيندي آهي. ڪنوار جو پيءُ هڪ لونگي کٽي اچي گهوٽ جي ڪلهن تي رکندو آهي. هن کي شربت جوگلاس پياري رومال بہ ڏيندو آهي. ۽ سوني منڊي بہ پارائيندو آهي. پوءِ ٻانهي ٿالهه ۾ ٻُسريون کٽي ايندي آهي، جيڪي ڏاڏي پوٽا کائيندا آهن. پوءِ ٻانهيون گهوٽ کي اندر وٺي ويندويون آهن، جتي هو پنهنجي سس کي پيرين پوندو آهي. بلهاڻ يا ميراسڻ وٺو جهلي ويل وٺندي آهي. دهلاري در تي دهل وڄائيندا آهن. اهي سمورا سوڻ گهٽو ڪري صبح جوٿيندا آهن[2].

تٽ: ڪڏهن مڱڻي کان اڳ ۾ ۽ ڪڏهن پوءِ سموري برادري کي سڏي، شاديءَ جي تٽ ٻڌبي آهي، يعني شادي جي تياريءَ ۾ مصروف ٿي ويندا آهن ۽ ان موقعي تي بہ برادري جو وات منو ڪرائبو آهي.

v. تياري:

تٽ ٻڌڻ کان پوءِ گهوٽيتا شاديءَ جي تياريءَ ۾ مصروف ٿي ويندا آهن ۽ ان موقعي لاءِ طرح طرح جو سامان ڪنو ڪندا آهن. مختلف مهمانن جي رهائش وغيره لاءِ بنگلا مقرر ڪيا ويندا آهن ۽ بيشمار لانڍيون تيار ٿي وينديون آهن. راڳين، ڪجرين، ڪتڪن ۽ بازيگرن کي گهرائڻ جو بندوبست ڪبو آهي. برادري ۽ معزز ماڻهن ڏانهن دعوتون موڪليون وينديون آهن. تٽ واري ڏينهن کان وٺي مڱڻهارن ۽ بلهاڻن جو وارو وري ويندو آهي. هو هر هر برادريءَ جي ماڻهن وٽ وڃي ويل وٺندا

---

[1] روايت: مائي متي ميراسڻ، ساڪن: ٽنڊو مير شير محمد خان.
[2] ايضـا

رهندا آهن. دهلاري بيهجي ويندا آهن ۽ شادي گذرڻ تائين هڪ قسم جو وڏو ميلو لڳي ويندو آهي. روزانو کيل تماشا، ناٽڪ، ناچ، گانا، آتشبازي، گهتن جي ويڙهه، ملاکڙا ۽ هر قسم جي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويندو آهي. مختلف ڳوٺن کان ڇيڙا اچي ڪم ڪار کي لڳي ويندا آهن[1].

vi. ونواهه:

شادي کان ست ڏينهن اڳ ۾ ونواهه يا ونواهه جو ساٺ ٿيندو آهي. هي ساٺ سڄو زنانو هوندو آهي ۽ ڄڃ سان گهوٽ نه هلندو آهي. هن موقعي تي ديڳيون چاڙهي ڪٽڪ جو اٽو پچندا آهن ۽ ان ۾ هر قسم جي ميوات، باداميون، پستا وغيره وجهندا آهن. انهيءَ طعام کي "ڪڻ وڻ" يا پوڳاڙو سڏيندا آهن. ڪڻ وڻ جا اٺ ڪنا پربا آهن. ان کان سواءِ پاتڻ جي اٽي، مصري ۽ کنڊ جا ٽي ڪنا به پربا آهن. برادري جا ماڻهو انهن ڪنن کان سواءِ ٻيو به ڪيترو سامان کڻي هلندا آهن. جهڙوڪ: هڪ گهگهو جنهن کي ڇاتيءَ وٽ اگڙي لڳل هوندي آهي. تاڪا گلابي پٽ جا هوندا اٿس. هڪ کهنبو هڪ بوڇڻي، سائي سٿڻ، ميناڪاريءَ سان چانديءَ جون ڪڙيون،چاندي جا به واڍيلا، چاندي جي هسي، مکڻ ماکي، ڪيسوڦل، جليبين جو اٽو جون جو اٽو چڻن جو اٽو ۽ تيل صابڻ.

اڳ ۾ ٻلهائڻ يا ميراسڻ هلندي آهي ۽ ان جي پنيان ٻي ڄڃ هوندي آهي. ڪنواريتا اڳ ۾ ئي در تي هڪ ڪلو کوڙي جنڊ جو پڙ رکي ڇڏيندا آهن. سڄي ڄڃ ان جنڊ جي پڙ مٿان لنگهندي آهي. ڪنواريتون ڄڃ جي اڳيان پاڻيءَ جو دلو هاريندو آهن ۽ ڄڃ جي مٿان گلاب جو پاڻي ڇڙڪائيندو آهن. پوءِ ڄڃ ڪنوار جي ڪوٺيءَ ۾ ايندي آهي. ست سهاڳڻيون گڏجي هن جا وار کوليندو آهن. جن کي "مينڍيا کولڻ" سڏبو آهي. ان وقت ڪنوار کي مکڻ ماکي به چٽائيندو آهن ۽ اکا به ٻڌنديون آهن. مختلف قسمن جو اٽو تيل صابڻ ۽ ٻيو سامان ڪنوار جي ماءُ کي ڏينديون آهن. انهن سائن هلندي ٻلهائڻ يا ميراسڻ جيڪو لاڏو ڳائيندي آهي، ان کي "ڪامڻ" سڏبو آهي[1].

vii. سرور:

شاديءَ کان هڪ رات اڳ ۾، سرور جا ساٺ ٿيندا آهن.ڄڃ جي در ٽپڻ وقت، ڪنواريتيون ان جا اکا هٽنديون آهن. ان کان سواءِ اندرئين در تي ڪچي ست جون ست تندون ٻڌل هونديون آهن. جيڪي گهوٽ جي ماءُ پنهنجي سيني سان زور ڏئي

[1] روايت: مير، حسين بخش خان، ساڪن: ڪوٽ مير محمد خان.

[1] زباني روايت: مائي گوهر زال لعل بخش ٻلهاڻي، ساڪن: خيرپور.

ڇنندي آهي. ڪنواريتن وٽ وڃڻ کان پوءِ ماني ۽ چانهه پاڻيءَ جو دور هلندو آهي. واندڪائي بعد گهوٽيتن جي طرف کان سڪي ۽ ڪٽيل ميندي‌ءَ جا پنج ٿالهه ڀرجي ايندا آهن. پوءِ اها ميندي پچائيندا آهن. هڪ مٽ ۾ پاڻي وجهي هڪ هڪ شهزادي ميندي جاسٽ ٻڪ وجهندي ويندي آهي. پوءِ پڳل ميندي جا ٿالهه ڀري ميز تي رکبا آهن. جيڪي رنگ ڪرڻ بعد ڪارڪن سان گڏ ورهايا ويندا آهن. ان وقت ڪٽي ڪٽي ميندي ورهائڻ بعد کير بہ ورهائبو آهي. ان وقت ڳائڻ واريون ويل ونديون آهن ۽ سهرو ڳائينديون آهن. جنهن جا ڪجهه ٻول هي آهن:

سرنبل دي سوني سهري
سهري جوڙ ٻٽيدي هان
لک ٽڪا حاڪم تون قربان
مئين گهندي هان
ڏيندي هان مئين
لک ٽڪا قربان.
جوڙي تون مئين گهندي هان.

ان وقت کان وٺي اسر تائين جهمرين ۽ تاڙين جا سٽڪا هوندا آهن. اسر جو سڀ ميراسڻيون ۽ ميراڻيون وغيره ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي، ڪعبي ڏي منهن ڪري ٻيهنديون آهن. هڪ کهنبي ۾ سؤ رپيا ٻڌي ميراسڻ يا ٻلهاڻڻ جي حوالي ڪبا آهن. ٻلهاڻيون ان وقت ٻيهي سرور جو سهرو خوش الحاني سان ڳائينديون آهن. ان سهري جا ڪل ٻتيهہ ٻول هوندا آهن.

انهن سائڻ هلندي سج اڀري ويندو آهي ۽ پتاشا وغيره ورهائي مبارڪون ڏنيون وينديون آهن[1].

viii. پينٽر:

سرور کان پوءِ صبح جو کهنباتي ايندو آهي ۽ در تي ويهي کهنبا رڱيندو آهي. کهنبن جو پيلو ۽ ڳاڙهو پاڻي ٻلهاڻي ۽ ننڍا مير کڻي ويندا آهن ۽ مذاق طور گهوٽيتن کي هڻندا آهن. کهنبي ناهڻ وقت بہ ويل ملندي آهي، جيڪا کهنباتي کڻي ويندو آهي[2].

ix. شادي:

شام جو شاديءَ جا ساٽ ٿيندا آهن. گهوٽيتن ۽ ڪنواريتن جون عورتون ڪنيون ٿينديون آهن ۽ جج اڳيان ڏاج جو مظاهرو ڪيو ويندو آهي. ڏاج ڏيکارڻ

---

[1] روايت: مائي، متي ۽ مائي غلام فاطمہ.
[2] روايت: حاجي غلام محمد کهنباتي، عمر اٽڪل 80 سال، ساڪن: خيرپور.

بعد ميرياڻيون، ٻانهيون ۽ ميراسڻيون وغيره گڏجي گانا ڳائيندڙيون آهن. ڪنواريتا ڪنوار کي حيثيت آهر ڏاج ۾ هر قسم جو سامان ڏيندا آهن. گهوٽيتن طرفان ايڪويهہ جفت يعني چولو پوتي ۽ ويهہ جوڙا ڏنا ويندا آهن. گهوٽ جي ماءُ نياڻين کي مٿي تي کهنبا وجهندي آهي ۽ ڪنوار وٽ وڃي، هر، کي نٽ پارائيندي آهي.

پوءِ ان جو ڇج ۽ چهار ڪٽي ست سهاڳڻيون ان ڇڙي، جنڊ تي وڃي ويهنديون آهن ۽ ستئي ڄڻيون جنڊ ۾ هٿ وجهنديون آهن. اڪري، جنڊ، دهل ۽ دروازي، هر هڪ کي ڳانو ٻڌبو آهي. هن سات کي "ٻڪي" سڏيندا آهن.

ٻڪي وقت گهوٽ کي اندر سڏبو آهي. هن کي پيءُ يا وڏو ڀاءُ ڳانو ٻڌندو آهي ۽ پيڻ ميندي لائيندي اٿس. گهوٽ کي ڪنواريتن طرفان ڪپڙا ملندا آهن. جن کي چنگ يا ڪپڙا سڏبو آهي. اهي ڪپڙا هٿ جا سبيل صرف ٽوپا ڏنل هوندا آهن. هنن ۾ قينچي استعمال نہ ٿيندي آهي. اهي ڪپڙا هڪڙي رومال ۾ ٻڌي ڏبا آهن. هڪ ڏگهو کهنبي جو ڪپڙو هوندو آهي، جنهن جو اڌ گوڏ طور استعمال ٿيندو آهي ۽ اڌ لڱن کي ويڙهيو ويندو آهي. گوڏ واري حصي کي پيچوڙي ۽ لڱن واري حصي کي پنيوڙي سڏبو آهي. پڳ گلابي ڪپڙي جي ۽ جتي نباتي هوندي آهي ۽ کهنبو ۽ بوڇڻي گڏي پڳ جي مٿان ٻڌبا آهن. پوءِ گهوٽ کي ڪوٽ جي ٻاهرين دروازي تي آڻيندا آهن. جنهن کي وڪڙ سڏبو آهي. اتي گهوٽ کي پيڻ کير پيارينديون آهي ۽ گهوٽ پيڻ کي هڪ سؤ رپيا ۽ مڱڻهارن کي هڪ سؤ ٽڪا ڏيندو آهي.

هڪ طرف زالاڻان سات پيا ٿيندا آهن تہ ٻئي طرف گهوٽ جا ويجها رشتيدار ڪانن جي تيلين مان پکو ٺاهيندا آهن. پکي اڏڻ ۾ صرف ڪرڙ جون ڪاٺيون ڪم آڻبيون آهن. پکي لاءِ ست ٽوٽيون هونديون آهن، جن جي هر هڪ ڏري ۾ ٽوٽين هيٺان هڪ هڪ ٽڪو ڳڙ ۽ ان پوريو ويندو آهي. پکو تيار ڪري ان جي چوڌاري ٽوٽا ٻڌي پلويڙو ٺاهبو آهي. پکي ۾ پيش جو تڏو پٿاري ان تي سيج وڇائبي آهي ان کان پوءِ پنهنجي برادريءَ مان ڪنهن ماڻهو کي پکي تي پهريدار مقرر ڪبو آهي. پکي ٺاهڻ کان پوءِ پنج مٽ اتي جا، پنجن ڪورين دانگين تي پچائبا آهن. ماني پچائڻ وارين عورتن مان هڪڙيءَ مٿان چار ويجها عزيز تلوارون جهلي بيهندا آهن ۽ تلوارن جي مٿان کهنبو وجهبو آهي. انهن پڪل مانين مان ڪٽي ٺاهبي آهي، جيڪا لائون ڏيڻ بعد ورهائبي آهي پوءِ هڪ جانور ذبح ڪري، ان جو ڪڇو جيرو ۽ هڪ ماني پکي سان ٻڌي ڇڏيندا آهن. هن ساري سات کي "پٽي جهلڪو" سڏبو آهي.

اهو سارو وقت گهوٽ سان هڪ ويجهو عزيز بندوق ۽ تلوار سان ڪنو رهندو آهي، جنهن کي "انهر" چئبو آهي.

اسر جو ڪنوار جو متو ويڙهي، ڪيس ڪپڙا پارايا ويندا آهن. ڪپڙن ۾ اڇي سٹڻ ڪليل پاڇن سان هوندي آهي. گهگهو اهڙو هوندو آهي جنهن جي پٺي اگهاڙي ۽ اڳ ڍڪيل رهندو آهي، گهگهي جون ٻانهون ٺونٺين تائين هونديون آهن. ان ڪان سواءِ هڪ ڪهنبو ۽ هڪ بوڇڻي بہ هوندي آهي. ڪنوار جي سٹڻ ۾ اڳٹ لاڪ جو هوندو آهي ۽ جتي بہ لاڪ سان پريل هوندي آهي، جنهن کي لاڪي سڏبو آهي. سندس سڳيون بہ لاڪ جون هونديون آهن.

مٿين سيني سانن ڪان پوءِ نڪاح خواني ٿيندي آهي، جنهن ۾ ڇهارا ۽ پتاشا تقسيم ٿيندا آهن. نڪاح بعد ميرپورخاص ۽ حيدرآباد وارا مير گهوٽ کي سرڪس ڪري مسجد ڏانهن وٺي ويندا آهن ۽ هو مسجد ۾ نماز پڙهندو آهي. خيرپور وارا مير سرڪس ڪري گهوٽ کي ڪنواريتن ڏانهن آڻيندا آهن. رستي تي گهوٽ جي مٿان پئسا گهوريا ويندا آهن. ٻاهرين دروازي تائين گهوٽ جو پيءُ يا چاچو کيس اندر پکي ۾ وٺي ايندو آهي. اندرئين دروازي کي سٽ جي تندن سان ڏانوڻ ڏائيندا آهن ۽ گهوٽ هڪ ڍڪڻي ڀڃندو آهي. ان ڪان پوءِ گهوٽ ڪنوار جي رلي تي نماز پڙهندو آهي. نماز ڪان پوءِ گهوٽ ۽ ڪنوار کي سرمون پارائيندا آهن ۽ ٻنهي کي قرآن پاڪ جي زيارت ڪرائيندا آهن. ان ڪان پوءِ ويجهن عزيزن مان هر هڪ واري واري سان گهوٽ ۽ ڪنوار ٻنهي جا مٿا پاڻ ۾ ملائيندو آهي. هن سانٽ کي "لائون لهڻ" سڏبو آهي. لانئن ڏيارڻ ڪان پوءِ گهوٽ ۽ ڪنوار کي پکي ۾ اڪيلو ڇڏي هر هڪ هليو ويندو آهي. پکي وارو پهريدار بہ هٽي ويندو آهي. پکي کي چوڌاري هڪ ٻئي ڪپڙي جو پلويڙو ڏئي ڇڏيندا آهن، جنهن کي "پچل" سڏبو آهي. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ گهوٽ ٻاهر نڪري نوان ڪپڙا پائيندو آهي ۽ هڪ ٻڪريءَ جي ڪن کي ٽڪو ڏيندو آهي. اها ٻڪري ٻلهائڻ يا ميراسڻ ڪاهي ويندي آهي. ان وقت گهوٽ جي ماءُ مهري سيراندي ڪري ان جي ڳوڻ تي گهڙي ڪن لاءِ سمهي پوندي آهي. ان بعد گهوٽ پيءُ ماءُ ۽ وڏن عزيزن کي پيرين پئي، مهمانن سان اچي ملندو آهي. سيئي مهماني طور ڪيس ڪجهہ سلامي جا پئسا ڏيندا آهن[1].

X. نکيتي:

شاديءَ جي ٻي رات تي نکيتيءَ جا سانٽ ٿيندا آهن. هن رات تي گهوتيتا گهوٽ ۽ ڪنوار ٻنهين کي پنهنجي گهر وٺي ايندا آهن. واپسي وقت گهوٽ جي پٽڪي جو پلائند ڪنوار جي پوتيءَ جي پلاند سان ٻڌي ڇڏيندا آهن. ٻلهائڻ يا ڪا ٻانهي پنج پاءُ اٽو ڪٽي گيهہ ملائي اٽي جا ڏيئا ٺاهيندي آهي. پوءِ کير. پٽ ۽ گيهہ ۾ ٻاريل ڏيا

---

[1] روايت:مائي متي، مائي غلام فاطمہ ۽ مائي گوهر.

ٻلهاڻ هٿ ۾ جهلي بيهندي آهي. ڪنوار جي مٿي تي ڏاس مان ٺهيل سينهون ڏئي، ان تي ڪير جون ٻه ڪوريون دڪيون رکبيون آهن. جن کي "ٻيلهڙا" سڏبو آهي. گهوٽ کي بغل ۾ وهاڻو ۽ ڪلهي تي مانڊاڻي هوندي آهي. ڪڏهن اها مانڊاڻي ڪنوار به کڻندي آهي. پوءِ ڪنوار ٽنيي کي ياڪر وجهي بيهندي آهي ۽ سندس سهرو اچي کيس هيرو يا ڪو ٻيو ڪجهه ڏئي سندس هٿ ڇڏرائيندو آهي. ان بعد گهوٽ ۽ ڪنوار ٻنهي کي کير يت ڪارائي، پلو ڇوڙائيندا آهن ۽ گهر وٺي ويندا آهن[1].

xi. ستاوڙو:

ستن ڏينهن کان پوءِ گهوٽ ڪنوار ٻئي ڄڻا گڏجي ڪنوار جي گهر ويندا آهن ۽ ڪجهه ڏينهن اتي رهي پوءِ واپس پنهنجي گهر موٽي ايندا آهن. اهو ڦيريون دفعو ڪنوار جي گهر وڃڻ کي ستاوڙو سڏبو آهي[2].

xii. دڳي:

جڏهن ڪنوار کي پيٽ ٿيندو آهي ۽ پنج مهينا گذرندا آهن، تڏهن پيڪا يعني ڪنوار جا مائٽ هن ڏانهن هڪ گهگهو چني ۽ ٻار جا ڪپڙا کڻي ايندا آهن جن کي "دڳيءَ جا ڪپڙا" سڏبو آهي. ان وقت جوئر جا ڦلا ڪارڪون تقسيم ڪبيون آهن. نون مهينن گذرڻ بعد دستور موجب پڌرو ڪري ڪارڪون ۽ ميندي تقسيم ڪندا آهن[3].

xiii. ڇم:

ٻار ڄمڻ کان پوءِ ٻار جو پيءُ، ڏاڏو يا پريو مڙس ٻار جي سڄي ڪن جي پرسان اذان چوندو آهي ۽ کٻي ڪن جي پرسان اقامت جا ڪلما اچاريندو آهي. پٽ ڄمڻ جي حالت ۾ وڏا شادمانا ٿي ويندا آهن. دايا مٽن مائٽن ڏانهن مصري کڻي ايندا آهن ۽ دل گهريا دان وٺي ويندا آهن. ان وقت در جي چائنٽ وٽ هڪ مهري رکي ڪاري گڏهه جو ليڏوٽو، بصر ۽ بگهڙ جي کل جو ٽڪرو ٽنگي ڇڏيندا آهن. ٻار جي مٿن کان عاج جو چوڙو ۽ قرآن پاڪ رکندا آهن[4].

xiv. ڇٽي:

ڇهين رات تي ڇٽي ٿيندي آهي ۽ کير يت ورهائبو آهي. ان رات تي دستور مطابق سهرو به ڪبو آهي. ڇٽيءَ تي جيڪو سهرو ڳائبو آهي، ان کي "هالو" سڏبو آهي.

---

[1] روايت: مائي مٺي، مائي غلام فاطمه ۽ مائي گوهر.

[2] ايضًا

[3] ايضًا

[4] ايضًا

xv. لوڏ:

ڇٺيءَ واري رات تي پينگهي جي گهوڙي يا ڪاٺ جون ٻه ٽوٽيون ڪٽي انهن جي مٿان هڪ ورو رکبو آهي. پوءِ هڪ واڍ يا ٿلهي نوڙي ڪٽي، ٻٽي ڪري وري جا ٻئي پاسا ٻڌبا آهن. واڍ جي هيٺان هڪ فراسي رکبي آهي، جنهن کي "ڪرڙ" به سڏيندا آهن. فراسيءَ جا ٻئي پاسا واڍ جي مٿان ورائي، ان جي هيٺان ديندار رکبو آهي، جنهن کي منهن رڪٽي به سڏبو آهي. ان جي مٿان هڪ صاف چادر رکي هڪ طول ۽ تي ننڍيون وهاڻيون رکبيون آهن. منهن رڪٽي جي چوڏاري ڪچي سٽ جي ڦوري جون ست تندون ويڙهبيون آهن ۽ ڦورو ڇنڻ کان سواءِ پرسان رکي ڇڏبو آهي. ان کان سواءِ ست سوئا ۽ ست سيون به چوڌاري ٽنبي ڇڏبيون آهن. پوءِ ٻار کي ڪٽي اچي اتي سمهاربو آهي. ٻاهران ٽوٽين جي مٿن کان ست گز ڪمانون سوئن ۾ ڦاسائي لڙڪائي ڇڏبيون آهن. قرآن پاڪ ٻار جي مٿن جي پرسان رکبو آهي. ان کان پوءِ ٻار جا مائٽ اچي واري تي لوڏو ڏيندا آهن ۽ ٻار تي نالو رکندا آهن. ماٽڪاٽي مٽر، ٻار تي نالو پهرين ڏينهن تي ٿي رکي ڇڏيندا آهن. ان وقت ڍولڪ تي هالا ڳايا ويندا آهن ۽ گهور ٿيندي آهي، جيڪا پلهاٽڻ يا ميراسن ڪٽي ويندوآهي. دائي کي پڳر کان سواءِ هنڌ بسترا، ڪپڙا ۽ سنو ڪاڏو ملندو آهي. هوءَ ٽيج ڇڏائڻ تائين ٻار سان گڏ رهندي آهي. ٻار تي پورا چاليهه ڏينهن پهرو (زالن جو) رهندو آهي ۽ ڪنهن به ميري مٿي واري يا اوپٽو ماڻهوءَ کي ٻار جي منهن پورڻ نه ڏيندا آهن[1].

xvi. جهنڊ:

ڇٺيءَ کان پوءِ صبح تائين ڏهين وڳي سڄي براهري ڪٺي ٿيندي آهي. دائي ٻار کي هنج ۾ ڪٽي ويهندي آهي. هن جي مٿان کهنبو يا پوتي وجهندا آهن ۽ ٻار جو مٿو ڪوڙائيندا آهن. هن ساٿ کي جهنڊ لاهڻ سڏبو آهي. جهنڊ وارا وار چانديءَ ۾ توري اها چاندي خيرات ڪري ڇڏيندا آهن. جهنڊ لاهڻ واري کي حيثيت مطابق پڳر ملندو آهي. برادريءَ جو صدقو پلهاٽي ونندا آهن[2].

xvii. عقيقو:

جهنڊ لاهڻ کان پوءِ ساڳي ڏينهن تي عقيقو ڪبو آهي. عقيقي ۾ ڪم از ڪم هڪ سال جي بي عيب ٻڪر ذبح ڪري عقيقي جي دعا پڙهبي آهي. ٻڪر جي کل لاهي، عضوا سنڌن کان جدا ڪبا آهن ۽ هڏ نه توڙبو آهي. کل پلهاٽڻ ڪٽي ويندي آهي، باقي منڊي، اوجهري ۽ آنڊا ڪڏي هڪ پاسي زمين ۾ پوري ڇڏبا آهن. پيو

[1] روايت: مائي مٺي، مائي غلام فاطمه، مائي گوهر ۽ مائي خيران.

[2] روايت: مائي مٺي، مائي غلام فاطمه، مائي گوهر، مائي خيران.

سمورو گوشت ديگ ۾ وجهي تيستائين رڌبو آهي، جيستائين هڏا جدا ٿي وڃن. گوشت ۾ گيهه ۽ لوڻ وجهبو آهي، باقي ڪاتيءَ سان وڍيل ڪابه شيءِ شامل نه ڪبي آهي. گوشت لاهي، هڏا ڪڍي پوري چڏبا آهن. اهو گوشت ٻار جي پيءُ ۽ ماءُ کان سواءِ ٻيا سڀ عزيز ڪائيندا آهن[1].

xviii. يارهو:

چٽي کان پوءِ يارهين ڏينهن تي ترن سميت ست آن آٽي، انهن جا ڪوهر ڪبا آهن ۽ ڊاڪون پري عزيزن جي ديرن تي موڪلبا آهن. جتان ٻلهائڻ وجي ويل وٺي ايندي آهي[2].

xix. چوڏهو:

چوڏهين تي به ساڳي طرح ستن انن جا ڪوهر تيار ڪري ديرن ڏانهن موڪليندا آهن[3].

xx. چاليهو:

چاليهن ڏينهن تي ڪوهرن سان گڏ بُسريون به پچائبيون آهن ۽ ديرن ڏانهن موڪلبيون آهن. چاليهي جي ويل بناري واري ٻانهي وٺندي آهي. هن کي هر ديري تان چاليهه پاٽيون ان جون ۽ چاليهه ٽڪا روڪ ملندا آهن[4].

xxi. ڪچر:

نون مهينن گذرڻ کان پوءِ ڪچر جو ساٽ ٿيندو آهي، جنهن کي "خشڪي" به سڏيندا آهن. هن ساٽ ۾ ٻار کي اڇي گهٽي جي اُن يا ڪپهه مان مصنوعي ڏاڙهي ۽ مڇون ناهي ٻڌندا آهن. ان کان سواءِ هن کي يارهن هٿ ڪپڙي جو پٽڪو ڳاڙهي ڏوري سان اڇي سٽڻ ۽ زريءَ سان پريل موزا به پارائبا آهن. پوءِ گهٽو ڪري چلڳري ٻروچ يا ڪنهن ٻي عزيز کي اڳ ۾ لونگي ٻڌرائيندا آهن ۽ هو ٻار کي ڪڇ تي کڻي بيهندو آهي. ٿوري وقت کان پوءِ ٻار کي گهوڙي تي ويهاريندا آهن. اڳيان تلوار به رکندا اٿس ۽ هٿن ۾ گزڪمان به ڏيندا اٿس. هن ساٽ جي موقعي تي به هالا ڳايا ويندا آهن ۽ گهور ٿيندي آهي[5].

---

(1) ايضاً
(2) ايضاً
(3) ايضاً
(4) ايضاً
(5) روايت: مائي متي، مائي غلام فاطمه، مائي گوهر ۽ مائي خيران.

xxii. طوهر:

طوهر لاءِ بہ شاديءَ وانگر تت پڌبي آهي ۽ مهينو کن اڳ ۾ ساڳي نموني سان تياري ڪبي آهي. دهلاري بيهجي ويندا آهن ۽ شادي وانگر کيل تماشا ۽ راڳ روپ ٿيندا آهن. طوهر کان ست ڏينهن اڳ ۾ کهنباتي در تي ويهاري کهنبا ۽ ريتار ڳائبا آهن. کهنبي رڱڻ کي ”کهنبو وهنڻ“ سڏبو آهي. پتڪي ۽ گوڏ جا بوچڻ گلابي رکبا آهن. کهنبا وغيره نياڻين کي ڏبا آهن. باقي گوڏ وارو بوچڻ طوهر واري ڏينهن تي ٻار کي پڌبو آهي. جڏهن ڪنهن مير صاحب جي ٻار جي طوهر ٿيندي آهي، تڏهن پنهنجن نوڪرن يا ٻين غريبن جي ٻارن جو طوهر بہ پنهنجي خرچ تي ڪرائي ڇڏيندو آهي. طوهر واري ڏينهن تي ڪيترائي ڏينهن شهر ۾ ڍولڪ تي لاڏا ڳائبا آهن. طوهر واري ڏينهن تي ٻار کي سندس پيڻ ڪپڙا پارائي ڳانو ٻڌندي آهي. سهرا (سونا) ۽ پتڪو پيءُ ٻڌرائيندو آهي. ٻار کي هڪ پاٽ تي ويهاري، سندس پير هيٺان گينيون يا رپيا رکبا آهن. پوءِ حجم (بوٿو) طوهر ڪندو آهي. طوهر کان اڳ واري شام تي دستور موجب ٻڪي ۽ رات جو سرور ٿيندو آهي. جنهن وقت ٻار جي طوهر ٿيندي آهي، ان وقت ٿج پياريندڙ دائي ڪوري ڪونڊيءَ ۾ پير وجهي بيهندي آهي، سندس مٿي تي جنڊ جو مٿيون پڙ رکبو آهي. ٻار جي ماءُ کي بہ مٿي تي قرآن هوندو آهي ۽ بيٺي هوندي آهي. جڏهن ٻار کي طوهر ڪرائي، گهر ۾ آڻيندا آهن، تڏهن سندس ماءُ ۽ دائي قرآن ۽ جنڊ رکي ٻار جي خدمت ۾ پهچنديون آهن. جيستائين طوهر وارو ٻار مٿي تي پاڻي وجهندو آهي، تيستائين ڪنهن بہ ميري مٿي واري کي سندس ويجهو اچڻ نہ ڏبو آهي[1].

xxiii. غمي:

جڏهن ميرن مان ڪو بہ ماڻهو وفات ڪندو آهي تہ اوڙي پاڙي ۾ ماتم برپا ٿي ويندو آهي. شهرن ۾ هڙتال ڪري دڪان وغيره بند ڪيا ويندا آهن. قضيي جي خبر ٻڌڻ شرط ٻلهاڻي، ميراسي ۽ مڱڻهار قوم جون عورتون مٿو پٽينديون ڏيڍي تي پهچي وينديون آهن ۽ ميرن جي عورتن سان گڏجي بيهي پار ڪڍنديون آهن ۽ سينہ زني ڪنديون آهن ۽ اوسارا چونديون آهن. جيئن محرم شريف جي ماتم ۾ زاريون چوندا آهن تيئن هتي بہ هڪڙي عورت اوسارو چوندي ويندي آهي ۽ ٻيون هن کي ورندي ڏينديون زار زار رئنديون آهن. اهو پتڪو پٽڻ وارا سمورا ڏينهن هلندو آهي. ڪجهہ وقت روئي پٽي ويهنديون آهن ۽ جڏهن ٻيون عورتون معذرت تي اينديون آهن. تڏهن وري ساڳيو پتڪو شروع ٿي ويندو آهي. جڏهن برادريءَ جون عورتون فوتي جو پڏي پري کان اينديون آهن، تڏهن انهن مان هر هڪ قضيي وارن

---

[1] روايت: مائي مٿي، مائي غلام فاطمہ مائي گوهر ۽ مائي خيران.

عورتن سان گلو ملائي رئندي ۽ پار ڪيندي آهي. هو جڏهن پٽ کان پوءِ واپس پنهنجن گهرن ڏانهن وينديون آهن، تڏهن هر هڪ کي اڇي پوتي، گلن کان سواءِ جتي ۽ چانديءَ جا ڇنڙا ڏنا ويندا آهن. پٽ پورا يارهن ڏينهن هلندو آهي. پٽ جڏهن ڪٽندا آهن، تڏهن ٻلهاٽي ٻهاري ڏئي اڳ ۾ ان ۽ ڪپڙ جا ڇن اڇليندو آهي ۽ پوءِ ان ۽ ڪپڙ جي ڇنن جي مٿان گلم وڇائيندا آهن.

ميرن جي دفن ڪفن جو بندوبست عام سنڌين وانگر ٿيندو آهي، پر ميرن جي انتظام ۾ ٻين کان خرچ وڌيڪ ٿيندو آهي، جنازي سان وڏو جلوس نڪرندو آهي.

مردن جي پٽ ۾ جڏهن ڪو ماڻهو تعزيت لاءِ ايندو آهي، ته اڳ ۾ هن سان ڪو ٻه نه ملندو آهي. هو پٽ ۾ ويهي دعا گهرندو آهي ۽ معذرت ڪندو آهي. معذرت کان پوءِ هن سان ملندا آهن. عورتون خواهه مرد پٽ وارا سڀ ڏينهن ڪارا ڪپڙا پائيندا آهن. فوتيءَ جي زال ٻارنهن مهينا گهنڊ ڪري ويني هوندي آهي ۽ گهڻو ڪري ڪنهن جي ٻه منهن نه پوندي آهي. هوءَ پنهنجي مٿي هيٺان وهاڻي بدران سر رکندي آهي. ست جمڻا ٿيندا آهن. چاليهي تي عورتون ٻه مقام تي وينديون آهن ۽ قبر تي ڪجيءَ جا ڦرها، ان ۽ دال ڇٽينديون آهن.

پٽ وارو عرصو ڏيڍي ۾ ماتم جي صف ڇانيل هوندي آهي. فقيرياڻيون دهل تي ڏڍ وڄائينديون آهن ۽ اوسارا چونديون رهنديون آهن. پٽ گذرڻ کان پوءِ مٿي ڌوءَ ٿيندي آهي ۽ برادري جاسمورا ماڻهوگڏجي تيل ميٽ سان تڙ ڪندا آهن.

غسل ڏيڻ واري ماڻهو کي هڪ روپي لٽ، سونا سيج بند، چاندي جي چلمچي ۽ ڪونڙو، ڪپڙا ۽ ٻيو ڪافي سامان نذراني طور ملندو آهي. ٻلهاڻڻ کي ٻه زيور ۽ ڪپڙا ملندا آهن. فوتيءَ جي قبر تي مهينن جا مهينا حافظ ويهاريا آهن جيڪي قرآن خواني ڪندا رهندا آهن.

غميءَ جون ساريون رسمون پوريون ڪري، پوءِ فوتيءَ جي وڏي پٽ جي دستاربنديءَ ڪندا آهن. برادري جو هر هڪ پريو مڙس، هن کي پڳ جو هڪ هڪ وڪڙ ڏياريندو آهي.

### xxiv. رسمن ۾ ڦير ڦار:

شاديءَ ۽ غمي جون مٿيون تقريبون مير امام بخش خان جي ڏينهن تائين باقاعده ٿينديون رهنديون هيون، جن تي گهڻو خرچ ٿيندو هو. پوءِ مير ٻه غريب ٿيندا ويا ۽ اهي رسمون جيئن پوءِ تيئن گهٽ ٿينديون ويون ۽ هاڻي نالي ماتر وڃي رهيون آهن. ايتري قدر جو ڪجهه ميرن 27 سيپٽمبر 1918ع تي هڪ وڏي ميٽنگ ڪوٺائي پنهنجين پراڻين رسمن ۾ اصلاح آڻڻ لاءِ هڪ نهراءُ پاس ڪيو، جنهن موجب مقام

ٻه سهولت موجب پنهنجن پنهنجن ڳوٺن ۾ مقرر ڪيائون ۽ خرچ ٻه گهٽائي ڇڏيائون. انهيءَ نهراءُ تي هيٺين ميرن دستخط ڪيا: مير دوست محمد خان، مير خداداد خان، مير عبدالعزيز خان، مير غلام قادر خان، مير خير محمد خان، مير حسين بخش خان، مير شهدادخان، مير الله داد خان، مير غلام رسول خان، مير فتح علي خان ۽ مير غلام حيدر خان[1].

مٿيان سمورا مير، مير رستم خان اول ۽ مير مبارڪ خان جي اولاد مان هئا.

## (ج) مذهب:

ميرن جي مذهبي مڪتب فڪر متعلق متضاد روايتون ملن ٿيون.

ڪن جي خيال موجب هو اصل ۾ سني فرقي جا هئا، پر پوءِ ايراني عالمن ۽ درٻارين جي ذريعي شيعت اختيار ڪيائون[1]. سنڌ جو آخري ٽالپر تاجدار مير نصير خان لکي ٿو ته ٽالپرن جو وڏو مير شهداد خان ڪلهوڙن جي صحبت ۾ شيعو بڻيو ۽ ڪلهوڙا اصل ۾ سيد ميران شاهه جونپوري جا مريد ۽ شيعا هئا. حالانڪ ميان نور محمد ڪلهوڙي پنهنجي وصيت ۾ پنهنجي خاندان کي حنفي فقهه جو قائل سڏيو آهي[2]. مير علي مراد خان خيرپوريءَ جو پڙ پوٽو صاحبزادو مير حاجي غلام حسين روايت ٿو ڪري، ته ٽالپر اصل کان وٺي شيعا هئا، ۽ پنهنجو مذهب ڪڏهن به ڪونه مٽايو هئائون[3]. بهرحال سنڌ جي اوائلي ٽالپرن جو مذهبي مڪتب فڪر ڪهڙو به هجي،پر اها ڳالهه پڪ سان چئي سگهجي ٿي، ته خيرپور جا ٽالپر مير سهراب خان کان وٺي شيعا رهيا آهن ۽ اڄ تائين شيعا آهن. ان جي ثبوت لاءِ خيرپور جي ڪراڙن ماڻهن جون پنهنجن وڏن کان ٻڌل متواتر روايتون ۽ ماتمداري جا آثار پڪا ۽ پختا دليل آهن.

### i. مذهبي پاليسي:

مير شخصي طرح سان اهل تشيعت جي اصولن جي سختي سان پابندي ڪندا هئا، پر پنهنجي سني رعايا سان ٻه ڪمال رواداري جو برتاءُ ڪندا هئا، ايتري قدر جو سندن حڪومت ۾ سمورا فيصلا حنفي فقہ موجب ٿيندا هئا ۽ سمورا قاضي سني هوندا هئا[4].

---

[1] مير دوست محمد خان جو بياض

[1] خانگي خط: مير، حاجي بخش خان، ميرپورخاص وارو.

[2] ضامن ڪنتوري، سيد: "عبرتڪده سنڌ"، نفيس اڪيڊمي، ڪراچي، 1967ع، ص 375، 376.

[3] پراڻو ۽ قائل، قلمي نسخو منشورالوصيت، مملوڪہ: مرزا، عباس علي، بيگ، ساڪن: حيدرآباد

[4] زباني روايت: صاحبزادو مير، حاجي غلام حسين خان، ٽالپر، ساڪن: ڪوٽڏيجي.

سندن وزيرن ۽ فوجي ماڻهن جي اڪثريت سني هوندي هئي. ان ڪان سواءِ سني مذهب جي پيرن، فقيرن، عالمن ۽ مجاورن جي دل کولي سرپرستي ڪندا هئا ۽ سندن گذاري لاءِ معقول جاگيرون عطا ڪندا هئا. انهن ڳالهين جي ڪري سنين ۽ شيعن ۾ ڪو بہ تصادم ڪونہ ٿيندو هو. ۽ سيئي پائرن وانگر گذاريندا هئا ۽ هڪ ٻئي جي تقريبن ۾ شريڪ ٿيندا هئا. عيدن جي موقعي تي وقت جا حاڪم بہ شيعن جي مختصر جماعت سان نماز پڙهڻ ڪانپوءِ سنين جي عيد گاهہ ۾ اچي ساڻن گڏجي نماز پڙهندا هئا. نماز ڪانپوءِ هڪ وڏي دربار ڪندا هئا، جتي ميرن ۽ وزيرن سان گڏ سني عالم، پير ۽ فقير بہ اچي ڪٺا ٿيندا هئا، جتي ڪين خلعتون ۽ لونگيون ملنديون هيون[1]. ميرن جي پراڻي مقام قادر بخش جي قبن ۾ جيڪي تربتون آهن، تن تي بہ سنين وارو ئي ڪلمو اڪريل آهي[2]. مطلب تہ هو پنهنجي سني رعايا جي هر طرح سان پاس خاطري ڪندا هئا.

ساڳئي نموني ۾ هندن سان بہ ميرن جو تمام سنو سلوڪ هوندو هو. ڪين پنهنجي مذهب جي پوري آزادي هوندي هئي. ڪين پنهنجي تقريبن ملهائڻ ۾ ڪا بہ دقت پيش نہ هئي. هندو فقيرن ۽ ٻاون کي ميرن جي طرفان پروانا ۽ جاگيرون عطا ٿينديون هيون. مير سهراب خان، سوامي سک ديوکي نذراني طور ڪجهہ زمين ۽ معافي جو پروانو عطا ڪيو هو[3]. هندو هر ڳوٺ ۽ شهر ۾ آزادي سان ڏياري، هولي، دسهڙو ۽ ٻيا ڏڻ ملهائيندا هئا ۽ انهن موقعن تي مسلمان بہ ساڻن شريڪ ٿيندا هئا.

مير رستم خان ۽ مير علي مراد خان توڙي سندن جانشين مسلمان پيرن، فقيرن سان گڏ هندو ساڌن ۽ سنتن کي بہ جاگيرون بخشيندا رهيا. ان ڪانسواءِ سندن دفتر جون وڏيون نوڪريون هندو عالمن جي حوالي هونديون هيون. مير علي مراد خان جي ڏينهن ۾ کهڙن جي مخدومن ۽ اچڻن فقيرن بهاري ڳوٺ جي هڪ هندو کي زوري مسلمان ڪيو تہ مير صاحب ڪين ڪوٽ تي چاڙهي قيد رکيو[4].

مطلب تہ خيرپور جا مير مسلمانن توڙي هندن سان بلڪل رواداريءَ وارو سلوڪ رکندا هئا ۽ سندن مذهبي نيتي فراخدلانہ هئي.

### ii. ماتم داري:

خيرپور جا سمورا مير شيعا هئا ۽ محرم مهيني جي ڏهاڪي جا پويان تي ڏينهن

---

[1] زباني روايت: صاحبزادو حاجي، مير، غلام حسين، ٽالپر.

[2] ذاتي مشاهدو.

[3] محمد حنيف، مهر: "تاريخ ٽڪائي ٽالپر"، اردوپاڪ مجاهد انجمن، ميرپورخاص، 1971ع، ص 49.

[4] الله بخش عباسي، مخدوم، "تذڪره مخاديم کهڙا"، فارسي قلمي نسخو مملوڪ راقم الحروف.

ماتمداري ۾ گذاريندا هئا[1]. مير علي مراد خان جي پٽن، مير جان محمد خان ۽ مير خان محمد خان ماتمداري ۾ اضافو آندو ۽ پورا ڏهه ڏينهن ماتم جون تقريبون قائم ڪيائون[2]. ان وقت کان وٺي سمورا مير ڏهه ئي ڏينهن ماتم ۾ گذاريندا هئا ۽ ڪارا ڪپڙا پائيندا هئا. ماتم جون مجلسون سنڌي زبان ۾ پڙهيون وينديون هيون، جن ۾ رياست جا سني خواهه شيعا سڀ شامل ٿيندا هئا[3].

مير جان محمد خان، مير خان محمد ۽ سندن والده خيرپور ۾ رهندا هئا، تنهن ڪري ماتم جي تقريبن جو زور به خيرپور جي شهر ۾ ئي ٿيندو هو. محرم جا پهريان ڇهه ڏينهن، مير صاحبن جي مذهبي پيشوا سيد جعفر علي شاهه ۽ ڪجهه ٻين ماڻهن وٽ ماتم جون مجلسون ٿينديون هيون، جن ۾ اهل بيت جي فضائل ۽ مصائب جو بيان ٿيندو هو. هر هڪ مجلس کان پوءِ سينا زني جو ماتم ٿيندو هو. محرم جي ائين، نائين ۽ ڏهين تاريخ جي راتين تي ئي وڏا جلوس ڪڍيا ويندا هئا. ميندي جو جلوس، سيج جو جلوس ۽ تعزيي جو جلوس. انهن مان هر هڪ جلوس ۾ ڪافي ماڻهو شريڪ ٿيندا هئا. جن مان ڪي سينه زني ڪندا هئا، ڪي زنجيرون هڻندا هئا، ته ڪي وري زاريون ۽ نوحا پڙهندا هئا. جلوس جي اڳ ۾ هڪ هاٿي هوندو هو جنهن تي ڪجهه جهنڊا هڻندا هئا. ان جي پويان چار بيل گاڏيون هونديون هيون، جن تي جوڙي جوڙي نقارن جي هوندي هئي. نقارن سان گڏ شرنا به وڄندي هلندي هئي. ان کان پوءِ دلدل جي تمثيل ۾ هڪ سينگاريل ۽ سنجيل گهوڙو هلندو هو جنهن جي سنجن ۾ ڪجهه تير ٽنبيل هوندا هئا. دلدل کان پوءِ ميندي، سيج يا تابوت ڪلهن تي کڻي هلندا هئا. انهن جي پٺيان ماتمين جو هجوم هلندو هو جنهن جي پٺيان ڪافي انداز ۾ عورتون به پٽينديون ۽ زاريون چونديون هلنديون هيون. اهو سارو جلوس شهر جي هر هڪ چوڪ تي بيهي پٽڪو ڪندو هو[4].

ماتم داري جي جلوس ۾ هندو به مسلمانن وانگر حصو وٺندا هئا. سمورا ماتمي روئيندا پٽيندا هلندا هئا. مير جان محمد خان جي اکين مان ڳوڙهن جا نار وهندا هئا. هر هڪ جلوس سيد جعفر علي شاهه جي ٽلهي کان شروع ٿيندو هو ۽ ساري شهر جو چڪر ڪاٽي ميرن جي ڏيڊي تي ختم ٿيندو هو[5].

---

(1) زباني روايت: سرائي، امداد علي خان، ساڪن: ڪوٽڏيجي.

(2) زباني روايت: مير، مزيد حيدر خان، ٽالپر ساڪن: خيرپور ميرس.

(3) قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور رياست جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 127.

(4) Langley: "At the Court of Ali Murad", Vol. II, op. cit. pp. 180 & 181.

(5) Ibid: p. 182

مير علي مراد خان جي وفات کان پوءِ، جڏهن مير فيض محمد خان تخت نشين ٿيو تڏهن ماتم داري ۾ مزيد اضافو آيو ۽ خيرپور کان سواءِ ڪوٽڏيجي ۾ بہ ماتمي جلوس نڪرڻ لڳا. هڪ ئي وقت تي خيرپور ۽ ڪوٽڏيجي جي شهرن ۾ هيٺيون تقريبات بہ باقاعدگي سان ملهائجڻ لڳيون:

**کهنبو:**

هي تقريب ڇهين محرم جي شام تي ٿيندي آهي. صبح کان وٺي ٽيپهري تائين مجلس هلندي آهي. شهر جي مختلف پڙن تان ماتمي جلوس اچي امام بارگاهہ ۾ ڪٺا ٿيندا آهن. اتي هڪ پڳ ڪڍندا آهن. ان کان پوءِ تمثيلي طور حلب کان هڪ قاصد خط ۽ سوغاتون کڻي ايندو آهي ۽ ذاڪر سان اچي سوال جواب ڪندو آهي. انهن تمثيلي سوالن جوابن پڄاڻ تي مجلس ۾ ڪُهرام مچي ويندو آهي ۽ وڏو ماتم ٿيندو آهي[1].

**جهنڊا:**

ڇهين تاريخ گذاري، ستين جي رات تي جهنڊن جو جلوس نڪرندو آهي ۽ ساري شهر جو چڪر ڪاٽيندو آهي. ساڳئي نموني ميندي، سيج ۽ تابوت جا جلوس انين، نائين ڏهين تاريخ تي نڪرندا آهن[2].

**اعمال:**

ڏهين محرم جي صبح جو ساجهر ٿي بہ رڪعتون نماز پڙهي، عاشوري جا اعمال بجا آندا ويندا آهن. نماز ۾ "اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ" پڙهندا ست دفعا اڳتي ۽ ست دفعا پٺتي ٿيندا آهن. ان کانپوءِ هڪ هزار دفعا شهيدن جي قاتلن تي لعنت ڪندا آهن[3].

**گهڙي:**

عاشوري جي اعمال کان پوءِ گهڙي جو ماتم ٿيندو آهي. هڪ ماٽهو پاڻي جو دلو پري متي تي کڻندو آهي. چار ڄڻا تلوارون کڻي، تلوارن جي مٿان کهنبو وجهندا آهن، ۽ پاڻي جي دلي جي مٿان جهليندا آهن. پوءِ دلي وارو اڳي ٿيندو آهي، ماتمين جو جلوس هن جي پٺيان هلندو آهي. پوءِ اهو سڄو جلوس علم جي ايوان ۾ ايندو آهي، جتي اهو دلو ڀڳو ويندو آهي. دلي ڀڄڻ شرط پٽڪو شروع ٿي ويندو آهي[4].

---

[1] زباني روايت: سرائي، امداد علي خان، ساڪن: ڪوٽڏيجي.

[2] زباني روايت سرائي امداد علي خان، ساڪن: ڪوٽڏيجي.

[3] ايضاً

[4] ايضاً



حڪومت ڏجي ٽڪريءَ واري بنگلي جي تصوير



حيدرآباد ۾ سيشن ڪورٽ جي تصوير



حيدرآباد ۾ سرڪٽ هائوس جي تصوير



بيد مان ٺهيل فرنيچر



بنارسي ساڙهين جو ڪم



بيدري ورڪس

**اوٺي:**

ساڳئي عاشوري واري ڏينهن تي ٻپهري تي اوٺي جو ماتم ٿيندو آهي.

هڪ قاصد تمثيل طور اُٺ تي چڙهي بيبي صغرا جو قاصد بڻجي ايندو آهي ۽ جلوس ۾ اچي خط پڙهندو آهي، جنهن کي ٻڌي ماتمي روئيندا آهن[1].

**فاقہ شڪني:**

عاشوري واري ڏينهن تي سمورا ماتمي فاقي ۾ رهندا آهن ۽ ڪجھ بہ کائيندا پيئندا نہ آهن. ٽپهري جي نماز کان پوءِ ڪوهر يا پڱڙا وغيره وٺي انهن کي ڏنا ويندا آهن، ان تقريب کي فاقہ شڪني سڏبو آهي[2].

**فاتحہ:**

فاقہ شڪني کان پوءِ وري پتڪو ٿيندو آهي پتڪي کان پوءِ زيارت پڙهي ويندي آهي ۽ آخر ۾ فاتحہ جي دعا گهري ويندي آهي[3].

**ٽيجهو:**

محرم جي ٻارهين تاريخ تي هڪ وڏي مجلس ٿيندي آهي. ان مجلس کان پوءِ دعا گهري پٽر ڪنيو ويندو آهي[4].

**چاليهو:**

صفر مهيني جي ويهين تاريخ تي بہ ماتم ٿيندو آهي ۽ تابوت جا جلوس نڪرندا آهن[5].

مٿي ذڪر ڪيل تقريبات ۾ سال بسال هندوستان ۽ پنجاب جي مختلف شهرن مان وڏا وڏا عالم ۽ ذاڪر اچي شيعا مذهب جو پرچار ڪرڻ لڳا، جنهن جي نتيجي ۾ خيرپور ۽ ڪوٽ ڏيجي کان سواءِ رياست جي ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ بہ ماتمداري زور وٺندي وئي، ۽ مير علي نواز خان جي ڏينهن 1921_1915ع تائين رياست جي هر هڪ شهر يا ڳوٺ ۾ ماتمداري جا مرڪز قائم ٿي ويا، ۽ رياست خيرپور جو ماتم ساري سنڌ ۾ مشهور ٿي ويو.

---

(1) ايضا

(2) ايضا

(3) ايضا

(4) زباني روايت: سرائي امداد علي خان، ڪوٽڏيجي.

(5) ايضا

**شڪار:**

سنڌ جيڪا اڄ به شڪارين جي جنت ليکي وڃي ٿي، سا ميرن جيَ دوَر ۾ شڪار جو هڪ وڏو تفريحي مرڪز هوندي هئي. ميرن ۾ شڪار جو شوق عشق جي حد تائين پهتل هو. هنن وڏا خرچ ڪري پنهنجي ملڪ جو گهڻو حصو شڪار گاهن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. اهي پنهنجي وقت جو وڏو حصو شڪار ۾ بسر ڪندا هئا. هنن شڪار جي فن ۾ ڪافي ايجادون به ڪيون[1]. هو جيڪڏهن تندرست هوندا هئا ته مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ به دفعا ڪنهن به حالت ۾ شڪار گاهن ڏانهن ويندا هئا ۽ ساڻن ماڻهن جو وڏو هجوم هوندو هو[2]. خيرپور جو مير علي مراد خان ته ماتم جي چند ڏينهن ۽ عيدن جي موقعن کان سواءِ سال جا سمورا ڏينهن شڪار ڪندو هو[3].

مير شڪار تي نڪرندا هئا ته مزدورن جو اٽالو تنبو ۽ قناطون بيل گاڏين تي کڻي هلندو هو. بيلدار رستن جي صفائي ڪندا هئا. پالڪي بردارن سان محافظ فوج جو دستو ساڻ هلندو هو. شڪار جي پارٽي سان دفتر دار به ساڻ هوندا هئا، جيڪي منزل ڪرڻ کان پوءِ ضروري سرڪاري ڪاغذ پيش ڪندا هئا. خدمتگار هوندا هئا، جيڪي ميرن جي خدمت ڪرڻ تي مامور هوندا هئا. بورچي هوندا هئا جيڪي شاهي دستر خوان جي زينت لاءِ مقرر هئا. آبدار هوندا هئا، جن وٽ شيراز ۽ آصفهان جو گلاب ۽ بيد مشڪ جو عرق موجود هوندو هو. بازدار هوندا هئا، جيڪي بازن جي پرورش تي مامور هئا. ۽ پڪين جي شڪار ڪرڻ سان ميرن جي دل پڻ وندرائيندا هئا. اسلحہ بردار هوندا هئا، جن وٽ شاهي هٿيار هوندا هئا[4].

ميرن جا شڪار گاهہ بيلي، ٽڪر ۽ ٿر ۾ مختلف جڳهن تي هوندا هئا، ۽ هر هڪ جڳهہ تي جدا جدا نموني جو شڪار ٿيندو هو.

**بيلي جو شڪار:**

بيلي ۾ سوئرن، ڦاڙهن جو شڪار هيٺين نمونن سان ٿيندو آهي.

i. اوسر: رات جو جانور جهنگ ڇڏي، پوکن ڏانهن هليا ويندا آهن. ماڻهو اڌ رات جو وڏي جهنگ ۽ ننڍي جهنگ جي وچ ۾ باهيون ٻاريندا آهن، ته جيئن جانور جلدي واپس موٽي نہ وڃن. پوءِ اسر جو ٻاڪ ڦٽڻ کان اڳ ۾ باهين جي پر سان شڪاري اچي

---

[1] Adrian Durate, Dr. "The Beggar Saint of Sehwan". Elite Publishers, Karachi, p.45

[2] محمد حنيف: جيمس برنز جي ڪتاب "سنڌ جي دربار جو ترجمو"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1964، ص 84.

[3] مير دوست محمد خان، "مسوده سرگزشت تالپران"، قلمي فارسي.

[4] رحيمداد مولائي شيدائي، "جنت السنڌ" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1958ع.

ڪڏڻ ۾ ويهندا آهن. ۽ باهيون وسائي ڇڏبيون آهن. باهين وسائڻ شرط، ماڻهن جا هشام گڏجي جانورن کي تڙيندا آهن. انهيءَ جانورن جي تڙ کي ”اوسر ڪچڻ“ سڏبو آهي. جانور سيني طرفن کان تڙجي ڪڏڻن جي سامهون ايندا آهن، ۽ شڪارين جي هٿان مرندا آهن.

ii. مهاڙي: شڪار لاءِ مخصوص ٿيل جهنگ کي مهاڙي، يا ڪهو سڏبو آهي، مهاڙين کي چوڌاري وڏا لوڙها ڏئي ڇڏيندا آهن، تہ جيئن جانور ٻاهر نڪري نہ وڃن. مهاڙي ۾ مختلف جڳهن تي ڪڏڻا نهيل هوندا آهن. ڪڏڻي جي سامهون ۽ پاسن کان جهنگ ڪپي وڏا چارا ناهي ڇڏبا آهن، جن کي دنگ سڏبو آهي. اهي دنگ ٽن قسمن جا هوندا آهن. ڪڏڻي جي بلڪل سامهون واري دنگ کي شاهہ دنگ سڏبو آهي. ڪڏڻي جي ٻنهي پاسن وارن دنگن کي ٻانهين وارا دنگ سڏبو آهي. باقي شاهہ دنگ ۽ ٻانهن وارن دنگن جي وچ ۾ جيڪي بہ دنگ هوندا آهن. تنهن کي شاهہ دنگ سڏبو آهي. دنگن جي وچ ۾ جيڪي جهنگ جا ٽڪرا بچندا آهن، تن کي ٻوٽا سڏبو آهي. شڪاري ڪڏڻن ۾ بندوقون ڪٽي ويهندا آهن ۽ ٻين طرفن کان ماڻهو جانورن جي تڙ ڪندا آهن. جانور دنگن مان ڪڏڻن ڏانهن پهچندا آهن، ۽ اچي شڪار ٿيندا آهن.

iii. چوڙ: ٻيلي ۾ چوڙ جي شڪار ۾ صرف سوئر مرندا آهن. جهنگ ۾ ڪڏڻن جي پرسان ڪافي ان هاري ڇڏبو آهي. جيڪو سوئر اچي کائيندا آهن ۽ ڪافي ڏينهن اهو ان ُهاربو آهي، ۽ سوئر هري ويندا آهن. هڪ ڪڏڻي ۾ ويهي شڪاري شڪار ڪندا آهن. انهي هاريل ان کي ”چوڙ“ سڏبو آهي.

iv. ٽاري: ٽاري جو شڪار بہ چوڙ وانگر ٿيندو آهي، پر هن ۾ سوئرن جي بدران ڦاڙها مرندا آهن. ۽ اُن جي بدران وڻن جون ٽاريون ڪپي ڪڏڻن جي پرسان رکبيون آهن. هن کي چري، ڦاڙها هري ويندا آهن. ۽ هڪ ڏينهن تي ڪڏڻي جي آڏو اچي مرندا آهن.

v. ٻولي: عام طور تي ڪونج پکيءَ جو ڪنب ٺتو ڪري، اُن ۾ بادام جي ڪانيءَ جو سنهڙو پردو وجهي ڇڏبو آهي. شڪار جي موقعي تي ان کي وات سان وڄائي ڦاڙهي جي ماديءَ جي ٻولي ڪبي آهي. ڦاڙها ٻولي جو ڏوڪو ڪائي پهچندا ايندا آهن. ۽ لڪل توبچين هٿان مرندا آهن.

vi. چين: هي شڪار ڪٽڪ جي فصل ۾ ٿيندو آهي. شڪاري فصل جي پرسان هڪ ڪڏ ڪٽي، ان ۾ بندوق سان لڪي ويهندو آهي. انهي ڪڏ کي اُودي سڏبو آهي.

ڦاڙها فصل ۾ چرڻ ايندا آهن، ۽ شڪارين هٿان مرندا آهن. هن شڪار کي اودي جو شڪار بہ سڏبو آهي.

vii. سُير جو شڪار: هن شڪار ۾ رات جو سوئرن تي ڪتا ڇڏيا آهن.

Viii دٻي جو شڪار: ٻيلي ۾ ڪجهہ پاڻي جا دٻا هوندا آهن، جن جي پرسان ڪڏڻا ٺاهي لڪي ويهبو آهي. سوئر يا ڦاڙها انهن دٻن تان پاڻي پيئڻ ايندا آهن، ۽ شڪارين هٿان مرندا آهن. هن کي پيئي جو شڪار بہ سڏيندا آهن.

**ٽڪر جو شڪار:**

ٽڪر ۾ سوئر ۽ ڦاڙها ڪين هوندا آهن. هتي صرف هرڻن جو شڪار ٿيندو آهي. هن شڪار جا هيٺيان قسم آهن:

i. **مهاڙي:** ٻيلي وانگر ٽڪر ۾ بہ مهاڙيون ٿينديون آهن، جن ۾ جهنگ نہ هوندو آهي. ٽڪر جي مهاڙين کي لوڙهي ڏيڻ جي ضرورت نہ هوندي آهي هتي ٽڪر جي نين ۽ گهارن جي منهن وٽ ڪڏڻا ٺهيل هوندا آهن. رات جو جانور ٽڪر ڪان لهي آسپاس جي فصلن ڏانهن هليا ويندا آهن. اسر جو شڪاري ڪڏڻن ۾ لڪي ويهندا آهن، ۽ ٻين طرفن کان دستور موجب ماڻهو ٻاڪ ٿيڻ سان ئي جانورن کي تڙيندا آهن. جانورن جي انهي تڙ کي "هاڪو" سڏبو آهي. جانور سيني طرفن کان تڙجي ڪڏڻن جي آڏو ايندا آهن، ۽ اچي شڪار ٿيندا آهن.

i. **گرگ** : هي شڪار پنيءَ اگهاڙي اُٺ جي ذريعي ٿيندو آهي. هڪڙو ماڻهو اٺ جي اڳين ڄنگهن جي اوٽ ۾ هلندو آهي. اٺ جي ناڪيليءَ ۾ هڪ لٺ ٻڌي ڇڏبي آهي، جنهن کي گرگٽي سڏبو آهي. اها گرگڻ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هوندي آهي، جنهن جي ذريعي اٺ کي هرڻن جي پرسان ڪاهبو هلبو آهي، انهيءَ اٺ ڪاهڻ واري ماڻهو کي گرگي يا ورائو سڏبو آهي، هڪڙو ٻيو ماڻهو بندوق سان اٺ جي پوين ڄنگهن جي اوٽ ۾ هلندو رهندو آهي. اٺ جڏهن هرڻن جي پرسان ايندو آهي، تڏهن بندوق وارو ماڻهو زمين تي ويهي رهندو آهي، اٺ اڳتي ٿيندو آهي، تہ هو فائر ڪري هرڻ ماريندو آهي. هرڻ اٺ کان نہ ٺهندا آهن.

iii. **ٻنو:** ٽڪر ۾ ڪجهہ ويرا يا چرون ٿينديون آهن، جن کي ٻنو سڏبو آهي. گرمي جي موسم ۾ منجهند جو ڪافي هرڻ انهن ٻنن ۾ اچي آرام ڪندا آهن. ان وقت شڪاري بندوقون ڪٽي اچي هرڻ ماريندا آهن.

iv. **گهوم:** ٽڪر ۾ شڪاري لڪي لڪي وڃي هرڻ ماريندا آهن. هن نموني جي شڪار کي گهوم جو يا لڪ جو شڪار سڏبو آهي.

**ٽر جو شڪار:**

ٽر ۾ فقط هرڻن جو شڪار ٿيندو آهي. هتي بہ ٽڪر وانگر پٿن ۽ پڙن تي مقرر ٿيل مهاڙيون هونديون آهن. جن ۾ ڪڏهن ناهي شڪار ڪبو آهي، ٽر ۾ مهاڙين کان سواءِ گرگ ۽ گهوم جو شڪار بہ ڪبو آهي. هتي بنا ڪين ٿيندا آهن.

**پکين جو شڪار:**

هي شڪار بيلي، ٽڪر ۽ ٽر جي ڍنڍن، ڍورن، تلائن ۽ پاڻي جي ڏُبن تي ٿيندو آهي. صبح جو يا شام جو بندوقون کڻي اچي پاڻي جا پکي ماريا آهن. انهن پکين مان نيرڳيون، بدڪون، ڪارا، ڪرڙا ۽ شهگوش مشهور آهن. اهي پکي سياري جي موسم ۾ ايندا آهن. انهن موسمي پکين کان سواءِ بيا جهنگ جا پکي هيٺين نمونن سان شڪار ڪبا آهن:

i. **چاڙهاڪو:** هي شڪار شام جو واهيري جي مهل يا صبح جو ساجهرئي ٿيندو آهي. پکي آرام سان وڻن تي ويٺا هوندا آهن. جن کي شڪاري بندوق کڻي اچي ماريندا آهن.

ii. **ٻولي:** هن شڪار ۾ ڪارڙا ماريا آهن. هڪ پاليل ڪارڙو تتر پڃري ۾ وجهي جهنگ ۾ وڃي رکبو آهي، هو ٻوليندو آهي تہ جهنگلي تتر ان جي ٻولي ٻڌي ساٽس وڙهڻ ايندا آهن. شڪاري بندوق سميت پرسان لڪو ويٺو هوندو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح جهنگلي تترن کي ماريو ويندو آهي.

iii. **هشڪر:** هن شڪار ۾ شڪاري جهنگ ۾ ڪارڙي تتر، ماديءَ جي ٻولي، وات سان ڪندو آهي. جنهن تي نر تتر ڏوڪو کائي ويجهو ايندو آهي ۽ بندوق سان ماريو ويندو آهي.

iv. **چوڻ:** جهنگ ۾ جتي تترن يا ٻين پکين جي جوءِ هوندي آهي، اتي ان هاري ڇڏبو آهي. ڪجهہ ڏينهن اهو ان کائي پکي هري ويندا آهن آهن. شڪاري هڪ ڏينهن اُتي بندوق کڻي اچي شڪار ڪندو آهي.

v. **اُڏار:** هن شڪار ۾ هڪ طرف کان شڪاري بندوق کڻي بيهندا آهن، ۽ ٻئي طرف کان ماڻهو شور مچائيندا. پکين کي اڏاريندا آهن ۽ شڪاري پکين کي اڏرندي شڪار ڪندا آهن.

vi. پڳو: هن شڪار ۾ شڪاري ڏگهو ڪپڙو ڪٽي جهنگ ۾ هلندو آهي. انهيءَ ڪپڙي ۾ ڪجهه تنگ هوندا آهن، جن مان شڪاري پکين کي ڏسندو آهي، پکي ان کان نه ٿهندا آهن. هو جڏهن مار ۾ ايندا آهن تڏهن انهن کي بندوق سان شڪار ڪبو آهي.

**بازن جو شڪار:**

پکين جي شڪار لاءِ مختلف قسمن جا باز پاليا ويندا آهن ۽ کين شڪار جي سکيا ڏني ويندي آهي. جهنگلي باز جي اکين تي ٽوپي چاڙهي کين روشني واري ڪمري ۾ رکبو آهي. ڪمري جون دريون ۽ دروازا بند ڪري ڇڏبا آهن. جيئن ٻلن وغيره کان محفوظ رهي. باز کي صبح شام ڪاڏو ڏنو ويندو آهي، پر ان کي هيرائڻ لاءِ کيس قريبًا چاليهن ڏينهن تائين سجاڳ رکبو آهي. هن کي سمهڻ يا ننڊ ڪرڻ اصلي نه ڏبي آهي، انهي طرح سان اوجاڳي ڪرائڻ کي شب بيداري سڏبو آهي[1]. باز جي ٽوپيءَ ۾ آهستي آهستي سئي سان سوراخ ڪبا آهن اهڙي طرح سان هن کي اڏي تي ويهارڻ سيکاربو آهي. هو جڏهن ڪجهه هري ويندو آهي تڏهن ٽوپي لاهي ڪنهن پکيءَ جي کنڀ ۾ گوشت ٻڌي ان جي اڳيان مٿي اڇلبو آهي. هو جهٽڪو ڏئي ان تي حملو ڪندو آهي. هن جي اهڙي حملي کي باولي سڏبو آهي، پهريائين باولي کان پوءِ ٻي باولي تي ڪنهن پکيءَ جا کنڀ ڪٽي ان کي اڇلي ڏبو آهي ٽئين ۽ چوٿين باولي تي چاق چڱا تتر اڏاري ڏبا آهن. چئن باولين کان پوءِ باز کي ٻاهر وٺي وڃبو آهي ۽ هن جي ٽوپي وغيره لاهي ڇڏبي آهي[2] ۽ هو شڪار جي قابل ٿي ويندو آهي.

مير شڪار لاءِ هيٺين قسمن جا باز پاليندا هئا:

i. **لغڙ مادي ۽ جهڳڙ نر:** هي سنڌ جو باشندو آهي، پر ڏگها ۽ اکيون ڪاريون ٿينديون آهن، هن سان تتر ۽ تلور جو شڪار ڪبو آهي. شڪار جي موسم گذرڻ کان پوءِ هن کي ڇڏي ڏبو آهي[3].

ii. **باز مادي ۽ زور نر:** هن کي بازن جو بادشاهه سڏيندا آهن. هي خراسان جو رهاڪو آهي، سندس اکيون گلابي پيليون ٿينديون آهن، هن سان به تتر ۽ تلور جو شڪار ڪبو آهي[4].

---

(1) Langley "At The Court of Ali Murad". Op. cit. p 125.

(2) Burton Richard, F."Folconry in the Valley of the Indus," John Vonvoorst, London, 1852, p 41 to 49.

(3) Burns. Alenxander: "Cabool", 2nd Edition, Govt, Press. Lahore, 1961, p 38.

(4) Burns Alexander, "Cabool" 2nd Edition Govt. Presss Lahore, 1961, p 38.

iii. **باشو مادي ۽ بشين نر:** هي خراساني آهي سندس پر ننڍا ۽ اکيون گلابي هونديون آهن[1]. هي اڏرڻ ۾ تمام تيز آهي، هن سان تتر ۽ وهين جو شڪار ڪبو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سرڻ يا هل تي به ڇڏبو آهي[2].

iv. **چراغ مادي ۽ چرغيلو نر:** هي ڪڇي (Cuthee) ۾ ٿيندو آهي، ۽ سندس اکيون ڪاريون هونديون آهن هن سان تلور ۽ هرڻ جو شڪار ڪبو آهي.[3] ڪڏهن ڪڏهن هل تي به ڇڏبو آهي[4].

v. **بحري مادي ۽ بحري بچونر:** هي سنڌ جو رهاڪو آهي. مسٽر برنس هن کي وقعت نٿو ڏئي پر حقيقت ۾ هي هڪ وڏي اهميت وارو پکي آهي هن سان تلور ۽ ٻيلائي پکين جو شڪار ڪبو آهي[5].

vi. **شاهين مادي ۽ شاهينچو نر:** هن کي ڪوهي ۽ ڪوهيلا به سڏيندا آهن[6]. هي سنڌ جو پکي آهي سندس اکيون تمام ڪاريون ٿينديون آهن، هن سان تتر ۽ تلور جو شڪار ٿيندو آهي[7].

vii. **شڪرو مادي ۽ چپڪ نر:** هي به سنڌ جو پکي آهي. سندس اکيون گلابي ٿينديون آهن، ننڍن پکين جو شڪار ڪندو آهي[8].

viii. **ترمچي مادي ۽ چتوو نر:** هي به سنڌ جو رهاڪو آهي. سندس اکيون ڪاريون ٿينديون آهن شڪار جي موسم کان پوءِ هن کي ڇڏي ڏبو آهي[9].

**ڪتن جو شڪار:**

سنن شڪارين وٽ شڪاري ڪتن جي لوڏ هوندي آهي. جنهن جي ذريعي هرڻن، ڦاڙهن ۽ سوئرن جو شڪار ڪندا آهن. هرڻن ۽ ڦاڙهن تي تازي ڪتا ڇڏبا آهن جيڪي هنن کي پٺيان وڃي وٺندا آهن، پوءِ شڪاري وڃي انهن کي ذبح ڪندو آهي. رات جو سوئرن کي پنجوڙن ۾ ڦاسائي انهن تي ڪتن جي ٻچ ڪبي آهي.

---

(1) Ibid.

(2) زباني روايت ڦوٽو بازدار ساڪن ڪوٽڏيجي.

(3) Burns Alexander: op. cit. p 38.

(4) زباني روايت ڦوٽو بازدار ساڪن ڪوٽڏيجي.

(5) Langely, op. cit. p 222.

(6) زباني روايت ڦوٽو بازدار.

(7) Burns Alexender: "Cabool" op cit. p 39.

(8) Burton: "Faloconry in the Valley of Indus", op. cit. p 15.

(9) Burns Alexendar: op. cit. p 39.

انهيءَ ٻچ کي الهڙ ڪري سڌبو آهي. جيڪي ڪتا سوئر کي جهنگ مان ڳولهي ٻاهر ڪيندا آهن، تن کي لڌڙيا سڏبو آهي[1].

**واڳوءِ سيسر جو شڪار:**

هي شڪار درياهه يا ڪنهن وڏي واهه جي ڪپ تي ٿيندو آهي. شڪاري اميرن جا ماڻهو واڳو سيسر جي ويهڻ واري جاءِ تاڙي ان جي سامهون ڪکن ۽ ڪانن جي وڏي ڪنڌي ڏئي ڇڏيندا آهن ۽ ان ڪنڌي ۾ ٿورا سوراخ ڪري ڪکن سان ڍڪي ڇڏيندا آهن. جيڪڏهن اتفاق سان ڪو واڳو يا سيسر نڪري ڪپ تي آرامي ٿيندو ته پوءِ تڪڙو شڪاري کي وڃي اطلاع ڏيندا آهن. پوءِ شڪاري لڪندو ڇپندو ڪنڌي جي ٻئي پاسي تي ايندو آهي، ۽ سوراخ مان بندوق جا فائر ڪري شڪار ڪندو آهي[2].

**متفرق شڪار:**

مٿي ذڪر ڪيل شڪار جي نمونن کان سواءِ تڪر ۾ سرهن، روجهن گڏن ۽ جهنگلي گهٽن ۽ ٻڪرن جو شڪار به ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تڪرن ۾ ٻگهڙ چيتو يا شينهن به منهن پوندو آهي ته ان جو شڪار به ڪندا آهن. مير علي مراد خان شڪار لاءِ ڪجهه چيتا پاليا جن جي ذريعي هرڻن جو شڪار ٿيندو هو.

## راڳ ۽ ساز:

ميرن جي دور ۾ مسلمانن جي سماع ۽ هندن جي ڀڄنين کي عبادت جي حيثيت حاصل هئي. ماڻهن ۾ راڳ ٻڌڻ ۽ ناچ ڏسڻ جو رجحان عام ٿي چڪو هو. وڏا جاگيردار ۽ زميندار هر وڏي دعوت جي موقعي تي پيشه ور رقاصائن کي گهرائيندا هئا. اهي رقاصائون پنهنجي فن کان واقف هيون، ۽ ڪين ناچ تي پورو پورو عبور حاصل هوندو هو. سنڌ جا امير شاندار محلات ۾ ناچ رنگ جي عيش وارين محفلن جو انتظام ڪندا هئا. جڏهن اهي رقاصائون فارسي جا اعليٰ غزل پڙهنديون هيون ۽ ناچ ڪنديون هيون، ته پناڻ ۽ بلوچ بيقرار ٿي ويندا هئا. هو دربار جي تڪلفات کي نظر انداز ڪري بي اختيار اڳتي وڌي ويندا هئا. ته جيئن وڌيڪ ويجهو ٿي ناچ ڏسي سگهن[3].

---

[1] زباني روايت: مير حسين بخش خان، ساڪن: ڪوٽڏيجي.

[2] منظور نقوي، سيد: سنڌي جي مدنيت، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1969، ص 167.

[3] عبدالسلام خورشيد "پاڪستان کي لوک ناچ" ادبيات نو لاهور 1949ع، ص 127.

انهن رقاصائن مان جيوڻ بخش جو نالو چوٽ تي چڙهيل هو جيڪا پنهنجي پيڙن سان گڏ راڳ ۽ ناچ جو بهترين مظاهرو ڪندي هئي. هيءَ عورت پنهنجي فن جي ڪمائي مان خير خيراتون به ڪندي هئي، ۽ مسجدون به ٺهرائيندي هئي[(1)].

جيوڻ بخش کان پوءِ مير علي مراد خان جي ڏينهن ۾ امير بخش نالي هڪ اداڪارا پنهنجي حسن ۽ فن جي لحاظ کان سڄي ملڪ ۾ مشهور هئي. ڪيس مير صاحب جي مختيارڪار ديوان هوتسنگهه جي سرپرستي به حاصل هئي. هن جي طائفي ۾ مينا ٻائي ۽ بيگم بخش به بهترين ڳائڻين ۽ نچڻين هيون[(2)].

انهن رقاصائن کانسواءِ ڪشن لال ۽ سندس پٽ گلزار ۽ بشن لال پنهنجي وقت جا وڏا ڪٿڪ هئا، جيڪي ميرن جي وقت ۾ اگهاڙين تلوارن جي مٿان پيرين اگهاڙا ناچ ڪندا هئا. ان کانسواءِ زمين تي پتاشا هاري، انهن جي مٿان نچندا هئا، ته ڪوبه پتاشو نه ڀڃندو هو. اهي ڪٿڪ مير فيض محمد خان جي ڏينهن تائين زنده هئا[(3)].

**گويه:**

مير رستم خان جي ڏينهن ۾ 1930ع ڌاري جيسلمير جا گائڪ، استاد بخشو خان ۽ استاد صادق علي خان ٻئي خيرپور ۾ آيا، ۽ پڪي راڳ جون محفلون مچايون. هو دهلي جي گائڪي ۾ ڪرناٽڪي رنگ به ملائيندا هئا. راڳ سان گڏ طبلي ۽ سارنگي جا به استاد هئا. مير سهراب خان جي وفات بعد، جڏهن خيرپور جي دربار ۾ محلاتي سازشون شروع ٿيون، ۽ پائرن جي بي اتفاقي وڌي، تڏهن اهي ٻئي خيرپور ڇڏي، حيدرآباد هليا ويا[(4)].

مير علي مراد کي پڪي راڳ ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هندوستان جي مختلف شهرن مان پڪا ڳائڻا اچي مير صاحب وٽ مجرو پريندا هئا، ۽ دهرا دان حاصل ڪندا هئا. ان وقت اهو پٽياڪو مشهور ٿي ويو هو ته اهو ڳائڻو ئي ناهي، جنهن مير علي مراد وٽ نه ڳايو هجي. پنجاب جو وڏي ۾ وڏو استاد ڳائڻو فريد بخش، ملتان جو پيري پوڻ محلو ڇڏي، پنهنجي فرزند چراغي خان سميت هميشه لاءِ خيرپور ۾ اچي رهيو هو. ميان چراغي خان جا چار پٽ، ميان ٿمو ميان فريد بخش ثاني، ميان عيدو خان ۽ ميان غلام حيدر پنهنجي وقت جا وڏا فنڪار ۽ استاد ڳائڻا ٿي گذريا آهن. اهي چار ئي استاد مير امام بخش جي زماني 1909_1921ع تائين زنده هئا.

---

(1) Alexander Burns "Cabool", Govt: Press, Lahore, 1961, p 36.

(2) Langlay "At the Court of Ali Murad", Vol-II, Hurst & Blackett, London, 1860. p 67.

(3) زباني روايت: قلندر بخش لڏيال، ساڪن: خيرپور.

(4) عبدالعزيز شيخ "مضمون سنڌ جا موسيقار"، روزانه مهراڻ، سالگرهه نمبر، حيدرآباد، 1962ع، ص 33.

ميان ٺمو جو پٽ ميان گلايو مير علي نواز خان جو درٻاري ڳائڻو هو. ميان عيدي جو پٽ ميان غلام قاسم بهترين سارنگي نواز هو ۽ ميان غلام حيدر جا ٻه پٽ ميان غلام حسين ۽ ميان خادم حسين پنهنجي وقت جا وڏا طبله نواز ۽ باجي جا استاد ٿي گذريا آهن، جيڪي سٺن ڳائڻن سان سنگت ڪندا هئا.

ميان چراغي خان جون ڏيون، مائي موران ۽ مائي بکان، ميان ٺمو جي ڌيءُ، مائي مغلان، ميان غلام حيدر جي ڌيءَ مائي هوتان به پنهنجي زماني جون وڏيون ڳائڻيون ٿي گذريون آهن[1].

سنڌي پڪو راڳ ڳائيندڙن مان سيد غلام شاهه هٽڙي وارو ۽ گلاب خان مير علي مراد جا درٻاري ڳائڻا هئا، ۽ کين راڳ مالا تي پوري دسترسي هوندي هئي[2]. انهن کانسواءِ لاهور جا ڳائڻا استاد فتح علي خان ۽ استاد عليو خان به مير علي مراد خان جي درٻار سان منسلڪ هوندا هئا. ۽ مختلف موقعن تي اچي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا. کين گهر وٺي مير صاحب طرفان شرحون پهچنديون هيون[3].

**ڪافي خوان:**

ميرن وٽ اهڙا ڳائڻا به هوندا هئا، جيڪي يڪتاري تي سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون چوندا هئا. ڪافي خوان جي عملي ۾ ڪم از ڪم اٺ ڄڻا هوندا هئا ۽ هنن کي ڪلونت به سڏيندا هئا. مير سهراب خان ۽ مير رستم خان جي زماني ۾ ڪلونتن مان لونگ فقير ۽ سندس پٽ پانڌي فقير ٻلهاڻي سٺا ڳائڻا هئا. انهن کانسواءِ پانڌي فقير جا ٻه پٽ سبحان فقير ۽ صادق فقير نه صرف سٺا ڳائڻا ۽ قوال هئا، پر پنهنجي وقت جا سٺا شاعر به هئا. اهي ڪڏهن ڪڏهن مير عالي خان وٽ به چونڪي ڏيندا هئا، ۽ مير علي مراد خان جي صاحبي ۾ سندس درٻار سان به منسلڪ هوندا هئا[4].

مير علي مراد خان جي ڪلونتن مان عارب ۽ جندو لڏيال، لونگ ۽ جعفر شيدي، بخشو ٻلهاڙي، نارو چانڊيو ۽ امام بخش ميراسي اعليٰ درجي جا ڳائڻا هئا[5].

مير فيض محمد خان ۽ مير امام بخش خان جي ايامڪاري ۾ جيڪي ملازم هئا تن مان هيٺين جا نالا قابل ذڪر آهن: واڌل شاهه، گلڻ شاهه، قيصر شيدي، خدا

---

[1] زباني روايت: قلندر بخش لڏيال، ساڪن: خيرپور.

[2] احمد علي خان سرائي "سفرنامه"، فارسي، قلمي، 1352 هجري، ص 40.

[3] زباني روايت: قلندر بخش لڏيال، ساڪن: خيرپور.

[4] زباني روايت: پريل ٻلهاڙي، ساڪن: ڪوٽڏيجي.

[5] Old record of D.C's office Khairpur, for 1896.

بخش پٽ ڪلادي، سعد خان پٽ محمد خان پٽ بخش چانگ، علي خان ولد عالم خان چاڪراڻي، نابين پچراهه وارو امائو ميراسي ۽ رمضان.[1]

مير علي نواز خان جي درباري ڳائڻ مان جان محمد شيدي، ڏنو جمالي ۽ هادي بخش شاهه هنگورجن وارو مشهور هئا. مير علي نواز خان کي راڳ جو پنهنجن وڏن کان به وڌيڪ شوق هوندو هو. هن کي عشق جي لپاٽ لڳل هئي، تنهن ڪري راڳ ويراڳ جون محفلون سجائڻ سندس فطرت بڻجي وئي هئي. سنڌ ۽ هندستان جا مشهور ڳائڻا ۽ ڳائڻيون سندس دربار ۾ ايندا رهندا هئا. هو دهلي، لاهور يا اجمير ويندو هو ته اتي به وڏن ڳائڻن جا طائفا وٽس مجرو پرڻ ايندا هئا، انعام اڪرام وٺندا هئا. پنهنجي رياست ۾ به هميشه ويرانا وسائيندو هو. جتي به منزل ڪندو هو اتي رنگ لڳي ويندا هئا. آسپاس جا فقير فقراءَ ساز کڻي مير صاحب جي اڳيان مجرو پريندا هئا، ۽ ڪڏهن ڪڏهن مير صاحب پاڻ يڪتارو کڻي ڳائڻ ۾ جنبي ويندو هو. جيڪو کيس داد ڏيندو هو تنهن کي انعام ملندو هو.[2]

**ساز:**

ميرن جي ڏينهن ۾ هاڻوڪن انگريزي ۽ هندوستاني سازن جو رواج ڪونه پيو هو. هيٺيان پراڻي قسم جا ساز هوندا هئا[3]. بوڙيندو بين، بنسري، مرلي، الغوزو يڪتارو، تنبورو، سارنگي، سرندو، رباب، دهل، پکواز، ڏڪڙ، چنگ جهانجهه، گهڙو ۽ گهاگهر.

**ملهه ۽ ملاکڙا:**

سنڌ ۾ ملهه تمام آڳاٽي وقت کان رائج هئي، پر ٽالپري دور ۾ ان جي ايڏي ترقي ٿي جو اها هڪ قومي کيڏ جي درجي کي وڃي پهتي. ميرن توڙي سنڌن اميرن ملهن جي وڏي قدرداني ڪئي، ۽ پنهنجا پنهنجا ملهه، خاص خوراڪ ۽ تربيت ڏيڻ سان تيار ڪيا. انهيءَ دور ۾ ئي اهو اصطلاح ايجاد ٿيو ته فلاڻو فلاڻي جو ملهه آهي، پنهنجن ملهن جي ڪاميابي سان خود مير ۽ امير مرڪڻ لڳا. خيرپور جي ميرن ملهه پاڻ ويهاريا، ۽ انهي جي تربيت شروع ڪئي. خيرپور جي ميرن جي ملهن سان مقابلي لاءِ هين پاسن کان توڙي حيدرآباد طرفان ملهه وڃڻ لڳا، ۽ اهڙي طرح لاڙ ۽ اتر جي ملهن جي ٽولن جو بنياد پيو. ٽالپرن جي دور کان حاڪمن، اميرن توڙي سردارن

---

(1) Old record of Mirs for 1899 to 1900 A.D, Now in D.C's office, Khairpur.

(2) زباني روايت: احمد بخش سوهو، سابق توشڪي مير علي نواز خان.

(3) عبدالعزيز شيخ: "مضمون سنڌ جا ساز"، روزانه مهراڻ، سالگره نمبر، حيدرآباد، 1961ع، ص 40 کان 44.

پنهنجي ذوق سببان ملهن ۽ ملاکڙن کي ارادتاً زور وٺرايو ۽ مناسب موقعن تي اعلان ڪرائي، ملاکڙا لڳرايا[1].

مير مراد علي خان جو درباري ملهه عالم خان گوپانگ هڪ وڏو پهلوان ۽ مٿير مرد ٿي گذريو آهي. قد جو ڊگهو سيني جي تختي ويڪري ۽ چيلهه سنهي هيس. آڏو ملهه کي چوندو هو ته جيڪا وٽئي سا ڪر ڪنهن ڪون ٿي دسيس. صرف هڪ دفعي لاڙ جي ملهه جمعي ٻير پوئين ملهه ورتس ان وقت عالم خان جا ساٿاري، نورو گلراٽي، عبدالنبي پنڊ، جعفر ککراٽي، ۽ اميد علي ڏوگر هئا[2].

انهن کان سواءِ نورل ڦل کرڙاه، وارو نبي بخش جوڳي ٺري وارو، ڪوڙو خان شڪارپور وارو به اتر جي ملهن ۾ مشهور هئا. لاڙ جي ملهن مان اسماعيل لبو شيدي، جمعو ٻير شيدي ۽ علو مشهور هئا[3].

مير علي مراد خان جي آخري دور ۽ مير فيض محمد خان جي وقت ۾ سيد صالح شاهه راڻيپور وارو، مير محمد مراد خان ٽالپر، سرائي علڻ خان ڏاريجو ۽ سرائي گنهور خان سخي، ملهن جي سرپرستي ڪندا هئا. سڄي سنڌ جا ملهه ڪيترو ئي وقت وٽن اچي رهندا هئا ۽ انعام اڪرام وٺندا هئا. اهو رياست خيرپور جي ملهن جو ٻيو دور هو هن دور ۾ اتر جي ملهن مان صاحب خان مگٽيجو نواڙي وارو، جيئندو مير بحر سکر وارو، جوڳي ٺري وارو، ولي محمد شيخ سڳين وارو ۽ ڪرم علي شاهه پير ڳوٺ وارو مشهور ملهه هئا. لاڙ جي ملهن مان ڪوڏو شيدي، دالو شيدي، اسماعيل شيدي، جمعو شيدي ۽ جمال سريوال مشهور هئا[4].

مير امام بخش خان جي دور ۾ اتر جا هيٺيان ملهه مشهور هئا: نبي بخش گنيير، هادي بخش ڪاسائي، غوث بخش پنڻ ۽ وزير شر. لاڙ جي ملهن مان احسان سانڊاڻو صفر شيدي، حاجي شيدي، ۽ محمد شيدي مشهور هئا[5].

مير علي نواز خان هڪ روشن خيال ثقافت جو رکپال امير ٿي گذريو آهي. عالمن، راڳين ۽ ٻين فنڪارن سان خوشيءَ جي موقعن تي ملهن جي سرپرستي به ڪندو هو. سندس حڪومت جي دور ۾ گمبٽ جو پير سيد نالي چڱو ۽ مير علي

---

[1] نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: مضمون "سنڌ جا ملهه ۽ ملاکڙا"، روزانه مهراڻ، حيدرباد، سالگرهه نمبر، 1961ع، ص 42.

[2] نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر: "مضمون سنڌ جا ملهه ۽ ملاکڙا" "روزانه مهراڻ" حيدرآباد سالگره نمبر، 1961، ص 42.

[3] زباني روايت: بولو خان جوڳي ساڪن ٺري ميرواهه.

[4] ايضاً

[5] ايضاً

ڏنو خان بہ ملاکڙن جا شوقين ۽ ملهن جا مددي هئا. مير علي ڏنو خان تہ هاٿي بہ پهلوانن جي سرپرستي ڪندو رهي ٿو. هن دور ۾ اترادي ملهن مان محمد بخش مهر، نوازعلي خان پناڻ، دائم ڪتوهر، اسماعيل ڪوکر ۽ نور محمد مهر سنا ملهہ ٿي گذريا آهن. لاڙ جي پهلوانن مان گل جهلڻ، حاجي شيدي، بلادي شيدي ۽ يڪو خاصخيلي مشهور هئا[1].

مير علي نواز خان کان پوءِ ملهن جو موجوده دور شروع ٿئي ٿو. هن دور ۾ اقبال جوڳي، بولو جوڳي، غوث بخش ڪلهوڙو لعل محمد، شير گوپانگ، گل حسن ڪبو قلب علي جتوئي سنا ملهہ آهن، جن مان اقبال جوڳي پنهنجو وارو وڃائي گذاري ويو آهي. بولو جوڳي ڪراڙو ٿي ويو آهي، باقي غوث بخش ڪلهوڙو ۽ شير مير بحر چوٽيءَ جا ملهہ ليکجن ٿا. انهن جي سرپرستي مير علي ڏنو خان ٽالپر ۽ پير ميران شاهہ راڻيپور وارو ڪري رهيا آهن. لاڙ جي ملهن مان انب شيدي، مٺر شيدي، هوشو شيدي، دلاور شيدي، رمو مهاڻو نگر گوپانگ ۽ غلام محمد منڇرو مشهور آهن[2].

مٿي ذڪر ڪيل سمورا ملهہ پنهنجي پنهنجي وقت ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا رهيا آهن. خيرپور جي سرڪاري تقريبن ۽ ميرن جي شاديءَ جي موقعن تي بہ وڏا وڏا انعام حاصل ڪندا رهيا آهن. انهن جا وڏا مقابلا پٽ شاهہ، سيوهڻ، دڙي، جهوڪ شريف ۽ راڻيپور جي ميلن جي موقعن تي ٿيندا آهن.

## تعميرات:

مير بلوچن جي جنگجو قوم مان هئا. تنهنڪري سپاهيانہ زندگي بسر ڪندا هئا. هوعيش عشرت ۽ زندگي جي تڪلفات جي بدران بلوچي روايتن کي قائم رکڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. اهوئي سبب آهي. جو هنن تعميرات تي گهٽو توجہ ڪونہ ڏنو. زياده ۾ زياده پنهنجي رهائش لاءِ هر هڪ مير پنهنجو ڪوٽ يا ٽنڊو بڏرائيندو هو تہ جيئن هو آرام سان رهي سگهي ۽ پنهنجي فوجي وهٽن کي آسودو رکي سگهي. مير سهراب خان اتر سنڌ جي حڪومت قائم ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد ۽ ميرپورخاص جي ميرن وانگر پنهنجي سرحدن جي بچاءَ لاءِ ڪجهہ فوجي قلعا تعمير ڪرايا، جن مان احمدآباد، امام ڳڙهہ ۽ شاهہ ڳڙهہ مشهور آهن.

---

(1) Verbal report of Bulo Jogi of Village Thari.

(2) Verbal Report of Serai Rale Nawaz Khan of Khairpur.

**احمد آباد:**

هي قلعو ڪوٽڏيجي جي هڪ ٽڪري تي مير سهراب خان جي وزير تعميرات سرائي محمد صالح خان خدمتگار 1797ع ۾ تعمير ڪرايو. تعمير جي سال جو مادو ”قلعو محفوظ بي باڪ“ مان برآمد ٿئي ٿو[1]. هيءَ هڪ حربي قلعو آهي، جنهن جون ديوارون ويهه فوٽ اوچيون ۽ چار فوٽ ويڪريون آهن. قلعي جي عمارت تقريبًا گول دائري ۾ پڪين سرن ۽ پٿرن جي بينل آهي. قلعي جي چئني طرفن کان پهاڙين تي مورچا ٺهائي ڪچو ڪوٽ نهرايل آهي، جنهن جي ديوار پنجويهه فوٽ جي ۽ ٻارهن فوٽ ويڪري آهي. هن قلعي جي خصوصيت اها آهي جو دشمن قلعي کي فتح ڪرڻ لاءِ ڪنهن به طرف کان گوله باري ڪندو ته گولا اندر پهچي نه سگهندا ۽ اندران هر طرف کان مورچن مان وار ڪري سگهبو. هي قلعو پنهنجي زماني جي اڻ پڙهيل انجنيئرن جي ڪمال فن جو ثبوت پيش ڪري رهيو آهي. قلعي جي دروازي تي هيٺيون شعر لکيل هوندو هو جو هاڻي ڊهي ويو آهي.

قلعه احمد آباد برسنگ است
دل دشمنان ازو تنگ است

هن قلعي تي پنجهتر سپاهين جي دستي سان هڪ قلعه دار رهندو هو جنهن کي نواب سڏيندا هئا. قلعي ۾ ڪافي بارود ۽ هڪ سؤ کن توپون رکيل هونديون هيون، جن مان مريم، صفن صفا ۽ ملڪ ميدان مشهور هيون. مريم توب مير بجار خان دولت پور جي پرسان درياه مان هٿ ڪري مير سهراب خان کي ڏني هئي. توب تي پورچوگيزي زبان ۾ هڪ ڪتبو لکيل آهي. جنهن جو ترجمو هي آهي.

هي توب 1537ع ۾ پورچوگيز جي حڪومت جي حڪم سان تيار ڪئي وئي ان کان سواءِ متس فارسي زبان ۾ شاهه عباس صفوي جي نالي جو[2] ڪتبو به لکيل آهي. صفن صفا توب مير سهراب خان کي شاهه شجاع الملڪ ڏني هئي. ٻيون توبون مير سهراب خان پنهنجي مستري محمد احسان کان نهرايون هيون[3].

**امام ڳڙهه:**

احمد آباد کان پوءِ ٻيو قلعو امام ڳڙهه آهي جيڪو ٿرجي علائقي ۾ آهي. مير سهراب خان اهو قلعو پنهنجي ٻئي نمبر پٽ مير غلام حيدر خان کي ڏنو هو ۽ مير غلام

---

[1] قلمي بياض مخدوم دين محمد کهڙن وارو.
[2] Langley: "At the Court Mir Ali Murad", Vol: II, op. cit p 95-96.
[3] Annanimous Article (typed) in old record of D.C office Khairpur.

حيدر خان جي وفات 1812ع کان پوءِ وارثن ۾ سندس وڏي پٽ مير محمد خان کي مليو هو. اهو قلعو سن 1843ع سر چارلس نيپئر بارود سان برباد ڪري ڇڏيو هو[1].

**شاهه ڳڙهه:**

هي قلعو به ٿر ۾ جوڌپور رياست جي سرحد تي ٺهرايو ويو هو جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن اهو قلعو جوڌپور جي راجا کي ڏئي ڇڏيائون[2]. مٿي ذڪر ڪيل قلعن کان سواءِ ٿر ۾ به ڪوٽ به مير سهراب خان ٺهرايا هئا. جن کي ڪڪرو ڪوٽ ۽ جبو ڪوٽ جي نالي سان سڏيندا هئا[3].

**قادر بخش فقير جو قبو:**

هي ميرن جو اوائلي مقام ۾ آهي جنهن ۾ مير سهراب خان، مير رستم خان ۽ ٻين ميرن جون تربتون آهن. مير سهراب خان، قادر بخش فقير پنهور کان زمين خريد ڪري ڪيس مقام جو مجاور ڪري ويهاريو هو. سندس مرڻ کان پوءِ هن جي تربت تي هڪ عاليشان قبو ٺهرايو هئائين[4].

**گولي شاهه جو قبو:**

هي قبو قادر بخش فقير جي قبي جي ڀرسان آهي. جنهن ۾ ميرن جي فوجي سالارن گولي شاهه ۽ بهادر شاهه جون تربتون آهن. ڪرڙيءَ جي جنگ بعد گولي شاهه جي فرزند غلام مرتضيٰ شاهه کي به انهيءَ قبي ۾ ئي دفنايو ويو هو. هن قبي تي اندران ڪاشي جو ڪم ٿيل آهي ۽ ميان محمد عالم جي هٿ سان بهترين قسم جي گلڪاري ۽ نقاشي ٿيل آهي[5].

**ڏٽيءَ جو قبو:**

هي قبو ناري تعلقي جي ڳوٺ تجل ۾ آهي، جتي شاهه عنايت جهوڪ واري جي فرزند مخدوم سلام الله عرف ٿر ڏٽي 1192هجري ۾ وفات ڪئي هئي. مير سهراب خان سندس ٿڙ ڏيارڻ واري جاءِ هڪ عاليشان قبو تعمير ڪرايو هو ۽ سندس جانشين محمد شاڪر شاهه کي قبي جي ڀرسان درگاهه لاءِ تجرون ٺهرائي ڏنيون هيون[6].

---

(1) مير دوست محمد خان: "قلمي مسودو فارسي سرگشت ٽالپران" سال وارو پنو ڦاٽل.

(2) ايضاً

(3) Verbal reprot of Mir Murid Hyder Khan of Khairpur.

(4) Verbal reprt of Mir Ghulam Hussain Khan of Kot Diji.

(5) Personal observation and verbal report of Hyder Shah Shahani f Khairpur.

(6) Verbal report of Faqir Ali Qutub of Dargah Tajal Sharif.

**ڪوٽلو:**

مير سهراب خان ڪوٽڏيجي تعلقي ۾ مخدوم سلام الله جي جانشين پير محمد شاڪر شاهه ڪي نئين درگاهه لاءِ هڪ وڏو ڪوٽ ۽ تجرون ٺهرائي ڏنيون هيون، جتي مريد خادم ڪافي انداز ۾ اچي رهيا. ۽ هڪ چڱو خاصو ڳوٺ ٻڌجي ويو جنهن کي ڪوٽلو سڏيندا آهن. اڄ به اتي ڪجهه ڪانڌڙا قوم جا ماڻهو رهن ٿا. سنڌ جي مشهور شاعر مراد فقير زنگيجي جو مقبرو به ڪوٽلي جي ڳوٺ ۾ آهي[(1)].

**شاهه جو ٽنڊو:**

مير سهراب خان ڳوٺ ديهه سوهو تعلقي ڪوٽڏيجي جي پرسان پنهنجي سپهه سالار گولي شاهه کي هڪ ۽ ٻيون جايون ٺهرائي ڏنيون هيون جتي هو پنهنجي لشڪر سان رهندو هو. ان جاءِ کي شاهه جو ٽنڊو سڏيندا هئا. اڄ به اتي ساڳئي نالي سان هڪ ڳوٺڙو آهي[(2)].

**امام بارگاهه:**

مير سهراب خان سيد بنده علي شاهه کي خيرپور جي شهر ۾ هڪ عاليشان امام بارگاهه ٺهرائي ڏني هئي. ان جي پرسان ماتمين لاءِ ڪجهه تجرون به ٺهرايون هيائين. اڄڪلهه انهي امام بارگاهه جي ايوان ۾ کهنبي ۽ اوٺي جو ماتم ٿيندو آهي. اهو ايوان علي رضا شاهه جو ٺلهو ڪري سڏبو آهي[(3)].

**سهرابي محل:**

خيرپور ۾ مير سهراب خان ۽ سندس اولاد وغيره جي رهڻ لاءِ هڪ عاليشان محل هو جنهن ۾ ميرن جي ڏيڍين کان سواءِ هڪ ڪچهري جو وڏو هال به هوندو هو. جتي عوام گڏ ٿيندي هئي. اهو محل خيرپور شهر جي وچ ۾ هو جتي سترهن شهزادا رهندا هئا[(4)].

هن ئي محل تان مير سهراب خان 1830ع ۾ ڪري پيو هو ۽ دم ڏنو هيائين، اڄڪلهه ان جڳهه تي ٽالپر ٽاڪيز آهي.

ٽالپر ٽاڪيز ۽ ٻيون ڪيتريون ئي عمارتون ٺهي ويون آهن. مير سهراب خان کان پوءِ مير رستم خان کي الڳ تعميراتي ڪم ڪرڻ لاءِ گهٽو موقعو ڪونه مليو هو سارو وقت محلاتي سازشن ۾ ڦاٿل رهيو. ان هوندي به سچل سرمست جو روضو ۽ رستم منزل سندس بهترين يادگار آهن.

---

(1) Ibid

(2) Verbal report of Hyder Shah Shahani of Khaipur.

(3) Verbal report of Mir Ghulam Hussain of Kot Diji.

(4) Postans. T: "Perosnal observations on Sind", op.cit. p 213.

**سچل سرمست جو روضو:**

هي روضو درازن جي شهر ۾ آهي، جنهن ۾ درازن جي درگاهہ جا سجاده نشين ۽ سچل سرمست دفن ٿيل آهن. اهو روضو سچل سائين جي نالي سان مشهور آهي. روضي تي ڪاشيءَ جو ڪم ۽ چٽسالي بهترين نموني جي ٿيل آهن.

**رستم منزل:**

هي مير رستم خان جي رهڻ جي جاءِ هئي، هن تي ان وقت جي رواج موجب پڪين سرن جو عاليشان ڪم ٿيل آهي. مير عطا حسين خان ٽالپر، خيرپور ۾ ايندو آهي تہ رستم منزل ۾ اچي رهندو آهي[1].

مير رستم خان کانپوءِ مير علي مراد خان حڪومت تي ويٺو. کيس عمارتن سازي جو شوق ڪونہ هو. پاڻ سياري جو تنبن ۾، اونهاري جو لانڍين ۾ رهندو هو. ان هوندي بہ ڪوٽڏيجي قلعي ۾ سندس گهر جي جاءِ سهڻي نموني جي ٺهيل هوندي هئي، جنهن جا آثار اڄ بہ موجود آهن. خيرپور ۾ مير جان محمد خان ۽ مير خان محمد خان جي والده جي ڏيڏي عاليشان نموني تي ٺهرائي هئائين. ڪوٽڏيجي جي شهر ۾ بہ سندس ڏيڏيون ٺهرايل هيون.

**لال بنگلو:**

مير علي مراد خان خيرپور ۾ هڪ بنگلو تعمير ڪرايو هو جيڪو اڄ تائين لال بنگلو سڏيو ويندو آهي. رياست ۾ جيڪي بہ وڏي حيثيت وارا مهمان ايندا هئا، تن کي لال بنگلي ۾ رهايو ويندو هو. انگريزن جو ريزيڊنٽ بہ اتي رهندو هو. ان کانسواءِ ڪوٽڏيجي شهر جي پسگردائي ۾ بنگلو چونرو ۽ آباد ڳوٺن ۾ بنگلا ٺهرايا هئائين، جن مان هر هڪ کي رنگ محل سڏيندا هئا[2].

**فقيراڻا مقبرا:**

مير علي مراد خان ڪيترن ئي بزرگن جو صحبتي ۽ معتقد هوندو هو. تنهن ڪري سندن وفات بعد هر هڪ جي مزار تي هڪ سهڻو قبو تعمير ڪرايائين.

الف: فقير نانڪ يوسف ڪوڪر ساڪن ڳوٺ آڳڙا تعلقو

ب: فقير محمد ملاح ساڪن لڱ ڳوٺ ٻيرلوءِ تعلقو خيرپور

ت: فقير غلام حيدر شر ساڪن ڳوٺ مينگهو فقير تعلقو ميراهہ

ث: فقير خير محمد هيسباڻي ڳوٺ هيسباڻي تعلقو فيض گنج.

---

(1) Personal Observation.

(2) Verbal report of Mir Ghulam Hussain Khan of Kot Diji.

مير علي مراد خان کان پوءِ حڪومت جون واڳون سندس فرزند مير فيض محمد خان جي هٿ ۾ آيون. جنهن کي مذهبي ۽ سماجي سڌارن سان گڏ تعميراتي ڪمن جو بہ وڏو چاهہ هوندو هو. آبپاشي ۽ مواصلات جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ هن ڪافي رستا ٺهرايا. ۽ واهن تي پڪيون پليون تعمير ڪرايون. انهن کانسواءِ هيٺيون عمارتون سندس يادگار آهن.

**فيض محل:**

هي خيرپور شهر ۾ هڪ عاليشان محل آهي. جنهن تي لکن جي تعداد ۾ خرچ آيو. هن کي لکي بنگلو ۽ تاج محل بہ سڏيندا هئا[1]. منجهس جديد قسم جو بهترين فرنيچر آهي. وچون هال دربار ۽ سرڪاري تقريبات جو ڪم ڏيندو هو. هن جي اڳيان هڪ عاليشان باغ آهي. جنهن ۾ بهترين قسم جا لان ۽ طرح طرح جا گل پوکيل آهن. پاڪستان ٺهڻ بعد منجهس قانون ساز اسيمبلي جا اجلاس بہ ٿيندا هئا. اڄڪلهہ اهو محل مير علي مراد خان ثاني جي تحويل ۾ آهي.

**شاهي محل:**

هي محل ڪوٽڏيجي شهر جي ٻاهران اوير طرف تي آهي. هي پنهنجي وقت جو عاليشان بنگلو آهي. جنهن جي درن دروازن تي ڪاٺ جي اڪر جو ڪم ٿيل آهي ۽ اندران درن ۽ دروازن تي نقاشي ۽ چٽسالي ٿيل آهي.[2]

**ٽڪري وارو بنگلو:**

هي ڪوٽڏيجي جي ڏکڻ اولهہ طرف کان هڪ ٽڪري تي عاليشان بنگلو آهي. هن تي بہ چٽسالي ۽ ڪاٺ جي اڪر جو بهترين ڪم ٿيل آهي[3].

**مير احمد علي خان جو بنگلو:**

هي بنگلو ڪوٽڏيجي جي وچ شهر ۾ آهي. جنهن تي جديد قسم جي گل ڪاري ٿيل آهي. ڪوٽڏيجي ۾ هي پهريون بنگلو آهي. جيڪو ڊبل اسٽوري آهي. اڄڪلهہ اهو بنگلو مير احمد علي خان جي فرزند مير حاجي غلام حسين خان جو مهمان خانو آهي[4].

---

[1] بشارت علي زيدي: "تاريخ دارالرو خيرپور"، مطلع العلوم نير اعظم، مراد آباد، 1915ع، ص 61.

(2) Verbal report of Mir Ghulam Hussain Khan of Kot Diji.

(3) Verbal report of Mir Ghulam Hussain Khan of Kot Diji.

(4) Ibid

**ڏيديون:**

متي ذڪر ڪيل بنگلن کان سواءِ ميرن جي ڏيڏين جا بهترين بنگلا به ڪوٽڏيجي شهر ۾ تعمير ڪرايا ويا.جن ۾ اڄ ڏينهن تائين مير علي ڏنو خان، مير احمد علي خان، مير عطا حسين خان ۽ ٻيا مير رهن ٿا.

**ڌ هوڻن وارو بنگلو:**

هي بنگلو لقمان شهر جي پرسان آهي جتي مير فيض محمد خان جو هڪ دبرو (منشي) رهندو هو[1].

**ڪلر وارو بنگلو:**

هي بنگلو خيرپور شهر جي ٻاهران شاهي روڊ جي پرسان آهي. هتي مير صاحب ڪڏهن ڪڏهن منزل ڪندو هو. اڄڪلهه هن بنگلي ۾ خيرپور جو ايس پي (SP) رهندو آهي[2].

**امام بارگاهه:**

هي ڪوٽڏيجي شهر جي تمام اعليٰ قسم جي عمارت آهي جنهن سان گڏ هڪ مسجد به ٺهيل آهي[3].

**هنري اسڪول:**

خيرپور جي شهر ۾ هنري اسڪول ٺهرايو ويو جنهن ۾ هر قسم جي هنرن جي سکيا جو بندوبست ڪيو ويو. هنري اسڪول سان گڏ هڪ بورڊنگ هائوس به تعمير ڪرايو ويو[4].

مير فيض محمد خان جي ڏينهن ۾ متي ذڪر ڪيل عمارتن کان سواءِ سرڪاري دفترن ۽ آفيسرن جي رهائش لاءِ هيٺيون عمارتون تعمير ڪرايون ويون[5].

| جڳهه | سال تعمير | خرچ |
|---|---|---|
| فاريسٽ آفيس | 1895ع | 3499روپيا |
| مختيارڪاري خيرپور | 1896ع | 10202 روپيا |
| مختيارڪاري سوراهه | 1896ع | 16624 روپيا |
| پوليس لائين | 1896ع | 70762 روپيا |

(1) Ibid

(2) Ibid

(3) Ibid

(4) Ibid.

(5) Record of Xen. Buildings, Khairpur.

| | | |
|---|---|---|
| پراڻي اسپتال | 1896ع | 64179 روپيا |
| جانورن جي اسپتال | 1896ع | 22058 روپيا |
| ڪجهه سنڌي اسڪول | 1896ع | 6659 روپيا |
| انجنيئري آفيس | 1896ع | 137108 روپيا |
| مفتي منزل | 1896ع | 10253 روپيا |
| دلڪشا منزل | 1896ع | 6356 روپيا |
| دفتر دار جي آفيس | 998ع | 25737 روپيا |
| سروي آفيس | 1898ع | 22382 روپيا |
| سرڪٽ هائوس | 1900ع | 104939 روپيا |
| اي ڊي ايم جي آفيس | 1901ع | 4200 روپيا |
| ان جا گودام | 1902ع | 26662 روپيا |
| طالب منزل | 1903ع | 15412 روپيا |
| پراڻو هاءِ اسڪول | 1906ع | 5754 روپيا |
| فيض امام لائبريري هال | 1908ع | 30511 روپيا |

مير فيض محمد خان کان پوءِ مير امام بخش خان جي اياڻڪاريءَ ۾ هيٺيون تعميراتي ڪم ٿيو.

**ڪچهري وارو بنگلو:**

هي بنگلو ڪوٽڏيجي شهر ۾ آهي جتي مير امام بخش خان ڪچهري ڪندو هو. اجڪلهه اتي هاءِ اسڪول ڪم ڪري رهيو آهي[1].

**دلشاد منزل:**

مير امام بخش خان خيرپور جي شهر ۾ هڪ بنگلو تعمير ڪرايو جيڪو اڳ ۾ ڏهوٽن وارو بنگلو سڏبو هو. مير علي نواز خان ان ۾ ڪجهه اضافو ڪري ڪيس دلشاد منزل جو نالو ڏنو[2].

**گهر جو بنگلو:**

هي بنگلو مير امام بخش خان پنهنجي رهائش لاءِ ڪوٽڏيجي ۾ تيار ڪرايو هو. اجڪلهه هن بنگلي ۾ سرڪاري اسپتال آهي[3]. مير امام بخش خان جي ڏينهن

---

(1) Verbal report of Mir Ghulam Hussain Khan of Kot Diji.

(2) Verbal report of Mir Haji Ghulam Hussain Khan of Kot Diji.

(3) Ibid

۾ وزارت جي دفتر وارن بنگلن ۾ توسيع آئي ۽ انهن جي احاطي ۾ ننڍيون مسجدون تعمير ٿيون[1]. انهن کان سواءِ سرڪاري آفيسن ۽ آفيسرن جي رهائش لاءِ هيٺيون عمارتون تعمير ڪرايون ويون جن تي ڪافي خرچ ڪيو ويو[2].

| جڳهه | سال تعمير | خرچ |
|---|---|---|
| آشيانه منزل | 1913ع | 4263 روپيا |
| خادم منزل | 1916ع | 12136 روپيا |
| ڪنار منزل | 1916ع | 11107 روپيا |
| مبارڪ منزل | 1916ع | 9738روپيا |
| نور منزل | 1916ع | 8631 روپيا |
| مخدوم منزل | 1916ع | 10061 روپيا |
| نگار منزل | 1916ع | 9291 روپيا |
| گلستان منزل | 1916ع | 15869 روپيا |
| بوستان منزل | 1916ع | 9200 روپيا |
| نشيمن منزل | 1916ع | 5401 روپيا |
| رفعت منزل | 1916ع | 32053 روپيا |
| نشاط منزل | 1916ع | 4171 روپيا |
| زينت منزل | 1917ع | 10674 روپيا |
| خورشيد منزل | 1916ع | 10267 روپيا |
| شفا منزل | 1916ع | 10941 روپيا |
| زناني اسپتال | 1916ع | 59762 روپيا |
| لا ڪورٽ | 1918ع | 57829 روپيا |

مير امام بخش خان کان پوءِ ميرعلي نواز علي جي ڪامڪاري هيٺيون تعميراتي ڪم ٿيو.

**سرور هائوس:**

هي ڪوٽڏيجي ۾ هڪ ننڍڙو بنگلو آهي، جنهن کي ٻاهران وڏو ڪوٽ ڏنل آهي. اڄڪلهه ان ۾ ڪوٽڏيجي جو ميڊيڪل آفيسر رهي ٿو[3].

---

(1) Ibid

(2) Record of Xen. Building, Khairpur Mir's.

(3) Verbal report of Mir Ghulam Hussain Khan of Kot Diji.

**منڊم وارو بنگلو:**

هي بہ ڪوٽڏيجي ۾ هڪ نئين طرز جو بنگلو آهي، جنهن ۾ ان وقت جي ولي عهد مير فيض محمد خان ثانيءَ جي يورپڻ دائي رهندي هئي. اڄڪلهہ اتي نيشنل بينڪ ڪوٽڏيجي آهي.[1]

**آزاد منزل:**

ڪوٽڏيجي تعلقي جي ڳوٺ حسين آباد جي سامهون واري جي پٽن ۾ هڪ بنگلو تعمير ڪرايو ويو هو. جنهن جي اندران ديوارن تي گل ڪاري ۽ نقش نگاري ٿيل هئي. بنگلي جي پاهران هڪ عاليشان باغ هوندو هو اڄڪلهہ اهو باغ ۽ بنگلو ٻئي برباد ٿي ويا آهن[2].

**مندر:**

مير علي نواز خان دلشاد منزل جي پنئين پاسي کان هڪ مندر ٺهرايو هو. سندس بعد هڪ مخدوم ڏتي فقيرياڻي کي ان ۾ دفن ڪيو يو هو. اڄڪلهہ اتي ڪجهہ ٻيون بہ قبرون ٿي ويون آهن، ۽ هڪ ننڍڙو مقام ٺهجي ويو آهي. مير علي نواز خان کان پوءِ سندس پٽ مير فيض محمد خان ثاني ۽ پوٽو مير علي مراد خان ثاني، آئيني قسم جا حاڪم رهيا ۽ حڪومت جي ڪمن ۾ گهٽو دخل ڪين ڏنائون. پر سندس دور ۾ بہ رياست ۾ تعميراتي ڪم تمام گهٽو ٿيو. ڪافي ڪارخانا ٺهي ويا ۽ ڪارخانن جي پرسان مزدورن جون ڪالونيون ٺهيون. ان کان سواءِ آفيسرن ۽ منشين مڙن جي رهائش لاءِ ٿي وڏيون ڪالونيون تعمير ٿيون، جن ۾ چڱا خاصا بنگلا ٺهرايا ويا. انهن کان سواءِ اسڪولن، اسپتالن ۽ ريسٽ هائوسن لاءِ سٺيون عمارتون تعمير ٿيون.

## هنر ۽ ڪاريگريون

خيرپور جا مير هنر مندن ۽ ڪاريگرن جي سرپرستي ڪندا هئا. سندن ايامڪاري ۾ ڪيترائي ڪاريگر ڏورانهن ڏيهن تان اچي رياست ۾ رهيا. مير رستم خان جي زماني ۾ خيرپور جا ڪاريگر ساري سنڌ جي ڪاريگرن کان وڌيڪ هئا، ۽ حڪومت طرفان سندن همت افزائي لاءِ ساليانہ نو لک روپيا خرچ ڪيا ويندا هئا[3]. ميرن جي سرپرستي سبب رياست جا ڪيترائي شهر مختلف هنرن جا مرڪز

---

(1) Ibid.

(2) Verbal report of Mir Murid Hyder Khan of Khairpur.s

(3) Langley, "At the Court of Ali Murad" Vol. II, op. cit p 83.

ٺٽجي ويا، جن مان خيرپور، لقمان، پريالو گمبٽ، راڻيپور ۽ کهڙا مشهور آهن. انهن شهرن ۾ هينئيان هنر چوٽ چڙهيل هئا.

**اسلحہ سازي:**

سنڌ ۾ ميرن کي هٿيارن جو سپ کان وڌيڪ شوق هو. کين نئين هوندي کان وني هٿيار ڪم آڻڻ ۽ خطرن کي منهن ڏيڻ جي سکيا ملندي هئي[1] . هو تلوارن ۽ بندوقن جي نالين خريد ڪرڻ لاءِ ايران، ترڪي ۽ فلسطين ۾ گماشتا موڪليندا هئا ۽ انهن جي طرز تي پنهنجا هٿيار ٺهرائيندا هئا. قيمتي هٿيارن جو جيترو ذخيرو ميرن وٽ هوندو هو ايترو دنيا جي ٻئي ڪنهن به ملڪ وٽ نه هو[2]. سنڌ ۾ ٺهندڙ هٿيار هندستان جي اڪثر هنڌن تي ٺهندڙ هٿيارن کان وڌيڪ عمدا هئا. هتي اعليٰ درجي جون تلوارون پڻ هيون، جن جا ڦر ڏگها مڙيل، تکا ۽ سٺي طرح ٽپيل هوندا هئا. سنڌ جا حاڪم خاص طور تي انهن هٿيارن جو گهڻو قدر ڪندا هئا ۽ شڪار يا جنگ جي وقت اهي ڪم آڻيندا هئا. هو انهن جي سڌاري تي گهڻو ڌيان ڏيندا هئا ۽ ان لاءِ ڪافي پئسو خرچ ڪندا هئا[3] .

سنڌ ۾ ٺهيل بندوقن جون ناليون جيڪي دمشق جي هٿيارن واري نموني تي هيون تن کي خاص اهميت هئي[4]. سنڌ جي ڪاريگرن ۾ مير سهراب خان جو مستري محمد احسان مشهور هو ۽ سمورا ڪاريگر کيس استاد ڪري مڃيندا هئا. هو ايران مان سنڌ ۾ مير ڄام نندي جي پٽن مير فيروز ۽ مير شهداد خان وٽ آيو هو. جيڪي مير چاڪر خان جي سنيپال ۾ رهندا هئا. اتي مير سهراب خان اسلحہ سازي جي فن کان متاثر ٿي سندس همت افزائي ڪئي ۽ هو هميشہ لاءِ سندس ملازم ٿي رهيو ۽ ميرن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ هو پنهنجي سرپرست مير سهراب خان وٽ خيرپور ۾ اچي رهيو ۽ پنهنجو ڪارخانو کولي ويٺو. هن جي هٿن جون ٺهيل توپون، جيڪي ڪوٽڏيجي جي قلعي تي رکيل هونديون هيون، اهي سندس ڪاريگري جي ڪمال جي ساک پرين ٿيون[5] .

---

[1] محمد حنيف، رچرڊ برٽن جي ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ندي ۾ وسندڙ قومون" جو سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1971ع، ص 206.

[2] محمد حنيف، جيمس برنس جي ڪتاب "سنڌ جي دربار جو ترجمو"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1964ع، ص 76.

[3] سراج الحق: مسٽر ڇبلاڻي جي ڪتاب "سنڌ جي اقتصادي تاريخ جو ترجمو" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1964ع، ص 76.

[4] M. Sardar Khan: "History of Baluch Race" Process Pakistan, Karachi, 1958, p 167-168.

[5] Verbal reprt of Mir Ghulam Ali Khan Talpur of Sobho dero heard from his ancesstors.

مستري محمد احسان جي ڪارخاني کولڻ بعد هڪ پيو استاد ڪاريگر غلام محمد عرف اوستو گاهي به قلات ۽ حيدرآباد مان ٿيندو مير سهراب خان جي دربار ۾ پهتو ۽ پنهنجن پائرن سميت خيرپور جي پرسان هڪ ڳوٺ بڌي ويٺو جيڪو اڄ تائين آباد آهي. اوستي گاهي جي خاندان مان اوستو محمد حسين، اوستو خدا بخش، اوستو غلام نبي ۽ اوستو اقبال پنهنجي وقت جا بهترين ڪاريگر هئا. هو بندوقن، تلوارن، پالن، خنجرن ۽ سنگينن ٺاهڻ ۾ ماهر هئا.

مير علي مراد خان جڏهن انگلينڊ ويو هو ته پنهنجي ملڪ جي هيڊ مستري اوستي عبدالڪريم حداد کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو هو[1]. هو لنڊن جي ڪاريگرن مسٽر پرڊي (Purdey) ۽ ٻين سان ڪافي وقت تائين خيالن جي ڏي وٺ ڪندو ۽ سندن فن جو مطالع ڪندو رهيو. سندن هٿ جون ٺهيل بندوقون ۽ چاقو بهترين قسم جا هٿيار هئا[2]. ان کان پوءِ اوستو بلي، اوستو منگل ۽ اوستو مينهون سٺا ڪاريگر هئا. اهي ڪاريگر اوستي گاهي جي ڪارخاني مان سکيا وٺي استاد بڻيا هئا. اوستو منگل اوستي خدا بخش جي گود ۾ ورتل پٽ هو. سندس والد جو نالو صدورو هو[3]. اوستي گاهي جي معرفت اوستو پريو تيورو حيدرآباد ڇڏي پنهنجي خاندان سميت خيرپر اچي رهيو. سندس پٽ پنيلڏو ۽ پوٽو علي بخش پنهنجي وقت جا بهترين تيورا هئا ۽ ترارين صاف ڪرڻ جي ڪم ۾ وڏي مهارت رکندڙ هئا. تيورن جي خاندان مان اوستو محمد بخش عرف بچل ۽ لعل بخش به استاد ڪاريگر ٿي گذريا آهن[4].

## سونارڪو ڪم:

ميرن جي ايامڪاري ۾ خيرپور جو سونارڪو ڪم به چوٽ تي چڙهيل هو. هتان جا سونارا زيورن کان سواءِ انن ۽ گهوڙن جي سنجن تي بهترين ڪم ڪندا هئا. ان کان سواءِ بندوقن، ترارن ۽ ٻين هٿيارن تي ميناڪاري ۽ جڙاو جو ڪم به ڪندا هئا. ميرن جي هٿيارن ۽ ٽوپين تي عجيب قسم جا جواهر جڙيندا هئا. خيرپور جي سونارن مان ڪلياڻ داس، لعل داس، هيرو مل ۽ چمنداس مشهور هئا. ڪلياڻ داس جي پٽن مان پمنداس ۽ پاونداس پنهنجي فن ۾ چڱو نالو ڪڍيو. مير علي مراد خان ڪين خوشيءَ جي موقعن تي وڏا انعام ڏيندو هو. اڄڪلهه پاونداس جو پوٽو جهامنداس ثاني خيرپور جي سٺن سونارن مان آهي[5].

---

(1) سفرنامو فارسي قلمي اڳيان پنيان پنا ڦاٽل مملوڪ نسيم ڪرل.

(2) Longley: "At the Court of Ali Murad", op .cit. p 85.

(3) Verbal report of Mistri Khair Mohammad of Khairpur.

(4) Personal papers of Mr. Mohammd Ali Haddad of Khairpur.

(5) Verbal report of Jhamandas Goldsmith of Khairpur.

مسلمان سونارن مان صوڀي ديري جو بادل خان عباسي ۽ کھڙن جو پريل ولد بهادر عباسي پنهنجي فن ۾ وڏي مهارت رکندا هئا. هو زيورن سان گڏ مسجدن ۽ مقبرن جي نيلن تي سون ۽ ميناڪاري جو ڪم بہ ڪندا هئا. ميرن جي ڪم کان سواءِ پيرن ۽ مخدومن جي زيورن ٺاهڻ جو ڪم بہ هنن جي حوالي هوندو هو.

بادل خان جي خاندان مان سندس پٽ سارنگ ۽ پوٽو عبدالله بہ زيورن ٺاهڻ جا استاد ڪاريگر هئا. خليفي پريل جا پٽ، خليفو پليڏنو محڪم الدين ۽ حاجي محمد پناهہ راڻيپور جي پيرن وٽ مشهور هئا. انهن کان سواءِ صوڀي ديري ۾ استاد سجل سونارو (عباسي) ۽ سندس پٽ محمد قاسم پنهنجي وقت جا بهترين سونارا هئا[4].

**وينجهارڪو ڪم:**

سونارن کان سواءِ رياست جا وينجهر بہ ساري سنڌ ۾ مشهور هئا ۽ سون چاندي جي پرک بہ ڪندا هئا. هن ڪم لاءِ گڏيجي جي شهر ۾ صديقين جو هڪ خاندان مشهور هو. وينجهرن جي خاندان جو وڏو ابوبڪر صديقي هو جيڪو اروڙ کان لڏي گڏيجي ۾ اچي رهيو هو. ابوبڪر ۽ سندس پٽ عبدالرحمن ٻئي پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ درويش صفت انسان هئا. عبدالرحمن جي ٽن پٽن، محمد زمان، ٻيڏي ۽ سلطان وينجهارڪو ڪم شروع ڪيو. ٻيڏي جا پٽ پير محمد، پريل، فاضل ۽ محمد زمان جو پٽ قاسم چارئي لڏي شڪارپور هليا ويا ۽ اتي وينجهارڪو ڪم شروع ڪيائون. باقي قاسم جي ٻن ڀائرن خونجل ۽ ابراهيم پنهنجي ڪم کي گڏيجي ۾ قائم رکيو. ميرن جي سنڌ وڃائڻ بعد هن خاندان جي پس ماندن بہ پنهنجو ڌنڌو ڇڏي، سونارڪو ڪم شروع ڪيو جيڪو اڄ تائين ڪندا ٿا اچن. ابراهيم ۽ پريل جي پٽن محمد عارف ۽ اسماعيل کان وٺي هن خاندان جو ڌنڌو سونارڪو آهي[1].

**ٺٺارڪو ڪم:**

خيرپور رياست ۾ ٺٺارڪو ڪم بہ چڱي پيماني تي ٿيندو هو. خيرپور ۽ لقمان جي شهرن ۾ برتنن ٺاهڻ جا اعليٰ ڪاريگر هئا. جيڪي ٽامي، پتل، ڪنجهي ۽ جست مان مختلف قسم جا برتن ٺاهيندا هئا. جن مان ديڳيون، ديڳڙا، گاگهريون، ٿالهہ، گنگالون (ٽب)، لوٽا، چونريون، وٽا، گلاس، بدنا، چلمچيون ۽ گلدان مشهور

---

[4] Verbal report of Abdullah Khan Abbassi of Sobhodero,

[1] Verbal report of Haji Mohammad Hasan Siddiqui of Gadeji Village.

آهن. هي ڪم گهڻو ڪري هندن جي هٿ ۾ هوندو هو. جيڪي مسلمان مزدورن کان به ڪم وٺندا هئا[1].

**ڍڪاٽڪو ڪم:**

خيرپور رياست ۾ ڍڪاٽڪو ڪم به سٺي نموني تي ٿيندو هو. هتان جا ڍڪڻ فرنيچر ۽ درن دروازن تي ڪاٺ جي اڪر جي ڪم ۾ بي نظير هئا. هو ڪاٺ تي رنبيءَ سان بهترين نموني جا گل ٻوٽا ۽ طرح طرح جون تصويرون ٺاهي ويندا هئا. سندن ڪم ۾ نزاڪت ۽ نفاست هوندي هئي، ان وقت جي بهترين ڪاريگرن مان خيرپور جو مستري صفدر، ٺٽڙي نظر علي خان جو اوستو علي بخش ۽ هيسباڻين جي ڳوٺ جو استاد شاهن مشهور هئا. مير علي مراد جي زماني ۾ لعل بخش ۽ علي بخش ڍڪڻ رنبيءَ جي ڪم جا استاد ڪاريگر ٿي گذريا آهن[2].

**موچڪو ڪم:**

خيرپور، سمگن ۽ لاڙڪن جي شهر جا موچي چمڙي رڱڻ ۽ ان مان بهترين قسم جي شين ٺاهڻ ۽ انهن تي سون ۽ چاندي جي ڌاڳي جي سلائي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هوندا هئا. خيرپور ۾ هر قسم جي چمڙي رڱڻ جو ڪم ڪنهن به صورت ۾ يورپ جي ڪم کان گهٽ نه هو[3]. خيرپور ۾ سمنگن جا موچي چمڙي تي مخمل ۽ پشم جو بهترين ڪم ڪندا هئا، ۽ اعليٰ درجي جون جتيون ٺاهيندا هئا ۽ هتيارن جا پوش به تيار ڪندا هئا. خيرپور جو جيئو موچي ۽ سمنگن جا واحد بخش ۽ بچل پنهنجي ڪم ۾ بي نظير ڪاريگر هئا[4].

**ڪنيارڪو ڪم:**

خيرپور رياست مٽي جي ٿانون ۾ به مشهور هئي. خيرپور، ڪهڙن، پيروسڻ، مهرو واهڻ ۽ صوڀي ديري جي ڪنڀرن جا ٺهيل ٿانوَ بهترين قسم جا هوندا هئا. سندن ٺهيل مٽن، دلن ۽ ڪوهه جي لوٽين ۾ پاڻي ڏاڍو ٺرندو هو. هو ٿانو تي عجيب و غريب قسم جي چٽسالي ڪندا هئا، ۽ انهن تي تمام سهڻي نموني سان اڪر لکندا هئا. صوڀي ديري جو استاد ڏاتر ڏنو ۽ خيرپور جو پير بخش ڪنڀر عجيب قسم جا ڪاريگر هئا. اڄڪلهه به مهرو واهڻ جي ڪنڀرن جو ڪم ڏسڻ وٽان آهي[5].

---

(1) Verbal report of Ghulam Mohammad Khuhinbati of Khairpur.

(2) Administration report of Khairpur state for 1925.

(3) Langley: op. cit. p 288.

(4) Verbal report of Imam Bux Machi of Khairpur.

(5) Verbal report of Khan Mohammad Potter of Village Sobhodero.

**ڪاشي جو ڪم:**

ڪنيارڪي ڪم سان گڏ خيرپور ۾ ڪاشيءَ جو ڪم به بهترين نموني جو ٿيندو هو. مختلف قسم جي رنگن ۽ تصويرن سان ٺهيل ڪاڏي جا برتن ۽ سرون ڪاريگرن جي ڪمال جو ثبوت ڏينديون هيون[1]. مير رستم خان جي ڏينهن ۾ ٺهيل سچل سرمست جي قبي تي ٿيل ڪاشيءَ جو ڪم ان وقت جي ڪاريگرن جي ساک پري ٿو. مير فيض محمد خان جي ڏينهن ۾ خيرپور جي هنري اسڪول ۾ به ڪاشي جو بهترين ڪم ٿيندو هو جتي صاحبڏنو ڪنير، خدن شاهه لعل شاهه بهترين قسم جا ڪاريگر هئا[2].

سن 1925ع ۾ ڪنيارڪي (ڪاشي) جي ڪم جو هڪ ڪاريگر لنڊن جي نمائش ۾ موڪليو ويو هو جتي سندس ڪم جي وڏي تعريف ڪئي ويئي هئي[3].

**چر جو ڪم:**

خيرپور ۾ چر جي ڪم جا چڱا ڪاريگر هوندا هئا، جيڪي بهترين قسم جون چادرون، ميز پوش ۽ دستر خوان ٺاهيندا هئا. اعليٰ درجي جا اجرڪ به خيرپور ۾ ٺهندا هئا. چر جي ڪم ۾ گل محمد نالي هڪ وڏو ڪاريگر هو[4].

**رنگريزي:**

خيرپور ۾ رنگريزي جو ڪم به نهايت اعليٰ درجي جو ٿيندو هو. ڪپڙن رڱڻ جا هوشيار ڪاريگر پنهنجا ڪارخانا کولي وينا هئا. نير جو ڪم به تمام گهڻو ٿيندو هو. ان ڪانسوا کهنين ۽ چنين ٺاهڻ جا به استاد ڪاريگر موجود هوندا هئا، جن کي کهنباتي سڏبو هو. اهي ميرن، پيرن ۽ بين اميرن جي شادين مرادين تي پنهنجي هنر مان ڪافي ڪمائيندا هئا. حاجي محمد صفر، عبدالرحيم ۽ آخوند غلام محمد پنهنجي وقت جا وڏا کهنباتي هئا[5].

**پاٽولڪو ڪم:**

هي ڪم هندن جي هٿن ۾ هوندو هو جيڪي عورتن لاءِ سڳيون، اڳٺ، هار ۽ ڳانا به ٺاهيندا هئا، جڳهن ۾ آرائش ۽ زيبائش جو بندوبست به ڪري ڏيندا هئا. هنن

---

(1) Langley: op. cit. p 134.

(2) Verbal report of Abdul Rahim Khuhinbati of Khairpur.

(3) Administration report of Khairpur State for 1925.

(4) Verbal Report of Abdul Rahim Khuhinbati of Khairpur.

(5) Ibid

جا ٿهيل هار سڄي سنڌ ۾ مشهور هوندا هئا. خيرپور جي پاٽولين مان ديوان ڀڳوانداس مشهور هوندو هو[1].

## زري دوزي:

کيترائي خاندان هن ڪم ۾ مهارت رکندا هئا. ۽ بهترين نموني جو ڀرت ڀريندا هئا. هو ٽوپين، چوغن ۽ نيم تنن ۾ جواهر بہ جڙيندا هئا. هنن کي ڪاچوب سڏيندا هئا. مير علي مراد خان جي ڏينهن کان وٺي، انهن ٽي ماڻهن سلمي ۽ ستاري جو ڪم شروع ڪيو. ميرن جي ٽوپين ۽ جتين تي بهترين قسم جو ڪم ڪندا هئا. ان وقت گلاب ولد خوش محمد شيخ ۽ ان ڪانپوءِ سندس فرزند خدا بخش زري دوزي ۽ ڪنڊي جي ڪم جا استاد ڪاريگر ٿي گذريا آهن. انهن ڪانسواءِ گنو درزي ۽ پير بخش مغل بہ زري ۽ ريشم جو بهترين ڪم ڪندا هئا[2].

## ڪورڪو ڪم:

خيرپور جي علائقي ۾ ڪپهہ گهٽي ٿيندي هئي، جنهن مان خيرپور، کهڙا، گمبٽ ۽ راڻيپور جي شهرن ۾ اعليٰ قسم جو ڏاڳو اُٽيو ويندو هو. انهيءَ ڏاڳي مان مختلف قسمن جو ڪپڙو ٺهندو هو. مثلاً: ساريشاف، مشرو، لونگي، جوڏي، کيس، لحاف ۽ سوسي وغيره. صرف خيرپور جي شهر ۾ اسي جٽا ڪارخانيدار هئا. انهن ڪانسواءِ خيرپور شهر ۾ اُن مان گلم، فراسيون ۽ چوغا ٺاهيا ويندا هئا[3]. خيرپور جو هزار مل ماڙيچو ۽ لقمان جو غلام محمد ڪوري پنهنجي وقت جا بادشاهہ ڪاريگر هئا[4].

## کيسن جو ڪم:

گمبٽ جي شهر ۾ اعليٰ درجي جا کيس ٺهندا هئا. جن تي زري ۽ ريشم جو ڪم ٿيل هوندو هو. کيسن جي ڪاريگرن جو وڏو چتو پٽ ميلهو اروڙ کان ڪنڌرن جي شهر ۾ آيو ۽ ٿوري وقت ۾ گمبٽ ۾ اچي ويٺو. هن گمبٽ ۾ کيسن ٺاهڻ جو ڪم شروع ڪيو. مير سهراب خان جي ڏينهن ۾ چتي جو پٽ حاجي حسين هڪ وڏو ڪاريگر هو جنهن جي سرپرستي احمد ميمڻ ڪندو هو. جيڪو مدراس ۽ پيڪرات کان بهترين قسم جو سٽ گهرائي پنهنجي ڪارخاني ۾ کيس ٺهرائيندو هو. سيٺ احمد جي اولاد مان عبدالڪريم، خدا بخش ۽ پير بخش بہ پنهنجو

(1) Bhagwandas III, the Patoli of Khairpur.

(2) Verbal report of Abdul Rahim Khuhinbati of Khairpur.

(3) Hariram Gupta: "Mohan lal Kashmiri" Minerva Book Shop, Lahore, 1943, p 97 & 98.

(4) Verbal report of Peero Marecho of Village Sobu Kanasra.

ڪارخانو قائم رکندا آيا. ان کان پوءِ حاجي حسين جو پوٽو حاجي بخشڻ، مير فيض محمد خان جي زماني کان وٺي ڪيسن جو ڪاروبار جاري رکندو اچي ٿو. هن وقت سندس عمر هڪ سؤ سال کان مٿي آهي. سندس پٽ ۽ پوٽا به اهو ئي ڪاروبار ڪندا آهن. حاجي احمد پچاڙي جي ڏينهن ۾ هڪ ڪيس ٺاهي، مير علي مراد خان وٽ تحفي طور کڻي ويو، ته مير صاحب انعام طور هڪ کوهه ۽ ڪجهه زمين عطا ڪئي. گمبٽ ۾ ڪيسن جا هيٺيان قسم ٺهندا آهن، ۽ اڄ تائين ٺهندا رهن ٿا. فرمائشي، زيتون گل، بلبل چشم، قمر، صوف گلو ڪچو ڪٽوري، تڪي گل، نسبي، اٺ پيريو سورنهن پيريو ڏرتي ڏب، چندن هار نوادر ۽ رطلش[1].

**چاندنيون:**

چاندنين کان راڻيپور شهر مشهور آهي چاندني هڪ قسم جي چادر آهي، جيڪا خالي سٽ يا سٽ ۽ ريشم جي ملاوٽ سان ٺاهبي آهي. ان جو تر سچو سفيد هوندو آهي ۽ پاسي کان چار يا ڇهه آڱر ڳاڙهي پٽي يا ڪني رکبي آهي. چاندني جي بر کي پٽو ڪري وچ ۾ ريشمي ڌاڳي سان ڪيد هڻبي آهي، چاندني جا قسم به بر يا قٽي جي حساب سان هوندا آهن. مثلاً: پنج سي، ڇهه سي، سٽ سي ۽ اٺ سي ان ۾ سٽ به ويهو پٽيهو يا چاليهو استعمال ڪيو ويندو آهي. چاندني جي ڪاريگرن مان عبدالحميد ميمڻ سيني کان جهونو ۽ سنو ڪاريگر ٿي گذريو آهي. ان کان پوءِ عبدالرحيم فقير ۽ جهوڙو تمام ناميارا ڪاريگر هئا. مير علي مراد خان جي زماني کان پوءِ حاجي محمد چٽل، حاجي عبدالڪريم، محمد اسماعيل، پانڌي ۽ آندل چاندنين ٺاهڻ ۾ ماهر هئا. اڄڪلهه حاجي محمد يوسف هڪ سنو ڪاريگر آهي[2].

**سوسين جو ڪم:**

کهڙن جي شهر جون سوسيون اوائل کان وٺي اڄ تائين مشهور آهن. سوسيون سُٽ ۽ ريشم پنهي جون ٺينديون آهن. ريشم جي سوسيءَ کي گربي سڏبو آهي. سوسين جا هيٺيان قسم آهن:

1. سٽ رنگي 2. موئڙو 3. گربي 4. هزاري 5. چوتار 6. هڪ خطي 7. دو خطي 8. ڇگٽي 9. ملتاني 10. هڪ پٽي 11. تڪمائي 12. ڇگو 13. لنڙيو موٽ.

سوسين جي ڪاريگرن مان ڦتناٽي پاڙي جا خواجه مشهور هوندا هئا، جيڪي اروڙ کان لڏي اچي کهڙن جي شهر ۾ ويٺا هئا. انهن مان محمد بخش ۽ فتح محمد پنهنجي وقت جا استاد ڪاريگر هئا. انهن کان پوءِ امام بخش ۽

---
[1] Verbal report of Haji Mohammad Yousuf Kori of Ranipur.

[2] Verbal report of Haji Mohammad Yousuf Kori of Ranipur.

محمد رمضان بہ سنيون سوسيون ٺاهيندا هئا. اڄڪلهہ هادي بخش مير بخش ۽ محراب چڱا ڪاريگر آهن. هاٽي پريالوءِ ۽ پير ڳوٺ ۾ بہ سنيون سوسيون ٺهن ٿيون.[1]

### جنڊي جو ڪم:

جنڊي جو ڪم ۾ هالا، ڪشمور ۽ لقمان جا ڪاريگر سنڌ ۾ مشهور هئا. جيڪي بهترين قسم جو فرنيچر ٺاهيندا هئا. سندن ٺهيل کٽن ۽ منجين جا پاوا، هندورا، ڪاٺ جا دبلا ۽ رانديڪا ڏسڻ جهڙا هئا. انهن ٽنهي شهرن جا ڪاريگر موروثي ڪاريگر هئا ۽ ساڻن ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان واري سڪونت کان وٺي ڪنا رهندا آيا. انهن ڪاريگرن مان خيرپور ۾ چار ڀائر مقبول، سلطان، احمد ۽ سونهارو وڏا نام ڪنيا ٿي گذريا آهن. اهي چارئي ڀائر مياڻيءَ جي جنگ کان پوءِ خيرپور مان لڏي ويا. سلطان، احمد ۽ سونهارو پنجاب جي طرف هليا ويا. باقي مقبول ناري تعلقي جي ريگستاني علائقي ۾ وڃي ويٺو. وري جڏهن مير علي مراد خان اقتدار ۾ آيو تڏهن پليو خان جمالي مقبول کي ناري مان لڏائي لقمان جي شهر ۾ پنهنجي پاڙي ۾ اچي رهايو ان ڏينهن کان وٺي مقبول جو اولاد لقمان ۾ رهندو ٿو اچي، ۽ نارائي ٿو سڏجي. مقبول کان پوءِ سندن ٻن پٽن سلطان ۽ عبدالله جي اولاد مان هيٺ ڏيڪاريل شجري وارا پنهنجي پنهنجي وقت جا باڪمال ڪاريگر ٿي گذريا آهن:[2]




(1) Verbal report of Hadidino Kori of Village Khuhra.

(2) زباني روايت عبدالله نارائي ڊڪڻ، ساڪن لقمان.




متي ذڪر ڪيل سمورا ڪاريگر مير علي نواز خان جي ڏينهن تائين خيرپور جي ميرن جو فرمائشي ڪم ڪندا هئا. مير پين اميرن ڪي جيڪي بہ جنديءَ جي ڪم جون سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيندا هئا، سي انهن ڪاريگرن کان ٺهرائيندا هئا. مير علي نواز خان جي ڏينهن کان وٺي نارائي ڍڪڻ پين ماڻهن جو ڪم بہ ڪرڻ لڳا. ۽ پنهنجي دوڪانداري بہ شروع ڪيائون.

خيرپور جي هنري اسڪول ۾ استاد غلام رضا بہ جنديءَ جي ڪم جو استاد ڪاريگر ٿي گذريو آهي. سن 1925ع ۾ انهيءَ هنري اسڪول جو هڪ ڪاريگر لنڊن جي نمائش ۾ موڪليو ويو هو. جتي سندس ڪم جي واکاڻ ٿي هئي[1].

**ڪمانگيري ۽ نقاشي:**

خيرپور ۾ رنگسازي ۽ نقاشيءَ جو ڪم بہ بهترين قسم جو ٿيندو هو. عمارتن ۾ چٽسالي ۽ ڪاغذن تي نقش نگاري ڪرڻ جا باڪمال ڪاريگر موجود هوندا هئا. هن فن جي ماهرن مان غلام حيدر ڪمانگر هڪ لاجواب ڪاريگر هو، جيڪو سادات باره سان گڏجي خيرپور ۾ آيو هو. هن سان پنهنجي خاندان مان بہ — ٽي بيا ڪاريگر بہ گڏجي آيا هئا. اهي ڪاريگر ابتدا ۾ تعزيا ٺاهيندا هئا، ۽ انهن تعزين تي عجيب قسم جي گلڪاري ڪندا هئا. تعزين ٺاهڻ سان گڏ ڪتابن جي حاشين تي بہ مختلف رنگن ۾ سهڻا نقش ٺاهيندا هئا. اهي ماڻهو لاثاني قسم جا مصور بہ هوندا هئا. سندن نهيل غلام مرتضيٰ شاهہ شاهاڻي، سيد علي حسين شاهہ ۽ سيد

(1) Administration Report of Khairpur State for 1925

عابد شاهه جون تصويرون اڄ به سندن مصوري جي ڪمال جي ساک ڀرين ٿيون. غلام حيدر جا چار پٽ غلام حسين، غلام محمد، غلام نبي ۽ غلام علي پنهنجي وقت جا استاد ڪاريگر ٿي گذريا آهن. غلام نبيءَ جو پٽ پيربخش ۽ غلام علي جو پٽ محمد عارف پنهنجن وڏن کان به وڌيڪ ماهر ۽ اعليٰ درجي جا ڪاريگر هئا. اڄڪلهه انهن جو اولاد بگين کي رنگ ڏيڻ جو ڌنڌو ڪندو آهي[2].

**رليون ۽ ڀرت:**

خيرپور رياست ۾ اوائل کان وٺي رلين ۽ ڀرت جو ڪم ٿيندو رهندو آهي. اهو ڪم گهرن ۾ عورتون ڪنديون آهن. فيض گنج، ميرواهه ۽ ناري تعلقن ۾ ٺهندڙ رليون ملڪن ۾ مشهور آهن. ڀرت جو ڪم ڳوٺن کان سواءِ شهرن ۾ به سٺو ٿيندو آهي.

---

[2] زباني روايت: ماستر مهر حسين خان ڪمانگر، ساڪن خيرپور

باب نائون

# سنڌي ٻوليءَ جو خيرپوري لهجو

**تعارف ۽ تاريخ:**

سنڌي ٻوليءَ جي خيرپوري لهجي تي تبصرو ڪرڻ کان اڳ خيرپور رياست جي جغرافيائي جزن تي تبصرو ڪرڻ لازمي ٿيندو. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ خيرپور ۾ سنڌ جي سري وارو سارو حصو شامل هو. هن وقت سندس اتر ۾ سکر ۽ روهڙي تعلقا آهن. سندس اولهه کان سنڌو ندي وهي ٿي، ڏکڻ ۽ ڏکڻ اوڀر طرف تي نوابشاهه، ٿرپارڪر ۽ حيدرآباد ضلعن سان ملي ٿي، ۽ اوڀر ۾ جوڌپور ۽ جيسلمير (راجپوتانا) رياستن سان لڳي ٿي[1].

طبعي بيهڪ جي ڪري خيرپوري لهجي تي سرحدي لهجي جو تمام گهڻو اثر رهيو آهي، ڇو جو اتان جي ماڻهن سان رياست جي ماڻهن جي لهه وچڙ ۽ اچ وڃ اوائل کان وٺي رهندي آئي آهي. سکر طرف جي سريلي ٻولي ۽ نوابشاهه طرف جي وچولي ٻوليءَ جا لهجا ٻين لهجن کان وڌيڪ اثرانداز ٿيا آهن- ڇو جو اهي ٻئي طرف اصل کان وٺي هڪڙي حڪومت جي حدن اندر رهيا آهن. باقي ٿرپاڪر ۽ راجپوتانا جي رڻ جي ٻوليءَ جو اثر صرف ناري، فيض گنج ۽ ميرواهه تعلقن جي ريگستاني حصي تي رهيو آهي، ڇو جو اتان جي ماڻهن جي انهن حصن سان گهٽي لهه وچڙ رهي آهي.

مٿين تمهيد مان معلوم ٿيندو تہ خيرپور جي گهڻي آبادي واري لهجي تي وچولي ۽ سريلي ٻوليءَ جو ۽ سندس ريگستاني علائقي تي ٿريليءَ ٻوليءَ جو اثر آهي، ريگستاني علائقو ايراضيءَ ۾ گهڻو، آباديءَ ۾ بلڪل ٿورو آهي ۽ اتان جي ماڻهن جو تعلق شهري آبادي سان تمام گهٽ ٿو رهي. تنهن ڪري انهن جي لهجي کي خاص خيرپور جي لهجي ۾ شمار ڪري نہ سگهبو. خاص خيرپوري لهجو دراصل وچولي ۽ سريلي ۽ لهجن جي وچ واري ڪڙي آهي، ۽ گهڻو ڪري ٿوري تفاوت کان سواءِ ٻنهي لهجن سان ملي جلي ٿو.

---

[1] Pithawala, M.B: "Khairpur State", Govt: Press, Karachi, 1935, P- 6 & 7

i. سريلو لهجو:

خيرپور رياست کان وٺي ويندي اوٻاڙي تعلقي جي ڇيڙي تائين ۽ سيوهڻ دادو کان وٺي سڄو لاڙڪاڻو ضلعو ۽ جيڪب آباد وارو پاسو ڪشمور تعلقي جي ڇيڙي تائين "سرو" آهي، ۽ اتي جي ٻولي سريلي آهي[1]. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ سريلي جو سارو علائقو خيرپور جي حڪومت هيٺ هوندو هو.

ii. سرائڪي جو اثر:

هاڻي بہ خيرپور سميت انهيءَ ساري علائقي تي سرائڪي زبان جو اثر زياده آهي. ڇو جو اتي سرائڪي زبان ڳالهائيندڙن جي اڪثريت آهي. روهڙي تعلقي کان مٿي اوٻاڙي تعلقي تائين جيڪو بہ علائقو آهي، اتي جيڪا سرائڪي ڳالهائجي ٿي تنهن کي اُيي جي زبان سڏيندا آهن. مطلب تہ خيرپور سميت سري وارو علائقو سرائڪي زبان جي اثر هيٺ رهيو آهي. هتان جي حاڪمن ڪلهوڙن ۽ ميرن جي مادري زبان سرائڪي هوندي هئي، ۽ گهڻا ٻروچ بہ سرائڪي ڳالهائيندا هئا ۽ اڄا تائين ڳالهائيندا آهن. هتان جي گهڻن شاعرن جو اڌ کان وڌيڪ ڪلام سرائڪي ۾ آهي، هو سنڌي ڪلام ۾ بہ ڪيترائي سرائڪي زبان جا لفظ، محاورا ۽ جملا استعمال ڪندا آهن مثلا:

علم عقل سڀ چوڙ ڏتوسی عشق ڏنو اولارو
اکيان کول تہ ظاهر ويکين سير سڄڻ جو سارو
(سچل سرمست)

گهتڪی زلف دا زنجير تون آن صورت جو سهڻو تون آن مورت جو مهڻو
دلبر ٻاجهئون دلڙي ديوانی در تی ٿيون مئين فقير
خيرمحمد چئی اسان اهين دي
حاضر حضرت پير
(خير محمد فقير)

هوري هسائي ايندم اٿم آسرو
پرين پارئون پانهجي من پانڌي پٺائي
(محمد ذاڪر اُچڻ)

---

[1] پيرومل آڏواڻي: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، ص 96.

وڃي پياسي ملڪ امن ۾ ڏيهه انهي ۾ ناهن ڏون.
(دريا خان)

هڪ واري تون آءُ اسان ڏي ڏيک اساڏا حال
(بيڪس)

جي ڪهان تہ ڪوڪ نہ نڪري صبر آءُ نہ سهان.
(سيد محمد بقا شاهہ)

غلام حيدر گولو آهي تنهن کي درس دکائين.
(غلام حيدر فقير)

حيف انهن ارواحن آهي، جيڪي تا پائن ڏون،
اقرار نا ڦرواڻ مردن جي شان ۾.
(نانڪ يوسف)

iii. صوتياتي خوبيون:

سرائڪي لهجي ۾ ٽن اکرن ٿ، ڊ ۽ ڍ جي اچارن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ”ر“ اچار بہ ڪيو آهي، اهو اچار سري ۽ خيرپور کان سواءِ ڪٿي بہ استعمال نہ ٿيندو آهي. سريلي لهجي ۾ ستّ جو اُچار ستر، پٽ جو اچار پٽر، ڊپ جو اچار ڊرپ ۽ ڏڍ جو اچار ڏڍر ڪندا آهن مثلاً:

ستون سيپارن جون پڙهڻ ٿيون ثواب.
(سچل سرمست)

پٽ علي شير جا سورهہ تا سڏجن.
(سيد صالح شاهہ)

گونا گوني گل ٽڙيا بسنت جي سا بوءِ.
(محمد ذاڪر اچڻ)

ڊجي ڊجي مون توسان ڳالهايو ڏاڍي بلوچاڻي ذات
(سيد صالح شاهہ)

ننڊ نہ هيرج نيڻ سک نہ وسارج سسئي.
(چنيهہ فقير اچڻ)

تنهنجو ڏڍ ڏڏن کي اصل ڪئون آهي.
(سيد اميرالدين شاهہ)

**iv. وياڪرڻي خوبيون:**

سريلي لهجي ۾ ڪنهن بہ واحد مؤنث جي جمع جي صيغي ۾ آئڻ لاءِ بنيادي صورت پنيان ان گڏيندا آهن ۽ اهو سرائڪي لهجي کان متاثر ٿي ڪندا آهن مثلاً:

| معياري لهجو | سريلي ۽ خيرپور لهجو. |
|---|---|
| زال جمع زالون | زال جمع زالان! |
| خبر جمع خبرون | خبر جمع خبران. |

ان لاءِ سري ۽ خيرپور جي ڪجهہ شاعرن جا مثال پيش ڪجن ٿا.

ميهر من ۾ هنيون هنيون ميخان محبت واريون،
آٽي امالڪ اڙيون اڙيون ڊيدان دلبر توسان.
(پيڙو فقير)

ڊيدان ڪهين دستور سان من موهي وٺن هڪ مام ۾.
(عثمان سانگي)

بيڪس فقير دانهان ٻڌندو الله آهان.
ڀهڳڻ ڏيندو ٻنهان ٻيا در چو پوءِ رلندي
(بيڪس)

عشق جون واتان ٻرن لاٽان تنهن مئون نڪرن درجون چاٽان،
عاشق ٿا ڪن درد جون دانهان عشق منجهارئون اهي آهان.
شال اوڏاهون ايندا وٺي خاصيون خبرانؒ
واڳان وطن پانهجي ڦيري آءَ في الحال.
محب مسافر ٿيا جنين جا ڪوڪان اهي سک ڪنديون.
ان جي اکين آگم ٿيا بونداں بس نہ ڪن.
(سچل سرمست)

دم دم نالا نينهن جون محبوبن من.
صلح صلاحان ظاهري ٻنهي جهانين ٻن.
نانڪ يوسف يار جون جوڙان جوڙي پاڪ پيارو.
(نانڪ يوسف)

غلام حيدر غير جون ڪپيون لامان لاهوتين.
(غلام حيدر فقير شر)

ڪيئي خان ڪپي ويا واڳان ورائي.
(سيد صالح شاهہ)

**ضمير متڪلم:** سري ۽ خيرپور جي لهجي ۾ فارسيءَ جي ضمير متڪلم واري ميم جو گهڻو استعمال ٿيندو آهي ۽ ٻي سڄي سنڌ ۾ 'ميم' جي بدران 'سين' اچي ٿي آڻيندا آهن. مثلاً:

| معياري لهجو | سري ۽ خيرپور جو لهجو |
|---|---|
| ايندس | ايندم |
| ويندس | ويندم |
| ٿيندس | ٿيندم |
| ڏيندس | ڏيندم |

خيرپور جي شاعرن جا ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا.

البت ويندم اوڏهين پل پاڙيچون تہ پايو.
(سچل سرمست)

ايندم تنهنجا پير چميندم ٿيندم تنهنجو چاڪر
(سيد اميرالدين شاهہ)

توکي ڏيندم سپرين پنهنجو سيس نوائي.
(محمد ذاڪر اڇڻ)

ڪان ستي هيم سيل سان پانڌڙو پائي.
(سيد صالح شاهہ)

**زمان مستقبل:** سڄي سنڌ ۾ زمان مستقبل جا لفظ ايندا سون ۽ ايندا سين ٻئي استعمال ٿيندا آهن. پر سري ۽ خيرپور ۾ صرف ايندا سين چوندا آهن. يعني 'ون' جي 'ين' ڪم آڻيندا آهن مثلاً:

تنهنجو دراصل ڪٿون اختيار ڪيوسين.
اسان پاڻ ڪٿون وياسين ڪنهن جاءِ ٻي پياسين.
سچو نام سڏائي اسان لوڪن منجهہ لڪياسين.
هردم هونداسين توسان فائق هيئن فرمايو
ويڙا جي وٺڪار اڃا وري ايندا سين.
(سچل سرمست)

**ڇڏيجو ۽ گڏيجو:** سري ۽ خيرپور ۾ ڪڏهن ”ڇڏجو“ ۽ ”گڏجو“ لفظن ۾ وڌيڪ ”ي“ ڏيئي ڇڏيجو ۽ گڏيجو چوندا آهن. مثلاً:

ڪين وبساريو مئي نہ ماريو ڇوري تان نہ ڇڏيجو
(سچل سرمست)

**ڪينن ۽ جينن:** خيرپوري لهجي ۾ ”ڪن“ ۽ ”جن“ لفظن جي بدران ”ڪنين“ ۽ ”جنين“ بہ چوندا آهن. مثلاً:

ڪنين جو نينهن نهر سان ڪنين دہايا درياھ.
(صاحبڏنو فاروقي)

سڪ جنين جي ساھ کي سي پاڻ سجاڻين،
مرد سي مرڪن جنين عشق الله جو.
(نانڪ يوسف)

**تصغير:** ساري سنڌ ۾ تصغير لاءِ ڪنهن بہ اسم جي پٺيان ”ڙو“ يا ”ڙي“ ملائيندا آهن. اهو استعمال سري ۽ خيرپور ۾ سيني جڳهين کان وڌيڪ ٿيندو آهي ۽ هتي اسمن کان سواءِ ضميرن، فعلن ۽ ظرفن ۾ بہ تصغير ڪم ايندي آهي.

هت ڏين مارو ڏاج ۾ جاٽي جارڙيون،
پيون آهن سڀ کي اهي ويڙهي وارڙيون،
هن پانيو نامو شعلو هيڙو شوق جو.
(سچل سرمست)

هڪ وڪڙي وجود ڪئون ٻاهر ڪر تڏهن هر جا ايندئي حق نظر،
خير محمد خوش جي ٿيڙيون وجي عشق الوٽ ۾ پيڙيون،
ڪنڙا بي تقصير خوني نينان نظر دي وو يار.
(خير محمد فقير هيسباڻي)

اڄ آءِ اڱڻ منهنجي پيهي ڏکڙا ونديون دلبر ويهي،
ڏکڙا ڏسي سکڙا پليا سڀ عيش عشرت هليا ويا.
(سيد صالح شاھ)

پليل پڇن تا حال منهنجڙو ڳالھ انهيءَ تان ڳولي آهيان.
(سچل سرمست)

چڙن چوڙيو چٽڙو ٻيلي پاس ٻرن ٽا.
(سيد علي گوهر شاھ اصغر)

دوست اوهانجڙي آهيان سائينءَ لڳ سچاٽين.
(سچل سرمست)

سگهڙو سگهڙو آءَ اسان ڏي ڏينهن گهٽا چو لاٽين.
(سچل سرمست)

هتڙي هتڙي يار اوهان جي ٻول ٻڌي مان ٻانهي.
(محمد ذاڪر اڇڻ)

**ماضي معطوفي:** معياري سنڌيءَ ۾ ماضي معطوفي ناهڻ جا ٽي روپ آهن. هڪ روپ ۾ فعل جي پوبان اِي پڇاڙي ۾ ملائبي آهي. مثلاً:

لک + اي = لکي. ڪاءَ + اي = ڪائي.

هو خط لکي، ٽپال جي دٻي ۾ وجهڻ ويو هو ماني ڪائي گهر ويو.

ٻئي روپ ۾ فعل جي پوبان ي پڇاڙي ۾ ملائبي آهي مثلاً:

ڪر + ي= ڪري، ناھ + ي = ناهي.

هو ڪم ڪري گهر ويو.

هو ميز ناهي گهر ويو.

ٽئين روپ ۾ فعل جي پوبان "يو" پڇاڙي ۾ ملائبو آهي مثلاً:

پاءِ+ يو= پايو. لاءِ + يو = لايو.

هو پيچ پايو هليو ويو.

هو رنگ لايو هليو ويو.

سري ۽ خيرپور ۾ ماضي معطوفي جي استعمال وقت فعل جي پنياڻ "يو" پڇاڙي سان گڏ "نون" بہ ملائيندا آهن. ٻي ساري سنڌ ۾ اهڙو مثال ڪونہ ملندو.

ڪنهن ڪي مان ڏيندس دانهن درد جي،
پيچ پنهل مون سان پايون هليو ويو
ڪانهي ڪاڻ ڪتڻ جي سچل ڪي،
آتڻ عشق اجاريون هليو ويو.
(سچل سرمست)

**حال استمراري:** ڪنهن بہ فعل جي پنيان "پيو" ۽ "تو" گڏي زمان حال استمراري جو استعمال فقط سري ۽ خيرپور ۾ ٿيندو آهي. ٻئي هنڌ اهو استعمال ڪڏهن بہ نہ ٿيندو آهي.

بنا ڪاتي سڄڻ سهٽا ڪهن تا پيا.
(سيد امير الدين شاهہ)

وهايان ٿو پيو جو جال نيڻن مان جدائي ۾ .
(پيرل فقير)

اوهان جي پڙ ۾ دانهون ڪيان ٿو پيو.
(الهيار فقير مري)

پڪاري ٿي پٿي پيرين پيادي جهنگ ۾ جهر ۾ .
(حافظ اسلم مهيسر)

**زمان مضارع:** سري ۽ خيرپور ۾ "ڪرڻ" مصدر جي مضارع مان "ر" جو اکر ڪڍي ڇڏيندا آهن ۽ لفظ "ڪريان" جي بدران "ڪيان" چوندا آهن. سندن اهو نمونو دادرڪ ٻولين وارو آهي.

دانهن ڪيان ٿي درد جي ٻڏندو شال ٻروچ.
(محمد ذاڪر اچڻ)

ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان ڪنهن کي ڏيان دانهن.
(پيرل فقير)

دل هٿن مان وئي هلي مان ڇا ڪيان.
(حافظ اسلم مهيسر)

**V. نحوي خوبيون:**

شڪارپور جي طرف تي "اٿ نہ" ۽ "ويهہ نہ" جي بدران "اٿ ني" ۽ "ويهہ ني" چوندا آهن ۽ "نہ" جي اچار کي وڏائي "ني" ڪري ڇڏيندا آهن. خيرپوري لهجي ۾ بہ ڪڏهن اهائي "ني" استعمال ٿيندي آهي مثلاً:

وندر ني وٽن ۾ زور ڪري زاري.
(سچل سرمست)

ڪونهي منهنجو وس ني وي ميان هاڙي منهنجو هوت وئي ويا.
اصغر عاشق جي حال جو ني وي ميان پيڙن ڪونہ ترس.
(علي گوهر شاهہ اصغر)

راض محمد کي ني ميان وري اچي ڏي تون وارا.
(مير راض محمد خان ٽالپر)

مٿي ذڪر ڪيل سيني ڳالهين ۾ سري ۽ خيرپور جو لهجو هڪ جهڙو آهي، باقي ٿورو گهڻو فرق هيٺين ڳالهين ۾ آهي.

**نون غنون:** خيرپور ۾ نون غنون اعلانيه ڪندا آهن. شڪارپور، جيڪب آباد ۽ اوباوڙي طرف اهو اعلان اصل نه ڪندا آهن. هو اٿندو ويهندو ۽ گهمندو لفظن جي بدران اٿدو ويهدو ۽ گهمدو چوندا آهن.

**زمان حال:** خيرپور ۽ سنڌ جي ٻين حصن کان سواءِ سري ۾ عجيب نموني سان زمان حال مطلق کي زمان حال استمراري وانگر استعمال ڪندا آهن. مثال طور: جملو — مان اچان ٿو جي بدران سري وارا چوندا آهن "مان ايندو پيو آهيان" اسان کائون ٿا جي بدران چوندا "اسان کائيندا پيا آهيون."

**فعلن ۾ "ي" جو استعمال:** سري وارا فعلن جي وچ مان "ي" جو اکر ڪيڏي ڇڏيندا آهن. مثال طور جملو: مان جهليان ٿو جي بدران "مان جهلان ٿو" چوندا آهن.

**زمان ماضي مطلق:** سري وارا ويڃڻ مصدر جي ماضي مطلق 'ويو' جي "واو" کي هميشه زير ڏيندا آهن. خيرپور ۽ ٻين هنڌن تي لفظ "ويو" جي واو کي زبر جي بدران زير ڏيندا آهن.

**"نـي" جو استعمال:** خيرپور ۾ سري وانگر "ني" جو استعمال ٿيندو آهي، مگر سري ۽ خاص ڪري شڪارپور طرف انهيءَ لفظ "ني" کي تمام گهڻو وڌائيندا آهن ۽ هڪ قسم جو مٺو آواز ڪڍندا آهن.

**vi. وچولي جو لهجو:**

سري ۽ لاڙ جي وچ وارو ڀاڱو وچولو سڏجي ٿو جنهن جون حدون ڪنڊياري ۽ دادو تعلقن جي اتر واري ڀاڱي کان وٺي هيٺ ڪوٽڙي ڊويزن تائين آهن. اهو سنڌ جو وچولو يعني وچ وارو ڀاڱو آهي ۽ اتي جي ٻولي وچولي سڏجي ٿي[1].

**ضمير:** هتي به سري ۽ خيرپور وانگر ضمير "جنهن" ۽ "تنهن" ۽ انهن جي جمع "جن" ۽ "تن" جي بجاءِ "ت" تي زور ڏيندا آهن ۽ لاڙ وارا انهن اکرن تي زير ڏيندا آهن.

**ظرف:** سري، خيرپور ۽ وچولي ۾ لفظ "جتي" بدران "جاتي" ڪٿي بدران ڪاٿي، جيڏي، تيڏي بدران جاڏي تاڏي ۽ ڪيڏي بدران ڪاڏي چوندا آهن.

جاتي نقطو نينهن جو تاتي عقل نه القاب.

(سچل سرمست)

---

[1] پيرو مل آڏواڻي: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، ص 113.

تجلو پسان هڪ تار ۾ جاتي تماشو طور جو.
(شاهه نصير)

خير محمد خيال وحدت وارو جاڏي ڪاڏي نينهن نظارو.
(خير محمد فقير)

ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان ڪنهن در دانهن ڏيان.
(پير ڪمال نوشهري وارو)

وهوا سڄڻ تنهنجون اکيون جاتي لڳيون تاتي ڀڳيون.
(بيڪس)

ڪاٿي ٻيڙو پير ٿو ڪاٿي ٻولي ٻار.
(سچل سرمست)

ڪاٿي نام ڪمال سڏايان ڪاٿي نام نصير وي
(پير ڪمال نوشهري وارو)

جاڏي تاڏي جلوو تنهنجو عجب تنهنجا چمڪار.
(سچل سرمست)

ڪڏهن ڪڏهن "ڪٿي" جي بدران "ڪاٿي" يا ڪاٿهين" ۽ "هتي" جي بدران "هتهين" يا "اُتاهين" ۽ "هوڏي" جي بدران "اوڏاهين" يا "اوڏانهون" به چوندا آهن.

ڪاٿي ملا قاضي تون ڪاٿي سيد سڏائين ٿو
ڪاٿهين تعظيمان ڏئي ڪاٿهين ڪل ڪلي ٿو.
(سچل سرمست)

ڪانه سجهي ٿي ڪاٿهين ورنهه توريءَ واهه.
(محمد ذاڪر راڄڻ)

ڪين ڇڏيندو ڪانهين ڪهر جنين جو آءٌ ميان.
(غلام حيدر فقير شر)

آءٌ ڪيئن ويهان هتهين منهنجو ڪم ڪوهيار،
هلي اتاهون اچي اتاهين هنجين پوتئي هار.
(سچل سرمست)

انا الحق اتاهون گڏيا وتن گر سان.
(پير ڪمال نوشهري وارو)

**ٽ ڊ ۽ ڍ جو استعمال:** سري ۽ خيرپور وانگر ٽ. ڊ ۽ ڍ اڪر وچولي ۾ بہ استعمال ٿيندا آهن، پر انهن ۾ اڪر "ر" جو اچار شامل نہ هوندو آهي.

**ضميرن ۾ نون غنون:** سري ۽ خيرپور جي لهجي ۾ "منهنجو"، "تنهنجو" ۽ "پنهنجو" ضميرن ۾ نون غنون هوندو آهي، پر وچولي ۾ اهو استعمال نہ ٿيندو آهي. انهن لفظن جي بدران منهجو، تنهجو ۽ پنهجو چوندا آهن.

**ضميري نشاني:** عام طور تي سري ۽ خيرپور ۾ ضمير غائب جي نشاني "س" ڏٺي "اٿس" لفظ چوندا آهن ۽ وچولي ۾ اٿس جي بدران اٿائين چوندا آهن.

**تصغير:** وچولي ۾ سري ۽ خيرپور وانگر تصغير جو صيغو استعمال ٿيندو آهي مثلاً:

ڳوڙها ڳلن جي مٿان پيا لڙڪ لڙي،
(پير ڪمال نوشهري وارو)

غلام محمد ٿو حب مان چئي رکج هيٺي تي هٿڙا ڪي.
(مخدوم غلام محمد ٻکائي)

شاهہ نصير سان رس م راٽا زنگڙا ڪيڍي چڏ وير.
(شاهہ نصير)

اڃي زلزلا ڪوٽ ڪسري ۾ پيڙا،
ڪنارن سندا بت يچي پور ٿيڙا.
(مولوي غلام رسول جتوئي)

**تخفيف:** خيرپور، سري ۽ وچولي ۾ لفظن جي تخفيف تمام گهڻي ٿيندي آهي. يعني نحوي لحاظ کان لفظن جا ابتدائي آواز حذف ٿي ويندا آهن مثلاً:

| معياري لهجو | خيرپور، سري ۽ وچولي جو لهجو |
|---|---|
| اٿم | ٿم |
| اٿن | ٿن |
| اٿئي | ٿئي |
| آهيان | هان |
| آهن | هن |
| هيس | هس |

انهن مثالن ۾ سري، وچولي ۽ خيرپور جي لهجي ۾ فعل جو شروعاتي سر[آ ] حذف ٿي ويو آهي. اتان جي شاعرن جي ڪلام مان ڪجهه مثال ڏجن ٿا:

مولا ڪندو شل ميلو اوهان سان، وائي ٿم وات.
(سچل سرمست)

ظاهر زهر نہ ڪن ٿا ڪوئي، باطن ۾ ٿن برهہ بياض.
(عثمان منگي)

جو جسم ڏسڻ ۾ آيو ٿي هيءَ تان آهي ڪونہ بيو.
(نانڪ يوسف)

جالڻ جيئري جدا ٿم ڳالهہ ڳري
(خير محمد فقير)

جن ڏنو جلوو تهين جو سو سي سدا مخمور هن،
مان نہ هو پر جهيو پرينءَ ڪي مان سان منا موجود هن.
(مولوي تاج محمد امروٽي)

ستي پئي هس ڪاڏم پڙڪو ڪنين آواز پيو ڪڙڪو.
(مير فيض محمد خان عاجز)

دوست اوهان جي در تي مون پيرين ڪيا هم پنڌ.
(مخدوم عبدالخالق کهڙن وارو)

نہ ٿم تقويٰ نمازن، نفل، فرضن ۽ عبادت جي.
(مخدوم غلام محمد بکائي)

تو لئي سڪندي ٿيا هن سال نام خدا ڪري ملڻ جي،
منهنجي ملڻ لاءِ پهہ ڪيائون وائي اها ٿن وات.
(شاهہ نصير)

ڪورا هن ڪاڏل ڪي سجڻ منجهہ سرير.
(پير ڪمال نوشهري وارو)

**حرف جر:** سنڌي زبان جي علم نحوي صورت موجب حرف جر، اسم، ضمير، صفت کان پوءِ ايندو آهي، پر خيرپور، سري ۽ وچولي جي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ حرف جر ڪٿي ڪٿي اسم کان اڳ ۾ استعمال ڪئي آهي. مثال طور:

ڪئون ترار تکي هئي ڪتابت قريب جي،
منجهئون سپ شهر واچيندڙ ڪو ليي.
هل ساڻ هنئين مان انهن کي ارمان ٿئي.
پيرن ۾ هيهات آتڻ واريون اتهين
ميان تائين موت ووءِ ووءِ تان نہ پاريان.
ڪارڻ ڪوهيارل متي راهہ رئان گهڻو.
موتي اڇڻ جا ٽيم ڏي سنگهارن سعيا.
سهڻن سان کي سر تئين لڳي چپ چپات.
آتڻ واريون اتهين لوناٽيون سا لات.
(سچل سرمست)

ڪمال کي ڪيني ماري هلج مان سان.
(پير ڪمال نوشهري وارو)

ڪيفي نيڻ نصير خماري شوخ وتن منجهہ شوق شڪاري
(شاهہ نصير)

سيدا سرورا نظر رحمت ڪر متي مسمند يا سيدي.
(مخدوم الهيار ڪوتڙي ڪبير وارو)

جاٽي پاڪ خدا کان روز اجل ـ منهنجو عربي سان آهي عشق لڳل.
(مولوي غلام رسول جتوئي)

vii. **لاڙي لهجي جو اثر:**

سنڌ جي وچولي کان هينان ڏکڻ وارو پاڱو جيڪو سمنڊ سان وڃي ٿو لڳي سو لاڙ آهي ۽ اتان جي لهجي کي لاڙي لهجو چوندا آهن[1].

لاڙي لهجي تي دادرڪ ۽ دراوڙي ٻولين جو اثر تمام گهڻو آهي ڇو جو انهن ٻولين کان متاثر ٿيل ڪافي ماڻهو قديم زماني کان وٺي لاڙ ۾ رهيا آهن. اهو ساڳيو اثر سنڌ جي ٻين پاڱن تي بہ ٿيو آهي. پر لاڙ تي ان جو اثر تمام گهڻو آهي. ان کان

[1] پيرو مل آڏواڻي: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" حوالو ڏنل آهي، ص 121

سواءِ لاڙ جي صوفي شاعرن جي ڪلام ڪان به سچي سنڌ جا شاعر متاثر ٿيا آهن تنهن ڪري ڪيترائي لاڙي لهجا ٻين هنڌن جي شاعرن جي ڪلام ۾ به نظر اچن ٿا. اهو اثر خيرپوري لهجي تي پڻ عام آهي.

**حالتن جو ڦيرو:** سنڌي وياڪرڻ ۾ اسم دراوڙي ٻولين جي اسمن وانگر ڇهن حالتن موجب ڦرن ٿا، اهي آهن حالت فاعلي، حالت جري، حالت اضافت ۽ حالت ندا[1].

لاڙي لهجي ۾ حالت جري ۽ حالت اضافت جي ڦيري لاءِ ڪڏهن اهڙا حرف ڪم ايندا آهن. جيڪي سندن حالت ڦيرائي ڇڏيندا آهن. اها حالت ڪڏهن حرفن سان ۽ ڪڏهن اعرابن سان ڦرندي آهي. اها ڦيرڦار لاڙ وانگر خيرپوري لهجي ۾ به ٿيندي آهي مثلاً:

اباڻاء = اباڻا + ء = اباڻن ڪان.
ڏاڏاڻئون = ڏاڏاڻا + ئون = ڏاڏاڻن ڪان.
ڪم ئون = ڪم + ئون = ڪم جي ڪري.
ويچاريءَ = ويچاري + ء = ويچاري جو.
لوء = لوءِ + زير = لوءِ ڏانهن.
برهہ = برهہ + زير = برهہ جي.
سيج = سيج + زير = سيج تي.
ماڪئيون = ماڪي + ئون = ماڪيءَ ڪان.
ماڪيان = ماڪي + ان = ماڪيءَ ڪان.
سر = سر + زير = سر تي.

ڪجهہ شاعرن جي ڪلام مان مثال پيش ڪجن ٿا:

جڻ آيم اباڻاء ماڻهو موٽائڻ جو.
مون کي رات رسيون ڏيهہ ڏاڏاڻئون خبران.
ڪيهي ڪمئون ڪانگڙو اڄ ٿو ويڙهي منجهہ وتي.
ناهي ويچاريءَ وس جو ڪري ماٺ پئي رهي.
ويم لالن لوءَ هيءَ اٽا سي ننڊ ۾.
(سچل سرمست)

پرهہ بهاري ٿي چوڏاري، محبت ونڙا مينهن،
سي ڪيئن سيج سمهن، ڇا ڪن زيب زري.
(سيد صالح شاهہ)

---

[1] غلام علي الانا ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد. 1974ع. ص 62.

ماڪيئون مني پانئيان پريان سنڌي پڪ.
(حمل فقير)

علي محمد عشق اٽائو اهو چاٽي جنهن سر آيو.
(علي محمد شاهه)

ماڪيان مني پانئيان، محبت تو مصري.
(محمد ذاڪر اجڻ)

**مرڪب لفظ:** لاڙي لهجي ۾ ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٻين شاعرن ڪيترائي مرڪب الفاظ آڻي انهن مان زير اضافت جو ڪم ورتو آهي. ساڳي نموني سان خيرپور جي شاعرن به مرڪب لفظ استعمال ڪيا آهن.

اديون آتش عشق جا من ڪي مچ مچن تا،
روز ازل کان تنهنجڙي آهيان، غير نه مون کي ڀانئين وي.
(سچل سرمست)

جنهن ڪي حملي حسن حيران ڪيو
تنهن دين ڪفر يڪسان ڪيو.
(سيد صالح شاهه)

برهه بهاري ٿي چوڏاري، محبت ونڙا مينهن.
(بيڪس)

تنهن منهن چائي ڇڄ جا واريءَ ويس ڪري گهمي.
(حمل فقير)

هيٺي حال اوهان گري دم دم آيو عيان.
(نانڪ يوسف)

**حرفن جي تخفيف ۽ واڌارو:** لاڙي لهجي وارا ڪڏهن ڪڏهن لفظن ۾ حرفن جي تخفيف يا واڌارو ڪندا آهن. اهي ساڳيون تخفيفون ۽ واڌارا خيرپور جي شاعرن به ڪيا آهن.

سنگهارا سانگ پئي ونهيا وس ويام.
(سيد محمد بقا شاهه)

نئون لکيو آيوم پريان سنڌي پار جو
دعا ڪريجو جيڏيون پيرون تان نه پچن.
(سچل سرمست)

اڇي شال پنيور ۾ ٻاروچو پيهار
ڪوڙئين ڪيم ڪيترا انهن ڪان ڪشال،
اوهان جي تہ اڇڻ جو آسر هڙ نہ لاهيان.
(سچل سرمست)

ماڳ ٿيندو مون ميلو مليندءِ ڏٽي.
(سيد صالح شاهہ)

پريں پارئون پانهجي من پانڌي پنائي.
(محمد ذاڪر اڇڙ)

ريءَ پروڙڻ پانهجي ٻيو آهي محض گناهہ.
(غلام حيدر فقير شر)

مٿين مثالن ۾

| | |
|---|---|
| ويام = ويم | آيوم = آيم |
| ڪريجو = ڪجو | پيهار = پيهر |
| ڪشال = ڪشالا | آسر = آسرو |
| مليندءِ = ميليندم | پانهجي = پنهنجي |

**لفظن جي ڦير ڦار:** لاڙ وارا ڪجهہ لفظن جي ڦير ڦار بہ ڪندا آهن. مثلاً: مانڪئون جي بدران مانهئون، توڪئون جي بدران توهئون، ڇوجي بدران ڪوهہ، ڏانهن جي بدران مٿين، تنهن ڪان جي بدران تهان، ڇاڪئون جي بدران ڇاهئون، ۽ متان جي بدران مڇڻ وغيره. خيرپور جي ڪجهہ شاعرن بہ انهن جي تقليد ڪئي آهي.

ماريون ڙي مانهئون اها ويل نہ وسري،
توهئون الاجي ڪيئن سئائين سو وعدو وسري ويو
منج ڏهاڙي مون مٿين اهو ڏاهو ڏياري،
پڇن ڪوهہ طبيب او سوز واريون سرتيون،
گهٽا ڏينهن لڳاءِ ڇاهئون ڪانگ قريب جا،
عمر آءُ مڇڻ تن ڪئون وڃان وسري
(سچل سرمست)

**حرف جر ۽ فعلن جي ڦيرڦار:**

لاڙ ۾ حرف جر ”سان“ جي بدران ”سين“ ۽ فعلن ۾ ”ٿين“ جي بدران ”ٿئين“ چوندا آهن. مثلاً:

محبت موج سندين سدا سانوڻ جان وهي.
(غلام حيدر فقير)

ٿهڙا هاچا ٿئين پينر هن پنيور ۾.
(شاهه عبداللطيف ڀٽائي)

خيرپور جي ڪن شاعرن بہ اهائي ڦير ڦار ڪئي آهي. مثلاً:

محبت موج سندين سمنڊ سانوڻ جان وهي.
(غلام حيدر فقير شر)

اٿم سار سندين اڄ پنهوار پري ٿيا،
مشڪل موٽڻ تنجو جي هي لڪ لنگهين،
وري هيڄ ورين جي سانگين ڪو سانگ پيو.
(سچل سرمست)

**عدد:** لاڙ ۾ "يارهن" جي بدران "ڪارهن" چوندا آهن. خيرپور وارا بہ ڪڏهن ڪڏهن سندن تلقيد ڪندا آهن. مثلاً:

رسالو راس ٿيو منجهہ ائين ڏينهن،
ڪارهن سؤ گذريا سائيڪو ورهن.
(مخدوم محمد شريف راڻيپور وارو)

مٿين سيني مثالن مان اندازو لڳائي ٿو سگهجي تہ خيرپور جي لهجي تي لاڙي لهجي جو ٿورو ۽ سريلي ۽ وچولي لهجي جو اثر تمام گهڻو آهي، تنهن ڪري اسان آسانيءَ سان چئي سگهنداسون تہ خيرپوري لهجو سريلي ۽ وچولي لهجي جي وچ واري ڪڙي آهي.

ix. **خيرپوري لهجي ۾ ٻين ٻولين جا لفظ:**

سري ۽ خيرپور وارين حدن ۾ مختلف قومن جي مختلف ٻولين جا لفظ ٻڌجن ٿا. اهڙين ٻولين مان ڪن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

**آسترو ايشياٽڪ ٻولين جا لفظ:** لسانيات جا ماهر چون ٿا تہ اول اول جنهن قوم ٻاهران اچي لاڙ ۽ اتر سنڌ کي آباد ڪيو سا ڪا آسترو ايشياٽڪ قوم هئي[1]. سنڌ ۾ آباد ٿيل انهن باشندن ۾ ڪي منڊا قوم جا ماڻهو بہ هئا. انهن جي ٻولين کي ڪوليرئين

(1) John Marshall: "Mohan-jo-Daro and Indus Civilization Arthur Probestbain",Lahore, 1931, P. 33

(Kolarian) ۽ منڊا (Munda) ٻوليون چيو ويجي ٿو[1]. انهن ٻولين جا ڪي لفظ هي آهن: جيڪي اڄ بہ خيرپوري لهجي ۾ موجود آهن.

ڪوڙي ۽ خيرپور رياست جي ڳوٺن ۾ ويهون ويهون ڪري انگن ڳڻڻ جو رواج اڄ بہ عام آهي. سٺ دوران ٽي ويهون، يا ٽي ڪوڙيون چوندا آهن[2].

هينيان لفظ بہ انهن ٻولين جا آهن.

مور < ميول (سنتالي)[3].

ٻاڻ < ٻان (آسٽرو ايشياٽڪ)[4].

جنگهہ < جنگهہ (مان – گمير)[5].

ناريل < ناريڪيل (ملائي)[6].

**درواڙي ٻولين جا لفظ:** آسٽرو ايشياٽڪ نسل کان پوءِ جنهن ٻئي نسل سنڌ کي آباد ڪيو سو يونو چوبو نسل هو جنهن کي درواڙي نسل ڪوٺيندا آهن[7]. هي نسل آرين کان گهڻو اڳ سنڌ ۾ آباد هو[8]. انهن دراوڙي نسل جي ٻولين جا ڪيترائي لفظ اڄ بہ خيرپور ۾ ڳالهايا ويندا آهن. اهڙا لفظ هي آهن:

| سنڌي | دروازي | سنڌي | دراوڙي |
|---|---|---|---|
| ڪتڙ | ڪتڙ | ڪٽ | ڪٽ |
| نير | نير | ڪلا | ڪلا |
| ٿل | ٿل | ٻر | ٻل |
| روپ | ڙوپ | ڪور ڪور | ڪور ڪور |

**يوناني زبان جا لفظ:** ڪنهن زماني ۾ يوناني بہ سنڌ تي ڪاهي آيا هئا. اهو زمانو عيسوي سن کان 180 ورهيہ اڳ جو آهي، جڏهن ڪي يوناني لوڪ پنجاب تي ڪاهي آيا، ۽ پوءِ سنڌ بہ فتح ڪيائون[9]. سندن وقت جي نشاني خيرپوري لهجي ۾ هينيان لفظ آهن:

---

(1) Griorson. J. A. Linguistic Survey of India, Vol,. VIII, Part I. Culcutta, 1919, PP 35 & 132.

(2) Ibid.

(3) Chakaravarti: "Literary History of India", Vol. VIII, Part I-6, P 70.

(4) Ibid.

(5) Chakarvarti: op. cit. P 33.

(6) Ibid.

(7) John Marshall: op. cit. P 33

(8) Ibid. P 33.

(9) ڀيرومل آڏواڻي: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 49.

بغدي ۽ بختي = پلو مهري اُٺ
بلغاري = سني متل چلم يا چگو متل حقو
دام = ملهه
دم = سڪو

**سنسڪرت ۽ پالي زبان جا لفظ:** جن سنسڪرت لفظن ۾ ٻتا اکر يا گڏيل حرف صحيح آهن، تن جا اُچار پاليءَ ۾ ملي هڪ روپ ٿي ويا آهن. مثلاً: سنسڪرت سپت، پالي ست، ۽ سنڌيءَ ۾ ڇٿون ست[1]. خيرپوري لهجي ۾ سنسڪرت ۽ پاليءَ جا هيٺيان لفظ اڄا تائين استعمال ۾ آهن.

| سنسڪرت | پالي | سنڌي |
|---|---|---|
| ڌرم | ڌم | ڌرم |
| پريم | پريم | پريم |
| للاٽ | نلاٽ | نرڙ |

**عربي زبان جا لفظ:** عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ عربي ٻوليءَ جو اثر سڄي سنڌ ۾ پکڙجڻ لڳو. سنڌ وارن اسلام، اسلامي تهذيب ۽ عربي زبان کي پنهنجو سمجهي جيءَ ۾ جاءِ ڏني. گفتگو ۽ مذهبي معرڪن ۾ عربي ٻوليءَ جا نوان نوان لفظ ڪم اچڻ لڳا، ايتري قدر جو عربن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جو روپ ئي بدلجي ويو[2]. خيرپوري لهجي ۾ عربي جا ڪافي لفظ استعمال ٿين ٿا. مثلاً:

ڪتاب، قلم، استاد، معلم، متعلم، مسجد، شهيد، مجاهد، ڪافر، مشرڪ، ايمان، شيطان، حج، زڪوات، ڪلمو شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت، علم، عالم، دين، قرآن، حديث، فقهه ۽ محبت وغيره.

**فارسي زبان جا لفظ:** سنڌي ۾ ارغونن جي زماني کان وٺي ٽالپرن جي زماني تائين سرڪاري ۽ دفتري زبان فارسي رهي آهي. تنهن ڪري فارسيءَ جا ٻه ڪيترائي لفظ سنڌيءَ ۾ شامل ٿي ويا آهن. جيڪي خيرپوري لهجي ۾ استعمال ٿيندا رهن ٿا. مثال: برادر، مادر، پدر، دوست، پختو، ڪارگر، ڪار آمد، پروردگار، دست، بازو، چشم گوش، رخ، ڪشادو شريف، ڪاڪل، حال، تيمار، تيمادار، پيالو، گفتگو جستجو ابرو رخسار، يار، طرفدار، ناز، نياز، بادشاهه، گنج، رنج، شاگرد ۽ درد وغيره.

---

(1) ايضاً. ص 47.
(2) غلام علي الانا، ڊاڪٽر: "لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، ڊي فل لاءِ تحقيقي مقالو 1971ع، ص 197.

**ترڪي زبان جا لفظ:** خيرپور جي لهجي ۾ هيٺيان لفظ ترڪي زبان جا آهن. مثلاً:

| ترڪي | سنڌي |
|---|---|
| آغا يا آقا | آگو |
| اطاق | اوطاق |
| ايلچي | ايلچي |
| بندوق | بندوق |
| چاغ | چاق |
| چوغا | چوغو |
| چت | چڪ (پردو) |
| قلي | ڪولي (مزدور) |

**پورچوگيزي زبان جا لفظ:** سنڌ جي ٻين لهجن وانگر خيرپوري لهجي ۾ بہ ڪيترائي پورچوگيزي لفظ شامل ٿي ويا آهن. انهن مان ڪي هي آهي[1].

| پورچوگيزي لفظ | خيرپوري اچار | پورچوگيزي لفظ | خيرپوري اچار |
|---|---|---|---|
| Ambar | انبار | Lemao | ليمون |
| Batel | ٻتيلو | Pagar | پگهار |
| Bafo | ٻاڦ | Pistola | پستول |
| Bucha | ٻوچ | Saboo | صابڻ |
| Pipa | پيپ | Falto | فالتو |
| Tabaco | تماڪ | Leiluo | نيلام |

**انگريزي زبان جا لفظ:** پورچيگيزي وانگر انگريزي زبان جا بہ هزارين لفظ سنڌي زبان ۾ شامل ٿي ويا آهن، ۽ خيرپوري لهجي ۾ استعمال ٿين ٿا. مثلاً: اسڪول، اسپتال، ماچيس، باڪس، ٽيبل، ڪلاس، پين، پينسل، آفيس، آفيسر، جج، ڪورٽ، سول، انسپيڪٽر، سپرنٽينڊنٽ، ماستر، ڊائريڪٽر، بوٽ، سوٽ، ڪوٽ، واچ، چين، بٽڻ، سوچ، بوتل، گلاس، پليٽ، چاڪ، ڊسٽر، بوڪ، نوٽ، سگريٽ، ڪوپ، ساسر، ٿرماس، ريڊيو، ٽيليويزن، فون ۽ ڪيٽ وغيره.

(1) Anthonyxavier Soares: "Portuguese Vocables in Asiatic Langueges", Oriental Institute of Baroda, 1936, P 496.

**X.خيرپوري لهجي جو ٻين ٻولين تي اثر:**

**عربي زبان ۾ خيرپوري لهجي وارا لفظ:** لاڙ جي بندرن تي ٻين ملڪن جي واپارين ۽ تاجرن وانگر عرب واپارين جي آمدرفت بہ هوندي هئي، انهيءَ ڪري لاڙي زبان جا ڪيترائي لفظ عربي لغت ۾ داخل ٿي ويا [1]. انهن لفظن ۾ لاڙي ۽ خيرپوري لهجي جو اشتراڪ آهي، ۽ اڄ بہ اهي لفظ ساڳئي مطلب ۽ معنيٰ سان خيرپور ۾ ڳالهائجن ٿا. انهن مان ڪي لفظ هي آهن:

| خيرپوري لفظ | عربي لفظ | خيرپوري لفظ | عربي لفظ |
|---|---|---|---|
| ڪتڻ | قطن (ڪپهہ) | سڙهہ | سرعہ |
| سداڻ | سندان | ڪنڊ | قند |
| ڪک (طب جا) | ڪحہ | جت | زط |
| چندن | صندل | واڻيا | بنيانهہ |
| ڪپور | ڪافور | ڇيٽ (ڪپڙي جو قسم) | شيت |
| سر | نيلج | | |

**ڪڇيءَ جا لفظ:** هيٺيان لفظ خيرپوري لهجي ۽ ڪڇيءَ ۾ ساڳي معنيٰ وارا آهن. اهي لفظ ڪڇ وارن هتان ورتا آهن.

| خيرپوري | ڪڇي | خيرپوري | ڪڇي |
|---|---|---|---|
| گولو | گولو (ٻانهو) | وانگي | وانگي (ڦيريدار) |
| جوڙو | جوڙو (جتي) | ڇيرو | ڇيرو |
| بابو | پابو | ڪانو | ڪاٿو |
| گاٿو | گانو | اڊائي | اڊي |

**پشتو جا لفظ:** هيٺيان خيرپوري لهجي جا لفظ پشتو زبان ۾ اچي ويا آهن:

| سنڌي لفظ | پشتو لفظ | سنڌي لفظ | پشتو لفظ |
|---|---|---|---|
| اڱڻ | انگن | ٻنگ | بنگ |
| ڏڪار | دڪال | ڏڪ | ثق |
| ڪٽ | ڪت | هڏو | هڊ |

[1] سليمان ندوي، سيد: ”عرب والون ڪي تعلقات“، هندستاني اڪيڊمي، الله آباد، 29 ـ 1928ع، ص 63.

### xi.خيرپوري لهجي جو جائزو:

**صوتياتي جائزو** (Phonetic Analysis): خيرپوري لهجي جو صوتياتي نظام سنڌيءَ جي علم صوتياتي نظام جهڙو آهي. هن ۾ ٻچيوان، ڏنڊوان، مهاروان، مور ڏني، ٻهنت تارون ۽ نرم تارون وارا آواز آهن. اهي آواز ڏوڪٽا، چوسٽا، گسٽا، گهَٽا (نڪوان)، ڦرڪٽا، گول، روان، ۽ نيم سر قسمن ۾ ورهائي سگهجن ٿا. خيرپور جا ماڻهو عربي زبان جي اڌارن آوازن [ف، ز ق، خ، ع، غ] کي پنهنجي ڏيهي عادت موجب بدلائي [ڦ، ج، ڪ، ک، گ] اچاريندا آهن. البت ڪي پڙهيل ماڻهو [ق، خ، ۽ غ] جي اچار ڪرڻ مهل خبردار رهندا آهن.

ڪي ڳوناڻا ماڻهو اچارن ۾ هيٺ ڏيکاريل تبديليون بہ ڪندا آهن.

**مثال طور:**

ش/ جي بدران/ چ ۽ ي/ جي بدران/ ج ڪم آڻيندا آهن.

شال > چال

ياد > جاد

يتيم > جتيم

يوسف > جوسف

**اصواتي جائزو** (Phonetogical Analysis): مختلف آوازن جي استعمال جي جائزي مان معلوم ٿيو آهي تہ ڪيترائي آواز لفظن جي آخري صورت ۾ معياري لهجي يا ٻين لهجن جي عام استعمال کان ڀي طرح اچارجن ٿا. مثلاً:

| معياري لهجو | خيرپوري لهجو | تبديل |
|---|---|---|
| گهاوَ | گها | واو حذف |
| ياءُ | يا | ءُ حذف |
| پاءُ | پا | ايضاً |

سنڌي ٻوليءَ جي ٻين اڪثر لهجن ۾ ڪن لفظن جي ابتدائي سرن کي حذف ڪيو ويندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن خيرپوري لهجي ۾ انهن ابتدائي صورت وارن سرن جو اچار قائم رکيو ويندو آهي. مثلاً:

| معياري لهجو | خيرپوري اچار |
|---|---|
| لهڻ | اُلهڻ |
| پٽڻ | اُپٽڻ |
| کولڻ | اُکولڻ |
| تى | اتى |

## وياڪرڻي جائزو:

**ضمير خالص:** سنڌي ٻوليءَ جي ڏار ڏار لهجن ۾ ضمير خالص جي اچارڻ ۾ هڪ جهڙائي ڪانهي خيرپوري لهجي ۾ انهن جو استعمال هن ريت ٿيندو آهي.

| معياري اُچار | خيرپوري اُچار |
|---|---|
| آءٌ | مان |
| تون | تون |
| هو هوءَ | هو هوءَ |
| اسين | اسان |
| توهين، اوهين | اوهان، توهان |

**زمان ماضي:** خيرپوري لهجي ۾ ڪن ڪن مصدرن جا ماضي معياري لهجي ۾ ٻه ڪم ايندڙ ماضي فعلن کان مختلف هوندا آهن. مثلاً:

| مصدر | معياري لهجو | خيرپوري لهجو |
|---|---|---|
| وسڻ | وٺو | وسيو |
| گسڻ | گٺو | گسيو |
| گُسڻ | گُٺو | لايو |
| لائڻ | لاتو | لايو |
| پائڻ | پاتو | پايو |

xii. **خيرپور جي ميرن جي ٻولي:**

خيرپور جا مير مڪران کان سنڌ ۾ اچڻ ڪري پنهنجي مادري زبان "بلوچڪي "وساري چڪا هئا، ۽ پنجاب جي علائقن، ملتان جي آسپاس ۽ ديري اسماعيل خان، ساهيوال ۽ ديري غازي خان ۾ گهڻو وقت رهڻ ڪري سرائڪي ٻولي اختيار ڪري چڪا هئا. ايتري قدر جو سرائڪي سندن مادري زبان بڻجي وئي. هو جڏهن سنڌ ۾ آيا تڏهن هتي جي حاڪمن ڪلهوڙن جي زبان سرائڪي هئي. ڪلهوڙن جي

حڪومت ۾ هو وڏي درجي جا امير ۽ فوجي سالار هوندا هئا. سندن وقت جي حاڪمن ۽ ٻين سردارن ليڪين، پتافين، ڪهاوڙن، ڪتياڻن، ڪوڪرن ۽ خاصخيلين جي زبان بہ سرائڪي هئي. تنهن ڪري ڪين سرائڪيءَ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ دقت پيش نہ آئي. وري جڏهن سنڌ جي حڪومت تي قبضو ڪيائون، تڏهن بہ سرائڪي ڳالهائيندا هئا. سندن فوجي سردار بلوچ، ڪهيري ۽ ٻيا بہ سرائڪي ڳالهائيندا هئا. تنهن ڪري ڪين گهر ۾ توڙي درٻار ۾ هر وقت سرائڪي ۾ ڳالهائڻو پوندو هو. سنڌ ۾ پنهنجي رعايا سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ جي ڪري سنڌي زبان بہ سکي ويا. ۽ ان تي ايترو عبور حاصل ڪيائون جو سنڌي زبان ۾ شاعري بہ ڪرڻ لڳا. ڪيترا مير پنهنجي وقت جا سٺا اديب ثابت ٿيا.

**فارسي زبان:** سنڌي ۽ سرائڪي زبان ٻنهي کي پنهنجي خاص آئيويٽا ڪانہ هئي. تنهن ڪري ڪلهوڙن وانگر ميرن جي ڏينهن ۾ بہ سرڪاري زبان فارسي رهي ۽ سموري لکپڙهہ فارسيءَ ۾ ٿيڻ لڳي. ميرن جو سمورو رڪارڊ فارسي ۾ رهيو. ادبي لحاظ کان بہ فارسي زبان جو درجو بلند هو. تنهن ڪري ان وقت جو گهڻو ادبي سرمايو فارسي زبان ۾ پيدا ٿيو.

**سنڌي ۽ سرائڪي زبان:** ميرن جي درٻار ۾ گهڻا صوفي پير ۽ فقير بہ اچڻ لڳا جن پنهنجي تبليغ جو دارومدار سنڌي ۽ سرائڪي زبان تي رکيو ۽ انهن زبانن ۾ شعر ۽ ادبي نڪتا بيان ڪندا رهيا. مير سندن سرپرستي ڪندا رهيا، جنهن جي نتيجي ۾ اهي زبانون اڳتي وڌيون ۽ خود ميرن کي سنڌي ۽ سرائڪي ۾ ڪلام چوڻو پيو.

**صدائون:** مير جڏهن گهر کان نڪرندا هئا يا ٻاهران گهر ڏانهن ايندا هئا تہ ٻلهاٽي ۽ ٻيا فقيراءَ وٺي صدائون ڪندا هئا، ۽ دعا جا ڪلمان چوندا هئا. مثلاً: مير سائين، الله نگهبان، چڙهي عمان، هڪ هڪ وار ٻہ سؤ سؤ چمار.

ميندا دولهہ دلير بنا ساري سنڌ دا ونا
جنڌڙ جوانيان ماٹی سپ دا حق سچاٹين
سنڌ ديا لطان الله نگهبان تيڏا دارا هی دربان
پنجان دي پاڪر هووئی علی دي آڏر هو وئی
تيڏا مٺ نہ ڪوئی ثانی ڏيهہ تيڏا هی ڏانی
علی نگهبان تيڏا پنجان دي پناهہ هووئی
نبی دي نگاهہ هووئی هادي همراهہ هووئی

سهرابي سرڪار- ڏيهه ڏٽي ڏاتار – سهڻا منهنجا يار – وسو نه ٽوڪي وار – پڌرا تنهنجا پار- تنهنجا ڏيهن ۾ ڌهڪار – گل هجين گلزار سهرابي سرڪار.

رستم منهنجو راٽو – بخشي سڀ کي ناٽو – منهنجو عرض اڳهاٽو ڪوجهو توڙي ڪاٽو – توسان سڀ جو ماٽو.

اڄ مرادڻ مير – دعا ڪني فقير – پي ڪنڌون ۾ ڪير
سچو لنگهايئي سير – حامي تنهنجا پير – اڄ منهنجا مير.
شاهنوازڻ سائين- جي وچ ميدان جائين – سڀ جي آس پڄائين
ٽورا مئين تي لائين – گيت مئين – تيڏي ڳائين.
فيض محمد ڍولڻ – توتان اولڻ گهولڻ – مٺڙو تنهنجو ٻولڻ-
وات اسان جي وائي – جيوين يار سدائين.
جان محمد جاني – هت نه تنهن جو ثاني – ڏيهه سمورو ڏاني
قائم تنهنجي خاني – ڪر عاجز تي احساني – جانڻ منهنجا جاني.
خان محمد خان – الله نگهبان – عليءَ جي امان – اعليٰ تنهنجو شان.
سڀ کي ڏيندس دان.
هوي جيڏا مير – ڪنڌا پيوين ڪير – حامي حضرت پير –
ٿيوين نا دلگير – ڪري دعا فقير.
ميڏا مير – پيوي ڪنڌان تي ڪير – ڪري دعا فقير.
مير ميڏا ٻلي ٻلي – جهول اتان جو جهلي – آيا مول نه ولي-
حڪم تيڏا پيا هلي – دشمن دي سر ڪلي – ميڏا مير ٻلي ٻلي.
جو دم اٿڙي جيسان – تيڏا دعاڳو ٿيسان.
ڪير ڪريسين ريسان – تيڏي ٻولي حريتان.
جيوين هووين – لک ٿيوين – سو مرادان ماٽي.
دارا تون وڏ شان هووئي – سڪندر درٻان هووئي.
بخت بلند سلامت هووئي – تخت تي تاج حڪومت هووئي.
تيڪون ڪوسا واءُ نه لڳي – دشمن تيڏي ڀڄي.
عمر وڏي اقبال هووئي – هر گهڙي سو سال هووئي.
ونگا نه هڪڙا وال هووئي – دم دم حق دي نال هووئي.

**چوٽيون ۽ پهاڪا:** ميرن جي سنڌ ۾ اچڻ کان وٺي ڪيترائي پهاڪا ٺهي ويا ۽ ضرب المثال بنجي ويا. مثلاً:

(i) مير الهيار خان ٽالپر ٽنڊي آدم جي باني رئيس آدم خان حاجي زئي مري، کان سندس ڀيڻ بيبي مريم جو سڱ گهريو جيڪا حد کان وڌيڪ حسين، پرهيزگار ۽ نيڪ عورت هئي. آدم خان اهو ناتو قبول نه ڪيو ۽ مير الهيار خان کي محروم رهڻو پيو انهيءَ واقعي کان متاثر ٿي ڪنهن ماڻهوءَ چئي ڏنو ته:

"ڪاڏي منهن مريم جو ڪاڏي الهيار"

اها چوڻي آهستي آهستي پهاڪو بڻجي ويئي[1].

(ii) مير بجر خان ولد مير بهرام خان کي جڏهن راجپوتن سازش تحت شهيد ڪيو ئو. تڏهن هن کي اڪيلائپ ۾ آٽي ڪن ۾ ڳالهه ڪرڻ جو بهانو بڻايو هئائون، ان ڏينهن کان وني مشهور ٿي ويو ته:

"ڪن جي ڳالهين مير بجر مارايو"

ڪن جون ڳالهيون ڪرڻ معنيٰ ڪا سازش سٽڻ[2].

(iii) مير سهراب خان جو پاءُ مير عالي خان ننڍپڻ ۾ هڪ لاُبالي ۽ ابهرو امير هوندو هو. هڪ دفعي سندس پيارو ڪتو مري ويو. ته وڃي مسجد جي دروازي تي دفن ڪرايائين. ان تي کهڙن جي مخدومن کيس تعزير ڏيڻ ٿي گهريو پر هن بندوق ۾ مٽر پرائي مخدومن تي حملو ڪرايو. اها ڳالهه ٻڌي مير سهراب خان پنهنجي پاءُ تي ناراض ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ مير عالي خان رسامو ڪري ڊگهڙي طرف هليو ويو. ان هوندي به مخدومن جي دل نه نري، ۽ تنهجس ۾ کهڙن جي فقيرن هڪ مصرعه چئي ته:

"ڪندي لڳي باهه عالي منجهه سڙندو"

اها مصرعه ان ڏينهن کان وني زبان زد عام ٿي وئي[3].

(iv) مير علي مراد خان جو ننڍو پٽ مير غلام مهدي خان به هڪ اڻ ٽر ۽ البيلو شخص هوندو هو. ڪيترا دفعا ننڍن ناشائسته دوستن جي ڪري بلوچ سردار مٿس ناراض ٿيا، ۽ مير وڏي وٽ شڪايتون ڪيائون. مير صاحب هر وقت سردارن کان معافي وٺندو رهيو ڇو جو پنهنجي پٽ سان ڏاڍي دل هوندي هيس. انهن ڳالهين کان متاثر ٿي ڪنهن چئي ڏنو ته:

"مهدي پنهنجو مهر مهٽي هاب ڪري ڇڏيو".

اها چوڻي ان ڏينهن کان وني وجود ۾ آئي[4].

---

[1] رئيس دوست محمد خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان جي زباني روايت.

[2] رئيس باقر خان مريءَ جي زباني روايت.

[3] زباني روايت: مير حسين بخش خان، ساڪن مير رستم خان جو ڪوٽ

[4] زباني روايت: مير محمد خان مري، ساڪن، ٽنڊو مستي خان.

(v) مير رستم هڪ وڏو نرم دل وزير، خدا ترس ۽ فقير دوست ماڻهو هوندو هو. پيرن فقيرن ۽ درويشن کي جاگيرون ۽ پروانا ڏيندو هو. هڪ دفعي هڪ درويش ڪلام تي چيو تہ: "ڪوئي واٽ مندر جي ڏسي" اهو ٻڌي هڪ ٻئي درويش ڪلام چوندڙ درويش کي طعنو هڻندي چئي ڏنو تہ[1]:

"ڏئي جاگير جڻ ڪري — وٺئي رمز رستم ڪسي
لج وڃايئہ لوڙهي جي — لڳين پورهئي لسي
پڇ وري بہ رستم کان — تہ توکي واٽ مندر جي ڏسي"

(vi) مير سهراب خان وعدي جو تمام پڪو هوندو هو ۽ سندس قول پٿر تي ليڪي وانگر ليکبو هو. ان ڪري مشهور ٿي ويو هو تہ[2]:

"سهرابي قول سوني سڪي تول"

(vii) ميرن جي سنڌ کي وڃائڻ کان پوءِ ڪجهہ ننڍا مير عياشيءَ جا جيوڙا بڻجي پيا ۽ پنهنجو سمورو وقت عيش عشرت ۾ گذارڻ لڳا. ان تي ڪنهن ماڻهوءَ چئي ڏنو تہ[3].

"مير ڏيڏهن جا پٽ آهن"

يعني اهي عيشي ماڻهو ڪنهن ڪم ڪرڻ جهڙا نہ آهن.

(viii) مير سهراب خان ايترو سخي هوندو هو جو سندن باورچي خاني تائين آيو ويو پيو کائيندو هو ۽ اتي بهتر ماني ملندي هئي. ان ڪري اهو مثال مشهور ٿي ويو تہ[4].

"سهراب خان جي بني هرڪو اچي وني"

(ix) مير، پيرن ۽ فقيرن جا حد کان وڌيڪ معتقد هوندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن کي سزا ڏيندا هئا، ۽ ڪو پير يا فقير سفارشي ايندو هو تہ ڏوهيءَ کي ڇڏي ڏيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن امير يا وزير موٽي ويندا هئا، پر پير يا فقير ڪڏهن خالي نہ موٽندا هئا، تنهن ڪري عام مشهور ٿي ويو تہ[5].

"ميرن جا هنيا پيرن فقيرن کنيا"

(x) مير علي مراد خان هڪ ڪرڙو حاڪم هوندو هو ۽ چورن کي عبرتناڪ سزائون ڏيندو هو. تنهن ڪري سندس ايامڪاريءَ ۾ سمورا عادتي ڏوهاري

[1] زباني روايت: الهرکيہ خان رند بلوچ، ساڪن سنهڙو خيرپور.
[2] زباني روايت: مير امام بخش خان ٽالپر، ساڪن ڳوٺ بنگلو.
[3] زباني روايت: مير فدا حسين خان، ساڪن ٽنڊو علي آباد.
[4] زباني روايت: صاحبزادو مير حاجي غلام حسين ٽالپر، ساڪن ڪوٽڏيجي.
[5] زباني روايت: مير حسين بخش ٽالپر، ساڪن مير محمد خان جو ڪوٽ.

رياست خيرپور جي حدن مان لڏي ويا. ان ڪري اها چوڻي عام ٿي ويئي ته[1]:
”مير علي مراد آيو چورن چاڳ مٿايو“

## XIII. خيرپوري لهجي جا محاورا ۽ خاص لفظ:

ميرن جي ڏينهن ۾ ڪجهه نوان محاورا وجود ۾ آيا، جن ڪي خاص ميرن جا محاورا سڏي ٿو سگهجي. ان کان سواءِ ڪجهه خاص ۽ انوکن لفظن به جنم ورتو.

| | | |
|---|---|---|
| ٻپائي ڪري | = | زمين جي ڊل، جنس ۾ وٺڻ |
| نپو هٽڻ | = | ان جي ٻاري ۾ ڪارائو آن کي نپو هٽندو هو جيئن آن چورائي نه سگهن. |
| چانديءَ ڏيڻ | = | لاباري ڪندڙن کي سنگن جي صورت ۾ مزوري ڏيڻ. |
| نميري ڏيڻ | = | زميندار کي ڇيڙون مهيا ڪري ڏيڻ، جي بدران ڪجهه زمين يا آن عيوض ڏيڻ. |
| ٽنگر ٽيڻ | = | ڪارائي طرفان ڪڙمين تي هڪ چغل مقرر ڪرڻ. |
| ميريون ٺاهڻ | = | سرڪاري آن جون وڏيون ٻليون ٺاهڻ. |

گلم جو توبچي ٿيڻ = خوشامندي بڻجڻ.

| | | |
|---|---|---|
| سرائي بڻجڻ | = | ميرن جو خاص ماڻهو بڻجڻ. |

چولي جي جونءِ هجڻ= ڪنهن امير جو خاص ماڻهو ٿيڻ.

| | | |
|---|---|---|
| ڪوٽ تي چاڙهڻ | = | ميرن جو ڪنهن کي قيد ۾ وجهڻ. |
| اوسر ڪڍڻ | = | صبوح جو ساجهري شڪار لاءِ جانور هڪلڻ. |
| لڏڙيا ڇوڙڻ | = | جهنگ ۾ جانور ڳولڻ لاءِ ڪتا ڇڏڻ. |
| هاڪو ڪرڻ | = | شڪار لاءِ جانور کي تڙڻ. |
| چوڻ وجهڻ | = | جهنگ ۾ جانورن کي هيرائڻ لاءِ آن هارڻ. |
| باهه ڏيڻ | = | باز کي چست بنائڻ لاءِ دوا ڏيڻ. |
| ڇيڙ وهڻ | = | رعايا جو ميرن لاءِ ڪم ڪرڻ. |
| گهگهليو هجڻ | = | بلوچ قوم جو هجڻ. |
| ڏيڍي تي وڃڻ | = | ميرن جي سراءِ ڏانهن وڃڻ. |
| خلوت ڪرڻ | = | ميرن جو ڪنهن سان اڪيلائپ ۾ ملڻ. |
| باولي ڏيارڻ | = | باز کي هيرائڻ لاءِ ڪو مٺل پکي اڇلي ڏيڻ. |
| تار پائڻ | = | پري پڄي وڃڻ. |
| نظير ڪڍڻ | = | ڪا آڪاٽي ٻڌائڻ. |

[1] زباني روايت: مير وليداد خان ٽالپر، ساڪن ٽنڊو علي آباد.

لونگي وجهڻ = ميرن جو ڪنهن کي انعام ڏيڻ.
اڙي ڏيڻ = ملهه جو هڪ داءُ ڪرڻ يا ڪنهن سان ڦڏو ڪرڻ.
ڪتري هڻڻ = ملهه ۾ ڪنهن کي ڏڪ ڏئي مٿي تي مٿو هڻڻ.
جاٺو هڻڻ = ملهه ۾ مقابلي ڪندڙ جي ڄنگهه تي ڄنگهه رکي وار ڪرڻ يا ڪوشش ڪرڻ.
ٻلهڻ ڏيڻ = ملهه ۾ سڄي ڄنگهه سان مقابلي ڪندڙ جون ٻئي ڄنگهون ڪيڻ.
ويل ونڻ = شادي مرادي جي موقعي تي ٻلهائڻ يا ميراسڻ جي، گهور ونڻ.
منڊا ڪولڻ = ونواهه وقت ڪنوار جا وار ڪولڻ.
ڇنگ جا ڪپڙا= شادي تي گهوٽ کي ڪنواريتن طرفان مليل ڪپڙا. جن کي صرف ٽوپا ڏنل هوندا آهن. ۽ ڪينچي استعمال ٿيل نہ هوندي آهي.
شادمانو ڪرڻ = شادي لاءِ سنگ جي هائو ڪرڻ کان پوءِ هڪ شغل ڪرڻ.
صندليءَ تي هجڻ= پائخاني ۾ هجڻ.
ڏڳي جا ڪپڙا = پنجن مهينن جي پيٽ کان پوءِ ڪنوار ڏانهن. سندن مائٽن جا آندل ڪپڙا.
شاهہ ڪاسو = تمام وڏو پيالو جنهن جي ٻاهران نقاشي ٿيل هوندي آهي.
ڇچل = ميرن جي شادي واري پڪي کي ٻاهران ويڙهيل ڪپڙو.
ڪڻ ڪڻ يا پوڳاڙو= ونواهه جي موقعي تي ڪٽڪ جو ڀڳل اٽو جنهن ۾ هر قسم جي مغزيات وجهي، ڪنا ۾ ري ورهايو وڃي.
پيئنئر = شادي جي موقعي تي کهنبن جي رڱائي وارو پاٽي جيڪو گهوٽيتن کي مذاق طور هڻندا آهن.
پيلهڙا = نکيتي واري رات ڪنوار جي مٿي تي ڏاس جو سينهون رکي ان جي مٿان کير جون ٻہ دکيون رکبيون آهن. انهن دکين کي پيلهڙا چون.
ٻني جهلڪو = شادي جي موقعي جو هڪ ساٿ. جنهن ۾ پنج عورتون پنج مٽ اٽي جا پچائيندڀون آهن ۽ انهن مان هڪ عورت جي مٿان چار ويجها عزيز تراريون جهلي بيهندا آهن. ترارين تي کهنبو وجهبو آهي. انهن ٻڪل مانين مان ڪتي ٿاهي تقسيم ڪبي آهي. ان وقت هڪ جانور ذبح ڪري، ان جو ڪچو جيرو

۽ هڪ پڪل ماني گهوٽ ڪنوار واري پکي سان ٻڌي ڇڏيندا آهن. انهيءَ ساري ساٽ کي بني جهلڪو سڏبو آهي.

قرابين = ننڍي توب.
سريهرو = ميرن جي شادماني جي موقعي وارو لاڏو.
ڪامڻ = ونواهه جي موقعي وارو لاڏو.
هالو = ڇنيءَ ۽ شاديءَ جي موقعي وارو لاڏاٽو.
متنجن = ڪنمنڙو پلاءُ.
مزعفر = زعفران پيل تمام سني چاشني.
دولمو = وڏن ميهن ۾ بند ٿيل هڪ قسم جو ٻوڙ جنهن ۾ قيمو ۽ مغزيات پيل هجي.
يخ در بهشت = مغزيات ۽ خوشبو پيل فالودو.
ڪوڪ = ڪپڙي ۾ مصالحه لڳل مڇي ويڙهي ان جي مٿان ڪچو چونو ڏئي وهندڙ نار ۾ ٻڌي ڇڏبي آهي. جيڪا پنجن ڇهن منٽن ۾ پچي پوندي آهي.
ماڪوني = هڏن مان مک ڪڍي زعفران ۽ ٻي خوشبو وجهي ٺاهيل جيلي.
بادو = ننڍو هٿ ۾ ڪٽڻ جيترو پيالو.
خلڪو چولو يا لباتو = ڊگهين ٻانهن وارو ۽ پيرن تائين ڊگهو چولو: خلڪو سياري ۾ پائبو آهي ۽ لباتو اونهاري ۾ پائبو آهي ۽ چوغو ٻنهي مندن ۾ پائبو آهي.
ڏندوڻ = سينگارڻ.
اساتري = ڪاغذن جو ٿيلهو.
ڏگي = ڪپڙي جو ٿان.
علي بند = هڪ قسم جو پٽو يا ڪراس بيلٽ.
قصابو = هڪ قسم جو پٽو جيڪو زالون وهم جي وقت يا پوڙهيون عورتون مٿي سان ٻڌنديون آهن.
چبڪلي = هڪ قسم جو هار جيڪو ڳچيءَ جي هيٺان ۽ سيني کان مٿي هوندو آهي.
گنگال = تڙ ڪرڻ لاءِ پاڻي جو وڏو ٿانءُ يا ٽب.
پلو = ننڍي جاگير.
مهاڙي = شڪار لاءِ مقرر ٿيل جهنگ.
ٿير = اها مهاڙي جنهن کي لوڙهو ڏنل هجي.

| | | |
|---|---|---|
| ٻانڊاٽو | = | ڦير. |
| ڪهو | = | ٽر جي ماٽري. |
| ٻنو | = | جبل جي چر جنهن ۾ هرڻ منجهند جو آرام ڪندا آهن. |
| ٽلي | = | ساول وارو زمين جو هيناهون ٽڪرو. |
| ٽوڙ | = | واري جو ڍڙو. |
| ويرو | = | واريءَ جي پٽن جي وچ وارو سخت زمين جو ٽڪرو. |
| وڏ | = | ڪنهن واريءَ جي پٽ تان چڙهڻ جو رستو. |
| شگهه | = | هرڻن جي ٽولي. |
| ڪارچوب | = | سلمي ستاري جو ڪاريگر. |
| گل انداز | = | توبون چوڙيندڙ. |
| تيورو | = | توبون صفا ڪندڙ. |
| صيقلگر | = | تلوارون صاف ڪندڙ. |
| ٻني | = | بورچي خانو. |
| سيني | = | ڪاٺ لاءِ بيضوي شڪل جي وڏي رڪابي يا ڍش. |

**ميرن جي فرنيچرن جا نالا:** تخت، چپر، کٽ، صندلي، صندل، دري (پٽ ۾ لڳل)، منجي، هندورو، چانديني، ڪيس، قد آدم آئينو (پٽ ۾ لڳل)، گائو تڪيہ (وڏا وهاڻا).

**ميرن جي برتنن جا نالا:** ميانو ڊولي، خومچو (ست رڇيءَ لاءِ اٺ ڊاڪون رکيل)، مخبا، طشت، سيني، وٽي، بادو ڪاسو شاهہ ڪاسو قاشق، پيپ، ڪنگال، طاس، مرتبان، اُگالدان، عطردان.

**ميرن جي مخصوص طعامن جا نالا:** خشڪا، پلاءُ، چاشني، قورمو متنجن، مزعفر، دمپخت، بادامين جو ٻوڙ اڇو پونو دولمو ڪباب، گندي، يخني، قورمو پلاءُ، منا ٻوڙ ٽڪرن جو ٻوڙ مختلف قسمن جي مڇي (سيئل، داسيل، ڪوڪ ۽ تريل)، حلوو مسقطي حلوو دندان گير حلوو آنن جو حلوو پستن جو حلوو بادامين جو حلوو بادامين جي ماني، پرانو نان ختائي، اڇو حلوو سوهن، ڳاڙهو حلوو سوهن، کيرتي، ماڪوتي، يخ در بهشت، رائتو آچار، چٽڻي، مربو تترن ۽ هرڻن جا ڪباب، سيخن ۽ ٻوڙ ڪڪڙن جا ڪباب ۽ ٻوڙ تلور جو ٻوڙ ۽ ڪباب، وهين جا ٻوڙ ۽ سيخون، ڦاڙهن جا ٻوڙ ۽ سيخون، پاڙهيءَ جي پکين جا ڪباب ۽ ٻوڙ مختلف پونا، ملائي، ڏڌ، ڏونرو کير، شربت مختلف قسمن جا.

**ميرن جي پوشاڪن جا نالا:** لونگي، ڏگهي ٽوپي، قرئي ٽوپي، سلمي ۽ ستارن واري ٽوپي، پهراڻ، سلوار، پاپوش (جتي) لباتو ڪڙتي، ڪڙتو چوغو نيم تنو گدلو گدي، خلڪو سندرو علي بند، دستانا، دوشالو پشمينو رئو گهگهو سٽڻ، قصابو مشروع جو پڙو اجرڪ، سوڙ چادرون، چاندنيون، سيج بند، طول وهاٽو عصا، ترار پالو خنجر، ڪٽاري، ڍال، بارود جون دٻيون، سنگين، گرز بندوقون، ڪمر بند.

**ميرن جي بندوقن جا نالا:** سوياري، دلپذير، بينظير، ڪرواري، ٽپيلي، سهاڳڻ، بديعل، دلجاءِ، ملڪ، دلنواز دلارام، چوٽ، رئفل ڪافي، شيرين، گلچين، حسيني، شمشاد، دلستان، بحري، رومي، آهوچين، درچين،شينهڻ، بگي، شيردهان.

**ميرن جي ترارين جا نالا:** موج، فتح جنگ، الماس، بينظير، سيراهي، بوداٽين واري، جلباٽن واري، کهاوڙن جو صقيلو صوفين وارو صقيلو ڏوپار، ڪردي، قزوبني، تجديد، ڪمانگر واري، بديعل، بي معيار، دلبر، بي رحم، هڻ ڪڻ، دلدار، قلعي ڪٽ، بجلي، بانوري، بيوس، آبڻ، اجوجڙي، غمتار.

**ميرن جي اٺن جا نالا:** رنگلو چنگلو رانجهو سنيهو نياپو بگهڙ سچاٽو سورهه، ڪاريهر، واسينگ، هندورو پکي، مورڙو لال داٽو لال پر، منتار.

**ميرن جي گهوڙن جا نالا:** فتح جنگ، گلرنگ، طائوس، گلشن، آهو رانجهو نگينو مڪڙو ارجل، يزدي، سمند، چنبلو فيروز زيتون، ديرهه دوني، وڄ، واچوڙو چئنچل، دشتي، بيراگي، صدورو ناچو موج.

**ميرن جي ڪتن جا نالا:** چهرو چهيڪ، اڪڙ مڪڙ باشو بازيگر، بان، پجر، بانولو موتي، ڀهڙو ڀڙڏڪ، لولائي وارو چقمق، جاٺر، چانگهو لهري، جهٽ پٽ.

ڪجهه ڪتن متعلق بيت:

چهرو چهيڪ باشو بان ڪتو ٽو باهي،
پڃ ڙي لونگ شڪاري جو نر سوئر آهي.

**ميرن جي شڪارگاهن جا نالا:** ٻيلي، تڪر ۽ ٿر ۾ مختلف قسمن جا شڪار گاهه هوندا آهن ۽ هرهڪ نموني جي شڪارگاهن جا نالا ڌار ڌار هئا.

**ٻيلي جون مهاڙون:** هاسي، راهه واري، روجهال، جهلو قريشيون، تاڪاريون، نرويتو نئين مهاڙي، کهرڙو گابرڪو ڊامڙو سهر، گاگي، هيڪارا، دينگڙهه، غلام وارو گجڻ، ريبر، ڪانيڙي، دڙگ ، شاهن، ڪمال واري، ڏونري، ماٺهوڙو شريفان، لڇ، وارياسا، ٽيلنگه ، چچيهل، ڪپرو پاڙن واري.

**ٺڪر جا ٻنا:** سوري وارو شير محمد واريون ، پاڙن واريون، وارياسن واري.

**خيرپو جي ٿر جون پٽون ۽ پڙ:** لنڊ جي دڙي، تورين جو دڙو ڪڪڙي واري، ٻيڙي وارو وڍ، ڪارڙيون، پياري جو ٿوڙ الله وارو توڙ. پانيرڪو لنڊو ايسان وارو راڇڙڪو ڪاڪرو وارو ڪنڊڙي وارو ڳجهہ وارو ٻٽئي وارو هوت وارو لوڻ وارو مرڪيجي، اٺ ٿوهو ڏونري، مڪني واري، واٽڪو گهوٻ جو ڪرنجڙي، مامڙو اگياري جو گرهہ جو.

**خيرپور جي ميرن جا کها:** ساهہ پيو چپٽو رٻٽي، واهڙي، ڪوهيڙي، نوري، ٻہر واري، پير پنهون، ڪوچو اچي ڪيٽي، محمد وارو وٽو هنگورو پيرن وارو ڪيٽ. پپڻ، خانن وارو پيريابو ٽانگيل ٻيلهاٽي، ڦير ڪنڌو درگاهي، دٻي، دڙو ديهہ، مهراٽو ٽوپٽو ڦوڳ، ڪرمٽي، فقير واري، گلزار گمبٽ، کهڙا، حويلي، منو اڏوهٽي، ميرن وارو پير مسافر، چٽو شيدن وارو ڏيڍن وارو گندي، ٻڪن وارو سيالن وارو يونيٽ پور، اڳن واري، ٻنڊي، ڪشمير، چڪڻ واري، سدا بهار، مهتاٽي، ٺٽي، مجهد، موريو ڪچو، ڏنگڙي، ٽنگي واري، مير عالي واري، ترائي، واڳهہ، ڪانون وارو هانپڻ واري، ٻيلاٽ[1].

**خيرپور جي ٿر جا ترَ:** پرڪيون، ماڏورجي، گنجي، مگرڪو گرهر، است وارو اڱيارو ٻاڙي، قبر وارو پياري جو ميراهو ڪاٽل، ڪوريائي وارو پاهو ورو بلوئي، ڪارٿو جسئو ڪاراهو سومري جو ورئي جو ڇهي جو رهراٽو ڪورڙ وارو دانگي ڇهو اُڏڙ راڇهر، نوري واري، ڪنڌن وارو.

**خيرپور جي ٿر جون ڍنڍون:** پارڙو ڪنگن وارو ڪوڙاٽو ڏگهڙ رپ، چنپ، ڪڪڙي واري، ڪارڙي، منڇر، دٻو ڪڪو ويڙهو راڙوارو دڙڳ، اڱيارو دانگي ڇهو ساڏورجي، ترڪيون، گنجي، اڪ وارو ڪنڊيون.

**خيرپور جي ٿر جا ديرا:** ٻانير، پنيراٽ، سانٽ، ڏاڪڻ، جاڪيري، ڪارڙو ڏياڇيون، پاٽيءَ وارو آويءَ وارو روٽي واريون، سمي وارو اڪ وارو ڪہڙ وارو ترن وارو ڏني واري، ڪنڊي وارو لڏي وارو آٽر وارو ڏاندن واريون. ائن وارو گلر وارو ٻگهڙ وارو ڇپن وارو پٽي وارو هڙي وارو دودي وارو جنڊ وارو الله وارو ڪرڙن وارو مانيءَ وارو ڪار وارو سيد وارو مسيت وارو ڪيسن واري، نانگن وارو ٻنڊن وارو هسئي وارو جهاز وارو پٽرن واري، جوئي واري، احمد وارو لنب وارو جمال وارو مڙهہ ڪجي،

---

[1] خيرپور رڪارڊ آفيس: مير علي مراد خان ثاني آف خيرپور.

سانگهر يارو، ڇڇڙا، پتيهل، سهڻ، پنيري، دنيرو يت، آٽاهه، سونايون، ڪتوري، لوني، ڪونج نئون، لولڪي، ڪرهر، ساوڙي، وڳوراهه، رپ، بصيرو ٽاري، ساهتو ڪانڙي، ڪتور، سانگهڙ، لنڊو وهلير، گاداٽو ڇپريرو ڏياچي نندي ۽ وڏي، لنڊيون، مسافر، جج، ڪڪرا، ڪرم ٽار، پاهڻ، پليون، اوجهري، خاتون، سليدا، ڪاريون، ڪارڙيون، ڇج، پير نانگو ميهليون، گهتاهه، ڪلرو ننڏيرو گنجا، ميتهڙ، ميتهڙي، پيرڙي، ڦولهڙي، دلاهو جهمر، ڳاهڪيون، اُڇ، دبي، ڪوٽ تلي، لاڪڙو روڏي، ڳجهڙو ڏنگڙو ٻوير، شڪ ڪرڙي، سبڪ اٽر، ٻڪر، سيون، بانٺ، آڏاٽو لباٽڪ، ڀوڄر، ماريجو پوڪيل، فوجو موڙو ٽنپ، سنهڙو حبيب، مڪائڪو سرتياٽيون، مڳيو ٻولهه، لاڏلو ماٽڪ، پسايا، لوهر، ڏڳائڻ، لاڪرنڊ، موڙهلون، ٻنا، وڇون، پڪو گجو ڦتي، قيصر، تيڪٽي، ملير، ٻنو اهنجي، ٻهار چيرو ليون[1]

**ديهن جا نالا:**

**خيرپور تعلقو:** خيرپور، لقمان، نيڙهي، پلهه، ڦاٽ، رائنا، شاهلڏاٽي، ٻبرلوءِ، ڇڇڙا، ايري، ڳاڙهي، موري، راميجا، عاليپور، ڪيتي مهاڙي، ڪيتي مهر، ڪيتي مير محمد، پنڊي محمد پناهه، پريان لوءِ، پرڳڙي، نظاماٽي، گجو ٻگرو مهر علي، آئيري، پير مڱيه، گهٽو ڪلهوڙو خانپور، منو مري، ٽنڊُو نهال خان، ٽنڊو نظر علي، ٽنڊو مستي، ٽنڊو مريد حيدر، ڪوڙو ڦلپوٽه، شاه ڀڳيو پنيرو منگهن واري، گهرڙي، راهوجا، ڦل، واهڻ، الرا، احمدپور، ميان خان، دينل شاهه، ڇاڇڙ، صدر جون پٽيون، پير شهبازي، ٻيليچاٽي، عبدالله ڪلهوڙو منگرجي، ڪنگري، ڪوناڙ ٻنيلو خرم، فريد آباد، راڄو ديرو ڪيتي باندي، ماڇيون، ڪولاب جيئل، گاڏهي، ڊٻ مهر شاهه، لانگاهه، مياٽو رفيق مهيسر، منگي، لعلو شيدي، ڪانگڻ، فتح علي چانڊيو ڏانورو شادي شهيد، آباد جاگير، ڇاڙهه جاگير.

**ڪوٽڏيجي تعلقو:** ڪوٽڏيجي، چونرو آباد، بنگلو لياري، رند، حسين آباد، بهارو لاشاري، بکو لاشاري، قناصره، ربن راڄپر، گوندرڙو پير مصري، راڄپاري، محبت واهه، سوهو منڙي، ڪوٽلو منڻ فقير، جسڪاٽي، عارب ماڇي، پير گڊو شفيع محمد اڄڻ، قائم گوپانگ، فتح پور خدابخش هيسباٽي، مهراٽو پنهواري، چوڏاهو سونو گوپانگ، نارو ڏورو جهنڊو مشائخ، ملڪو واهڻ، جوٽا، ننگريجا، مير خان محمد، نصير فقير، بگو دڙو ٽالپر وڏا، ٻبر، ٻاقو نور بوزدار لهراٽي، دادلو آغا هاشم شاهه، نيباهو پاتو ٽنڊو شاهه عارباٽي پاتا، ولي محمد ڏڪڙ محمد حجام.

---

[1] زباني روايت: خير محمد راڄپر، ساڪن ديهه پنيري، تعلقو فيض گنج ۽ ذاتي مشاهدو.

**گمبٽ تعلقو:** گمبٽ، پيارو درازا، مياڻي، سينارجا هيٺيان، لاڙڪ، مير خان شاهاڻي، چامڙا،لاکا، ٽٽي، مڏ، کهڙا، مهرو واهڻ، ڦوڙي، پير عيسو جادو واهڻ، صوبو ديرو اڳڙا، ٻيلهاڙو گلو واهڻ، خيروديرو ڦٽو سيال، راضي ديرو بهارو ڪيٽي موريو ڪيٽي موسو ڀگهيو مجاهد، سنهڙي ٽيٻا، ٽنيا، ڪمال ديرو ڪيمٽيا، سائدي، سروهي، ستابو بهارو ديرو پير تاج محمد، گڏيجي، ٻيلان پير مشائخ، مگٺا پوٽا، بسمي، ميرڪ سهتا، خليفو هرياءُ، ڪرل، سگيون، ڳٺهو ياڳت، سهٽي ديرو ڪوٽ چونڊڪو ڪيٽي نهال، ربڙي، ٻليجا، ڪيٽي دودو ڀٽو، ٽوري، گگرا ڪلهوڙا، بليدو گهلپور ڀنڊي موتايو هگورجا، راٽيپور، واٽڻي، عمر شاهه، رسول آباد، رڪٽاڻي، مڇر، شاهه اويس، ڀونيٽ پور سيال ڀناڻ، مياڻي ماڙي.

**ميرواهه تعلقو:** ٽري، سيري، جلباڻي، تارڪو مانڊڻ، مراڙو راڻي، ستيارو ڪلرو مٺورو واگهه، ستواري، گگهرو ٽنڊو مير عالي، الله ڏنو آمر، حبيب ڦل، جارج علي مراد، فيض محمد موجائي، سائينڏنو حاجي، ڪرڙو پير وسڻ، تيلاهو هاليپوٽا، پنهيار الوسايو ڪٽينچي بوزدار، مينگهو شر، ناظم شر، صابو رند، تلي، بگو ڏوڙو ڏاتو دستي، مٺ سنجراڻي، گاهي چاڪراڻي، محسن شاهه، بابر، وريام ونڊير، شير خان، شاهنواز ڏيپارجا، صوفيائي، چٽو ونڊير، محمد اصحابي، احمد علي وارهه، هنڊ واري ڏيپاڻو سانيسو خدا بخش ڪبر، مريد حاجي، سائينداد ماڇي، وليداد لنڊ.

**فيض گنج تعلقو:** ڀڪا چانگ، منو چانگ، آرارو ننگر شر، جمن شاهه، سجاول راڄپر، ڪرونڊي، ترائي، عبدالله هيسباڻي، جعفر لاشاري، عظمت خان شر، ماڙي، اڪڙي، الهورايو چنو محب شاهه، حسين پاتو ڏنڏ، رتڙ، ڪنڊياري، ڪنياري، نڏيرو وهلير، پليو لاشاري، سهتو گاداڻو آمن، مبيجا، ڪيترو ڀتگو جلالجي، امين پاتو نظر بهڻ، لهيرو انوئي، عثمان ملو پريو مري، ڪوٽ لعلو محمد موجائي، ٻڊو ملو چينا، مهر علي انڙ، ڪرم خان ڪبر، بصيرو جاکيري، پنيري، ڦولهڙي، راڏڻ مشائخ، اڪڙو انب، انهيري، بشير، ڏيراهه، ٻوهه، ڪپ، پنهل راڄپر، لکرانڊ، چيراڙو.

**نارو تعلقو:** سوراهه، چونڊڪو ڦاڙهيارو گينڊاهو پير غلام حسين، چاچڙو پير واري، دادلو ڪمواهو سنتراهو ڪلهاڻو ڀٽ ڪنڊيري، ڀٽ ڀونگي واري، ڀٽ جهرپارو ڪاٺ ڳڙهه، ٺاروجي، ٻيواٽو راضي ديرو مراڏٽو گلاب ڀنيرو تاج محمد ملو دائوجي، الياس واري، بخش علي آرائين، دودي واري، دادو ڪاٺوڙ منيري، لئي واري، ليمو راڄپر، نصرالله، سمي پوٽا، احسان جاڙو جهڙپارو کيراپ، تجل، گوگو ڏناڻو پير بخش آرائين، ڪرڙي، سومر واري، کيراچ، لڪ ترڪو پاتي جي،

ڊنگهيري، چوهڙ شر، ڍنڍ سمٽي، پير بخش ڳاهو ڪاڪيپوٽا، ڪينواري اڊوئي، محمد خان پرڳڙي، پير صابو جبو ڊيڊاهون[1].

**انتظاميه جا لفظ:** مدارالمهام، وزير، ڪاردار، ڪوتوال، ناظم، فوجدار، چبوترائي، مختيارڪار، داروغو منشي، پٽيوالو هرڪار، سوار.

**عدليه جا لفظ:** ناظم عدالت (چيف جج)، ڪاردار، قاضي، منصف، منشي، عامل، ارباب، وڏيرو امين، ڪامدار.

**ماليات جا لفظ:** ديوان (سردار)، تحويلدار (خزانچي)، متصدي (اڪائونٽنٽ)، محرر، مودي.

**فوجي عملي جا لفظ:** سپهه سالار، سالار، حوالدار، جمعدار، دفعدار، سپاهي، سوار، اوٺي، خود اسپه.

**تعليم کاتي جا لفظ:** معلم، مدرس، آخوند، ملا، ناظم مدارس، خطيب، متعلم، شاگرد، ڪتابي.

**آبپاشي کاتي جا لفظ:** آبدار، داروغو ناظر انهار.

**جنگلات کاتي جا لفظ:** راکو مهراڻي، جمعدار، داروغو شڪاري، پاليشاهي.

[1] رڪارڊ آفيس، ڊولپمينٽ آفيسر، بنيادي جمهوريتون، خيرپور.

# ميرن متعلق لطيفا

خيرپور جا مير پنهنجين ڪچهرين ۾ پنهنجن اميرن ۽ خاص ماڻهن سان بالڪل آزادانہ گفتگو ڪندا هئا، ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ بالڪل بي تڪلفي جو ماحول قائم ٿي ويندو هو. انهن ڪچهرين ۾ سگهڙ، شاعر ۽ ڪجهہ بيا ماڻهو بہ هوندا هئا، جيڪي مختلف موقعن تي ميرن سان بي تڪلف ٿي ڳالهائيندا هئا، ۽ بعضي تہ ناقابل برداشت چرچا بہ ڪندا هئا. اهڙن موقعن تي مير ناراض ٿيڻ جي بدران، اُٽلو انهن ماڻهن جي همت افزائي ڪندا هئا، تہ جيئن ڪوبہ ماڻهو سندن آڏو سچ چوڻ کان نہ گهٻرائي. اهڙن موقعن جا ڪجهہ لطيفا هيٺ ڏجن ٿا.

هڪ دفعي مير سهراب خان جي خزانچي ديوان دنيچند، مير صاحب جي موديءَ جو بل پاس نٿي ڪيو. مودي مير صاحب کان چٽي وٺي آيو. خزانچي ڪيس ٻئي ڏينهن تي بل پاس ڪرڻ جو وعدو ڪيو ۽ شام جو مير صاحب کي وڃي چيائين تہ "خزاني ۾ پئسا ٿورا آهن، تنهن ڪري في الحال اهو بل پاس نہ ڪندس، ڇو جو اهي پئسا سرڪار جي سخت ضرورت ۾ آهن." مير صاحب هن جي ڳالهين ۾ اچي ويو ۽ چيائين تہ اهو بل پلي ٻئي دفعي ادا ڪيو وڃي. ان کان پوءِ هو مزي سان ويهي رهيو. ٻئي ڏينهن تي جڏهن مودي چٽي کڻي آيو تڏهن ان کان رشوت گهريائين، جيڪا هن نہ ڏني. ان تي خزانچي صاحب اها چٽي ڦاڙي ڇڏي. مودي ويچارو منهن مٿو پٽيندو گهر موٽي ويو. هڪ دفعي مير صاحب جي ڪچهري ۾ ويٺو هو ۽ سندس بل جي ڳالهہ نڪتي، جنهن تي مودي ٻانهون ٻڌي چئي ڏنو:

چٽي مير سهراب جي هيڏي نہ هوڏي،
لانگ مٿان لوڏي دنيچند دفعي ڪئي.

ان تي مير ـاحب غصي ۾ آيو ۽ رشوت جي خبر ٻڌڻ تي خزانچيءَ کي

گھرائي ڪيس سزا ڏنائين، ۽ موديءَ کي سمورا پئسا اُتي جو اُتي ڏياريائين[1].

هڪ دفعي مير سهراب خان جي ڪچهري ۾ هڪ عطر فروش عطر کڻي آيو ۽ ان وقت جي رواج موجب هر هڪ ماڻهوءَ جي ڏاڙهيءَ کي عطر لائيندو ويو. ان ڪچهري ۾ ٻين صاحبزادن سان گڏ ننڍڙو مير علي مراد خان بہ ويٺو هو. جڏهن عطر فروش سندس پرسان آيو تڏهن هن دستور جي خلاف هن کان عطر وٺي پاڻ کي پاڻ لاتائين. مير سهراب خان خوش ٿيو ۽ پٽ کي ٻغل ۾ آڻي چيائين تہ "منهنجو هي صاحبزادو پنهنجن پائرن پا ٻئي ڪنهن جو محتاج نہ ٿيندو. هو حڪمت عملي سان پنهنجي ڪٽي پاڻ ڪائيندو[2].

هڪ دفعي مير سهراب خان پنهنجي پيرسنيءَ واري زماني ۾ ڪچهري لڳايون ويٺو هو تہ سندس پٽن جي پاڻ ۾ اٽڪٽ ۽ حڪومت جي معاملي ۾ سندن نرميءَ جي ڳالهہ نڪتي. مير سهراب خان تڏو ساهہ کڻي چيو "اسان پنهنجو وارو وڄايو ۽ حڪومت جو بنياد پختو ڪيو. هاڻي ڇوڪرا وينا پنهنجي رياست کي لتون هڻندا"[3].

هڪ دفعي مير سهراب خان جي ننڍي پاءُ مير عالي خان جو پيارو ڪتو مري ويو ۽ هن ڪتي کي مسجد جي دروازي جي اڳيان دفن ڪرايو. ان تي کهڙن جا مخدوم ناراض ٿيا، ۽ مير صاحب کي تعزير ڏيڻ آيا. مير صاحب بندوقن ۾ مٽر وجهرائي مٿن حملو ڪرايو جنهن تي مخدوم ناراض ٿي هليا ويا. اها ڳالهہ ٻڌي مير سهراب خان پنهنجي پاءُ کي سخت فرمائش ڪري، مخدومن کان معافي وٺڻ لاءِ چيو. مير عالي خان ناراض ٿي پنهنجي پاءُ کان رسي ڍگهڙيءَ طرف لڏي ويو. هو اڃا جلاوطن هو تہ سندس نوڪر خوش محمد ڪنهن ڪم سانگي خيرپور آيو ۽ مير سهراب خان جي منهن پئجي ويو. مير صاحب هن کان پنهنجي پاءُ جي عافيت پڇي، ۽ چيو تہ ڪيس ڏاڙهي آئي آهي يا نہ؟ جڏهن خوش محمد خان موٽي مير عالي خان کي اها ڳالهہ ٻڌائي، تڏهن يڪدم ڍگهڙيءَ مان ٽپڙ کڻي خيرپور موٽي آيو ۽ چيائين، "ادي ٽوڪ هنئي آهي تہ ڏاڙهي هوندي پرائي در تي ويٺو آهيان" مير سهراب خان مخدومن کي گهرائي مير عالي سان صلح ڪرائي ڇڏيو[4].

هڪ دفعي مير عالي خان جي نوڪرن سندس سونن سنجن سميت هاٿي گم ڪري ڇڏيو. مير صاحب جي پڇڻ تي چيائون "هت ڪرون ڏت ڪرون هاٿي آڪي

---

[1] زباني روايت: محمد اسماعيل خان نون، رٽائرڊ ايڊيشنل ڪمشنر خيرپور.

[2] وڏن کان ٻڌل روايت: مير غلام علي خان ٽالپر، ساڪن صوبو ديرو.

[3] زباني روايت: مير فدا حسين خان ٽالپر، ساڪن منگهن واري.

[4] زباني روايت: مير فدا حسين خان ٽالپر، ساڪن منگهن واري.

ڪربلا." يعني اسان هاٿي کي گھٽو چڪيو پر هو ڪربلا ڏانهن هليو ويو. ان تي مير صاحب ڏاڍو خوش ٿيو. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ اهو هاٿي سنجن ڪانسواءِ حاضر ڪيائون، ۽ چيائون تہ هو پنهنجا سنج ڪربلا ۾ نذرانو ڏيئي آيو آهي. ان تي بہ مير صاحب خوش ٿيو ۽ چيائين، "شڪر ٿيو جو سنج سرڪار جي خزاني ۾ جمع ٿيا ۽ بول پئجي ويا"[1].

هڪ دفعي مير مبارڪ خان هڪ فقير کان ناجائز محبت جو تعويذ وٺي آيو. ها خبر ٻڌي مير سهراب خان ان فقير کي گھرائي موت جي سزا ڏني ۽ پنهنجي پٽ کي بہ سخت تنبيهہ ڪيائين ۽ ڪيترا ڏينهن کيس پاڻ وٽ اچڻ نہ ڏنائين[2].

هڪ دفعي مير سهراب خان جي لشڪر جو سالار گولي شاهہ ڪنهن ڪم سان، حيدرآباد مير غلام علي خان جي دربار ۾ ويو. اتي هن غاليچي تي ٽڪ اچلائي، جنهن تي اتان جي ميرن اعتراض ڪيو ۽ ٽوڪ طور چيو " مير سهراب خان کي لائي چا ٿيو آهي، جو ڪاٺا ماٺهو ٿو موڪلي[3]. ان تي گولي شاهہ چيو، "انڌن وٽ ڪاٺا ماٺهو نہ ايندا تہ ٻيو ڪير ايندو. ايڏي ساري دربار ۾ چلمچي بہ نہ رکي وئي آهي." ان کان پوءِ هڪ ڳائڻي راڳ ڳائيندي چيو:

"مير ميڏا هي ساري سنڌ دا ونا."

ان مصرع ٻڌڻ تي گولي شاهہ کي غصو اچي ويو ۽ هن ڪاوڙمان چيو:

ايوين نہ آک مئين ڪنڌ نہ تيڏا پنان،
اڳتي نہ وڌ جو سرٽي هي ٻنا[4].

هڪ دفعي مير چاڪر خان پنهنجن پائرن سان گڏجي مير سهراب خان جي سلام تي ويو. اتي چوزي جي چون چون جو آواز آيو. مير سهراب خان جي پڇا ڪرڻ تي مير چاڪر خان پنهنجي ٽوپي لاهي، ان مان هڪ ڪڪڙ جو ٻچو ڪڍي چيو، "لا غرضن جي بنياد مان اهو هڪ ٽانگو وچي ٻچيو آهي. ان جي حفاظت ٿو ڪيان ۽ ڪيس سر سان سانڍيون ٿو وتان." ان تي سڄي ڪچهري کلي ڏنو[1].

نواب محمد خان ولد مير لقمان خان ٽالپر جي ديري تي قاضين جي هڪ عورت ٻارن کي پڙهائڻ ايندي هئي، مير صاحب سندس حسن ڏسي، ساڻس دست درازي

---

[1] ايضاً
[2] زباني روايت: مير مريد حيدر خان ٽالپر، ساڪن خيرپور.
[3] گولي شاهہ اک کان ڪاٺو هو.
[4] زباني روايت: صاحبزادو مير حاجي غلام حسين خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽڏيجي.
[1] زباني روايت: مير حسن علي خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.

ڪئي. جڏهن ان عورت جي پيءُ کي خبر پئي، تڏهن هو مير صاحب جي گهر ويو ۽ ڪيس ماري اڌ مئو ڪري آيو. جڏهن مير صاحب چاڪ ٿيو تڏهن مير رستم خان وٽ فرياد ڪٺي ويو ته هو قاضيءَ کي سزا ڏئي. مير رستم خان ورندي ڏني ته "قاضي صاحب اوهان کي ٺيڪ سزا ڏني آهي. اسان جي پاران اوهان کي اها سزا آهي ته اڳتي اوهان سان قطع تعلقات جاري رکنداسون." مير رستم خان جو اهو جواب ٻڌي، نواب صاحب ناراض ٿي لقمان جو شهر ڇڏي، هميشه لاءِ هليو ويو ۽ جهڏي ۾ وڃي رهيو[1].

هڪ دفعي مير صاحب سهراب خان جي ڪچهري ۾ ڏارڏار ٿي سيد خير شاهه جهانيان پوٽو گمبٽ وارو، الهرکيو ميربحر ۽ بادل منگي ٽيئي ڄڻا اچي ويٺا. بادل منگيءَ کي هڪ ڇيڙو ڇڏرائڻو هو. تنهنڪري هن هيٺيون بيت چيو:

عجب ٽيلو ٽالپرن جو دودي خان وڏ داب،
نه ڪو مٽ ميرن جو نه ڪوئي ڪنهن جو باب،
تن ۾ سچو مير سهراب سچو مير سهراب.

اهو بيت ٻڌي الهرکئي فقير هون هون ڪري ڪاوڙ ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. بادل فقير پنهنجي فوقيت جتائيندي چيو:

اڙي مير بحر هون هون نه ڪر وڃي ڪرڙيءَ جي ڪر،
ڏسين نٿو ٽالپرن جي ٽوپيءَ ۾ ظاهر تون زر،
موٽي وڃ تون گهر، ڇڏ بيتن جي بيان کي.

اهو تلخ جواب ٻڌي الهرکئي فقير في البديه بيت چئي ڏنا:

(1) برج نه ڄاڻين بيت جو تو شاعر سڏائين،
قلعي پنهنجي ڪفر جي تو لباسي لائين،
ڇيڙو تو ڇڏائين، سچو ڪيو سهراب کي.

(2) منگي توتي مير جو تکو پيو آ تاب،
ٻهون هن ٻروچ جي سارهه ناهي ثواب،
تائيا انهيءَ تڪ جو مونکي جاهل ڏي جواب،
تون ڪيا اهو ڪتاب، جنهن ۾ سچو ڪيئي سهراب کي.

---

[1] ضامن ڪنتوري، سيد: "عبرت ڪده سنڌ"، حوالو ڏنل آهي، ص 76.

اهي بيت ٻڌي بادل فقير خاموش ٿي ويو ۽ ڪجهہ نہ ڪڇيو باقي هڪ اُڙدائي بجار خان بگتي اُٿي الهرڪئي فقير تي حملو ڪرڻ لڳو مگر مير سهراب خان هن کي منع ڪئي. الهرڪيو فقير اُن تي اچي مٿيو ۽ ڪافي بيت چيائين، جن مان هيٺين بيت ۾ بجار خان کي مخاطب ٿي تنبيہ ڪيائين:

تون ڏڄ فقر دي پار ڪنون، جنهن دا لفظ تکا تلوار ڪنون
متان پٽ سنئي منڍ پاڙ ڪنون، متان چٽ وڃين جوڳي دي جهاڙ ڪنون
سائل صفت ڪئي دي ڪر، سائل صفت ڪئي دي ڪر.

مير سهراب خان الهرڪئي فقير جي مرشد سيد خير شاهہ کي عرض ڪيو تہ هو فقير صاحب کي بس ڪرائي ۽ رحم جي نظر ڪري. سيد خير شاهہ جي چوڻ تي الهرڪيو فقير خاموش ٿي ويو ۽ مير صاحب پاڻهون ٻڌي فقير صاحب کان معافي ورتي[1].

جڏهن مير محمد خان ولد مير غلام حيدر خان، مياڻيءَ جي جنگ مان نڪري، پار ٻچا وٺيون، خيرپور ٿي آيو. تڏهن رستي تي مير علي مراد خان جي لشڪر سندس قافلي تي تير هنيا هئا، ۽ انهن مان ہہ تير سندس گهر واري (مير رستم خان جي نياڻي) جي ڪجائي کي لڳا هئا. صحيح سلامت بچي اچڻ کان پوءِ، هوءَ مير علي مراد وٽ آئي، ۽ ڪيس ڪجائي جو پوش ڏيکاري، چيائين تہ انهن تيرن جي بدلي ۾ هوءَ مير صاحب کان نياڻيون وٺڻ آئي آهي. مير علي خان ڪيس نياڻيون ڏيڻ قبول ڪيون. ان وقت مير علي مراد خان جي گلم جي توپچين (خوشامدي ماڻهن) مير صاحب کي چيو تہ پنهنجن دشمنن کي سڱ نہ ڏئي. مير علي مراد خان مٿن ناراض ٿي چيو تہ "ملڪن جا جهيڙا ملڪن سان ٿيندا، باقي سڱن جا وارث اهي آهن. مان پنهنجيون نياڻيون ٽنئي جي قاضين کي تہ ڪونہ ڏيندس." ان تي سمورا خوشامدي ماڻهو لڄي ٿيا. پوءِ مير علي مراد خان پنهنجيون نياڻيون مير محمد خان جي پٽن کي پرڻائي ڏنيون[2].

هڪ دفعي مير مراد علي خان وٽ هڪ سيد اچي پنجن سون روپين ۽ هڪ گهوڙي جو سوال ڪيو. مير صاحب چيو تہ "سيد تہ ڪربلا ۾ ڪسي ويا، تون ڪٿان آيو آهين؟" ان سيد جواب ۾ چيو تہ "سائين جي ڳالهہ سچي آهي. سمورا سيد ڪربلا ۾ ڪُسي ويا، باقي ٿي ڄڻا بچيا، جيڪي سنڌ ۾ آيا. انهن مان هڪڙو آهي سومرو شڪاري، ٻيو ربو ڪجر، ۽ ٽيون سرڪار علي مراد خان." مير صاحب اهو

---

[1] زباني روايت: ماستر محمد يوسف ويسر، ساڪن ڳوٺ ويسر، تعلقو ميرواهہ.
[2] زباني روايت: مير حسين بخش خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان

ٻڌي ماٺ ۾ اچي ويو ۽ ڪاوڙ ماري چيائين تہ اهو صحيح سيد آهي، ورنہ مون سان ايتري گستاخي نہ ڪري ها. پوءِ سندس فرمائش بہ پوري ڪيائين، ۽ ٻيو انعام بہ ڏنائين.[1]

هڪ دفعي مير علي مراد خان ڪنهن ڏوهہ ۾ هڪ سيد کي ڪوٽ تي چاڙهي ڇڏيو. انهيءَ سيد جي ڀاءُ ڪافي ڪوشش ڪئي، پر مير صاحب راضي نہ ٿيو. هڪ ڏينهن چا ڪيائين جو مير صاحب جي ڪئمپ تي ويو جيئن مير صاحب شڪار تي نڪتو تيئن وڏي آواز سان هي بيت چئي ڏنائين:

ڪتا! تنهنجا قائم هوندا سوئر هوندئي سر،
مير صدقي مهاڙيءَ جي قرب سيد تي ڪر.

مير صاحب بيت ٻڌي کلي ڏنو ۽ سيد جي ڀاءُ کي آزاد ڪيائين[2].

مير علي مراد خان جي ڏينهن ۾ عدالت جو ڪم سندس وليعهد مير فيض محمد خان سنڀاليندو هو. مير صاحب جا بہ نوڪر ڏتو ۽ سمندر سندس ڏاڍا دادلا هوندا هئا، ۽ ماڻهن کان رشوت وٺندا هئا. هڪ دفعي مير علي مراد خان جي ماڻهو شادي خان جو ڪيس مير فيض محمد خان وٽ ويو، جنهن جي فيصلي ۾ دير ٿي: هڪ ڏينهن مير علي مراد خان شادي خان کان فيصلي جي خبر پڇي، جنهن تي هن هيٺيون بيت پڙهيو:

ڏتي ڪون مليا ڏتا سمندر ڪون ملي ستي،
تيڏي پٽ ڪون الله رکي ميڏي کس ڳئي جتي:

ان بيت ٻڌڻ کانپوءِ مير صاحب ڪيسن ٻڌڻ جو ڪم هڪ انگريز آفيسر مسٽر فيني (Fenny) جي حوالي ڪري ڇڏيو[3].

هڪ دفعي مير علي مراد خان هڪ ماڻهوءَ کي ڪوٽ تي چاڙهيو مجرم جي ماءُ سيد محمد شاهہ مست کي مير صاحب کان پٽ جي آزاد ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو. محمد شاهہ ڏينهن جو هڪ بتي ٻاري، مير صاحب وٽ آيو. مير صاحب هن کان ڏينهن ڏٺي جو بتي ٻارڻ جو سبب پڇيو. جنهن تي سيد جواب ڏنو تہ "مون بتي ان لاءِ آندي آهي تہ جيئن اوهان مون کي ڏسي ۽ سڃاڻي سگهو." مير صاحب اهو جواب ٻڌي کلي ڏنو ۽ مجرم کي آزاد ڪيو[4].

---

[1] زباني روايت: مير ٻڍو خان، ساڪن لقمان.
[2] زباني روايت: ڦوتو مهر. سگهڙ. ساڪن ڳوٺ سوهو ٺناصرو.
[3] زباني روايت: مير حسين بخش خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.
[4] ايضاً.

خير محمد فقير هيسباڻي جا مير علي مراد خان سان سنا تعلقات هوندا هئا. ۽ هو گهڻو ڪري سفارشي بڻجي، مير صاحب کان قيدي آزاد ڪرائي ويندو هو. هڪ دفعي اهڙي سفارش تي مير صاحب فقير صاحب کان وعدو ورتو تہ آئنده هو ڪنهن کي بہ سفارش ڪري نہ ڇڏرائيندو. فقير صاحب اڃا ڪچهري کان ٻاهر مس نڪتو تہ هڪ رن زال کيس الله پاڪ جو واسطو وجهي عرض ڪيو تہ هو سفارش ڪري کيس پٽ ڇڏرائي ڏئي. فقير صاحب الله جو اسم ٻڌي مير صاحب وٽ موٽي اچي سفارش ڪئي. مير صاحب کيس پنهنجو وعدو ياد ڏياريو. جنهن تي فقير صاحب چيو "مون الله جي نالي ۾ پنهنجي وعدي جو وزن ڪري ڏٺو. پنهنجي ڏاڙهي ۾ اوهان جي ڏاڙهي ٻنهي کان الله جو نالو ڳورو نظر آيو تنهن ڪري مجبور تي وري بہ اوهان وٽ آيو آهيان." مير صاحب کلي ڏنو ۽ قيديءَ کي آزاد ڪيو ويو[1].

هڪ دفعي مير غلام نبي خان ولد مير محمد خان مير علي مراد خان سان گڏ هو. جڏهن عالي پور جي ويجهو آيا، تڏهن هڪ مهراڻي، مير غلام نبي خان کي صحافي کان پٽ تي ٽيڻ لاءِ چيو ۽ تاڪيد ڪيو تہ هو مير وڏي سان ايترو گستاخ بڻجي ويجهو تي نہ هلي. ان تي مير غلام نبي خان انهي مهراڻي کي تلوار هڻي، ماري وڌو. مير علي مراد خان مير غلام نبي خان کي ڪاوڙمان چيو "تون ڪچهري ۾ آڻڻ جهڙو ناهين." مير غلام نبي خان جواب ۾ چيو "واقعي اسان اوهان جي ڪچهري جهڙا ناهيون، اسان نبي پاڪ جي ڪچهري ۾ وڃڻ جهڙا آهيون." اٿين چئي سڌو گهر هليو ويو ۽ اتان حج تي ويو. جتي وڃيُ وفات ڪيائين[2].

مير رستم خان جي زماني ۾ مير علي مراد خان پنهنجي ڀائيٽي مير محمد حسن خان ولد مير رستم خان کي چيو "بابا جي رواج موجب اوهان بہ رستم خان کان جيئري ئي پڳ ونو. اوهان حاڪم ٿيو ۽ مان اوهان جو وزير ٿيان." مير محمد حسن خان کيس جواب ۾ چيو "چاچا مان حڪومت جي لالچ ۾ باباگير نہ ٿيندس[3]."

هڪ دفعي مير علي مير علي مراد خان جي ڪچهري ۾ سندس ٻئي نياڻا مير غلام حيدر خان ثاني ۽ مير حسن علي خان (مير محمد خان جا پٽ) ويٺا هئا. گفتگو جي دوران مير علي مراد خان مير رستم خان تي توڪ ڪندي چيو "توب جو هڪ نڪاءُ ٻڌي مير رستم خان پڇي وڃي ٿر نڪتو." هو ٻئي مير رستم خان جا ڏوهٽا هئا. هنن گڏجي چيو "ناني جو احسان مڃو جو هو صبر ۾ رهيو. جيڪڏهن هو انگريزن سان

---

[1] زباني روايت: امداد علي فقير هيسباڻي، ساڪن درگاهہ خير محمد فقير.
[2] زباني روايت: مير حسين بخش خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.
[3] زباني روايت: مير فدا حسين خان ٽالپر، ساڪن منگهن واري.

عهد ڪري، بہ چپ چوري ها. تہ توهان ڪي مير صوبدار خان حيدرآبادي وانگر نوڙ جي پڳ پڌرائن ها." اهو جواب ٻڌي مير علي مراد خان ماٺ اچي ويو[1].

هڪ دفعي قلات جو شاعر مرزا احمد علي مير علي مراد خان جي ڪچهري ۾ آيو. مير صاحب پنهنجي درباري شاعر سيد جعفر علي شاهہ کي شعر ٻڌائڻ جي فرمائش ڪئي. سيد جعفر علي شاهہ في البديہ چيو:

ز عمر خويش بيزارم کہ اونام عمر دارد.
ز چشم خود در آزارم کہ برسني نظر دارد.

اهو شعر ٻڌي، مرزا احمد علي في البديہ چئي ڏنو:

بود برکنده آن چشمي کہ از سني ضرر دارد.
دو صد خنجر برآن سينہ کہ اوکين عمر دارد.
روافض گر زند طعنہ بہ يارِ غارِ پيغمبر.
مکن عيش کہ او لعنت ز ميراث پدر دارد.

مير علي مراد خان ايڏي سخت جواب ٻڌڻ تي بہ ناراض ٿيڻ بدران مرزا احمد علي کي انعام ڏيڻ چاهيو. جيڪو هن نہ ورتو[2].

هڪ دفعي مير علي مراد خان جي ڪچهري ۾ بہ شاعر شير خان ميسائو ۽ پيرو شاهہ ويٺا هئا. ڪچهري هلندي سسئي پنهونءَ جي ڳالهہ نڪتي. ان تي مير صاحب جي آڏو شير خان هي بيت چئي ڏنو:

ڪيچي ڪچا ڪين هئا ڪامڻ هئي ڪچي،
برهمڻ بلوچ سان لايو نينهن نچي،
پردي سان بچي، شل گڏ بم شير خان چئي.

اهو بيت ٻڌي پيرو شاهہ منهن خراب ڪيو. مير صاحب هن کان منهن خراب ڪرڻ جو سبب پڇيو. هن جواب ۾ هي بيت چيو:

بي ننگا بلوچ هئا ڳالهيا ڪهين نہ ڳاهہ،
هڏ نہ هئي هوتن جي هئي ننگ ٻڌي نڪاح،
ڏس دل ڪري داناهہ، ڪيچين ڪم ڪچو ڪيو.
اهو بيت ٻڌي مير صاحب پيرو شاهہ کي انعام ڏنو[3].

---

[1] زباني روايت: مير وليداد خان ٽالپر، ساڪن ٽنڊو علي آباد.
[2] Muhammad Sardar Khan: "Baluch & Baluchistan", op. cit P 210
[3] زباني روايت: رستم خان رند "ڏڻاٽي پاڙو" ساڪن ڳوٺ سنهڙو رند، تعلقو ڪوٽڏيجي.

مير علي مراد خان پنهنجن ڀين پٽن کي معقول وظيفا مقرر ڪري ڏنا ۽ مير فيض محمد خان کي ٿورو وظيفو ڏنو. ان تي مير فيض محمد خان پنهنجي پيءُ ڏانهن هي بيت لکي موڪليو:

انصاف بين ئي ساقئي مجلس به دور ما،
مئي اين قدر به جام نه ريزد ڪه بو دهد.

انهيءَ بيت پڙهڻ کان پوءِ مير علي مراد خان مير فيض محمد خان جو وظيفو به وڌايو[1].

هڪ دفعي مير علي مراد خان محافي تي چڙهيو. ٽنڊو مستي خان جي طرف تي ويو. رستي تان ايندڙ ويندڙ سمورا ماڻهو پري هٽندا پئي ويا، مگر هڪڙو ماڻهو عطر فقير نالي پري نه ٿيو. مير صاحب محافو جهلرائي عطر فقير کان پڇيو ته "تنهنجو نالو ڇا آهي؟" هُن چيو ته "مان عطر آهيان." مير صاحب مذاق ڪري چيو مون کي عطر جي خوشبوءِ نٿي اچي." عطر فقير به مذاق طور ورندي ڏني، "سرڪار کي نڪ ئي ڪونهي ته پوءِ خوشبوءِ ڪٿان ايندي؟" مير صاحب مذاق جي ڳالهه تي ڪاوڙجڻ جي بدران خوش ٿيو ۽ عطر فقير کي انعام ڏنائين[2].

مير فيض محمد خان جي دربار ۾ هڪ ايراني عالم اورنگزيب جي پٽ شاهه عالم بهادر شاهه جي رباعي ڪجهه تغير سان پڙهي:

دعوائي خلافت به سند مي بايد،
من كنت حديث در مدد مي بايد،
اين جائي نفاق و منكر و خائن نيست،
اين مسند شير است اسد مي بايد.

انهيءَ رباعي جي ٻڌڻ تي مخدوم الله بخش عاصي جواب ۾ چيو:

انڪار خلافت به سند مي بايد،
من كنت نبياً به مدد مي بايد،
اين جائي زهي صدق حق سخا است،
ترتيب خدا كرد خرد مي بايد.

مير فيض محمد خان مخدوم صاحب جو جواب ٻڌي خاموش ٿي ويو ۽ کيس انعام ڏنائين[3].

---

[1] بياض مرزا عباس علي بيگ، ساڪن ٽنڊو آغا، حيدرآباد سنڌ.
[2] زباني روايت: رئيس دوست محمد خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.
[3] اصل رباعي هن طرح آهي: احڪام خلافت به سند مي بايد.

هڪ دفعي رات جو مير علي مراد خان جي ڪئمپ جي ٻاهران ٻن چيڙن ڳالهيون وينثي ڪيون. ڳالهين جي دوران هڪڙي، ٻئي کي پٽ چمڻ جي مبارڪ ڏني، جنهن تي هن ورندي ڏني، "مبارڪ ته علي مراد خان کي ڏيڻ گهرجي، جنهن جو هڪ چيڙو وڏيو آهي." مير علي مراد خان اها گفتگو ٻڌي ورتي، ۽ چيڙن کي پاڻ وٽ گهرايائين. هنن ويچارن جو خوف کان منهن سڪي ويو. مير صاحب ٻنهي کي انعام ڏنو ۽ پٽ چمڻ واري چيڙي کي ان ڏينهن کان وٺي ڪجهه پگهار مقرر ڪري ڏنو[1].

هڪ دفعي مير امام بخش خان جسڪاڻين جي ڳوٺ جي ٻاهران منزل اچي ڪئي. مير صاحب جي آمد جو ٻڌي ڪيترا غريب هجوم ڪري خيرات وٺڻ آيا، ڇو جو مير فيض محمد خان جي زماني ۾ هر منزل تي غريبن کي پئسا ملندا هئا. مير امام بخش ڪرڙو حاڪم هو. ماڻهن جي هجوم جو سبب پڇيائين. ڪيس ٻڌايائون ته هو پئسا وٺڻ آيا آهن. مير امام بخش خان چيو "اهو پئسن ڏيڻ وارو مري ويو هاڻي ماڻهن کي چيو وڃي ته هو پنهنجن عزيزن کان وڃي پئسا وٺن"[2].

---

وز علـم احـاديـث مـدد مـي بايد،
اين جائي نفاق و منکر و خائن نيست،
ايـن مـسـنـد شـير است اسد مي بايد.
(علي حسن سيد، ڀوپالي: "تذڪره صبح گلشن"، 1295 هجري).

[1] زباني روايت: مير حسين بخش خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.

[2] زباني روايت: پيارو خان جسڪاڻي، ساڪن ڳوٺ جسڪاڻي تعلقو ڪوٽڏيجي.

# ميرن جو گهريلو لوڪ ادب

**تمهيد:**

جهڙيءَ طرح ميرن جي دربار ۾ شعر و شاعري جون محفلون ۽ سگهڙن جون ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون، تهڙي طرح سندن ڏيڍين تي شادي مرادي جي موقعن وقت مخصوص قسمن جا گيت ۽ لاڏا ڳايا ويندا هئا. ميرن جا اهي گيت ۽ لاڏا عام سنڌي لوڪ گيتن وانگر آهن، مگر انهن ۾ بلوچي روايتن جو ذڪر زياده هوندو آهي. بهادري، مهمان نوازي، رواداري، حسب نسب تي فخر ڪرڻ ۽ قومي فوقيت قائم رکڻ تي زياده زور ڏنو ويندو آهي. ان سان گڏ هرهڪ گيت ۾ حاڪميت جو عڪس شامل هوندو آهي، جنهن مان سندن اعليٰ نصب العين جي جهلڪ نظر ايندي آهي. انهن جي برعڪس عام سنڌي گيتن ۽ لاڏن ۾ حاڪميت جو تصور ۽ قومي برتري جو احساس ڪونہ هوندو آهي. هنن ۾ عام دعائيہ ڪلما هوندا آهن، جن ۾ پيار، محبت ۽ انسان ذات جي بهتري جو بيان ڪيو ويندو آهي. عام سنڌي گيتن ۽ ميرن جي گيتن ٻنهي ۾ مزاحيہ رنگ هڪ جهڙو هوندو آهي. ميرن جي مختلف گيتن ۽ لاڏن مان هيٺيان مشهور آهن:

**ڪوڏاٽا:**

ڪوڏاٽو بلوچن جي مشهور ۽ قديم ادبي صنف لولي جو سنڌي نالو آهي. مائرون پنهنجن ٻارن کي پينگهي ۾ لوڏڻ وقت ترنم سان لولي ڏينديون آهن. انهيءَ لوليءَ ۾ ٻار جي آئيندي لاءِ دعائون گهريون وينديون آهن تہ جيئن هو وڏا ٿي مثالي ڪردار بڻجي سگهن[1]. هتي ميرن جي ڪوڏاٽن جا ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

---

[1] مٺا خان مري، مير "ثقافت اور ادب وادئِ بولان مين" بزم ثقافت ڪوئيٽا 1966ع، ص 107

مير ميران دا سائين، گهوڙي چڙهين تہ ڪران مئين دعائين.
آءُ ميڏا تون هوت، چنڻ ڪپ ڪرام مئين ڪوٽ.
چنڻ دي بو هلي، تو تي روهہ پناٽي پلي.
تون روهہ پناٽي دا ونا، تون ڪاءُ چوؤري دا چنا.
آءُ ميڏي در داني، تيڏا ٻڪر ڪران مهماني.
صدقا تيڏي منهن دا، تون صاحب ساري سنڌ دا.
صدقا تيڏي جند دا تون صاحب ساري سنڌ دا
سارا ٻڪر ڪران سيخ، تيڏي نال ڪون ڪريسين ريس.
تيڏي نال ڪون گهتيسين دعوي، نيلا تہ گهوڙا سنج ساوي،
اڳون پوش پوش پوندڙي آوي، دروازي ڏم نہ ماوي،
دروازي دا در سوڙها، ميڏي ميران دا لشڪر ڳورا.
در ڪول وي درباني، لنگهن تہ هوت تي مرداني.
لنگهن مري، نظاماٹي، ميڏي ميران دي سڀ سلامي.
تون باغ مئين آرائين، تون تڙ مئين گل چٹائين.
ميوي منگ تہ گهن ڏيوائين، تيڏي تہ اڏيئي چان ٻهائين.
آ ميڏا در دانا، تيڏا لکي پيو ننگر نانا.

تيڏا تہ دهلان نال دماما
آ ميڏا تون ميان، تيڪون خان بہ ڏيسن ڏيان.
هڪ سؤ تي نئون ويهان
آ ميڏا دل بندا، توکی تہ ڪمربند لڏندا.
توکی سڏي ڏيون ڏيندا، هڪ تہ سوڍي ٻي سنگهار.
ٽرسان اُهين ڏهاڙي، ابا مار آٽيسم ڦاڙهي.
ڦاڙهي ونديسان اوڙي پاڙي

صدقا تو راسيان، تيڏيان ونگ چوڙيليان ماسيان
تيڏيا بادشاهزاديان ٻڦيان، تيڏي تہ ڏاج اُتي رليان.
تيڏي بابي مهران ڏي منائيان، ٻچي تہ هالا ڳانديان آئيان.
تون يار هئين يارين دا، ڪنگڻ ٻاءَ هزارين دا.
تون پٽ هئين دنياداريں دا، جاٽا ٽيسين شاهوڪارين دا.
صدقڙا سؤ واري، تيڏي جڙيم جند پياري.

تيڏا وڳا پٽ ڪناري، ڏوبڻ ڏو ڏي منت زاري
ميڏي سهڻي دا شان نِرالي
چتي چڙهي اُٺ تي ماريس وڏا گهنڊ،
ميرين ليکي سهڻي هي تہ ڪالابنڊ

دنگی دنگی دنگی، ابو تہ مامی جی ڏي ٿو منگی،
ماما ڏي نهين پيا ڏيندا، چاچا سڏ پيا پرٹيندا،
ماما دي ڏي ڪاٹی، ابو بہ پرٹبو روهہ پناٹی،
جهلا نہ لڳئی جهولا، تون ميڏي ساهہ دا وندولا،
جنهن دي صاحبزادي سس، جنهن دا هيري سندا هس،
تيڏي حاڪمزادي مامی، تيڏي خان بهادر چاچی،
تيڏي ونگ چوڙيليان ماليان، تيڏيان ڪير برابر پقيان،
تيڏي . ڏاجڙي، تون رنيان، جوري ڏي تہ منائيان،
تيڏا هابو ڳانديان آئيان

***

وهول ڙي وهول ڙي، وهول ڙي وهول ڙي۔
وهول وهول نا چئو ڪا وهول وايائي هٿين پيرين گهنگهروڪا سونهين سوناري

وهول ڙي وهول ڙي
جان وچان بازار ۾ لڏيم گيندو پير، اڏ تہ ڪاڏم پيٹ ۾ اڏ جو شاهد ڪير،
وهول ڙي وهول ڙي

جان وچان بازار ۾ ڪي وينيون پرت پرين،
سنهيون سيون هٿن ۾ دل جا ٺئونر ٽڪين،
وهول ڙي وهول ڙي

جان وچان ٽي واٽ ورتيون ڪو کبڙ ۾ ڪڙڪو،
جان نهاريان پوٽئي منهنجي ميرن جو شملو،
وهول ڙي وهول ڙي
ماڙي ماڙي نا چئو ڪو ماڙيۀ مٿي مور،
پٽ تہ منهنجي مير جو ساماٹو شهزور،
وهول ڙي وهول ڙي

ماڙي ماڙي نا چئو ڪو ماڙيءَ متي ڪانءُ،
ڪانءُ جي ماري نا مران پر ماريس تنهنجي نانءُ.
وهول ڙي وهول ڙي
جارو جارو نا چئو جاري ۾ ڪا مس،
لکڻ واري لکيو پوءِ ڪونهي منهنجو وس.
وهول ڙي وهول ڙي
ماڙي ماڙي نا چئو ماڙيءَ متي هل،
هل جي ماري نا مران ماريس تنهنجي دل.
وهول ڙي وهول ڙي
جارو جارو نا چئو ڪا ماري متي مک،
مک جي ماري نا مران ماريس تنهنجي اک.
وهول ڙي وهول ڙي

***

کلی تو کتیاڻیءَ سان، مرکی تو مهاڻيءَ سان.
سمهي تو سوناريءَ سان.
ابو ته جوٽيجي ڪندم يار، هڪ ته اُنڙ گپ ۾ ڪيائين گار.
هڪ ڏاڏي پوٽي ايندي سيني جي سردار.
هڪ صدقو ٻي صدقو ٽئين صدقو دائي،
الل جي سٽڻ پائيندم چادر سرمائي،
پلي گهوڙي تي پاڻ چڙهندو ٻني گڏهه گاهي،
انبن هيٺ پاڻ ويهندو توتن هيٺ سپاهي.
نريءَ جو من نريو پٽ ته ويريا ماري وريو.
ابو ته لالهر سان لڙيو هي پٽ ساري رات ڪتن تڙيو.
اڳئيون ته آيس ڪندي، چڏڙي ڪندي تون لال لنگي.
ابي تي سس به ڏمر ڪندي
آءُ ميڏي تون حور، تيڏي اک نہ ڪري سور.
تيڏا ڪندي دي وچ ڪپور.

| | |
|---|---|
| آءُ ميڏي تون مڪ سڏي، | تيڏي چلهہ پراوين رڏي |
| جا ڏيرو پرائو | ميڏي اما ڪون چاوچ ٻلهائو. |
| تيڏا آڏ وڏا پلويڙا، | تيڏي ٻانهيان ڪيتا جهيڙا. |
| تيڏي سون دي ٻهاري، | تيڏا لڪ لڳا ڏهاڙي[1] |

**هالو:**

هالو بلوچن جي هڪ پراڻي صنف سخن آهي، ۽ سندن قديم گيت ليلاڙو جي ترقي يافتہ صورت آهي. اهو خوشي وارن ٻولن، وزن ۽ بامعنيٰ جملن جو مرڪب هوندو آهي، ۽ شادي مرادي يا ٻين خوشيءَ جي موقعن تي ڳايو ويندو آهي[2]. هالو جا ٻہ وزن ٿيندا آهن. پهريون:

هلو هالو هلو وهشين هلو،
هلو هالو هلو مان شاذهانين.

۽ ٻيو:

هلو هالو هلو مني،
ميري مروشي شاذهين.[3]

ڳائڻ واريون عورتون هالو ڳائينديون وينديون آهن، ۽ هرهڪ بند پوري ڪرڻ کان پوءِ ٻيون سموريون عورتون پهريون بند ورنديءَ طور ڳائينديون رهنديون آهن. بلوچڪي زبان ۾ هڪ هالي جا ڪجھ بند پيش ڪجن ٿا[4].

هالو هلو هالو هلو ورشين هلو.
وني شهزادا را پيشي مرادان،
ٻهانہ ٿئي هاران موتيان جڙائتا،
ٻهانہ ٿئي پيش تڪا لغام،
چاڙهائڪي ٿئي ڪابہ ڪئي دست ڪمان.
هزارين ٿئي تونڪ گراني قيمتي ٿئي،
ٻهانہ ٿئي سنج ڪن خانين سلام،
ٻهانہ ٿئي سنج ڪن ميرين سلام،

(1) گهران لکرايل مواد، مير امام بخش خان ساڪن ڳوٺ بنگلو.
(2) منا خان مري، مير: حوالو ڏنل آهي، ص 106
(3) ايضا
(4) مراد علي خان بگٽي، ساڪن ڪوٽڏيجيءَ جو گهران لکرائي ڏنل مواد.

خانا بشڪيدا ڏا ڏيهہ انعام.
بهاري ٿئي نوڪري زر خريد.
ديان وڃن گران ميري جنخي.

اڄ ڪلهہ ميرن جي شادي مرادي ۽ ڇٽيءَ جي موقعي تي جيڪي هالا ڇوندا آهن، تن جا ٻول هيٺئين قسم جا آهن[1]:

هالو هلو هالو هلو شل وهشين هلو.
الاهي ماموا ماني ميرل منگي آ،
الاهي جهڙ – لار سيپ وهشين هلو.
اي الاهي ماموا سيپ موتي جڙاء،
الاهي ماموا شل ڪري شڪار.
شل وهشين هلو.
الاهي ماموا تنهنجا خان غلام،
سارا مير امير ڪن تنهنجو سلام.
شل وهشين هلو.
اي الاهي ماموا تنهنجو بخت بلند،
آهي عرش مٿان مير تنهنجو ڪمند.
شل وهشين هلو.
اي الاهي ماموا منهنجيون اکڙيون ثار
ابا سؤ سؤ چمار تنهنجو هڪ هڪ وار.
شل وهشين هلو.

اي الاهي ماموا منهنجا گل گلزار،
توتان سيپ ڪي نثار منهنجي دل جا قرار.
شل وهشين هلو.

❊

ٻي هالي جا ٻہ بند[2]:

اي هلو هالين هلو،
اي مرد شئي جهڙ ڪزا،

---

[1] زباني روايت: مائي غلام فاطمہ زال پريل ٻلهاڻي، ساڪن ڪوٽڏيجي.
[2] مير امام بخش خان، ساڪن: بنگلو جو گهران لکرائي ڏنل مواد.

اول سوران بهر خدا، تنهن تون سوران نبي هي رسول.
ڪاڪي اي پيران دي پڙهني، آسين اي ڪوهہ پروني رني.
پربت چوٽ ڪريندي روهہ، گهورئين ڏوهئين ڪيتا ڏوهہ.
سرور دي گهر وڃداچنا، جهر جيوي بيبي بائي دا ونا.
آيس وٽوتي پهلا پور، منهن سرور دي وسدا نور.
اسين وٽوتي پهلون مٺن پئي هان،
حاجت ونديان دي حاج تي ڳئي هان،
حاج ونديان دي هي حاج قبول
بـــچـــان دي مـــدد هـــي رســـول[2]

## ڪامڻ:

ڪامڻ ڪرڻ معنيٰ ساٽ ڪرڻ يا جادو ڪرڻ. اهي ساٽ ڪنوار ڪي ونواهہ ۾ ويهارڻ وقت ڪندا آهن. ان وقت جيڪي لاڏا گايا ويندا آهن، تن ڪي ڪامڻ چئبو آهي. ڪل ڪامڻ ست هوندا آهن[3]. ڪامڻ جا ڪجهہ ٻول هي آهن:

ميڏي بيبي دي نڪ وي نٿ وي،
شال جيوي پراوين دي ست وي
ميڏي بيبي دي ڪنين واليان، ڪري ٻني ٻني نال ڳالهيان.
ميڏي بيبي دي هٿ وي آرسي، ڪريسين ور دينال سدا فارسي.
ميڏي بيبي دي هٿ وي موريان، ڪريسين بادشاهہ وَر نال زوريان.
ڪامڻ زور البيلي دي لڳي ني، پهلي ڪامڻ لڳي ني شل ڏاڍي زور.
پراوان جيندي دي ٻڳي ني، وڏپر والي دي لڳي ني.
آپ هنديسم ساوي شوئي، شل سالُون تيڏي جوڙ.
منڊ منديئڙا تيڏا غلام، تون اُنهن دي بيبي او نوڪر غلام.
تخت تي بيٺي ڏا ڪريسم سلام.

---

[1] زباني روايت: مائي ڀاڳي زال بهادر ٻلهاڻي، ساڪن: ڪوٽ مير محمد خان.
[2] زباني روايت: مائي سهنت زال رتوفقير ٻلهاڻي، ساڪن، ڪوٽ مير محمد خان.
[3] زباني روايت: مائي جادل زال منظور فقير ٻلهاڻي، ساڪن: ڪوٽ مير محمد خان.

بادشاھہ دا سھاڳ، چوڙي والي دا سھاڳ.
آڻ ھٿی دا ڪات، منبو گھوٽ دي ماءُ دا وات[1]

## سانجھي:

ڪنوار کي ونواھہ ۾ ويھارڻ کان پوءِ روزانو شام جو ڪنوار وٽ ھڪ لاڏو ڇئبو آھي، جنھن کي 'سانجھي' سڏيندا آھن. سانجھيءَ جا ڪجھہ ٻول ھي آھن:

سانجھي سانجھي ساجھر ڪجي،
گند ٻھاري ڪنڊ ڏرجي،
سس سھري جي سيوا ڪجي،
ماءُ پيءُ کي پيرين پئجي.
ڪاري سيلھي سان ٻجھي،
ٻـــــڌو ٻـــــڌو ٻـــــانـــــھو[2].

## جھنڊڙو:

ٻار جي جھنڊ (وار) لھرائڻ وقت جيڪو لاڏو ڳايو ويندو آھي، ان کي جھنڊڙو سڏيندا آھن[3]. جھنڊڙي ۾ ڪافي ٻول ھوندا آھن، جن مان ڪجھہ ھيٺ ڏجن ٿا:

جھنڊڙا لعل ڏوايا، فقيرو ڏيوو مبارڪ.
سر بني دي سوني سھري، تيڏي لانوين جوڙ بنايا.
پينگھڙا شل لڏي ھميشہ تيڏا، پينگھي والا تيڏا ھردم جيوي
پٽ جھولي وچ ڪڏي ھميشہ، پينگھڙا تيڏا لڏي ھميشہ.
پينگھي والا تيڪون لعل ڏوايا، پٽ جھولي وچ ڪڏي ھميشہ.
وال بنی دي سونی تولان، جندجان مئين تيڻن تون گھولان.
پٽ جھولي وچ ڪڏي ھميشہ
پينگھڙا تيڏا لڏي ھميشہ.
پنجان تنان دي پاڪر ھووئي الله نبي دي واھر ھووئي.
پٽ جھولي وچ ڪڏي ھميشہ
پـــيـــنـــگـــھڙا تـــيـــڏا لـــڏي ھميشہ[4].

---

[1] صاحبزادي مير محمد علي خان جي گھران لکرايل مواد.
[2] صاحبزادي مير محمد علي خان جي گھران لکرايل مواد.
[3] زباني روايت: مائي جادل زال منظور ٻلھاڻي، ساڪن ڪوٽ: مير محمد خان.
[4] زباني روايت: مائي غلام فاطمہ ٻلھاڻڻ، ساڪن ڪوٽڏيجي.

**متفرق لاڏا:**

مٿي ذڪر ڪيل لاڏن ۾ گيتن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي سهرا يا لاڏا آهن، جيڪي مختلف موقعن تي ڳايا ويندا آهن. انهن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا:

لانوين ويلي سهڻل آيا، نري هي تي ڏي اما.
سهريان دي ويلي سهڻل آيا، نري هي تي ڏي اما.
سر بني دي سوني سهري - لانوين جوڙ بنايا[1].
جواني ماڻي وڏڙي ويلي آيا، ماءُ سهاڳڻ چايا.
جوانيان ماڻي - وڏڙي ويلي آيا.
سر بني دي سوني سهري- لانوين جوڙ بنايا[2].
ايڏون اوڏن دل دا جاني- تيڪون ڀرڪي پيالا پلاوني.
نو لک، مبارڪان هووني- گهر گهوٽ ماءُ دي ٽڏڙي کوهي.
شل عاشق گيڙا ڏيوني
ايڏون اوڏون نهان ڏيان، ٻيليان موتي پووني.
ماءُ نري پٽ سيج تي آيا، لانوين جوڙ بنايا[3].
آيا اَدل تنهنجا چاچي آيا.
ڪنڌ ويرهايان ساري رات جو آيا، ڪير ويرهايان ساري رات جو آيا.
پير اساڏا علي ع هي مولي، روضي جوڙ بنايا جو آيا.
هٿ آيل دي سونا ڳانا، ميندي جوڙ بنايا جو آيا.
اکيون ادل ديان ٻرن مشالي، ڪجل جوڙ بنايا جو آيا.
سر ادل دي سوني جو سهري، لانوين جوڙ بنايا جو آيا[4].

سهڻل آهي منهنجو وڏي ڀاڳ وارو، جنهن جي نرڙ تي آهي سونو ستارو.
پير اسان جو علي ع آهي مولي، روضي جوڙ بنايو لايو سجايو.
ادل آهي منهنجو وڏي ڀاڳ وارو[5].

---

[1] مير حسين بخش خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان جي گهران لکرايل مواد.
[2] مير حسن علي خان، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان جي گهران لکرايل مواد.
[3] زباني روايت مائي راڻي ٻلهاڻڻ، عمر 80 سال، ساڪن مگهن واري
[4] ايضاً
[5] مير فدا حسين خان ٽالپر، ساڪن منگهن واري جي گهران لکرايل مواد.

الله لايو سجايو ڪندو منهنجي ادل جو.
ادل آيم سيج تي موزا نہ لاهي، نہ چئو اوهان سالين منهنجو نازڪڙو آهي.
لاڏي گهوٽ جو آرڏي گهوٽ جو، لايو سجايو ڪندو منهنجي ادل جو.
ادل جي ويڙهي ۾ آهي گوڏي جيڏو اڪ، ڪپ ادل جي هٽ ۾ ودي ويرئين نڪ.
لاڏي گهوٽ جو آرڏي گهوٽ جو، لايو سجايو ڪندو منهنجي ادل جو[1]

مومل وني اسان آندي، بادشاهہ زادي ونې اسان آندي،
ٻانهن ڪنڌار جي عجب رسيلي، پائڻ واري سدا سهاڳڻ.
ڏاڏي پوٽي وني اسان آندي[2].

جيوين مرادين والڙا لاڏلا ٻنا.
ماهيا خوشيان ماڻين، ميرا لاڏلا راڄ ماڻين:
راڄ ماڻين شل سيج ماڻين ٻنا ٻنرا وي.
جي تون چڙهسم هاٿي، تيڏي نال محمد صہ ساٿي ماهيا.
جي تون چڙهسم گهوڙي، تيڏي نالي پراوان جوڙي ماهيا.
جي تون چڙهسم ڪاري، تيڏي ماءِ وارڻ واري ماهيا.
تيڏي پيٽان دي سر چنيان، تيڏيان سيئي مرادان پنيان ماهيا.
تيڏي پقيان دي ڳل گجري، تيڏي الله مڪيسين جهڳڙي ماهيا[3]

**اوسارا:**

ميرن جي غميءَ وقت سندن ڏيڏيءَ تي عورتون ڪنيون ٿي جيڪي غم جا گيت چونديون آهن. تن کي اوسارا سڏبو آهي[4]. ڪنهن بہ مير صاحب جي مرڻ وقت ٻلهاڻيون ۽ ميراسڻيون دهل ڪٽي، ڏيڏيءَ تي پٽيعديون. پار ڪيدنديون ۽ اوسارا چونديون ايندیون آهن. سمور. ن ميرياڻيون بہ چيلهہ کي سندرا ٻڌي پتڪي ۾ شامل ٿينديون آهن. اوسارن جا ڪجهہ ٻول پيش ڪجن ٿا:

چڙهيا مير دَمامين نال، ميڏا شاهہ دمامين نال،
ميڏا مير تہ لشڪر نال، ميڏا مير تہ فوج نال،

---

[1] مير رحم علي خان، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان جي گهران لکرايل مواد.
[2] مير تراب علي خان ساڪ. منگهن واري جي گهران لکرايل مواد.
[3] صاحبزادي مير محمد علي خان ٽالپر جي گهران لکرايل مواد.
[4] زباني روايت مائي خيران دختر جمعدار هاهو ٻلهاڻي ساڪن ڪوٽڏيجي.

ٽٽ ڳئي ڪونج قطارون- | هئي هئي ڪونج قطارون.
ميڏي حور نا وچڙي - | ميڏي ڪونج نا وچڙي.
هئي هئي لٽو لاڏ گجر جو - | ياٿرن واري گجر جو.
مامن واري گجر جو
جنهن جو پڪين گهر ڪوٺيو - | آهي مومل آهي.

جنهن جي جاري جاري دہلي،
جنهن جو تسري ميٺ ملائيو – موٺيم مومل-
لال ڪجاوي سا چڙهي – موٺيم مومل-
جنهن جي جاري جاري دہلي،
جيڪا گلبندن جي گجري [1]

---

[1] زباني روايت مائي غلام فاطمہ ۽ مائي ڏياٺي بلهاڻيون ساڪن ڪوٽڏيجي-

# مشاهير خيرپور

## (الف) خيرپور جا مير

خيرپور جي حڪمرانن ۽ اديبن ۽ شاعرن جو احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي باقي ڪجھ مشهور ميرن جو احوال دلچسپي کان خالي نہ ٿيندو.

**1. مير غلام محمد خان:**

هي مير سهراب خان جو پيو نمبر پاءُ هو. وڏو بهادر ۽ جنگي جوان ٿي گذريو آهي. مير سهراب خان سان سيني جنگين ۾ ڪنو هوندو هو. ميرن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن هڪ سؤ سوارن جي دستي سان شڪار ڪندي عمرڪوٽ جي حد ۾ نڪتو. تي راجپوتن جي ٽن سؤن ماڻهن جي نرغي ۾ اچي ويو- پنهي طرفن جو پاڻ ۾ مقابلو ٿيو. راجپوتن جي لشڪر مان هڪ سؤ چٽا مارجي ويا. باقي ماڻهو پڄي وڃي هڪ وڏو لشڪر وٺي آيا. پيهر مقابلو ٿيو جنهن ۾ پيا بہ ٽي سؤ راجپوت مارجي ويا ۽ مير صاحب بہ پنهنجن ماڻهن سميت مقابلو ڪندي شهيد ٿي ويو. انهيءَ واقعي کي مير حسن علي خان پنهنجي شاهنامي ۾ هينئين طرح نظم ڪيو:

غلام محمد هو نامي دلير نہ موڙي جو منهن پنهنجو از شر ره شير
غلام محمد هو شير و نما- نہ ٿورن گهٽن جي ڪيئن غرض ڪا.
وڙهيو مير ٿي تيئن وڙهي ٿي سپاهہ - زمين رت سان تر ڪيئون بي حد نگاهہ
سيئي قتل ٿي مير جي ٿيا تيار- ڦري آيا چوڦير ڪان اهل نار.
هو شوق شهادت جو از ابتدا- چيائين تہ پيڙا بڌيءَ جا ٿيا.
سو جام شهادت سان سرشار ٿيو - شهادت جو دل سان طلبگار ٿيو.

اهو واقعو 1201 هجري مطابق 1786ع جو آهي.[1]

[1] مرزا قليچ بيگ "خيرپور جي تاريخ" ص 28-

### 2. سليمان خان:

هي مير سهراب خان جو ٽيون نمبر پٽ هو. هيءُ بہ پنهنجي وقت جي وڏن اميرن مان هڪ هو. وڏو دورانديش ۽ هردلعزيز انسان ٿي گذريو آهي. ڪيس مير محمد خان، غلام شاهہ خان، مير حيدر خان ۽ مير علي مراد خان نالي چار پٽ هئا. جن مان مير محمد خان کان سواءِ سمورا اولاد مري ويا. مير محمد خان کي الله ڏني نالي هڪ پٽ هو جنهن جو اولاد اڄ ڪلهہ راهوجن جي ڳوٺ ۾ آهي. مير سليمان کان پوءِ سندس فرزند مير مريد حيدر خان هڪ چڱو جاگيردار هوندو هو جنهن 6 نومبر 1869ع تي وفات ڪئي[1].

### 3. مير عالي خان:

هي مير سهراب خان جو ننڍي ۾ ننڍو پٽ هو. ننڍي عمر کان وٺي البيلو ۽ لاغرض شهزادو ٿي رهيو. ڪتن ۽ ڪڪڙن جو شوقين هوندو هو. ان کان سواءِ پنگ بہ پيئندو هو. هڪ دفعي سندس هڪ پيارو ڪتو مري ويو تہ مسجد جي دروازي جي پرسان ان کي دفن ڪري سندس قبر تيار ڪرايائين. جنهن تي وقت جي مخدومن کيس تعزير ڏيڻ چاهي. هن مخدومن تي بندوق ۾ گولين جي بدران متر وجهرائي فائر ڪرايا ۽ کين پڄائي ڪڍيو. ان تي مير سهراب خان مٿس ناراض ٿيو ۽ هو رسي ترپارڪر ضلعي جي ڊگهڙي ڳوٺ ڏانهن لڏي ويو ۽ ڪجهہ سالن کان پوءِ واپس آيو. مير واهہ تعلقي ۾ ٽنڊو مير عالي خان ۽ خيرپور ۾ مير عالي بازار سندس يادگار آهن. هي جيترو البيلو هو اوترو سادو هو. هڪ دفعي سندس نوڪرن سندس هاٿي هفتي ڏيڊ لاءِ گم ڪري ان جا سونا ۽ چانديءَ جا زيور ڦٻائي ڇڏيا هئا. هن کي چيو هئائون تہ هاٿي ڪربلا هليو ويو هو ۽ اتي سنج نذراني ۾ ڏئي آيو. مير صاحب مٿن ڪاوڙجڻ بدران خوش ٿيو ۽ سندن ڳالهہ تي اعتبار ڪيائين. هو جون 1837ع ۾ وفات ڪري ويو[2].

### 4. مير غلام حيدر خان:

هي مير سهراب خان جو ٻيو نمبر پٽ هو. وڏو دلير ۽ جانباز امير ٿي گذريو آهي. جيستائين جيئرو هو تيستائين مير سهراب خان جي لشڪر جو مهندار هوندو هو. پنهنجي پيءُ سان گڏ ڪيترين ئي جنگي مهمن ۾ حصو ورتائين. کيس محمد خان، احمد خان، غلام مصطفيٰ نالي ٽي فرزند هئا. پنهنجي والد جي زندگي ۾ سن 1812ع ۾ وفات ڪيائين. سندس مزار قادر بخش جي قبن واري مقام ۾ آهي.

---

(1) History of Ali Nation P. 145.

(2) History of Ali Nation P. 145.



میر سهراب خان ثالث جشوجی وارو



میر رستم خان ثالث



میر غلام حسین خان رضا آباد وارو



میر محمد مراد خان



میر غلام رضا خان



میر علی محمد خان



میر الهداد خان



میر غلام حسین خان بن میر جان محمد خان



میر غلام علی خان میجر



میر حاجی غلام حسین خان



میر محمد علی خان (رکن)



میر نظر حسین خان



جي ايم سليڊن



آر ايڇ ٿائٽن



مرزا ممتاز حسن قزلباش



سيد اعجاز علي


رئیس میر محمد خان مری


رئیس رسول بخش خانمری


نور شاہ شاہانی


غلام مرتضیٰ شاہ شاہانی

### 5. مير محمد خان:

هي مير غلام حيدر خان جو وڏو پٽ هو ۽ پنهنجي وقت جو هڪ ڪرڙو حاڪم ٿي گذريو آهي. روهڙي تعلقي ۾ الرن جي پرسان هڪ ڳوٺ پڌي وينو جيڪو ڪوٽ مير محمد جي نالي سان مشهور آهي. اڄ ڏينهن تائين سندس اولاد اتي رهي ٿو. هي خيرپور رياست جو وڏو جاگيردار هو. هو مير رستم خان جو ڀاڻو هو. ڪيس هيٺين نالن سان اٺ پٽ هئا[1]: مير غلام حيدر خان ثاني- مير غلام نبي خان- مير عباس علي خان- مير حسن علي خان – مير فضل علي خان- مير شير علي خان- مير علي حيدر خان ۽ مير صادق علي خان. انهن مان مير غلام حيدر خان ۽ مير حسن علي خان، مير علي مراد جي نياڻين سان شادي ڪئي هئي.

خيرپور جي ريزيڊنٽ مسٽر فاربس (Forbes) جي تحقيق موجب مير محمد خان ڏسڻ وائسڻو ۽ سهڻو امير هو مگر ڏاڍو ڪنجوس هوندو هو ۽ پنهنجو ڇيلو وغيره ڪڏهن بہ ذبح نہ ڪندو هو. سندس گذران ماني، چانورن ۽ ڪڪڙن تي ٿيندو هو. هو هڪڙي ڪڪڙ کي بہ ڏينهن کائيندو هو. تنهن ڪري ڪيس سڏيندا ٿي مير محمد خان ڪوڪڙائي هئا[2].

هي مير رستم خان جي ڪوٽڏيجي مان ڀڄي وڃڻ وقت ساڻس ڪنو هو ۽ مياڻي جي جنگ ۾ حصو ورتو هئائين. انگريزن جي فتح بعد پنهنجا ۽ مير رستم خان جا ٻار وٺي ٿر ڏانهن ڀڄي ويو هو[3]. هن تاريخ 10 نومبر 1864ع تي وفات ڪئي.[4]

### 6. مير احمد خان:

هي مير غلام حيدر خان جو ٻيو نمبر پٽ هو ۽ انگريزن سان جنگ وقت پنهنجي چاچي مير علي مراد خان جو طرفدار هو ۽ پنهنجي ڀاءُ محمد خان کان پوءِ رياست خيرپور جو وڏي ۾ وڏو جاگيردار هو. انگريزن سندس جاگيرن جا 16600 بيگا بحال ڪيا هئا[5].

انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ بعد هو روهڙي تعلقي جي دارا واهڻ شهر ۾ ڪوٽ ڪيرائي اچي وينو هو جتي اڄ تائين سندس اولاد رهي ٿو. هو هڪ وڏو مهمان نواز هردلعزيز ۽ بردبار امير ٿي گذريو آهي. ڪيس هيٺين نالن سان ست پٽ

---

(1) خانداني شجرو.

(2) Melvill: "Scinde" East India House, 1854, P. 367.

(3) History of "Ali Nation" P. 149.

(4) – do - P. 151.

(5) History of "Ali Nation" P. 152.

هئا.[1] محمد باقر خان، علي محمد خان، فتح خان، لطف علي خان، دوست علي خان، سطان علي خان ۽ غلام علي خان.

مير احمد خان تاريخ ڀهرين فيبرروي 1884ع تي وفات ڪئي[2].

### 7. مير چاڪر خان:

هي مير سهراب خان جو چوٿون نمبر پٽ هو.طبيعت جو ڏاڍو سادو هوندو هو. ايتري قدر جو هڪ دفعي مير سهراب خان جي ڪچهري ۾ پنهنجي ڏگهي ٽوپيءَ ۾ ڪڪڙ جو ٻچو وجهي آيو هو.مير سهراب خان جي پڇڻ تي چيو هئائين ته ”هي لاغرض جي بنياد مان فقط هڪ ٽانگو بچيو آهي، جنهن جي حفاظت لازمي سمجهي سر سان ڪنيو ٿو وتان“[3].

خير پور جي ريزيڊنٽ مسٽر فاربس جي لفظن ۾ ته ”هو هڪ خاموش طبيعت وارو بيوقوف، بي ضرر ۽ اڻ پڙهيل امير هو.سندس پنهنجي پاءُ مير علي مراد خان سان اصل نه پوندي هئي. جيڪڏهن انگريز سندس مدد نه ڪن ها ته جيڪر مير مراد علي خان سندس سموريون جاگيرون ضبط ڪري ڇڏي ها. هو مير علي خان جو داماد هو.سندس ساليانئي اپت پنڌرنهن هزار روپيه هوندي هئي.[4] کيس نبي بخش خان، غلام مرتضيٰ خان ۽ احمد علي خان نالي ٽي پٽ هئا.[5]

تاريخ 14 ربيع الاول 1271هه ۾ وفات ڪيائين[6].

### 8. مير غلام مصطفيٰ خان:

هي مير غلام حيدر خان جو ننڍي ۾ ننڍو پٽ هو ۽ ننڍي هوندي کان وڏي رحمدل ۽ هر دلعزيز شهزادو هوندو هو. کيس ننڍو. وڏو عزت جي نگاهه سان ڏسندو هو. هو ديني ڪمن ۾ به گهڻي دلچسپي وٺندو هو.جڏهن سندس وڏا ڀائر مير محمد خان جي ڪوٽ ۽ دارا واهڻ ۾ وڃي رهيا هئا ته هي وري پنهنجن عزيزن ڏانهن محرابپور هليو ويو. اڄ به سندس اولاد اتي رهي ٿو.مياڻي جي جنگ وقت هو حرمين شريف ڏانهن حج تي هليو ويو.حج تان موٽڻ بعد پنهنجي جاگيرن جي بحالي ۾ کيس صرف چار سو روپيه مهيني ۾ ملندا هئا.[7]

---

(1) خانداني شجرو.

(2) بياض مير محمد خان مملوڪ مير محمد باقر خان ثاني.

(3) زباني روايت مير محمد نواز خان صوبيدار ائي ساڪن راهوجا.

(4) Melvill: "Science", East India House, 1854 P.367.

(5) Khudadad Khan Shajra Of Talpurs, Govt.press Karachi,1886.

(6) سندس مزار تي ڪتبو.

(7) Melvill:"sind"op,cit P.367

کيس غلام الله خان ـ حبيب الله خان ـ ڪريم بخش خان ۽ قادر بخش نالي چار فرزند هئا.[1] هو راڻيپور جي پير غلام محي الدين شاهه جو گهڻو معتقد هوندو هو ۽ سندس وصيت موجب هن جو لاش به راڻيپور جي درگاهه جي ايوان ۾ رکيو ويو. سندس ولادت جي تاريخ 9 ذوالحج 1228 هجري ۽ وفات جي تاريخ 9 ربيع الثاني 1308 هجري آهي.[2]

### 9. مير امام بخش خان:

هي مير رستم خان اول جو پوٽو ۽ مير محمد حسن جو وڏو فرزند هو. مير محمد حسن خان کان پوءِ سيني ٽالپرن جي برادري جي پڳ هن تي آئي ۽ انگريز سرڪار کيس هزهائينيس جو لقب عطا ڪيو. هو پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ روهڙي تعلقي جي ٽر واري علائقي ۾ جنوجي جو شهر ٻڌي وڃي وينو. کيس مير، پيرن ۽ راڄن ۾ وڏي عزت هوندي هئي ۽ وڏو سخي مرد ٿي گذريو آهي. هن جو دسترخوان تمام ڪشادو هوندو هو. حيدرآباد ۽ ميرپورخاص وارا مير به سندس وڏي عزت ڪندا هئا. اتر سنڌ جي سمورن ٽالپرن جي برادريءَ جو فيصلو پاڻ ڪندو هو ۽ سڀ کيس پنهنجو وڏو تصور ڪندا هئا. هن کي هيٺين نالن سان نو پٽ هئا.[3] مير رستم خان ثاني، محمد حسن خان ثاني، غلام نبي خان، نصرت علي خان، مظهر حسين خان، غلام حسين خان، مهر نجف، غلام نجف خان ۽ لطف حسين، انهن سيني جو اولاد جنوجي ۽ روشن آباد ۾ رهي ٿو.

### 10. مير رستم خان ثاني:

هي مير امام بخش جنوجي واري جو وڏو فرزند هو. پڻس جي وفات کان پوءِ اتر سنڌ جي ٽالپرن جي پڳ هن تي آئي. وڏو لائق ۽ فائق انسان ٿي گذريو آهي. جتي ڪٿي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. حيدرآباد جي مير حسن علي خان ۽ نور محمد خان سان وڏي محبت هوندي هئي ۽ هڪ ٻئي ڏانهن ڪمال عقيدت سان خط و ڪتابت جاري رکندا هئا[4]. کيس سهراب خان ثالث، خادم حسين خان ۽ شفقت حسين خان نالي ٽي فرزند هئا.

هن 18 ذوالقعد 1332 هجري مطابق 19 آڪٽوبر 1914ع تي خميس جي

---

[1] خانداني شجرو.
[2] مزار تي ڪتبو.
[3] خانداني شجرو.
[4] خانداني شجرو.

ڏينهن وفات ڪئي، سندس مزار قادر بخش جي قبن واري مقام ۾ آهي[1]. مير مهر نجف خان سندس وفات جو سال هن مادهٔ حال مان ڪڍيو آهي:

جست سال وفات او چو خرد بلبل گلستان بهشت آمد 1332 هجري.

### 11. مير سهراب خان ثالث:

هي مير رستم خان ثانيءَ جو وڏو فرزند هو. راجن پاڳن ۾ عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. سندس طبيعت فقيرانه هوندي هئي. سموري زندگي سادگي سانءَ گذاريائين. خيرپور جو حاڪم مير علي نواز خان ڪيس قدر جي نگاهه سان ڏسندو هو ۽ وڏيون منتون ڪري ڪيس پرچائي پنهنجو ڪري ڇڏيو هئائين. هن ڪان اڳ مير رستم خان جي اولاد مان ڪو به گادي نشين خيرپور جي ميرن سان رسيل رکندو هو. هن پنهنجي پنيان رستم خان ثالث، غلام حسن خان ۽ امام بخش نالي ٽي پٽ ڇڏيا.

هُن 23 رمضان 1382 هجري مطابق پهرين مارچ 1962ع تي وفات ڪئي[2]. هن وقت سندس وڏو فرزند مير رستم خان ثالث عرف مير روشن سندس جانشين آهي. هو ڪڏهن جنوجي ۽ ڪڏهن روشن آباد ۾ رهندو آهي.

### 12. مير نصير خان:

هي مير مبارڪ جو وڏو پٽ ۽ وليعهد هو. هن جو پنهنجي چاچي مير مراد علي خان سان ملڪيت تي تڪرار هو. مير رستم خان هن جو سهرو هو ۽ انهيءَ تڪرار ۾ سندس طرف ورتو هئائين. اهو تڪرار وڌندو وڌندو سنڌ جي ميرن جي تباهي جو سبب بڻبو. نونارين جي جنگ انهي تڪرار جي نتيجي ۾ لڳي. جنهن ۾ مير علي مراد خان ڪامياب ٿيو. مير رستم خان ڪجهه پنهنجي ۽ ڪجهه مير نصير خان جي ملڪيت ڏيئي صلح ڪيو پر اهو صلح پائدار نه رهيو ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ انگريزن انهيءَ دشمني جو فائدو وٺي ميرن جي خانگي ڳالهين ۾ دست اندازي ڪئي ۽ مير مراد علي خان جو طرف ورتو. مياڻيءَ جي جنگ ۾ مير نصير خان پنهنجي چاچي مير رستم خان سان ڪٺو هو ۽ جنگ هارائڻ کان پوءِ ٻين ميرن سان گڏ انگريزن جو قيدي ٿي ويو ۽ قيد جي حالت ۾ پوني ۾ وفات ڪيائين. سندس پاٽر محمد علي خان فضل محمد خان، ولي محمد خان ۽ علي محمد خان به پنهنجي وقت جا هردلعزيز شهزادا ٿي گذريا آهن. انهن سيني جو اولاد روهڙي تعلقي جي شهر

---

[1] مزار تي ڪتبو.
[2] ايضًا

ڪنڊرا جي پرسان ٽنڊي علي آباد ۾ رهي ٿو. مير نصير خان پنهنجي پويان ٽي پٽ ڇڏيا هئا: مير علي مدد خان، علي حسين خان ۽ مريد احمد خان.

13. **مير علي مدد خان:**

هي مير نصير خان جو وڏو پٽ هو ۽ پيءُ جي وفات بعد پنهنجي برادريءَ جي پڳ ٻڌائين. برطانيه جي گورنمينٽ به سندس هز هائينس جو خطاب بحال رکيو. هيءُ به هڪ وڏو برجستو حاڪم ٿي گذريو آهي. خيرپور جي مير غلام حسين خان ولد مير خان محمد وٽان شادي ڪئي هئائين ۽ لقمان جي پرسان آٽيريءَ واري بنگلي ۾ رهندو هو. ڪيس ڪوبه نرينه اولاد ڪونه هيو. مير علي نواز خان جي دور حڪومت ۾ وفات ڪري ويو.

14. **مير جان محمد خان:**

هي مير علي مراد خان جو ٽيون نمبر پٽ هو ۽ پنهنجي والده سميت خيرپور ۾ رهندو هو. مير علي مراد خان کي سيني کان پيارو هو. گهڻو ڪري ڪيس شڪار ۾ پاڻ سان گڏ رکندو هو. هو شڪل شباهت ۾ سيني شهزادن کان سهڻو هوندو هو ۽ پڙهيل تمام ٿورو هو ۽ فارسيءَ ۾ گهڻ مهارت رکندو هو[1].

ديني معاملات ۽ ماتم داري ۾ تمام گهڻو حصو وٺندو هو. خيرپور ۾ ماتم جي مجلسن ۽ جلسن وغيره جو انتظام سيني ميرن کان وڏيڪ پيماني تي ڪندو.هو. هو پنهنجي پنيان هڪ فرزند غلام حسين خان نالي ڇڏي، تاريخ 21 ربيع الثاني 1306 هجري ۾ وفات ڪري ويو.

15. **مير خان محمد خان:**

هي مير علي مراد خان جو چوٿو نمبر فرزند ۽ مير جان محمد جو سڳو ڀاءُ هو. شڪل شباهت جو سهڻو ۽ بت ۾ پريل هوندو هو. هن به پنهنجي وڏي ڀاءُ مير جان محمد وانگر تعليم تي گهڻو توجهه ڪونه ڏنو. مير علي مراد خان جو مٿس تمام گهڻو پيار هوندو هو. ڪيس ڪوبه اولاد ڪونه ٿيو ۽ ڀوهه جواني ۾ 16 جمادي الثاني 1305 هجري ۾ وفات ڪري ويو[2].

سندس مزار مير سهراب خان جي مزار پرسان ساڄي طرف کان آهي.

16. **مير غلام مهدي خان:**

هي مير علي مراد خان جو ننڍي ۾ ننڍو ۽ پياري ۾ پيارو پٽ هوندو هو. شڪل

---

[1] Langley: op.cit. vol. P, 248

[2] مزار جو ڪتبو.

شباهت ۾ تمام سهڻو ۽ سيني سان رلٹو ملٹو نوجوان هوندو هو. کيس ڪتن ۽ بازن ڏارڻ جو وڏو شوق هوندو هو ۽ شڪار تي تمام گهڻي دلچسپي رکندو هو. طبيعت جو ابهرو هوندو هو تنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن ناروا حرڪتون به ڪري ويهندو هو ۽ مير علي مراد خان کي بلوچ سردارن اڳيان شرمسار ٿيڻو پوندو هو. هڪ دفعي بيمار ٿي پيو. کيس پهريائين درازن جي درگاهه تي کڻي ويا ۽ اتان راڻيپور ۾ آنداڻونس ته دم ڏنائين. سندس وفات جي تاريخ 14 ربيع الثاني 1308 هجري آهي.

17. مير محمد مراد خان:

هي مير شاهنواز خان جو اڪيلو فرزند هو. سندس ولادت 1849ع ۾ ٿي هئي. سنڌي ۽ فارسي علمن ۾ تحصيل ڪئي هئائين. سندس محفل ۾ عالم ۽ فاضل رهندا هئا. جن جي وڏي قدر داني ڪندو هو. علمي ادبي محفلن ۾ گهڻي دلچسپي وٺندو هو. شڪار جو به بيحد شوقين هو. هو سيني صاحبزادن ۾ آزاد خيال، علم دوست ۽ خليق هوندو هو[1].

مير فيض محمد خان توڙي مير امام بخش خان ۽ ٻيا سمورا مير کيس قدر جي نگاهه سان ڏسندا هئا. سندس شخصيت ۾ وڏي جاذبيت هوندي هئي. پنهنجي پٺيان هڪ فرزند مير شاهنواز خان ثاني عرف علي ڏلو ڇڏي 22 شعبان 1337 هجري مطابق 23 مئي 1919ع تي وفات ڪري ويو[2].

18. مير احمد علي خان:

هي مير فيض محمد خان جو وڏو پٽ هو. هيءُ به تعليم ۽ مذهبي ڪمن ۾ وڏي دلچسپي رکندو هو. سندس هٿ جا لکيل بياض سندس ادبي ذوق جي ساک پرين ٿا. هو هڪ برجستو ۽ همت ڀريو امير ٿي گذريو آهي. پنهنجي والد بزرگوار جي زندگيءَ ۾ مير غلام حسن خان ۽ مير غلام حسين خان نالي ٻه پٽ ڇڏي 16 جمادي الثاني 1325 هجري مطابق 28 جولائي 1908ع ۾ وفات ڪري ويو[3].

19. مير علي محمد خان:

هي خيرپور جي حاڪم مير امام بخش خان جو فرزند ۽ مير علي نواز خان جو ڀاءُ هو. گهر ۾ عربي ۽ فارسي جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ لاهور جي ايچيسن ڪاليج مان انگريزي تعليم ورتائين.

---

[1] بشارت علي زيدي، "تاريخ دارا ـ سرور خيرپور" ميراعظم، براد آباد، 1915ع ص 158

[2] بياض قاضي غلام قادر، ساڪن تالپر وڏا.

[3] بياض قاضي غلام قادر، ساڪن ڳوٺ تالپر وڏا.

Administration Report of Khairpur State for 1907.

مير صاحب نهايت وجيهہ، خوبصورت ۽ تندرست ماڻهو هو. سڀ سان خنده پيشاني ۽ بي تڪلفي سان هلندو هو. سنڌي، فارسي ۽ انگريزي زبان ۾ چڱي مهارت رکندو هو. وڏي شان ۽ شوڪت سان رهندو هو. وڏو مهمان نواز ۽ سخي ٿي گذريو آهي. خير خيراتون ۽ نذر نياز سندس زندگي جو معمول ٿي چڪو هو. گهوڙي سواريءَ سان چاهہ رکندو هو ۽ سندس اصطبل ۾ اعليٰ قسم جا گهوڙا موجود رهندا هئا. شڪار جو بہ ڪافي شوقين هو. پراڻين بلوچي رسمن تي پوريءَ طرح پابند رهندو هو. ڪوٽڏيجيءَ جي پرسان بنگلي جي شهر ۾ رهندو هو جتي هاڻي بہ سندس اولاد رهي ٿو. مير محمد علي خان ۽ مير انور حسين خان نالي بہ پٽ ڇڏي 1925ع ۾ وفات ڪيائين. سندس عزيزن لاش ڪربلا معليٰ ڏانهن ڏياري موڪليو ويو[1].

## 20. مير غلام حسين خان:

هي مير جان محمد جو اڪيلو فرزند هو. پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ خيرپور جي پنهنجن وڏن جون روايتون قائم رکندو آيو. هن جي ڪوشش سان خيرپور جي شهر ۾ ماتم داريءَ ۾ اڳ کان وڌيڪ اضافو آيو. ڪيس ادبي ۽ مذهبي ڪتابن جي مطالعي سان گڏ شڪار جو شوق بہ ڏاڍو هوندو هو. غلام مصطفيٰ شاهہ شاهاڻي (ڪهري) جي فرزند درمحمد سان دوستي هوندي هيس. هو غلام رضا خان ۽ الله داد خان نالي بہ پٽ ڇڏي، 7 جمادي الاول 1318 هجري ۾ وفات ڪري ويو[2].

## 21. مير غلام رضا خان:

هي مير علي مراد خان جي پوٽي مير غلام حسين خان جو فرزند هو. وڏو علم دوست ۽ ڪچهريءَ جو ڪوڏيو امير هو. جيڪو هڪ دفعو ساڻس ملندو هو تنهن کي هميشہ لاءِ پنهنجو ڪري ڇڏيندو هو. پنهنجن وڏن وانگر شڪار سان چڱو چاهہ رکندو هو ۽ پنهنجي پنيان مير خان محمد خان، مير علي مردان خان ۽ مير مريد حيدر خان نالي ٽي فرزند ڇڏي، سن 1925ع ۾ وفات ڪري ويو[3].

## 22. مير الله داد خان:

هي بہ مير غلام حسين خان جو فرزند هو. پير خواه مير ۽ وزير ڪيس قدر جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. طبيعت جو تمام سنجيدو ۽ بردبار هوندو هو. پنهنجي ڀاءُ مير غلام رضا خان وانگر عالمن ۽ فاضلن جي عزت ڪندو هو. ڪيس ڪوبہ اولاد نرينہ

---

[1] بشارت حسين زيدي، "تاريخ دارا سرور خيرپور" حوالو ڏنل آهي صفحو 58.

[2] بياض قاضي غلام قادر ساڪن ٽالپر وڏا.

[3] زباني روايت مير مريد حيدر خان ٽالپر، ساڪن خيرپور ميرس.

ڪونہ هو. ڪربلا معليٰ جي زيارت تان واپس ايندي پاڻي جي جهاز ۾ وفات ڪيائين ۽ کيس خيرپور آندو ويو. سندس وفات جو سال 1921ع آهي[1].

### 23. مير غلام علي خان:

هي مير امام بخش خان جو ٽيون نمبر پٽ هو ۽ علي نواز خان جو ننڍو ڀاءُ هو. پهرين مهاڀاري لڙائي ۾ انگريزن طرفان فوج ۾ شامل ٿيو ۽ کيس ميجر جو عهدو ڏنو ويو. هن کي مير ميجر بہ سڏيندا هئا. هن پنهنجي ڀائٽي مير فيض محمد خان ثانيءَ جي وليعهديءَ تي اعتراض ورتو هو مگر مير علي نواز خان جي ڪوشش سان سندس پٽ جي وليعهدي بحال ڪئي وئي. مير علي نواز خان جي وفات کان پوءِ بہ مير ميجر صاحب انهيءَ وليعهديءَ جي خلاف انگريزن وٽ پڪاريندو رهيو. مگر سندس سموريون ڪوششون رائيگان ويون. آخرڪار هو بنا اولاد جي وفات ڪري ويو[2].

### 24. مير حاجي غلام حسين خان:

هي مير علي نواز خان مرحوم جو سڳو سؤٽ ۽ مير احمد علي خان جو فرزند هو. تمام پيرسن هجڻ جي باوجود نماز ۽ روزي جو پابند ۽ پرهيزگار شخص هو. هي هڪ وڏو هردلعزيز دوانديش ۽ پراڻين روايتن کي قائم رکڻ وارو امير آهي. کيس تاريخ جي علم تي وڏي دسترس هئي. سندس فرزند مير عطا حسين خان سنڌ جي وزيرن مان هڪ آهي. مير صاحب پاڻ بہ ريجنسي بورڊ جو سينئر ميمبر رهي چڪو هو[3].

### 25. مير محمد علي خان:

هي مير علي محمد خان جو وڏو فرزند هو. کيس مير وَڏن بہ سڏيندا هئا. هو روزي ۽ نماز جو پابند ۽ پرهيزگار شخص ٿي گذريو آهي. مير علي مراد خان ثاني جي رياست کان ٻاهر هجڻ وقت ريجنسي بورڊ جي پنجن ميمبرن مان هڪ ميمبر مير محمد علي خان بہ هو[4].

### 26. مير نذر حسين خان:

هي مير علي محمد خان جو ننڍو فرزند هو. هڪ لاأبالي طبيعت وارو شهزادو هو ڪجهہ وقت خيرپور ۾ فاريسٽ آفيسر ٿي رهيو. هن وقت سندس فرزند مير امام بخش خان ميرن ۾ هڪ هردلعزيز شخصيت آهي.

---

[1] ايضاً

[2] زباني احوال: وڏيرو احمد بخش خان سابق توشڪي مير علي نواز خان.

[3] عيني مشاهدو.

[4] زباني احوال مير امام بخش خان، ساڪن بنگلو.

## 27. مير علي ڏنو خان:

مير علي مراد خان اول جي وڏي فرزند مير شاهنواز خان جو پوٽو ۽ مير محمد مراد خان جو اڪيلو پٽ مير علي ڏنو خان خيرپور رياست جي هڪ عظيم شخصيت آهي. هو هڪ وڏو مهمان نواز ۽ سخي مرد آهي. سندس اوطاق غريب غربي ۽ مسافرن لاءِ هميشہ کليل هوندي آهي. مير صاحب ميلن ملاکڙن جو بہ شوقين آهي. راڄوٽن فيصلن ۾ بہ مير صاحب جي انصاف جو نالو ملڪن ۾ مشهور آهي[1]. سندس خانداني نالو مير شاهنواز خان آهي.

## وزير:

خيرپور ۾ منڍ کان وٺي پڇاڙيءَ تائين هيٺيان وزير ٿي رهيا آهن:

### 1. شير محمد خان:

هي ذات جو ٻگهيو هو ۽ مير سهراب خان جو سڀ کان پهريون وزير هو[2]. هو هڪ وڏو مدبر شخص ٿي گذريو آهي. سندس ايام ڪاري ۾ خيرپور جا افغانستان سان تمام سهڻا تعلقات هئا[3].

شير محمد خان شاهہ شجاع الملڪ جي وقائع نگار مرزا عطا محمد جو مامو هو ۽ خيرپور جي اميرن وٽ سندس وڏو مرتبو هوندو هو. ميرن جي طرفان افغانن جي درٻار ۾ سفير ٿي ويندو هو. جڏهن افغانستان جي تخت تي شاهہ محمد وينو ۽ فتح خان وزير ٿيو، تڏهن بہ خيرپور جي ميرن طرفان شير محمد خان ڪابل ڏانهن سفير ٿي ويو هو[4].

### 2. فتح محمد غوري:

هي هڪ اسڪول ماستر جو پٽ هو ۽ اُچ جي سادات جو مريد هو. ديني ۽ دنيوي علمن ۾ تحصيل ڪري بهاولپور جي نواب بهاول خان وٽ وزيراعظم جي عهدي تي فائز ٿيو. بهاول خان جي وفات بعد سندس پٽ جي حڪومت ۾ بہ وزيراعظم رهيو. هڪ دفعي نواب صاحب تي سندس هڪ امير سنجر خان اوچتو حملو ڪري پڄي ويو. نواب صاحب کي غلط فهمي پيدا ٿي پئي تہ انهيءَ حملي ۾ فتح محمد خان جي بہ سازش هئي. نواب صاحب کي غصي ۾ ڏسي فتح محمد خان

---

[1] عيني مشاهدو

[2] دوست محمد خان مير "سر گذشت تالپران" ۾ حوالو ڏنل آهي.

[3] ايضاً.

[4] عطا محمد منشي، مرزا: "تاريخ تازه نوائي معارڪ" حوالو ڏنل آهي، ص 6.

بهاولپور ڇڏي ملتان جي نواب مظفر خان وٽ اچي رهيو. جڏهن نواب مظفر خان رنجيت سنگهه سان مقابلو ڪندي مارجي ويو. تڏهن سک حڪومت طرفان فتح محمد خان کي نوڪري جي آڇ ڪئي وئي، جيڪا هن قبول نـ ڪئي ۽ ديري غازي خان جي رستي سنڌ ۾ هليو آيو جتي مير سهراب خان ۽ مير رستم خان سندس آڌرڀاءُ ڪري، کيس پنهنجو وزيراعظم مقرر ڪيو. مير رستم خان جو ساڻس ڏاڍو پيار هوندو هو[1].

سيد احمد بريلويءَ جي نامہ نگار مولانا نصير الدين جي قول موجب فتح محمد خان غوري اسلامي غيرت جي کاڻ ۽ ايماني غيرت جو خزانو هو. هو رياست خيرپور جي ساري ڪاروبار جو مختيار هوندو هو ۽ فوج جي چڙهائي بہ سندس ئي حڪم سان ٿيندي هئي[2].

جڏهن مير رستم خان انگريزن جي خوف کان ٿر ڏانهن ڀڳو هو تڏهن فتح محمد غوريءَ کي مير علي مراد خان جي وزير شيخ علي حسين گرفتار ڪيو هو ۽ هو ٻارهن مهينا قيد ۾ هو. نيٺ بهاولپور جو نواب، انگريزن جي معرفت ڇهه هزار رپيا ڀري هن کي آزاد ڪرائي، پاڻ وٽ وٺي ويو. هن کي وزيراعظم جي عهدي جي آڇ ڪيائين، جيڪا هن پيرسني سبب قبول نہ ڪئي. بهاولپور جي نواب جڏهن 1848ع ۾ سک راجا مولراج جي سالي رنگرام سان لڙڻ لاءِ لشڪر موڪليو هو تہ ان وقت بہ لشڪر جو سپهہ سالار فتح محمد خان غوري هو. هن پنهنجا آخري ڏينهن بهاولپور جي نواب کان مليل جاگير تي گذاريا.

### 3. شيخ علي حسين:

شيخ علي حسين ولد امام بخش هندستان جي شهر انيٺا، ضلعي سهارنپور جو وينل ۽ پڙهيل نوجوان هو. روزگار جي سانگي آواره گردي ڪندو بهاولپور ۾ آيو جتي سندس ملاقات حافظ حڪومت خان سان ٿي، جيڪو هن کي رياست خيرپور ۾ وٺي آيو. هو حڪومت خان جي جاگير 'پيالي' ۾ رهندو هو. هن هڪ دفعي راڻيپور جي پير سيد غلام محي الدين شاهہ کي مير صاحب ڏانهن هڪ درخواست لکي ڏني. مير صاحب درخواست جي مضمون کان متاثر ٿي لکندڙ جي گهر ڪئي، جنهن تي شيخ علي حسين کي مير صاحب وٽ پيش ڪيو ويو. مير صاحب مٿس راضي ٿيو ۽ پاڻ وٽ نوڪر ڪري رکيائينس. هو اتي ترقي ڪندو وزارت جي عهدي تي وڃي پهتو[3].

---

[1] ممتاز حسين پٺاڻ، ڊاڪٽر: "ڪئپٽن ايسٽوڪ جي ڪتاب جو ترجمو" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد،1973ع ص 317 کان 319.

[2] غلام رسول مهر: "سرگذشت مجاهدين" ڪتاب منزل لاهور، 1956ع ص 165.

[3] امير علي شاهہ سيد "رياست خيرپور جي تاريخ" حوالو ڏنل آهي، ص، 84 ۽ 185.

هن جي چارلس نيپئر جي منشي علي اڪبر سان ڏاڍي دوستي هوندي هئي، ۽ هن جي ئي معرفت مير علي مراد خان انگريزن وٽ سرخرو ٿيو. هو علي مراد خان سان يائرن جي برخلاف سمورين سازشن ۾ شريڪ هوندو هو. پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ مير علي مراد خان ڪنهن ڳالهه تان ناراض ٿي، هن کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو پر وري بہ نيپئر جي سفارش سان سندس نوڪري بحال ڪئي وئي.

ٻئي دفعي مير علي مراد خان هن سان اڳوڻو برتاءُ نہ رکيو. هو بہ انگريزن جو دادلو هو، تنهن ڪري وڏيڪ آڪڙ ڪرڻ لڳو. نيٺ علي مراد خان هن کي موقوف ڪري ڇڏيو.

آخرڪار منشي علي اڪبر ۽ ڪجهہ ٻين ماڻهن سان گڏجي مير علي مراد خان جي برخلاف سازش ڪيائين، جنهن جي نتيجي ۾ انگريزن مير صاحب تي ڪميشن ويهاري، هن ڪان ڪافي ملڪ کسي ورتو. شيخ علي حسين پڇاڙي جا ڏينهن بمبئي ۾ سخت تنگيءَ جي حالت ۾ گذاريا. ان هوندي بہ انگريزن جي طرفان هن کي ماهوار ٻہ سؤ رپيا پينشن ملندي هئي[1].

### 4. قادر داد خان:

هي پناڻن جي مشهور ڪاڪڙ قبيلي مان هو. سندس وڏا واپار جو ڌنڌو ڪندا هئا. هو اجا ننڍڙو هو جو سندس والد چورن هٿان مارجي ويو. هن کي سندس ماءُ ۽ مامي رحمت الله خان ڪافي پڙهايو پر جڏهن ڪجهہ وڏو ٿيو تڏهن کيس روزگار لاءِ هٿ پير هڻڻا پيا. ۽ هو ائن روپين ماهوار پگهار سان دفتري ٿيو. جتان محنت ڪري منشي، هيڊ منشي ۽ مختيارڪار جون منزلون طئي ڪندو وڃي ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. 1894ع ۾ انگريزن جي سرپرستي سان خيرپور جو پهريون وزير مقرر ٿيو. هن رياست جو پراڻو نظام بدلائي نوان سڌارا عمل ۾ آندا ۽ ڪاميابي حاصل ڪيائين. حاڪم توڙي رعايا سيني جو پيارو هو. تاريخ 31 مئي، 1903ع تي وفات ڪيائين.

هو هڪ وڏو سخي ۽ فياض ماڻهو ٿي گذريو آهي. هميشہ بيواهہ عورتن ۽ يتيم ٻارن جي مدد ڪندو هو. غريبن لاءِ پنهنجي پگهار مان ماهوار وظيفا مقرر ڪري ڇڏيا هئائين[2].

### 5. سردار محمد يعقوب خان:

هي محمد اسماعيل خان جو پٽ هو. سندس وڏا بني اسرائيل مان هئا ۽ حيدرآباد دکن ۾ رهندا هئا. محمد اسماعيل انگريزن جي بلوچ ريجيمينٽ ۾

---

[1] قليچ بيگ، "رياست خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 96.

[2] قليچ بيگ، مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ" حوالو ڏنل آهي، ص 181 کان 184.

صوبيدار ميجر هو جيڪو 1856ع ۾ مسلمان ٿيو. عمر جو آخري حصو ڪراچيءَ ۾ گذاريائين. ڪيس محمد يعقوب، محمد دائود، محمد يوسف ۽ محمد ابراهيم نالي چار پٽ هئا. چارئي پڙهي پختا ٿيا ۽ سرڪاري عهدن تي اچي ترقي ڪيائون. محمد يعقوب 1858ع ۾ ڄائو 1875ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري منشي ٿيو. ايمانداري ۽ محنت سان ترقي ڪري ڊپٽي ڪليڪٽر بڻيو. آخرڪار 1903ع ۾ رياست خيرپور جو وزير ٿيو. ڪيس تعميراتي ڪمن ۽ تعليمي سڌارن سان وڏي دلچسپي هوندي هئي. قادر داد خان جا رهيل ڪم پورا ڪري، ڪافي نوان سڌارا ڪيائين. هو پنهنجي وقت جو وڏو مدبر ۽ هردلعزيز ڪامورو ٿي گذريو آهي. تاريخ 24 جنوري، 1907ع تي وفات ڪيائين. سندس مزار حيدرآباد ۾ آهي[1].

6. شيخ صادق علي:

هن جي والد جو نالو شيخ شير علي هو. هو سهارنپور جي انصاري خاندان مان هو. سندس والد انگريز سرڪار جي نوڪري ۾ دفتردار هو ۽ سندس چاچو شيخ جعفر علي مير علي مراد خان جي وزيرن ۾ شامل هو. سندس خاندان وارا شڪارپور ۾ رهندا هئا. صادق علي خان تاريخ 17 آڪٽوبر، 1873ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري انگريزن جي حڪومت ۾ منشي ٿيو جتان ترقي ڪري وڃي ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. تاريخ 11 مئي 1907ع تي رياست خيرپور جو وزير ٿيو. هو هڪ وڏو مدبر، ننگ پرور، خدا پرست ۽ فياض ڪامورو ٿي گذريو آهي. رياست ۾ ڪافي سڌارا ڪيائين. تاريخ 19 اپريل، 1912ع تي وفات ڪري ويو[2].

7. محمد ابراهيم خان:

خان صاحب محمد ابراهيم خان، سردار محمد يعقوب خان جو پاٽ هو. تاريخ 4 نومبر، 1874ع تي ڄائو. مئٽرڪ پاس ڪري سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو. وڏو محنتي، جفاڪش، ۽ آزمودگار ڪامورو هوندو هو. مختلف عهدن تي رهي، 1906ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. تاريخ 22 مئي، 1912ع تي رياست خيرپور جو وزير مقرر ٿيو. رياست ۾ تمام گهڻا سڌارا ڪيائين. ديني ڪمن ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺندو هو. 1920ع ۾ مير امام بخش خان سان ناسازي سبب استعيفا ڏيئي هليو ويو[3].

8. شيخ محمد قادر:

هي هندستان جي سورت شهر جو وينل هو. تاريخ 12 جون، 1876ع تي ڄائو

---

[1] قليچ بيگ، مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 184 کان 186.
[2] قليچ بيگ، مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 187 کان 189.
[3] قليچ بيگ مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 192 کان 194.

وڪالت جو امتحان پاس ڪري 1901ع ۾ سرڪاري نوڪري ۾ آيو. منشي، مير منشي، ٽرانسليٽر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جي مختلف عهدن تي سنڌ ۾ رهيو. آخرڪار تاريخ 15 جولاءِ 1920ع تي رياست خيرپور جو وزير ٿيو[1].

هو هڪ وڏو مهمان نواز مسلماني جذبي سان پرپور ۽ سخي ڪامورو ٿي گذريو آهي، رياست ۾ ڪافي سٺا ڪم ڪيائين[2].

1925ع ۾ ميرعلي نواز خان، مٿس ناراض ٿيو. تنهن ڪري استعيفا ڏيئي هندستان هليو ويو ۽ رتناگري ضلعي جو ڪليڪٽر ٿي رهيو.

### 9. شيخ محمد يعقوب:

هي فاروقي خاندان مان هو ۽ هندستان جي شهر احمد نگر جو ويٺل هو. سنڌ ۾ مختلف جڳهن تي ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رهيو ۽ شيخ محمد قادر جي استعيفا ڏيڻ بعد رياست خيرپور جو وزير ٿيو. هو هڪ برجستو ڪامورو ۽ هوشيار ماڻهو هو. رياست ۾ ڇهه مهينا ڪن رهيو پر علي نواز خان جي نااتفاقي سبب استعيفا ڏيئي هليو ويو[3].

### 10. ٽانٽن:

مسٽر آءِ ايچ ٽانٽن رياست خيرپور جو پهريون انگريز وزير هو. جڏهن مير علي نواز خان وٽ ڪائونسل بہ ڪامياب نہ ٿي سگهي، تڏهن وري وزير جي گهر ڪيائين. 1930ع ۾ انگريزن ٽانٽن صاحب کي وزير ڪري موڪليو. هو سنڌي زبان بہ ڄاڻندو هو. اچڻ سان مير صاحب کي پنهنجو ڪري ويو ۽ بہ سال کن رياست ۾ رهي، ڪجهہ سڌارا ڪيائين. ٻن سالن ڪان پوءِ مير صاحب جي نااتفاقي سبب 1932ع ۾ استعيفا ڏيئي هليو ويو[4].

### 11. سليبڊن:

ٽانٽن جي وڃڻ ڪان پوءِ ٻيو انگريز جي ايم سليبڊن صاحب رياست جو وزير ٿي آيو جيڪو 1937ع تائين ڪاميابيءَ سان رهيو. هن رياست ۾ ڪافي سڌارا آندا، ۽ گهڻي غير آباد زمين کي آباد ڪرايو. هن جي ڏينهن ۾ پنجاب ڪان ڪافي ماڻهو اچي ويٺا. هي بہ 1937ع ۾ هليو ويو[5].

---

(1) علي محمد راشدي پير: "اهي ڏينهن اهي شينهن"، حوالو ڏنل آهي، ص51.
(2) ايضا
(3) قليچ بيگ مرزا، "رياست خيرپور جي تاريخ" حوالو ڏنل آهي، ص 192 ڪان 194.
(4) امير علي شاهہ سيد: "رياست خيرپور جي تاريخ" حوالو ڏنل آهي، ص 125.
(5) ايضا

**12. سيد اعجاز علي:**

مسٽر سليڊن جي وڃڻ کان پوءِ وري مسلمان وزير سيد اعجاز علي آيو. هو هندستان جي ضلعي ٻرت پور جو باشندو هو. سندس ولادت سادات جي گهراڻي ۾ سن 1881ع ۾ ٿي. عليگڙهه يونيورسٽي مان گريجوئيٽ ٿي سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيو ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. هندستان جي مختلف شهرن ۾ انتظاميه جي مختلف عهدن تي رهي، جولاءِ 1936ع ۾ رٽائر ڪيائين. 1937ع ۾ ميرن جي استدعا تي کيس خيرپور جو وزير بنايو ويو. هو خيرپور ۾ پورا ڏهه سال وزير رهيو ۽ ڏاڍي دٻدٻي سان حڪومت ڪيائين. رياست جيڪا اڳ قرض ۾ پوريل هئي، تنهن کي قرض کان آجو ڪري ڪافي فنڊ ڪٺو ڪيائين. هن جي ڏينهن ۾ رياست تمام گهڻي ترقي ڪئي. آخرڪار 1947ع ۾ هن جي خلاف ميرن ۽ سندن ماڻهن جي تحريڪ شروع ٿي ۽ هو هليو ويو[1].

**13. مرزا ممتاز حسن قزلباش:**

هو 1897ع ۾ آگري ۾ پيدا ٿيو. علي ڳڙهه ڪاليج ۽ الله آباد يونيورسٽي مان گريجوئيٽ ٿي سرڪاري نوڪري ۾ آيو. مختلف جڳهن تي انتظاميه جا عهدا ماڻيائين. هو ميرن جي استدعا تي خيرپور آيو ۽ وزير ٿي رهيو. هن جي ڏينهن ۾ ئي خيرپور ۾ آئين ساز اسيمبلي قائم ٿي، جنهن ۾ بنا مقابلي چونڊجي آيو ۽ وزير اعظم ٿي رهيو. هن جي ايامڪاريءَ ۾ رياست اڳي کان به وڌيڪ ترقي ڪئي. هتي ڪافي ڪارخانا نهيا ۽ ٻيا سڌارا ٿيا، مگر 1955ع ۾ رياست کي ختم ڪيو ويو ۽ قزلباش صاحب ويسٽ پاڪستان ۾ وزير ٿيو. سن 1970ع ۾ حج تي ويو ۽ مديني ۾ وفات ڪيائين[2].

## (ت) ديوان

**1. ديوان ٻگوانداس:**

خيرپور جي ديوانن جو وڏو ديوان ٻگوانداس ملتان جو ويٺل هو ۽ ڪڪريجا خاندان جي نواب سورج مل جي پيڙهيءَ مان هو. هو ملتان مان سنڌ ۾ اچي مير سهراب خان وٽ مير منشي ٿيو. مير صاحب جا سمورا مراسلا پاڻ لکندو هو. کيس مير صاحب وٽ وڏي عزت هوندي هئي[3].

---

[1] نسيم امروهوي: "رياست خيرپور جي تاريخ" حوالو ڏنل آهي، ص 159.

[2] راقم الحروف جو ذاتي مشاهدو.

[3] قليچ بيگ، مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 178.

**2. ديوان لال داس:**

منشي ڀڳوانداس جو ڀاءُ ديوان لال داس پنهنجي وقت جو وڏو حڪيم ۽ طبيب هوندو هو. وڏي شان ۽ شوڪت سان رهندو هو. هميشہ پالڪيءَ ۾ چڙهندو هو ۽ ماڻهو کيس لال داس پالڪيءَ وارو سڏيندا هئا. هو مير سهراب خان جي خاص حڪيمن مان هوندو هو[1].

**3. ديوان ڀڳوان داس جا پٽ:**

منشي ڀڳوان داس جا ٽي پٽ ديوان وشن داس، ديوان ڪشن داس ۽ ديوان ڪانسنگهہ بہ اڳ ۾ مير رستم خان جا ۽ پوءِ مير علي مراد خان جا منشي هوندا هئا. ٽنهي مان منشي ڪشن داس جو اثر وڏيڪ هو. مير علي مراد خان جڏهن پنهنجي وزير شيخ علي حسين تي ناراض ٿيو. تڏهن ان جي جاءِ تي وزارت جي چارج منشي ڪشن داس کي ڏنائين. هو شاعر بہ هو ۽ بيڪس تخلص ڪندو هو. سن 1875ع ڌاري پيرسني سبب گوشہ نشين ٿي ويئو[2].

**4. ديوان ڪانسنگهہ جا پٽ:**

منشي ڪانسنگهہ جا چار پٽ ديوان اتمچند، ديوان سجان سنگهہ، ديوان چندا سنگهہ مفتون، ۽ ديوان مولرام، مير علي مراد خان جا خاص معتمد ۽ وڏي اثر ۽ رسوخ وارا ماڻهو هئا. کين خيرپور جي حڪومت جا چار عناصر سڏيو ويندو هو. مير صاحب جي پٽن کان پوءِ انهن کي وڏا وڏا ۽ جوابداري جهڙا عهدا هئا. بلڪ حڪومت جو سارو ڪارخانو انهن جي حوالي هوندو هو[3].

منشي سجان سنگهہ صلح پسند، ۽ نرم طبع جو ماڻهو هو. منشي اتمچند صاف دل، پرهيزگار ۽ رعب وارو مدبر هو. فارسيءَ سان گڏ قرآن ۽ حديث جي علمن مان بہ واقف هو. هو هڪ سنو شاعر بہ هو ۽ صبا تخلص ڪندو هو. کيس "بلبل بوستان خيرپور" سڏيو ويندو هو[4].

منشي چندا سنگهہ انگريزي دان، تيز فهم، انشاء پرداز، قاعدي دان ۽ حاضر جواب شاعر هو. سندس تخلص مفتون هوندو هو[5].

---

(1) قليچ بيگ، مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ" حوالو ڏنل آهي، ص 178

(2) قليچ بيگ، مرزا: " رياست خير پور جي تاريخ" حوالو ڏنل آهي، ص 172

(3) ايضاً: ص 177

(4) ايضاً :

(5) قليچ بيگ، مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 177.

منشي وشن داس جو پٽ ديوان منگھارام مير علي مراد خان جي خاص ديري عالي سرڪار جو ساري عمر مختيارڪار ٿي رهيو آهي [1].

## (ر) ٻيا ديوان:

متي ذڪر ڪيل ديوانن کان سواءِ سندن عزيزن مان ديوان پرتابراءِ ۽ ديوان لکميچند به مير رستم خان جي وقت ۾ وڏي اقتدار وارا وڪيل ۽ سفير هوندا هئا [2].

مير سهراب خاب جي خزاني جو عملدار ديوان دنيچند هوندو هو جيڪو حساب ڪتاب جي ڪم ۾ تمام هوشيار هوندو هو ۽ سيني ڪامورن کان سرڪاري خرچ پکي جو حساب وٺندو هو [3].

ديوان واڌو مل مير سهراب خان جو مختيارڪار هوندو هو جنهن کي کهڙن جي مخدومن زوري مسلمان ڪيو هو [4].

مير علي مراد خان جي خزاني جو عملدار ديوان پرتابراءِ هو جيڪو ڪامورن جي حساب ڪتاب جي چڪاس به ڪندو هو ۽ مير صاحب جي سموري خرچ پکي جو بندبست به رکندو هو [5].

شڪارپور جو ديوان هوت سنگھ مير علي مراد خان جو مختيارڪار هوندو هو جيڪو مدارالمهام مير خان محمد خان کان سواءِ ڪنهن جي ڪاڻ نه ڪڍندو هو ۽ ننڍا وڏا ڪامورا هن کان ڪَنُ هڻندا هئا [6].

ديوان هوت سنگھ کان پوءِ سندس پٽ ديوان ڪنڙ سنگھ مير علي مراد خان وٽ نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو جيڪو ترقي ڪري مختيارڪاريءَ جي عهدي تي وڃي پهتو. مير فيض محمد خان جي ڏينهن ۾ هو ڪئمپ شاهي جو نائب وزير هوندو هو [7].

---

(1) قليچ بيگ، مرزا: "رياست خيرپور جي تاريخ" حوالو ڏنل آهي. ص 177.

(2) دوست محمد، مير: "سر گذشت ٽالپران" حوالو ڏنل آهي.

(3) محمد عثمان، خشڪ: "مضمون ملامخزن"، حيدرآباد، جنوري 1933ع ص 17.

(4) الله بخش مخدوم، عاصي: "تذڪره مخاديم کهڙا". حوالو ڏنل آهي.

(5) دوست محمد، مير : "سر گذشت ٽالپران" حوالو ڏنل آهي.

(6) قليچ بيگ، مرزا: "رياست خير پور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي. ص 126.

(7) پراڻو رڪارڊ آفيس ڊپٽي ڪمشنر خيرپور.

# فوجي سردار ۽ سرائي

## مرين جو خاندان:

مري بلوچ اصل ۾ رند آهي. مري جو لقب کين رندن جي سردار مير چاڪر خان ان وقت ڏنو هو جڏهن هو مغل شهنشاهه همايون جي مدد لاءِ وڃي رهيو هو. مرين جي مورث اعليٰ بجار خان مير چاڪر خان سان گڏجي وڃڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ هن کيس 'مري' يعني ضدي سڏيو هو. ان وقت کان وٺي بجار خان ۽ سندس راڄ مري سڏجڻ ۾ آيا[1].

مرين کي ميرن جي حڪومت ۾ وڏي اهميت هوندي هئي. هو نہ فقط فوجي سردار پر ميرن جا رشتيدار بہ هوندا هئا. سندن وڏو ڏاڏو حاجي خان ولد نبي داد خان ڪاهان مان لڏي سنڌ ۾ آيو هو. هو ٽالپرن جي مورث اعليٰ مير سليمان خان عرف ڪڪو خان جو سهرو هو. کيس هيٺين نالن سان نو پٽ هئا: مستي خان، جعفر خان، ابراهيم خان، حيدر خان، شادي خان، شهداد خان، دولت خان ۽ شڪل خان. انهن جو اولاد حاجي زئي جي نالي سان مشهور آهي[2].

### 1. مير حاجي خان:

مير حاجي خان سنڌ ۾ پنهنجي برادري جا پيا پاڙا بہ وٺي آيو هو جن مان گهٽي پوٽا، ڏاهياڻي، بداڻي، هيسباڻي، بنگل زئي، ڪنگراڻي، شيراني ۽ لهراڻي مشهور آهن[3].

حاجي زئي مرين مان ڪيترائي بهادر ٿي گذريا آهن جن هالاڻي، ڪرڙي مياڻي ۽

---

[1] محمد عثمان حسن، برگيڊيئر: "بلوچستان"، انڊس پبليڪيشن، ڪراچي، 1976ع ص 79.

[2] خانداني شجرو دست نوشتہ رئيس رسول بخش خان مري، مملوڪ رئيس غلام الله خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.

[3] زباني روايت رئيس دوست محمد خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.

ڏيهيءَ جي جنگين ۾ پنهنجي شجاعت جا جوهر ڏيکاريا هئا. سجاول خان، قائم خان ۽ جلال خان هالاڻي جي جنگ جا سورما هئا. ڪرڙيءَ جي جنگ ۾ محبت خان، گل حسن خان ۽ جهان ٽان وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا هئا. مياڻي ۽ ڏيهيءَ جي جنگين ۾ گهنور خان، خير محمد خان ۽ ڪمال خان ڪم آيا هئا. مطلب تہ هي قبيلو سنڌ جي ميرن جو رشتيدار ۽ جانثار هو ۽ هر طرح سندن سڏ تي لبيڪ چوڻ وارو هو[1]. هتي ڪجهہ مري سردارن جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

### 1. اميد علي خان:

هي شڪل خان جو پوٽو ۽ الهداد خان جو فرزند هو. هڪ دفعي پنهنجي پائرن کان ناراض ٿي پنجاب هليو ويو ۽ راجا رنجيت سنگهہ سندس بهادري جي ڪارنامن کان متاثر ٿي چيو تہ "اوهان جي ملڪ ۾ تو جهڙا پهلوان بہ آهن يا نہ؟" اميد علي خان جواب ڏنو تہ "اسان وٽ اهڙا پهلوان آهن، جن مون جهڙي ماڻهو کي چيلهہ سان جتي ٻڌرائي ڇڏي آهي"[2].

### 2. مستي خان ثاني:

هي حاجي خان جي پوٽي بهادر خان جو فرزند هو. پنهنجي پائرن شهہ علي خان، ڏڳاڻي خان ۽ بختيار خان سان گڏجي مير سهراب خان وٽ آيو ۽ ٽنڊو مستي خان نالي ڳوٺ ٻڌي ويٺو. ٽنڊي آدم جو شهر سندس وڏي ڀاءُ قائم خان جي پٽ آدم خان ٻڌرايو هو. آدم خان کي مريد خان ولد جلال خان شهيد ڪيو هو ۽ هن کي پٽ جو اولاد ڪونہ هو. تنهن ڪري آدم خان واري پڳ بہ مستي خان ٻڌي[3]. مير سهراب خان ۽ پيا مير سندس وڏو قدر ڪندا هئا. هو جنگ جي وقت مير صاحب کي وڏو لشڪر مهيا ڪري ڏيندو هو[4]. کيس محبت خان، عطر خان، گل حسن خان ۽ علي محمد خان نالي چار پٽ هئا، جيڪي پنهنجي وقت جا وڏا بهادر ٿي گذريا آهن[5].

### 3. محبت خان:

مستي خان جي وفات کان پوءِ سندس وڏو پٽ محبت خان مري بلوچن جو سردار ٿيو. هو ڪرڙيءَ جي جنگ ۾ وڏي بهادري سان وڙهيو هو. کيس 'روجهي،' 'هزار نار' ۽ نالي ٽي مشهور گهوڙيون هونديون هيون، سندس تلوارن مان 'باور' ۽ 'ڪڙاڪٽ'

---

[1] زباني روايت: رئيس مير محمد خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.

[2] ايضًا:

[3] زباني روايت: رئيس مستي خان ثالث، ساڪن ٽنڊو مستي خان.

[4] زباني روايت: رئيس باقر خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.

[5] ايضًا:

مشهور آهن[1]. نونارين واري مشهور جنگ وقت مير علي مراد خان ونس ميڙ ٿي آيو ته هو سندس طرف کان لڙائي تي هلي، پر محبت خان کيس جواب ڏنو ۽ مير رستم خان جي برخلاف نه ٿيو. آخرڪار گهٽ منتن تي پنهنجي خاندان سميت پنهنجو شهر ڇڏي ٻيراني طرف هليو ويو ۽ ٽالپرن جي لڙائي ۾ پاڻ کي ملوث نه ڪيائين. جنگ ختم ٿيڻ جي، مهيني کان پوءِ ڳوٺ موٽي آيو[2]. هن تاريخ 27 جولاءِ 1956ع تي وفات ڪئي.[3]

### 4. گل حسن خان:

هي محبت خان جو ننڍو ڀاءُ هو. نيڪ خصلتن ۽ اعليٰ ڪردار جو مالڪ هو ۽ بلوچي روايتن قائم رکڻ ۾ وڏي ڪوشش ڪندو هو.مير رستم خان پيار مان کيس پنهنجو پٽ سڏيندو هو-عين جواني جي وقت سندس شادي ٿيڻ واري هئي ۽ سندس ڳانو ٻڌجي چڪو هو، ته ڪرڙي جنگ جو نقارو وڳو ۽ بلوچ سردارن کي جنگ جو سڏ ٿيو. هي مانجهي مرد شادي ڇڏي ٽالپرن سان گڏجي جنگ جي ميدان ۾ آيو ۽ بهادريءَ سان وڙهندي شهيد ٿيو. سندس شهادت کان متاثر ٿي ڪنهن چئي ڏنو ته "گل حسن گل ٿيو جنهن مستي ملهايو". سندس شهادت 1834ع ۾ ٿي[4].

### 5. مير محمد خان اول:

محبت خان جي وفات کان پوءِ سندس وڏو پٽ مير محمد خان اول بلوچن جو پڳدار ٿيو. هو هڪ جرات وارو بلوچ سردار هو. وقت جا حاڪم کيس وڏي عزت سان ڏسندا هئا. انگريزن به سندس جاگيرون بحال رکيون ۽ کيس قدر جي نگاهه سان ڏٺو. وڏو سخي مرد ٿي گذريو آهي. غريب غربي جي سنڀال لهندو هو. ڀاڙي جا زميندار ۽ هاري ناري مٿس عاشق هوندا هئا[5]. هو بنا اولاد جي گذاري ويو. تنهن ڪري پڳ سندس ڀاءُ علي محمد خان تي آئي. هن وقت علي محمد خان جو فرزند مير محمد خان ثاني مري بلوچن جو سردار آهي ۽ سندس عمر هڪ سو ورهين جي قريب آهي، وڏو هردلعزيز ۽ سخن جو سچو ماڻهو آهي. پراڻين روايتن کي قائم رکڻ جي وڏي ڪوشش ڪندو آهي. سندس ننڍو ڀاءُ مستي خان ثالث به هڪ منڙو ماڻهو آهي.

---

(1) زباني روايت: رئيس مير محمد خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.
(2) زباني روايت: رئيس مير محمد خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.
(3) History Of Alinations P 227
(4) ڏسو حوالو پهريون.
(5) زباني روايت: رئيس مير محمد خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.

### 6. مريد خان:

هي بهار خان جي ياءُ جلال خان جو پٽ هو ۽ وڏي شان ۽ شوڪت وارو امير ٿي گذريو آهي. هو مير سهراب خان جو سهرو ۽ مير علي مراد خان جو نانو هو. کيس ميرن وٽ وڏي عزت هوندي هئي. پيا سردار ۽ وزير بہ هن کي عزت سان ڏسندا هئا. کيس نظر علي خان، جلال خان، صوبو خان، ڪرم خان ۽ مهر علي خان نالي پنج پٽ هئا، جيڪي وڏا بهادر ۽ بيباڪ امير ٿي گذريا آهن[1].

### 7. نظر علي خان:

مريد خان کان پوءِ برادري جي پڳ سندس وڏي پٽ نظر علي خان تي آئي. هن ٽنڊي نظر علي خان جو شهر ٻڌرايو. هن کي صوبو خان نالي هڪ پٽ ڄائو جيڪو سندس زندگي ۾ وفات ڪري ويو. تنهن ڪري هن جي مرڻ بعد سندس ڀائٽي گل محمد خان کي پڳ ٻڌرايائون. گل محمد خان جي ٻن پٽن حسين بخش خان ۽ قلندر بخش خان هلڪڙائي ڪري هڪ بلوچ سردار بهاول خان جي بي عزتي ڪري ٽوپي لاهي ورتي، جنهن جي نتيجي ۾ مري بلوچن جي ٽوپين واري جنگ لڳي، جنهن ۾ ڪافي خون خرابو ٿيو. اڃا بہ وڏيڪ فساد پوڻ جو انديشو هو پر مير علي مراد خان وچ ۾ پئي، ڏرين جو صلح ڪرائي ڇڏيو[2].

### 8. نهال خان:

هي حاجي خان وڏي جي پوٽي زنگي خان ولد جعفر خان جو پٽ هو. سندس پاڙو جعفراڻي سڏبو آهي. هو پنهنجي پاڙي جو پريو مڙس ۽ وڏي اثر رسوخ وارو سردار ٿي گذريو آهي. خيرپور تعلقي ۾ ٽنڊو نهال خان ٻڌرايائين[3]. اهو شهر روهڙي ڪئنال نڪرڻ بعد ڦٽي زبون ٿي ويو آهي. هو وفات وقت الله بخش خان ۽ شير خان نالي ٻہ پٽ ڇڏي ويو[4].

### 9. عالم خان:

هيءَ نهال خان جي ننڍي ياءُ جهان خان اول جو فرزند هو[5]. مير سهراب خان ۽ مير رستم خان جي اميرن ۾ وڏي حيثيت وارو ماڻهو هو. کيس فوجي جرنيلن ۾ اهميت هوندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سفارت جا ڪم بہ سرانجام ڏيندو هو.

---

[1] زباني روايت: رئيس ولي محمد خان مري، ساڪن ٽنڊو نظر علي خان.
[2] زباني روايت: زوار عبدالحسين خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.
[3] زباني روايت: زوار عبدالحسين خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.
[4] خانداني شجرو: دست نوشتہ رئيس رسول بخش خان مري.
[5] ايضاً

جڏهن ميرن شڪارپور جو شهر هٿ ڪيو هو تڏهن عالم خان، خيرپوري ميرن طرفان اتان جو ناظم مقرر ٿيو هو. ڪرڙيءَ جي جنگ کان هڪ ڏينهن اڳ شجاع الملڪ جي محالڪار حاجي هدايت الله خان سان جنگ ڪندي شهيد ٿيو[1]. سنڌ جي مشهور شاعر خليفي نبي بخش لغاري ڪرڙيءَ جي شهيدن جي تعريف ڪندي، عالم خان لاءِ چيو آهي تہ "ظاهر بت بشر جو سيني اندر شينهن"[2].

## 10. جهان خان ثاني:

هي عالم خان شهيد جو وڏو پٽ هو ۽ پنهنجي پيءُ کان بہ وڌيڪ بهادر ۽ جري مرد ٿي گذريو آهي. پنهنجي والد جي شهادت کان پوءِ حاجي هدايت الله خان تي لشڪر ڪشي ڪري ان کي قتل ڪيائين[3]. ٻئي ڏينهن تي پنهنجن پنجاهہ سٺ بهادرن سان گڏ ڪرڙي جي جنگ ۾ گهڙي پيو. بلوچن جي رسم موجب جهان خان ۽ سندس ساٿي، پاڻ کي هڪ ٻئي سان ڏانوڻن ۾ ٻڌي، تلوارون هلائڻ لڳا ۽ دشمن جي فوج جا ڪيترائي ماڻهو ماري شهيد ٿيا. شجاعت نشان جهان خان جي بهادري تحسين جوڳي هئي. هو دليري جي ديوان جي غزل جو شاهہ فرد ۽ بهادري جي قصيدي جو مطلع هو[4].

خيرپور جو مشهور شاعر عالم ڪربلائي جهان خان جي تعريف ۾ لکي ٿو[5]:

جهان خان جهان را بہ حيرت فگند، کہ بيخ درخت ديوثان بکند،
چو حر شهيد از جهان فنا، روان شد روانش بہ عالم بقا،
چو او در جهان کيست شمشير زن پرچون پدر شد زهي صف شکن،
ميان شجاعان ماهہ لقا،
منور چون خورشيد شد درسها.

ترجمو: جهان خان، جهان کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو ۽ خبيثن جي وڻ جي پاڙ پٽي ڇڏيائين. هو بقا جي ملڪ ڏانهن حر شهيد وانگر ويو. هو بهادرن جي وچ ۾ چنڊ وانگر هو ۽ سج جهڙو روشن هو.

## 11. ڏگاٽو خان:

هي تندي مستي خان جي باني رئيس مستي خان جو پاءُ ۽ بهادر خان جو فرزند هو.

---

(1) دوست محمد خان، مير: "سر گذشت ٽالپران"، حوالو ڏنل آهي.
(2) نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: "خليفي صاحب جو رسالو"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1966ع ص 47.
(3) ڏسو حوالو چوٿون.
(4) عطا محمد منشي مرزا: "تاريخ تازه نوائي معارڪ"، حوالو ڏنل آهي. ص 306.
(5) محمد عالم ڪربلائي: "شاهنامو جنگ ڪرڙي"، قلمي نسخو (فارسي)، مڪتوبہ فتح چند، 1286 هجري، مملوڪہ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ.

جڏهن مستي خان ثاني پنهنجو ٽنڊو ٻڌو تڏهن ڏڱاڻو خان به پرسان هڪ ڳوٺ ٻڌي ويٺو. هو هڪ وڏو پهلوان ۽ بيباڪ مرد ٿي گذريو آهي. بکيرن جي سادات جو مريد هو. ڪرڙيءَ جي جنگ ۾ پنهنجي ڀائٽي محبت خان سان گڏجي لڙيو هو ۽ ڏاڍا شجاعت جا جوهر ڏيکاريا هئائين. نونارين واري جنگ ۾ مير رستم خان جو طرفدار هو. سندس پوٽو غلام علي خان ولد غلام نبي خان ميرن جو ڪاردار هو ۽ وڏي جرات وارو سردار هو. غلام علي خان جو فرزند رئيس رسول بخش خان به هڪ پڙهيو لکيو ۽ قربدار ماڻهو ٿي گذريو آهي. رئيس رسول بخش خان ڪوشش وٺي مري خاندان جو شجرو تيار ڪيو جيڪو هن وقت سندس وڏي فرزند غلام الله خان وٽ محفوظ آهي[1].

## (ب) بگٽين جو خاندان:

مير سهراب خان جي لشڪر ۾ بگٽي بلوچن جو هڪ علحده دستو هوندو هو جنهن جو سالار سونو خان ولد ڪنگهر خان هوندو هو. بگٽي بلوچ مير سهراب خان سان هالاڻي جي جنگ ۾ گڏجي آيا هئا، جتي پنهنجي بهادري جا جوهر ڏيکاريا هئائون. مير سهراب خان کي سوني خان جي ڀانهن. بگٽين جي سردار محراب خان کان ملي هئي[2]. هو بلوچستان ۾ بگٽين جي ڪلپر پاڙي سان تعلق رکندو هو. سندس ڏاڏي جو نالو سندر خان هو تنهن ڪري سنڌ ۾ سندراڻي سڏيايائين[3].

سوني خان جا پائر پيارو خان ۽ فقير محمد خان وڏا دلير مرد ٿي گذريا آهن. سندس سؤٽ غلام علي خان به ميدان جو مرد هوندو هو. مير سهراب خان انهن چئني جوڏن کي ڪوٽڏيجي شهر جي ٻاهران هڪ ڳوٺ ٻڌي ڏنو. ڪوٽڏيجي جي ٻاهرئين ڪوٽ جي چئني دروازن تي انهن چئن بگٽين جو پهرو هوندو هو ۽ چارئي دروازا سندن نالن سان سڏبا هئا[4]. ڪرڙي جي جنگ وقت غلام علي خان زنده هو ۽ پنهنجي بگٽين جي دستي سان جنگ ۾ حصو ورتو هئائين. هن جنگ ۾ نو سؤ بگٽي شهيد ٿيا هئا ۽ غلام علي خان زنده موٽيو هو[5].

سوني خان جي دستي ۾ لشڪر خان نالي هڪ سپاهي به وڏو بهادر ٿي گذريو آهي. هڪ دفعي ڪوٽڏيجي واري قلعي جي نواب علي گوهر خان کيس ڪنهن ڳالهه تان ناراض ٿي هڪ لڪڻ هنيو هو. ان تي هن نواب صاحب کي انتقام وٺڻ جو

---

[1] زباني احوال: زوار عبدالحسين خان ولد رسول بخش خان، ساڪن ٽنڊو مستي خان.

[2] وڏن کان ٻڌل روايت: شاهنواز خان بگٽي، ساڪن ڪوٽڏيجي.

[3] ايضاً.

[4] وڏن کان ٻڌل روايت: مراد علي خان بگٽي، ساڪن ڪوٽڏيجي.

[5] زباني روايت: شاهنواز خان بگٽي، ساڪن ڪوٽڏيجي.

چئلينج ڪيو هو ۽ رات جو چوريءَ قلعي سي چڙهي هن کي ماري آيو هو. مير سهراب خان کيس توب جي منهن ۾ ڏئي مارائي ڇڏيو[1].

ان کان پوءِ پياري خان جو پوٽو الهڏنو خان ولد موٽڻ خان ميرن جي نوڪريءَ ۾ آيو ۽ پوليس ۾ صوبيدار ٿي رهيو. هو هڪ وڏو جفاڪش ۽ ڪرڙو ڪامورو ٿي گذريو آهي. مير علي نواز خان جي ايامڪاري ۾ سن 1934ع ۾ وفات ڪري ويو[2].

هن وقت الهڏنو خان ثاني هوائي سروس ۾ هڪ برجستو ڪامورو آهي.

بگٽي بلوچن مان رهاڻ خان نالي هڪ ماڻهو مير احمد علي خان ٽالپر جي ڏيڍيءَ تي دربان هوندو هو جيڪو پڻ وڏو پهلوان ۽ مٿير مرد ٿي گذريو آهي[3].

## (ٽ) چانڊين جو خاندان:

سنڌ ۾ چانڊيا سيني بروچن کان اڳ ۾ آيل آهن. لاڙڪاڻي وارو سارو علائقو سندن سرداري ۾ هوندو هو[4]. سندن سردار نواب غيبي خان، مير سهراب خان جو گهاٽو دوست هوندو هو. هڪ دفعي نواب غيبي خان جي راڄ جا ٻه ماڻهو احمد خان ۽ محمد خان گهوڙن گهمائڻ جي شوق ۾ خيرپور ۾ آيا ۽ مير سهراب خان کي پنهنجي شهسواريءَ جا اعليٰ ڪرتب ڏيکاريائون. مير صاحب ٻنهي ڀائرن تي راضي ٿيو ۽ نواب صاحب کان سندن ٻانهن ورتي، کين پنهنجي فوج ۾ رکيائين. کين پريالوءَ جي پرسان ڪجهه زمين به ملي، جتي هو ٽنڊو حيدر نالي ڳوٺ ٻڌي ويٺا. ٻئي ڀائر وڏا بهادر ۽ تلوار جا ڌڻي ٿي گذريا آهن. مير سهراب خان جو سپهه سالار گولي شاهه سندن وڏو قدردان هوندو هو ۽ محمد خان کي پنهنجو پٽ سڏيندو هو. جڏهن 1933ع ۾ سکر ۾ ڪرڙي جي جنگ لڳي، تڏهن محمد خان پنهنجي پٽن گل علي خان ۽ شفاعت علي خان سان گڏ ڏهوٽونجاهه ماڻهن جو فوجي دستو وٺي ميرن جي سپهه سالار غلام مرتضيٰ شاهه ڪهيري جي لشڪر ۾ اچي شامل ٿيو ۽ شجاعت جا جوهر ڏيکاريندي پنهنجن پٽن ۽ ماڻهن سميت شهيد ٿيو. ان کان پوءِ گل علي خان شهيد جو پوٽو بخشڻ خان ولد محمد خان پنهنجو پراڻو ڳوٺ ٽنڊو حيدر ڇڏي خيرپور ۾ اچي ويٺو. بخشڻ خان ۽ سندس سوٽ همت علي خان ٻئي ڄڻا ميرن جي دربار سان منسلڪ رهيا. ميرن وٽ ٻنهي سوٽن جي سٺي رسائي هوندي هئي، بخشڻ خان جو فرزند مريد علي خان به مير امام بخش خان جو درباري امير هوندو هو. سندس به پٽ

---

(1) ايضاً:

(2) ايضاً:

(3) زباني روايت: مراد علي خان بگٽي، ساڪن ڪوٽڏيجي.

(4) زباني روايت: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب.

غلام علي خان ۽ سردار خان پوليس جي نوڪريءَ ۾ پرتي ٿيا ۽ سب انسپيڪٽر تي رٽائر ڪيائون. هن وقت ٻئي ڄڻا زمينداريءَ ۾ مشغول آهن. همت علي خان جو پوٽو امداد علي ولد فيض علي خان انجنيئري کاتي ۾ داروغو هوندو هو[1].

چانڊين جي خاندان جو هڪ ٻيو امير رئيس صوڀو خان به لاڙڪاڻي مان لڏي مير رستم خان وٽ اچي فوج ۾ شامل ٿيو هو. مير صاحب کيس گمبٽ تعلقي ۾ ڪجهه زمين ڏني هئي. هيءَ به ميرن جي طرفان ڪرڙيءَ جي جنگ ۾ شريڪ ٿيو ۽ زنده بچي آيو. وري جڏهن 1842ع ۾ ميرن جي نونارين واري گهرو لڙائي لڳي، تڏهن مير رستم خان جي طرفان لڙندي شهيد ٿيو. هن جي فوجي دستي جا ٻيا سورهن ماڻهو به انهيءَ لڙائي ۾ شهيد ٿيا[2]. صوڀي خان جي شهادت متعلق ڪنهن شاعر چيو آهي[3]:

صوڀي سان سورهن ڄڻا هوڏانهن نو ويهان نروار،
گهڙڻ ڪم غازيءَ جو سوڀون وس ستار،
الله جي آڌار مانجهي مرد شهيد ٿيو.

چانڊين جي خاندان ۾ بيگو خان به هڪ سٺو زميندار ٿي گذريو آهي. کيس مير رستم خان وٽ وڏي رسائي هوندي هئي. بيگو خان جو پٽ غلام حسين خان هڪ وڏو سخي مرد هوندو هو. هو رات ڏينهن آئي وئي جي ٽهل ٽڪور ڪندو هو ۽ انئي پهر سندس بني تتل هوندي هئي. غلام حسين خان جو سالو مير محمد خان چانڊيو مير علي مراد خان وٽ اردلي هوندو هو. غلام حسين خان جو ننڍو ڀاءُ رحيم خان مير امام بخش خان ۽ مير علي نواز خان وٽ نوڪر ٿي رهيو. هن وقت غلام حسين خان جو وڏو پٽ بيگو خان ثاني اسي سالن جي عمر جو ٿيندو. هيءَ به پنهنجي پيءُ وانگر مهمان نوازي ۾ پنهنجو مٽ نٿو رکي. جنهن وقت به سندس اوطاق تي وڃبو، تنهن وقت گرم ماني ملندي. سندس اوطاق هر وقت مهمانن سان ڀريل هوندي آهي. وڏو هردلعزيز، ڳالهين جو ڳهير، ۽ نيڪ نيت انسان آهي.

## (ٺ) رندن جو خاندان:

خيرپور جي رندن جو مورث اعليٰ ملڪ خان ۽ سندس پٽ سوائي خان پنهنجي سردار سندر خان اول جي حڪم تي شڪارپور جي پرسان لالن جو شهر ڇڏي اچي وينا هئا. سوائي خان جو وڏو پٽ بهارو خان ذوالنون پناڻ سان وڙهندي شهيد ٿيو هو.

---

[1] زباني احوال: غلام علي خان چانڊيو ساڪن، خيرپور ميرس.

[2] زباني روايت: بيگو خان ثاني، قوم چانڊيو ساڪن ڳوٺ چانڊيا، لڳ گمبٽ.

[3] زباني روايت: الهداد خان جانوري، ساڪن لقمان.

ان وقت سندن سردار عظمت خان هو، جنهن بهاري خان ۽ سندس ساٿين جي دفن ڪفن جو بندوبست ڪيو هو. ان کان پوءِ بهاري خان جا ڀائر يارو خان، تارو خان ۽ سونهارو خان مير سهراب خان سان گڏجي هالاڻي جي جنگ ۾ وڙهي لڙيا ۽ شهيد ٿيا هئا. ياري خان جو پٽ بهارو خان ثاني مير سهراب خان سان گڏجي خيرپور آيو ۽ اروڙ جي ڀرسان ننڍڙو ڳوٺ ٻڌي اچي ويٺو. مير سهراب خان جي وفات کان پوءِ جڏهن ڪرڙيءَ جي جنگ لڳي، تڏهن بهارو خان ثاني پنهنجي فوجي دستي سميت ان ۾ شريڪ ٿيو ۽ بچي آيو. سندس ٽي ڀائر فضل خان، غازي خان ۽ ڪيهر خان بہ انهيءَ لڙائي ۾ شريڪ هئا. فضل خان جو فرزند سوائي خان ثاني ٻين ڪيترن جانثارن سان گڏ ڪرڙيءَ جي جنگ ۾ شهيد ٿيو هو. بهاري خان جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ڪامل خان مير علي مراد خان جي زماني ۾ سنهڙي واهہ جي ڀرسان پنهنجو ڳوٺ ٻڌي اچي ويٺو جتي اڄ تائين سندس اولاد رهي ٿو.

ساڳئي وقت تي ملڪ خان وڏي جي ڀاءُ لشڪر خان جي اولاد مان راڄو خان رند بہ لڏي اچي ڪامل خان جي ڳوٺ جي ڀرسان پنهنجو ڳوٺ ٻڌي ويٺو. ڪامل خان ۽ راڄي خان ٻنهي کي مير علي مراد خان وٽ وڏي رسائي هوندي هئي[1]. راڄي خان جو پڙ پوٽو راڄو خان ثاني ڪوٽڏيجي تعلقي جو چڱو زميندار آهي.

## (ج) ڪهيرين جو خاندان:

خيرپور جي ميرن وٽ ڪهيرين جي خاندان کي بہ اهميت هوندي هئي. هي خاندان پاڻ کي شاهہ عمر قتال جو اولاد سڏرائيندو آهي ۽ چوندو آهي تہ ڪهيري نعمت شاهہ سان گڏجي مڪران مان هجرت ڪري، بلوچستان جي علائقي ڪڇيءَ ۾ آيا هئا، جتان ڪين بگٽي بلوچن تڙي ڪڍيو هو ۽ هو بهاولپور ۾ وڃي رهيا هئا[2].

خيرپور ۾ هن خاندان وارن کي شاهاڻي بہ سڏيندا آهن. خيرپور جي حاڪم مير سهراب خان جو مشهور سپهہ سالار گولي شاهہ ڪهيري بہ بهاولپور مان آيو هو. مير صاحب کيس ڪوٽڏيجي کان اتر طرف ڇهن ميلن جي فاصلي تي هڪ ٽنڊو ٻڌرائي ڏنو هو جيڪو اڄ بہ ٽنڊو شاهہ جي نالي سان هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ گولي شاهہ خيرپور ۾ اچي ويٺو جتي اڃا تائين سندس اولاد مان ڪجهہ ماڻهو رهن ٿا. هو هڪ وڏو پهلوان ٿي گذريو آهي. هن 1237 هجري مطابق 1821ع ۾ وفات ڪئي[3]. سندس مقبرو قادر بخش جي قبن واري مقام ۾ آهي.

---

[1] زباني احوال: الهرکيو خان ولد ڪرم خان رند، ساڪن ڳوٺ سنهڙو واهہ.

[2] " Baluchistan Gazetteer", Vol. VIA The Time Press, Bombay, 1907, P 44.

[3] مزار جو ڪتبو.

گولي شاهه جي وفات کان پوءِ سندس فرزند غلام مرتضيٰ شاهه ميرن جي لشڪر جو سپہ سالار بڻيو. هي پنهنجي والد وانگر وڏو دلير ۽ مڙس مرد ٿي گذريو آهي. خليفي نبي بخش خان لغاري سندس تعريف ۾ ڪافي بيت چيا آهن. جن مان هيٺيان مشهور آهن[1]:

هي گل گولي شاهه، پرڪا ڪارڻ پوڪيو
ڪندو سنجهه صباح، مقابلو ميدان ۾ .

—

مرڪيائين مير، پٽ پاڙبائين پانهنجي،
اهڙو مرد منير، گهر سياڳي سپجي.

—

سو مر مرڪي مير ملهه جنهين جو مرتضيٰ،
ڏبائي دشمن کي ڪنڌ ۾ ڪوڙي ڪير،
هادي همه گير، هڻي ڪنڌ هٿن سان.

—

مرتضيٰ جي من ۾ وڙهڻ جي وائي،
شجاع سالم سنگتي ساٿس سپاهي،
قضا الاهي، آئي سر امير جي.

هو حيدرآبادي ميرن جي سپهه سالار سيد ڪاظم علي شاهه جو گهاٽو دوست هوندو هو. سندس شجاعت جون ڳالهيون ملڪن ۾ مشهور آهن. خيرپور جي مشهور شاعر عالم ڪربلائي جي لفظن ۾[2]:

سر سر وارن شاهه اعليٰ امير،
ميان وزيران والا وزير.
ز نامداران سر نامدار،
ز شاهانيان شاهه والا تبار.
بهر سر بلندان او سر بلند،
بهر سرفرازان او ارجمند.
درين عالم مريد ضيغم لقا،
نباشد دگر چون غلام مرتضيٰ.

---

[1] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: "خليفي جو رسالو"، حوالو ڏنل آهي، ص 43، 44.
[2] محمد عالم ڪربلائي: "شاهنامو ڪرڙي فارسي"، قلمي نسخو حوالو ڏنل آهي، ص 12.

ترجمو: هو سيني اميرن ۾ وڏو امير هو سيني وزيرن ۾ سندس مرتبو وڏو هو هو وڏن نام ڪنين کان مشهور هو ۽ سيني شاهاڻين ۾ عزت وارو هو سندس سر سيني سردارن کان اوچو هو ۽ سيني ۾ نيڪ بخت هو. هن غلام مرتضيٰ جهڙي شينهن مڙس وانگر دنيا ۾ ڪوبہ ڪونہ هو.

هو ڪرڙيءَ جي جنگ ۾ شجاعت جا جوهر ڏيکاريندي تاريخ 18 شعبان، 1249 هجري، مطابق 1833ع تي شهيد ٿيو. کيس پنهنجي والد واري قبي ۾ دفن ڪيو ويو[1].

هن خاندان مان اسماعيل شاهہ ۽ دائم شاهہ بہ وڏا پهلوان ٿي گذريا آهن، جيڪي پڻ ڪرڙيءَ واري جنگ ۾ شهيد ٿيا[2].

گهڻي وقت کان پوءِ غلام مرتضيٰ شاهہ جي پوٽي حسين شاهہ جو فرزند نور شاهہ شاهاڻي مير غلام حسين خان ولد مير جان محمد خان جو مختيارڪار ٿي رهيو ۽ مير غلام حسين خان جي وفات کان پوءِ سندس پٽ مير غلام رضا خان ۽ مير الهداد خان وٽ بہ مختيارڪار ٿي رهيو. هو هڪ وڏو هردلعزيز ۽ مهمان نواز امير ٿي گذريو آهي، آيو ويو سندس اوطاق تان ماني پيو کائيندو هو. کيس ساري رياست جا ماڻهو عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. هن جهڙو سخي ۽ مهمان نواز ڪو ورلي ٿيو هوندو[3].

نور شاهہ جي وفات کان پوءِ سندس فرزند شاهہ مردان شاهہ پيءُ جو جانشين بڻيو. هن نوڪري وغيره ڪانہ ڪئي، سمورو وقت پنهنجي زمين جي نگهباني ۾ آئي وئي کي ماني کارائڻ ۽ خدمت ڪرڻ ۾ گذاريندو هو. پاڙي جي غريب غربي تي هٿ ڏيندو هو ۽ هر ڪنهن کي آئي ويل ڪم ايندو هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي لفظن ۾ نهايت مهمان نواز، خوش خلق ۽ هڪ همت پريو پهلوان مڙس هو، جنهن کي ڏسي سندس وڏي ڏاڏي غلام مرتضيٰ شاهہ جو خيال دل تي تري آيو[4]. هو 1963ع ۾ ڪنهن گهرو سازش ماتحت گهر ۾ ستي قتل ٿي ويو.

هن وقت هن خاندان مان گولي شاهہ ثالث ۽ حيدر شاهہ زنده آهن، جيڪي سفيد پوشي جو گذران ڪري رهيا آهن.

## (ح) جانورين جو خاندان:

سنڌ جا جانوري چانڊين جي هڪ شاخ مان آهن. سندن مورث اعليٰ ڏيرڻ خان چانڊيو ۽ سندس هڪ ڀاڻيجو نواب غيبي خان اول جا خاص ماڻهو هوندا هئا. هڪ

---

[1] زباني روايت: حيدر شاهہ شاهاڻي، ساڪن خيرپور ميرس.
[2] ايضاً
[3] زباني روايت: سرائي ربنواز خان ساڪن خيرپور ميرس.
[4] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: "خليفي صاحب جو رسالو"، حوالو ڏنل آهي، ص 280.

دفعي هڪ ماڇي سردار کي ماري، ان جي ترار کڻي اچي غيبي خان کي ڏني هئائون، انهيءَ ماڇي سردار پنهنجي ترار تي ٻروچاڻي نالو رکيو ڏيرڻ خان ۽ سندس پاڙيچي کي جنهوري سڏيو. اهو جنهوري لفظ بدلجي جانوري تي ويو آهي [1].

هن خاندان مان علي بخش ۽ سبڙ خان ڪلهوڙن جا درٻاري هوندا هئا. ميرن جي لشڪر ۾ به ڪافي جانوري هئا. جيڪي ڪرڙي، مياڻي ۽ دبيءَ جي جنگين ۾ شجاعت جا جوهر ڏيکاري شهيد ٿيا [2].

مير علي مراد خان ٽالپر جا دربان الهداد خان ۽ گل حسن خان وڏا بهادر ٿي گذريا آهن. هڪ دفعي گل حسن خان مير غلام مهدي خان جي ماسي بيبي بخت بلند عرف الهه بچائي جي ڏيڍيءَ تي پهرو ڏيئي رهيو هو ته ڪيس هڪ ماڻهو ڪوٽ تان ٽپندو نظر آيو هو ڊوڙ پائي ڏيڍيءَ ۾ گهڙي پيو. مگر مشڪوڪ ماڻهو پڇي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. گل حسن خان خار ۾ بيبي صاحبه وٽ آيو ۽ انهيءَ ماڻهو متعلق پڇاڳاڇا ڪرڻ لڳو. بيبي صاحبه هن کي آڏيون ورنديون ڏنيون، جنهن تي هن تلوار جو وار ڪري ڪيس ماري وڌو ۽ پاڻ کي به طمنچو هڻي ماريائين. ان تي وڏو ممڻ مچي ويو. مير غلام مهدي خان جي مرضي هئي ته ٻروچ جو لاش هنن جي حوالي ڪجي، ان تي هٺرو خان جانوري ٻيا ٻروچ ڪٺا ڪري مير علي مراد خان وٽ ويو. جنهن ڪ..س لاش کڻي وڃڻ ۽ عزت سان دفنائڻ جي اجازت ڏني. ان کان سواءِ گل حسن خان جي پيءُ جهان خان کي گهرائي هڪ ٻيلو جاگير ڪري ڏنو [3].

## (خ) چانگن جو خاندان:

هي خاندان بلوچن جي هوت قبيلي مان آهي. هنن جو مورث اعليٰ منو خان مير سهراب خان جو مصاحب ۽ پيارو امير هوندو هو. ڪيس هڪ سؤ سوارن جو دستو هميشه ساڻ هوندو هو [4]. هو جڏهن به خيرپور ايندو هو تڏهن ڪونه ڪو صاحبزادو سندس استقبال ڪندو هو [5].

منو خان جو پاڙيچو گل محمد خان ۽ ان جو فرزند غلام قاسم خان به وڏا پهلوان هوندا هئا. مني خان جو پٽ باغو خان غلام مرتضيٰ شاهه ڪهيري جو گهاٽو دوست هوندو هو. ڪرڙي واري جنگ ۾ باغي خان جو دستو ڪهيرين جي دستي سان ڪنو

---

[1] زباني روايت: الهداد خان جانوري ساڪن لقمان.

[2] زباني روايت: ماستر تاج محمد خان جانوري، ساڪن ڳوٺ جانوري لڳ خيرپور.

[3] وڏن کان ٻڌل روايت : الهداد خان جانوري، ساڪن لقمان

[4] وڏن کان ٻڌل روايت: علي مراد خان چانگ، ساڪن ڳوٺ منو خان.

[5] ايضاً:

هو. انهيءَ جنگ ۾ باغي خان جا پنجاھ چانگ شهيد ٿيا هئا. پر پاڻ زندھ بچي آيو هو. ڪرڙيءَ جي جنگ کان پوءِ هو ڏاڍو اداس گذاريندو هو[1].

غلام قاسم خان جو فرزند گل محمد خان ثاني وري مير علي مراد خان جو پيارو زميندار هوندو هو. مهيني ۾ ڪم از ڪم ٻه دفعا مير صاحب جي سلام تي ويندو هو. هن جي دين محمد خان جلباڻي سان اٽڪٽ هوندي هئي. هڪ دفعي مير علي مراد خان کي چئي سندس يارهن سؤ جريب زمين، يارهن سؤ ڏاچيون ۽ ٻه سانَ ضبط ڪرايائين، هو هڪ سنو شاعر به هو[2].

باغي خان جي وفات کان پوءِ سندس پنجن پٽن مان وڏي پٽ غلام قاسم خان ثاني زميندار جي پڳ ٻڌي. هن وقت غلام قاسم خان جو فرزند علي مراد خان پنهنجي برادري جو پريو مڙس آهي. هو ڏاڍو ڪچهري جو ڪوڏيو ۽ مهمان نواز ماڻهو آهي.

## (د) جسڪاڻين جو خاندان:

جسڪاڻي بلوچ رندن جي هڪ شاخ مان آهن. سندن اصلي مقام لهڙي بلوچستان ۾ آهي ۽ اتي اڄ تائين سندن واھ ارڳو ۽ ڦرڳو مشهور آهن. هنن جو مورث اعليٰ دريا خان هالاڻي جي جنگ وقت مير سهراب خان سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو. ۽ جنگ فتح ٿيڻ کان پوءِ شهدادپور ۾ اچي رهيو هو. جڏهن مير سهراب خان خيرپور ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي، تڏهن دريا خان جسڪاڻي به پنهنجي راڄ سميت اچي خيرپور جي حدن ۾ پنهنجو ڳوٺ ٻڌي ويٺو. اهو ڳوٺ ڪوٽڏيجي تعلقي ۾ ڪراچي واري شاهراھ جي پرسان آهي. دريا خان ۽ سندس پاءُ نصير خان وڏا بهادر ۽ نامِ ڪنيا پهلوان ٿي گذريا آهن. جڏهن ڪرڙيءَ جي جنگ لڳي، تڏهن ٻئي پائر پنهنجا فوجي دستا وٺي ميدان ۾ آيا ۽ بهادري سان وڙهندي شهيد ٿيا[3]. انهيءَ جنگ ۾ دريا خان جو عزيز ۽ وڏو پهلوان چاڪر جسڪاڻي به شهيد ٿيو[4]. انهيءَ جنگ بلوچن جي ڪمر توڙي وڌي ۽ ميرن جي به پاڻ ۾ بي اتفاقي وڌي ويئي، تنهن ڪري جسڪاڻي غيرجانبدار ٿي گهرن ۾ ويهي رهيا.

گهڻو وقت پوءِ هن خاندان مان مراد خان ولد غلام حسين خان، مير علي مراد خان وٽ نوڪري ڪئي ۽ ترقي ڪري مير صاحب جو خاص مصاحب بڻجي ويو. هو امير صاحب جو منشي تمام گهڻو اعتماد هوندو هو. هو هڪ وڏو آزمودگار ۽

---

[1] ايضا

[2] زباني احوال: علي مراد خان چانگ.

[3] زباني احوال: خان بخش جسڪاڻي، ساڪن ڳوٺ جسڪاڻي.

[4] ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "خليفي صاحب جو ڪلام" حوالو ڏنل آهي، ص 269.

مرتبي وارو ٿي گذريو آهي. مير صاحب جي ولايت وڃڻ وقت مراد خان سياه سفيد جو مالڪ هوندو هو ۽ صاحبزادا بہ هن کان ڪن هٽندا هئا. ان ڪري هن جا ڪيترائي حاسد بڻجي ويا ۽ مير صاحب ڏانهن هن جي خلاف گهڻو ڪجهہ لکي موڪليائون. هي بي خبر رهيو ۽ جڏهن مير صاحب پنهنجي ملڪ ۾ موٽي آيو، تڏهن ناراض ٿي کيس گرفتار ڪرايائين. مراد خان پنهنجي بيگناهي ثابت ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ پاڻ پتوڙيو، مگر قدرت سندس ساٿ نہ ڏنو ۽ مير صاحب راضي نہ ٿيو. هن کي قيد ۾ تمام گهڻيون تڪليفون ڏنيون ويون ۽ مهيني اندر مري ويو. سندس لاش آڻي پنهنجي ڳوٺ ۾ دفن ڪيو[1].

**(ذ) لاشارين جو خاندان:**

ميرن سان لاشارين جي خاندان جو تعلق تمام گهڻو رهيو آهي، مگر سندن فوجي ڪارنامن جو ڪو بہ حوالو ڪو نٿو ملي. هنن جي وڏن مان رئيس بهارو خان لاشاري جو نالو مليو آهي، جيڪو مير سهراب خان جا هرڻ پچائيندو هو. هو هرڻ جي سيخ ۽ گندي پچائڻ جو وڏو ماهر هو. هن جي وفات کان پوءِ سندس پٽ حسين بخش خان بہ اهو ئي ڪم ڪندو هو. مير علي مراد خان ۽ سندس فرزند مير فيض محمد خان مٿس گهڻو مهربان هئا. حسين بخش خان کان پوءِ سندس پٽ غلام حسين خان بہ مير امام بخش خان جي ايامڪاري تائين ميرن جا هرڻ پچائيندو رهيو ۽ آخري عمر ۾ رٽائر ڪري پنهنجي ڳوٺ بهارو خان لاشاري ۾ اچي رهيو. هن سن 1955ع ۾ وفات ڪئي[2].

بهاري خان جي خاندان کان سواءِ ٿر جي لاشارين مان پنجو خان ۽ سندس پٽ مير علي مراد خان وٽ حاضر باش نوڪر هوندا هئا. هڪ دفعي مير فيض محمد خان سان گڏ شڪار ڪندي مير خان جي پٽ فتح خان کي مير صاحب جي هٿان بندوق لڳي وئي ۽ هو مري ويو. مير صاحب سندس پيءُ پنجو خان کي هڪ جاگير عطا ڪئي[3].

پنجو خان جي ڳوٺ مان بہ بيا ماڻهو خدا بخش خان ۽ قادر بخش خان لاشاري بہ مير علي نواز خان وٽ دربان هوندا هئا. انهن کان سواءِ جان محمد خان ولد مصري خان لاشاري مير صاحب جو ڪنجڪي هوندو هو[4].

---

[1] زباني احوال: پيارو خان جسڪاڻي، ساڪن ڳوٺ جسڪاڻي

[2] زباني احوال ڪوڙو خان لاشاري، ساڪن ڳوٺ بهارو خان لاشاري

[3] زباني احوال: رئيس فتح محمد خان لاشاري، ساڪن ڳوٺ بهارو خان.

[4] ايضاً:

مير علي مراد خان جي زماني ۾ لاشارين مان پليو خان ولد محمد خانَ لاشاري هڪ وڏي شان ۽ شوڪت وارو امير ٿي گذريو آهي. هو مير صاحب جي خاص مصاحبن مان هوندو هو. مير صاحب جڏهن ولايت ويو هو، تڏهن کيس بہ پاڻ سان وٺي ويو هو. هن کي مير صاحب جي طرفان پنج جاگيرون مليل هيون. کيس ست ڪوٽ هوندا هئا، جن ۾ سندس ديرا ۽ سريتون رهنديون هيون. اڄ بہ فيض گنج تعلقي ۾ پليو خان جي نالي سان هڪ ديهہ آهي. هڪ دفعي پلئي خان جو پٽ محمد خان ثاني ست خون ڪري وڌا، پر مير صاحب مقتولن جي وارثن کي ڏهرا ڏان عطا ڪري راضي ڪري ڇڏيو ۽ پلئي خان جي پٽ موت جي منهن مان بچي ويو. پلئي خان سن 1297 هجري، مطابق 1880ع ۾ وفات ڪئي[1].

لاشارين جي خاندان مان هڪ محمد خان لاشاري پنهنجي عزيزن کان رسي مير علي مراد خان وٽ اچي دربان ٿيو هو. هن چانڊين مان شادي ڪئي، جنهن مان کيس واحد بخش خان، شاهہ بخش خان، مولا بخش خان، ۽ الاهي بخش خان نالي چار پٽ ڄاوا، ۽ چارئي مير فيض محمد خان وٽ نوڪر ٿيا. هو ميرن جي نوڪري ۾ سرائي سڏبا هئا. انهن مان الاهي بخش خان مير علي نواز خان وٽ پرائيوٽ عملدار هوندو هو. سندس پائيتو سرائي قلندر بخش خان ولد شاهہ بخش خان بہ وڏي حيثيت رکندو هو. مير علي نواز خان جي ڏينهن تائين هن جا ميرن سان تمام سهڻا تعلقات هئا. اڄڪلهہ هو گوشہ نشيني جي زندگي گذاري رهيو آهي[2].

## نظاماڻين جو خاندان:

هي خاندان بلوچن جي رند قبيلي سان تعلق رکي ٿو. نظاماڻين جو مورث اعليٰ شير محمد خان مير سهراب خان سان گڏجي خير پور ۾ آيو ۽ ناري تعلقي ۾ اچي ويٺو. سندس ڪجهہ عزيز لقمان جي پرسان پنهنجو ڳوٺ ٻڌي ويٺا. شير محمد خان جو فرزند علي بخش خان پنهنجي زماني جو وڏو پهلوان ٿي گذريو آهي. هڪ دفعي مير علي مراد خان، ناري جي شڪار تي ويو تہ سندس ماڻهن علي بخش خان سان گهوڙن جي گاهہ تي تڪرار ڪيو ۽ انهيءَ تڪرار ۾ مير صاحب جا ڪجهہ ماڻهو علي بخش خان جي هٿان مارجي ويا. مير علي مراد خان هن کي پاڻ وٽ گهرايو. مير صاحب جي ڪئمپ ۾ تون چا تون چا تائين معاملو وڃي پهتو. علي بخش خان تلوار ڪڍي وڙهڻ لڳو ۽ اتي بہ ڪجهہ ماڻهو ماري وڌائين. آخرڪار سندس سٽڻ تنبوءَ

---

[1] زباني احوال: خير بخش خان مري، ساڪن ڳوٺ قافڪو.
[2] زباني احوال: سرائي مختار حسين، ساڪن ڪوٽڏيجي.

جي سرخ ۾ اٽڪي پئي ۽ گهرام خان مريءَ پنيان وار ڪري علي بخش خان کي ماري وڌو. پوءِ مير صاحب پنهنجي بگهڙ نالي اٺ تي چڙهي پڇي ڪوٽڏيجي اچي نڪتو. اها ڳالهه ٻڌي مير رستم خان پنهنجي وزير اعليٰ فتح محمد خان غوري کي قرآن کڻائي عليٰ بخش خان جي پيءُ شير محمد خان ڏانهن موڪليو جنهن پنهنجي پٽ جو خون معاف ڪيو ۽ وڏو تڪرار دور ٿي ويو. انهيءَ واقعي کان پوءِ نظاماڻي هڪ هڪ ٿي خيرپور ڇڏي ويا ۽ سانگهڙ جي طرف وڃي رهيا. مير علي مراد خان کي ساري عمر انهيءَ سانحي جو ڏک رهيو. علي بخش خان جي شهادت جو واقعو ڪيترن ئي شاعرن ڳايو آهي. انهن مان سارنگ فقير پٽ جو ڳايل منظوم قصو ملڪن ۾ مشهور ٿي ويو. علي بخش خان جي شهادت جو اثر مير رستم خان تي به پيو ۽ هو ساري عمر پنهنجي ڀاءُ مير علي مراد خان کي ننديندو رهيو[1].

## پرڳڙين جو خاندان:

هن خاندان جو ميرن سان گهاٽو تعلق رهيو آهي، جنهن جي ساک خيرپور جي ٻاهران پرڳڙين جي محلي مان ملي ٿي، پر افسوس آهي جو گهڻي ڪوشش جي باوجود مفصل احوال ملي نه سگهيو آهي. مرزا قليچ بيگ جي تحقيق موجب هن خاندان مان مدد خان پرڳڙي مير علي مراد خان جو خاص معتمد مصاحب هوندو هو[2]. انهيءَ خاندان وارا مير رستم خان ۽ سندس پاٽرن جي اٽڪلت سبب خيرپور کي ئي ڇڏي ويا[3]. مدد خان ناري تعلقي ۾ رهندو هو. هنن مان هڪ پيو الله بخش خان پرڳڙي ميرن جي حڪومت ۾ برجستو عملدار ۽ مختيارڪار ٿي گذريو آهي[4] هن وقت به هن خاندان جا ڪجهه ماڻهو ناري تعلقي ۾ رهن ٿا.

## لغارين جو خاندان:

ٻين ٻروچن وانگر لغارين جو به ميرن سان گهاٽو تعلق رهيو آهي، پر افسوس اهو آهي جو هن خاندان جو سربستو احوال به ملي نه سگهيو آهي. هن خاندان جا ڪجهه ماڻهو هن وقت تائين مير واهه تعلقي ۽ ناري تعلقي ۾ رهن ٿا. هنن مان رئيس الهداد خان لغاري ڦاڙهياري وارو علي مراد خان جو خاص ماڻهو هوندو هو. مير صاحب جي اميرن ۾ هن کي خاص اهميت هوندي هئي. جڏهن مير علي مراد خان لنڊن ويو هو

---

[1] سارنگ فقير: "علي بخش خان جو منظوم قصو"، ماستر هادي بخش خان جي لکيل بياض تان ورتل.
[2] قليچ بيگ مرزا: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي، ص 176.
[3] زباني روايت: رحمت الله خان قلپوٽو ساڪن محلو پرڳڙي
[4] زباني روايت: علي مراد خان چانگ، ساڪن فيض گنج تعلقو.

تڏهن الهداد خان بہ مير صاحب جي فرزند مير فيض محمد خان جو ساٿي هو. لنڊن مان مير فيض محمد خان سان موٽندي جهاز ۾ انتقال ڪيائين.

هن خاندان مان هڪ ٻيو امير رئيس بختيار خان لغاري بہ مير علي مراد خان جو ڪاردار هو. ڪيس ميرن جي عملي ۾ چڱي حيثيت هوندي هئي. هو تجل جي بزرگن جو مريد هو[1].

## پٺاڻن جا دستا:

خيرپور جي ميرن وٽ ڪوبہ باقاعده لشڪر ڪونہ هوندو هو. وقت پوڻ تي بلوچ امير ۽ سردار لشڪر موجود ڪري ڏيندا هئا[2]. مير علي مراد خان جي فوج جو ڪاروبار ٻين ميرن کان علحده هوندو هو. سندس لشڪر کي زر طلب سڏيندا هئا ۽ فوج جا سمورا ماڻهو هندستان، ڪابل، پنجاب ۽ پشاور جا هئا، جن مان هر هڪ دستي کي روهيلن يا پٺاڻن جو دستو سڏيندا هئا[3]. انهن پٺاڻن جا دستا هيٺين سردارن جي هٿ هيٺ رهندا هئا:

1. حافظ حڪومت خان:

هي اصل ۾ ملتان جو هو ۽ هڪ سنو فوجي سالار هوندو هو. ملتان جي حاڪمن کان ناراض ٿي بهاولپور ۾ آيو ۽ اتي بہ رسائي ڪانہ ٿيس، تنهن ڪري خيرپور ۾ آيو ۽ مير علي مراد خان جي لشڪر ۾ نوڪري ڪيائين. مير علي مراد خان سندس سرپرستي ڪئي ۽ کيس پنهنجي هڪ فوجي دستي جو سالار مقرر ڪيائين. هو قرآن پاڪ جو حافظ ۽ باشريعت انسان هو. مير صاحب کي منجهس مڪمل اعتماد هوندو هو[4].

2. در محمد خان:

در محمد خان ولد محمد خان خاڪواڻي بہ ملتان کان خيرپور ۾ آيو ۽ پنهنجو فوجي دستو بہ پاڻ سان وٺي آيو. هن خاندان جا وڏا پٺاڻن جي سدوزئي قبيلي جا پڳدار هئا ۽ احمد شاهہ دراني جي فوج ۾ اعليٰ عهدن تي فائز هئا[5]. مير علي مراد خان، در محمد خان کي ٽي جاگيرون ۽ پنج سؤ گهوڙا ڏنا. هو گمبٽ تعلقي جي ڳوٺ

---

(1) زباني احوال: ماستر شڪر علي خان لغاري، ساڪن ڳوٺ ڦاڙهيارو.

(2) Postans, T: op.cit. P 231

(3) Postans, T: op. cit. P 216.

(4) امير علي شاهہ سيد: "خيرپور جي تاريخ"، حوالو ڏنل آهي ص 94، 95.

(5) زباني روايت: امان الله خان پٺاڻ، ساڪن ڳوٺ جادو واهڻ.

جادو واهڻ ۾ رهندو هو. مير صاحب جو ساڻس تمام گهڻو پيار هوندو هو. هن جا جهونا ڳڙهه جي مدارالمهام شيخ محمد بهاءَ الدين سان بہ گهاٽا تعلقات هوندا هئا[1].

در محمد خان، ميرن جي نونارين واري جنگ ۾ بہ شامل هو. ان کان پوءِ جڏهن مير صاحب چارلس نيپيئر سان گڏ بجار خان ڏومڪي ۽ بين پروچن تي چڙهائي ڪئي هئي، تڏهن بہ سندس فوجي ڪمان در محمد خان جي هٿ ۾ هئي. هن سن 1263 هجري مطابق 1847ع ۾ وفات ڪئي[2].

درمحمد خان جي وفات کان پوءِ سندس پٽ علي محمد خان سندس جانشين ٿيو ۽ مير علي مراد خان جي لشڪر جو سالار بڻيو. هن کي محمد علي، احمد علي، نجيب علي ۽ حبيب علي نالي چار پٽ هئا[3]. علي محمد خان جي وفات کان پوءِ سندس وڏو پٽ محمد علي خان مير فيض محمد خان وٽ رسالہ دار ٿيو ۽ پوءِ ڪئمل ڪور جو ڪماني بڻيو. هو هڪ وڏو حڪيم هو ۽ حڪمت تي ڪجهہ ڪتاب بہ لکيائين، جيڪي سندس وڏي پٽ امان الله خان وٽ محفوظ آهن. هن سن 1954ع ۾ وفات ڪئي[4]. سندس وڏو فرزند امان الله خان سب انسپيڪٽر پوليس تي رٽائر ڪري ويو آهي ۽ ننڍا پٽ عنايت الله خان ۽ حميد الله خان سرڪاري نوڪرين ۾ آهن.

### 3. ناصر خان:

هي پٺاڻن جي مليزئي خاندان مان هو. سندس والد احمد خان بهاولپور جي وزيرن مان هڪ هو. هڪ دفعي بهاولپور جي نواب سان اٽڪٽ سبب مٿس لشڪر ڪشي ٿي ۽ هو پنهنجي خاندان سميت شهيد ٿي ويو. ناصر خان کي اتان جي رضوي سيدن پناهہ ڏئي پاڻ وٽ لڪائي ڇڏيو. ٿورن ڏينهن بعد هو اتان ڀڄي مير علي مراد خان وٽ آيو جنهن کيس پنهنجي فوج جي هڪ دستي جو سالار بڻايو. هن کي بہ مير علي مراد خان تمام گهڻو پيار ڪندو هو. هن جي وفات کان پوءِ سندس پٽ عطا محمد خان فوج ۾ جمعدار ٿيو. ٿورا سال نوڪري ڪرڻ بعد مير صاحب کان ناراض ٿي ملتان هليو ويو ۽ سندس جاءِ تي هن جو ڀڻاٽ شاهنواز خان پوپلزئي جمعدار مقرر ٿيو[5].

---

(1) ايضاً:

(2) ايضاً:

(3) امان الله خان جو خانداني شجرو.

(4) زباني روايت: امان الله خان پٺاڻ.

(5) زباني روايت: شاهنواز خان پٺاڻ، ساڪن خيرپور.

**4. شاهنواز خان:**

هي شڪارپور جي نواب سخي مدد خان جو پوٽو ۽ محمد عمر خان جو فرزند هو. مير علي مراد خان ۽ سندس پٽ مير فيض محمد خان وٽ ايمانداري سان نوڪري ڏنائين. هن 1912ع ۾ وفات ڪيائين. ڪيس حسن علي خان ۽ نواز علي خان ٻه پٽ هئا. حسن علي خان زمينداري ۾ مشغول رهي 1948ع ۾ وفات ڪري ويو. نواز علي خان هڪ وڏو پهلوان ٿيو. ڪيس ملاڪڙن جو مور سڏيندا هئا[1].

**5. الهداد خان:**

هي پٺاڻن جي مليزئي خاندان مان هو. سندس وڏا ملتان ۾ هئا. جتان الهداد خان علي مراد خانَ جي لشڪر ۾ اچي ڀرتي ٿيو ۽ ٿورن ڏينهن ۾ هڪ دستي جو جمعدار بڻجي ويو. هڪ دفعي اڪيلي سر تلوار سان مقابلو ڪري شينهن ماريائين، جنهن تي مير صاحب کيس وڏو انعام ڏنو. الهداد خان جي وفات کان پوءِ سندس پٽ نبن خان، غلام مصطفيٰ خان ۽ غلام رضا خان ڪجهه وقت ميرن جي فوج ۾ رهيا ۽ جلدي رٽائر ڪياڻون. نبن خان ڪجهه وقت ڪاردار به ٿي رهيو. نبن خان کان پوءِ سندس فرزند غلام رسول خان پوليس ۾ سب انسپيڪٽر ٿي رٽائر ڪيو. هن وقت هو زمينداري جو ڌنڌي ۾ مشغول آهي[2].

**6. سنجر خان:**

هي ڪاڪڙ قبيلي مان هو ۽ احمد يار خان جو فرزند هو. ملتان مان اچي مير علي مراد خان جي فوج ۾ شامل ٿيو. ڪيس مير صاحب جي فوج ۾ چڱي حيثيت هوندي هئي. هن کي ڪڏهن ڪڏهن بٽائي عملدار به مقرر ڪيو ويندو هو. هڪ دفعي مير علي مراد خان جي وليعهد مير فيض محمد خان جي خيرپور جي ٻاهران بگري ۾ منزل هئي. اتان سنجر خان ڪجهه سوارن سان اچي لنگهيو ته ڪجهه ڏوڙ اڏاڻي، جنهن تي وليعهد صاحب ناراض ٿيو ۽ سنجر خان کي نالائق سڏيائين. سنجر خان به ڪيس الٽو جواب ڏئي هليو ويو. مير فيض محمد ناراض ٿي، مير وڏي کي دانهن ڏني، مير صاحب سنجر خان کي گهرائي، پنهي کي ٺاهي ڇڏيو ۽ پٽ کي چيائين، "اهڙي وفادار عملدار سان سنو سلوڪ رکڻ گهرجي." سنجر خان جي وفات کان پوءِ مير فيض محمد خان سندس پٽ بهادر خان کي پاڻ وٽ نوڪريءَ ۾ رکيو ۽ ڪيس جاگير طور ڪجهه زمين به عطا ڪئي. بهادر خان پنهنجي پٽيان شير دل،

---

[1] زباني روايت: شاهنواز خان پٺاڻ، ساڪن خيرپور.
[2] ايضاً

عبدالرحمن ۽ عبدالله خان نالي ٽي پٽ ڇڏي وفات ڪري ويو. سنڌس پٽن مان ڪنهن بہ نوڪري ڪانہ ڪئي[1].

بهادر خان جو ننڍو پٽ عبدالله خان خيرپور جي مارڪيٽ ۾ هڪ هوٽل هلائيندو هو. هو هڪ وڏو بهادر، بيباڪ ۽ آزاد خيال ماڻهو هوندو هو. تاريخ 25 مئي 1976ع تي پنهنجي هڪ نوڪر هٿان قتل ٿي ويو.

## سرائي ڇڳا مڙس

### 1. سرائي محمد صالح خان:

خيرپور ۾ جيڪي بہ سرائي ٿي گذريا آهن، تن سڀني جو سرموڙ سرائي محمد صالح خان خدمتگار هو. هن جو تعلق بلوچستان جي زهري قبيلي سان هو ۽ هالاڻي جي جنگ وقت مير سهراب خان سان گڏجي آيو هو. هو مير سهراب خان جي خاص صلاحڪارن مان هڪ هو. کيس تعميراتي ڪمن سان گهڻي دلچسپي هوندي هئي. ڪوٽڏيجي جو مشهور قلعو احمد آباد سنڌس ئي نظرداريءَ ۾ تيار ٿيو. هن کي جمعو خان، خميسو خان، فاضل خان ۽ روجهو خان نالي چار پٽ هئا. جن جي پنيان خيرپور جي سرائين جا چار مشهور قبيلا جمعاڻي، خميساڻي، فاضلاڻي ۽ روجهاڻي ٿيا. اهي چار ڄڻا مير صاحب وٽ نوڪريءَ ۾ هئا ۽ وڏي اثر رسوخ وارا امير ٿي گذريا آهن[2].

### 2. سرائي علي گوهر خان:

هي مير سهراب خان جي پهرئين وزير شير محمد خان ٻگهئي جو پاءُ هو. سرائي محمد صالح خان سان بہ رشتيداري هيس. هو پنهنجي وقت جو وڏو امير ٿي گذريو آهي. هو ڪوٽڏيجي واري قلعي احمد آباد جو قلعدار هوندو هو ۽ نواب بہ سڏبو هو. هن وٽ هڪ فوجي دستو هميشہ موجود رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سفارت جا فرض بہ ادا ڪندو هو. هڪ دفعي هڪ بگٽيءَ، لشڪر خان کي لکڻ هنيو جنهن تي هن هڪ رات چوري قلعو ٽپي کيس قتل ڪري ڇڏيو هو. مير سهراب خان کيس توب جي منهن ۾ ڏئي مارائي ڇڏيو[3].

### 3. سرائي گهنور خان:

هي مير علي مراد خان جي اميرن ۾ هڪ برک ماڻهو هو جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو سخي ۽ مهمان نواز امير ٿي گذريو آهي. هن جي والد جو نالو غلام محمد خان

---

[1] زباني احوال: عبدالله خان ولد بهادر خان پناڻ.

[2] وڏن کان ٻڌل روايت: سرائي واحد بخش خان خميساڻي، ساڪن خيرپور ميرس.

[3] وڏن کان ٻڌل روايت: رئيس شاهنواز خان بگٽي، ساڪن ڪوٽڏيجي.

هو. سندس اوطاق رات ڏينهن کليل هوندي هئي. هو ايڏو مهمان نواز هوندو هو جو اڌ رات تائين مسافرن جي انتظار ۾ پنهنجي ماني بہ نہ کائيندو هو[1]. هن جي خيرپور جي خميساڻين سان رشتيداري هوندي هئي[2].

مير علي مراد خان کان پوءِ مير جان محمد خان ۽ سندس پٽن جو مختيارڪار ٿي رهيو. سندس عمر هڪ سؤ سالن کان مٿي هئي. ڪيس امير توڙي غريب عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. سندس تڪيہ ڪلام "الله بادشاهہ" هوندو هو. سن 1920ع ۾ وفات ڪيائين[3].

## 4. سرائي پيارو خان:

هي سرائي سيفل خان جو فرزند هو ۽ ذات جو خاصخيلي هو. مير علي مراد خان جي خاص خدمتگارن مان هو ۽ ڪوٽڏيجي جي شهر ۾ رهندو هو. سندس پڙ ڏاڏو سرائي غلام قاسم خان مير سهراب خان سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو ۽ سندس دايو ٿي رهيو هو. ان کان پوءِ سندس پٽ سرائي پانڌي خان مير سهراب خان ۽ مير رستم خان وٽ حاضر باش نوڪر ٿي رهيو. سرائي پانڌي خان کي مچندو خان، سيفل خان ۽ عبدالله خان نالي ٽي پٽ هئا ۽ ٽيئي مير رستم خان جا نوڪر هئا.

سرائي پياري خان کي مير علي مراد خان وٽ وڏي رسائي هئي ۽ سندس سڄي ڪئمپ جو انچارج هوندو هو. ڪيس سرائي غلام حسين خان، سرائي خان محمد خان ۽ سرائي محمد علي خان نالي ٽي پٽ هئا، جن مان سيني کان ننڍو سرائي محمد علي خان، مير فيض محمد خان ۽ مير امام بخش خان ٻنهي جو خاص خدمتگار ٿي رهيو[4].

سرائي خان محمد خان جو فرزند سرائي پيارو خان ثاني، مير علي نواز خان جي ڪئمپ ۾ هڪ معمولي نوڪر جي حيثيت ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجي قابليت ۽ ايمانداري سان ٿورن ئي ڏينهن ۾ مير صاحب جو اعتماد حاصل ڪري، سندس خاص توشڪي ٿي رهيو. مير علي نواز خان جي وفات کان پوءِ پنهنجي زمين تي هڪ نئون ڳوٺ ٻڌي ويٺو. هن وقت هو ڪوٽڏيجي تعلقي جي سٺن زميندارن مان هڪ آهي ۽ پنهنجن پٽن ۽ پوٽن سان عزت جو وقت گذاري رهيو آهي. سندس بہ پوٽا نياز حسين خان ۽ محمد علي خان سرڪاري نوڪرين ۾ آهن[5].

---

[1] زباني روايت: سرائي واحد بخش خان خاصخيلي، ساڪن خيرپور.
[2] زباني روايت: سرائي واحد بخش خان خميساڻي، ساڪن خيرپور
[3] زباني روايت: سرائي ربنواز خان رنڌ، ساڪن خيرپور.
[4] زباني احوال: سرائي پيارو خان ثاني، ساڪن ڳوٺ پيارو خان.
[5] زباني احوال: سرائي پيارو خان ثاني، ساڪن ڳوٺ پيارو خان.

### 5. سرائي لطف علي خان:

هي سرائي اسحاق علي خان پنيري جو فرزند هو. مير علي مراد خان جو آبدار هو ۽ هميشه سندس خدمت ۾ رهندو هو. مٿس مير صاحب کي ماني کارائڻ ۽ پاڻي پيارڻ جي ڊيوٽي هوندي هئي. سندس والد مير صاحب جي نائب وزير چوڌري علي بخش خان سان گڏجي جيڪب آباد مان خيرپور ۾ آيو هو ۽ ڪجهه وقت ڪوٽوار ٿي رهيو هو [(1)].

سرائي لطف علي خان عهدي جي لحاظ کان صرف آبدار هو پر پنهنجي قابليت ۽ اعليٰ صلاحيتن جي وسيلي مير صاحب جو مقرب خاص بڻجي ويو هو. ايتريقدر جو سندس توشاخاني ۽ خانگي خزاني جو ڪم به ڪندو هو ۽ ڪيس اپيلن پڌڻ ۾ به مدد ڪندو هو. مير صاحب جي مهر سندس حوالي هوندي هئي ۽ سندس روبرو ڪاغذن تي هڻندو هو. ان کان سواءِ نير جي ڍل اڳاڙڻ واري عملي جي نظر داري به ڪندو هو [(2)].

سرائي لطف علي خان کي ڪرم علي خان، احمد علي خان، اسحاق علي خان، مهر علي خان ۽ محمد علي خان نالي پنج پٽ هئا. جن مان ڪرم علي خان ۽ احمد علي خان مير صاحب جا توشڪي مقرر ٿيا. سرائي احمد علي خان پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ مير علي مراد خان کي تمام ويجهڙو ٿي ويو ۽ هڪ گهڙي به جدا نه ٿيندو هو. هن تي مير صاحب جي پٽس کان به وڌيڪ مهرباني هوندي هئي [(3)].

مير علي مراد خان جي وفات کان پوءِ ڏک ۾ جهنگ منهن ڪري، ديوانن وانگر رلندو رهيو. سال کن مجذوبن واري زندگي گذاري صوفين جي صحبت ۾ آيو. هڪ دفعي ڪيس پراڻو دوست سيد حسين شاهه بهاولپوري ملي ويو جنهن سان گڏجي روهڙي ۽ لاڙڪاڻي جو سير ڪيائين. آخرڪار صوفين جي صحبت مان به مزو نه آيس ۽ مولوي قاسم علي شاهه شيرازي وٽ ڪوٽڏيجي ۾ آيو. جنهن ڪيس پنهنجي صحبت ۾ رکيو. اتي ٿورن ئي ڏينهن ۾ سندس دماغ جاءِ تي آيو. ان هوندي به سندس طبيعت ملول رهي. نيٺ عراق ۽ ايران جي سفر تي وڃي امامن جي روضن جي زيارت ڪري آيو. پوءِ ڳوٺ اچي "گلدستهء ريحان" نالي فارسي ۾ هڪ ڪتاب لکيائين، جنهن ۾ مير علي مراد خان متعلق ڪجهه احوال سان گڏ پنهنجي سفر جو سربستو احوال لکيائين [(5)]. اهو ڪتاب به سندس هڪ سني اديب هجڻ جي ساک ڀري ٿو.

---

[(1)] زباني روايت: سرائي ربنواز خان، ساڪن خيرپور ميرس.

[(2)] قليچ بيگ مرزا: "خيرپور جي تاريخ" حوالو ڏنل آهي، ص، 175 ۽ 176.

[(3)] زباني روايت: سرائي ربنواز خان، ساڪن خيرپور ميرس.

[(5)] احمد علي خان سرائي: "گلدسته ريحان"، فارسي ۾ قلمي نسخو.

سرائي احمد علي خان کان پوءِ سندس پاڻيٽو سرائي الطاف حسين خان ولد سرائي ڪرم علي خان، مير علي نواز خان جي مهمان خاني جو مهتمم اعليٰ ٿي رهيو[1]. سرائي الطاف حسين خان جو پاءُ سرائي اشفاق حسين خان عرف ربنواز خان، مير علي مراد خان ثاني وٽ منشي هو جيڪو اڳئين مهيني ۾ وفات ڪري ويو. هو سنڌي ۽ اردو جو هڪ چڱو شاعر بہ هو.

6. سرائي گل شير خان:

هي سرائي ولي محمد خان جو فرزند هو ۽ بلوچن جي رودراڻي قبيلي مان هو. هن قبيلي کي خيرپور ۾ "ميرجت" بہ سڏيندا آهن. سرائي گلشير خان جو پڙ ڏاڏو سرائي رواج خان، مير سهراب خان سان گڏجي خيرپور ۾ آيو ۽ ڪوٽڏيجي جي پرسان ڪجهہ زمين حاصل ڪري ويٺو. هن سان سندس پٽ حاڪم خان بہ گڏجي آيو هو[2].

سرائي گلشير خان جي ولادت 1865ع ۾ ٿي ۽ مير عليٰ مراد خان جي آخري ڏينهن ۾ هڪ معمولي خدمتگار جي حيثيت ۾ مير صاحب جو نوڪر ٿي رهيو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ ترقي ڪري مير احمد علي خان جو مختيارڪار بڻجي ويو. هڪ دفعي مير محمد مراد خان سان ۽ ٻئي دفعي مير فيض محمد خان سان گڏجي ڪربلا معليٰ جي زيارت ڪري آيو. مير احمد علي خان جي وفات کان پوءِ نوڪري تان استعيفا ڏيئي گهر ۾ گوشہ نشين ٿي ويٺو ۽ نومبر 1945ع ۾ وفات ڪري ويو[3]. سرائي گلشير خان جو وڏو فرزند سرائي امداد علي خان مير علي مراد خان ثاني جو چيف سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ ننڍو فرزند سرائي محمد حسن خان اڄ تائين مير صاحب جو اسٽيٽ مئنيجر آهي.

7. جمعاڻي سرائي:

ڪوٽڏيجي جو جمعاڻي خاندان ميرن وٽ وڏي اقبال ۽ عزت سان رهيو. هن خاندان جو وڏو سرائي جمعو خان مير سهراب خان جي خاص خدمتگارن مان هو. سندس پٽ وايو خان ۽ پوٽو پليو خان مير مبارڪ خان جي اميرن ۾ برک هئا ۽ ڪين وڏو اقتدار حاصل هو. پلئي خان کي مير مبارڪ خان جي فرزند مير نصير خان وٽ بہ وڏي عزت هوندي هئي. پلئي خان جو فرزند سرائي ولي محمد خان مير علي مراد خان جي خاص خدمتگارن ۾ شامل هوندو هو. سرائي ولي محمد خان جا بہ پٽ

---

[1] زباني روايت: سرائي اعجاز حسين خان وڪيل خيرپور ميرس.
[2] زباني احوال: سرائي امداد علي خان، ساڪن ڪوٽڏيجي.
[3] زباني احوال: سرائي امداد علي خان، ساڪن ڪوٽڏيجي.

سرائي غلام محمد خان ۽ سرائي خير محمد خان، مير فيض محمد خان ۽ مير امام بخش خان وٽ وڏي عزت جا صاحب هوندا هئا. سرائي غلام محمد خان جو پٽ سرائي گل محمد خان مير علي نواز خان جو خاص دايو ٿي رهيو ۽ پڇاڙيءَ ۾ مختيارڪار به هوندو هو[1].

سرائي در محمد خان به مير علي نواز خان جو درباري امير هوندو هو. سرائي در محمد خان جو سوٽ سرائي فتح علي خان ولد سرائي خير محمد خان، مير علي نواز خان جي رازدان نوڪرن مان هو[2]. جڏهن مير علي نواز خان وليعهد واري زماني ۾ پنهنجي پيءُ کان ناراض ٿي هندستان هليو ويو هو تڏهن سرائي فتح علي خان به ساڻس ڪنو هو. هڪ دفعي شولاپور ۾ مير صاحب شينهن جو شڪار پئي ڪيو ته مير صاحب جي جان بچائيندي، سرائي صاحب شينهن جي هٿان مارجي ويو. سندس تربت شولاپور ۾ آهي. سرائي فتح علي خان کان پوءِ سندس ڀاءُ سرائي عطا محمد خان مير علي نواز خان وٽ وڏو رسوخ حاصل ڪيو ۽ خدمتگاري مان ترقي ڪري نائب وزير بڻيو[3].

هن وقت هن خاندان مان سرائي گل محمد خان هاءِ اسڪول ڪوٽڏيجي ۾ ماستر آهي. هو هڪ ڏاڍو پيارو ماڻهو آهي.

8. سرائي عبدالحڪيم خان:

هي سارنگ فقير راڄپر جو فرزند هو جيڪو لاڙ جو وينل هو ۽ اتان جي مري بلوچن سان سنا تعلقات هيس. جڏهن مير مراد علي خان خيرپور جي حڪومت جون واڳون ورتيون، تڏهن ڪجهه مري بلوچن سان گڏ سرائي عبدالحڪيم ۽ سندس والد سارنگ فقير کي به پاڻ وٽ گهرائي، ڪوٽڏيجي جي شهر ۾ آباد ڪيائين.

سرائي عبدالحڪيم خان مير صاحب جي خاص حڪيمن مان هڪ هوندو هو. سفر توڙي حضر ۾ ساڻس ڪنو رهندو هو. هن جي وفات کان پوءِ سندس فرزند سرائي محمد بخش خان مير صاحب جو خانداني حڪيم بڻيو. ڪيس طب ۾ وڏي مهارت هئي ۽ طب جي فن ۾ ڪافي ڪتاب لکيائين. هن کي مير فيض محمد خان ۽ مير امير علي جي دربارين ۾ خاص رسوخ حاصل هوندو هو. هن کان پوءِ سندس پٽ سرائي غلام اڪبر خان طب جي علم ۾ پنهنجن وڏن کان به وڌيڪ حڪيم بڻيو ۽ ڪيس

---

[1] جمعاڻي خاندان جو شجرو: مملوڪ سرائي گل محمد خان.

[2] زباني احوال: سرائي گل محمد خان، ساڪن ڪوٽڏيجي.

[3] زباني احوال: سرائي گل محمد خان جمعاڻي، ساڪن ڪوٽڏيجي.

مير امام بخش خان ۽ مير علي نواز خان ٻنهي جي مصاحبن ۾ وڏي حيثيت حاصل هوندي هئي. هو هڪ وڏو مهمان نواز، ڪچهري جو ڪوڏيو ۽ نيڪ نيت انسان ٿي گذريو آهي. سندس وڏي فرزند سرائي محمد بخش خان ثاني وٽ سندس هٿ جو لکيل بياض موجود آهي، جيڪو تشخيص امراض جي احوال سان گڏ مجرب نسخن جو بهترين مجموعو آهي[1].

### 9. سرائي لڏو خان:

سرائي لڏو خان راڄپر جي وڏهرن واري پاڙي مان هو ۽ راڻيپور جي پرسان گٺ واري ڳوٺ ۾ وينل هو. سرائي عبدالحڪيم خان جو دوست هو ۽ ان جي صلاح سان پنهنجن ٽن پٽن سرائي صفر خان، سرائي پياري خان ۽ سرائي الهڏني خان سان گڏجي مير علي مراد خان وٽ اچي نوڪري ڪيائين ۽ ڪوٽڏيجي ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. معمولي ملازمت مان ترقي ڪري ناري تعلقي جو محالڪار بڻيو. سندس ٽيئي پٽ به ميرن جي خدمتگارن ۾ شامل هئا. جن مان پياري خان سان مير علي مراد خان جو گهڻو پيار ٿي ويو. هن ڪيس پنهنجو مختيارڪار ڪري رکيو. پياري خان کان پوءِ سندس پٽ سرائي غلام رسول خان، مير احمد علي خان جو خاص ماڻهو ٿي رهيو ۽ ترقي ڪري مير صاحب جو مختيارڪار بڻجي ويو. مير احمد علي خان جي وفات کان پوءِ سندس صاحبزادن وٽ به ساڳي نوڪري تي قائم رهيو. سرائي غلام رسول خان کي سندس خدمتن جي صلي ۾ مير فيض محمد خان، مير امام بخش خان ۽ مير علي نواز خان وٽان مختلف موقعن تي پروانا ۽ انعام ملندا هئا. وقت جا ٽيئي حاڪم پنهنجن خطن ۾ ڪيس پنهنجن پٽن وانگر (مانند فرزندان) لکندا هئا. هو هڪ وڏو دورانديش ۽ تجربيڪار آدمي ٿي گذريو آهي[2].

### 10. سرائي مبارڪ خان:

هي سرائي الله اوباهئي خان سهاڳ جو فرزند هو. سرائي الله اوباهيو مير علي مراد خان جي نوتڪاڻين واري ديري جو نوڪر هو. آهستي آهستي ترقي ڪري عام مختار ٿي رهيو. ڪيس مبارڪ خان ۽ علي بخش خان نالي ٻه فرزند هئا. جيڪي مير شاهنواز خان وٽ روزانو ڇهن پئسن جي حساب سان نوڪري ڏيندا هئا. ٻئي ميرن جي ٻارن سان گڏ پڙهندا به رهيا. سرائي مبارڪ خان نوڪري واري زماني ۾ ئي فارسي ۾ چڱي مهارت حاصل ڪري ورتي. جڏهن ڪجهه وڏو ٿيو. تڏهن مير فيض محمد خان وٽ پندرهن روپين ماهوار جي حساب سان ملازم ٿيو. اهو مير فيض

---

[1] زباني احوال: سرائي گل محمد بخش راڄپر، ساڪن ڪوٽڏيجي.

[2] زباني احوال: سرائي لطف علي خان، ساڪن ڪوٽڏيجي.

محمد خان جي وليعهديءَ جو زمانو هو. هڪ دفعي محلاتي سازش هيٺ هڪ ٻانهيءَ مير صاحب جي طعام ۾ زهر ملايو. اها خبر سرائي مبارڪ خان کي پئجي وئي ۽ مير صاحب کي طعام کائڻ کان منع ڪيائين. مير صاحب ٻانهيءَ کي گهرائي سچي ڪرائي. سرائي صاحب جي انهيءَ وفاداري تي مير فيض محمد خان ڏاڍو راضي ٿيو ۽ کيس ماني کارائڻ جو داروغو مقرر ڪيائين. جڏهن مير علي مراد خان وفات ڪئي ۽ مير فيض محمد خان گادي تي ويٺو تڏهن سرائي مبارڪ خان کي پنهنجو توشڪي مقرر ڪيائين. مير صاحب جو سرائي صاحب تي وڏو اعتماد هوندو هو ۽ سندس چوڻ ڪڏهن بہ نہ موٽائيندو هو. مير صاحب جي مهر بہ مبارڪ خان جي حوالي هوندي هئي. مير فيض محمد خان جي وفات کان پوءِ مير امام بخش خان جي وقت ۾ بہ سرائي مبارڪ خان جي بخت جو ستارو بلند رهيو. مير صاحب کيس هڪ گهڙي بہ پاڻ کان پري نہ ڪندو هو. هو مير صاحب جي زبان ٻڻجي ويو هو. مير امام بخش خان جي وفات، کان پوءِ پنهنجي گهر گوشہ نشين ٿي ويٺو. کيس گهر ويٺي مير علي نواز خان ڏيڍ سؤ رپيا موڪليندو رهندو هو. ٽن سالن بعد سرائي مبارڪ خان وفات ڪري ويو ۽ پنهنجي پٺيان ٻہ پٽ سرائي امداد علي خان ۽ سرائي غلام سرور خان نالي ڇڏي ويو.

سرائي مبارڪ خان جو وڏو پٽ سرائي امداد علي خان مير نواز علي خان جي ڪئمپ ۾ آيو ۽ ٽيهن روپين جي پگهار سان معمولي نوڪر ٻڌيو. هن بہ آهستي آهستي ايمانداري سان نوڪري ڏيئي مير صاحب جو اعتماد حاصل ڪيو ۽ توشڪي ٻڻجي ويو. اهو مير علي نواز خان جي عشق وارو زمانو هو جڏهن سندس نڪاح ۾ آيل محبوبہ بيبي اقبال بيگم عرف بالي ساڻس ناراض ٿي لاهور ۾ وڃي رهي ۽ مير صاحب جي جواهرات مان ايڏي لکن جو ياقوت، سٺ هزارن جو هيرو ۽ ٽيهن هزارن جو زمرد بہ کڻي وئي. مير صاحب جي حڪم سان سرائي صاحب لاهور وڃي بيگم صاحبہ کي پرچائڻ لاءِ رهيو. ڏيڍ سال لاهور ۾ رهڻ بعد هن بيگم صاحبہ کي راضي ڪري ورتو. طالب ۽ مطلوب ٻيئي هڪ ٻئي سان راضي ٿيا ۽ سرائي صاحب جي اقبال ۾ اضافو آيو. هن کي انعام ۾ هڪ سؤ ايڪڙ زمين جا جاگير طور ڏنا ويا ۽ کيس ڪئمپ شاهي جو مدار المهام بڻايو ويو. هو مير صاحب جي زندگي جو سارو عرصو شان ۽ شوڪت سان نوڪريءَ ۾ رهيو. مير صاحب جي وفات کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ٽالپر وڏا ۾ زميندار ٿي رهيو ۽ 1952ع ۾ وفات ڪري ويو. هاڻي

سندس چار پٽ غلام شبير خان، عطا محمد خان ۽ الطاف حسين خان سرڪاري نوڪرين ۾ آهن ۽ سفيد پوشيءَ جي زندگي گذاري رهيا آهن[1].

## اُنڙن جو خاندان:

ڪوٽڏيجيءَ جا انڙ اصل ۾ نواب شاهہ ضلعي جا آهن. هنن جي مورث اعليٰ محمد عاقل خان جا خيرپور جي حاڪم مير فيض محمد خان اول سان سٺا تعلق هوندا هئا ۽ وٽس هميشہ ايندو رهندو هو. نيٺ هڪ ڏينهن مير صاحب هن کان نياڻي جو سڱ گهريو جيڪو هن خوشي سان ڏيڻ قبول ڪيو. مير صاحب جي شادي کان پوءِ هو پنهنجي خاندان سميت ڪوٽڏيجي ۾ اچي رهيو. ميرن سان تعلقات سبب سرائي سڏجڻ ۾ آيو. سرائي محمد عاقل خان جو پٽ سرائي لعل بخش خان ۽ پوٽو سرائي شاهہ بخش خان بہ ميرن سان سٺا تعلقات رکندا آيا، پر ميرن وٽ نوڪري نہ ڪيائون. هو زمينداريءَ جو شغل جاري رکندا آيا. سرائي شاهہ بخش خان کي سرائي محمد حسين خان ۽ سرائي نذر حسين خان نالي بہ پٽ ڄاوا، جيڪي پڙهي علم جا اڪابر ٿيا. سرائي محمد حسين خان زمينداري ۾ مشغول رهيو ۽ سرائي نذر حسين خان پوليس ۾ سب انسپيڪٽر تي رٽائر ڪيو. هن وقت بئي پائر ڪوٽڏيجي ۾ سفيد پوشيءَ جي زندگي گذاري رهيا آهن. سندن پٽ ۽ پوٽا سرڪاري نوڪرين ۾ آهن[2].

### سرائي علڻ خان:

سرائي علڻ خان خاصخيلي مير محمد مراد خان ٽالپر جو مختيارڪار هوندو هو ۽ مير صاحب جو سمورو ڪاروبار سنڀاليندو هو. سندس گهر موجوده فوجداري جي پرسان اتر اوڀر طرف تي هوندو هو. مير فيض محمد خان جي زماني ۾ سيني سرڪاري تقريبن ۽ ميلي ملاکڙي يا کيل تماشي جو بندوبست سرائي گنهور سان گڏجي ڪندو هو. هو هڪ وڏو هردلعزيز سخي مرد ۽ ڏکهي نظر وارو ماڻهو هو. سندس دسترخوان تمام ڪشادو هو. ڪيترائي بيروزگار سندس اوطاق تان پلبا هئا. وڏي شان شوڪت ۽ ٺٽ ٺانگر سان رهندو هو. ڪيس خيرپور رياست جي اميرن ۾ وڏي حيثيت هوندي هئي. هو پهلوانن ۽ مَلهن جي سرپرستي بہ ڪندو هو[3].

---

[1] امداد علي خان، سرائي: "سهاڳن جو احوال"، قلمي مسودو، مملوڪ سرائي غلام شبير خان، ساڪن ڳوٺ ٽالپر وڏا.

[2] زباني احوال: سرائي نذر حسين خان اُنڙ، ساڪن ڪوٽڏيجي.

[3] زباني احوال: سرائي واحد بخش خان خاصخيلي، ساڪن خيرپور.

**سرائي ڏنل خان:**

هي سنڌ جي مشهور معروف ڏاريجا قوم مان هو ۽ هيسباڻين جي ڳوٺ جو وينل هو. سرائي علڻ خان جي عملي ۾ هڪ معمولي نوڪر جي حيثيت سان داخل ٿيو. ٿوري ئي وقت ۾ سرائي صاحب ۽ مير صاحب جو اعتماد حاصل ڪري ترقي ڪيائين. سرائي علڻ خان سان رشتيداري بہ هيس. سرائي علڻ خان کان پوءِ ان جو جانشين بڻيو ۽ مختيارڪاري جي عهدي تي پهتو[1]. هي بہ سرائي علڻ خان وانگر وڏو مهمان نواز ۽ هردلعزيز ماڻهو هوندو هو. ميرن جي خاندان جو بنيادي خدمتگار هو. سخن جو سچو ۽ مانيءَ جو ملھ هوندو هو. سندس اوطاق پراڻي ۽ ڊنل هئي، جتي ماڻهن جا ميلا متل هوندا هئا[2].

---

[1] زباني احوال: سرائي واحد بخش خان خاصخيلي، ساڪن خيرپور.

[2] علي محمد شاه، راشدي پير: "اهي ڏينهن اهي شينهن"، حوالو ڏنل آهي، ص 71، 72.



سرائي محمد حسين خان انڙ



سرائي محمد عاقل خان انڙ



سرائي ڏنل خان ڦاريجو



قاضي غلام قادر خان



قاضي غلام علي خان



سيد پناھ علي شاھ



سيد پيارل شاھ



مرزا بدل بیگ



مرزا قاسم علی بیگ



مولوی محمد صادق

# مخدوم، قاضي ۽ عالم

**کهڙن جا مخدوم:**

کهڙن جا مخدوم رسول پاڪ صہ جن جي چاچي حضرت عباس جي اولاد مان آهن. سندن وڏو ڏاڏو مخدوم محمد ابراهيم، بغداد جي خليفي معتصم عباسي جي ڏينهن ۾ دين جي تبليغ لاءِ سنڌ ۾ آيو جنهن جي اولاد مان ڪيترائي برگزيده بزرگ پيدا ٿيا، جيڪي پنهنجي پنهنجي وقت ۾ ديني اقتدار قائم رکندا آيا. انهيءَ خاندان جا پنج گادي نشين، مخدوم عبدالله، مخدوم جمال الدين، مخدوم عبيدالله، مخدوم يحيٰ ۽ مخدوم محمد هڪ ٻئي پٺيان، حيدرآباد جي پرسان، ڪلور واري ٽڪريءَ وٽ مقيم رهيا. کين "ڪلور واره بزرگ" سڏيو ويندو هو. اهو لفظ ڪلور واره بگڙجي "ڪلهوڙا" بڻجي ويو[1]. ان کان پوءِ مخدوم احمد 870 هجري ۾ ننتي ۾ وفات ڪئي، جتي سندس فرزند مخدوم اسد الله لڏي اچي وينو. مخدوم اسد الله 966 هجري ۾ تبليغي دورو ڪندي، گمبٽ جي پرسان پيپريءَ جي ڳوٺ ۾ وفات ڪئي، تنهن ڪري سندس فرزند مخدوم جمال الدين ثاني اتي اچي سڪونت اختيار ڪئي. ان کان پوءِ سندس فرزند مخدوم يحيٰ ثاني به پيپريءَ ۾ ئي رهيو. جتان ان جو پٽ مخدوم عبدالخالق لڏي اچي کهڙن جي شهر ۾ ديني درسگاهہ قائم ڪري وينو. سندس وفات 1063 هجري ۾ ٿي[2].

مخدوم عبدالخالق کان پوءِ کهڙن ۾ مخدوم محمد عاقل اول، مخدوم محمد، مخدوم عبدالرحمن شهيد ۽ مخدوم محمد هڪ ٻئي پٺيان سجاده نشين ٿيندا آيا. مخدوم عبدالرحمن شهيد جو ننڍو پٽ مخدوم احمدي، پنهنجي وڏي ڀاءُ مخدوم محمدي جي وفات کان پوءِ سن 1171 هجري ۾ گاديءَ تي وينو. هو ڪلهوڙن جي آخري ۽ ٽالپرن جي اوائلي دور جو وڏي ۾ وڏو عالم هو. کيس وقت جا حاڪم به قدر

---

[1] الله بخش مخدوم، عاصي: "تذڪره مخاديم کهڙا." قلمي نسخو مملوڪ راقم الحروف.
[2] ايضا:

جي نگاهه سان ڏسندا هئا. هن جي ٿي ڏينهن ۾ برهان نالي هڪ بدعتي فقير پيدا ٿيو جيڪو شعبده بازين جي ذريعي مير فتح علي خان کي به پنهنجو معتقد بڻائي چڪو هو. مخدوم صاحب حيدرآباد وڃي ساڻس مناظرو ڪيو ۽ کيس گرفتار ڪري کهڙن ۾ وٺي آيو. هو ڇهن مهينن تائين مخدوم صاحب جي قيد ۾ هو. هڪ رات پير محمد راشد کي ريهي ربيي بند ڪشادا ڪرائي هميشه لاءِ فرار ٿي ويو[1].

گمبٽ ۽ راڻيپور جي پيرن جا وڏا سيد محمد شاهه ۽ سيد احمد شاهه جڏهن بغداد کان سنڌ ۾ آيا هئا، تڏهن پورا ٻارهن مهينا مخدوم احمدي جي اوطاق ۾ قيام پذير هئا. ٻنهي ڀائرن جا مخدوم صاحب سان دوستاڻا ۽ گهاٽا تعلقات هئا. هو پير پاڳارن جي وڏي پير محمد راشد سائين جو به استاد هو. افغانستان ۽ سنڌ جا سمورا حاڪم کيس عزت جي نگاهه سان ڏسندا هئا. هن 1203 هجري ۾ وفات ڪئي[2].

مخدوم احمدي جي وفات کان پوءِ سندس وڏو فرزند مخدوم محمد عاقل ثاني خلافت جي گاديءَ تي ويٺو. هو هڪ وڏو موحد هو ۽ رات ڏينهن محمدي دين کي وڌائڻ ۽ ٻي ديني جي پاڙن پٽڻ ۾ مصروف رهندو هو. ٻي دين سندس پاڇي کي پڇندا ۽ ڇرڪندا هئا. وقت جا حاڪم سندس معتقد هوندا هئا ۽ سندس ديني ڪمن ۾ ڪا به دست اندازي نه ڪندا هئا. جتي ڪٿي سندس ڌاڪو ڄميل هوندو هو. جيڪڏهن ڪو غير مسلم هيڪر ڪلمو پڙهندو هو ته پوءِ ان کي زوري مسلمان ڪندو هو. هڪ دفعي مير سهراب خان جي مختيارڪار ديوان واڌو مل ۽ سندس پٽ ڏنيچند کي زوري مسمان ڪيائين ته ڪجهه ميرن اعتراض ڪيو. مخدوم صاحب ساڻن وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويو مگر راڻيپور جي پيرن وچ ۾ پئي جهڳڙو ناري ڇڏيو.

مخدوم صاحب جي زماني جا مشهور مجذوب گنگو فقير ۽ قاسم علي شاهه به ڪڏهن ڪپڙا ڍڪي اچي وٽس ويهندا ۽ رهاڻ ڪندا هئا. هڪ دفعي سچل سرمست جو شطحي (خلاف شريعت) ڪلام ٻڌي مخدوم صاحب درازن ۾ وڃي کيس تعزير ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو. سچل سرمست سندس تيار ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي کهڙن ۾ آيو ۽ مخدوم صاحب ساڻ ملي چيائين، "ٻندي کي ڪهڙي مجال آهي جو شريعت جي خلاف وڃي." ان تي مخدوم صاحب کيس آئنده لاءِ هدايت ڪئي[3].

هڪ دفعي 1219 هجري ۾ افغانستان جو بادشاهه شاهه شجاع سنڌ تي حملو ڪرڻ تي آيو ته خيرپور ۽ حيدرآباد وارن ميرن جي استدعا تي مخدوم صاحب، پير

---

[1] الله بخش مخدوم عاصي: حوالو ڏنل آهي.
[2] ايضًا
[3] الله بخش مخدوم، عاصي، حوالو ڏنل آهي.

محمد راشد ۽ پير صالح شاهہ راڻيپوري سان گڏجي شاهہ شجاع کي واٽ تان واپس ڪري آيو هو. مخدوم صاحب سن 1232 هجري ۾ برقعو مٽايو[1].

مخدوم محمد عاقل جي وفات بعد سندس وڏو پٽ محمد ضياء الدين مسند نشين ٿيو مگر ساڻس عمر وفا نہ ڪئي ۽ ڇهن مهينن ۾ فوت ٿي ويو ۽ سندس ننڍو ڀاءُ مخدوم عبدالخالق ثاني گادي تي ويٺو. هو قرآن، حديث ۽ فقهہ جي علم جو وڏو ماهر هو. سنڌ جي عالمن ۾ کيس وڏي حيثيت حاصل هئي. ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن مان سندس ھٿ جلدن ۾ بياض ۽ منتخب جامع صغير مشهور آهن. ساڍا سترنهہ سال مخدومي جي خلافت کي رونق بخشي 1268 هجري ۾ رحلت ڪري ويو. سندس وفات جو سال "چراغ دين" مان نڪري ٿو[2].

مخدوم عبدالخالق ثاني جي وفات کان پوءِ سندس وڏو پٽ مخدوم محمد عاقل ثالث عرف مخدوم پير محمد سجاده نشين ٿيو جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ اعليٰ درجي جو شاعر هو. هن پنهنجي پنيان ڪيترين ئي تصنيفون ڇڏيون. قرآن پاڪ جي آخري پاري جو فارسيءَ ۾ تفسير "منبع المعاني" ۽ ٻيا ڪيترائي حديث ۽ فقهہ جا رسالا لکيائين، جي سندس ديني علم جي ڪمال جو ثبوت ڏين ٿا. سندس مشهور ڪتابن تاريخ آئينہ جهان نما، چار درويش، انشائي فارسي، رياض المحافل، ديوان غزليات، مڪتوبات ۽ انشائي مرغوبي جي مطالعي مان سندس ادبي حيثيت جو اندازو لڳائي ٿو سگهجي. سندس نظم خواه نثر جي تحريرن ۾ معنوي توڙي لفظي صنعتن جو تمام گهڻو استعمال ٿيل آهي. مثال طور هڪ طويل خط، جيڪو پنهنجي دوست قاضي غلام محمد ڏانهن لکيو هئائين. ان جي هر هڪ فقري مان قاضي غلام محمد جي نالي جا عدد برآمد ٿين ٿا. سندس انتقال تاريخ 6 شعبان، 1293 هجري تي ٿيو[3].

هن کان پوءِ سندس وڏي پٽ مخدوم عبدالخالق ثالث عرف مخدوم دين محمد مخدومي جي مسند کي زينت بخشي. هي بہ پنهنجن وڏن جي سنت تي عمل ڪري، دين جي عظمت قائم رکڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. هن جي ڏينهن ۾ سنڌ تي انگريزن جي حڪومت جو تسلط قائم ٿي چڪو هو. هڪ دفعي گمبٽ تعلقي جي ڳوٺ ٻهاري ۾ سپاڳي نالي هڪ هندوءَ کي زوريءَ مسلمان ڪيائين. جنهن تي مير مراد علي خان کيس جماعت سميت احمد آباد جي قلعي (ڪوٽڏيجي) ۾ پنج مهينا

---

(1) ايضًا:

(2) ايضًا

(3) الله بخش مخدوم عاصي، حوالو ڏنل آهي.

قيد ۾ رکيو. مخدوم صاحب جي جماعت سمهن هٽندي بي اختيار ڪجھ بددعا جا فقرا ڪڍيا، جيڪي حرف بحرف پورا ٿيا ۽ مير صاحب مجبور ٿي مخدوم صاحب کي سندس جماعت سميت آزاد ڪيو. هو تاريخ پهرين صفر، 1316 هجري تي هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو.[1]

مخدوم عبدالخالق ثالث جي وفات کان پوءِ سندس فرزند مخدوم محمد عاقل رابع عرف مخدوم شفيع محمد سجاده نشين ٿيو. هو هردلعزيز مهمان نواز ۽ عالم شخص هو. اميرن توڙي غريبن سان سنو رستو هلندو هو. ويجهڙائي ۾ ٻه پٽ نيڪ محمد ۽ پير محمد ڇڏي وفات ڪري ويو آهي. هن وقت مخدومي جي پڳ مخدوم نيڪ محمد کي ورثي ۾ ملي آهي.

## (ب) ڪوٽڙي ڪبير جا مخدوم:

ڪوٽڙي ڪبير جا مخدوم عرب جي مشهور صديقي قبيلي سان واسطو رکن ٿا. سندن موروث اعليٰ محمد اسحاق پنهنجي پٽ سخي هارون سميت محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ مڪران ۾ اچي ويٺو. سخي هارون جي اولاد مان مخدوم محمود ڪوٽڙيءَ جي پرسان اچي رهيو. هو پنهنجي زماني جو وڏو عالم ۽ معرفت جو صاحب ٿي گذريو آهي. مخدوم محمود جي وفات کان پوءِ مخدوم محمد معرفت جي مسند تي ويٺو. هيءُ به پنهنجن وڏن وانگر وڏوفيض جو صاحب ٿي گذريو آهي. مخدوم محمد خان کان پوءِ سندس فرزند مخدوم محمد ڪبير انين صدي هجري ۾ ڪوٽڙي جو شهر وسايو ۽ اهو شهر سندس نالي پٺيان ڪوٽڙي ڪبير سڏجڻ لڳو. ڪيس رحمت شاھ، محمد قاسم، الله دوست ۽ الهيار نالي چار فرزند ٿيا ۽ چارئي باعمل عالم ۽ باڪمال بزرگ ٿيا. سڄي سنڌ ۾ سندن علم ۽ فيض جو چرچو عام ٿي ويو. مخدوم الهيار وڏو متوڪل ۽ پرهيزگار شخص هوندو هو جيڪو سخي الهيار جي نالي سان مشهور آهي.

مخدوم رحمت شاھ جا ٻه فرزند مخدوم وجھ الدين ۽ مخدوم عبدالاول عرف مير اول ٻه وڏا اهل الله ٿي گذريا آهن. مخدوم وجھ الدين کان پوءِ سندس فرزند مخدوم محمد عاقل عرف صاحبڏنو اول مخدوميءَ جي گادي تي ويٺو ۽ معرفت جو فيض جاري رکندو آيو. مخدوم محمد عاقل کان پوءِ سندس فرزند مخدوم يار محمد سجاده نشين ٿيو. سندس ولادت 8 ذوالقعد، 1149 هجري ۾ ٿي ۽ وفات 1219 هجري ۾ ڪيائين. هو ڪلهوڙن جي آخري دور ۾ جائو ۽ ميرن جي اوائلي دور ۾ وفات ڪيائين. خيرپور جو حاڪم مير سهراب خان سندس معتقد هوندو هو. پاڳارن جي

---

[1] لله بخش، مخدوم عاصي: حوالو ڏنل آهي.

درگاهہ جو وڏو پير محمد راشد سندس شاگرد هو. مخدوم يار محمد کان پوءِ سندس پٽ صاحبڏنو ثاني سجاده نشين ٿيو. هي بہ وڏي فيض ۽ برڪت جو صاحب هو. مخدوم صاحب ڏني ثانيءَ کان پوءِ سندس پٽ مخدوم فتح الدين ۽ پوٽو مخدوم نور محمد هڪ ٻئي پنيان مخدوميءَ جي گاديءَ تي ويٺا. مخدوم نور محمد کي نرينو اولاد ڪونہ هو. تنهن ڪري سندس وفات کان پوءِ ان جو ڀاڻيجو ميان غلام قادر مسند نشين ٿيو جيڪو تاحال وڏڙن جا ڪک وسايو ويٺو آهي. هو هڪ وڏو خوش خلق، مهمان نواز ۽ تاريخدان شخص آهي. سندس صحبت ڏاڍي قربائتي آهي. هي مخدوم وجهہ الدين جي ڀاءُ مخدوم عبدالاول جي اولاد مان آهي. سندس والد بزرگوار مخدوم عبدالاول ثاني بہ هڪ اهل دل درويش ٿي گذريو آهي. سندس وفات 1909ع ۾ ٿي هئي. مخدوم عبدالاول ثاني مخدوم عزت الله ثانيءَ جو فرزند هو جنهن 1293 هجري ۾ وفات ڪئي هئي. مخدوم عزت الله ثاني مخدوم عبدالواحد بن عزت الله اول بن مخدوم عبدالاول جو فرزند هو[1].

### (ت) لقمان جا قاضي:

ميرن جي زماني ۾ لقمان شهر ۾ قاضين جا چار خاندان اچي ويٺا. انهن چئني خاندانن ۾ وڏا عالم ۽ فاضل شخص ٿي گذريا آهن. انهن جو خاص ڪم هوندو هو ميرن جي ٻارن کي پڙهائڻ ۽ ميرن لاءِ بهترين ۽ نادر ڪتابن جا نسخا لکڻ. هنن جون عورتون ميرن جي عورتن کي قرآن پاڪ کان سواءِ سنڌي ۽ فارسي ۾ بہ تعليم ڏينديون هيون. درس تدريس ۽ ڪتابت جي ڪم کان سواءِ ڪجهہ قاضي ميرن جا خاص مصاحب بہ ٿي رهندا هئا. انهن چئن خاندانن مان ٽي قطب شاهي ۽ علوي اعوان هئا ۽ هڪ روهڙي جي قريشين مان هو. هتي هر خاندان جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

پهرين خاندان جو وڏو قاضي گل محمد اعوان هو جنهن جا پٽ قاضي ابو طالب، قاضي دين محمد ۽ قاضي محمد ڪامل مير سهراب خان وٽ وڏي اثر ۽ رسوخ وارا هئا. قاضِي ابو طالب روهڙي ، پني عاقل ۽ گهوٽڪي ۾ مختيارڪار هوندو هو. وڏي عزت ۽ اقبال وارو ماڻهو هو. قاضي دين محمد هڪ وڏو عالم هو ۽ سارو وقت درس تدريس ۾ گذاريندو هو. قاضي محمد ڪامل هڪ اعليٰ درجي جو اديب ۽ مير سهراب خان جو درباري شاعر هوندو هو[2].

---

[1] زباني احوال: ميان غلام قادر سجاده نشين درگاهہ ڪوٽڙي ڪبير.

[2] ابو طالب قاضي ثاني: "قاضيان لقمان" فارسي ۾ تعليمي مسودو، مملوڪ قاضي صاحب جي بيوه.

قاضي ابو طالب جو فرزند قاضي گل محمد ثاني هڪ سنو حڪيم هو. قاضي ڪامل جا ٻه فرزند قاضي عبدالصمد ۽ قاضي نوازعلي پنهنجي وقت جا سنا عالم ۽ بهترين ڪاتب هوندا هئا. قاضي عبدالصمد جا ٻه پٽ قاضي الهرکيو ۽ قاضي فضل محمد ميرن جي ٻارن کي تعليم ڏيندا هئا. مير فيض محمد خان کين عزت جي نگاهہ سان ڏسندو هو. قاضي نوازعلي جو پٽ قاضي احمد ۽ سندس پوٽو قاضي علي به بهترين ڪاتب ٿي گذريا آهن.[1]

قاضين جو ٻيو خاندان قاضي محمد صادق ۽ قاضي عبدالرحيم جي نالن سان مشهور آهي. ٻنهي قاضين قاضي گل محمد اعواڻ جي خاندان سان مٽيون مائٽيون ڪيون. قاضي محمد صادق جا ٽي پٽ قاضي عبدالغني، قاضي جمال الدين ۽ قاضي لطف علي سنا حڪيم ۽ بهترين خوش نويس هئا. سندن هٿ جا لکيل ڪتاب خطاطيءَ جو بهترين مثال پيش ڪن ٿا. قاضي عبدالغني کي قاضي غلام محمد، قاضي محمد صادق عرف الهڏنو، قاضي خدابخش ۽ قاضي نبي بخش نالي چار پٽ هئا ۽ چارئي پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ خوش نويس هئا. قاضي خدا بخش جو فرزند قاضي ابو طالب ثاني آخري زماني ۾ هڪ بهترين ڪاتب ٿي گذريو آهي. هن جو سمورو عرصو خيرپور رياست جي فارسي رڪارڊ جي سنڀال ۾ گذريو. پراڻي فارسي رڪارڊ جو ترجمو هن کان ڪرائيندا هئا. سندس اکر موتين جي داڻن وانگر هوندا هئا. هو هڪ سنو شاعر به هو ۽ سنڌي زبان ۾ سٺيون ڪافيون چوندو هو.

قاضي جمال الدين جو پٽ قاضي نور محمد هڪ فقير تن انسان هوندو هو—سمورو وقت فقيرن جي صحبت ۾ گذاريندو هو. قاضي محمد صادق وڏي جو ڀاءُ قاضي عبدالرحيم هڪ يگانو ۽ بي نظير عالم هوندو هو. سندس فرزند قاضي عبدالله هڪ عالم هجڻ سان گڏ وڏو اديب به هو. انشاء جي فن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ڪافي تصنيفون ۽ تاليفون ڇڏيائين، جيڪي سندس اولاد وڃائي ڇڏيون.[2]

قاضي عبدالله جا ٽي پٽ قاضي عبدالرحيم ثاني، قاضي بيدل ۽ قاضي خير محمد لاثاني حڪيم ۽ چڱا اديب ٿي گذريا آهن. قاضي عبدالرحيم ثانيءَ جا چار پٽ قاضي دوست محمد، قاضي شير محمد، قاضي فيض محمد ۽ ڪوڙل به سنا حڪيم ۽ عالم هئا. قاضي خير محمد جا ٽي فرزند قاضي خدا داد عرف ٽڳيل، قاضي علي محمد ۽ قاضي غلام نبي به حڪمت جو ڌنڌو ڪندا هئا. قاضي علي محمد جا به پٽ قاضي محمد عاقل ۽ قاضي محمد بخش درويش صفت انسان هئا ۽ اهي به

---

[1] ابو طالب: ثاني، قاضي: "قاضيان لقمان" حوالو ڏنل آهي.
[2] ايضاً

لقمان ۾ حڪمت ڪندا هئا[1].

لقمان جي قاضين جو ٽيون خاندان قاضي سچيڏني سان شروع ٿئي ٿو. هن خاندان وارا بلوچن جي هوت قبيلي مان آهن. قاضي سچيڏنو ءُ سندس پٽ قاضي الهبندو، قاضي ضياء الدين ءُ قاضي ضياء الحق اصل ۾ هالن جي ڀرسان سالارو نالي هڪ ڳوٺ ۾ رهندا هئا. جتان مير سهراب خان جي دعوت تي خيرپور جي ڀرسان لقمان ۾ اچي رهيا. هنن کي مير سهراب خان ءُ مير رستم خان وٽ وڏي رسائي هوندي هئي ءُ پنهنجي وقت جا بي نظير حڪيم ٿي گذريا آهن[2].

قاضي ضياء الدين جو پٽ قاضي پير محمد ءُ قاضي الهبندي جا پٽ قاضي گل محمد ءُ قاضي خوش محمد ٺيٺي نہ فقط سٺا حڪيم هئا، پر پنهنجي وقت جا سٺا عالم بہ هئا. قاضي پير محمد جا ٽي فرزند قاضي عبدالحق، قاضي محمد انس ءُ قاضي احمد پنهنجي زماني جا جيد عالم ءُ سٺا حڪيم هئا. اهي مير رستم خان جا خاص مقرب هوندا هئا. سندن هٿن جا لکيل بياض خطاطي جا شاهڪار آهن[3].

قاضي عبدالحق کي قاضي گل محمد ثاني، قاضي محمد علي، قاضي محمد عباس، قاضي محمد بخش ءُ قاضي واحد بخش نالي پنج پٽ هئا ءُ پنجئي پنهنجي وقت جي بهترين حڪيمن مان هئا. قاضي محمد بخش کي بہ قاضي محمد حسن، قاضي غلام حسين، قاضي محمد باقر، قاضي محمد محسن ءُ قاضي اميد علي نالي پنج پٽ هئا. انهن بہ پنهنجو حڪمت وارو آبائي ڌنڌو جاري رکيو[4].

قاضي محمد حسن جا ٻہ پٽ قاضي سچيڏنو ثاني ءُ قاضي عبدالحق ثاني سنڌ ءُ خيرپور رياست ۾ وڏن عهدن تي رسيا. قاضي سچيڏنو سنڌ جي آزمودگار ڪليڪٽرن مان هڪ هو ءُ قاضي عبدالحق سول سرجن ءُ ڊائريڪٽر هيلٿ ٿي رهيو. هاڻي بہ سندس اولاد سرڪاري نوڪرين ۾ آهي. قاضي عبدالحق وڏي جو پوٽو قاضي غلام حسين خيرپور جي پرائمري اسڪول ۾ استاد آهي.

قاضين جو چوٿون خاندان روهڙي مان آيو. جنهن جو مورث اعليٰ قاضي محمد بقا هڪ وڏو درويش هوندو هو. سندس فرزند قاضي محمد حسن هڪ لاثاني حڪيم ٿي گذريو آهي. خيرپور جا سيئي مير سندس عزت ڪندا هئا. سندس چار پٽ قاضي محمد مسعود، قاضي علي نواز، قاضي خداداد ءُ قاضي غلام حيدر سيئي پنهنجي وقت جا وڏا حڪيم هوندا هئا. مير علي مراد خان سيني کي پنهنجي

---

[1] ابو طالب ثاني، قاضي: "قاضيان لقمان،" حوالو ڏنل آهي.

[2] ايضاً

[3] ايضاً

[4] ايضاً

ڪچهري ۾ گهرائي انعام ڏيندو هو. قاضي علي نواز جا ٻه پٽ قاضي عبدالرؤف ۽ قاضي محمد حسين ثاني به لاجواب حڪيم ٿي گذريا آهن. قاضي محمد حسين اول مير مبارڪ خان جو خاص حڪيم هوندو هو. قاضي محمد حسين ثاني جا ڇهه پٽ قاضي خدا داد ثاني، قاضي عبدالرؤف ثاني، قاضي ممتاز علي، قاضي بهاء الدين ۽ قاضي عليٰ نواز ثاني به سٺا حڪيم هئا. قاضي خداداد ثاني جو گهڻو وقت ڪنڊرن جي پرسان ٽنڊي علي آباد وارن ميرن سان گذرندو هو. قاضي علي نواز ثاني اسي سالن جي عمر ۾ شادي ڪئي ۽ کيس ٻه پٽ ڄاوا. اهي ذڪر ڪيل سمورا قاضي پنهنجي زماني جا مڃيا مڃايا حڪيم ٿي گذريا آهن[1].

روهڙيءَ جي قاضين مان قاضي جان محمد ولد حسن بخش هڪ وڏو عالم ۽ خوش نويس هوندو هو. سندس مورث اعليٰ قاضي جيئند اروڙ ۾ هڪ وڏو قاضي ٿي گذريو آهي. قاضي جان محمد مير علي مراد خان جي خاص ماڻهن مان هڪ هو. مير صاحب جڏهن لنڊن ويو هو تڏهن قاضي صاحب کي به پاڻ سان وٺي ويو هو لنڊن مان موٽڻ بعد قاضي صاحب، سنڌي زبان ۾ هڪ سفرنامو لکيو هو جيڪو سندس اولاد وٽان گم ٿي ويو آهي. هن 1931ع ۾ وفات ڪئي[2].

## (ٺ) ٽالپرن وڏن جا قاضي:

ٽالپرن وڏن جي قاضين جو خاندان نسب ۾ ايراني آهي. جڏهن هندستان جو شهنشاهه همايون ايران ويو هو تڏهن هن خاندان جا ڪجهه ماڻهو پاڻ سان دهلي وٺي آيو هو. گهڻي وقت کان پوءِ دهليءَ مان قاضي عبدالوهاب حيدرآباد سنڌ ۾ اچي رهيو[3]. هو هڪ وڏو عالم ۽ حڪيم هوندو هو. کيس ولي محمد، محمد بلال، جان محمد ۽ نالي چڱو نالي چار فرزند هئا. انهن سڀني کي حيدرآباد جي ميرن جي سرپرستي حاصل هوندي هئي. جڏهن مياڻيءَ جي جنگ ۾ ميرن کي شڪست آئي، تڏهن قاضي بلال پنهنجن ڀائرن ۽ پٽن سميت حيدرآباد ڇڏي خيرپور ۾ آيو ۽ پنجهتيءَ واري پاڙي ۾ اچي ويٺو. ڪجهه وقت اتي رهڻ کان پوءِ مير شاهنواز خان جي جاگير ۾ اچي ملا جو ڳوٺ ٻڌايائين. جيڪو آهستي آهستي ٽالپر وڏا جي نالي سان مشهور ٿي ويو. ڇو جو اتي ٻيا ٽالپر به اچي ويٺا. انهن قاضين، پاڙي جي رتڙ قوم وارن مان شاديون ڪيون ۽ ان قوم ۾ ايترو ته ضم ٿي ويا، جو هاڻي سڀ رتڙ سڏجن

[1] ابوطالب ثانيءَ قاضي: ”قاضيان لقمان“ حوالو ڏنل آهي.
[2] زباني احوال: قاضي شاهه بخش خان، ساڪن روهڙي
[3] زباني روايت: سرائي غلام شبير خان سهاڳ، ساڪن ٽالپر وڏا.

ٿا. اهو خاندان ٽالپرن جي شهر ۾ مير علي مراد خان جي ڏينهن کان وٺي مير علي نواز خان جي ڏينهن تائين شاهي طبيبن جي حيثيت سان رهندو آيو.

قاضي بلال کي الهرکيو، محمد بقا، عبدالله ۽ گل محمد نالي چار پٽ ٿيا. چارئي سنا حڪيم هئا. انهن مان قاضي محمد بقا جو نالو ملڪن ۾ مشهور هو. ڪيترائي لاعلاج هن وٽان شفاياب ٿيا. قاضي محمد بقا جو پٽ قاضي محمد پريل حاذق حڪيم هجڻ سان گڏ هڪ اهل دل درويش به هو ۽ نوشهري جي پير شاهه نصير جو مريد هو. هو بيت ۽ ڪافي جو هڪ سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌ جي مشهور شاعر خير محمد فقير هيسباڻي سان دوستي هيس. هن صفر 1301 هجري ۾ وفات ڪئي[1].

قاضي محمد پريل کي غلام حسين، غلام علي، غلام الله ۽ غلام رسول نالي چار فرزند هئا، جن مان غلام علي ۽ غلام الله حڪمت ۾ سٺو نالو ڪڍيو. قاضي غلام علي حڪمت ۾ ڪجهه ڪتاب به تصنيف ڪيا، جيڪي سندس اولاد وٽ محفوظ آهن. قاضي غلام علي کي غلام قادر، غلام عباس ۽ غلام قاسم نالي ٽي فرزند ٿيا، جن مان قاضي غلام قادر هڪ لاجواب حڪيم ٿي گذريو آهي. هن تاريخ 23 جمادي الثاني 1370 هجري مطابق اپريل 1951ع تي وفات ڪئي[2].

هن وقت قاضي غلام قادر جو فرزند قاضي محمد حسين ۽ قاضي غلام عباس جو فرزند قاضي محمد تقي خانگي حڪيم آهن ۽ سندن هٿن مان ڪيترائي مريض شفا حاصل ڪري چڪا آهن.

### (ج) سيٺارجن جا قاضي:

سيٺارجن جا قاضي عرب جي مشهور عباسي خاندان سان واسطو رکن ٿا. سندن وڏا ڪهڙن جي مخدومن سان سنڌ ۾ آيا هئا. هنن جو مورث اعليٰ يحييٰ سيٺارجن جي شهر ۾ ديني مدرسو کولي ويٺو. هو هڪ وڏو عالم ۽ باڪمال بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس وفات کان پوءِ سندس به پٽ قاضي عمر دراز ۽ قاضي الهيار به پنهنجي وقت جا وڏا عارف ٿي گذريا آهن. قاضي الهيار عالم هجڻ سان گڏ قرآن پاڪ جو حافظ به هو. پنجاب جي جهنگ علائقي ۾ پنهنجن مريدن وٽ وڃي رهيو ۽ وفات به اتي ئي ڪيائين.

سيٺارجن ۾ قاضي يحييٰ جي مسند تي قاضي عمردراز ويٺو. خيرپور جا مير سهراب خان ۽ رستم خان ٻيئي کيس عزت جي نگاهه سان ڏسندا هئا. سندس ديني

---

[1] قلمي بياض: قاضي غلام علي خان، حوالو ڏنل آهي.

[2] زباني روايت: قاضي محمد حسين، ساڪن ٽالپر وڏا.

فتوي کي وڏي وقعت هوندي هئي. هن جا ٻه پٽ قاضي خير محمد ۽ قاضي خان محمد ٻـ وڏا درويش ۽ عالم هئا. خيرپور جا حاڪم ۽ رعيت جا ماڻهو کين قدر جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. قاضي خان محمد کي فضل الله، نصر الله ۽ لطف الله نالي ٽي پٽ هئا جن مان قاضي فضل الله مير فيض محمد خان وٽ مير منشي ٿي رهيو هو. هڪ اعليٰ درجي جو ڪاتب، انشاپرداز ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڀاءُ نصرالله سزاولڪار ٿي رهيو ۽ لطف الله پوليس ۾ نوڪري ڪئي.

قاضي عمردراز جو جانشين سندس وڏو فرزند قاضي خير محمد هو. جنهن کي غلام قادر، غوث بخش ۽ علي محمد نالي ٽي پٽ هئا. ٽيئي وڏا عالم ۽ انشاپرداز هئا. قاضي غلام قادر مير فيض محمد خان جو منشي هو ۽ قاضي غوث محمد پنهنجن وڏن جو مدرسو سنڀاليندو آيو[1].

هن وقت هي مدرسو بند ٿي ويو آهي، انهن قاضين مان قاضي غوث محمد جو فرزند قاضي غلام قادر ثاني زنده آهي، ۽ ماستري جي عهدي تان رٽائر ڪيو اٿس. هو هڪ سفيد پوش ۽ خوش خلق ماڻهو آهي.

### (ح) ڪوٽڏيجي جا قاضي:

ڪوٽڏيجيءَ جي قاضين جو خاندان سيوهڻ جي صديقي قريشين سان تعلق رکي ٿو. سندن مورث اعليٰ آخوند محمد فاضل قاضي مير علي مراد خان جي حڪومت ۾ سيوهڻ ڇڏي ڪوٽڏيجيءَ ۾ اچي ويٺو. هو ميرن جي ٻارن کي پڙهائيندو هو ۽ ڪوٽڏيجيءَ ۾ نڪاح خواني بہ ڪندو هو. هو هڪ درويش صفت انسان ۽ وڏو عالم هوندو هو. مير علي مراد خان کيس ڪوٽڏيجي شهر ۾ گهر جي جاءِ ٺهرائي ڏني. هن ميرن کان ڪابہ زمين وغيره ڪانہ ورتي. کيس ميرن وٽان ڪافي نذرانا ملندا هئا.

قاضي محمد فاضل جي وفات کان پوءِ سندس فرزند قاضي يار محمد درس تدريس جو سلسلو قائم رکيو. هو بہ پنهنجي پيءُ وانگر هڪ وڏو متوڪل ۽ عالم شخص هوندو هو. ڪتابت جي فن ۾ يدطوليٰ حاصل هيس. کيس آخوند مراد علي، آخوند دوست محمد، آخوند عزيز الله ۽ آخوند فتح الله نالي چار پٽ هئا. جيڪي علم جا اڪابر، ۽ هردلعزيز ماڻهو ٿي گذريا آهن. هنن مان آخوند مراد علي ۽ آخوند عزيز الله پنهنجن وڏن وارو پڙهائڻ جو مشغلو جاري رکيو باقي دوست محمد ڪنڊي دوزي جو ڌنڌو شروع ڪيو ۽ فتح الله پوليس ۾ نوڪري ڪئي. هن وقت آخوند دوست محمد جو فرزند فضل محمد سرڪاري اسپتال ۾ اسٽور ڪيپر آهي

---

[1] زباني احوال: قاضي غلام قادر ثاني، ساڪن سينارجا.

۽ آخوند عزيز الله جو وڏو پٽ فيض الله خان تعليم کاتي ۾ بيٽ عملداريءَ تان رٽائر ڪري، سفيد پوشيءَ جي زندگي گذاري رهيو آهي. سندس ننڍو ڀاءُ حبيب الله خان اسڪول ۾ استاد آهي. آخوند فتح الله جو فرزند شاهه محمد خان انجنيئري کاتي ۾ سروير آهي[1].

## (خ) راڻيپور جا قاضي:

راڻيپور جا قاضي اصل ۾ ميمڻ آهن. پر علمي قابليت ۽ ديني ڪمال سبب قاضي سڏبا آهن. سندن مورث اعليٰ قاضي سليمان هڪ سٺو عالم ٿي گذريو آهي. هو پنهنجي ديني ڪم سان گڏ حڪمت جو ڌنڌو بہ جاري رکندو هو. قاضي سليمان جو فرزند قاضي سچيڏنو هڪ لاثاني حڪيم ٿي گذريو آهي. کيس لقمان ثاني ڪري سڏيندا هئا. سندس ٿي عزيزن مان حافظ محمد پچيل قاضي بہ هڪ سٺو حڪيم هوندو هو. حافظ محمد پچيل کي عيسو موسو ۽ هارون نالي ٽي پٽ هئا، جن مان عيسو پنهنجن وڏن وارو حڪمت جو ڌنڌو جاري رکندو آيو[2].

حافظ محمد پچيل کان پوءِ سندس سؤٽ قاضي الله بخش حڪمت ۾ وڏو نالو ڪڍيو. ڪيترن ئي لاعلاج مريضن کي ٿورن ڏينهن ۾ نوبنو ڪري ڇڏيائين. پير غلام محي الدين سائين کيس وڏي عزت سان ڏسندو هو. قاضي الله بخش جو ڀاءُ قاضي واحد بخش بہ سٺو حڪيم هوندو هو. واحد بخش کي در محمد، گلڻ ۽ شير محمد نالي ٽي پٽ هئا. جن مان قاضي در محمد حڪمت ۾ چڱو نالو ڪڍيو. قاضي در محمد هن خاندان جو آخري حڪيم هو[3].

هن وقت سندس فرزند قاضي عبدالله خان هڪ سٺو وڪيل آهي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن وڏن جا طب جا ڪتاب ويهي پڙهندو آهي، ۽ مجرب نسخا استعمال ڪندو آهي.

## (د) سادات باره:

هن خاندان جي نسب جو سلسلو امام زين العابدين سان ملي ٿو. سندن وڏو ڏاڏو سيد ابو الفرح وسطي هندستان مان آيو هو[4].

هن خاندان وارا شمس الدين التمش جي ڏينهن ۾ هندستان ۾ آباد ٿيا، جن مان

---

[1] زباني احوال: قاضي فيض الله خان، ساڪن ڪوٽڏيجي.
[2] زباني روايت: لعل بخش ميمڻ، ساڪن راڻيپور.
[3] زباني روايت: محمد جمن ميمڻ، ساڪن راڻيپور.
[4] احمد بن علي: "عمدة المطالب عربي" مطبع جعفري لکنئو 1080 هجري ص 285.

سيد احمد ۽ سيد هاشم شهنشاهہ اڪبر جي دربار ۾ وڏي اثر رسوخ وارا هئا[1].

سادات باره جي جانشيني پاڙي مان سيد پناهہ علي شاهہ تاريخ 24 شعبان 1420 هجري مطابق 1824ع ۾ خيرپور ۾ اچي فقيرانہ زندگيءَ بسر ڪئي. هو وڏو معرفت جو صاحب هو. مير سهراب خان تالپر کيس خيرپور ۾ هڪ عاليشان امام بارگاهہ ٺهرائي ڏني. سندس وفات کان پوءِ سندس فرزند سيد امام علي شاهہ اول گاديءَ تي ويٺو جيڪو وڏو عالم ۽ زنده دل شخص هو. سيد امام علي شاهہ کان پوءِ سندس فرزند سيد جعفر علي شاهہ اول جانشين بڻيو. هو مير علي مراد خان جو مقرب خاص ۽ روحاني پيشوا هوندو هو. کيس ديني تقريبن ۽ مذهبي ڪمن جي اشاعت لاءِ رياست جي اپت مان چاليهون حصو ملندو هو. ان کان سواءِ مير علي مراد خان هڪ پرواني جي ذريعي حڪم ڪري ڇڏيو هو تہ خيرپور رياست جي هر گادي نشين جي تاجپوشي واري موقعي تي، هن خاندان کي هڪ سؤ ايڪڙ زمين ۽ ڏهہ هزار رپيا نقد ملندا رهندا. مير فيض محمد خان ثاني جي ڏينهن تائين هن پرواني جي باقاعده تعميل ٿيندي رهي[2].

سيد جعفر علي شاهہ کي ٻہ فرزند سيد علي رضا شاهہ اول ۽ سيد علي حسين شاهہ نالي هئا. جيڪي پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ فاضل ٿي گذريا آهن[3].

سيد علي رضا اول جو فرزند سيد امام علي شاهہ ثاني بہ هڪ جيد عالم ۽ وڏو مجتهد هو. جعفري فقهہ ۾ امام علي شاهہ جي فتويٰ کي آخري حرف جي حيثيت هوندي هئي[4].

سيد امام علي شاهہ جو پاٽ سيد محمد علي شاهہ هڪ وڏي عالم هجڻ سان گڏ هڪ اعليٰ درجي جو مرثيہ گو شاعر ٿي گذريو آهي[5].

سيد علي حسين شاهہ جو وڏو پٽ سيد عابد علي شاهہ شيدا مير علي نواز خان ناز جو مقرب ۽ خاص ۽ درباري شاعر هوندو هو[6].

سندس غزل ۽ مرثيا اردو ادب جا شاهڪار آهن. سندس ننڍو ڀاءُ سيد جعفر علي شاهہ ثاني عرف ٻڍل شاهہ بہ هڪ وڏ سخي مرد ۽ سخن شناس بزرگ ٿي گذريو آهي، جيڪو هر سال پنجين محرم تي هڪ وڏي مجلس ڪرائيندو هو[7].

---

(1) Henry, M. Elliot: "Memoirson the History," Turbner and Co London, 1844, P 12

(2) مير علي مراد خان جو پروانو مملوڪ سيد امام علي شاهہ ثالث.

(3) زباني روايت: سيد علي رضا شاهہ ثاني.

(4) ايضاً

(5) زباني روايت: سرائي رب نواز خان، ساڪن خيرپور.

(6) زباني روايت: سيد پناهہ علي شاهہ بڪاري، ساڪن خيرپور.

(7) زباني روايت: سيد پناهہ علي شاهہ بڪاري، ساڪن خيرپور.

سيد امام علي شاهه ثاني جو فرزند سيد علي رضا شاهه ثاني 2، آڪٽوبر، 1903ع تي ڄائو ۽ پنهنجن وڏن جي گادي وسائي 1975ع ۾ گذاري ويو[1].
راقم الحروف جون ساڻس ڪافي ڪچهريون ٿيل آهن. مرحوم هڪ وڏو مدبر، مهمان نواز ۽ سخن شناس اُمير هوندو هو. اردو ۽ سنڌي زبان ۾ سندس ڪافي ڪلام موجود آهي.
هن وقت سيد علي رضا شاهه ثاني جو فرزند سيد امام علي شاهه ثالث گادي نشين آهي، جيڪو پنهنجي ديني فرائض سان گڏ وڪالت جو ڌنڌو به ڪري ٿو.

## (ذ) مرزائن جو خاندان:

خيرپوري مرزا ترخاني مغلن جي خاندان سان تعلق رکن ٿا. سندن وڏا ترخانن جي زماني ۾ ٺٽي ۾ رهندا هئا ۽ اهلبيت جي مدح ۽ سوز خواني جي ذريعي شيعه مذهب جي تبليغ ڪندا هئا. ڪلهوڙن جي زماني ۾ هو لڏي پراڻي خدا آباد ۾ اچي رهيا. وري جڏهن ٽالپرن سنڌ جي حڪومت ورتي، تڏهن هنن مان مرزا محمد فاضل بيگ ولد مرزا مهر حسن بيگ پنهنجي فرزند مرزا مراد علي بيگ سائل سان گڏجي خيرپور ۾ اچي مير سهراب خان ٽالپر جو مصاحب بڻيو. پٺي پيءُ ۽ پٽ سياسي ڪمن کان ڪنارو ڪري، خيرپور ۾ شيعه مذهب جي تبليغ ڪندا رهيا. هو وڏا مرثيه گو شاعر هئا. شاعري سان گڏ طباعت، نقاشي ۽ خطاطي ۾ به ماهر هئا. مرزا مراد علي بيگ سائل خيرپور ۾ 1827ع ۾ وفات ڪئي. ان کان پوءِ سندس فرزند مرزا فتح علي بيگ، مير علي مراد خان جو مصاحب بڻيو. جڏهن مير حسن علي خان 1863ع ۾ ڪلڪتي جي قيد کان آزاد ٿي، حيدرآباد واپس آيو، تڏهن مير علي مراد خان کان اجازت وٺي مرزا فتح علي بيگ کي پاڻ وٽ گهرايائين ۽ پنهنجو مصاحب ڪري رکيائين. ان کان پوءِ خيرپوري مرزا حيدرآباد ۾ رهيا ۽ سندن اولاد اڄ تائين ٽنڊي آغا ۾ مقيم آهي. ان هوندي به هنن خيرپور سان تعلقات نه ٽوڙيا. مختلف موقعن تي خيرپور ۾ پڙهڻ ايندا هئا. مرزا قربان علي بيگ ته حيدرآباد ڇڏي مير علي نواز خان وٽ اچي سندس توشڪي ٿي رهيو هو. هن خاندان مان مرزا ٻڍل بيگ مرثئي جي صنف ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هوندو هو. سندس مرثين کي سنڌي زبان ۾ وڏي وقعت حاصل آهي. اڄ ڪلهه مرزائن جي اولاد مان مرزا عباس علي بيگ مشتريؔ هڪ وڏو اديب، شاعر ۽ هردلعزيز ماڻهو آهي. جنهن وٽ سنڌي، اردو، فارسي ۽ انگريزي ڪتابن جو وڏو ذخيرو موجود آهي[2].

[1] زباني روايت: سيد امام علي شاهه ثالث، موجوده سجاده نشين.
[2] زباني حوالو: مرزا سلطان حيدر بيگ، ساڪن ٽنڊو آغا، حيدرآباد.

## (ر) مهيسرن جو خاندان:

ميرن وٽ ٻين عالمن، فاضلن ۽ اديبن کان سواءِ قرآن پاڪ جي ٻارهن حافظن جو عملو ٻه موجود هوندو هو جن مان چار ڄڻا سفر خواهه حضر ۾ هرهڪ مير وڏي سان همرڪاب هوندا هئا ۽ باقي سندن ٻارن ۽ مستورات کي ديني تعليم ڏيندا هئا. اهي حافظ مهيسرن جي خاندان مان هوندا هئا ۽ سڄڻ مهيسر، رفيق مهيسر، ۽ مهيسر وڏا جي ٽن ڳوٺن مان مقرر ٿيندا هئا. انهن مان ڪجهه مشهور حافظن جو ذڪر ڏجي ٿو:

### 1. حافظ محمد افضل اول:

هي پنهنجي زماني جو وڏو عالم ۽ قاري حافظ ٿي گذريو آهي. مير سهراب خان کيس وڏي عزت سان ڏسندو هو ۽ هميشه ساڻس ڪنو هوندو هو. سندس ديني فتوي کي وڏي وقعت هوندي هئي.

### 2. حافظ سڄڻ:

هيءُ ٻه مير سهراب خان جي خاص مصاحبن مان هوندو هو ۽ قرآن پاڪ جو قاري حافظ هو. مير صاحب کيس خيرپور تعلقي ۾ هڪ ڳوٺ ٻڏرائي ڏنو جيڪو اڄ تائين سندس نالي سان مشهور آهي. مير سهراب خان کان پوءِ مير رستم خان ۽ مير علي مراد خان جو زمانو ٻه ڏٺائين. اهي ٻئي حڪمران ٻه سندس قدردان هوندا هئا.

### 3. حافظ زين الدين:

هيءُ مهيسر وڏن جي ڳوٺ جو هو ۽ مير سهراب خان جي حافظن ۾ شامل هوندو هو. سمورا مير کيس عزت جي نگاهه سان ڏسندا هئا. وڏو درويش صفت انسان ٿي گذريو آهي.

### 4. حافظ جان محمد:

هيءُ هڪ وڏو عالم ۽ معرفت جو صاحب ٿي گذريو آهي. مير سهراب خان هن جي علمي ڪمال ۽ بزرگي کان گهڻو متاثر ٿيل هو. کيس سندس سڄي ڳوٺ تائين ڇيڙ جي معافي جو پروانو مليل هو.

### 5. حافظ عبدالقادر:

هيءُ ٻه مهيسر وڏن جي ڳوٺ جو هو ۽ مير رستم خان جي مصاحبن ۾ شامل هوندو هو. قرآن پاڪ جي حافظ هجڻ سان گڏ، هڪ وڏو عالم ٻه هوندو هو.

### 6. حافظ محمد افضل ثاني:

هيءُ مير علي مراد خان جي حافظن مان هو. وڏو عالم ۽ معرفت جو صاحب هو. جڏهن مير علي مراد خان ٻه پيئرون گڏ نڪاح ۾ آنديون، تڏهن احتجاج طور

نوڪري ڇڏي هليو ويو. هو فارسي زبان جو هڪ سٺو شاعر هو ۽ افضل تخلص ڪندو هو. سندس ڪلام جو ذخيرو سندس پسماندن وٽ محفوظ آهي.

7. حافظ احمد:

هيءُ سچڻ مهيسر جي ڳوٺ جو هو ۽ مير فيض محمد خان جي حافظن ۾ شامل هوندو هو. وڏو هردلعزيز ۽ فيض جو صاحب ٿي گذريو آهي.

8. حافظ احمد ٻيو:

هيءُ رفيق مهيسر جي ڳوٺ جو هو. مير فيض محمد خان وٽ رهندو هو ۽ مستورات کي تعليم ڏيندو هو.

9. حافظ جان محمد ثاني:

هيءُ بہ مير فيض محمد خان جي حافظن ۾ شامل هو ۽ رفيق مهيسر جي ڳوٺ جو هو. ڪجهہ وقت ڪاردار بہ ٿي رهيو.

10. حافظ محمد سليم:

هيءُ سچڻ مهيسر جي ڳوٺ جو باشندو هو ۽ مير فيض محمد خان وٽ رهندو هو. مير صاحبن سان گڏجي بہ دفعا ڪربلا معليٰ جي زيارت ڪري آيو. هو مستورات جي تعليم تي مقرر هوندو هو.

11. حافظ عبداللطيف:

هيءُ بہ سچڻ مهيسر، جي ڳوٺ جو هو ۽ مير احمد علي خان جي ٻارن کي پڑهائيندو هو. ميرن کيس هڪ بهترين گهوڙي انعام ۾ ڏني هئي، جيڪا اڄ تائين سندس پسماندن وٽ موجود آهي. هو هڪ وڏو عابد شخص ٿي گذريو آهي.

12. حافظ جان محمد ثالث:

هيءُ مير احمد علي خان جو استاد هو ۽ وڏو فيض ۽ برڪت جو صاحب ٿي گذريو آهي. هن جو گهڻو وقت زهد ۽ عبادت ۾ گذرندو هو ۽ وڏو پرهيز گار شخص هوندو هو. رفيق مهيسر جي ڳوٺ جو وينل هو.

13. حافظ محمد موسيٰ:

هيءُ سچڻ مهيسر جي ڳوٺ جو هو. مير فيض محمد کان وٺي مير علي نواز خان جي ڏينهن تائين حافظن جي عملي ۾ هوندو هو ۽ وڏو نيڪ نمازي ماڻهو ٿي گذريو آهي.

## 14.حافظ محمد عالم:

هيءُ رفيق مهيسر جي ڳوٺ جو هو. مير امام بخش خان ۽ مير علي نواز خان جي ايامڪاريءَ ۾ ميرن وٽ قرآن خواني ڪندو هو. وڏوعلم دوست ۽ هردلعزيز ماڻهو ٿي گذريو آهي. هو بت ۾ پريل هوندو هو تنهن ڪري کيس حافظ ٿلهو ڪري سڏيندا هئا[1].

## 15.مولانا غلام محمد مهيسر:

هيءُ خيرپور جي مشهور خاندان سان تعلق رکي ٿو. سندس والد مولانا عبدالڪريم بہ پنهنجي زماني جو سنو عالم هوندو هو. کيس نرينو اولاد نہ ٿيندو هو. هڪ دفعي پنهنجي دوست لونگ فقير نوڙهي واري کان دعا گهرايائين، جنهن جي نتيجي ۾ کيس ست پٽ ڄاوا، جن مان وڏو غلام محمد هو. سندس والد کيس ڏهن سالن جي عمر ۾ قرآن پاڪ پورو ڪرائي، تعلقي سانگي واري عالم مولانا عبدالقادر صديق جي مدرسي ۾ مزيد تعليم لاءِ موڪليو ويو. اتي مولانا غلام صديق، مولانا نور محمد ۽ مولانا گل محمد جي سرپرستي ۾ پورا ٻارهن سال تعليم جي تحصيل ڪيائين. مولانا غلام صديق کيس پيار مان"سعدي ٻچہ" ڪري سڏيندو هو. انهن استادن وٽان دستاربندي ڪري پنهنجي اصل ڳوٺ ڪمال ديري ۾ اچي درس و تدريس ۾ مشغول رهيو. هن ننڍپڻ ۾ ڪجهہ سبق مخدوم پير محمد کهڙن واري کان بہ ورتا هئا، تنهن ڪري مخدومن جي خاندان جو گهڻو خيال رکندو هو. مخدوم پير محمد جي فرزند مخدوم دين محمد جي چوڻ تي کهڙن ۾ اچي رهيو ۽ پورا اٺ سال مخدومن جي ٻارن کي تعليم ڏنائين. مخدوم الله بخش عباسي بہ مولوي صاحب جو شاگرد هو. ان کان پوءِ لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهي، مولوي نبي بخش کي ديني علم جي تحصيل ڪرايائين. مولوي صاحب جي شاگردن مان مولوي خدابخش سنگر وارو، مولوي عبدالحق ڪاٺ وارو، مولوي پير محمد فريد آباد وارو ۽ مولوي جان محمد ڪلهوڙو گهاڙي وارو مشهور آهن.

مولوي صاحب پنهنجي زماني جو وڏو عالم ٿي گذريو آهي. وقت جا پير، مخدوم ۽ ٻيا عالم کيس وڏي عزت سان ڏسندا هئا هو هڪ درويش صفت ۽ فقير تن انسان هو. سندس لباس ڪارو ۽ جوڙيءَ جو هوندو هو. ڪاڏو گهڻو ڪري نڪر جي ٿانون ۾ ڪائيندو هو. سندس ڪچهري ۾ هميشہ الله جي ۽ رسول صہ جي ڳالهہ هوندي هئي. هر منصب جا ماڻهو کيس پيار سان ملندا هئا، هن پنهنجي ساري حياتي ۾ ڪنهن کي بہ رنج ٿيڻ جو موقعو نہ ڏنو. سلطان باهو جي خليفي مولانا غلام حيدر جيڪب

---

[1] محمود خان مهيسر: "مهيسرن جو احوال" قلمي مسودو 1976ع

آباد واري جو مريد هو. تاريخ 10 شعبان 1358 هجري مطابق 1939ع تي وفات ڪيائين انهيءَ تاريخ تي هر سال سندس عرس ملهايو ويندو آهي [1].

16. آخوند چتو چانڊيو:

آخوند چتو ولد غلام چانڊيو راڻيپور جي پرسان چانڊين جي ڳوٺ جو رهاڪو هو. هو هڪ وڏو عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. راڻيپور جي پير غلام محي الدين شاهه جو استاد ۽ سندس ديني مدرسي جو مهتمم هوندو هو. سندس ڪلام ناصحانه قسم جو آهي. هن پنهنجي حياتيءَ ۾ فقهه تي ڪافي رسالا لکيا. سندس تاليف ڪيل هڪ ڪتاب "جنت الفردوس" راقم الحروف وٽ محفوظ آهي. هن ڪتاب ۾ فقهي مسئلن جي تشريح آهي [2].

## (ز) خيرپور جو رضوي خاندان:

هن خاندان جو مورث اعليٰ سيد محمود شاهه رضوي بهاولپور رياست ۾ سرڪاري حڪيم هوندو هو. پنهنجي ننڍي ڀاءُ دين محمد شاهه سان ڪنهن ڳالهه تان ناراض ٿي خيرپور ۾ آيو ڪيس شاهنواز خان پناڻ جي معرفت مير علي مراد خان ٽالپر وٽ رسائي ٿي ۽ خيرپور ۾ سرڪاري حڪيم ٿي رهيو. هن کي علي احمد شاهه ۽ علي اڪبر شاهه نالي ٻه پٽ هئا ۽ ٻئي پنهنجي وقت جا حاذق حڪيم ٿي گذريا آهن. هو وڏا پرهيزگار ۽ سنا عالم ٻه هئا. سيد علي اڪبر شاهه کي شرف علي شاهه حسن علي شاهه دين محمد شاهه ۽ محمود شاهه نالي چار پٽ ڄاوا ۽ چارئي خيرپور ۾ سٺن عهدن تي رهيا. شرف علي شاهه جيل جو سپرنٽينڊنٽ هو ۽ لاولد گذاري ويو. سيد حسن علي شاهه تعليم کاتي ۾ ڪامورو ٿي رهيو. سيد دين محمد شاهه پوليس انسپيڪٽر ٿي رٽائر ڪيو. هن وقت سندس ٻه فرزند علي اڪبر شاهه ثاني ۽ شرف علي شاهه ثاني زمينداري ۾ مشغول آهن. سيد محمود شاهه ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رٽائر ڪيو. هن وقت سندس اڪيلو فرزند برڪت علي شاهه ڊاڪٽر آهي [3].

## (س) مکيه ديني عالم

### مخدوم الله بخش آسي:

هيءَ کهڙن جي مشهور مخدومن جي خاندان مان هو ۽ مخدوم محمد عاقل عرف پير محمد جو ٽيون نمبر فرزند هو. سندس ڇنيءَ جو نالو عطا محمد هو. پر ننڍپڻ کان

---

[1] عنايت الله مولانا، مهيسر: "سوانح حيات مولانا غلام محمد" قلمي، 1968ع.

[2] قلمي بياض سيد امير الدين شاهه امير گمبٽ واري تان ورتل، مملوڪ سيد حاجي ميرڻ شاهه.

[3] زباني احوال: سيد احمد شاهه پرنسپال ترينننگ ڪاليج خيرپور.

پيار مان کيس الله بخش سڏيندا هئا ۽ انهيءَ نالي سان مشهور ٿي ويو. سندس استاد ڪمال ديري جو بزرگ ۽ عالم مولانا غلام محمد مهيسر هو. راڻيپور جي پير غلام محي الدين ۽ سندس پٽ صالح شاهه وٽ منشي هوندو هو جتان رياست جي وزير سردار محمد يعقوب خان کيس وٺي اچي پنهنجو رشتيدار ڪري رکيو. سرڪاري نوڪري ۾ اچڻ بعد هائير جو امتحان پاس ڪيائين، ۽ هيڊ منشي ٿيو. ايمانداريءَ سان نوڪري ڏيندي ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ ٿيو. آخر ۾ مير امام بخش خان جي وقت ۾ ڪجهه وقت رليف جج ٿي رهيو ۽ پوءِ مير صاحب جي ڪئمپ جو مير منشي مقرر ٿيو.

هو هڪ وڏو حڪيم، شاعر ۽ اعليٰ درجي جو اديب ٿي گذريو آهي. سندس تصنيفات مان تفسير تحصيل القرآن، فوزالا سلاف، علم غيب رسول، ۽ ايساغوجي جو حاشيو مشهور آهن[1]. سندس وفات 1335 هجري مطابق 1916ع ۾ ٿي[2].

**ملا محمد:**

ملا محمد سولنگي جو اصلي ڳوٺ سيٺارجن ۾ هو جتي سندس والد مولوي ميول الدين بن محمد هڪ وڏو عالم ۽ فاضل شخص ٿي گذريو آهي، سندس خاص مشغلو دين جي تبليغ ۽ اشاعت هوندو هو. هڪ دفعي مير علي مراد خان کيس گهرائي باران نماز پڙهرائي هئي. مير صاحب سندس علم ۽ فضل کان متاثر ٿي، کيس نوڪري جي آڇ ڪئي، پر مولوي صاحب قبول نه ڪئي. سندس وفات کان پوءِ سندس پٽ ملا محمد کي مير فيض محمد خان پاڻ وٽ ڪوٽڏيجي ۾ اچي رهايو. هو پاڻ سان پنهنجي سؤٽ ملا نبي بخش کي به وٺي آيو ۽ ٻنهي سؤٽن ڪوٽڏيجي شهر ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي. ٻئي ڄڻا عربي ۽ فارسي جا وڏا عالم ٿي گذريا آهن. هو ميرن ۽ سرائين جي ٻارن کي ديني تعليم ڏيندا هئا.

ملا محمد کي علي بخش، عبدالله ۽ حمزه علي نالي ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي غلام فاطمه هئي. هن جي وفات بعد سندس وڏو پٽ ملا علي بخش ۽ نياڻي غلام فاطمه ٻئي پنهنجي پيءُ وانگر ميرن جي ٻارن کي تعليم ڏيندا رهيا. اڄ به ڪوٽڏيجي ۾ سندن ڪيترائي شاگرد ۽ شاگرديائيون موجود آهن.

ملا محمد جا ٻيا پٽ عبدالله ۽ حمزه علي به پڙهيل هئا،پر پنهنجن وڏن وارو مشغلو ڇڏي سرڪاري نوڪريون ڪيائون. عبدالله خان ڪمپائونڊر ۽ حمز علي خان فارسيءَ جو ماستر رهيو. مُلا نبي بخش جو فرزند حسين بخش به انگريزي اسڪول ۾ ماستر ٿي رهيو ۽ 1944ع ۾ وفات ڪري ويو[3].

---

[1] امير احمد مخدوم: مضمون "مهراڻ" سوانح نمبر، ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، 1957ع، ص 79_80.
[2] قلمي بياض: (خانداني جنم پتري)، مملوڪ مخدوم غلام احمد ساڪن کهڙا.
[3] زباني احوال: ماستر محمد بخش خان ساڪن ڪوٽڏيجي.

**مولانا حبيب الله:**

سنڌ جي مشهور و معروف ديني مدرسي دارالهديٰ ٺيڙهي جو بنياد وجهندڙ مولانا حبيب الله ولد مولانا عبدالله قاضي، پنهنجي زماني جو هڪ جيد عالم ٿي گذريو آهي. سندس ولادت ٺيڙهي جي شهر ۾ 1890ع ۾ ٿي. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي والد بزرگوار کان ورتائين، پوءِ هاليجي ۾ وڃي مولانا حمادالله جي درس ۾ داخل ٿيو. ڪجهه وقت کان پوءِ پنهنجي استاد جي مشوري سان پير جهنڊي جي مدرسي دارالرشاد ۾ ويو ۽ شيخ الحديث مولانا محمد صاحب وٽ تعليم جي تحصيل ڪيائين. ان کان پوءِ ديوبند وڃي، علامہ سيد انور صاحب جي درس حديث ۾ شريڪ ٿيو. اتان موٽي پنهنجي استاد حضرت حمادالله صاحب جي سرپرستيءَ ۾ مدرسي دارالهديٰ جو بنياد رکيائين. اهو زمانو 1332 هجري، مطابق 1911ع جو هو. مولوي صاحب پنهنجي سڄي زندگي درس ۽ تدريس ۾ گذاري ڇڏي ۽ 1958ع ۾ وفات ڪري ويو[1].

**مولانا فضل الله:**

مولانا حبيب الله جو فرزند قاضي فضل الله بہ پنهنجي والد وانگر وڏو عالم ٿي گذريو آهي. سندس ولادت 1934ع ۾ ٿي. ديني تعليم جي لحاظ کان درس نظامي، درس سيالڪوٽي ۽ درس ديوبندي جو ماهر هو ۽ دنيوي تعليم ۾ مولوي فاضل ۽ ايم اي هو. پنهنجي تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ مدرسي جو نائب مهتمم هوندو هو. مولوي صاحب وڏي جي وفات کان پوءِ مدرسي جو سارو ڪاروبار نهايت خوش اسلوبي سان سنڀاليندو رهيو. هو نهايت هردلعزيز ۽ خوش خلق انسان هو. 1971ع ۾ فرقہ بندي جو شڪار بڻجي شهيد ٿي ويو[2].

**مولانا محمد سعدالله:**

مولانا محمد سعدالله هالن جي انصاري قبيلي مان هو. مير امام بخش خان جي ڏينهن ۾ رياست خيرپور جو سني فرقي جو مفتي مقرر ٿيو. هو پنهنجي زماني جو هڪ وڏو عالم ٿي گذريو آهي. کيس حديث ۽ فقهه جي علمن تي وڏو عبور حاصل هوندو هو. مير علي نواز خان جي ڏينهن ۾ سال 1930ع ۾ شيعن جي هڪ ڪتاب "پستول حيدري" جي جواب ۾ "توب محمدي" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيائين. ان ڪتاب سبب هن جي مير صاحب سان اڻبڻت ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ کيس نوڪري ڇڏڻي پيئي ۽ پنهنجي ڳوٺ هالا ۾ وڃي رهيو جتي ٻن ٽن سالن اندر وفات

---

[1] لکيل احوال جو مسودو: ماستر نورالله ميمڻ، ساڪن ٺيڙهي.

[2] زباني احوال: ماستر نور محمد خان ميمڻ، ساڪن ٺيڙهي ۽ ذاتي مشاهدو.

ڪري ويو. رياست واري زماني ۾ دينيات تي ڪافي رسالا لکيائين. هو هڪ وڏو ڪاتب بہ هوندو هو[1].

**مولانا عبدالڪريم:**

مولانا صاحب ذات جو عباسي هو ۽ پني عاقل تعلقي جي هڪ ڳوٺ بچو ڏاريجو جو رهاڪو هو. مولانا سعدالله جي رياست ڇڏڻ بعد خيرپور ۾ مفتي مقرر ٿيو. هو حديث ۽ فقه جو وڏو عالم هوندو هو. فقه ۾ ڪجهہ رسالا تاليف ڪيائين. ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ ممتاز ڪاليج ۾ دينيات جو استاد مقرر ٿيو. خيرپور ۾ هڪ ديني مدرسو کوليائين. پنهنجي پنيان ٻہ پٽ ميان عبدالرحمن ۽ حبيب الرحمن نالي ڇڏي، تاريخ 7 جنوري 1957ع تي وفات ڪري ويو[2].

**مولوي محمد صادق:**

هيءُ مولوي الله بخش چاچڙان واري جو فرزند هو. سندس ڏاڏو مولوي صادق علي خواجہ فخرالدين اوجدي جو مريد هو. اهو خاندان بهاولپور رياست جي ڳوٺ عبدالواحد ڪنيڙي ۾ رهندو هو. خواجہ غلام فريد مولوي محمد صادق کي ٻالڪپڻ ۾ ئي پير غلام محي الدين جي حوالي ڪيو هو. پير صاحب جي وفات بعد مولوي الله بخش بہ راڻيپور ۾ اچي رهيو ۽ پير صالح شاهہ جو سهرو بڻيو. مولوي محمد صادق جي تعليم بہ پير صالح شاهہ جي سرپرستي ۾ ٿي. سندس استادن مان مولانا عبدالغفور همايوني، مخدوم الله بخش عاصي ۽ مولانا عبدالرؤف مشهور آهن.

هو هڪ سنو شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي. هن ڪافي علمي ۽ ادبي رسالا لکيا ۽ گيتا جو منظوم ترجمو ڪيو. سندس اردو رسالو دعوت الاعتماد مشهور آهي. ان کان سواءِ سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام بہ ترتيب ڏنائين. اديب ۽ شاعر هجڻ سان گڏ پنهنجي وقت جو وڏو حڪيم بہ هوندو هو. هو مير علي نواز خان جي خاص مقربن مان هڪ هو[3].

**مخدوم امير احمد:**

مخدوم الله بخش عباسي جو ڏوهٽو مخدوم امير احمد بہ سنڌ جي وڏن اديبن ۽ عالمن ۾ شمار ٿئي ٿو. هو عربي ۽ فارسي جو تحصيل يافتہ عالم هو. سنڌ جي مشهور عالمن حافظ محمد سليمان، مولوي بخش علي ۽ مولوي محمد هاشم ڦلجي واري جو

---

[1] زباني روايت: مولانا عبدالرحمن ولد مولانا عبدالڪريم عباسي، ساڪن پنو عاقل.

[2] زباني احوال: ميان عزيز الرحمن عباسي، ساڪن خيرپور ۽ ذاتي مشاهدو.

[3] زباني احوال: ميان محمد اظهر، مولوي صاحب جو فرزند، ساڪن راڻيپور.

شاگرد هو. قرآن پاڪ جو حافظ هو. نوشهري فيروز ۽ نوابشاهه جي اسڪولن ۾ ڪافي وقت عربي جو استاد ٿي رهيو. 1945ع ۾ جامعه عربيه حيدرآباد جو سربراهه ٿيو. هڪ سال ڪان پوءِ پرنسپال مقرر ٿيو. سندس ئي ڪوشش سان اسلاميه ماڊرن هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ قائم ٿيو. هو جماعت حمايت الاسلام جو به سرگرم ڪارڪن هوندو هو[1].

هن ڪيترائي مضمون ۽ تحقيقي مقالا لکيا ۽ ڪتاب تاليف ڪيائين. سندس وفات 1971ع ۾ ٿي[2].

### حاجي محمد عثمان:

حاجي محمد عثمان ولد محمد پريل جوڻيجو هڪ وڏو عالم ٿي گذريو آهي. سندس وڏن جو ڳوٺ ڪندو واهڻ ضلعو سکر هو جتان سندس ڏاڏو مولانا نبهندو ولد محمد هاشم لڏي اچي پريان لوءَ ۾ ويٺو. هن شاهه حسين جي درگاهه واري مسجد ۾ پنهنجو درس ۽ تدريس جو ڪم جاري رکيو. اهو مير رستم خان جي حڪومت جو دور هو. هن مير علي مراد خان جي حڪومت وقت وفات ڪئي.

مولانا نبهندو کان پوءِ سندس پوٽو محمد عثمان علم جي زيور سان آراسته ٿيو. علم جي تحصيل بعد پيادل حج ڪيائين. حج تان موٽندي بزرگن جون زيارتون ڪندو بغداد ۾ آيو. اتي جي سجاده نشين سندس علمي حيثيت کان متاثر ٿي کيس پاڻ وٽ رهائي ڇڏيو. هو پنج سال مدرسي ۾ پڙهائي پوءِ پريان لوءِ واپس آيو ۽ اتي به پڙهائڻ جو سلسلو جاري رکيائين. هو وڏو فيض ۽ برڪت جو صاحب ٿي گذريو آهي. پرچوندي جي بزرگن جو مريد هو. مير فيض محمد خان سندس فتوائن جو قدر ڪندو هو. هن سندس درگاهه جي لنگر لاءِ ڏهه ايڪڙ زمين جو پروانو ڏنو. حاجي صاحب 1919ع ۾ وفات ڪري ويو[3].

### سيد قاسم علي شاهه:

مولوي سيد قاسم علي شاهه ولد سيد علي شاهه ڪشمير جي رضوي خاندان سان تعلق رکي ٿو. سندس مورث اعليٰ سيد موسيٰ مبرڪ جي مزار ايران جي مشهور شهر قم ۾ آهي. هو ڪشمير مان لڏي، دين جي تبليغ لاءِ ڪيترائي سال ڪوهاٽ ۾ اچي رهيو ۽ ڪوهاٽي سيد جي نالي سان مشهور ٿي ويو. وري ڪوهاٽ مان لڏي پشاور ۾ سڪونت اختيار ڪيائين، جتان پنجاب جي استاد الذاڪرين سيد علي

---

[1] ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: مضمون "مهراڻ، سوانح نمبر" حوالو ڏنل آهي. ص 244، 246

[2] قلمي بياض: محمد علي خداد، ساڪن خيرپور.

[3] زباني احوال: عبدالغفور خان جوڻيجو ساڪن پريان لوءِ.

شاهه جي معرفت خيرپور ۾ آيو ۽ ڪوٽڏيجي ۾ رياست خيرپور جو مفتي ٿي گذريو آهي. سندس تصنيفات مان فقه جعفريه جا ڪيترائي رسالا ۽ حاشيه سندس پوٽي سيد محمد علي شاهه جوهر وٽ محفوظ آهن. سرائڪي ۾ سيفل ملڪ جو قصو (منظوم) سندس سخنوري جي ساک پري ٿو. مولوي صاحب هڪ وڏو موحد ۽ مبلغ ٿي گذريو آهي. محرم شريف جي ماتمي جلوس ۾ دهلن شرناين ۽ نغارن وڄائڻ جو رواج بند ڪيائين ۽ مذهبي ڪمن ۾ اصلاح آنڌائين. علامه سيد علي حائري ۽ سيد عبدالعلي هروي سان دوستانه تعلقات هيس. اهي ٻئي عالم وٽس اچي مهمان ٿي رهندا هئا. تاريخ 4 ربيع الاول 1337 هجري، مطابق 1916ع تي وفات ڪري ويو. سندس مزار ڪوٽڏيجي جي شهر ۾ آهي[1].

**سيد خادم حسين شاهه:**

هيءَ ديري غازي خان جي نقوي خاندان مان هو ۽ رياست خيرپور جي مفتي سيد قاسم علي شاهه جي وفات کان پوءِ مفتي بڻيو. هيءَ به هڪ وڏو عالم ۽ پرهيزگار شخص ٿي گذريو آهي. ڪيس فقه جعفري ۾ وڏي مهارت هوندي هئي. رياست خيرپور ۾ شيعه مذهب جو وڏو پرچار ڪيائين ۽ ماتم داري جي رسمن ۾ صلاح آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. جعفري فقه تي ڪجهه رسالا لکيائين. هو هڪ وڏو خليق ۽ روادار انسان ٿي گذريو آهي. سني مذهب وارا به هن کي عقيدت جي نظر سان ڏسندا هئا. هن 1946ع ڌاري وفات ڪئي. پنهنجي پنيان باقر شاهه، طاهر شاهه ۽ صابر شاهه نالي ٽي پٽ ڇڏيائين. جن مان به سال کن ٿيندا جو باقر شاهه گذاري ويو باقي ٻئي ڄڻا سرڪاري ملازمت ۾ آهن[2].

**سيد عبدالڪريم شاهه:**

هيءَ سائدي ڳوٺ جو وينل هو ۽ هڪ وڏو عالم ٿي گذريو آهي. علم جي دولت سان مالامال هجڻ سان گڏ معرفت جو صاحب به هو. سندس ولادت 1885ع ۾ ٿي ۽ وفات آڪٽوبر 1959ع ۾ ڪيائين[3]. سندس مرشد رامپور جو مشهور بزرگ حاجي محمد مجتبيٰ خان نقشبندي هو جيڪو پنهنجي عمر جا آخري به سال وٽس اچي رهيو ۽ سائدي ڳوٺ ۾ دفن ٿيو. سيد عبدالڪريم شاهه کي حيدر شاهه به سڏيندا هئا. ڪجهه فقه جا رسالا تاليف ڪيائين، جيڪي سندس فرزند صالح شاهه وٽ محفوظ آهن[4].

---

[1] زباني احوال، سيد محمد علي شاهه جوهر، ساڪن ڪوٽڏيجي.
[2] زباني احوال: سيد طاهر شاهه، ساڪن خيرپور ميرس.
[3] زباني روايت: سيد صالح شاهه، ساڪن سائدو ڳوٺ.
[4] ايضاً

# پير، فقير ۽ شاعر

## راڻيپور جا پير:

راڻيپور جي پيرن جي درگاهہ 1195 هجري مطابق 1781ع ۾ قائم ٿي، جڏهن بغداد جي پير سيد عبدالعزيز جا ٻہ صاحبزادا سيد محمد شاهہ ۽ سيد احمد شاهہ تبليغ جي سلسلي ۾ سنڌ ۾ آيا. ڪلهوڙا خاندان جا حاڪم سيد پائرن جي خانداني وجاهت ۽ شخصيت کان گهڻو متاثر ٿيا ۽ سندن روحاني ڪمالات ڏسي، ساڻن عزت ۽ احترام سان پيش آيا ۽ کين سنڌ ۾ رهي تبليغ ڪرڻ جي اجازت ڏنائون. ٻئي صاحبزادا حيدرآباد ۽ خدا آباد کان تبليغ ڪندا ان وقت جي وڏي قاضي مخدوم احمدي وٽ کهڙن جي شهر ۾ آيا ۽ پورا ٻارهن مهينا سندس مهمان ٿي رهيا. ان کان پوءِ هو مخدوم صاحب جي ڪوشش سان راڻيپور ۽ گمبٽ ۾ ديني مرڪز کولي ويهي رهيا[1]. ونڊبير خاندان مان شاديون ڪيائون. سندن روحاني فيض کان متاثر ٿي، بي انداز ماڻهو سندن مريد ٿي ويا ۽ ڪيترن هندن کي مسلمان ڪيائون[2].

چون ٿا تہ مٿي ذڪر ڪيل پائرن مان سيد محمد شاهہ هڪ دفعو اڳ ۾ بہ سنڌ ۾ آيو هو. پر ڪيس ترڪي حڪومت جو جاسوس سمجهي سنڌ ۾ رهڻ نہ ڏنو ويو هو[3]. سيد محمد شاهہ کي گمبٽ ۾ هڪ فرزند عبدالرزاق شاهہ ڄائو، جيڪو سندس زندگي ۾ ئي فوت ٿي ويو. سيد احمد شاهہ کي راڻيپور ۾ چار فرزند تولد ٿيا، جن جا نالا صالح شاهہ، ابراهيم شاهہ، عبدالرحيم شاهہ ۽ عبدالعزيز شاهہ عرف عبدالغفار شاهہ هئا[4]. انهن مان صالح شاهہ پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ پيريءَ جي مسند تي ويٺو. سيد ابراهيم شاهہ گمبٽ ۾ پنهنجي چاچي محمد شاهہ جي درگاهہ وڃي وسائي ۽ عبدالرحيم شاهہ جي فرزند شير محمد شاهہ عرف پير شير پنهنجن ناناڻن

---

(1) الله بخش عاصي، مخدوم: "تذڪره مخاديم کهڙا"، قلمي نسخو مملوڪ راقم الحروف.

(2) زباني روايت: پير محمد شاهہ، سجاده نشين درگاهہ گمبٽ.

(3) ايضاً.

(4) زباني روايت: پير محمد شاهہ، سجاده نشين درگاهہ گمبٽ.

ڏانهن لاڙڪاڻي ڏانهن هليو ويو ۽ اتي سيد سراج شاهه جي درگاهه جو متولي ٿيو.[1]

ايتري ۾ سنڌ جي حڪومت ڪلهوڙن جي هٿ مان نڪري ٽالپرن جي قبضي ۾ آئي. وقت جا حاڪم مير سهراب خان ۽ مير رستم خان هئي راڻيپور ۽ گمبٽ جي پيرن جو ڪلهوڙن کان به وڌيڪ احترام ڪندا هئا. ايتري قدر جو سياسي ڳالهين ۾ به ساڻن مشورا ڪندا هئا. جڏهن افغانستان جو بادشاهه شجاع الملڪ 1219 هجري مطابق 1805ع ۾ سنڌ ڏانهن غنيم بڻجي آيو هو. تڏهن راڻيپور جو پير صالح شاهه اول، مخدوم محمد عاقل ۽ پير محمد راشد سان گڏجي کيس بکر کان ئي موٽائي آيو هو[2].

پير صالح شاهه جي بزرگي ملڪن ۾ مشهور هئي ۽ هو ڪافي ڪرامت جو صاحب هو. هند، سنڌ، بلوچستان ۽ افغانستان جا بي انداز ماڻهو سندس مريد هئا. وڏو سخي مرد ٿي گذريو آهي. کيس سخي صالح شاهه نوڙهو ڪري سڏيندا هئا.[3] سيد صالح شاهه کي هڪ فرزند پير غلام محي الدين شاهه هو. جيڪو سندس وفات کان پوءِ مسند تي ويٺو. هو هڪ وڏو پرهيزگار ۽ خدا جو نيڪ بانهو ٿي گذريو آهي. پنجاب جو وڏي ۾ وڏو ۽ بزرگ شاعر خواجه غلام فريد سندس گهاٽو دوست هوندو هو. هڪ دفعي پير صاحب خواجه صاحب ڏانهن گهوڙن لاءِ گجرن موڪلڻ جو پيغام موڪليو. خواجه صاحب گجرون ته ڪونه موڪليون، اتلو پير صاحب ڏانهن نياپو موڪليائين ته هو راڻيپور جا پير موڪلي . ان پيغام پهچڻ تي پير صاحب سرائڪي زبان ۾ هيٺيان بيت چوائي موڪليو:

هٿان سنوين هٿ فريدا پيران سنوين پير،
تئن نه مڪيان گاجران، مئن نه مڪي پير

**گمبٽ جا پير:**

گمٽ جي درگاهه جي باني پير محمد شاهه بغدادي کي مرڻ وقت ڪو به نرينو اولاد ڪونه هو تنهن ڪري سندس پائيٽو پير ابراهيم شاهه سندس جانشين بڻيو. هو پنهنجي وقت جو چڱو پير ٿي گذريو آهي. هو ظاهري طرح تي پڙهيو ڪونه هو ۽ عربي فارسي يا هندي زبانون نه ڄاڻندو هو. تڏهن به عالمن ۽ فاضلن جو صحبتي هو ۽ ديني ڳالهين ۾ گهڻي دلچسپي وٺندو هو.[4] کيس ڇهه فرزند هئا: شمس الدين شاهه، محمد شاهه، حسين الدين شاهه، غوث محمد شاهه، قطب الدين شاهه ۽

---

(1) Ahmed Shah: "Northern Indian whos who". Mahta Publicity Corporation, Lahore, 1942, PPL84, 85

(2) الله بخش عباسي : حوالو ڏنل آهي.

(3) زباني روايت: پير اڌل شاهه جيلاني، ساڪن راڻيپور.

(4) غلام رسول مهر: "سرگذشت مجاهدين." ڪتاب منزل لاهور، 1956ع ص 162.

عبدالرزاق شاهه[1].

ابراهيم شاهه جي وفات کان پوءِ سندس وڏو پٽ شمس الدين شاهه پيريءَ جي گادي تي ويٺو. جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ شريعت جو صاحب هو. ڪيس محمود شاهه، خميس علي شاهه، سومر شاهه ۽ جعفر شاهه نالي چار پٽ هئا[2].

پير شمس الدين شاهه سن 1307 هجري مطابق 1890ع ۾ وفات ڪئي[3]. پوءِ سندس پيو نمبر پٽ خميس علي شاهه مسند نشين ٿيو. جيڪو بزرگاڻه صورت ۽ سيرت جو بهترين مظهر هو. سندس اٿڻي ويهڻي ۽ گفتگو جي طرز بي مثل هئي. شام جو مسجد ۾ پٽريون رکائي، پاڻ به صلوات پڙهندو هو ۽ آئي ويئي کان به پڙهائيندو هو.[4] هو شاهاڻه شڪل شباهت جو صاحب هو ۽ فصاحت بلاغت جو مالڪ. خوش بيان ۽ شيرين زبان شخص هو. بيحد دانشمند، مفڪر، مدبر هو ۽ ڏاڍو صالح، عابد خدا پاڪ جي حڪمن جو فرمانبردار هو. شريعت جي عزت ڪندو هو ۽ هڪ وڏو علم دوست ۽ علم نواز هو[5]. مولانا تاج محمود امروٽي جي لفظن ۾ پير صاحب جو وجود ديٺداري جي رونق ۽ خلق لاءِ پيروي جو نمونو هو[6]. پير صاحب کي هيٺين نالن سان ست فرزند ڄاوا: غلام مرتضيٰ شاهه، غلام مصطفيٰ شاهه، غلام باقر شاهه، شاهه مردان شاهه، علي مرادن شاهه، عبدالرحيم شاهه ۽ پنجل شاهه. هن وقت ٽائين شاهه مردان شاهه ۽ پنجل شاهه زنده اولادي آهن[7]. پير خميس علي شاهه 1348 هجري، مطابق 1929ع ۾ وفات ڪئي[8].

پير خميس علي شاهه کان پوءِ سندس فرزند پير غلام مرتضيٰ شاهه گادي تي ويٺو جيڪو پنهنجن وڏن کان وڌيڪ عابد ۽ زاهد شخص ٿي گذريو آهي. هي سارو وقت مسجد اندر ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول رهندو هو تاريخ 26 ڊسمبر، 1968 تي وفات ڪيائين[9].

هن وقت گمبٽ جي درگاهه جو سجاده نشين، پير غلام مرتضيٰ شاهه جو فرزند پير محمد شاهه آهي، جيڪو پنهنجن وڏن جي پيروي ڪندو ٿو رهي. هو ڪيترائي دفعا حرمين شريفين جي زيارت ۽ حج کان مشرف ٿي چڪو آهي.

---

[1] زباني روايت: پير حاجي ميرڻ شاهه، ساڪن گمبٽ.
[2] ايضًا
[3] زباني روايت: پير شاهه مردان شاهه ساڪن گمبٽ.
[4] علي محمد شاهه راشدي پير: "اهي ڏينهن اهي شينهن" حوالو ڏنل آهي.
[5] عبدالڪريم چشتي مولوي: "پنهنجن بزرگن جون يادگيريون." يوسفيه پريس سکر ص1.
[6] ايضًا
[7] زباني روايت: پير شاه مردان شاهه، ساڪن گمبٽ.
[8] ايضًا:
[9] ايضًا:

## پاڳارا پير:

سنڌ جي مشهور و معروف راشدي خاندان جو وڏو پير محمد راشد ولد سيد محمد بقا شاهه لڪياري هڪ وڏو اهل دل درويش ۽ باڪمال بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس خاندان جو مورث اعليٰ سيد علي مڪي چوٿين صدي هجري ۾ عراق (سامري) کان هجرت ڪري، پنهنجن هڪ سؤ ساٺين سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو[1].

پير محمد راشد جو والد سيد محمد بقا شاهه ولد سيد امام علي شاهه پهرين شعبان 1135 هجري، مطابق 1723ع ۾ ڳوٺ رسولپور سائدي نندي ۾ ڄائو ۽ ظاهري علمن جي تحصيل کان پوءِ مخدوم محمد اسماعيل پريالوءِ واري ۽ سيد عبدالقادر شاهه ثاني چناهه واري کان روحاني فيض حاصل ڪيائين. هو تاريخ 9، ربيع الثاني، 1198 هجري، مطابق 1784ع تي چورن هٿان شهيد ٿيو. سندس مزار رياست خيرپور جي مقام شيخ طيب ۾ آهي. هو پٽ ڌڻي جي لقب سان مشهور آهي[2].

پير محمد بقا شاهه کان پوءِ سندس فرزند پير محمد راشد، رشد ۽ هدايت جي مسند تي ويٺو. سندس ولادت 1171 هجري، مطابق 1757ع ۾ ٿي اڃا هڪ مهيني جو هو جو رمضان جو مهينو اچي ويو ۽ سارو مهينو ڏينهن جو کير نه پيتائين. تنهن ڪري روزي ڌڻي جي لقب سان مشهور ٿي ويو[3]. تعليم و تربيت کهڙن جي مخدوم احمدي، شڪارپور جي شاهه فيض الله علوي، ڪوٽڙي ڪبير جي مخدوم يار محمد ۽ آريجن جي مولانا محمد کان حاصل ڪيائين[4]. سندس مريدي جو سلسلو تمام وسيع آهي. سنڌ، جوڌپور، جيسلمير، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ لکين مريد ڪيائين. سندس مريدن مان ڪيترائي فيض جا صاحب ٿيا. جن مان سيد محمد حسن شاهه سوئي وارو، خليفو محمود ڪڙتي وارو ۽ خليفو محمد حسن مهيسر مشهور آهن. جن ڌار ڌار سندس ملفوظات کي مرتب ڪيو. سندس تصنيفات مان شرح اسماء الحسني، جمع الجوامع، مڪتوبات ۽ ملفوظات مشهور آهن[5].

سنڌ جي ميرن جون ٽيئي حڪومتون پير صاحب جو احترام ڪنديون هيون. پير صاحب کي هيٺين نالن سان ارڙهن پٽ هئا: حسن شاهه، صبغت الله شاهه، احسن شاهه، محمد ڪريم شاهه، ياسين شاهه، مهدي شاهه، محمد بقا شاهه، هدايت الله شاهه، شاهنواز شاهه، غلام محي الدين شاهه، صادق شاهه، مبارڪ شاهه، حامد شاهه ۽

---

[1] اعجاز الحق قدوسي: "تذڪره صوفياء سنڌ"، حوالو ڏنل آهي، ص 875.

[2] عطا محمد، مرزا منشي: "تاريخ تازه نوائي معارڪ" حوالو ڏنل آهي، ص 875..

[3] زباني روايت: منشي محمد پريل، ساڪن پير جو ڳوٺ.

[4] تبسم چوڌري: تذڪره پيران پاڳارا، انڊس پرنٽرز حيدرآباد،1970ع، ص 96،97

[5] اعجاز الحق قدوسي: "تذڪره صوفيائي سنڌ"، ص، 272.

اسماعيل شاهہ ۽ انهن مان شاهنواز شاهہ، صادق شاهہ، حامد شاهہ ۽ اسماعيل شاهہ سندس حياتي ۾ ئي وفات ڪري ويا ۽ هين چئن پٽن تي ساڳيا نالا رکيا ويا[1].

پير محمد شاهہ پنهنجي وفات وقت پنهنجن ٻن پٽن صبغت الله شاهہ ۽ ياسين شاهہ کي ڏار ڏار دستار ۽ علم عطا ڪيو. ان وقت کان وٺي صبغت الله شاهہ ۽ سندس جانشين پاڳاري جي لقب سان مشهور ٿيا ۽ ياسين شاهہ ۽ سندس جانشين کي جهنڊي وارا پير سڏيو ويو[2].

پير محمد راشد کان پوءِ پير صبغت الله شاهہ گادي تي ويٺو. ان وقت پنجاب ۾ سکن زور ورتو ۽ مسلمانن جي ڪافي علائقن تي قبضو ڪري ويا ۽ سنڌ تي ڪاهڻ جون تدبيرون سوچڻ لڳا. پير صاحب سائڻ جهاد ڪرڻ جي ارادي سان پنهنجن جانباز ۽ سرفروش مريدن جي هڪ جماعت تيار ڪري "حر تحريڪ" جو بنياد رکيو[3]. ساڳئي وقت هندستان ۾ سيد احمد شهيد بريلوي جهاد جي تحريڪ شروع ڪئي ۽ پير ڳوٺ ۾ اچي پير صاحب جو مهمان ٿيو. تيرهن ڏينهن سائڻ روحاني رهاڻيون ڪري اڳتي وڌيو. ۽ پنهنجا ٻار ٻچا پير صاحب جي حفاظت ۾ ڇڏي ويو. پير صاحب سائڻ وعدو ڪيو تہ جڏهن جنگي مرڪز قائم ٿي ويندو، تڏهن هو بہ سائڻس اچي ملندو. مگر اتفاق اهڙو ٿيو جو افعانستان ۽ پشاور وارو رستو بند ٿي ويو ۽ پير صاحب اتي پهچي نہ سگهيو ۽ سيد احمد شهيد بالاڪوٽ ۾ شهيد ٿي ويو[4].

پير صبغت الله شاهہ هڪ وڏو جليل القدر عالم ۽ معرفت جو صاحب ٿي گذريو آهي. سندس ديني حيثيت جو اندازو سيد احمد شهيد جي ساٿي سيد حميد الدين جي هيٺئين بيان مان لڳائي ٿو سگهجي. هو لکي ٿو تہ:

سنڌ وارن کي ساري ملڪ ۾ پير صبغت الله شاهہ جهڙو شيخ ۽ مرشد نہ ملندو. هن وٽ اٽڪل ٽي لک ٻروچ مريد آهن ۽ وڏي مان ۽ مرتبي سان زندگي گذاري رهيو آهي. سندس خلوص، مروت ۽ سخا ملڪن ۾ مشهور آهي. هن وٽ هڪ اهڙو ڪتبخانو آهي، جيڪو بادشاهن وٽ بہ ڪونہ هوندو. منجهس ڪم از ڪم پندرهن هزار معتبر ڪتاب آهن[5]. پير صاحب کي هيٺيان ست فرزند هئا: غلام مصطفيٰ شاهہ، عبدالقادر شاهہ، علي گوهر شاهہ، علي محمد شاهہ، علي حيدر شاهہ، ذوالفقار شاهہ، شاهہ مردان شاهہ[6].

---

[1] زباني روايت: پير حسن علي شاهہ راشدي، ساڪن پير جو ڳوٺ.

[2] خادم حسين شاهہ: "سوانح اصغر": سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو 1967ع، ص 25، 26.

[3] زباني روايت: منشي محمد پريل، ساڪن درگاه پير جو ڳوٺ.

[4] تبسم چوڌري: "تذڪره پيران پاڳارا" جو حوالو ڏنل آهي، ص 102.

[5] اعجاز الحق قدوسي: "تذڪره صوفياءِ سنڌ" حوالو ڏنل ص 273، 274.

[6] خادم حسين شاهہ: "سوانح اصغر" حوالو ڏنل آهي، ص 28.

پير صبغت الله شاهه تاريخ 5 رمضان 1246 هجري، مطابق 1831ع تي وفات ڪئي ۽ سندس فرزند پير علي گوهر شاهه گادي نشين ٿيو. هي بہ پنهنجن وڏن وانگر پنهنجي وقت جو وڏو عالم، اديب ۽ شاعر هو. ڪيس بنگلي ڌڻي سڏيندا هئا. سندس تخلص اصغر هو ۽ ڪافيءَ جي صنف ۾ باڪمال شاعري ڪئي اٿس. سندس ڪافين ۾ سوز ۽ گداز سمايل آهي ۽ ڪيس ادب جي ميدان ۾ مٿانهين حيثيت حاصل آهي. هن گهڻو وقت علي مراد خان جي صحبت ۾ گذاريو. پڇاڙيءَ ۾ ٻنهي ۾ نااتفاقي پيدا ٿي پيئي، پير مير علي مراد خان کين ميڙ منٿ ڪري پرچائي ڇڏيو[1]. پير صاحب تاريخ 11 جمادي الاول 1263 هجري، مطابق 23اپريل 1847ع تي وفات ڪئي[2].

پير علي گوهر شاهه کان پوءِ سندس فرزند پير حزب الله شاهه مسڪين تخت نشين ٿيو. جيڪو وڏو زنده دل ۽ سخي مرد ٿي گذريو آهي. سندس لنگر عام خاص لاءِ هميشہ کليل هوندو هو. عام ڳوٺن ۾ وڃي غريبن جي سار لهندو هو ۽ کين ان ۽ ڪپڙا ڏيندو هو[3]. هو وڏو سخن شناس، ادب نواز ۽ قادر الڪلام شاعر بہ هو. هڪ دفعي مولانا بهائي جو ڪلام پسند ڪري کيس هڪ هاٿي ڏنو هئائين[4]. سندس جماعت کيس تخت ڌڻي جي نالي سان ياد ڪندي آهي. سندس ولادت جي تاريخ 18 شعبان 1258 هجري، مطابق 1842ع ۽ وفات جي تاريخ 4 محرم 1308 هجري مطابق 1890ع آهي.

پير حزب الله شاهه کان پوءِ سيد علي گوهر شاهه ثاني "محافي ڌڻي" گاديءَ تي ويٺو. هيءُ بہ پنهنجي وقت جو وڏو عالم هو. گهڻو ڪري بيمار گذاريندو هو. تاريخ 11 رمضان 1314 هجري، مطابق 1897ع تي وفات ڪيائين[5].

پير علي گوهر شاهه ثاني کي اولاد ڪونہ هو. تنهن ڪري سندس وفات کان پوءِ پاڻس پير شاهه مردان شاهه ڪوٽ ڌڻي گادي تي ويٺو جنهن جي علمي ۽ ديني خدمتن کان متاثر ٿي حڪومت کين شمس العماءَ جو خطاب ڏنو. پير صاحب جو لکرايل قرآن شريف جو "تفسير ڪوثر"، سنڌي ادب ۾ وڏو اضافو آهي. تاريخ 7 ربيع الاول 134 هجري، مطابق 9 نومبر 1921ع تي وفات ڪيائين[6].

---

[1] علي مراد خان جو فارسي خط بياض فخرالدين علوي تان مملوڪ ورتل، مرزا عباس علي بيگ ساڪن حيدرآباد.

[2] عطا محمد مرزا، منشي: "تاريخ تازه نوائي معارڪ" حوالو ڏنل آهي، ص 875.

[3] زباني روايت: پيروز خان سوهو ساڪن ڳوٺ سوهو قناصره، تعلقو ڪوٽ ڏيجي.

[4] تبسم چوڌري: "تذڪره پيران پاڳارا" حوالو ڏنل آهي. ص 221.

[5] تبسم چوڌري: "تذڪره پيران پاڳارا" حوالو ڏنل آهي، ص 230.

[6] ايضا: ص 232.

ان کان پوءِ پير صبغت الله شاهه ثاني ٻارهن سالن جي عمر ۾ تخت نشين ٿيو. هو ننڍي هوندي کان وٺي آزاديءَ جي جذبي سان سرشار هو. کيس انگريزن جي ڏارين حڪومت کان سخت نفرت هوندي هئي. انهيءَ نفرت جي جذبي سبب انگريزن سان جهاد ڪيائين. جنهن جي نتيجي ۾ تاريخ 20 مارچ 1943ع تي شهادت جو جام پيتائين[1].

هن وقت پاڳارن جي گادي تي پير صبغت الله شاهه ثاني جو وڏو فرزند پير شاهه مردان شاهه ثاني عرف سڪندر شاهه آهي. سندس ولادت جي تاريخ 22 نومبر 1928ع آهي[2]. سندس ڪوشش سان حر جماعت بلڪل منظم ٿي ويئي آهي.

پاڪستان ۽ هندستان جي ٻنهي جنگين ۾ پير صاحب جي مريدن مسلمان قوم جي دل کولي مدد ڪئي آهي ۽ شجاعت جا جوهر ڏيکاريا آهن.

## تجل جا پير:

تجل جي درگاهه جو باني مخدوم شاهه عنايت جو ننڍو فرزند مخدوم سلام الله عرف ترڏٽي آهي. هن خاندان جو مورث اعليٰ مخدوم صدرالدين عرف صدوٗ لانگاهه سن 900 هجري، مطابق 1494ع ۾ بغداد مان اچ ۾ آيو ۽ اتان تبليغ جي سلسلي ۾ سنڌ ۾ اچي ڳوٺ ميران پور ۾ رهيو جتي هڪ مسجد ٺهرائي، ديني مدرسو کوليائين، هي اهو مدرسو آهي، جتي شاهه لطيف جي ڏاڏي شاهه عبدالڪريم بلڙي واري به تعليم ورتي هئي. هن خاندان کي عام تذڪره نويس لانگاهه سڏيندا آهن، پر درگاهه جي مستند شجري مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو خاندان حسني سادات مان آهي. مخدوم صدرالدين جي نسب جُي ٻارهين ڪڙي حضرت امام حسن عليہ السلام سان ملي ٿي[3]. لانگاهه جي آل اصل ۾ مخدوم صدرالدين جي هڪ ڪرامت سبب پئجي وئي آهي، جو هڪ دفعي ٻيڙي نه هجڻ جي حالت ۾ درياهه سڪي ويو هو ۽ ان لانگهي مان مخدوم صاحب جا مريد درياهه پار ڪري ويا هئا[4].

شاهه عنايت مخدوم صدرالدين جي پنجين پيڙهي ۾ مخدوم فضل الله جو فرزند هو. کيس مخدوم خليل الله ۽ مخدوم جليل الله نالي ٻه پٽ هئا[5].

مخدوم سلام الله چوڏهن سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي والد جي هڪ خليفي

---

(1) زباني روايت: منشي محمد پريل، ساڪن درگاهه پير جو ڳوٺ.
(2) ايضاً:
(3) خانداني شجرو درگاهه تجل شريف.
(4) صدرالدين فقير: "شاهه عنايت جو احوال"، قلمي مسودو ص 2.
(5) صدرالدين فقير: حوالو ڏنل آهي. ص 4.

سيد عبداللطيف نتوي کان تلقين وٺي تارڪ ٻڌجي ويئو ۽ جذب جي حالت ۾ رهڻ لڳو. هڪ ڏينهن پنهنجو قيمتي لباس لاهي ساڙي ڇڏيائين ۽ لنگ ٻڌي جهنگ منهن ڪيائين. ڪجهه فقير سندس پنيان هليا جن مان ڪڏهن ڪڏهن راول فقير سان رهاڻ ڪندو هو. هلندي هلندي شاهپور چاڪر جي ڳوٺ ۾ مير چاڪر خان ٽالپر جي ڏيڍيءَ ۾ گهڙي ويو. مير صاحب جي ماڻهن مٿس ڪتا ڇڏيا. جيڪي وڙهڻ جي بدران اچي سندس پير چمڻ لڳا. مستورات مٿي ماڙيءَ تي چڙهي ويون. مگر مير چاڪر خان جو ٻار مير سهراب خان پينگهي ۾ ستل هو. مخدوم صاحب سندس سيرانديءَ کان هڪ ڪلو کوڙي دعا ڪئي ۽ سندس بادشاهه ٿيڻ جي بشارت ڏني[1]. ان کان پوءِ هو وري جهنگ منهن ڪري ڪڇ جي رڻ، جيسلمير ۽ جوڌپور جي ٿر مان ٿيندو وري سنڌ جي سرحد ۾ ڳيرا ٿر واري پٽ تي اچي ويهي رهيو جتي هينئر تجل جي درگاهه آهي. اتي هڪ ڦوڳ جو وڻ هو جنهن کي ٽيڪ ڏيئي سيارو توڙي اونهارو ويٺو رهيو. سندس لباس ۾ هڪ لنگ ۽ هڪ گودڙي هوندي هئي. سارو وقت ذڪر ۽ پاٺي تي گذارو ڪيائين[2].

هو هڪ وڏو ڪرامت جو صاحب ٿي گذريو آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي به اچي ساڻس روحاني رهاڻ ڪئي هئي[3]. ڪيترائي ماڻهو وٽس مريد ٿيڻ لاءِ آيا، مگر انهن کي چيائين ته "اسان مريد ڪرڻ ڪونه آيا آهيون. اوهان کي مريد ڪرڻ لاءِ هڪ پيو پير ايندو." آخرڪار ٿيو به ائين. جو ڪجهه وقت کان پوءِ پاڳارن جي وڏي، پير محمد راشد اچي اتان جي ماڻهن کي مريد ڪيو[4]. مخدوم صاحب وٽ چٽني طرفن کان سچ ڏسي، سندس مريد پريشان ٿيندا هئا، ته کين چوندو هو ته "غم نه ڪيو سکيل ايندو سک ٿيندو." اها بشارت به پوري ٿي جو سندس وفات کان پوءِ سندس ئي خاندان مان مخدوم محمد شاڪر عرف سکيل سائين اچي اها درگاهه وسائي ۽ ناري واهه جي اُتل ڪري تجل وارو پاسو آباد ٿي ويو[5].

مخدوم صاحب تاريخ 25 ذوالحج 1193 هجري،مطابق 1779ع تي وفات ڪئي. سندس وفات کان پوءِ جڏهن مير سهراب خان خيرپور جو والي ٿيو. تڏهن سندس روضو مبارڪ ۽ هڪ عاليشان مسجد تعمير ڪرايائين. ۽ فقيرن کي کوهه کٽائي، باغ رکرائي ڏنائين. مجاورن کي چراغ بندي ۽ لنگر جي خرچ لاءِ نقدي ۽ زمين

---

[1] علي قطب فقير: "ٿر ڏٽيءَ جو احوال"، قلمي مسودو ص 8، 9.
[2] علي قطب فقير: ٿر ڏٽي جو احوال، قلمي مسودو ص 12، 13.
[3] صدر الدين فقير: حوالو ڏنل آهي. ص 14.
[4] زباني روايت: فقير نبين جوڙيو ساڪن، درگاهه تجل.
[5] ايضا:

ڏنائين. اهو روضو تجر جي نموني تي آهي، تنهن ڪري آهستي آهستي تجر لفظ مٽجي تجل بڻجي ويو آهي[1]. ان کان پوءِ مير سهراب خان مخدوم صاحب جي خاندان مان مخدوم محمد شاڪر ولد مخدوم محمد نعيم کي پنهنجي رياست ۾ وٺي آيو ۽ ڪوٽڏيجي کان اتر طرف ڇهن ميلن جي مفاصلي تي ڪيس هڪ وڏو ڪوٽ ٺهرائي ڏنو ۽ جاگير بہ عطا ڪئي. اهو ڪوٽ شاڪر شاهہ جو ڪوٽلو سڏيو ويو ۽ اڄ تائين اتي هڪ ننڍڙو ڳوٺ ڪوٽلي جي نالي سان آباد آهي[2]. ٿوري وقت کان پوءِ مخدوم محمد شاڪر تجل جي درگاهہ تي اچي رهيو. هن وٽ ڏينهن رات لنگر هلندو هو جتان آيو ويو غريب غربو پيو کائيندو هو. سيد جان الله شاهہ مير روهڙي واري جو فرزند مير قلندر علي شاهہ عرف ”موسيٰ جاڳيا“ سندس خاص مريد هو. مخدوم صاحب تاريخ 21 ربيع الاول، 1213 هجري، مطابق 1798ع تي وفات ڪئي[3].

مخدوم محمد شاڪر کان پوءِ سندس فرزند مخدوم سلطان علي فقيري جي مسند تي ويٺو. هي بہ پنهنجي والد وانگر وڏو اهلِ دل درويش هو. مير سهراب خان توڙي مير رستم خان ٻئي سندس معتقد هئا. هو هڪ باڪمال بزرگ ۽ وقت جو وڏو عالم هو. ڪيس هيٺين نالن وارا ست فرزند هئا: مبارڪ شاهہ، شاڪر شاهہ ثاني، قلندر بخش شاهہ، شهاب الدين شاهہ، علي اڪبر شاهہ، نور محمد شاهہ ۽ عبدالستار شاهہ[4]. هن تاريخ 10 صفر 1252 هجري، مطابق 1836ع تي وفات ڪئي[5].

مخدوم سلطان علي شاهہ جي فرزندن مان مبارڪ شاهہ ۽ قلندر بخش شاهہ، هڪ ٻئي پٺيان پنهنجي پيءُ جي گادي تي ويٺا ۽ عبدالستار شاهہ جهوڪ ميران پور ۾ شاهہ عنايت جي درگاهہ تي وڃي مسند نشين ٿيو جتي اڄ تائين سندس اولاد مان گادي تي ويهندا ٿا اچن. عبدالستار شاهہ جهوڪ جي درگاهہ تي بلوچستان واري سيد رکيل شاهہ ۽ جلالاڻين واري لونگ فقير جهڙن عارفن کي مريد بڻايو. نور محمد شاهہ هڪ زنده دل عالم هجڻ سان گڏ هڪ سٺو شاعر بہ هو. سندس وفات تاريخ 17 شوال 1298 هجري مطابق 1881ع تي ٿي.

مخدوم مبارڪ شاهہ پنهنجن وڏن کان بہ پرهيزگار ۽ دسترخاني جو ڪشادو درويش هو. مير علي مراد خان ڪنهن غلط فهمي سبب سندس جاگير کسي ورتي تہ

---

[1] علي قطب فقير: حوالو ڏنل آهي: ص 21.
[2] علي قطب فقير: حوالو ڏنل آهي۔ ص 23
[3] ايضاً:
[4] ايضاً:
[5] صدر الدين فقير: حوالو ڏنل آهي۔ ص 23.

هن ڪجهه بہ نہ ڪڇيو ۽ خدا تي توڪل رکي پنهنجي لنگر کي اڳي کان بہ وڌيڪ ڪشادو ڪيو. ڪجهہ ڏينهن بعد مير علي مراد خان هن وٽ هلي آيو ۽ جاگير واپس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مخدوم صاحب انڪار ڪري ڇڏيو. سندس لنگر تان آئي وئي کي سٺو طعام ملندو هو. پاڻ بلڪل معمولي غذا استعمال ڪندو هو. سندس گهڻو وقت الله جي عبادت ۽ خلق جي خدمت ۾ بسر ٿيندو هو. کيس ولي محمد نالي هڪ فرزند هو جيڪو سندس زندگي ۾ ئي وفات ڪري ويو. تاريخ 12، ذوالقعد 1270 هجري، مطابق 1854ع تي وفات ڪيائين[1] .

مخدوم مبارڪ شاهہ جي وفات کان پوءِ سندس ياءُ قلندر بخش صوفي گادي تي ويٺو جيڪو پنهنجي وڏن جي پيروي ڪندي فقيري ڪندو فقيري جي مسند کي رونق بخشيندو رهيو.

مخدوم قلندر بخش کان پوءِ سندس فرزند سلطان علي شاهہ ثاني جانشين ٿيو. جيڪو هڪ وڏو عالم پرهيزگار ۽ قادر الڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. مير علي مراد خان سندس معتقد هوندو هو. هن تاريخ 7 محرم 1324 هجري مطابق 1906 ع تي وفات ڪئي[2] .

ان کان پوءِ مخدوم مبارڪ شاهہ ثاني گادي تي ويٺو. هيءُ بہ هڪ پرهيزگار ۽ فيض وارو فقير هو. هن وقت سندس فرزند ولي محمد شاهہ ثاني فقيري جي گادي وسايو ويٺو آهي.

هن خاندان ۾ فقير علي قطب، فقير نبين جوڙيو ۽ فقير صدرالدين ٿيئي چڱا سنا حاڪم ۽ وڏا مهمان نواز فقير آهن.

## پريان لوءِ جا پير:

پريان لوءِ ۾ نقوي ساداتن جي درگاهہ جو باني سيد صالح شاهہ سوائي آهي، جنهن جو والد سيد بهاءُ الدين شاهہ اُچ کان لڏي روهڙي ۾ اچي رهيو هو. روهڙي ۾ حاجن شاهہ واري درگاهہ سندس قائم ڪيل آهي. حاجن شاهہ دراصل هڪ پٽ فقير ۽ بهاءُ الدين شاهہ جو خليفو هو. سيد بهاءُالدين شاهہ بہ اتي ئي دفن ٿيل آهي[3] . سيد بهاءُ الدين شاهہ کي صالح شاهہ، نارو شاهہ، صوفن شاهہ ۽ موريل شاهہ نالي چار پٽ هئا. سيد نارو شاهہ هاٿوڪو نارو شاهہ وارو شهر وڄي وسايو. جتي اڄ بہ سندس اولاد

---

[1] علي قطب فقير: حوالو ڏنل آهي ص 27.
[2] ايضًا:
[3] زباني روايت: سيد امام علي شاهہ ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.

مان گنبل شاهہ ۽ احمد شاهہ زنده آهن.صوفن شاهہ ڳوٺ ٽڳڙ باغبان تعلقي ڏوڪري ۾ وڃي رهيو. جتي سندس اولاد مان خادم حسين شاهہ ۽ قربان علي شاهہ حال حيات آهن. سيد موريل شاهہ وري ٽوري ڳوٺ ۾ وڃي لاولد فوت ٿيو[1]. باقي صالح شاهہ پريان لوءِ ۾ اچي وينو. جتي رياضتون ۽ مجاهدا ڪري وقت جو وڏو عارف بڻيو. ميان نور محمد ڪلهوڙو وٽس ملاقات ڪرڻ لاءِ پريان لوءِ شهر ۾ آيو ۽ هڪڙي ملاقات ۾ ئي سندس معتقد بنجي ويو. ڪيس جاگير ۽ نذراني جي آڇ ڪيائين پر صالح شاهہ جهڙي متوڪل شخص ونءِ کان انڪار ڪري ڇڏيو.شاهہ صاحب سمورو وقت قلندرانہ نموني ۾ گذاريو. هو سنڌي زبان جو هڪ سٺو شاعر بہ هو. ڪيس شير محمد شاهہ ۽ حيدر علي شاهہ نالي بہ فرزند هئا[2]. سيد حمز علي شاهہ جي روايت موجب صالح شاهہ کي قائم علي شاهہ، حيات شاهہ، ۽ محبوب شاهہ نالي ٻيا ٽي پٽ بہ هئا.سيد قائم علي شاهہ پنهنجي وقت جي مخدوم محمد اسماعيل جوٽيجي جو دوست هوندو هو. هن مخدوم صاحب سان گڏجي قرآن پاڪ لکيو هو جيڪو هن وقت سيد حمز علي شاهہ وٽ موجود آهي[3]. سيد قائم علي شاهہ بنا اولاد فوت ٿي ويو. باقي حيات شاهہ ۽ محب شاهہ جي اولاد مان حمز علي شاهہ جن پريان لوءِ ۾ موجود آهن[4].

سيد صالح شاهہ جي وفات کان پوءِ سندس ننڍو فرزند شير محمد شاهہ مسند نشين ٿيو ۽ حيدر علي شاهہ تارڪ دنيا ٿي رهيو ۽ پنهنجي والد وانگر فقيراڻي زندگي بسر ڪري ويو.سندس ڪافي مريد هوندا هئا.

شير محمد شاهہ جي وفات کان پوءِ سندس فرزند دوست علي شاهہ گادي تي وينو. هيءَ بہ پنهنجن وڏن وانگر هڪ وڏو فيض وارو فقير ٿي گذريو آهي. هن جي وفات بعد سندس پٽ شير محمد شاهہ ثاني فقيري جي مسند سنڀالي. وقت جو حاڪم مير سهراب خان سندس وڏو قدر دان هوندو هو. هن بہ ساري حياتي ۾ ڪنهن کان نذر نياز نہ ورتو[5].

ڪيس بہ فرزند يعقوب علي شاهہ ۽ محمد علي شاهہ مست هئا. محمد علي شاهہ مست مجرد هوندو هو ۽ سمورو وقت سير سفر ۾ گذاريائين.ڪڏهن ڪڏهن مير علي مراد خان ٽالپر جي ڪچهريءَ ۾ ايندو هو. مير صاحب سندس وڏو احترام

---

[1] زباني روايت: سيد حمز علي شاهہ ساڪن، پريان لوءِ .
[2] زباني روايت: سيد امام علي شاهہ، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.
[3] زباني روايت: سيد حمز علي شاهہ، ساڪن پريا ن لوءِ.
[4] ايضا
[5] زباني روايت: سيد امام علي شاهہ، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.

ڪندو هو. هي بہ ڪو نذرانو قبول نہ ڪندو هو. باقي ڪڏهن ڪڏهن مير صاحب کان قيدي ڇڏائي ويندو هو[1].

شير محمد شاهہ ثاني جي وصال بعد سندس وڏو پٽ يعقوب علي شاهہ سجاده نشين ٿيو. هو مير مراد علي خان جو گهرو دوست هو ۽ سندس خاص مقربين مان هوندو هو. مير صاحب جي طرفان هن کي ڪافي زمين ۽ پروانا مليا[2].

يعقوب علي شاهہ کان پوءِ سندس پٽ جان الله شاهہ پڳدار ٿيو هن جو مير غلام حيدر جي پٽ مير محمد خان ۽ سندس خاندان سان گهاٽو رشتو هوندو هو. هو ميرن جي استدعا تي پريان لوءِ ڇڏي اچي سندن ڳوٺ ڪوٽ مير محمد خان ۾ وينو[3].

جان الله شاهہ کان پوءِ سندس پٽ غوث علي شاهہ جانشين ٿيو. جيڪو وڏو هردلعزيز ماڻهو ٿي گذريو آهي.ڪيس بہ پٽ محمد علي شاهہ ۽ امام علي شاهہ نالي ڄاوا. جن مان محمد شاهہ وفات ڪري ويو آهي. باقي امام علي شاهہ حڪمت جو ڌنڌو ڪري رهيو آهي.هيءَ بہ هڪ درويش صفت ۽ پيارو ماڻهو آهي.

## هگورجن جا پير:

هگورجن جي پيرن جو وڏو سيد عبدالرشيد شاهہ اصل لڪي جو وينل هو ۽ سندس نسب جو سلسلو حضرت امام موسيٰ ڪاظم سان لڳي ٿو. هو ڪلهوڙن جي اوائلي زماني ۾ تبليغ جي سلسلي ۾ هنگورجن ۾ آيو ۽ اتان جي هڪ بزرگ شاهہ حسين عرف شاهہ مسافر پوهئي جي نياڻي سان شادي ڪيائين.[4] ڪيس هڪ فرزند شاهہ مير نالي ڄائو، جيڪو پيءُ جي وفات کان پوءِ فقيري جي مسند تي وينو. سيد عبدالرشيد رحہ جي مزار سينارجن جي شهر ۾ آهي.

شاهہ مير پنهنجي والد وانگر هڪ وڏو معرفت جو صاحب ٿي گذريو آهي. ڪيس سڪيل شاهہ، درويش محمد شاهہ ۽ مبارڪ شاهہ نالي ٽي پٽ هئا[5]. سندس وفات کان پوءِ وڏو فرزند سڪيل شاهہ گادي نشين ٿيو. جيڪو وڏو اهل دل درويش هوندو هو. ڪيس سيد محمد عطا شاهہ، سيد الهرکيو شاهہ ۽ سيد محمد سعيد شاهہ نالي ٽي پٽ ڄاوا. جن مان وڏو پٽ سيد محمد عطا شاهہ پيءُ جو جانشين ٿيو. خيرپور جا حاڪم مير سهراب خان ۽ مير رستم خان سندس وڏو خيال رکندا

---

[1] ايضاً:
[2] ايضاً:
[3] ايضاً:
[4] زباني روايت: سيد ارشاد احمد شاهہ، سجاده نشين درگاه هگورجا.
[5] زباني روايت: قاضي مهر علي، خليفو درگاهہ هگورجا.

هئا.[1] سيد محمد عطا شاهہ کي هيٺين نالن سان ڇهہ پٽ تولد ٿيا: ناصر علي شاهہ، خير محمد شاهہ، حسن علي شاهہ، عباس علي شاهہ، عبد الغني شاهہ ۽ پير محمد شاهہ.[2] سيد محمد عطا شاهہ جي وفات کان پوءِ سندس وڏو پٽ ناصر علي شاهہ جانشين ٿيو. خيرپور جو حاڪم مير علي مراد خان سندس معتقد هوندو هو[3]. ناصر علي شاهہ کي سرور علي شاهہ ۽ قلب علي شاهہ نالي بہ پٽ ڄاوا ۽ سندس وفات بعد سرور علي شاهہ گادي نشين ٿيو. مير علي مراد خان ۽ مير فيض محمد خان سرور علي شاهہ جو وڏو خيال رکندا هئا[4]. سرور علي شاهہ کي هيٺين نالن وارا پنج پٽ تولد ٿيا: احمد شاهہ، صادق علي شاهہ، غلام مرتضيٰ شاهہ، غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ ڪاظم شاهہ. سرور علي شاهہ جي وفات کان پوءِ غلام مرتضيٰ شاهہ جانشين ٿيو. کيس بہ پٽ ڪاظم علي شاهہ ثاني ۽ حاجن علي شاهہ هئا. سندس وفات 1933ع ۾ ٿي ۽ گادي تي سيد ڪاظم علي شاهہ ثاني عرف صوفن شاهہ ويٺو.[5] هو تاريخ رمضان المبارڪ 1379 هجري مطابق 16 مارچ 1960ع تي گذاري ويو[6]. هن وقت سندس فرزند سيد ارشاد احمد شاهہ سجاده نشين آهي، جيڪو پنهنجن وڏڙن جا ڪک وسايو ويٺو آهي. کيس امير خواه غريب سڀ عزت جي نگاهہ سان ڏسندا آهن.

هڱورجن جي هن خاندان مان سيد قطب علي شاهہ، سيد درمحمد شاهہ ۽ سيد قلندر بخش شاهہ پنهنجي زماني جا سٺا شاعر ٿي گذريا آهن[7].

## فتح پور جا پير:

فتح پور جا پير سادات جي ڪاظمي خاندان سان واسطو رکن ٿا. سندن وڏا ڪونڙيءَ ۾ رهندا هئا، جتان سيد امير علي شاهہ اول ڪهلوڙن جي ايامڪاريءَ ۾ کهڙن جي شهر ۾ اچي رهيو. هو وڏو ڪاني ڪرامت جو صاحب هو. کيس هڪ فرزند شاهہ علي محمد نالي ڄائو جيڪو پڻ وڏو بزرگ ٿيو. هن کي سيد محمد رفيق، سيد محمد اسحاق ۽ محمد علي ٽي فرزند تولد ٿيا ۽ ٽيئي معرفت جا صاحب ٿيا. هنن مان بہ ڄڻا دربيلي ڏانهن هليا ويا، باقي وچيون ڀاءُ سيد محمد اسحاق پنهنجي

---

[1] ايضا:

[2] خانداني شجرو: درگاهہ هڱورجا.

[3] زباني روايت: قاضي مهر علي، خليفو درگاهہ هڱورجا.

[4] ايضا

[5] زباني روايت: ارشاد محمد شاهہ، سجاده نشين درگاهہ هڱورجا.

[6] ايضا

[7] زباني روايت: قاضي مهر علي، خليفو درگاهہ هڱورجا.

والد جي مسند تي ويٺو. هن جو پٽ يعقوب شاهه ۽ پوٽو پريل شاهه پڻ چڱا فيض وارا فقير هئا. پريل شاهه کي دلاور شاهه ۽ محمد شجاع شاهه نالي ٻه فرزند تولد ٿيا ۽ ٻئي چڱا معرفت جا صاحب ٿيا. سيد محمد شجاع کهڙن جو شهر ڇڏي فتح پور ۾ اچي ويٺو ۽ وڏن جي درگاهه قائم ڪيائين. وقت جو حاڪم مير سهراب خان سندس وڏو خيال رکندو هو. سيد محمد شجاع جي پرهيزگاري ۽ فقيري کي ڏسي هزارن جي تعداد ۾ سندس مريد ٿيا. کيس 1200 هجري ۾ محب الله شاهه نالي هڪ فرزند ڄائو. جيڪو ڄمندي ڄام هو. ٻالڪپڻ ۾ جو ڪجهه زبان مان ڪڍندو هو اهو ٿي پوندو هو. هن جي ڏينهن ۾ درگاهه وڏي ترقي ڪئي. هن ميرن ۽ ٻين اميرن هٿان ڪڏهن به ڪو نذرانو ڪونه ورتو. هميشه توڪل تي رهندو هو. پتو ناهي ڪٿان سندس ائين پهر هلندڙ لنگر جو پورائو ٿيندو هو. هن 1273 هجري ۾ وفات ڪئي. هن کي ڪل ست پٽ هئا. جن مان سيد بچل شاهه فقيريءَ جي گاديءَ تي ويٺو. سيد سچل شاهه به هڪ فقير تن انسان هوندو هو. سندس وفات کان پوءِ هن جو پٽ سيد امير علي شاهه ثاني سجاده نشين ٿيو. هن جي وقت ۾ فقيريءَ جي بدران خانقاهه ۾ اميري پير پاتو. سيد امير علي شاهه ڪافي زمين خريد ڪئي. هي پيري مريدي سان گڏ حڪمت به ڪندو هو. وقت جي ميرن سان تمام سٺا تعلقات هوندا هيس. هو زميندار ائسوسيئيشن جو پريزيڊنٽ به ٿي رهيو. انهن سڀني ڳالهين سان گڏ سيد امير علي شاهه ثاني هڪ سٺو اديب ۽ تاريخ نويس به هو. سندس هٿ لکيل تاريخ جا ڪافي مسودا سندس فرزند سيد غلام مصطفيٰ شاهه عرف سيد روشن شاهه وٽ محفوظ آهن. سيد امير علي شاهه جي لکيل خيرپور رياست جي تاريخ به مستند آهي، جو رياست جي انهيءَ تاريخ جا صرف ٽي چار باب صاف لکيل آهن. باقي مختلف مسودا ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. سيد امير علي شاهه تاريخ 4، جنوري 1943ع تي وفات ڪري ويو. هينئر سندس ٽي پٽ سيد محب الله شاهه، سيد اعجاز علي شاهه ۽ محمد شجاع شاهه سي ايس پي گريڊ جا ڪامورا آهن[1].

### ريجهه علي شاهه جي درگاهه:

هن درگاهه جو باني سيد ريجهه علي شاهه اول لکياري آهي. جيڪو ڪلهوڙن جي آخري دور ۾ سيوهڻ مان لڏي اچي گمبٽ تعلقي جي ڳوٺ ٻيلهاڙي ۾ ويٺو. ڪجهه وقت کان پوءِ ٻيلهاڙي مان لڏي کهڙن جي شهر ۾ آيو ۽ دين جي تبليغ شروع ڪيائين[2].

---

[1] سيد غلام مصطفيٰ شاهه جو زباني احوال.

[2] زباني روايت: سيد امام علي شاهه، سجاده نشين درگاهه ريجهه علي شاهه.



پیر علی مدد شاہ



پیر غلام محی الدین شاہ جیلانی



پیر غلام علی شاہ



پیر ابو محمد بن صالح شاہ



پیر غلام محی الدین شاہ عرف میران سائیں



پیر احمد شاہ



پیر عبدالغفار شاہ عرف بخشل شاہ



پیر غلام مرتضیٰ شاہ



درگاه مسجد سر بسته



پیر شاہ مردان شاہ



پیر حزب اللہ شاہ



پیر سکندر علی شاہ



پیر صبغت اللہ شاہ شہید



پير صوفن علي شاهه



پير ارشاد علي شاهه



پير امير علي شاهه



سید نجیب غنی شاہ



سید حامد غنی شاہ



درگاہ سید نجیب غنی شاہ



سيد ناظر شاهه



سيد غنو شاهه



سيد بچل شاهه هالاڪي وارو



پیر سید حسین شاہ



پیر سید بجن شاہ ثانی



پیر سید صالح شاہ



پیر سید سجن شاہ

ريجهه علي شاهه جي وفات کان پوءِ سندس فرزند سيد بڏل شاهه سجاده نشين ٿيو. هيءَ بہ هڪ وڏو ڪامل شخص ٿي گذريو آهي. سندس مزار پير ڪٽپر جي مقام ۾ آهي. هن کي ريجهه علي شاهه ثاني دين محمد شاهه ۽ علي اڪبر شاهه نالي ٽي فرزند هئا ۽ ٽيئي پنهنجي وقت جا عارف ٿي گذريا آهن. علي اڪبر شاهه مجذوب سالڪ هوندو هو ۽ ساري حياتي مجرد ٿي رهيو. کيس ڪيميا ۽ حڪمت ۾ وڏي مهارت هوندي هئي[3].

بڏل شاهه کان پوءِ فقيري جي گاديءَ تي ريجهه علي شاهه ثاني ويٺو جيڪو لااولاد وفات ڪري ويو. سندس وفات کان پوءِ سندس ڀاءُ دين محمد شاهه جو فرزند سيد ڇتن شاهه گادي نشين ٿيو. هيءَ بہ پنهنجن وڏن وانگر وڏو فيض جو صاحب ٿي گذريو آهي. وقت جا حاڪم مير سهراب خان ۽ مير رستم خان سندس تمام گهڻو قدر ڪندا هئا. گمبٽ ۽ راڻيپور جا پير بہ کيس عزت سان ڏسندا هئا[4].

سيد ڇتن شاهه جي وفات کان پوءِ سندس پٽ دين محمد شاهه سجاده نشين ٿيو. سيد دين محمد شاهه وڏو سخي مرد ٿي گذريو آهي. رات ڏينهن سندس لنگر هلندو هو ۽ آيو ويو پيو کائيندو هو. سندس دروازي تان ڪوبہ سوالي خالي نہ موٽندو هو[1].

سيد دين محمد شاهه ثانيءَ جي وفات کان پوءِ سندس اڪيلو فرزند سيد ڇتن شاهه ثاني درگاهه جو متولي بڻيو. هيءَ ڀڙيون شخص هو جنهن کهڙن جي شهر ۾ علم نصب ڪيو ۽ ماتم جي مجلس برپا ڪئي، جنهن تي مخدومن اعتراض ورتو ۽ ڇتن شاهه کي پورا بہ سال ڪوٽڏيجي ۾ قيد ڪاٽڻو پيو. آخرڪار ڪجهه ڪرامتن ظاهر ٿيڻ کان پوءِ مير فيض محمد خان پاڻ ڪوٽ تي آيو ۽ سيد ڇتن شاهه کي آزاد ڪري، ساڻس کهڙن ۾ وڃي ساڳيو علم هٽي ڏنو[2]. کيس سچيڏنو شاهه، بڏل شاهه ثاني ۽ ريجهه علي شاهه ثالث نالي ٽي فرزند هئا. سيد سچيڏني شاهه سندس زندگيءَ ۾ وفات ڪئي ۽ سندس وفات کان پوءِ بڏل شاهه ثاني گادي نشين ٿيو. سيد بڏل شاهه جو ننڍو ڀاءُ سيد ريجهه علي شاهه ثالث رات ڏينهن رياضت ۽ ذڪر فڪر ۾ مشغول رهندو هو. ايتري قدر جو سيد بڏل شاهه پنهنجي زندگيءَ ۾ کيس سجاده نشين بڻائي ڇڏيو. هن جو سمورو وقت شيعہ مذهب جي تبليغ ۽ ماتم جي مجلس قائم ڪرڻ ۾ گذرندو هو. حرمين شريفين جي زيارت بہ

---

[3] ايضا

[4] زباني روايت: سيد امام علي شاهه سجاده نشين درگاهه ريجهه علي شاهه.

[1] ايضا:

[2] ايضا:

ڪري آيو. پنهنجي پنيان علي گل شاهه، امام علي شاهه ۽ ثاقب علي شاهه نالي ٽي فرزند ڇڏي، تاريخ 20 صفر 1375 هجري، مطابق 8 – آڪٽوبر 1955ع تي وفات ڪيائين. سندس وصيت موجب ڪيس گمبٽ شهر ۽ اسٽيشن جي وچ تي روڊ جي پرسان سندس زمين ۾ دفنايو ويو جتي سندس درگاهه قائم ٿي ويئي آهي. هر سال سندس مزار تي ٽي ڏينهن عرس ٿيندو آهي. هن وقت سندس فرزند سيد امام علي شاهه سجاده نشين آهي. سندس ولادت جي تاريخ 25 آڪٽوبر 1929ع آهي. هو هڪ وڏو هردلعزيز مهمان نواز ۽ صلح پسند ماڻهو آهي. فقيري ۽ درويشي سان گڏ زميندارِيءَ جو شغل به جاري رکيو ٿو اچي[1].

## ڏانوري جا پير:

ڳوٺ ڏانوري تعلقي خيرپور جي جيلاني پيرن جو وڏو سيد نبي شاهه اول اُچ کان ٿيندو پوءِ سنڌ ۾ آيو ۽ موجوده درگاهه واري جاءِ تي اچي وينو. اهو ڪلهوڙن جو آخري زمانو هو. نبي شاهه پنهنجي وقت جو وڏو ولي ۽ معرفت جو صاحب ٿي گذريو آهي. هن جي وفات کان پوءِ سندس فرزند احمد شاهه به پنهنجن وڏن وانگر فيض جو صاحب ٿي گذريو آهي. ڪيس نبي شاهه ثاني، اميد علي شاهه، ابراهيم شاهه ۽ خدا بخش شاهه نالي چار پٽ هئا ۽ چارئي فيض ۽ برڪت جا صاحب ٿيا. احمد شاهه جي وفات کان پوءِ نبي شاهه ثاني ڏانوري جي درگاهه جو سجاده نشين ٿيو. سندس ڀائرن مان ابراهيم شاهه پني عاقل ڏانهن هليو ويو ۽ خدا بخش شاهه ناري تعلقي ۾ وڃي نئين درگاهه قائم ڪئي. ابراهيم شاهه بنا اولاد برقعو مٽايو. سندس مزار پراڻي پني عاقل ۾ آهي ۽ سندس مريدن جي عقيدت جو مرڪز آهي. خدا بخش شاهه کي مصري شاهه نالي هڪ پٽ ڄائو جيڪو پنهنجي پيءُ وانگر ولايت جو صاحب ٿيو[2].

خدا بخش شاهه جي درگاهه ناري تعلقي ۾ دبئي وٽ آهي. مصري شاهه وفات وقت سچل شاهه ۽ ارباب شاهه نالي به فرزند ڇڏي ويو. مصري شاهه جي مزار ڳوٺ دهل واري ۾ آهي. جتي هر سال رجب مهيني جي پهرين تاريخ تي ميلو لڳندو آهي.

سيد اميد علي شاهه کي احمد شاهه ثاني، شاهه مردان شاهه، عبدالستار شاهه، گل شاهه ۽ غلام نبي شاهه نالي پنج پٽ ٿيا. جن مان عبدالستار شاهه کي پيءُ جي مسند تي ويهاريو ويو. عبدالستار شاهه کي اميد علي شاهه ثاني ۽ ابراهيم شاهه ثاني نالي به فرزند ڄاوا. سندس وفات بعد اميد علي شاهه ثاني جو فرزند گنبل شاهه فقيري جي مسند تي وينو. گنبل شاهه هڪ وڏو هردلعزيز ۽ فيض وارو فقير ٿي

---

[1] زباني احوال: سيد امام علي شاهه، سجاده نشين درگاهه ريجهه علي شاهه.

[2] زباني احوال: سيد پريل شاهه جيلاني، ساڪن ڳوٺ ڏانورو.

گذريو آهي. هو ڏانورو چڙهي ناري تعلقي ۾ مريدن وٽ وڃي رهيو. اٽڪل ست سالن جي عمر ۾ ڳوٺ ٽنڊو شاهه تعلقي ڪوٽڏيجي ۾ آيو ۽ اتي وفات ڪيائين. سندس مزار تي هڪ عاليشان مقبرو ٺهرايو ويو آهي.

سيد غلام نبي شاهه کي غوث ڏنو شاهه، پريل شاهه ۽ بدل شاهه نالي ٽي فرزند تولد ٿيا. جن مان پريل شاهه پيريءَ جو سلسلو قائم رکيو ٿو اچي. هو هڪ وڏو خوش خلق ۽ هردلعزيز ماڻهو آهي.

سيد احمد شاهه اول سجاده نشين ۽ وڏي فرزند نبي شاهه ثاني کي حسين شاهه، علي بخش شاهه ۽ حسن بخش شاهه ثاني نالي ٽي پٽ هئا. جن مان حسين شاهه پيءَ جو جانشين بڻيو. علي بخش شاهه ڀائرن سان ڪنهن نااتفاقي سبب ناري هليو ويو ۽ باقي زندگي پنهنجن مريدن وٽ گذاريائين. آخرڪار وفات کان ٿورو اڳ ڪوٽڏيجي کان ٽن ميلن جي فاصلي تي قناصرن جي ڳوٺ ۾ اچي رهيو ۽ وفات ڪيائين. سندس فرزندن موزل شاهه ۽ حسين شاهه سندس مزار تي هڪ عاليشان مقبرو ٺهرايو. جتي هر سال ربيع الثاني مهيني ۾ سنو ميلو لڳندو آهي.

نبي شاهه ثاني جو جانشين حسين شاهه پنهنجي وقت جو ڪامل درويش ٿي گذريو هو. جڏهن به مريدن وٽ ويندو هو، تڏهن کين سڌي قرآن شريف جو ترجمو ڪري ٻڌائيندو هو ۽ نيڪ عملن ڪرڻ جي تلقين ڪندو هو. کيس علي محمد شاهه، علي مدد شاهه، مهدي شاهه، علي حيدر شاهه ۽ علي ڪاظم شاهه نالي پنج پٽ هئا. سندس وصال کان پوءِ علي محمد شاهه گادي نشين ٿيو. هو انباهه ۾ وڃي سيد فيض محمد شاهه جو مريد ٿيو. ڪيترو ئي وقت بيخودي جي حالت ۾ رهندو هو. هو پنهنجي زماني جو هڪ اعليٰ درجي جو شاعر ٿي گذريو آهي. مريد کيس علي سائين جي نالي سان ياد ڪندا آهن. فقير هدايت علي تارڪ جو گهاٽو دوست هوندو هو. تاريخ 19 ربيع الاول 1345 هجري، مطابق 1926ع ۾ وفات ڪيائين. سندس درگاهه تي هر سال ٽي ڏينهن ميلو لڳندو آهي.

علي محمد شاهه جو جانشين سندس اڪيلو فرزند ولي محمد شاهه بڻيو. جيڪو پنهنجن وڏن وانگر فيض وارو فقير ٿي گذريو آهي. سندس به پٽ علي محمد شاهه ۽ علي مدد شاهه حال حيات آهن ۽ فقيراڻي زندگي گذري رهيا آهن[(1)].

## دونهين جا پير:

دونهين جي نقوي پيرن جو مورث اعليٰ هڪ سيلاني فقير سيد محمد شاهه هو

---

[(1)] زباني احوال: سيد پريل شاهه ۽ علي محمد شاهه، ساڪن ڳوٺ ڏانورو تعلقو خيرپور.

جيڪو هڪ وڏو عارف ٿي گذريو آهي. ڪلهوڙن جي اوائلي زماني ۾ ملتان مان ٿيندو، سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي درگاهه تي آيو. ڪجهه وقت رياضت ڪري مديجي جي پرسان ڳوٺ ۾ اچي رهيو. اتي ڪجهه وقت حڪومت ڪري رياست خيرپور جي هڪ ڳوٺ ميان خان ۾ اچي رهيو جتي وفات ڪيائين ۽ شيخ طيب جي مقام ۾ دفن ٿيو[1]. انهي سفر ۾ سندس فرزند موتڻ شاهه به ساڻس ڪنو هو جيڪو پنهنجي پيءُ کان پوءِ تارڪي طريل تي اچي رهيو ۽ اتي سيد جي بدران آهيڙي سڏايائين. هو هڪ وڏو ڪاني ڪرامت جو صاحب هو تنهن ڪري سندس ذات لڪي نه سگهي. ماڻهن جي رجوعات ڏسي اتان به هجرت ڪري، ٻيرلوءِ شهر جي پرسان ڳوٺ ميران پور ۾ اچي دونهين دکائي ويهي رهيو. اتي قليا قوم جا ڪجهه زميندار رهندا هئا، جن موتڻ شاهه کي ستائڻ شروع ڪيو. هڪ دفعي قلين مان هڪ ماڻهو ٻياني کڻي ساڻس وڙهڻ آيو. شاهه صاحب اها ٻياني کسي کڻي پنهنجي دونهين واري مچ ۾ کوڙي، ته اها ٻياني سائي ٿي ويئي ۽ هڪ ٻير جو وڻ ٿي پئي. ان ڏينهن کان وٺي ميران پور تي موتڻ شاهه جي دونهين جو نالو پئجي ويو. شاهه صاحب پنهنجي مچ ۾ ٻياني کوڙڻ وقت هيٺيون بيت چئي پاراتو ڏنو هو:

کريا کوهه قلين جا ولهيون ٿيون وايون،
جيڪي جهنگ چڙي ويون سي نه آيون،
انهن جون مايون پيون جنڊ ڪيڏنديون.

بس انهي ڏينهن کان وٺي، قلين جا کوهه ڦٽي ويا ۽ هو ڪٽو ڪڻ ٿي اتان لڏي ويا ۽ باقي ماڻهو شاهه صاحب جا معتقد بڻجي ويا[2].

موتڻ شاهه کان پوءِ سندس وڏو پٽ ابراهيم شاهه سجاد نشين ٿيو جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو ولي ٿي گذريو آهي. مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ وارو سندس گهاٽو دوست هوندو هو. ڪيس مهر علي شاهه، پير شاهه مقصود علي شاهه ۽ مريد حيدر علي شاهه نالي چار فرزند هئا، جن مان ننڍو فرزند مريد حيدر شاهه سجاد نشين ٿيو. ان کان پوءِ سندس پٽ مريد عابدين شاهه گادي تي ويٺو. مريد عابدين شاهه جو جانشين سندس فرزند لشڪر علي شاهه ٿيو. ان کان پوءِ سندس پٽ خاڪو شاهه اول گادي تي ويٺو. اهي سمورا پير پنهنجي وقت جا عالم ٿي گذريا آهن. خاڪي شاهه بعد سندس فرزند الله بخش شاهه مسند سنڀالي، جنهن کي جعفر علي شاهه ۽ انور علي شاهه نالي به پٽ هئا. الله بخش شاهه جو جانشين انور علي

---

(1) زباني احوال: علڻ شاهه. ساڪن شاهپور، لڳ پير جو ڳوٺ.
(2) ايضًا:

شاهہ ٿيو جنهن کي فقير علي شاهہ ۽ صادق علي شاهہ نالي ٻہ فرزند ڄاوا، جيڪي چڱا درويش هئا. انهن مان وڏي جي گادي تي فقير علي شاهہ ويٺو. فقير علي شاهہ کي ٻہ خاڪي شاهہ ثاني ۽ علڻ شاهہ نالي ٻہ فرزند ڄاوا. جن مان خاڪي شاهہ ثاني جو فرزند بخش علي دونهين جي درگاهہ جو گادي نشين آهي. هو پيري فقيري سان گڏ زميداري جو مشغلو بہ جاري رکيو ويٺو آهي[1].

## هالاڻي جا سيد:

ميرن جي زماني ۾ هالاڻي جي سادات جو وڏو سيد محمد عاقل شاهہ ولد سيد محمد حسين شاهہ هڪ وڏو عالم ۽ فاضل شخص ٿي گذريو آهي. هو پاڳارن جي وڏي سيد محمد راشد شاهہ جو ڪلاسي ۽ دوست هو. سندس ديني فتوئن کي ساري سنڌ ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. مير سهراب خان بہ سندس معتقدن مان هو.سندس وفات جي تاريخ نٿي ملي، پر اها پڪ آهي تہ هن مير رستم خان جي زماني ۾ مٽيءَ جو جامو مٽايو. سندس ٻہ فرزند سيد محمد پريل شاهہ ۽ سيد فتح علي شاهہ بہ پنهنجي وقت جا سٺا عالم ۽ گهڻين صلاحيتن جا مالڪ هئا. ٻئي مير علي مراد خان وٽ ملازم هئا.

سيد محمد پريل شاهہ مير صاحب جي ڪئمپ جو انچارج هوندو هو. مير علي مراد خان جو منجهس تمام گهڻو اعتماد هوندو هو ايتري قدر جو جڏهن 1272 هجري ۾ يورپ ويو هو تہ پاڻ سان سيد محمد پريل شاهہ کي بہ وٺي ويو. هن مير علي مراد خان جي ايامڪاري ۾ وفات ڪئي.

مير علي مراد خان سيد پريل شاهہ جي زندگي ۾ ئي سندس ننڍي ڀاءُ سيد فتح علي شاهہ کي پنهنجو معتمد خاص بڻائي وزارت جو عهدو عطا ڪيو. جو هن نهايت خوش اسلوبي سان سنڀاليو. خيرپور وارو لال بنگلو سيد فتح علي شاهہ جي نظرداري ۾ تعمير ٿيو هو. هن 11 محرم 1310هجري، مطابق 1893ع ڪوٽڏيجي ۾ وفات ڪئي.

سيد فتح علي شاهہ جي وفات کان ٻہ سال کن پوءِ سندس ٻہ پٽ سيد غلام حسين شاهہ ۽ سيد شهاب الدين شاهہ مير فيض خان وٽ ملازم ٿيا. سيد غلام حسين شاهہ ٿورو وقت نوڪري ڪري، پنهنجي خانداني ڪاروبار سنڀالڻ لاءِ استعيفا ڏئي آيو. باقي سيد شهاب الدين شاهہ مير صاحب جي پوٽن جو استاد ٿي رهيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ مختيارڪار ٿيو جتان ترقي ڪري مير واهہ ڊويزن ۾ نائب وزير ٿي رهيو. هو عربي ۽ فارسي جو وڏو عالم هو. تاريخ 21 ذوالحج 1343 هجري، مطابق 1925ع ۾ وفات ڪيائين.

---

[1] زباني احوال: سيد علڻ شاهہ، ساڪن شاهپور، لڳ پير جو ڳوٺ.

مٿي ذڪر ڪيل بزرگن کان سواءِ هن خاندان جا پيا بہ ڪجهہ ماڻهو ميرن جي نوڪري ۾ رهيا، جن مان سيد علي بخش شاهہ، سيد حاجي ميران شاهہ، سيد امام علي شاهہ، سيد غلام رسول شاهہ، سيد غلام علي شاهہ، سيد واحد بخش شاهہ، سيد عطا حسين شاهہ ۽ سيد محمد حسين شاهہ جا نالا قابل ذڪر آهن[1].

## چوڏاهو جا پير:

چوڏاهو جا پير سنڌ جي مشهور معروف لڪياري سادات سان واسطو رکن ٿا. سندن مورث اعليٰ سيد شڪر الله شاهہ ڪنڊ شاهہ لڪيءَ مان لڏي چوڏاهو ۾ اچي وينو. هو چوڏاهوءَ ۾ ڪلهوڙن جي آخري دور ۾ آيو. پنهنجي وقت جو وڏو ولي ٿي گذريو آهي. پاڳارن جي وڏي سيد محمد بقا شاهہ سان سنا تعلقات هيس[2].

سيد شڪر الله شاهہ جي وفات کان پوءِ سندس فرزند سيد سائين ڏنو شاهہ مسند نشين ٿيو. هو بہ وڏو معرفت جو صاحب هوندو هو. وقت جو حاڪم مير سهراب خان سندس ارادتمندن مان هو. پاڳارن مان سيد صبغت الله شاهہ اول کيس قرب جي نظرن سان ڏسندو هو. سندس پاڻ ۾ تمام سنا تعلقات هئا[3].

سيد سائين ڏني شاهہ کان پوءِ سندس پٽ سيد غلام مرتضيٰ شاهہ پيريءَ جي گادي تي وينو. هو بہ هڪ اهل درويش ۽ فيض وارو فقير ٿي گذريو آهي. مير رستم خان ۽ مير علي مراد خان کيس تمام گهڻي عزت ڏيندا هئا. هن جا ڪيترائي مريد هئا. سيد غلام مرتضيٰ شاهہ جو سؤٽ سيد گل محمد شاهہ ولد سيد مراد شاهہ بہ هڪ وڏو فيض وارو پير ٿي گذريو آهي. ان جي وفات 18 جمادي الاول 1274 هجري، مطابق 1825ع ۾ ٿي.

پير غلام مرتضيٰ شاهہ جي وفات کان پوءِ سندس پٽ گنبل شاهہ گادي تي وينو هو وڏو ڪاني ڪرامت جو صاحب ۽ سخي مرد ٿي گذريو آهي. هن جي ڏينهن ۾ سندس درگاهہ وڏيڪ ترقي ڪئي. هو پير حزب الله شاهہ پاڳاري جو مريد هو. کيس مريدن سان وڏي عقيدت هوندي هئي. مرشد کي بہ ڏاڍو پيارو هوندو هو. هن 1327ع هجري، مطابق 1909ع ۾ وفات ڪئي. هو سنڌي ۽ فارسي جو هڪ سنو شاعر بہ هو[4].

گنبل شاهہ جي وفات بعد سندس ننڍو پٽ سيد پريل شاهہ پيريءَ جي گاديءَ تي

---

[1] زباني احوال: سيد محمد حسين شاهہ ساڪن هالاڻي.

[2] علي شاهہ سيد، لڪياري: حوالو ڏنل آهي.

[3] علي شاهہ، سيد، لڪياري: سيد گنبل شاهہ جو احوال قلمي 1958ع.

[4] علي شاهہ سيد، لڪياري: سيد گنبل شاهہ جو احوال، قلمي 1958ع

وينو جيڪو پنهنجن وڏن وانگر چڱو درويش ٿي گذريو آهي[1]. پريل شاهه کان پوءِ پيري جي گادي سيد گنبل شاهه جي ڀاڻيجي سيد عبدالله پريل شاهه وسائي، جيڪو پڻ هڪ چڱو درويش ٿي گذريو آهي[2]. هن وقت هن گاديءَ جو سجاده نشين سيد عبدالله شاهه جو فرزند سيد علي شاهه آهي. سندس عمر اسي سالن کان مٿي ٿيندي. وڏو هردلعزيز ۽ ڪچهري جو مور ماڻهو آهي. هر ڪنهن سان قرب سان هلندو آهي. مهمان نواز بہ ايڏو آهي جو هڪ جيري لاءِ ٻڪري ڪهڻ ۾ دير نہ ڪندو آهي. هو هڪ سنو شاعر بہ آهي.

## ڏڀ مهر شاهه جا پير:

ڏڀ مهر شاهه ۾ جيلاني پيرن جي مشهور درگاهه آهي. هنن جو مورث اعليٰ سيد قميص نورالدين 741هجري مطابق 1341ع ۾ بغداد مان دين جي تبليغ لاءِ سندورا هندستان ۾ آيو هو جتي سندس اولاد ڪافي وقت تائين رهيو. آخرڪار انهيءَ خاندان مان سيد شاهه محمد (متوفي568 هجري) جو اولاد پنجاب ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پکڙجي ويو. هنن مان سيد شرف الدين اچ ۾ اچي رهيو. سندس فرزند سيد مرتضيٰ شاهه کي غلام شاهه ۽ حيدر شاهه نالي ٻہ فرزند هئا. حيدر شاهه سنڌ جو سفر ڪندو ڏيپارجن ۾ اچي رهيو جتي وفات ڪيائين اڄ بہ اتي سندس روضو مرجع خاص و عام آهي[3].

غلام شاهه کي مهرشاهه ۽ حسين شاهه نالي ٻہ پٽ ڄاوا، جن مان مهر شاهه هيءَ درگاهه اچي وسائي. هو اڃا ننڍو ئي هو جو پڻس کيس مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو پر هن پڙهڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي دلچسپي نہ ڏيکاري. هڪ ڏينهن پنهنجي پيءُ ۽ والد سان گڏجي ملتان ۾ غوث بهاءالحق جي درگاهه تي آيل هو تہ اتان اوچتو غائب ٿي ويو ۽ غوث جي فقيرن سان گڏجي سنڌ ۾ آيو. روهڙي جي بزرگن جون زيارتون ڪري، گهاڙ جي پيرن جون درگاهون پيتائين. آخرڪار ڪوٽڏيجي، راڻيپور، درازا ۽ گمبٽ جا شهر ڏسندو کهڙن ۾ آيو ۽ فقير محمد علي اڄڻ عرف پکي ڏٽيءَ وٽ پهتو. فقير صاحب معرفت جو صاحب هو. هن پير صاحب جي سرپرستي ڪئي ۽ کيس مخدومن جي مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو. مهر شاهه ٿورن ڏينهن ۾ ئي ظاهري علمن ۾ تحصيل ڪري ورتي. ان کان پوءِ فقير صاحب کيس باطني فيض سان مالامال ڪري، کهڙن کان ٽن ميلن جي فاصلي تي وسند فقير اڄڻ جي ڏڀ تي ويهاريو.

---

[1] ايضاً:

[2] ايضاً:

[3] زباني روايت: سيد بچل شاهه سجاده نشين درگاهه ڏڀ مهر شاهه

پير مهر شاهه کي سنڌ ۾ اچڻ وقت سندس وڏن جي مريد ريائت خان دستي بلوچ ڏسي ورتو هو جنهن اڄ ۾ وچي سندس والد کي ساري ڳالهه ٻڌائي هئي. اتان مهر شاهه جو ڀاءُ حسين شاهه ريائت خان سان گڏجي مهر شاهه کي وٺي آيو پر مهر شاهه مائٽن ڏانهن نه ويو ۽ پنهنجي ڀاءُ کي به پاڻ وٽ رهائي ڇڏيائين[1].

مهر شاهه ۽ حسين شاهه جي رهڻ ڪري، وسند فقير واري ڏڀ تي "مهر شاهه جي ڏڀ" جو نالو پئجي ويو. مهر شاهه انهيءَ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ويهي ديني تبليغ شروع ڪئي ۽ ڪيترائي ماڻهو سندس مريد بڻجي ويا. اها خبر ٻڌي، مهر شاهه جو والد غلام شاهه اڄ مان لڏي ڏڀ مهر شاهه ۾ اچي ويٺو. هن سان سندس عزيز چٽن شاهه ۽ ڏنل شاهه به گڏجي آيا. ٿوري وقت کان پوءِ سندس ٻيا عزيز ڪرم شاهه، جمال شاهه ۽ گل شاهه به اچي ڏڀ مهر شاهه ۾ رهيا. ڪجهه ڏينهن بعد مهر شاهه چٽن شاهه جي دختر نيڪ اختر سان شادي ڪئي. سندس شاديءَ کان ٿورو وقت پوءِ 1247 هجري مطابق، 1831ع ۾ چٽن شاهه گذاري ويو. ۽ سال پوءِ 1249 هجري، مطابق 1833ع ۾ غلام شاهه به وفات ڪئي. اهي ٻئي پير ڏڀ مهر شاهه واري درگاهه تي رکيل آهن. سن 1251 هجري، مطابق 1835ع ۾ مهر شاهه کي علي بخش نالي هڪ فرزند ڄائو جيڪو جواني جي عمر ۾ يعني 1269 هجري، مطابق 1862ع ۾ وفات ڪري ويو.

سيد مهر شاهه کي وقت جي پيرن، ميرن ۽ ٻين سردارن وٽ ڪافي عزت هوندي هئي. هو نرينه اولاد کان سواءِ 1272 هجري، مطابق 1856ع ۾ فوت ٿيو. هو هڪ اعليٰ درجي جو شاعر به هو[2].

ساڳئي سال مهر شاهه جي ڀاءُ حسين شاهه وفات ڪئي ۽ درگاهه جا سجاد نشين مهر شاهه جا ڏوهٽا سچل شاهه ۽ بچل شاهه ولد ڏنل شاهه بڻيا. اڳ ۾ ننڍي ڀاءُ بچل شاهه جي دستاربندي ڪرائي وئي ۽ سندس وفات کان پوءِ وڏو ڀاءُ سچل شاهه گادي نشين ٿيو. اهي ٻئي ڀائر وڏا حسين، خوش خلق اهل دل درويش ٿي گذريا آهن[4]. سچل شاهه فارسي زبان ۾ شاعري به ڪندو هو. سندس تخلص عشاق هوندو هو.

بچل شاهه کي اولاد ڪونه ٿيو باقي سچل شاهه پنهنجي پٺيان ڏنل شاهه ثاني، ڪرم شاهه مست ۽ بچل شاهه ثاني نالي ٽي پٽ ڇڏي ويو[5].

سچل شاهه جي وفات کان پوءِ درگاهه جي دستار ڏنل شاهه ثاني جي مٿي تي آئي. هو به وڏو ڪاني ڪرامت جو صاحب ٿي گذريو آهي. حد کان وڌيڪ سادو

---

[1] بخشڻ خان دستي، منشي: ڏڀ مهر شاهه جو احوال، قلمي مسودو، 1960ع.

[2] بخشڻ خان دستي، منشي: حوالو ڏنل آهي.

[4] زباني روايت: سيد بچل شاهه، سجاده نشين درگاهه ڏڀ مهر شاهه.

[5] ايضاً:

هوندو هو. دنيوي معاملات ۾ ڪابہ دلچسپي ڪونہ وٺندو هو. نيٺ پنهنجي جيئري ئي پنهنجي ننڍي ڀاءُ بچل شاهہ ثاني کي سجاده نشين ڪري پاڻ عبادت ۾ مشغول رهيو[1]. ٻنهي ڀائرن ڪرم شاهہ ۽ بچل شاهہ ثاني سندس زندگي ۾ وفات پاتي. بچل شاهہ ثاني جو وصال 1336 هجري، مطابق 1918ع ۾ ٿيو. پير ڏنل شاهہ 1340 هجري، مطابق 1922ع ۾ وفات ڪئي[2].

بچل شاهہ کي ڪوبہ نرينو اولاد ڪونہ هو تنهن ڪري سندس وفات کان پوءِ ڏنل شاهہ جي فرزند حسين شاهہ عرف سونل سائين کي سجاده نشين بڻايو ويو. هيءُ بہ هڪ وڏو هردلعزيز ۽ سخي مرد ٿي گذريو آهي. هن درگاهہ ۾ مدرسي ۾ توسيع آندي ۽ ڳوٺ جي ٻارن جي تعليم تي گهڻي توجهہ ڏني[3]. پير صاحب کي شڪار ۽ ملاکڙي جو شوق بہ هوندو هو. ڪيترائي پهلوان هن وٽ رهندا هئا. کيس ٻن ديرن مان قائم شاهہ عرف ڏنل شاهہ ۽ سچل شاهہ ثاني نالي ٻہ فرزند ڄاوا. هن ڀاويهن سالن جي عمر ۾ تاريخ 14 ربيع الثاني، 1349 هجري، مطابق 1930ع تي وفات ڪئي[4].

سيد حسين شاهہ جي وفات کان پوءِ قائم شاهہ عرف ڏنل شاهہ ثالث سجاده نشين ٿيو. هيءَ هڪ وڏو بردبار ۽ مانيٽي طبيعت وارو ماڻهو هو. عام ماڻهو کيس صابر سائين سڏيندا هئا. ڀوهہ جواني ۾ تاريخ 22 ربيع الثاني 1355 هجري مطابق 1936ع ۾ وفات ڪري ويو[5].

سيد قائم شاهہ کان پوءِ سندس ڀاءُ سچل شاهہ ثاني پڳدار ٿيو. هو هڪ کلمک ۽ رلڻو ملڻو صاحبزادو هوندو هو. سندس شادي سهتن جي قوم مان ٿي ۽ سندس شادي جي موقعي تي وڏا شادمانا ٿيا ۽ ملاکڙا لڳا. ٿوري وقت کان پوءِ سادات گهراڻي مان شادي ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيس. نيٺ شادي جي تاريخ بہ ٻڌجي وئي، مگر اوچتو دادو ضلعي جي ڀائن شهر ۾ بيمار ٿي پيو ۽ ڳوٺ ڏانهن موٽندي واٽ تي وفات ڪري ويو. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ. سندس وفات جي تاريخ 12. ذوالحج 1366 هجري مطابق 1947ع آهي[6].

سيد سچل شاهہ جي وفات کان پوءِ سندس عزيزن مان سيد صالح شاهہ ولد سيد نبي شاهہ کي سجاده نشين ڪيو ويو. هو بہ دلعزيز ۽ الله جو نيڪ ٻانهو ٿي گذريو آهي. هن جي ڏينهن ۾ درگاهہ شريف جي مرمت ڪرائي ويئي ۽ هڪ نئين مدرسي

---

(1) ايضاً:

(2) زباني روايت: سيد بچل شاهہ، سجاده نشين درگاهہ ڊپ مهر شاهہ

(3) حسين بخش دستي، ماستر: "ڊپ مهر شاهہ جو احوال" قلمي مسودو 1960ع

(4) ايضاً:

(5) ايضاً:

(6) ايضاً:

شمس الهدايت جو بنياد رکيو ويو. صالح شاهه پنهنجي پنيان بچل شاهه عرف شمشير علي شاهه ۽ روشن علي شاهه نالي ٻه صاحبزادا ڇڏي تاريخ 3، ذوالحج 1376 هجري، مطابق 1957ع تي برقعو مٽايو. سندس وفات کان پوءِ وڏو صاحبزادو بچل شاهه عرف شمشير علي شاهه گادي نشين ٿيو[1]. جيڪو پنهنجن وڏڙن جا ڪک وسايو ويٺو آهي. هڪ نوجوان ۽ با اخلاق انسان آهي ۽ سياست ۾ ڊبل گرئجوئيٽ آهي. راڄ ڀاڳ ۽ مريدن جي خنده پيشاني سان سرپرستي ڪري ٿو. هو هڪ نهايت سنجيدو ۽ قربائتو ماڻهو آهي.

## بچل شاهه بخاري:

سيد بچل شاهه اصل ۾ قادر بخش فقير جي قبن جي ڀرسان رهندو هو. عين جوانيءَ جي وقت مير علي مراد خان وٽ نوڪري ڪيائين ۽ گهوڙي سوار ڀٽيو. هو ننڍپڻ کان وٺي روزي نماز جو پابند ۽ هڪ پرهيزگار شخص هوندو هو. هڪ دفعي عبادت ۾ مصروف هجڻ ڪري مير صاحب جي سڏ تي ساجهر وڃي نه سگهيو. تنهن ڪري نوڪري تان استعيفا ڏيئي، الله سان لنئن لڳائي ويهي رهيو. مير صاحب ڪافي ماڻهو موڪليا ۽ آخرڪار پاڻ شاهه صاحب وٽ هلي آيو ۽ کيس منٿون ڪيائين ته هو نوڪريءَ تي چڙهي، مگر شاهه صاحب کي هاڻي پنهنجي مالڪ حقيقي جي نوڪري مزو ڏئي ڇڏيو هو. تنهن ڪري وري مير صاحب وٽ نه ويو. سندس زندگي جو باقي عرصو ذڪر فڪر ۽ عبادت ۾ گذريو. سندس خاص طالب ويڙهو فقير شيخ ۽ عبدالرحمن فقير سومرو سندس خدمت ۾ رهندا هئا. هن تاريخ پهرين شعبان 1314 هجري، مطابق 1896ع تي وفات ڪئي. سندس وفات کان پوءِ هر سومر رات تي، سندس مزار تي اڄ تائين فقيرن جو راڳ ٿيندو رهندو آهي. سندس پهريون مجاور ويڙهو فقير هو. ويڙهي فقير جي وفات کان پوءِ بچل شاهه جي همشيره جي اولاد مان سيد ناصر علي شاهه درگاهه جو متولي آهي[2].

## جهانيا پوٽا پير:

هن خاندان جو مورث اعليٰ سيد جلال سرخ بجاري آهي، جنهن جي اولاد مان سيد حسين بخش شاهه اُچ مان خيرپور آيو. مير علي مراد خان جي پوٽي مير محمد مراد خان کيس ٻهر لوءِ جي ڀرسان شيخ علي حسين واري ڪوٽ ۾ آباد ڪرايو. هيءُ هڪ وڏو ڪرامت جو صاحب ۽ اهل دل درويش ٿي گذريو آهي[3].

---

[1] زباني روايت: سيد بچل شاهه، سجاده نشين درگاهه ڊٻ مهر شاهه.

[2] زباني احوال: ڪاظم علي شاهه ۽ سيد علي احمد شاهه، ساڪن خيرپور.

[3] زباني روايت: سيد علڻ شاهه، ساڪن شاهه پور، لڳ پير جو ڳوٺ.

سيد حسين بخش شاهہ کي هيٺين نالن وارا چار پٽ هئا: سيد الهڏتو شاهہ، سيد جهانيان بخش شاهہ، سيد پير بخش شاهہ ۽ سيد حسن بخش شاهہ. اهي چارئي بہ فيض جا صاحب ٿي گذريا آهن انهن مان سيد الهڏتو شاهہ ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ گوگهاري ۾ وڃي ويٺو باقي ٽيئي پير ٻہر لوءِ ۾ رهيا ۽ اولادي ٿيا. سيد جهانيان بخش شاهہ کي نرينو اولاد ڪونہ ٿيو. سيد پير بخش شاهہ جا بہ فرزند سيد غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ جهانيان بخش شاهہ ثاني وڏي نالي وارا پير هئا. سيد حسن بخش شاهہ کي هڪ پٽ سيد غلام مرتضيٰ شاهہ نالي ڄائو جيڪو پڻ هزارن مريدن جو مرشد بڻيو.

هن وقت مٿي ذڪر ڪيل پيرن جو اولاد ٻہر لوءِ ۾ رهي ٿو. سندن وقت عزت ۽ آبرو سان گذري رهيو آهي. سنڌ ۾ شيخ قوم جا هزارين ماڻهو سندن مريد آهن[1].

هن ئي خاندان وارن جي هڪ الڳ درگاهہ ڪوٽڏيجي تعلقي جي ڳوٺ منڙي ۾ آهي. هن درگاهہ جي سجاده نشينن مان سيد عطا حسين شاهہ هڪ وڏو هردلعزيز پير هو جيڪو ويجهڙائي ۾ گذاري ويو. هن وقت سندس پاءُ پير نبن درياهہ سجاده نشين آهي[2].

## جيوڻ پوٽا پير:

هيءُ خاندان شاهہ صدرالدين بن محمد مڪي بکري جي اولاد سان واسطو رکي ٿو. سندن مورث اعليٰ شاهہ جيوڻ هڪ وڏو ولي ٿي گذريو آهي. سندس مزار روهڙي ۾ آهي. شاهہ جيوڻ جو جانشين سيد محبت علي شاهہ بہ هڪ وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. محبت علي شاهہ جا ٻہ فرزند نظام شاهہ ۽ مومن شاهہ بہ ڪاني ڪرامت جا صاحب هئا. نظام شاهہ کي اولاد ڪونہ ٿيو تنهن ڪري سندس وفات کان پوءِ سندس ڀاءُ مومن شاهہ جو فرزند سيد علي شاهہ سجاده نشين ٿيو. سيد علي شاهہ کي بہ اولاد ڪونہ ٿيو ۽ سندس وفات بعد سندس ڀاءُ محمد شاهہ جو فرزند سيد مومن شاهہ ثاني سجاده نشين ٿيو. مومن شاهہ ثاني کي ٻيا ٽي ڀائر بہ هئا، جن جا نالا هي آهن: سيد علي شاهہ، رمضان شاهہ ۽ علي گل شاهہ. انهن مان سيد علي شاهہ سکر مان لڏي ٽنڊي نهال خان ۾ اچي ويٺو ۽ الڳ درگاهہ قائم ڪيائين. کيس چار فرزند محمد شاهہ، سخا حسين شاهہ، فيض حسين شاهہ ۽ عطا حسين شاهہ ڄاوا. انهن مان

---

[1] زباني احوال: ماستر هادي بخش خان جوڻيجو، ساڪن خيرپور.

[2] زباني احوال: علي ڏنو شيخ، ساڪن ڳوٺ سوهو ٿناصرا.

محمد شاهه ٽنبدي روشن آباد ۾ مير سهراب خان ثالث وٽ وڃي رهيو باقي سخا حسين شاهه ۽ عطا حسين شاهه ڳوٺ سوهو قناصرا ۾ اچي رهيا. هن وقت سخا حسين شاهه پنهنجي درگاهه قائم ڪيو ويٺو آهي[1].

## ڪنڊڙيءَ جا ڪلتار:

ڪنڊڙيءَ جي درگاهه جو باني روحل فقير آهي. هو زنگيجا قوم سان تعلق رکي ٿو. سندس وڏا ساهيوال جي هڪ ڳوٺ لولگڙيه ۾ رهندا هئا. جتان روحل فقير جو والد شاهو فقير اول لڏي، سنڌ ۾ عمرڪوٽ جي پرسان هڪ پٽ تي اچي ويٺو. هن کي ٽي پٽ هئا. هڪ سلطان، ٻيو روحل ۽ ٽيون ميوو. انهن ٽنهي مان روحل عربي ۽ فارسي علمن ۾ تحصيل ڪئي ۽ ڪلهوڙن وٽ توشاني جو ناظر بڻيو. ڪيس وقت جي حاڪمن وٽ وڏي رسائي هوندي هئي ۽ وڏي شان شوڪت سان رهندو هو[2]. هڪ دفعي هڪ امير کي ڏٺائين، جنهن پنهنجي پيءُ جو حرمين شريفن مان آندل ڪفن وصيت موجب مرڻ تي پنهنجي پيءُ کي نه ڏنو ۽ پنهنجي لاءِ رکي ڇڏيو.انهي لاءِ دنيا جي بيوفائي واقعي جي روحل جي دل تي وڏو اثر ڪيو، ۽ هو نوڪري ڇڏي جهوڪ شريف ۾ وڃي پير عزت الله ولد شاهه عنايت جو مريد ٿيو[3]. روحاني فيض وٺڻ کان پوءِ ڪافي مجاهدا ۽ رياضتون ڪيائين ۽ مرشد کان موڪل وٺي، محمد شاڪر شاهه جي ڪوٽلي ۾ اچي رهيو. ڪجهه وقت کان پوءِ ڪوٽلي مان به لڏي ڪنڊڙيءَ جي ڳوٺ ۾ اچي فقيري جي درگاهه قائم ڪيائين. سندس فيض جي پالوٺ ڏسي هزارن جي تعداد ۾ سندس مريد ٿيا. وقت جا حاڪم مير سهراب خان ۽ مير رستم خان کيس وڏي عزت ڏيندا هئا. مير رستم خان سان گهاٽا تعلقات هيس. هن 1804ع ۾ وفات ڪئي. کيس شاهو فقير ثاني، غلام علي فقير، دريا خان ۽ خدابخش فقير نالي چار پٽ هئا، جيڪي پڻ وڏا معرفت جا صاحب ۽ سٺا شاعر ٿي گذريا آهن[4]. سندس تصنيفات مان من پربوڌ، اديت گرنٿ، سرب گيان، ۽ آگم وارتا مشهور آهن. سنڌي ۽ سرائڪي ۾ به بيتن ۽ ڪافين جو وڏو رسالو ڇڏيائين[5].

---

[1] زباني روايت: سيد سخا حسين شاهه. ساڪن ڳوٺ سوهو قناصرا.

[2] امير علي شاهه. سيد: " سنڌ جي بزرگن جو احوال" . قلمي مسودو مملوڪ غلام مصطفيٰ شاهه.ساڪن کهڙا.

[3] زباني روايت: گلشن فقير زنگيجو ساڪن ڪنڊڙي.

[4] عطا محمد حامي: مضمون "ڪنڊڙي جا ڪلتار" ڪاليج مخزن، ممتاز ڪاليج خيرپور، 1956ع.

[5] زباني روايت: گلشن فقير زنگيجو ساڪن ڪنڊڙي.

روحل فقير جو سڳو سؤٽ مراد فقير ولد حيات فقير بہ وڏو فيض وارو فقير ۽ سنو شاعر ٿي گذريو آهي. هن جا هندي زبان ۾ شبد ۽ پريم گيان بہ تصوف ۾ بي نظير تصنيفون آهن. هن فارسي ۾ بہ هڪ غزلن جو ديوان ڇڏيو آهي[1]. هن جو مقبرو محمد شاڪر شاهہ جي ڪوٽلي تعلقي ڪوٽڏيجي ۾ آهي[2].

## درازن جا درويش:

درازي درويشن جو مورث اعليٰ ميان شهاب الدين 92 هجري ۾ محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو. محمد بن قاسم کيس سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪيو هو. انهيءَ لحاظ کان هو سنڌ جو پهريون مسلمان حاڪم هو[3]. هن 95 هجري ۾ وفات ڪئي. ان کان پوءِ سندس اولاد مان ميان محمد، ميان عبداللطيف، ميان اسحاق ۽ ميان محمد ثاني هڪ ٻئي پٺيان سيوهڻ جا حاڪم ٿيندا رهيا. جڏهن سلطان محمود غزنوي سنڌ تي قبضو ڪيو تڏهن فاروقي حاڪم، ميان محمد ثاني کي ساليانو پگهار مقرر ڪري ڏنائين. هو 221 هجري ۾ فوت ٿيو[4].

ميان محمد جي اولاد مان ميان نورالدين جا بہ فرزند ميان ابو سعيد ۽ ميان بدرالدين 665 هجري ۾ سيوهڻ مان لڏي اچي گاگن جي پرڳڻي تعلقي گمبٽ ۾ ويٺا.

### ميان صاحبڏنو:

ميان ابو سعيد جي نائين پيڙهي ۾ ميان صاحبڏنو موراڳي درازن جي درگاهہ جو باني ٿيو. هو شاهہ عبدالله جيلاني جو مريد هو ۽ هڪ وڏو فيض ۽ برڪت وارو بزرگ هو. هو سنڌي ۽ فارسي ٻنهي زبانن ۾ شعر چوندو هو. فارسي ۾ سندس تخلص عارف هو. 1192 هجري ۾ وفات ڪيائين[5].

### ميان عبدالحق:

ميان صاحبڏني جي وفات کان پوءِ سندس ننڍو فرزند ميان عبدالحق درازن جي درگاهہ جو سجاده نشين ٿيو. سندس ولادت 1120 هجري ۾ ٿي هئي. هو ميرن جي دور جو هڪ بينظير عالم، عارف ۽ ڪامل شخص هو. سندس ديني فتوي کي حرف آخر ڪري ڄاتو ويندو هو. هو سنڌ جي بيباڪ صوفي شاعر سچل سرمست جو چاچو ۽

---

(1) ايضاً.
(2) ايضاً.
(3) رجب علي فقير: "مضمون فرنٽيئر گزيٽ" جيڪب آباد 26 مارچ 1955ع.
(4) محمد صادق مولوي: سچل سرمست جي احوال جو قلمي مسودو.
(5) محمد صادق مولوي: سچل سرمست جي احوال جو قلمي مسودو.

مرشد هو[1]. سچل سائين سندس تعريف ڪندي، آخر ۾ چيو آهي[2]:

"مدح او از مانمي گردد تمام هرچہ گفتم آن بود بس والسلام"

ميان عبدالحق سنڌي ۽ فارسي جو سٺو شاعر بہ هو. سندس تخلص خاڪي هو. 1213 هجري ۾ برقعو مٽايائين. ڪيس قبول محمد، زين العابدين، دين محمد، ولي محمد ۽ خداداد نالي پنج پٽ هئا، جيڪي پڻ وڏا عارف ٿي گذريا آهي[3].

**ميان قبول محمد:**

ميان عبدالحق جي وفات کان پوءِ سندس وڏو صاحبزادو ميان قبول محمد گادي نشين ٿيو. هو هڪ وڏو سخي ۽ توڪل جو صاحب ٿي گذريو آهي. جو ڪجھ هٿ ايندو هيس، سو الله جي نالي تي ڏئي ڇڏيندو هو ۽ سڀاڻي لاءِ ڪجھ بہ رکڻ ڪي جائز نہ ڄاڻندو هو. ان ڪري ڪيس هرڪو "سخي قبول محمد" سڏيندو هو. سخي قبول محمد توڙي سندس وڏا هميشہ پنهنجي درگاھ تي معتڪف ٿي رهندا هئا. سڄي حياتي درگاھ کان ٻاهر پير نہ پاتائون. ٻاهر جو ڪم ڪار سڄ صلح ۽ درگاھ جو ڪاروبار سندن خليفي سچل سرمست جي حوالي هوندو هو. هو هڪ ڀلاري بزرگ هجڻ سان گڏ هڪ وڏو عالم ۽ شاعر بہ هو[4] ۽ ڪڏهن ڪڏهن مريدن کي سلوڪ جو رستو سمجھائيندي في البديھ شعر بہ چئي ويندو هو[5]. روهڙي جي مشهور درويش حضرت بيدل پنهنجي ڪتاب سندالموحدين ۾ سندس هيءُ شعر ڏنو آهي:

جامن تي جامان پرين ڀري آئيو
ڪامان ڙي ڪامان ڪيڏ لڪ ڪريم ڪيو.

ڪيس ميان نظر محمد، ميان محمد حافظ، ميان محمد سعيد، ميان سرور علي، ميان موجد علي ۽ ميان محمد غوث نالي ڇھ فرزند هئا. ابدي وصال 1245 هجري ۾ ماڻيائين.

**سچل سرمست:**

ميان عبدالحق ۽ ميان قبول محمد ٻنهي جو خليفو حضرت سچل سرمست ولد ميان صلاح الدين فاروقي سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي جو لافاني شاعر ٿي گذريو آهي. سندس اصل نالو عبدالوهاب هو پر سندس ڏاڏو ميان صاحبڏنو ڪيس پيار مان

---

(1) زباني روايت: قاضي علي اڪبر درازي، ساڪن روهڙي.
(2) مثنوي رازنامہ قلمي، مملوڪ رجب علي فقير، ساڪن درگاھ درازا.
(3) عطا محمد حامي: "سچل سرمست" پاڪستان پبلڪيشن درگاھ درازا.
(4) زباني روايت: رحمت الله فقير قلپوٽو درازي، ساڪن محلو پرگڙي، خيرپور.
(5) علي ڏنو: "ميان صاحبڏني جو ڪلام". ايم اي لاءِ مونوگراف. 1973ع، ص 27

سچل سڏيندو هو. تنهن ڪري هو سچل جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس ولادت 1152 هجري ۾ ٿي ۽ 1242 هجري ۾ جسماني جامو مٽاياائين. قرآن پاڪ جو حافظ هو. هر قسم جو ڪلام چيائين. سندس ڪلام رندي ۽ بيباڪي جو آئينو آهي. مٿس هميشه عشق الاهي جو غلبو هوندو هو ۽ حال ۾ اچي ڪلام چوندو هو. سندس ڪلام جي خاص خوبي اها آهي، جو نهايت آساني سان هر خاص ۽ عام جي فهم ۾ جلد اچي سگهي ٿو. هو سدائين درگاهه جو خليفو ٿي رهيو. جيڪو به وٽس مريد ٿيڻ ايندو هو، تنهن کي پنهنجي مرشد ميان عبدالحق يا سخي قبول محمد وٽ وڃي مريد ڪرائيندو هو. انتقال وقت جيڪو ڪلام ڇڏيائين، ان جو تعداد نو لک، ڇٽيهه هزار، ڇهه سؤ ڇهه بيت هو[1].

**ميان نظر محمد:**

سخي قبول محمد جي گادي تي سندس فرزند ميان نظر محمد ويٺو. سندس ولادت 1201 هجري ۾ ۽ وفات 1252 هجري ۾ ٿي. هي به پنهنجي وقت ۾ هڪ زنده دل درويش ۽ فيض وارو فقير ٿي گذريو آهي[2].

**ميان نجم الدين:**

ميان نظر محمد کان پوءِ سندس وڏو پٽ ميان نجم الدين ٻارهن سالن جي عمر ۾ سجاده نشين ٿيو. سندس ولادت جو سال 1239 هجري آهي. پورا ٽيٽيهه سال مٿيءَ جي ملڪ تي رهي، عين جواني جي وقت 1272 هجري ۾ وفات ڪيائين[3].

**ميان قبول محمد ثاني:**

ميان نجم الدين کان پوءِ سندس اڪيلو پٽ سخي قبول محمد ثاني گادي تي ويٺو. سندس ولادت 1261 هجري مطابق 1842ع ۾ ٿي ۽ ڏهن سالن جي عمر ۾ مسند نشين ٿيو. هيءُ به سخي قبول محمد اول وانگر هٿ جو ڇٽل ۽ سخي مرد هوندو هو. جيڪي به نذرانو وغيره ايندو هو سو اتي جو اتي غريبن ۽ مسڪينن کي ڏئي ڇڏيندو هو. پنهنجن ڪڙمين کان زمين جي بٽائي به نه وٺندو هو. ان هوندي به غيبي امداد سان سندس لنگر ائين پهر جاري رهندو هو. هن مسلمانن سان گڏ ڪيترائي هندو به مريد ڪيا، جيڪي توحيد ۽ رسالت جو اقرار ڪري، فيض وارا فقير بڻيا رهيا. کيس ميان محمد بچل، ميان نظر محمد ثاني، ميان صاحبڏنو ثاني ۽ ميان رستم علي نالي چار فرزند هئا. سندس ابدي وصال 23 ذوالقعد، 1343 هجري، مطابق

---

[1] علي ڏنو: "ميان صاحبڏني جو ڪلام"، حوالو ڏنل آهي.

[2] ايضاً:

[3] ايضاً:

1924ع تي ٿيو. هن جي ڏينهن ۾ هيءَ درگاه ملڪن ۾ مشهور ٿي ويئي[1]، ۽ پري پري جا پڙهيل ۽ انگريزي خواندا اچي مريد ٿيا. راڳ ۽ ويراڳ جون محفلون به اڳي کان وڌيڪ ٿيڻ لڳيون. عام ماڻهن کان سواءِ سنڌ جا ڪيترا ڪامورا به هن درگاهه تي اچي عقيدت جا نذرانا پيش ڪرڻ لڳا.

**ميان صاحبڏنو ثاني:**

سخي قبول محمد ثاني کان پوءِ سندس فرزند ميان صاحبڏنو ثاني فقيري جي گادي تي ويٺو. سندس ولادت جو سال 1307 هجري ۽ وفات جو سال 1350 هجري آهي[2].

**ميان قبول محمد ثالث:**

ميان صاحبڏني ثاني کان پوءِ ميان قبول محمد ثالث مسند نشين ٿيو. سندس ولادت 1332 هجري ۾ ٿي ۽ وفات 1371 هجري ۾ ڪيائين. هيءُ به پنهنجن وڏن جون سڪون لاهي ويو[3].

**ميان عبدالحق ثاني:**

هن وقت ميان عبدالحق ثاني سجاده نشين آهي. سندس تاجپوشي 25 فيبروري 1952ع تي ٿي هئي. ميان صاحب هڪ زنده دل ڊرويش آهي. ڪڏهن ڪڏهن جذب ۽ مستيءَ جي حالت ۾ رهندو آهي. سخي مرد آهي. ۽ پاڻ وٽ ڪجهه به سانڍي نه رکندو آهي.

## درازن جا پانڌيڙا:

درازن جي درگاهه جا مريد هزارن جي تعداد ۾ آهن. انهن مان نانڪ يوسف ۽ غلام حيدر گودڙيو تمام مشهور فقير ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، جن جو مختصر احوال دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو.

**فقير نانڪ يوسف:**

هي سچل سرمست جو روحاني فرزند هو. سندس والد جو نالو مولوي هاشم ڪوڪر هو. جيڪو بلوچستان جي علائقي جهل جو ويٺل هو. سندس خاندان وارا سمورا ماڻهو راڻيپور جي پيرن جا مريد هئا. فقير محمد يوسف ننڍي عمر کان وٺي

[1] علي اڪبر قاضي: "سخي سرتاج"، ڇاپو ٿيون، همدرد پريس سکر. 1976ع ص 27
[2] علي ڏنو: "ميان صاحبڏنو جو ڪلام"، حوالو ڏنل آهي. ص 27
[3] ايضاً:



درگاهه پير سيد مهر شاهه



پير سيد قائم شاهه



پير مجن شاهه بخاري خيرپور وارو



سيد سخا حسين شاهه



نياز حسين فقير اُجڻ



علي محمد فقير اُجڻ



ميان غلام رسول فقير



نصير فقير جلالاڻي



محمد علی شاه قاتی





حق جو طالب هوندو هو. پنهنجي روءِ سوءِ وينو عبادتون ۽ رياضتون ڪندو هو. ديني تعليم جي تحصيل کان پوءِ، حق جي ڳولها ڪندي درازن جو درويش بڻجي ويو ۽ سچل سائين جو پالڪو ٿي وينو. مرشد جي نظر فيض اثر سوني تي سهاڳي جو ڪم ڪيو. ۽ هو ذري مان آفتاب بنجي ويو. سندس ولادت 1792ع ۾ ٿي، ۽ وفات 1845ع ۾ ڪيائين. سندس مزار گمبٽ تعلقي جي اڳٽن جي پرسان رنگپور ۾ آهي. رنگپور کي اڄ ڪلهه فقير نانڪ يوسف جو ڳوٺ چوندا آهن. سنڌي سرائڪي ۽ هندي زبانن ۾ سندس ڪافي ڪلام آهي[1].

**غلام حيدر فقير:**

غلام حيدر فقير ولد رئيس قائم خان شر بلوچ ويٺل مينگهو فقير شر، فقير نانڪ يوسف جو پالڪو هو. هو غلام حيدر گوڏڙئي جي نالي سان به مشهور آهي. اڳ ۾ سرڪاري نوڪر هو پوءِ فقيري اختيار ڪيائين. وقت جي پيرن، فقيرن ۽ عالمن سان دوستي هوندي هيس. فقير خير محمد هيسباڻي، لونگ فقير مهيسر ۽ عثمان فقير سانگي سان گهاٽا تعلقات هوندا هيس. راڻيپور جو پير غلام محي الدين شاهه کيس عزت جي نگاهه سان ڏسندو هو. وقت جو حاڪم مير علي مراد خان سندس وڏو معتقد هوندو هو.

فقير صاحب سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ۾ چڱو ڪلام چيو آهي. سندس ڪلام ۾ خيالات جي بلندي ۽ فڪر جي گهرائي آهي. سندس ولادت 1215 هجري ۾ ٿي ۽ وفات 1278 هجري ۾ ڪيائين. سندس مقبرو مينگهي فقير جي ڳوٺ ۾ آهي[2].

**مينگهو فقير:**

غلام حيدر فقير کي مينگهو فقير، علي مراد فقير، دين محمد فقير، در محمد فقير، خدا داد فقير، ڳوڏو فقير ۽ غلام نبي فقير نالي ست فرزند هئا، جن مان سندس وڏو فرزند مينگهو فقير پيءُ جو جانشين ٿيو.

مينگهو فقير پنهنجي والد وانگر هڪ فيض وارو فقير هو. ظاهري علم حاصل ڪونہ ڪيائين، پر سندس اندر واري اک کليل هوندي هئي، تنهن ڪري ديني ۽ دنيوي مسئلا آسانيءَ سان سمجهي سگهندو هو. وڏو متوڪل شخص هو. سمورو وقت پنهنجي درگاه تي معتڪف ٿي رهيو. مينگهي فقير جو اصلي نالو حبيب الله هو ۽ ننڍي هوندي کان بيمار گذاريندو هو. هڪ دفعي مجذوب ساڌو فقير درگاهه تي آيو ۽ ننڍڙي حبيب الله کي مٽي تي هٿ رکي مينگهو ڏنگزاج سڏيائين ۽ سيني کي

---

[1] محمد موسيٰ سومرو ماستر: "نانڪ يوسف جو احوال" قلمي نسخو سنڌي ۾، ذوالقعد 1353 هجري

[2] بيدل فقير شر: "ديوان فقير غلام حيدر" منگي پريس، خيرپور، 1960ع ص 7،8 ۽ 9.

چيائين تہ كيس انهيءَ نالي سان سڏين. ان ڏينهن كان وٺي هو مينگهو فقير سڏجڻ ۾ آيو. سندس ولادت 20 رجب، 1233 هجري ۾ ٿي هئي ۽ وفات 1313 هجري ڌاري كيائين[1].

**غلام شاهہ فقير:**

مينگهي فقير كان پوءِ سندس وڏو فرزند فقير غلام شاهہ فقيري جي مسند تي ويٺو. هيءُ فقير بہ پنهنجن وڏن وانگر نرم سڀاءُ وارو، خوش خلق ۽ سالم طبع وارو انسان ٿي گذريو آهي. سخاوت ۾ پنهنجن وڏن كان وڌيك هو. سندس سخاوت جي هاك هنڌي، كيترائي بيروزگار ماڻهو سندس درگاهہ تي ڊرڻو ماري اچي ويهي رهيا. فقير صاحب سيني جي كاڌ خوراك ۽ پوشاك جو بندوبست كندو هو. هونئن بہ سندس لنگر جي بني هميشہ تتل رهندي هئي، ۽ آيو ويو پيو كائيندو هو. جيكڏهن كنهن سائل جي اچڻ وقت فقير صاحب كي پيو كجهہ كونہ هوندو هو تہ پنهنجي جان جا كپڙا بہ لاهي سائل كي ڏيندو هو روزي نماز جي سختيءَ سان پابندي كندو هو. سندس ولادت 21، ربيع الثاني 1258 هجري تي ٿي هئي، ۽ وفات 1335 هجري ۾ كيائين[2].

**قائم فقير:**

فقير غلام شاهہ جو ٻيو نمبر پاءُ قائم فقير بہ هك وڏو درويش ۽ اعليٰ درجي جو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس كلام تشبيهن، استعارن ۽ فني صنعتن سان سينگاريل آهي. تصوف جا نادر نكتا سندس كلام ۾ جابجا نظر ايندا. قائم فقير سجاده نشين نہ هو. پنهنجي ڀاءُ غلام شاهہ جي زندگي ۾ وفات كيائين.

**مراد علي فقير:**

فقير غلام شاهہ كي نرينو اولاد كونہ هو تنهن كري سندس وفات كان پوءِ سندس ٽيون نمبر ڀاءُ مراد علي فقير سجاده نشين ٿيو. هي فقير بہ پنهنجن وڏن جي پيروي تي كاربند رهيو ۽ سمورو وقت ذكر فكر ۾ گذاريائين. وڏو بردبار، متوكل ۽ هردلعزيز شخص ٿي گذريو آهي. كڏهن كڏهن شعر بہ چوندو هو. سندس كلام ۾ وحدت الوجود جي وضاحت ٿيل آهي. سنڌي ۽ سرائكي سان گڏ فارسي ۾ بہ كجهہ كلام چيو اٿس. سندس ولادت جي تاريخ 26 شعبان، 1303 هجري ۽ وفات جو سال 1361 هجري آهي[3].

---

[1] بيدل فقير: "ديوان غلام حيدر فقير،" حوالو ڏنل آهي، ص 13.
[2] ايضاً.
[3] بيدل فقير: "ديوان غلام حيدر فقير"، حوالو ڏنل آهي، ص 14.

**ٻڍل فقير:**

مراد علي فقير جي وصال کان پوءِ سندس وڏو فرزند ٻڍل فقير گادي نشين ٿيو. هي بہ هڪ وڏو هردلعزيز ۽ درد واري دل رکندڙ انسان هو. ويجهڙائي ۾ وفات ڪري ويو آهي. سن 1960ع ۾ درگاهہ جي جانشين جو ڪلام ڪٺو ڪري ديوان غلام حيدر فقير جي نالي سان شايع ڪرايو هئائين.

## هيسباڻي فقير:

خيرپور جا هيسباڻي فقير وڏي اثر رسوخ وارا ۽ معرفت جا صاحب ٿي گذريا آهن. فيض گنج تعلقي جي ڪرونڊي شهر جي ڀرسان سندن درگاهہ آهي، جتي هڪ ڳوٺ ٻڌجي ويو آهي. اتي هر سال ذوالحج مهيني جي 17، 18، 19 تاريخ تي ميلو لڳندو آهي.

**خير محمد فقير:**

هيسباڻين جي درگاهہ جو باني خير محمد فقير ولد سرائي غلام حيدر خان آهي. سندس وڏا اصل ۾ پنجاب جي ساهيوال ضلعي ۾ ويٺل هئا. جتان آدم شاهہ ڪلهوڙي سان گڏجي سنڌ ۾ آيا ۽ ڪنڊياري تعلقي ۾ پؤنرن جي ڀرسان ڳوٺ ٻڌي اچي ويٺا. خير محمد فقير جي ولادت 1224 هجري ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ گل محمد هيسباڻي ۾ ٿي. ابتدائي تعليم ڀنئورن ۾ آخوند بخش علي گاڏهي جي مدرسي ۾ ورتائين جتي قرآن شريف ختم ڪري ڪجهہ فارسي جا ڪتاب پڙهائين. ان کان پوءِ ٽگڙن ۾ مولانا عبدالقدوس وٽ وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين[1].

فقير صاحب جا وڏا نوشهري جي پيرن جا مريد هئا. سندس چاچو راوت خان وڏي هلندي وارو ماڻهو هو ۽ ميرن وٽ سندس ڪافي اثر هو. ان جي معرفت خير محمد فقير کي سرڪاري نوڪري ملي ۽ ڪارائو مقرر ٿيو. هڪ دفعي پنهنجي عملي سان گشت ڪندي ٽگڙن جي ڀرسان هڪ پوڙهي عورت کي ڏٺائين، جنهن مٽرن جي ڀري ڪٽائڻ لاءِ ماڻهن کي پٺي سڏيو. فقير صاحب کي سندس حال تي رحم آيو ۽ عملي سميت گهوڙن تان لهي عورت کي مٽرن جي ڀري ڪٽائڻ لڳو. عورت ويچاري سرڪاري ماڻهن کي ڏسي مرعوب ٿي وئي ۽ چيائين، "ابا مون ڪنهن ماڻهو کي پٺي سڏيو اوهان تہ ڪامورا آهيو." انهن لفظن فقير صاحب جي دل تي ايترو تہ اثر ڪيو جو مٿس وجد جي حالت طاري ٿي وئي. دانهن ڪري چيائين: "ڇا ڪامورا ماڻهو ئي ناهن؟" بس ان وقت ئي نوڪري ڇڏي پير شهاب

---

[1] علي مردان شاهہ، سيد: "هيسباڻي فقيرن جو ڪلام"، قلمي نسخو 1950ع.

الدين نقشبندي جي فرزند پير عبدالحي وٽ نوشهري ۾ ويو ۽ باطني فيض حاصل ڪري، باقي حياتي جو عرصو فقيري ذوق شوق ۾ گذاريائين. خيرپور جو حاڪم مير علي مراد خان سندس وڏو معتقد هوندو هو. فقير صاحب ڪي لنگر جي خرچ لاءِ زمين جو پروانو ڏنائين. مير صاحب سندس ڪو سوال نہ موٽائيندو هو. هن مير صاحب وٽان ڪيترائي قيدي آزاد ڪرايا[1].

فقير صاحب ستر سالن جي عمر ۾ تاريخ 2، محرم 1294 هجري تي تڳڙن جي شهر ۾ برقعو مٽايو ۽ کيس دفن بہ اتي ڪيو ويو. وري جڏهن 1905ع ۾ درياهہ جي اٿل آئي، تڏهن سندس عزيزن، سندس ابدي آرام واري صندوق تڳڙن مان ڪيرائي موجوده درگاهہ تي اچي دفن ڪئي.

خير محمد فقير کي، شير محمد، مير محمد ۽ عرض محمد نالي ٽي پٽ بہ هئا، جن جو اولاد اڄ ڪلهہ خيرپور ۽ نوابشاهہ ضلعي ۾ آباد آهي.

خير محمد فقير بيت ۽ ڪافي جو هڪ باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام فني سٽا، زبان جي سلاست ۽ سادگي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

**در محمد فقير:**

خير محمد فقير جي وفات کان پوءِ سندس فرزند در محمد هيسباڻين جي درگاهہ جو سجاد نشين ٿيو. هي بہ پنهنجي پيءُ وانگر وڏو شاعر هو. گهڻو وقت سڪر ۽ مستي جي حالت ۾ گذاريندو هو. ڪنهن بہ امير يا وزير جي درٻار ۾ نہ ويو. سمورو وقت اهل دل درويشن ۽ فيض وارن فقيرن جي صحبت ۾ گذاريائين. هو هڪ وڏو متوڪل ۽ تارڪ الدنيا فقير ٿي گذريو آهي. سندس مزار پنهنجي پيءُ جي پاسي ۾ آهي[2].

## کهڙن جا اُڇڻ فقير:

کهڙن جي شهر ۾ اڇڻ فقيرن جي درگاهہ جو بنياد ميان صاحب ڏني فاروقيءَ جي خليفي ميان چنيهہ فقير ولد ميان محمد عثمان رکيو. چنيهہ فقير جو وڏو ڀاءُ چنڻ عرف غني مخدوم عبدالرحمن شهيد کهڙن واري جو نوڪر هو. هڪ ڏينهن ڪانيون ڪندي کيس ڪاني لڳي ۽ مري ويو. ان وقت مخدوم صاحب جذب جي حالت ۾ هو. ميان محمد عثمان کي گهرائي دعا ڪيائين ۽ بشارت ڏنائين تہ کيس ٻيو پٽ ڄمندو. جيڪو پير ٿيندو ۽ ميان صاحبڏني فاروقيءَ کان فيض

---

[1] علي مردان شاهہ، سيد: "هيسباڻي فقيرن جو ڪلام"، قلمي نسخو 1950ع.
[2] ايضاً.

وڻندو. الله پاڪ اها دعا اگهائي ۽ چنيهه فقير تولد ٿيو جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو فيض وارو فقير ۽ شاعر بڻيو[1].

ميان چنيهه فقير جا ٽي فرزند ميان فقير محمد، ميان خاوند ڏنو ۽ ميان محمد ذاڪر بہ وڏا درويش ٿي گذريا آهن. چنيهه فقير جو سجاده ميان فقير محمد سن 1128 هجري مطابق 1812ع ۾ گذاري ويو. ميان محمد ذاڪر مدح، معجزي، بيت ۽ ڪافي جو وڏو شاعر هو.

ميان فقير محمد کي بہ فرزند ميان محمد علي ۽ ميان محمدفاضل هئا. ميان محمد علي سجاده نشين ٿيو. کيس پکي ڏٽي بہ سڏيندا هئا. سندس ڪيتريون ئي ڪرامتون آهن. شڪارپور وارو خليفو ڪرم الله سندس مريد هو. ميان محمد پکي ڏٽي 1256 هجري، مطابق 1840ع ۾ رحلت ڪئي[2].

ميان محمد ذاڪر جو فرزند ميان راز ڏنو بہ بيت ۽ ڪافي جو وڏو شاعر ۽ اهل دل درويش هو.

ميان محمد علي جو فرزند ۽ سجاده نشين ميان خدا دوست هڪ وڏو عالم ۽ ڪامل درويش هو. کيس سماع سان وڏو شوق هوندو هو. پير علي مراد خان ٽالپر هن کي مخدوم دين محمد ۽ سندس جماعت سان گڏ گمبٽ تعلقي جي هڪ هندو سياڳي مل کي زوريءَ مسلمان بنائڻ جي ڏوري ڪوٽ تي چاڙهي پنج مهينا قيد ۾ رکيو هو[3].

ميان خدا دوست کي هيٺين نالن سان ست فرزند هئا. ميان الهہ بخش (سجاده نشين)،ميان شفيع محمد، ميان ولي محمد، ميان درمحمد، ميان جان محمد، ميان طالب علي ۽ ميان قلڻ[4].

اهي ٽئي چڱا فيض وارا فقير ٿي گذريا آهن.

ميان الهہ بخش 1342 هجري ۾ وفات ڪئي. سندس سجاده نشين ميان محمد علي عرف بچل فقير ٿيو. هن وقت ميان محمد علي جو فرزند ميان نياز حسين سجاده نشين آهي[5].

هن درگاهہ جي خصوصيت اها آهي جو وڏن کان وٺي اڄ تائين ، ڪنهن بہ فقير

---

[1] عطا محمد حامي: مضمون کهڙن جا مخدوم، ڪتاب "مهراڻ جا موتي" پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي، 1959ع ص 277 ۽ 278.

[2] ميان علي محمد اڄڻ جو لکيل احوال.

[3] ايضا:

[4] زباني روايت: ميان حليم الله اڄڻ، ساڪن کهڙا.

[5] زباني روايت: ميان نياز حسين.

دنياداريءَ سان واسطو نہ رکيو آهي. وقت جا حاڪم کين لنگر لاءِ جاگيرن ۽ پروانن جي آڇ ڪندا رهيا، پر هنن ڪجهہ بہ قبول نہ ڪيو ۽ پنهنجي خريد ڪيل زمين جي پيدائش مان لنگر هلائيندا رهيا، جتان آيو ويو کائيندو رهيو[1].

اڄ بہ سندن درگاهہ تي ويجبو تہ الله ۽ رسول الله صہ جن جو نالو ياد ايندو. سندن مدرسي ۾ قرآن پاڪ جي تلاوت، خدا جي ذڪر، درود و صلواة کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو.

**فقير شادي شهيد:**

شادي خان ولد محراب خان رند بلوچن جي جاڙو زئي قبيلي سان واسطو رکي ٿو. سندس مورث اعليٰ بچل خان رند ٻين بلوچن سان گڏجي ڪلهوڙن جي اوائلي دور ۾ سنڌ ۾ آيو هو ۽ اروڙ جي ڀرسان ڳوٺ ٻڏي اچي ويٺو هو. بچل خان کان پوءِ برادري جو پريو مڙس سندس فرزند قادر بخش خان ٿيو. قادر بخش خان کان پوءِ جمن خان سرداريءَ جي پڳ ٻڌي. جمن خان جي وفات کان پوءِ سندس پٽ محراب خان پنهنجي قبيلي جو چڱو مڙس ٿيو. هن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي حڪومت ميرن جي قبضي ۾ آئي. مير سهراب خان، محراب خان کي ٻين ڀروچن وانگر پاڻ وٽ گهرائي، سندس عزت افزائي ڪئي ۽ گوندرڙي شهر جي ڀرسان ڪجهہ زمين بہ ڏني. محراب خان مير صاحب وٽ تمام گهڻو ويندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندس پٽ شادي خان بہ هن سان گڏجي مير صاحب جي سلاميءَ تي ويندو هو. مير صاحب شادي خان جي گفتگو ۽ اٿڻي ويهڻي کان گهڻو متاثر ٿيو ۽ هن کي پنهنجو مقرب خاص بڻايائين.

مير سهراب خان جي مصاحبن ۾ شريڪ ٿيڻ کان پوءِ شادي خان جي عزت ۾ تمام گهڻو اضافو آيو. پر هو ڪڏهن بہ مير صاحب جي عزت افزائي تي فخر نہ ڪندو هو. وقت جا پير ۽ فقير، جيڪي بہ مير صاحب جي ڪچهري ۾ ايندا هئا، اهي شادي خان جي راست گوئي ۽ انفرادي طبيعت کان گهڻو متاثر ٿيندا هئا. انهن مان کهڙن جا مخدوم، روحل فقير، مراد فقير ۽ سچل سرمست، سمورا شادي خان جا دوست بڻجي ويا.

هڪ دفعي بهاولپور طرف جو هڪ حامد گنج بخش نالي مير صاحب کان لڙائي لاءِ مدد وٺڻ آيو. مير صاحب جي ماڻهن مان ڪنهن بہ هن سيد سان گڏجي وڃي وڙهڻ جو ست نہ ساريو ۽ هو خالي موٽڻ لڳو. ان تي شادي خان اٿي بيٺو ۽ مير صاحب کان موڪلائي اڪيلو شاهہ صاحب سان گڏجي هليو. اتي شاهہ صاحب جو خط کڻي سندس مخالف نواب ڏانهن هليو ويو. نواب صاحب ۽ سندس ماڻهن شادي

---

[1] زباني روايت:علي محمد فقير اجڻ. ساڪن کهڙا.

خان ۽ شاهہ کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ نوبت وڃي دويدو مقابلي تي پهتي. شادي خان اڪيلي سر نواب صاحب جا ڪيترائي ماڻهو ماري وڌا ۽ پاڻ بہ زخمن ڪان چور ٿي بيهوش بڻجي ويو. نواب صاحب جا ماڻهو ڪيس مئل سمجهي شاهہ صاحب جي طرف اچلي آيا. شاهہ صاحب پنهنجي گهراڻي وارن کي گڏ ڪري دعا گهري ۽ شادي خان هوش ۾ اچي ويو. اهڙيءَ طرح شادي خان بہ ٽي دفعا شاهہ صاحب جي طرفان وڙهندو ۽ اڌ مئو ٿيندو رهيو. آخرڪار شاهہ صاحب هن کي دعا ڪئي ۽ سنڌ ڏانهن واپس ڪيو. ان ڏينهن ڪان وٺي هو شادي شهيد جي نالي سان مشهور ٿي ويو[1]. شادي خان جي موٽي اچڻ کان پوءِ، مير سهراب خان پنهنجو ۽ حيدرآباد جي ميرن جو لشڪر موڪلي، بهاولپور تي ڪاهہ ڪئي ۽ شاهہ صاحب کي نواب صاحب ڪان پنهنجو حق وٺي ڏنو[2]. شادي خان 1233 هجري، مطابق 1817ع ۾ وفات ڪئي. مير سهراب خان سندس مزار تي قبو تعمير ڪرايو. شادي شهيد جي درگاهہ تي سندس اولاد مان هڪ ٻئي پٺيان الاهي بخش فقير، قادر بخش فقير، ۽ الله بچايو فقير سجاده نشين ٿيندا آيا آهن. هن وقت الله بچائي فقير جو فرزند خادم حسين فقير سجاده نشين آهي[3].

**لونگ فقير:**

خيرپور تعلقي ۾ هيسباڻين جي ڳوٺ جي پرسان شهيد جي درگاهہ کان هڪ ميل جي فاصلي تي لونگ فقير جي درگاهہ آهي. لونگ فقير ذات جو مهيسر هو ۽ رفيق مهيسر جي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. سندس والد جو نالو حافظ خميسو هو. هو ننڍي عمر ۾ ئي قرآن پاڪ پڙهي، ڳوٺان پيجي نڪتو ۽ قناصرن جي ڳوٺ ۾ اچي مال چارڻ لڳو. هڪ ڏينهن مال چاريندي جهنگ ۾ غيبي آواز ٻڌائين تہ: "پنهنجو اصلي ڪم ڇڏي نقلي ڪمن جي پٺيان ڇو لڳو آهين؟" ان آواز ٻڌڻ بعد مالڪن کي مال ڏيئي،پراڻي سکر ۾ وڃي شاهہ خيرالدين جي درگاهہ تي حاضري ڀريائين ۽ چلہ ڪشي ڪيائين[4]. ڪجهہ ڏينهن بعد کيس خواب ۾ اشارو ٿيو تہ قلندر شهباز جي درگاهہ تي وڃي. انهيءَ اشاري ملڻ بعد سيوهڻ شريف ۾ وڃي قلندر شهباز جي مزار مبارڪ تي حاضري ڀريائين. اتي بہ ڪجهہ ڏينهن بعد ڀٽ شاهہ تي وڃڻ جو حڪم ٿيس ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي درگاهہ تي اچي مٿي ڀرڻ لڳو. بہ چار سال رياضت ڪرڻ بعد کيس روحاني فيض حاصل ٿيو ۽ سندس رڳ رڳ ۾ فقيري سمائجي ويئي[5].

---

[1] زباني روايت: الهرکيو خان رند، ساڪن ڳوٺ سنهڙو تعلقو خيرپور.
[2] زباني احوال: خادم حسين فقير، سجاده نشين درگاهہ شادي شهيد.
[3] زباني احوال: خادم حسين فقير، سجاده نشين درگاهہ شادي شهيد.
[4] زباني روايت: محمد بخش خان قناصرو، ساڪن ڳوٺ سوهو قناصرا.
[5] زباني روايت: غلام الرسول فقير، سجاده نشين درگاهہ لونگ فقير.

ان کان پوءِ پٽ شاهه جي درگاهه تان ئي اشارو وٺي موجود درگاهه واري جاءِ تي اچي معتڪف ٿي رهيو. پورا نو سال وطن جي پنن ۽ پاٽيءَ تي گذارو ڪيائين. هڪ مسجد ٺهرائي دين جي تبليغ ۾ مشغول ٿي ويو ۽ پنهنجي فقيري جو فيض جاري ڪيائين. پنهنجن خليفن جي ذريعي سنڌ جي مختلف جڳهن تي مسجدون ۽ لوڙها (اعتڪاف جون جايون) ٺهرايائين، جن مان جيڪب آباد، لاڙڪاڻي،ڳڙهي خيرو سينارجن، ڪوٽڏيجي، نوشهري فيروز، ٺارو شاهه ۽ پني عاقل جا لوڙها مشهور آهن[1].

فقير صاحب جي حڪم سان سندس وڏو خليفو محمد عارف فقيرن جي جماعت سان عرب جي ملڪن ڏانهن ويو ۽ مختلف جڳهن تي مسجدون ۽ مسافرخانا ٺهرايائين ۽ کوهه کوٽايائين. اتان موٽڻ بعد پراڻي اروڙ جي پرسان ڪالڪان جي آستان جي سامهون هڪ مدرسو جاري ڪيائين، جتي اڄ تائين قرآن پاڪ جي تعليم ڏني وڃي ٿي[2].

لونگ فقير 27 ذوالقعد، 1279 هجري مطابق 1873ع تي برقعو مٽايو. سندس درگاهه تي هرسال ذوالقعد مهيني جي تاريخ 25 کان 27 تائين ٽي ڏينهن عرس مبارڪ ٿيندو آهي[3]. فقير صاحب کي اولاد ڪونه هو. تنهن ڪري سندس درگاهه جا سجاده نشين سندس خليفن مان ٿيندا رهندا آهن. هن وقت ميان غلام الرسول ولد ميان الهورايو فقير درگاهه جو سجاده نشين آهي.

**نصير فقير:**

خيرپور رياست جي فيض وارن فقيرن ۾ نصير فقير جلالاڻي هڪ وڏو درويش ٿي گذريو آهي. هو سلطان خان جلالاڻي جو پٽ ۽ نواب خان جو پوٽو هو. سندس ڳوٺ جلالاڻي ڪوٽڏيجي تعلقي ۾ آهي. هن خاندان مان مراد فقير، نورنگ فقير ۽ محمد علي فقير به وڏا فيض جا صاحب ٿي گذريا آهن. نصير فقير جي ولادت 1840ع ۾ ٿي ۽ وفات 16 ڊسمبر 1960ع تي ڪيائين. هو جهوڪ شريف جي سجاده نشين عبدالستار شاهه جو مريد هو. هزارن جي تعداد ۾ هندو ۽ مسلمان سندس مريد ٿيا[4]. هو نماز روزي جي سختي سان پابندي ڪندو هو ۽ سادگي سان رهندو هو. سمورو وقت پنهنجن مريدن سان روحاني رهاڻ ڪندو هو. سندس روضو 1965ع ۾ تيار ٿيو. جتي ڦڳڻ مهيني جون ٽي راتيون 27، 28 ۽ 29 هڪ فقيراڻو ميلو لڳندو آهي. هن وقت درگاهه جو سجاده نشين فقير صاحب جو فرزند لطف علي فقير آهي.

---

[1] اختر حنيف: "ڪون ڪيا هي" سجاد ٽريڊرز ڪراچي، 1971ع، ص 143.

[2] ايضاً:

[3] ايضاً:

[4] روبو ڪرپالاڻي: "صوفي سونهون" ڪرائون پرنٽرز بمبئي 1972ع، ص 1 کان 3.

**فولاد فقير:**

هيءُ ڪل جڳ جو ڪاپڙي ذات جو شر هو ۽ مينگهي فقير شر جي ڳوٺ جو ويٺل هو. سنڌي فائنل پاس ڪري ماستر ٿيو. مگر ڪجهه سال نوڪري ڪرڻ بعد استعيفا ڏنائين ۽ فقيري اختيار ڪيائين. سندس مرشد جو نالو محمد علي شاهه هو. فولاد فقير پنهنجي عمر جا پورا پنجاهه سال شريعت جو پابند رهيو ۽ تهجد گذار ٿي زندگيءَ بسر ڪيائين. آخرڪار مٿس حقيقي عشق جو غلبو ٿيو ۽ هو سڪر جي حالت ۾ رهڻ لڳو. کيس فارسي زبان تي وڏي قدرت حاصل هئي. ڪچهريءَ جو به ڏاڍو ڪوڏيو هو. هو پنهنجي گفتگو ۾ صنعت توريه جو گهڻو استعمال ڪندو هو. تنهن ڪري عام ماڻهو سندس گفتگو کي شريعت جي برخلاف سمجهندا هئا. هن نثر ۾ هڪ ڪتاب لکيو جنهن جو نالو روح اعظم رکيائين. اهوئي ڪتاب فقير صاحب جي فرزند علي گوهر فقير وٽ محفوظ آهي. فقير صاحب 125 سالن جي عمر ۾ 1960ع ۾ گذاري ويو[1].

**آخوند محمد حيات حاتم:**

درازن جي فاروقي خاندان مان آخوند محمد حيات ولد آخوند محمد صالح هڪ وڏو اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس تخلص حاتم هو. مخدوم نور محمد بوبڪائي سندس دوست ۽ همعصر اديب هو. هڪ دفعي مير ڪرم علي خان جي درٻار ۾ وينو هو ته مخدوم نورمحمد به آيو. ادبي محفل گرم هئي. مخدوم صاحب فارسي شاعر 'هلالي' جي شهادت جو واقعو بيان ڪيو جنهن تي مير صاحب کيس هڪ لونگي عطا ڪئي. وري جڏهن آخوند محمد حيات جو وارو آيو ته هن مخدوم صاحب جي ذڪر ڪيل بيان مان ڪجهه غلطيون ڪڍي، صحيح واقعو پيش ڪيو. جنهن تي سڄي درٻار ۾ واهه واهه جو شور برپا ٿي ويو ۽ کيس خلعت سان گڏ ٻه لونگيون مليون. مخدوم صاحب پڻ پنهنجي لونگي کيس ڏيئي ڇڏي، اهو ذڪر محمد ابراهيم فاروقي جي قلمي بياض تان نقل ڪيو ويو آهي[2].

آخوند محمد حيات ان وقت عالم خان نظاماڻي جي فرزندن جو استاد هو. ان کان پوءِ هو مير سهراب خان جي فرزند مير مبارڪ خان جو استاد ۽ درٻاري شاعر ٿي رهيو. هو ميان عبدالحق جو مريد هو. 1255 هجري مطابق 1839ع ۾ وفات ڪيائين[3].

---

[1] زباني احوال: فولاد فقير.

[2] عطا محمد حامي: "سچل سرمست" پاڪستان پبلڪيشن ڪراچي، 1964ع، ص 22 ۽ 23.

[3] عطا محمد حامي: "سچل سرمست"، حوالو ڏنل آهي، ص 23.

**آخوند گل محمد:**

هيءُ آخوند محمد حيات جو وڏو پاءُ هو. ڪڏهن ڪڏهن شعر بہ چوندو هو. سندس ڪلام ۾ جابجا تصوف جو رنگ نظر ايندو هو. هن فارسي مدح ۽ غزل ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. هو هڪ وڏو معرفت جو صاحب ۽ درويش صفت انسان ٿي گذريو آهي. 1268 هجري، مطابق 1852ع ۾ وفات ڪري ويو[1].

**آخوند عبدالهادي:**

آخوند عبدالهادي ولد آخوند صادق علي فاروقي بہ پنهنجي وقت جو چڱو شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌ جي مشهور شاعر سچل سرمست جو دوست ۽ مرشد ٿي گذريو آهي. سچل سائين جي وفات جو صدمو برداشت ڪري نہ سگهيو ۽ پئي ڏينهن 16 رمضان 1242 هجري، مطابق 1826ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس ڪلام ۾ عاشقانہ جذبات جي ترجماني ٿيل آهي[2].

**آخوند محمد صالح:**

هيءُ آخوند عبدالهادي جو سوٽ ۽ محمد اسماعيل فاروقي جو فرزند هو. فاروقي خاندان جي شاعرن ۾ ڪيس چڱي حيثيت هوندي هئي. فارسي زبان ۾ غزل چوندو هو[3].

**آخوند باغ علي:**

هيءُ آخوند محمد صالح جو وچهو عزيز هو. هڪ درويش ماڻهو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن شعر جي ذريعي ناصحانہ نڪتا ٻڌائيندو هو. سندس ڪلام ۾ رواني تمام گهڻي آهي[4].

**آخوند محمد نشان:**

هيءُ آخوند گل محمد فاروقي جو فرزند هو. پنهنجي زماني جو وڏو عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. فقط بہ قطع تاريخون ملن ٿيون، جيڪي هن مير سهراب خان اول، ۽ محمد عالم ڪربلائي جي وفات متعلق لکيون هيون. سندس تصنيفات مان هڪ فارسي لغات (قلمي) راقم الحروف وٽ محفوظ آهي[5].

---

(1) ايضا:
(2) ايضا: ص 24
(3) ايضا:
(4) ايضا:
(5) عطا محمد حامي: "سچل سرمست" حوالو ڏنل آهي، ص 25.

**محمد عالم ڪربلائي:**

هيءُ قوم جو پنهور هو. سنڌي مرثئي جو باڪمال شاعر، ٿي گذريو آهي. سيد ثابت علي شاهه جو همعصر هو. لاڙ ۾ ثابت علي شاهه جا ۽ اتر ۾ محمد عالم جا مرثيا مشهور آهن. پنهي شاعرن سنڌي مرثئي کي اردو جي شاعرن انيس ۽ دبير وانگر ڪمال تي پهچايو آهي[1].

محمد عالم مرثئي کان سواءِ مثنوي جو بہ سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس مثنوي ۾ ڪرڙي جي جنگ متعلق شاهه نامو (فارسي) سندس استادي جي ساک پري ٿو. هو مير رستم خان جو درٻاري شاعر هو. 1870ع ۾ وفات ڪيائين[2]. سندس تخلص عالم هو.

**الهرکيو فقير:**

هيءُ ناري تعلقي جو وينل هو ۽ سبب فقير ميربحر جو پٽ هو. پنهنجي والد کي سيد صادق شاهه بخاري گمبٽ واري جي دعا سان ڄائو هو. هن جو ننڍو ڀاءُ بچو فقير بہ هڪ درويش صفت انسان هوندو هو. الهرکيو فقير پنهنجي وقت جو وڏو شاعر ۽ سگهڙ ٿي گذريو آهي. مير سهراب خان جي ڪچهري ۾ گهٽوايندو هو ۽ مير صاحب سندس ناز برداري ڪندو هو. هن جا ڪبير شاهه، پيرو شاهه ۽ بادل فقير سان شاعرانا معرڪا ٿيندا رهندا هئا[3].

**بادل فقير:**

هيءُ ذات جو منگي هو ۽ خيرپور تعلقي ۾ منگين جي ڳوٺ ۾ وينل هو. پنهنجي زماني جو چڱو شاعر ۽ سگهڙ ٿي گذريو آهي. کيس مير سهراب خان جي درٻار ۾ سٺو رسوخ حاصل هوندو هو[4].

**پيرو شاهه:**

هن جو پورو نالو پير محمد شاهه هو ۽ رسول آباد ڳوٺ جو رهاڪو هو. وڏو فيض وارو فقير ۽ ڳالهين جو ڳهير هوندو هو. ڏور، ڳجهارت، هنر ۽ لوک ادب جي ڪيترين ئي صنفن جو ماهر هوندو هو. سندس حاضر جوابي ۽ في البديهه شاعري ملڪن ۾ مشهور هوندي هئي. هن مير سهراب خان، مير رستم خان ۽ مير علي مراد خان جو زمانو ڏٺو. ٽيئي مير سندس قدردان هوندا هئا[5]. مير علي مراد خان سندس

---

(1) زباني روايت: ملا فيض محمد خان پنهور، عالم ڪربلائي جو پڙ پوٽو. ساڪن خيرپور ميرس.

(2) محمد علي حداد: "خيرپور جي شاعرن جي مرثيہ گوئي"، ايم اي جو مونوگراف 1969ع، ص 55

(3) زباني روايت: ماستر محمد يوسف ويسر، ساڪن ڳوٺ ويسر، تعلقو ميرواهہ.

(4) زباني روايت: لعل بخش منگي، ساڪن ڳوٺ منگي تعلقو خيرپور.

(5) زباني روايت: محمد يوسف ويسر، ساڪن ڳوٺ ويسر، تعلقو ميرواهہ.

وڏا ناز سهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن موج ۾ هوندو هو تہ مير کي بہ منهن تي سچ چئي ڏيندو هو. بعضي تہ ڪجھہ ناشائستہ جملا بہ استعمال ڪري ويندو هو. جيڪي مير علي مراد خان، ڪمال بردباري سان برداشت ڪندو هو[1].

**حمل فقير:**

حمل فقير ولد رحيم خان لغاري، لغارين جي سيرڪاڻي قبيلي مان هو. سندس پاڙو بهلولاڻي هو. هن کي دليل خان، جمال خان، نهال خان ۽ محمد خان نالي چار پائر هئا. هو 1225 هجري، مطابق 1809ع ۾ رياست خيرپور جي حدن اندر ڳوٺ خانپور جي پرسان مير خان لغاري جي ڳوٺ ۾ ڄائو. هن جا وقت جي حاڪمن مير رستم خان ۽ مير علي مراد خان سان گهاٽا تعلقات هوندا هئا. جڏهن مير رستم خان ۽ مير علي مراد خان ٽالپر جا پاڻ ۾ تعلقات بگڙيا، تڏهن رياست مان لڏي سڪرنڊ جي پرسان نئون ڳوٺ مير خان لغاري نالي ٻڌي وڃي ويٺو. هن جا سبزل ڪوٽ جي نواب سعيد خان لغاري سان بہ سهڻا تعلقات هوندا هئا ۽ ان سان ڪافي عرصو سبزل ڪوٽ ۾ وڃي رهيو هو. لغاري سردارن مان بختيار خان لغاري بہ هن جو سرپرست هوندو هو. هو پڇاڙي وارن ڏينهن ۾ پنهنجي ڳوٺ مير خان لغاري ۾ مڪتب کولي ويٺو ۽ ٻارن کي پڙهائيندو هو. لنواري جي پير محمد حسن مدني جو مريد هو ۽ سندس شان ۾ ڪافي ڪلام چيو اٿس. خيرپور جي حدن مان لڏي وڃڻ بعد بہ مير علي مراد خان وٽ ڪڏهن ايندو هو ۽ مير شاهنواز خان جو مهمان ٿيندو هو. پاڳارن مان پير علي گوهر شاهہ اصغر ۽ پير حزب الله شاهہ مسڪين سندس سرپرستي ڪندا هئا. لڪيءَ جي سيد عباس علي شاهہ جو بہ ارادتمند هوندو هو. هن تاريخ 2 صفر، 1296 هجري مطابق 1880ع تي پنهنجي ڳوٺ ۾ وفات ڪئي ۽ کيس ابراهيم شاهہ واري مقام ۾ دفنايو ويو[2].

**محمد رحيم:**

هيءُ حمل فقير لغاري جو فرزند هو. سندس ولادت 1260 هجري مطابق 1844ع ۾ ٿي. اڳ ۾ ٽياٽوٺ جي سيد نور شاهہ وٽ منشي هو ۽ پوءِ انگريزن وٽ گهوڙي سوار ٿي رهيو. ڪجھہ وقت سرڪاري نوڪري ڪرڻ بعد استعيفا ڏيئي، مير غلام حيدر خان ثاني وٽ اچي نوڪر ٿيو ۽ سندس پٽ مير محمد خان ثاني جي ايامڪاري ۾ بہ اتي مير محمد خان جي ڪوٽ ۾ رهيو. آخري عمر ۾ پير ڳوٺ ۾ پنهنجن رشتيدارن وٽ وڃي رهيو ۽ 13 صفر 1316 هجري مطابق 1898ع تي وفات ڪيائين[3].

---

[1] زباني روايت: قربان علي خاصخيلي، رٽائرڊ اٽينڊنس انسپيڪٽر، خيرپور.
[2] ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "ڪليات حمل" سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي 1953ع، ص 8 کان 19
[3] ايضاً.

**فقير شير خان ميسانو:**

هيءَ سنڌ جي سمات قوم مان هو. سندس وڏا درازن جي فاروقي فقيرن سان گڏجي اچي گمبٽ ۾ رهيا. شير خان عزت فقير ولد رازق ڏني جو پٽ هو. سندس پڙڏاڏو يوسف فقير خود هڪ فيض وارو فقير ٿي گذريو آهي. شير خان سچل سائين جو مريد هو. سندس سؤٽ خدا بخش درازي هڪ وڏو عالم ۽ بينظير ڪاتب ٿي گذريو آهي. شير خان کي پانڊي فقير، بلوچ فقير، الهرکيو فقير، غلام حيدر فقير، عزت فقير، رازق ڏنو فقير ۽ سبز فقير نالي ست پٽ هئا ۽ ست ئي وڏا درويش ۽ حڪيم ٿي گذريا آهن. شير خان جو گهڻو وقت ذڪر فڪر ۾ گذرندو هو. هو ماڻهن جو علاج مفت ۾ ڪندو هو. مير علي مراد خان جي زماني ۾ وفات ڪري ويو. سنڌي زبان جو هڪ سنو شاعر هو[(1)].

**مبين فقير:**

هن جي والد جو نالو جامي فقير هو ۽ ذات جو شر هو. سندس ڳوٺ رسول پور تعلقي ميرواهه ۾ آهي. ننڍپڻ کان وني البيلي طبيعت جو هوندو هو. کيس پڙهڻ لاءِ مدرسي ۾ موڪليو ويو پر اصل نه پڙهيو. سمورو وقت فڪر ۾ گذاريندو هو ۽ ماڻهو کيس چريو سڏيندا هئا. کيس پنجويهن سالن جي عمر ۾ شادي ڪرائي وئي. شادي ڪرڻ کان پوءِ غلام حيدر فقير شر جو مريد ٿيو. مرشد کان ذڪر وٺڻ بعد هن جو قلب کلي ويو ۽ معرفت جو صاحب بڻجي ويو. ڪڏهن ڪڏهن ڪافيون يا بيت چوندو هو. پنهنجي زماني جو هڪ سنو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام ۾ دنيا جي بي ثباتي جو گهڻو ذڪر آهي. هن جي ولادت 1862ع ۾، ۽ وفات 1925ع ۾ ٿي[(2)].

**سيد عابد علي شاهه شيدا:**

هيءَ مير علي مراد خان جي مقرب خاص سيد جعفر علي شاهه جو پوٽو ۽ سيد علي حسين شاهه جو پٽ هو. پنهنجي زماني جو سنو شاعر ٿي گذريو آهي. مير علي نواز خان جو مصاحب هوندو هو ۽ سندس ئي حڪومت جي آخري ڏينهن ۾ وفات ڪيائين. سندس اردو غزل ۽ سلام، سندس پاءُ بيدل شاهه جي داماد سيد پناهه علي شاهه بڪاري وٽ محفوظ آهن[(3)].

---

[(1)] زباني احوال: غلام قادري خان، صوفي شير خان جو پڙپوٽو ساڪن گمبٽ.

[(2)] ماستر رحيم داد شر: "مبين فقير جو احوال" قلمي مسودو 1958ع.

[(3)] قلمي بياض: سيد عابد علي شاهه شيدا، مملوڪ سيد پناهه علي شاهه.

**محمد عالم احقر:**

هيءُ سنڌ جي مشهور مرثيه گو شاعر محمد عالم ڪربلائي جو پوٽو هو. سنڌي، عربي ۽ فارسي زبانن ۾ وڏي مهارت رکندو هو. پنهنجي سموري زندگي مرثيه گوئي ۽ مجلس خواني ۾ صرف ڪيائين. سيد محمد علي شاهه ٿلهي واري جو گهرو دوست هو ۽ ماتم جي مجلسن جو اهتمام ڪندو رهندو هو. سندس مرثين ۾ سوز گداز ۽ انساني جذبن جي ترجماني جا بهترين مثال ملن ٿا. هن 1921ع ۾ وفات ڪئي[1].

**محمد علي شاهه فاني:**

هيءُ اصل ۾ شيراز جو باشندو هو. هو پنهنجي وقت جو سٺو عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. شيراز ۾ سڪونت سبب پندرهن حج پورا ڪري، سير و سياحت ڪندو اچي لاهور ۾ فتح خان قزلباش وٽ رهيو. ڪجهه وقت اتي رهڻ کان پوءِ خيرپور آيو ۽ مير علي مراد خان سان ملي هتي رهي پيو. مير صاحب سندس وڏي عزت ڪندو هو. مير علي مراد خان کان پوءِ مير علي نواز خان جي ڏينهن تائين سڀني ميرن جو مصاحب ٿي رهيو. سمورا مير سندس قدر ڪندا هئا. ميرن جي تجهيز ۽ تدفين جو ڪم هن جي حوالي هوندو هو. مير امام بخش خان جي ڏينهن ۾ هو انگريزي تعليم ڏيڻ لاءِ استاد مقرر ٿيو. هو هڪ وڏو حاضر جواب ۽ اعليٰ درجي جو شاعر ٿي گذريو آهي. فارسي غزل، قصيدي ۽ سلام تي وڏي دسترس هوندي هيس. هن وقت سندس ڏوهٽو سيد محمد عليٰ شاهه ثاني ڪوٽڏيجي ۾ ميڊيڪل آفيسر آهي[2].

**حاجي محمد مفتون:**

هيءُ قوم جو سمون هو ۽ سيد علي حسين شاهه جو مصاحب خاص هوندو هو. اهلبيت جي مصائب جون مجلسون پڙهندو هو. فارسي زبان جو سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. مخدوم الله بخش عاصي ۽ سيد محمد علي شاهه ثاني جو دوست هوندو هو. سندس غزل، قصيدا ۽ سلام پختا ۽ اعليٰ درجي جا آهن[3].

**حاجي محمد حداد:**

هيءُ رياست خيرپور جي تيورا خاندان مان هو. سندس ولادت 1851ع ۾ ۽ وفات 1911ع ۾ ٿي. هو رياست جي توپخاني جو منتظم هوندو هو ۽ ماتم جي مجلسن ۾ سوز خواني ڪندو هو. هو هڪ سٺو اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس مرثين ۾

---

[1] محمد علي حداد: "خيرپور جي شاعرن جي مرثيه گوئي"، حوالو ڏنل آهي، ص 7.
[2] زباني احوال: سيد محمد علي شاهه ثاني، ساڪن ڪوٽڏيجي.
[3] زباني احوال: الطاف حسين سمون، هيلٿ انسپيڪٽر، خيرپور.

رواني ۽ رنگيني آهي. سندس تصنيفن مان قرآن شريف جو ترجمو چار درويش جو قصو ۽ مرثين جا بياض آهن. هو سنڌي سان گڏ اردو ۾ بہ مرثيا چوندو هو[1].

**علي بخش شر:**

هيءُ غلام رسول شر جو فرزند هو. سندس ڳوٺ جنگو خان شر آهي. هن جي حياتي جو گھڻو عرصو عالمن جي صحبت ۾ گذريو. سندس ڪلام مان مداحون ۽ مولود مشهور آهن. هن 1930ع ۾ وفات ڪئي[2].

**سيد عبدالله شاھ فتاحي:**

هيءُ سيد عبدالفتاح شاھ جو فرزند هو ۽ ڳوٺ احمد پور تعلقي خيرپور ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم اڳڙن جي ڳوٺ ۾ ورتائين. پوءِ مختلف مدرسن ۾ تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل مولوي ٿيو. ناز هاءِ اسڪول خيرپور ۾ عربي جو استاد هوندو هو. ڪوٽ مير محمد خان جي ڳوٺ ۾ حرن جي هٿان شهيد ٿيو. سندس وفات جو سال 1935ع آهي[3].

هو مولود جي سٺن شاعرن مان هڪ هو ۽ شوق تخلص ڪندو هو.

**واڌل فقير:**

هيءُ ذات جو ميراسي هو ۽ خيرپور ۾ رهندو هو. کيس موسيقي جي علم ۾ وڏي مهارت هئي. ڪافي ۽ بيت جو سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. ڪجھ نوحا ۽ زاريون بہ چيون اٿس. سندس ولادت 1850ع ۾ ۽ وفات 1917ع ۾ ٿي[4].

**سيد ڇتن شاھ:**

خيرپور جي ڪافي گو شاعرن ۾ سيد ڇتن شاھ کي ڇڱي حيثيت هوندي هئي. هو سرائي گنھور خان جي پاڙي ۾ رهندو هو ۽ خيرپور جي ماتمي مجلسن جو اهتمام ڪندو هو. ڪافي سان گڏ مرثئي ۽ سلام تي بہ ڇڱي دسترس رکندو هو. الهرکيو ڪوڪر ۽ پيرل قلپوٽو سندس گھاٽن دوستن مان هئا. وقت جا حاڪم بہ کيس تمام سٺي نظر سان ڏسندا هئا. هن جي ولادت 1870ع ۾ ۽ وفات 1920ع ۾ ٿي[5].

---

(1) محمد علي جواد: "خيرپور جي شاعرن جي مرثيہ گوئي" حوالو ڏنل آهي، ص 69

(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "مولود" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1961ع، ص 258

(3) زباني احوال: سرائي محمد موسيٰ خان ڏيسي، ساڪن ڳوٺ مڏ.

(4) محمد علي حداد: "خيرپور جي شاعرن جي مرثيہ گوئي" حوالو ڏنل آهي، ص 83.

(5) ايضاً: ص 79.

**پيرل فقير:**

پيرل فقير ولد بچو خان ڦلپوٽو هڪ وڏو ڪافي گو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس وڏا خيرپور جا وڏا ياڳيا ليکيا ويندا هئا. هنن کيس اسڪول ۾ ويهارڻ جي بدران مال چارڻ ۾ مشغول رکيو هو پنهنجو ۽ شهر جي ميرن جو مال چاريندو هو. جڏهن وڏو ٿيو تڏهن سندس شرافت ۽ ذهانت کان متاثر ٿي مير غلام حسين خان ٽالپر کيس پاڻ وٽ نوڪر ڪري رکيو. سندس طبيعت ننڍپڻ کان وٺي مجاز ڏانهن مائل هوندي هئي. اڳ ۾ هڪ هندو عورت عيني سان سندس عين اٽڪيا. پر ٿورڙي عرصي اندر سندس دل اتان کڃي هڪ تمام اهنجي جاءِ تي وڃي لڙي. اها ميهار جي سهڻي، ڪنيارڻ نه. پر هڪ وڏي گهراڻي جي پرده نشين عورت هئي، جنهن جي عشق ۾ سندس اندر جا پردا کلي پيا، ۽ هڪ اعليٰ درجي جو شاعر بڻجي پيو. سندس هرهڪ شعر سوز ۽ گداز جو ڀنڊار آهي ۽ سندس ڪلام دک ۽ درد جي پڪار آهي. هو چتن شاهه ۽ الهرکئي ڪوکر جو گهاٽو دوست هو. هن سٺ ورهين جي ڄمار ۾ 1920ع ۾ وفات ڪئي[1].

**رازق ڏنو وندبير:**

هو ذات جو وندبير هو ۽ راڻيپور جي ڀرسان وندبيرن جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. ابتدا ۾ هڪ ڪٽر ملا هوندو هو. هڪ دفعي صوبي ديري ۾ هڪ ماتمي جلوس ڏسندي متس حال پئجي ويو. ان ڏينهن کان وٺي مرڻ جي گهڙي تائين ڪاري لباس ۾ رهيو ۽ ڪنهن سان به مذهبي چيڙ چاڙ ڪانه ڪيائين. هٿ ٻڌي نماز پڙهندو هو. رمضان جا سمورا روزا رکندو هو. جيڪڏهن سندس آڏو اهلبيت جو نالو وٺبو هو ته زار و راز روئيندو هو. اهلبيت جي حب سندس ڪلام جو مرڪزي خيال هوندو هو. سندس سارو ڪلام اهلبيت جي شان ۾ آهي ۽ سنڌي بيتن ۾ آهي[2].

**الهرکيو ڪوکر:**

هيءُ خيرپور شهر جي ڀرسان ڪوکرن جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. ڪافي ۽ بيت جو سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام ۾ سڪ ۽ سوز جي اپٽار ٿيل آهي[3].

**خدا بخش ڪمتر:**

هيءُ حاجي محمد حداد جو پٽ هو ۽ پيءُ جي وفات کان پوءِ رياست جي توپخاني جو منتظم بڻيو. هيءُ به مرثيه گو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ولادت

---

[1] زباني احوال: ڳهٽو فقير ڦلپوٽو ساڪن ڏانورو، تعلقو خيرپور.

[2] محمد علي حداد: "خيرپور جي شاعرن جي مرثيه گوئي،" حوالو ڏنل آهي. ص 81.

[3] وڏن کان ٻڌل روايت: اميد علي خان، اميد خيرپوري.

1889ع ۾ وفات 1929ع ۾ ٿي. کيس رمل جي علم ۾ بہ چڱي مهارت هئي[1].

**انور علي انور:**

هو خيرپور جي بچل شاهہ واري پاڙي جي پٺاڻن مان هو ۽ ڪرم علي خان جو فرزند هو. سندس وڏا ديري غازي خان لڏي اچي خيرپور ۾ ويٺا ۽ سوناڪو ڌنڌو شروع ڪيائون. انور علي خان انگريزي ڇهين درجي تائين تعليم ورتي. عربي ۽ فارسي زبانن ۾ بہ چڱو مطالعو ڪيائين. هو غزل، ڪافي ۽ مرثيي جو سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ولادت 1919ع ۾ ۽ وفات 1937ع ۾ ٿي[2].

**سيد غلام شاهہ:**

هيءُ اصل ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي هنڙي نالي ڳوٺ جو ويٺل هو. پنهنجي وقت جو وڏو ڳائڻو ٿي گذريو آهي. مير علي مراد خان کيس هگورجن جي پرسان ڪجهہ زمين ڏيئي رهائي ڇڏيو جتي اڄ ڪلهہ سندس اولاد رهي ٿو. هو بيت ۽ ڪافي جو سٺو شاعر هوندو هو. سندس ڪلام سوز ۽ گداز سان پريل آهي[3].

**آخوند آگيڏنو:**

هيءُ ذات جو لوهر ۽ گمبٽ جي ويڇرن واري پاڙي جو ويٺل هو. عربي ۽ فارسي زبانن تي وڏي دسترس رکندڙ هو. اڳ ۾ گمبٽ جي پير شمس الدين شاهہ جو درباري شاعر هو ۽ پوءِ مير علي مراد خان وٽ آيو. مير صاحب جي شان ۾ ڪافي قصيدا چيائين ۽ ڍهرا دان حاصل ڪيائين. مير علي مراد خان جي وفات ڪان پوءِ مير فيض محمد خان جو استاد بڻيو. مير صاحب وٽ وڏي عزت هوندي هيس. هو فارسي ۾ عشاق تخلص ڪندو هو. سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام ۾ پنهنجو نالو استعمال ڪندو هو. سندس تصنيفات مان بياض، قصائد، ديوان عشاق، ڪافين ۽ بيتن جو رسالو ۽ هڪ مثنوي "درهجو جولاهان" مشهور آهن[4].

**الهيار فقير:**

هو قلندر بخش خان مري بلوچ جو فرزند هو ۽ ٽنڊي نظر علي خان جو ويٺل هو. هو سنڌي جا پنج درجا ۽ فارسي ڪريما تائين پڙهيو پوءِ تعليم ڇڏي ڏنائين. سنڌي، اردو ۽ فارسي ڪتابن جو مطالعو ڪري پنهنجي تعليمي لياقت وڌايائين.

---

[1] محمد علي حداد: "خيرپور جي شاعرن جي مرثيہ گوئي"، حوالو ڏنل آهي، ص 76.
[2] حاجي محمد حداد: "خيرپور جي ادبي تاريخ" ايم اي جو مونوگراف، 1962ع، ص 232.
[3] ماستر قربان علي: "فقيرن جو ڪلام" قلمي بياض، 1948ع
[4] زباني روايت: مسٽر مولا بخش خان لوهر XEN، ساڪن گمبٽ

ڪيس جواني جي عمر ۾ مجاز جي چوٽ آئي، جنهن جي نتيجي ۾ شاعر بڻجي ويو. سندس ڪافين ۾ حسن ۽ عشق جي جذبات جي ترجماني ٿيل آهي. سندس بيتن ۾ دکيءَ دل جون دانهون داخل آهن. هن ستر پنجهتر سالن جي عمر ۾ 1961ع ۾ وفات ڪئي[1].

**حافظ محمد اسلم:**

هيءُ حافظ محمد اڪرم مهيسر جو فرزند هو ۽ رفيق مهيسر جي ڳوٺ جو هو. ڪچهرين جو ڪوڏيو ۽ مجلسن جو مور هوندو هو. محبت ۽ خلوص جي هڪ جيئري جاڳندي تصوير هوندو هو. وڏو هردلعزيز، مهمان نواز ۽ وڏين خوبين جو مالڪ ٿي گذريو آهي. شاعري ۾ سندس استاد سنڌ جو مشهور شاعر ميان علي محمد قادري هو. سندس ولادت 1899ع ۾ ۽ وفات 1955ع ۾ ٿي[2].

**عبدالڪريم خان ڪرل:**

هيءُ محمد صالح خان ڪرل جو وڏو فرزند هو. سندس والد هڪ غريب ۽ شريف ماڻهو هو. پنهنجي پٽ کي سنڌي ۽ فارسي جي تعليم ڏياريائين. عبدالڪريم خان پاڻ انگريزي نہ پڙهيو پر پنهنجي ننڍي ڀاءُ عبدالرحيم خان کي پڙهايائين، جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيو هو. عبدالڪريم خان پاڻ جوڊيشل منشي ٿي رهيو. نوڪري جي دوران ڪافي زمين خريد ڪيائين. هن سرڪاري نوڪري سان گڏ ادبي ڪتابن جو مطالعو جاري رکيو ۽ هڪ سٺو اديب بڻجي ويو. سنڌ جي فارسي شاعرن جو ڪلام مرتب ڪيائين. ڪڏهن ڪڏهن شعر بہ چوندو هو. مير علي نواز خان سان گهاٽا تعلقات هيس. سندس ولادت 1889ع ۾ ٿي ۽ وفات 29 سيپٽمبر 1959ع تي ڪيائين. هن وقت سندس وڏو فرزند نسيم ڪرل هڪ سٺو افسانہ نگار آهي[3].

---

[1] اميد علي خان اميد، خيرپوري: "بزرگ شاعرن جو احوال" قلمي مسودو 1974ع.
[2] زباني احوال: خان محمد خان مهيسر: ساڪن ڳوٺ رفيق مهيسر ۽ ذاتي مشاهدو.
[3] زباني احوال: نسيم ڪرل، ساڪن خيرپور.

# ميرن جا شجرا

1. شهداد بن هوتڪ، بن سليمان عرف ڪڪو بن شاهو بن بجار، بن دره، بن فولاد، بن محميد، بن بجير، بن پنون، بن حسين، بن عيسيٰ، بن رباهه، بن بادل، بن ثوت، بن اسماعيل، بن عالي، بن هوت، بن جلال[1].
2. شهداد بن هوتڪ، بن سليمان عرف ڪڪو بن شاهو بن بجار بن زنگي، بن بجار بن شهداد عرف شدو بن فولاد، بن محميد، بن ميرڻ، بن حسين، بن اسماعيل، بن عالي، بن عبدالله عرف عبدو بن هوت، بن جلال[2].
3. سليمان عرف ڪڪو، بن شاهو بن بجار بن زنگي، بن بجير، بن بيزن، بن مير وڏو بن رواح، بن خواهه، بن عيسيٰ، بن ابراهيم، بن هوت، بن جلال بلوچ، بن فولات، بن نوز بندغ، بن نوز فلاح، بن مطلب، بن ماده، بن امير حمزه، بن عبدالمطلب[3].
4. دوست محمد بن وليداد، بن محمد حسن، بن رستم، بن سهراب، بن چاڪر، بن شهداد، بن هوتڪ، بن ڪڪو بن شاهو بن بجار بن زنگي، بن بجر، بن بده، بن فولاد، بن محميد، بن بجير، بن بيزن، بن حسين، بن اسماعيل، بن عالي، بن عبدو بن هوت، بن جلال، بن هارون، بن سليمان، بن مندوڪ، بن زبرڪش، بن لولاڪ، بن ارڪون، بن نريمان، بن نورالريحان، بن وقان، بن بلوچ، بن حمزه، بن عبدالمطلب[4].
5. غلام حيدر بن محمد خان، بن غلام حيدر بن سهراب، بن چاڪر، بن شهداد، بن هوتڪ، بن ڪڪو بن شاهو بن بجار بن زنگي، بن بجر، بن بڍو بن فولاد، بن محميد، بن بجير، بن بيزن، بن حسين، بن اسماعيل، بن عالي، بن عبدو بن هوت، بن جلال، بن هارون، بن سليمان، بن مندوڪ، بن زبرڪش، بن لولاڪ، بن ارڪوان، بن

---

[1] نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر، "ڪليات سانگي"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

[2] ايضاً.

[3] غلام مرتضيٰ شاهه مرتضائي: "سنڌي يوسف زليخا"، حوالو ڏنل آهي ص 609.

[4] بياض مير دوست محمد خان ٽالپر، ساڪن ٽنڊو علي آباد.

نريمان، بن نورالريحان، بن وقان، بن بلوچ، بن حمزه، بن عبدالمطلب[1].

6. هوتڪ، بن ڪڪو بن شاهو بن بجار بن زنگي، بن بجار بن بيزن، بن مير وڏو بن رواح ، بن خواهہ بن عيسيٰ، بن ابراهيم، بن هوت، بن جلال[2].
7. ڪڪو بن شاهو بن بجار بن زنگي، بن بجار بن شداد، بن فولاد، بن ممدو بن ميرڻ، بن غلام حسين، بن اسماعيل، بن عالي، بن عبدو بن هوت، بن جلال[3].
8. ڪڪو بن شاهو بن بجار بن زنگي، بن بجار بن بيزن، بن مير وڏو بن رواح، بن خواهہ بن عيسيٰ، بن ابراهيم، بن هوت، بن جلال[4].
9. خان محمد بن غلام رضا، بن غلام حسين، بن جان محمد، بن علي مراد، بن سهراب، بن چاڪر، بن شهداد، بن هوتڪ، بن ڪڪو بن شاهو بن بجار بن وده، بن فولاد، بن محميد، بن بچہ، بن بيزن، بن حسين، بن عيسيٰ، بن رباهہ، بن بادل، بن نوت، بن اسماعيل، بن عالي، بن هوت، بن جلال، بن هارون بن سليمان، بن نوزبنده، بن عبدالله، بن حنان، بن زبير، بن بلوچ، بن بديع الزمان، بن امير حمزه، بن عبدالمطلب[5]
10. نجف علي، بن علي اڪبر، بن رستم، بن سهراب ، بن چاڪر، بن شهداد، بن هوتڪ، بن ڪڪو بن شاهو بن تالهو بن بجر، بن زنگي، بن بجار بن شدو بن فولاد، بن محميد، بن ميرڻ، بن چاڪر، بن غلام حسين بن اسماعيل، بن عالي، بن عبدالله، بن هوت، بن جلال، بن هارون، بن سليمان، بن مدو بن زبرڪش، بن لولاڪ، بن ارڪوان، بن نور الله بن بديع الزمان، بن امير حمزه[6].
11. نظير حسين بن الهڏتو بن الاهي بخش، بن لطف علي، بن الهڏتو بن محمد خان، بن سليمان ، چاڪر، بن شهداد، بن هوتڪ، بن ڪڪو، بن شاهو بن بجار بن زنگي، بن بجير، بن بيزن، بن مير وڏو بن رواح، بن خواهہ بن عيسيٰ، ين ابراهيم، بن هوت، بن جلال، بن بلوچ خان[7].
12. حسين بخش بن بلوچ خان، بن حسين بخش، بن بلوچ، بن اسماعيل، ين محمد علي، بن بلوچ بن مڪرم، بن بهادر بن مراد، بن خداداد، بن چوتل، بن هليل، بن الهداد، بن راهين، بن مبارڪ، بن بجار بن فولاد، بن محميد، بن يڏو بن بيزن، بن

---

[1] بياض: مير حسين بخش خان تالپر، عرف مير شمن، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.
[2] محمد حنيف، مهر: "تاريخ ماڙڪاڻي مير" حوالو ڏنل آهي، ص 6 ۽ 7.
[3] قلمي بياض: مولانا نور احمد خان فريدي، ساڪن ملتان.
[4] ايضاً.
[5] قلمي بياض: مير خان محمد خان تالپر مرحوم، ساڪن خيرپور ميرس.
[6] قلمي بياض: مير فدا حسين تالپر، ساڪن ڳوٺ منگهن واري.
[7] خانداني شجرو: مير الاهي بخش خان عرف مير نظير حسين خان ساڪن نواب شاهہ

حسين بن علي بن اسماعيل، بن عالي، بن عبدو بن هوت، بن جلال [1].

13. خان محمد بن محمود بن يار محمد بن آدم ، بن الهداد، بن عالم ، بن روشن، بن بهادر، بن مراد، بن خداداد، بن چوئل، بن هليل، بن الهداد، بن راهين، بن مبارڪ، بن بجار بن فولاد، بن محميد، بن بجار، بن ڀڏو بن بيزڻ بن حسين بن علي، بن عبدو بن هوت، بن جلال [2].

14. لعل بخش بن مير محمد، بن جلال، بن شير خان، بن نهال، بن بخت علي، بن عنايت علي، بن دادو، بن مسو بن ٽنگو، بن گبر، بن تالو بن زنگي، بن بجر، بن وڏل، بن محمد خان، بن پيروز بن بجير، بن دلڪ ملڪ، بن چنرو بن اسماعيل، بن عالي، بن هوت، بن جلال [3].

## مير ڪڪي خان جي اولاد جو شجرو







---

[1] خانداني شجرو مير حبيب بخش ٽالپر، ساڪن ڳوٺ حسين آباد تعلقو ڪوٽڏيجي.

[2] خانداني شجرو: مير خان محمد ٽالپر، ساڪن ٽنڊو جان محمد خان

[3] خانداني شجرو: مير لعل بخش خان ٽالپر، ساڪن ڳوٺ ٽالپر وڏا.

[1] مير ڪڪي خان جي پٽ هوتڪ خان جي اولاد مان خيرپور ۽ حيدرآباد جا حڪمران ٿيا ۽ ماڻڪ جي اولاد مان ميرپورخاص جا حڪمران بڻيا.

[2] مير چاڪر خان جي اولاد خيرپور ۾ حڪومت ڪئي.

[3] ميربهرام خان جي اولاد حيدرآباد ۾ حڪومت ڪئي.

[۴] خيرپور جي حڪومت جو باني.

# مير سهراب خان جي اولاد جو شجرو




(1) خانداني شجرو: مملوڪ مير نظير حسين خان، ساڪن، نواب شاهه

**امام بخش خان بن محمد حسن خان بن رستم خان اول:**




**مير غلام نبي خان ولد مير امام بخش خان ثاني:**



**مير لطف حسين خان ولد مير امام بخش خان ثاني:**

- نياز حسين
  - علي حيدر
    - مظهر علي
    - مداح حسين
    - بشارت حسين
  - لطف حسين
    - اقبال حسين
    - اعجاز حسين
  - عاشق حسين
    - اختر حسين
    - صدر حسين
    - ساجد حسين
  - الطاف حسين

**مير مريد حيدر خان ولد مير امام بخش خان ثاني:**

- محمد بخش خان
  - شوق حسين
  - مريد حيدر

**مير سهراب خان ثاني مسڪين ولد مير محمد حسن خان اول:**

- علي حسين
- فضل حسين
  - بنده حسين
  - غلام عباس
    - ناظر حسين
    - فضل حسين
  - ڪرم حسين

**مير وليداد خان ولد مير محمد حسن خان اول:**




**مير خير محمد خان ولد مير حسن خان اول:**




**مير احمد خان ولد مير محمد حسن خان اول:**




**مير علي اكبر خان ولد مير رستم خان اول:**



**غلام شاه ولد مير علي اڪبر خان:**




**مير علي گوهر خان ولد مير علي اڪبر خان اول:**




**مير نجف علي خان ولد مير علي اڪبر خان اول:**



**مير حيدر علي خان ولد مير علي اڪبر خان اول:**

- تراب علي
  - امداد علي
    - حيدر علي

**مير تراب علي خان ولد مير علي اڪبر خان اول:**

- محسن علي
  - تراب علي
    - امداد علي
      - تراب علي
      - لطف علي

**مير عبدالقادر خان ولد اڪبر خان اول:**

- عبدالقدوس
- عبدالفتاح
  - امام ڏنو
  - الهبچايو

**مير ذوالفقار علي خان ولد مير علي اڪبر خان اول:**

- غلام علي

**مير علي مردان خان ولد مير رستم خان اول:**

- محراب خان (لاولد)
- خداداد خان (لاولد)
- مظفر علي خان(لاولد)

**مير غلام محمد خان ولد مير رستم خان اول:**




## مير غلام حيدر خان ولد مير سهراب خان جو شجرو

**مير غلام حيدر خان اول:**




مير غلام حيدر خان ثاني
محمد خان ثاني
راض محمد
حسين بخش
صوبدار
امداد حسين
فتح محمد (لاولد)
غلام حيدر (لاولد)
غلام جعفر
غلام اڪبر (لاولد)
علي ڏنو (لاولد)
بهرام (لاولد)
رحم علي (لاولد)
ڪرم علي
بهرام (لاولد)
غلام حيدر
محمد خان
فتح محمد
غلام محمد
راض محمد
حسين بخش
مشتاق حسين(لاولد)
اشفاق حسين
علي ڏنو
غلام عباس
سبحان علي
اعجاز علي
قنبر علي
غلام جعفر
صوبدار
چاڪر
پرويز
رياض حسين
منير حسين
امتياز حسين

**مير عباس علي خان ولد مير محمد خان اول**




**مير حسن علي خان ولد مير محمد خان اول:**



**مير فضل علي خان مير محمد خان اول:**




**مير شير علي خان ولد مير محمد خان اول:**




**مير علي حيدر خان ولد مير محمد خان اول:**




**مير احمد خان وڏو ولد مير غلام حيدر خان اول:**



**مير محمد باقر ولد مير احمد خان وڏو**




**مير سلطان علي خان ولد مير احمد خان وڏو:**




**مير غلام مصطفيٰ خان ولد مير غلام حيدرخان اول:**



**مير حبيب الله خان ولد مير غلام مصطفيٰ خان:**




**مير ڪريم بخش خان ولد مير غلام مصطفيٰ خان:**



## مير قادر بخش ولد مير غلام مصطفيٰ خان




## مير مبارڪ خان ولد مير سهراب خان جو شجرو



## مير فضل محمد خان ولد مير مبارڪ خان




## ميرولي محمد خان ولد مير مبارڪ خان:



## مير چاڪر خان ولد مير سهراب خان جو شجرو




## مير علي مراد خان ولد مير سهراب خان جو شجرو



## مير فيض محمد خان ولد مير علي مراد خان:




## مير جان محمد خان ولد مير علي مراد خان:



# ميرن جي ڪلام جو انتخاب

**مير سهراب خان اول:**

من باد شماليم وزيدم همہ کس را،
من گرگ درنديم دريدم همہ کس را. [1]

**مير رستم خان:**

(ڪافي)
ساھ سڪي دل ساري، ويو ماري مچ ٻاري،
ڏسي ڏسي توکي سڄڻا،
آب اکين ڏنو هاري،
الله آڻينديئي سڄڻا،
تين واڌايون ناري،
رستم کي راضي ڪري،
ويھ اچي پرين پاڙي. [2]

**مير حمزو خان ٽالپر:**

(رباعي)
يا شير حق بن داد من مبتلا برس،
يعني بن اين ستم کش درد آشنا برس،
چون مي رسي بداد محبان بہ روز حشر،
من هم سگ توايم بہ فرياد ما برس. [3]

---

[1] خداداد خان خانبهادر: "لب تاريخ سنڌ." حوالو ڏنل آهي.
[2] بياض: الهڏنو خان بگٽي بلوچ، ساڪن ڪوٽڏيجي.
[3] قلمي بياض: مرزا عباس علي بيگ مستري، ساڪن ٽنڊو آغا، حيدرآباد سنڌ.

**مير مبارڪ خان ٽالپر:**

(غزل)

از درد دلارام روان اشک چو زاله،
و ز خون جگر جان بصد داغ چو لاله.
کي سرو بقامت صنما همسري آرد،
و ز چشم تو شرمنده شده آهوئي غزاله.
اي حسن تو چون يوسف مشهور به عالم،
اين خط به رخت گرد که چون ماهِ به هالا.
اي دوست چرا در بر مشتاق نيائي،
کي گنجد مابين تو من حرف دلاله.
از درد فراق تو شکايت به که گويم،
و از جور کنم هردم فرياد به ناله.
باشد که بر آري ز رخت پرده دلارا،
اين است غذا ديدن دلدار نوالا.
گردن چمن آئي ز شبستان قدم کش،
از پرده برون افتد صد گل ز کلاله.
صد شکر مبارک که شهي خالق رزاق،
بر شاه نجف قسمت تو کرد حواله.[1]

**مير محمد حسن خان ولد مير رستم خان اول:**

روئي چون صبح تو پر نور قمر مي خندد،
لب شيرين تو بر تنک شکر مي خندد.
گاه گاهي که تبسم کند آن داني چيست،
درج ياقوت که بر لعل گهر مي خندد.[2]

---------

مرا مرگ بهتر ازين زندگي،
که سالار باشم کنم بندگي.[3]

---

[1] محمد ابراهيم فاروقي: "ديوان عجائب" مملوڪ محمد اشرف فاروقي ساڪن ڳوٺ درازا.
[2] محمد ابراهيم فاروقي: "ديوان عجائب" حوالو ڏنل آهي.
[3] زباني روايت: مير محمد حسن خان جو پڙپوٽو مير فدا حسين خان.

**مير شاهنواز خان آشفته:**

**(غزل)**

جان فدائي قدم سيد اقرار ڪنم،
دل خود خرم با حيدر ڪرار ڪنم.
جام را پر ز مئي ساقي سرشار ڪنم،
اولاد وعده وفا بر همين اقرار ڪنم.
هست اميد به درگاه خداوند ڪريم،
ڪه محبان علي را به علي بار ڪنم.
داغهائي غم حسنين مرا باغ بس است،
حاش لله ڪه نگاهي سوئي گلزار ڪنم.
هست خورشيد مرا ياد رخ دوست ازان،
ذره درد دل خويشتن اظّهار ڪنم.
دوستان را دل خورم چون گلستان باشد،
ديده دشمن بد بين پر از خار ڪنم.
گرچه آشفته دلم از غم دوران گرديد،
بخت بيدار خود از دولت ديدار ڪنم.[1]

---

**مير خدا بخش خان ضيا**

الهي ابر نيسان ساز ڪلڪ در فشانم را،
ضيائي معرفت ده از ڪرم برق زبانم را.[2]

**مير فيض محمد خان عاجز**

**(ڪافي)**

سگهو ايندو قاصد يار جو مون ڏي موڙي مهارون
پاڇهئون ڪيچ ڏٺين جي،
ڪير لهندو سارون.
ساعت ساعت سڪ مئون،
روح ڦٿي ٿيو ڦارون.

---

[1] قلمي بياض: مير علي محمد خان، مملوڪ مير ولي داد خان ٽالپر، ساڪن ٽنڊو علي آباد.
[2] قلمي بياض: مير خير محمد خان ضيا، مملوڪ مير غلام علي خان، ساڪن ڳوٺ صوپوديرو.

ڪاهي رسان ڪيچ ۾،
سڱان توڙن تنوارون.
عاجز ڏونگر ڏک مئون،
ڪنـدا آجـو آزارئـون[1].

**مير خيرمحمد خان ضيا**

(غزل)

اي شاه نيک سيرت چندين حجاب چيست،
اي يار حال محرم بر رخ نقاب چيست.
اي شوخ شہ ستمگر ترس از وهاب کن،
بر جان خستہ عاشق چندان عذاب چيست.
خواهد بہ روز محشر دادم خدا نہ تو
اي شاه جسم و جان را کردن کباب چيست.
با الف قامت تو سهي سرو خود نيايد،
در نازکي ز بدنت آن گل گلاب چيست.
چون من دگر نيابي بيدل بدل صداقت،
در راه عشقبازي شيخ و شباب چيست.
ديدم از دريچہ ناگاه روئي دلبر،
مهتاب خوشہ چين و ضيا آفتاب چيست[2].

**مير نثار حسين خان نثار**

(ڪافي)

نينهن مڙوئي نور، ماڳ متيءَ تي ان جو ناهي.
ذات ۾ آهي ذات سمايل، آهي صفت کان دور.
ناهي خبر اهو اصلي ڇاهي.
حال حلاجي جنهن جو آهي، سوئي ٿيو منظور،
قرب ۾ آيو ڪامل ڪاهي.
نينهن نثار نهوڙي نيهي، محب ڪري مسرور،
سوز وارن کي ٻيڻو ساهي[3].

---

[1] قلمي بياض: مير احمد علي خان، مملوڪ مير حاجي غلام حسين خان، ساڪن ڪوٽڏيجي.
[2] قلمي بياض: مير خير محمد خان ضيا، مملوڪ مير غلام علي خان، ساڪن ڳوٺ صوبو ديرو.
[3] قلمي بياض: مير نثار حسين خان نثار، مملوڪ مير وليداد خان، ساڪن ٽنڊو علي آباد.

**مير غلام حسن خان، احسن**

من ڪہ هستم خاڪپائي ڪاروان حريت،
دشمن آل محمد ﷺ را بہ زندان افگنم.
بہ ڪيف جام وحدت روح چون مخموري باشد،
ز حب احمد و حيدر دلم معمور مي باشد.

---

نام جس چيز ڪا زمانہ هي، بي ثباتي ڪا ڪارخانہ هي،
دم هي گويا مثال آب روان، ادهر آيا ادهر روانہ هي
هي وجود حباب سي ظاهر، زندگي موت ڪا خزانہ هي
فرش ماتم زمين هي زير فلڪ، ماتمي جسڪا شاميانہ هي
وه بهي سبزه وار بيگانہ، جو هزارون مين يان يگانہ هي
سب فنا هين سوائي ذات خدا، بات هي اور عارفانہ هي
فرصت مستعار و قصۂ عمر، وقت ڪم اور بڙا فسانہ هي
زندگی هی فنا کی هی تعبير، يہ تو مرنی ڪا اک بهانا هی
برق خرمن ڪي چشمگين "احسن"
بجليان هين اور آشيانہ هي[1].

**مير غلام محمد خان:**

(ڪافيون)

لنگهي ويا لڪن مئون سورن جا ساٿي الا.
1ـ راهي روح روان ٿيا، چڙهي ويا چاٽي الا.
2ـ وڏي ٿي تہ وجود ڪي، قربن جي ڪاتي الا.
3ـ وڏا توڙ تڪر جا، هيبت جا هاٿي الا.
4ـ آءٌ بہ ويندس اوڏهين، واچوڙي واٽي الا.
5ـ غلام محمد پرين جي جوءِ پڇي جاٿي الا.

---

[1] نسيم امروهوي: "تاريخ خيرپور" مرانہ ستک پريس، خيرپور 1958ع ص 187 ـ 188

(2)

ســـــاڻ ڏٺـــــي سردار لنگهائيج مون:

1ـ ورهـــن ويـــڙهـــي آهـيان، اٿم عشق اپار.

2ـ ور تون وسيلا سپرين، تـي اڙيل جي آڌار.

3ـ رليءَ جـي روهن ۾، سگهي لهج سنيار.

4ـ غـــلام مـحمد جا غمڙا، علي پاڻ اتار.[1]

**مير لطف علي فقير:**

**(ڪافيون)**

(1)

لوئي ڪندس لال، ويندس ويڙهيچن ڏي

1ـ اُتا مـيـنـهـن ملير تي، مـــارن ڪـــاهيا مـــال.

2ـ پرينءَ ري پرديس ۾، هـيـٺـو مـئي جـو حال.

3ـ ڏسان شال اکين سين، پکـــا پيهيون پـــال.

4ـ لـهندا شال لطف جي، ســانـگـيـئـڙا سـنـيـال.

(2)

ويهي ڪٿن وسارياں، مارو منجهه ملير.

ڪڍ بندياڻي بند مان، جٺري لهه زنجير.

پٽ پهريندس ڪين ڪي، لوئي اباڻي لير.

اٿا مينهن ملير تي، سرهو ٿيم سرير.

لطف اباڻن جی، انـدر منـجـهه اڪـير.[2]

**مير محب علي خان ٽالپر:**

1 کنم توصيف خداوند خود ثنائی خالق اکبر،
دهد روزي ضعيفان را بهر دم ايزدي داور.

2 بہ حکم کن هويدا شد همہ خلقت وجود آمد،
صد و صد شکر کن اي دل کہ داري دين پيغمبر.

---

[1] بياض: مير غلام محمد فقير، مملوڪ مير لعل بخش خان ٽالپر، ساڪن ڳوٺ ٽالپر وڏا.

[2] لعل بخش خان ٽالپر: "بياض لطف قلمي" 1958ع

3 اگر عصيان ميداري بکن توبہ شوي آزاد،
طفيل پنجتن بخشد کہ هست آن بنده پرور.
4 نمايان شد کہ هفت آسمان همہ آن بی ستون هستند،
و هر مخلوق انس و جن ملک حور و پري پيکر.
5 ببين قدرت الهی را ه، خوش حال می باشد،
ملخ مورو بحر کوه زمين و يا زمان اکثر.
6 مگر انسان بهتر شد کہ در خلقت بہ مهر او
کہ نور مصطفیٰ بيشک خدائی نور اين گوهر.
7 کہ اي محب علی شب روز هزارين حمد کن رازق،
وگـــر عـــزم شفا داري بگو صلوات بر حيدر.[1]

## مير محمد باقر خان، باقر:

(ڪافي)

محب منا مننار، تو لئی ماندي آهيان،
1 پلپل تنهنجا پور پون ٿا، سوز فراق جا سور اٿن ٿا،
حالت آهی زار.
2 محبت تنهنجی مچ مچايو سينی اندر سوز سمايو
ناهی وٽی هڪ وار.
3 توکی ساريان روز پڪاريان، هجر پر تولئی هنجون هاريان،
جلد لهی وج سار۔
4 جهڙو تهڙو ميرو مندو باقر آهی تنهنجو بندو
تار منجهان اچی تار.[2]

## مير زنگي خان ٽالپر:

شاه بيت بيت ربي انتخاب ام الکتاب،
مطلع ديوان احمد حسن مطلع بوتراب.
پرسيدن شکستہ دلان اهل جاه را،
نقصان عز نيست کمال سعادت است

..................

---

[1] حاشيہ بياض: مير محمد باقر خان، مملوڪ مير حسين بخش ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.
[2] ايضاً:

بادشاهان و فقيران دو گروهي عجب اند.
کــہ نبـــودنـــد و نباشند بفرمان کسي.[1]

..................

**مير علي اڪبر خان اڪبر:**

**(غزليات)**

1 ز شوق حسن تو شاعر سخنوري آموخت.
ز مهر جلوه جمال تو خاوري آموخت.
2 ولی ز مهر تو ديگر کجا رود بيرون.
کہ چشم نرگس مستی تو دلبري آموخت.
3 هزار خانہ برابر ازين جفائی تو رفت.
کدام خانہ خرابت ستمگري آموخت.
4 بہ دير بتکده افتاد باز غوغائی است.
مگر کہ دلبر من کيش کافري آموخت.
5 بنازم آن خطی همچون سحاب را جانان.
کہ آفتاب ز تو ذره پروري آموخت.
6 نگين مهر سليمان کہ بود خاتم وقت.
مگر ز لطف شفقت تو مهتري آموخت.[2]

(2)

1 زاهدان بهر خدا طعنہ زبانم مکنيد.
سخن بيهوده چنين بيامن مکنيد.
2 ما چہ دانيم ز زهد ريا اي زاهد.
ديگرم هيچ مگوئيد فسانم مکنيد.
3 از گدايان در پير مغانم زاهد.
ليک از سلک دگر هيچ طمانم مکنيد.
4 ميزنی تير ملامت تو چرا اي زاهد.
همچو انگشت نما خلق نشانم مکنيد.

---

[1] از حاشيہ تفسير فارسي، دستياب شده از ڪتبخانہ پيران گمبٹ, مملوڪہ سيد محمد شاهہ جيلاني سجاده نشين درگاهہ گمبٹ

[2] قلمي بياض: مير فدا حسين خان ٽالپر، ساڪن ڳوٺ منگهن واري

5 از رقيبان چو مخفی بہ مئخانہ رويم،
شهر آفاق بہ رسوائی جهانم مکنيد.
6 گرچہ پيريم ولی عشق جوانم کرده است،
چون فلک همچو دونا پشت کمانم مکنيد.
7 مزن آن تيغ جدائی بہ دلم اي زاهد،
بی سبب جرم خطا خون روانم مکنيد.
8 راه اين زهد کجا عاشق مستانہ کجا،
ليک از بهر خدا همچو بهانم مکنيد.
9 دلق اين بيکسی اکبر کہ بہ مئخانہ برد،
ساغر از دست مريزيد زيانم مکنيد.

(3)

1 باد خزان وزيد گلی در چمن کجا،
مانده است خار باقی سرو سمن کجا.
2 شاهہ عروس هر يک رفتند ازين جهان،
خالی شده است مجلس آن سيم تن کجا.
3 جوهر شناس نيست کسی درجهان يکی،
مرمر پسند سازند در عدن کجا.
4 اکبر خموش باش کہ بيقدر عالم است،
شيرين کجا و خسرو کجا کوهکن کجا.[1]

**مير سهراب خان ثاني مسڪين:**

**(غزليات)**

(1)

1 خدايا جوش عشقم بخش خاطر ناتوانم را،
ز سرتا پا درين دريا محيط جسمم و جانم را.
2 کہ درد عشق را درمان نمی آيد بگو ساقی،
بيا جام لبالب کن بده مئی ارغوانم را.

---

[1] شڪستہ چوپڙي (قلمي): مرحوم پير امير الدين شاهہ امير، مملوڪ پير حاجي ميرڻ شاهہ، ساڪن گمبٽ.

3 سخن را نشۀ تاثير چون نرگس غزالم ده،
معطر کن ز موج باده آن درج زبانم را.
4 ز تاريکی شب هجران رسد از هول بی پايان،
بر افروز از شراره عشق شمع استخوانم را.
5 ز بار معصيت رز طاقت طاقم مرا خالق،
بکش با عفو از مسکين همين بار گرانم را.

(2)

1 ساقيا باده لبالب کہ بجام است امشب،
راحت روح روانم کہ بکام است امشب.
2 از قدومت دل جان ديده نثارت بادا،
چونکہ ديدم رخت خواب حرام است امشب.
3 شکر الله کہ مراد دل من حاصل شد،
از کرم آن مئی مقصود بجام است امشب.
4 صحن سينۀ ما گشت درين شب روشن،
جلوه آن مهتابان بہ بام است امشب.
5 جرعۀ داد بدستم کہ بنوش اي "سهراب"،
گفت ديرينہ وفادار غلام است امشب.

(3)

1 شنو کہ ماه من امروز دلبري آموخت،
هزار بار تقاضا ستمگري آموخت.
2 فغان ز جلوه آن سيم تن نگار من،
کہ حيرت است عجب کار کافري آموخت.
3 بہ ناز هائی کرشمہ چنان وجود دلم،
بسا کرشمہ کی از حور و از پري آموخت.
4 عجب خون بہ من ناتوان زار انداخت،
کہ سحر جادوئی از کار سامري آموخت.
5 ز آتش عشقش گشتہ ام چنان بی تاب،
کہ دلربائی مسکين تو رهبري آموخت.

(4)

1 بحري است بحر عشق ڪہ آن را نہ ساحل است،
آنجا ڪہ نقد جان نثاري چو حائل است.
2 عشاق غرق ماند ز سر تا بہ پا چنان،
از ڪس خبر نيافت نہ در قصہ مائل است.
3 پير مغان است رهبر آن راه باليقين،
آشفتۂ دلم ڪہ بران راه ڪائل است.
4 دل من نظاره ديد چون آن شاه حسن را،
گفتم وصال ساز ڪہ اين جان سائل است.
5 گفتا مشو تو "سهراب" از سوز بيقرار،
واصـــل مـــنم ترا پس ناطق دلائل است.[1]

## مير علي محمد خان ولد مير مبارڪ خان:

(غزل)

1 اي نازنين سرڪش جور و جفائی چيست،
در مرگ عاشقان عمده اين رضائی چيست.
2 از تيغ ابروان تو مرا صدمہ ڪرده،
از غمزه ڪشتی تو بلا بر بلائی چيست.
3 خنجر بدست ڪرده قتلم بر آمدي،
من ڪشتہ ام ز فرقت ديگر سزائی چيست.
4 اي ماهرو بيا تو بچشمان جائی ڪن،
درآمدن بخواب ترا اقتضائی چيست.
5 خستہ شده ز دور زمانہ دلم بسی،
خوش شو علی محمد گردش سمائی چيست.[2]

---

[1] قلمي ديوان؛ مسڪين مملوڪ، مير بجر خان ٽالپر، ساڪن ڳوٺ منگهڻ واري
[2] قلمي بياض: مير علي محمد خان، مملوڪ مير وليداد خان ٽالپر، ساڪن ٽنڊو علي آباد.

**مير خداداد خان عاشق:**

**(غزل)**

1 اي شوخ چشم دلبر پرده نقاب چيست،
از عاشقان صادق بر رخ حجاب چيست.
2 از چشم پر خمار مرا کرده ذبح،
ديگر جفائی تو مزگان برمن شتاب چيست.
3 ويراق دست کرده بر من شتافتی،
اي آرزوئی تو کشتن بر اين خراب چيست.
4 اي يار تند خوئی بيا مخفلم نشين،
در وصل خستہ گان رسم و غاب چيست.
5 عاشق شده است هردم در مبتلا فراق،
بــهـر خـــدا بيا و ناحق عذاب چيست. [1]

**مير خير محمد خان ولد مير محمد حسن خان:**

**(غزليات)**

1 چشم من رنگ شفق اشک فشان می آيد،
دود آهم ز درون سينہ عيان می آيد.
2 آتش عشق درونم همہ جان را بگرفت،
بين تماشائی کہ نفسم بچسان می آيد.
3 من چو يعقوب شدم ديده سفيد از هجرت،
نعره فرياد فراقت ز زبان می آيد.
4 همچو موسیٰ بہ تمنائی لقائی ارنی،
بهر ديدار تو هر طرف جهان می آيد.
5 خوبی حسن تو چون شمس بهر جا روشن،
تير مزگان از ابرو بہ نهان می آيد.
6 نيست کس واقف اين رمزکہ حالم داند،
آنچہ احوال گہ بر درد کشان می آيد.
7 سالها خير محمد بہ اميد وصلش،
انتظار است کہ آن شاه بتان می آيد.

[1] قلمي بياض: مير نثار حسين خان، مملوڪ مير وليداد خان، ساڪن ٽنڊوعلي آباد.

(2)

1 آمده موسم بهاران شد بهار،
بلبلان مست اند بر هر شاخسار.
2 ما ز هجرت در فراقم روز شب،
ميکنم فرياد و نالہ زار زار.
3 روئی تو ديديم سر گردان شديم،
رفت از دستم عنان اختيار.
4 برده دل را بعشوه ناز خويش،
گشتہ ام در عشق تو مستانہ وار.
5 هيچ در بدنم نہ مانده طاقتی،
برده از جان من صبر و قرار.
6 گر بيائی سر بقدمت افگنم،
همچو پروانہ در آتش بار باره.
7 از نقاب روئی گر بيرون کنی،
ميکنم بر تو دوعالم را نثار.
8 در کنارم گر کنی از لطف خود،
ميکنی مستانہ خود را هوشيار.
9 سالها شد شاه من يادي نکرد.
خير محمد همچنان در انتظار.

(3)

1 اگر آن شہ نظر دارد بحال ما غريبان را،
بهائی يک نظر بخشم همہ ملک سليمان را.
2 نخواهم رفت در جنت کہ تا آن نازنين آيد،
نثار مقدمش سازم همہ حوران و غلمان را.
3 بيا تا مجلس سازم کشم اندوه صد سالہ،
نداند حال ما ديگر چہ آگہ رهگذاران را.
4 بده ساقی شراب خوش کہ باشد قوت روحم،
رهاند از غم هجران بہ بخشد جان بيجان را.
5 خدارا وصل خود بخشيد مسکين خير محمد را،
چرا محروم می سازي ز در خود بينوايان را.[1]

---

[1] قلمي بياض: مير نثار حسين خان، مملوڪ مير وليداد خان ٽالپر، ساڪن ٽنڊوعلي آباد.

**مير علي مراد خان مجروح:**

## ڪافيون

(1)

دوست مٺا دلدار، آءُ اڱڻ منهنجي يار پيارا،
1 برهه بڇايو سر تي باري، پاتم سر تي خلق جي خواري،
سونهن پريا سردار۔
2 دم دم ساريان ڪين وساريان، راهان رند مان روز نهاريان،
محب مٺا مننار۔
3 دامن لڳڙيس تنهنجي دلبر، پاند ڳچي پائي آيس تو در،
ساجن لهه ڪا سنڀار۔
4 جال جدايون ڪر نہ تون جاني، مجروح آکي ڪر مهرباني،
آءُ اچي ڏي آڌار۔

(2)

اڄ عيد گهر گهر يار وي، آ مل ميڏا دلدار وي،
1 رت آئي مانگهه بهار دي، بلبل هزار پڪار دي،
سانون تانگهه ڍولڻ يار دي، گل ڦل نظر وچ خار وي
2 ڦلهار پاڪ سهيليان، سهڄون پرين اربيليان،
مئين منڙي ميل ڪچيليان، نهين پاندا هار سينگار وي
3 بن ديد ڪهڙي عيد هي، بن يار عيش بعيد هي،
دوئسي دا درد مزيد هي، گويا عذاب النار وي
4 سک ستيان ڪنني واليان، اسان ڏکيان راتيان جاڳيان،
مجروح درد ديان ڳالهيان، هڪ دل تي درد هزار وي[1]

(3)

لڪ چپ نہ محرم يار وي، گهنڊ کول ڏي ديدار وي،
1 و نحن اقرب دور ڪر، حبل الوريد ظهور ڪر،
بهه ڪول نا مهجور ڪر، لڪڻا نهين درڪار وي
2 جڏان رب ارني آک ڪر، ڏيئي لن تراني دي خبر،
هويان تجلي سر بسر، ٿيا خر موسيٰ زار وي

[1] زباني روايت: حافظ عبدالمجيد ميمڻ ۽ محمد حسن ميمڻ مولود خوان، ساڪن شهر ٺيڙهي.

3 فنفخت فيہ دا راز هي، فتولہ آواز هي،
خود روح تي سجدا ساز هي، همہ اوست دا اسرار وي.
4 سک ستيان ڪنني واليان، اسان دکيان راتيان جاڳيان،
مجروح درد ديان ڳالهيان، هڪ دل تي درد هزار وي.[1]

## (غزل فارسي)

1 اي شوخ ستمگر ستم بی حساب چيست،
هر عاشقان صميمی ناز و عتاب چيست.
2 شمشير آبدار کشيدي شتافتی،
اين چشم بيگناه بر اين دل ڪباب چيست.
3 از زلف پيچدار مرا تاب داده،
مژگان تست قاتل چندين عذاب چيست.
4 ظاهر بيا برائی خدا پيش من نشين،
اين آمدن بہ شوخی عاشق بہ خواب چيست.
5 پابند شد ز عشق تو مسڪين علی مراد،
گاهی خلاف وعده و گاهی صواب چيست.[2]

### مير علي نواز خان ناز:

## (رباعيات)

(1)

مشهور آ تنهنجي دلربائي هرجا،
بي مثل آ شان آشنائي هرجا،
عاشق هان هن ادا جو تنهنجو
ناز پردي ۾ بہ آهي جلوه نمائي هرجا.

(2)

جنهن ۾ ٿي هوس اهو آ ناڪام،
هڪ داڻي جي خاطر پکي ڦاٿو منجهہ دام،
هيءَ مال وبال جنهن ۾ لک هن ملال،
دنيا جي خاطر نہ وڃاءِ پنهنجو آرام.

---

[1] زباني روايت: يوسف ميمڻ، قوال، ساڪن لقمان.

[2] قلمي بياض: مرزا گل حسن، احسن ڪربلائي، مملوڪ ممتاز مرزا، ساڪن ٽنڊو آغا، حيدرآباد.

(3)

رک خلق سان ناز نہ اميد ياري،
آ خشڪ شجر ڪندو ڪهڙي سايہ داري،
عزت آ قناعت سان طمع ۾ ذلت،
عـــزت ڪـي سـنڀال نہ ڪر پنهنجي خواري.[1]

## غزليات

(1)

1 سدا محبوب گلشن ۾ متی گلگون نہ گهرجی تو،
دل- پر خون منهنجی کی زياده خون نہ گهرجی تو.
2 منهنجی ليلی بہ آ ليلی مگر پرده محبت ۾،
مون کی هر شهر ۾ چرچو مثل مجنون نہ گهرجی تو.
3 مون کی هڪ پرتوو رخسار ساقی مثل آتش آ،
سراپا سوختہ کی کوئی آتشگون نہ گهرجی تو.
4 هوس بتخانی ۽ ڪعبی جی چاٹن مؤمن ۽ ڪافر،
مون کی مئخانی کئون دل جو قدم بيرون نہ گهرجی تو.
5 وجاءِ طبلو اچی پئی اوچتو زاهد نہ محفل ۾،
گهڙي پی اهڙي احمق سان رهڻ مقرون نہ گهرجی تو.
6 سکيم پير مغان کئون ڪيترا دستور مستیءَ جا،
اهو قانون بس آهی وڌيڪ قانون نہ گهرجی تو.
7 ارادي حور لئی زاهد لنبی ڏاڙهی رکی آهی،
پچندا ناز تو پاٹهی مگر افسون نہ گهرجی تو.

(2)

1 ساقی شراب معرفت جو تون کٹی پيار،
مخمور مان رهان تنهنجی محبت ۾ منهنجا يار.
2 بلبل خزان جی وقت گهري ٿی اها دعا،
قائم رهی گلن ۾ هميشہ سدا بهار.
3 هن منزل عدم جو کوئی رستو ناهی دور،
جنهن وقت کوچ ٿئی تہ مسافر بہ آ تيار.

---

[1] علي نواز ناز مير: "گنجينۂ خرد عرف رباعيات ناز".

4 هجر فراق يار ۾ هيءَ رات ڪيئن ڪٽي،
رئنديءَ شمع رهي هت ۽ هت ناز اشڪبار.[1]

(3)

1 تنهنجي رمز سهڻا مان ڇا سمجهان، آسان بہ آ دشوار بہ،
تنهنجي وعدي تي اعتبار ڪهڙو اقرار بہ آ انڪار بہ آ.
2 تون دور رهين بي نياز مولي، سڻ فريادي جو آواز مولي،
هن بيگناه جي مارڻ لئي، گڏ تير بہ آ تلوار بہ آ.
3 هن بيوفا دنيا ۾ رهڻ، آهي درد مصيبت غم جو سهڻ،
ناهي توکان سوا ڪو منهنجو خدا، آرام بہ آ آزار بہ آ.
4 جتي حسن تجلي نور ڏسان، هر سرو ۽ قمري مخمور ڏسان،
سڻ فريادي جي فرياد مٺا، جتي گل بہ آ اُتي خار بہ آ.
5 دولت زر جي پاس نہ آهي، پڻ مهرو وفا جي پاس نہ آهي،
هن ساري جهان ۾ ناز غريب، زردار بہ آ نادار بہ آ.[2]

**مير امير علي خان امير:**

**(غزل)**

1 بند عشقش آهي آزادي ادا،
سڪ سڄڻ جي عين آبادي ادا.
2 شوق معشوق از من جي مراد،
بيا خيال آهن مڙئي بادي ادا.
3 دختر زر سان ٿيو جنهن جو نڪاح،
آهي ان جي گهر ۾ نت شادي ادا.
4 پر اها بنت العنب ناهي عروس،
هي گهٽن مردن جي آ مادي ادا.
5 منجهہ شريعت عقد ان سان نا روا،
هوءِ خباثت جي آهي گادي ادا.

---

[1] قلمي بياض: سرائي امداد علي خان سهاڳ، سابق توشڪي مير علي نواز خان ناز.
[2] ايضاً.

6 جنهن کي چيو ام الخبائث مصطفیٰ،
ٻن ڏي تنهن قحبہ جي دامادي ادا.
7 واصل حق ٿي بہ صدق دل تمام،
حق سان هڪ ٿي حق ٿيندئي هادي ادا.
8 واسطي شرب لب شيرين دهن،
رک سدائين خيال فرهادي ادا.
9 لنو ۾ ان ليلي صفت جي رات ڏينهن،
مثل مجنون ووڙ هي وادي ادا.
10 احسن الجسمي کي گهر ۾ آڻ تون،
تا رهي نت خانہ آبادي ادا.
11 مرغ دل چون ديد دانہ زير زلف،
قيد ٿيو منجهہ دام صيادي ادا.
12 پاڻ کي ان تيغ ابرو کان ڪهاءِ،
جنهن جو شيوو آهي جلادي ادا.
13 طالب وصل بتان پاڪ شوا،
بيو اٿئي سڀ شور فسادي ادا.
14 شاه دين جي شان کي ڄاڻي اهو
جنهن جي دل ۾ صدق بنيادي ادا.
15 آءٌ نبيءَ جي آل جو آهيان غلام،
ان جي دور جو ڪلب قلادي ادا.
16 مست ۽ ماتم، گدا، عبد الحسين،
هي تہ آهن شعر جا عادي ادا.
17 آءٌ انهن سان دم هڻان ڪيئن شعرن ۾،
منهنجي هي تصنيف آ سادي ادا.
18 آءٌ آهيان ساڪن اتر جي ملڪ جو
هي آهن سڀ حيدرآبادي ادا.
19 شعر گوئي ۾ آهن ڪامل عيان،
تن جو شيوو آهي استادي ادا.
20 آهيان آءٌ امير علي جو مدح خوان،
مون کي گهرجي ان جي امدادي ادا.

(2)

1 آءٌ ٿيس اڄ هن چمن ۾ همنوائي عندليب،
وٺي ٻڏي شبنم ۾ لڄ کان هي صدائي عندليب.
2 مفت ٿا معشوق مارن عاشقن کي گهور سان،
پر گهري ٿو ڪون گل کان خونبهائي عندليب.
3 هن چمن جي سير ۾ مون درد جون دانهون ڪيون،
مون کي پي ڪو حسن گل جي همنوائي عندليب.
4 وار منهنجي تن جا هي آهن صفت منقار جا،
جيئن نسورو ناله ٿيو سرتا بپائي عندليب.
5 نقش پا معشوق جو تاج شرف عشاق لئي،
گل جو پاڇو آهي بس بال همائي عندليب.
6 خار گل بلبل جي سيني چاڪ ڪئي نت ٿاسين،
درد معشوقي ٿيو دارو دوائي عندليب.
7 حال بلبل جو ڏسي گل پي گريبان چاڪ ڪيو
نيست هرگز بي اثر اين نالهائي عندليب.
8 گلعذاري باغ مولىٰ جي ثنا ۾ اي امير،
ذوق دل سان لنئو ۽ ٿي لاتيون بجائي عندليب.

## ڪافيون

(1)

دل ۾ درد لڳو دلبر جو آهي عشق سمورو سور – الاالله

1 عشق جنهين وٽ رمز رلائي، لوڪ تهين کي چوي سودائي،
ڇڏي وين عقل شعور.

2 حسن هزارين راوت روليا، ساهه سڄڻ تئون سيني گهوليا،
ڏئي سر ٿيا منصور.

3 عشق اوهان جي دود دکايا، باه برهه جي مچ مچايا،
پلپل پون ٿا پور.

4 آهي امير توسان اسم علي جو راتيان ڏينهان مون کي ورد ولي جو،
ذوق انهيءَ جو ضرور.

(2)

سني سج نہ ايان الاهو مرد مسافر ٿي بيدار
1 عمر اجايو وقت وڃايئي، سمر سفر جو ڪونہ ڪمايئي،
کهڙي ڪيڙئي ڪار، مرد مسافر ٿي بيدار.
2 ڏونگر ڏاڪا چاڙهہ چون ٿا، يار انهيءَ جا ڏس ڏين ٿا،
وندر جي وٺڪار، مرد مسافر ٿي بيدار.
3 پنڌ پري ٿيو وطن ولايت، حسن حسين جي هوندئي حمايت،
ياري ڪندئي يار مرد مسافر ٿي بيدار
4 اصل امير جو عشق علي سان، نينهن نبي جي وارث ولي سان،
قائم ڪيو ڪلتار مرد مسافر ٿي بيدار.

(3)

عاشق اڇي تڏهن سر نائن ٿا، جڏهن موت حياتي پائن ٿا.
1۔ شاه منصور پي سوريءَ چڙهيو، سرمد ساڳي سبق جو پڙهيو
پوءِ سخن سر مٿون الائن ٿا.
2۔ منجهہ ميدان محبت غازي، جوڌئون جلد ڪرن سر بازي،
پڙ مٿون پروڙ پائن ٿا.
3۔ دشت عدم ۾ قدم وڌائون، ليليٰ پرده نشين لڌائون،
مجنون نام سڏائن ٿا.
4۔ پنهل کي وڃي نينهن نهوڙيو مرزان مرڻ ڪئون منهن نا موڙيو
ڏئي ساه سڄڻ ڳل لائن ٿا.
5۔ عشق امير علي سان لائج، وحدت منجهہ وجود وڃائج،
صحيح حرف اهو سمجهائن ٿا.

(4)

محبوب اسان هڪ خوب ڏٺو خوب ڏٺو مرغوب ڏٺو.
1۔ حسن جهين جي آهي حڪايت، بر بحر منجهہ ملڪ ولايت،
جلوو جوت جمال نهايت، يوسف بن يعقوب ڏٺو.
2۔ احمد احد هرڪو ڪري چائج، شڪ نہ بيو ڪو دل ۾ آڻج،
صحيح ڪري تون رمز سڃاڻج، ميم منجهان مطلوب ڏٺو.
3۔ پير پيغمبر شاه سچارا، چڏي ويڙا ملڪ پسارا،
ويا زمين ۾ ٿي ويچارا، هر ڪو مون مغلوب ڏٺو.

4_ آءُ امير علي جي ٻانهي، عين اکيون نڪ لام نشاني،
هي پرون بينا منجهه پشاني، منهن ۾ هي مڪتوب ڏٺو.[1]

## (غزل فارسي)

1 چون به گلشن اي صنم خود را خرامان ساختي،
بلبل از گل رفت گل را چاڪ دامان ساختي.
2 باسبهي قامت چو خود رفتار کردي در چمن،
سرو هم شمشاد را خجل و پشيمان ساختي.
3 درڪنارا ماه من در نيم شب چون آمدي،
ڪلبه ام تاريڪ را چون خود درخشان ساختي.
4 چون به رقصيدن بتا برخواستي با عشوه ناز،
شد خجل ناهيد و زهره را پريشان ساختي.
5 مصرع خوش آمده مارا علي محمد ڪه گفت،
خلق را آشفته چون خلخال نالان ساختي.
6 شڪر حق يا شاه مردان ڪار اين سائل امير،
از تلطف بيڪران بسيار آسان ساختي.[1]

## مير راض محمد خان عاشق

### ڪافيون

(1)

واڳون وطن تي واريو سائين محب مٺي ڪي نه ماريو.
1_ ساهه سڄڻ کي ٿو ساري، دل دلبر نه وساري،
محب مٺي کي وٺين ماري، انهيءَ ڳاراٽي ڳاريو.
2_ دل ۾ ڪيو درد ديرو، جانب ريءَ جلي جيرو،
ڪونه ڪيو يار ڦيرو، مونجهاري انهيءَ ماريو.
3_ گولن جي گولي آهيان، سڳ سينو کهڙو ساهيان،
ڳڻ اوهان جا وٺي ڳايان، رٺان يار کي ساريو.
4_ راض محمد کي سڪ تنهنجي، گهڙي گهڙي آهي اهنجي،
مان ڪيو گولي پنهنجي، پيالو پرت مئون پياريو.

---

[1] امير علي خان، امير، مير: "بياض انشائي امير،" مملوڪ مير بجر خان ساڪن ڳوٺ منگهڻ واري.
[1] قلمي بياض: "انشائي امير،" مملوڪ مير بجر خان ٽالپر، ساڪن ڳوٺ منگهڻ واري.

(غزل فارسي)

1 مشتاق جانثارم بر سر و قد تو جانی،
قوس قزح نشان است از سطر ابروانی.
2 چشمان نیم خواب است مژگان ز تیر تیز است،
مخمور سرخ رنگش چون آب ارغوانی.
3 تیر از کمان گذشتہ در سینہ ام رسیده،
دیگر کسی نہ دیده رخت از جگر نهانی.
4 روئی تو یار جانی از ماهتاب بهتر،
خورشید او بگویم یا یوسف کنعانی.
5 چاه زنخ چہ گویم گنج حسن کہ داري،
مار سیاه بروي کرده است پاسبانی.
6 بر عاشقان بیدل رحم و کرم بفرما،
تاچند ناز عشوه بر عاشقان بانی.
7 راز ز راض محمد مخفی کنی چرائی،
ظاهر مسکن بہ مسکین از لطف مهربانی.[1]

**میر مهر نجف خان غريب:**

(غزل فارسي)

1 دریغ عمر برفت جان فدا نشدم،
چرابہ کوئی ره یار خاکپا نشدم.
2 فگند سایہء ظلمت شب وصال بہ من،
ز دوست تا بہ سر ساعتی جدا نشدم.
3 جهان گذشت بہ غفلت بہ من هزار افسوس،
دمی بہ معرفت یار آشنا نشدم.
4 بہ خواب کرد دلم سیر واديء ایمن،
ولی چہ سود کہ چون موسیٰ و عصیٰ نشدم.
5 غریب آه کہ عمرم بہ رائگان بگذشت،
فـــدائی خـــاک شهیدان کربلا نشدم.[1]

---

[1] قلمي بياض: مير راض محمد خان، مملوڪ مير حسين بخش خان ٽالپر، عرف مير شمن، ساڪن ڳوٺ مير محمد خان.

## سنڌي مرثيي جا ڪجهہ بند

خيرالنساء جي باغ تي آمد خزان جي آهہ،
رحلت جهان کئون قبلہ ڪون و مڪان جي آهہ،
اڄ کئون چمن تي جان شهہ انس و جان جي آهہ.
طاقت سخن جي ناهي هي حالت زبان جي آهہ
ڇا ڇاهي رنج راحت جان رسول کي،
وبڙهيو آ فوج ظلم جي ابن بتول کي.
آماده نبرد ٿيا ٻي پير سؤ هزار،
ٿا ڪرن قتل شاه جي تدبير سؤ هزار،
سينو ٿيو هڪڙو ڄنڊ جيهو تير سؤ هزار.
خنجر ڪيو عزم خنجر شاه جهان تي،
هي ڇا بڻي آ بيڪس تنها جي جان تي.
ميدان ۾ جڏ رياض حسيني خزان ٿيو
دنيا کئون ڪاروان شہ دين جو روان ٿيو
دريائي رت ۾ غرق هرهڪ نوجوان ٿيو
هم شڪل مصطفيٰ پي شهيد سنان ٿيو.
هر هڪڙي لاش تي ٿي رنو شاه زار زار،
سرور هو غم هو پيو نہ ڪو غمخوار ني ڪو يار.
بس اي غريب هاڻي جگر غم ڪيو چاڪ چاڪ،
هر دل ٿي دردمند ۽ هر چشم گريہ فاڪ،
هي مرثيو قبول جي ڪيو ان امام پاڪ،
خوف قبر پوءِ کهڙو ۽ محشر جو ڪيهو باڪ.
هڪ بيت جي صلي ۾ پئي ذاڪران شاهہ،
بيت بهشت آهي هجن توڙي پر گناهہ.[2]

---

[1] بياض: مير فدا حسين خان ٽالپر ساڪن ڳوٺ منگهڻ واري.
[2] قلمي بياض: مراثي، مملوڪ مير حسين بخش خان ٽالپر عرف مير شمن، ساڪن ڪوٺ مير محمد خان.

**غلام نجف خان ٽالپر غلام:**

**(ڪافي)**

1 ڏاڍي جتن جي ذات اديون،
منهنجو پنهل ونئي ويا رات اديون.
2 مولئ ميڙ مين جون مهارون،
ڪن تہ جبل کي جهات اديون.
3 ڪانڻ پيئڻ زهر تي پانيان،
وائي پرينءَ جي وات اديون.
4 سرڙو ڪپيان مون پنهنجي هٿن سان،
ڪڍي تہ ڏيو مون کي ڪات اديون.
5 غلام نجف چئي سر سيد تي،
بـرهـ اُئـــي آ بــرســـات اديـــون. (1)

**مير عطا محمد خان ٽالپر، عطا:**

**(ڪافي)**

مجرو پريان تي تنهنجي در تي اچي اچي.
1 بانهي مون ٻاڏايان، تي پاند ڳل ۾ پايان،
تنهنجا مون ڳڻ تي ڳايان، ڍولڻ نچي نچي.
2 عيبن سان هي نماڻي، پئي آ سچي وڪاڻي،
جي شاه ٿيندو ساڻي، ويندس بچي بچي.
3 تنهنجي سخا سوائي، ڪرڪا عطا سان پلائي،
ہي واهـ ناهي ڪائي، ساجن سچي سچي. (2)

---

(1) عبدالمجيد ميمڻ، ڊاڪٽر: "تذڪره شعراءِ سکر،" سنڌي ادبي سوسائٽي اسلاميہ ڪاليج سکر، 1965ع، ص 98.

(2) عبدالمجيد ميمڻ، ڊاڪٽر: "تذڪره شعراءِ سکر،" حوالو ڏنل آهي، ص 99

**مير چتل خان مسڪين:**

(ڪافي)

1 آهي گذر جو مڪان، متان پندا تون غافل گذارين.
2 لکين هستيون وري يار لڏي ويا، سوره وڏا سلطان.
3 محل ماڙيون تنين ڪم نہ آيون، چڏيايون طمع ۽ طولان.
4 ڪيئی بانڪا بهادر هستيون هليا ويا رهين ڪون نشان.
5 مسڪـــين مســـافـــر هتڙي آهين گهڙي جو مهمان.[1]

**مير چام نندو خان ولد مير شهداد خان:**

عمر اسائتون سومرا جر ۾ سپون جيئن
ڪونج اڪيري روح کي منهنجو تن اڪيري تيئن
واعدا جي وهڻ جا سي هت نہ ڪيڙم هيئن
هي جمار جام نندو چئي ڪاتڻ پوندي ڪيئن
کهہ ڏولائي جا ڏينهن ٽئي منهنجو ميلو مارن سان.

***

ڪنئن جي ڪٽي پانئيان بن ظلم جا زورا
نير لاهہ نندو چئي پيچي ڪر پورا
ماکيان منا پانئيان سندا ڏيهہ ڏونرا
وجي ٽر ٽورا، مچيندس ماروءَ جا.

***

من اوڏائي سپرين آن جا پکا ٽا پسجن
ويچاري ويهڻ نہ آئي اوجهلي جنجيرن
نٿرن ۾ نندو چئي ان جي ڪر نہ لڏي ڪن
لـــوهہ جـــا لـهي وجن نٿر نہ لهي نينهن جو.[2]

---

[1] قلمي بياض: مير چتل خان، مملوڪ مير حسين بخش تالپر، ساڪن ڳوٺ حسين احمد
[2] نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: "ٿهراڻ جون موجون" پاڪستان پبليڪيشنز ڪراچي، 1964ع ص 131 – 132.

# BIBLIOGRAPHY

## انگريزي ڪتاب

1. Adrian Duarte, Dr: "The Beggar saint of Sehwan" Elite Publishers, Karachi,
2. Ahmad Shah: "Northern India's who's who" The Mahta Publishing Corporation, London, 1942
3. Alexander Baillie, F: "Karachi", Oxford University Press Karachi, 1975.
4. Allama G: "Our Freedom Fighters", Paradise Subscriptions Agency, Karachi 1969.
5. Anthony Xavier soares: "Portughes Vocables in Asiatic languages", Orient Institute of Baroda, 1936.
6. Azim-u-Shan Hyder Dr: "History of Karachi", Ferozsons, Karachi, 1974.
7. Burton, R.F: "Falconry in the valley of the Indus", Van Voorst Patarnoster Row, London, 1952.
8. Burton, R.F "Sind," oxford University Press, London, 1973.
9. Burton R.F "sind or unhappy Valley,"vol: 1, Richard Bentley, London, 1851.
10. Butler, F: "Sir Charles Napier", Macmillan & Co: London, 1911.
11. Byron Farewell: "Queen Victoria's Little Wars", Allen Lane, London, 1973.
12. Chakarvarti: "Literary History of Ancient India", Calcutta-6.
13. Chandra, P.T: "Indian Cyclopedia", 3rd Edition, Navyug Printing Press, Lahore, 1934.
14. Calabawala, J. R: Khiarpur Lyod Barrage Project", the Daily Gazette Press, Karachi, 1936.
15. Cotter.G: "Alkalive Lakes & Soda Factory in Sind" Geological Deptt: of India, Govt Press, Bombay, 1923.
16. Devis Richad & Hunt: " Modern Britain" Longmans Grein & Co: London, 1954.
17. Denzill Ibeton: "Punjab Castes" Shaikh Mubarak Ali, Lahore, 1974.
18. Devid Setan: "History of Kalhoras", A typed Copy in Sindhology.
19. Dodwell, H.H: "The Cambridge History of India" S. Chand & Co: Delhi, 1958.

20. Echeson, C.V: "Treaties" Vol: VII, Nawal Kishore, Lucknow, 1869.
21. Frazer, R.H: "British India", T. Fisher Unwin, London, 1908.
22. Ghulam Mustafa Shah: "The British in the Subcontinent", Ferozsons, Karachi, 1964.
23. Goldsmith: "James Outarm" Vol.II, 2nd Edition, Smith Edler & Co: London, 1881.
24. Grag C: "European Adventures of Northern India", Govt: Press, Lahore 1929.
25. Griffith Devis, J.D: "A New History of England", William Heimmaun, London, 1932.
26. Griffitts, S, P; "The birtish Impact on India" macdonold, London, 1952.
27. Griorson, J,A: "A Linguistic survey of India", Vol: VIII, part I, Calcutta 1919.
28. Harison Gupta: "Mohanlal Kashmiri" Minorva book shop, Lahore, 1943.
29. Henry Elliot: "Memoirs on the History", Turbner and co: London, 1844.
30. Huges: "selection from the records of bombay Govt:" new series, No, XVIII Education society press, Bombay, 1885.
31. James Memurdo: "Hostory of kalhoras." A Typed copy in Sindhology.
32. Jean fairly: "The lion River," Lowe and Brydon, London, 1975.
33. John Clerk Marshman: "Abridgment of the history of India. "Vol: 2nd Edition, London, 1893.
34. John Hondson: Representative Men of the Bombay Presidency, "Govt: Press, Bombay, 1897.
35. John Mrshal: "Mohanjodaro & Indus Civilization" Arther Probsthan, Lahore. 1931.
36. Khan, F.A Dr: "Kotdiji, "Ferozsons, Karachi, 1958.
37. Khan F.A Dr: "Pakistan Archaeology No: I-1964, Clowes & Sons, London, 1964.
38. Khan, F.A. Dr: "Pakistan Archaeology No: II-1965. International Packing Co: Karachi, 1965.
39. Khuda Bakhsh, Justice: "Search Light on Baluchistan". Royal Book Co: Karachi, 1974
40. Khudadad Khan: "Shajra of Talpurs," Govt: Press, Karachi, 1886.
41. Lambrick H.T: "Sind, A General Introduction" Sindhi Adabi Board, Hyderabad, 1964.
42. Lambrick, H.T: "John Jecob of Jecobabad", London, 1960.
43. Leped Griffin: "Ranjit Singh", S. Chand & Co: Delhi, 1957.
44. Luxmi Dosa Bhaee Shah: "Prince of Wales & Princess of India" Vol: I, Kathiawar Printing Press Rajkot 1923.
45. Mahajan, V.D: "India since 1929" S. Chand & Co: Delhi, 1963.
46. Majumdar, Hay & Datta: "An Advance History of India", Macmillan & Co: London, 1961.

47. Marriot, J.A.R: "A History of England", Vol: VII, Methuen & Co: London, 1919.
48. Melvill: "Sind" East India House, London, 1854.
49. Melvill: History of Alliniations in Sind.
50. Montgomery Martin: "The History of Indian Empire", Vol: I, Printing Co: London, 1874.
51. Muhammad Sardar Khan: "History of Baluch Race & Baluchistan,"Pakistan Process, Karachi, 1958.
52. Napier, W: "The Life & Opinions of Sir Charles Napier," Vol: II, John Murray, London, 1857.
53. Newton, A.P. "A Hundred Years of British Empire," Duck Worth, London, 1947.
54. Percival Spear: "Oxford History of Modern India," Oxford University Press, London, 1965.
55. Pithawala, M.B: "A Geographical Analysis of Khairpur State," Govt: Press, Karachi, 1935.
56. Pithawala, M.B: "Some Old Sites in Sind" Govt: Press, Publications, Karachi, 1938.
57. Postons, T: "Personal Observations on Sind" Indus Publication Society, Karachi, 1973.
58. Rehim, A. Dr: "A History of Freedom Movement" Pakistan Historical Society, Karachi, 1968.
59. Robert, P.E: "Historical Geography of India" University Press Oxford, 1952.
60. Rosaman & Lawrence: "Charless Napier, Friend & Fighter" John Murry, London, 1952.
61. Setan Dearden: "The Arabian Knights" Arther Backer, London, 1953.
62. Smith Bosworth: "Life of Lord Lawrence"Nawal Kishore, Lucknow, 1886.
63. Smith, V.A: "The Early History of India," Oxford, 1914.
64. Sorley, H.T Dr: "Shah Abdul Latif of Bhit" Hamphry Milford, London, 1940.
65. Spate, O.K: "India & Pakistan" Mathma and Co: London 1954.
66. Thakur, V.T: "Sindhi Culture" Bombay University Press, Bombay, 1959.
67. The Chief Minister: "A Note on Khairpur," 1952.
68. The Times of India Office: "Indian Princes & Crown" Burnet Coleman & Co: Bombay, 1912.
69. Thomas Holdich: "Gates of India", Macmillan & Co: London 1910.
70. Trotter, L.T: "Rulers of India" Clarendon Press, Oxford, 1905.
71. Trotter, L.T: "The History of British Empire" Vol: I. Allen & Co: London, 1866.
72. Williamsons, T.A: "The Foundation & Growth of British Empire", 5th Edition, Macmillan & Co: London, 1953 Gazetteers.

73. Altkins, E.H: "Gazetteer of the Province of Sind" Mercantile Steam Press, Karachi, 1907.
74. Henry Frowde: "Imperial Gazetteer of India" The Clarendon Press, Oxford, 1908.
75. Hughes, A.W: Gazetteer of the Province of Sind", George Bell & Sons, London, 1874.
76. Sorley H.T. Dr: "Gazetteer of West Pakistan" Govt: Press, Karachi, 1968.
77. "Gazetteer of the Province of Sind" B. Vol: III Sukkur District, Govt: Central Press, Bombay, 1928.
78. "Baluchistan Gazetteer" Vol: VI, A, The Times Press Bombay, 1907.

Travels.

79. Burnes:
80. Langley: "At the Court of Mir Ali Murad" Vol I & II, Hurst & Blackett, London, 1860.
81. Masson, C: "Narrative of Various Jouries," Vol: I, Oxford University Press, Karachi, 1974.

Reports.

82. District Census Reports, Khairpur, Govt: Press Karachi, 1961.
83. Melvill, Jame, C: "Reports, on the Administration of Sind", East India House, London, 1854.
84. Administration Reports of Khairpur state for the years 1904, 1906, 1907, 1911, 1925, and 1947.
85. Report of the Chief Engineer, Khairpur State for the year 1949.
86. Reports of All India Muhammadan Educational Conference, Karachi & Aligarh for 1907 & 1908.
87. "Report of the Court of Arbitration on Certain matters under dispute Between the Govt: of Sind, and tho Khairpur state, 1938 – 39, "Ferozsons, Karachi, 1954.
88. Nur Nabi: "A Report on Gagirdars & Zamindars" Govt: Press, Karachi, 1939.

Office Records.

89. Private Record of Mir Ali Murad Khan Talpur, Ex Ruler, Khairpur state.
90. Old Record of Mirs, in custody of the Deputy Commissioner, Khairpur.
91. Record of the Deputy Commissioner's Office.
92. Record of the District Council Khairpur.
93. Record of the Local Self Govt: Khairpur.
94. Record of the Distt: Educational Officer Khairpur.
95. Record of the Astt: Director Agriculture, Khairpur.
96. Record of the XEN: Buildings, Khairpur.
97. Record of the Divisional Forest Officer, Khairpur.
98. Record of the Distt: Census & Registration organization, Khairpur.
99. Office Record of Various Talukkas.

100. Record of the Asstt: Director Animal Husbandry, Khairpur.

Misc:

101. Nayer Bari: "Souvenir on Date Producation", Govt: Press Khairpur, 1975.

102. Nayer Bari: "Souvenir on Date Production", Govt: Press Khairpur 1976.

103. Aslam Memon: "Working Plan of Khairpur Forest Division 1964" A typed copy in the office of the Divisional Forest Officer, Khairpur.

## سنڌي ڪتاب

104. الطاف اثيم: "ساعت راهہ نهاريان" ناريجا پريس دادو 1975ع

105. بيدل فقير: "ديوان فقير غلام حيدر" منگي پريس خيرپور 1960ع

106. پيرومل آڏواڻي: "سنڌي ٻولي جي تاريخ" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1956.

107. ثناء الله شيخ: "برٽش سلطنت" سنڌي ترجمو عجائب اسٽور سکر 1964ع.

108. جيمس برنس: "سنڌ جي دربار" سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1964ع

109. چبلاڻي ايس. پي، ڊاڪٽر: "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، 1958ع.

110. حسن علي خان، مير: "سنڌ جو شاهنامو" سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد

111. خادم حسين شاهہ: "سوانح اصغر" سنڌي ادبي بورڊ اڪيڊمي، لاڙڪاڻو 1967ع.

112. در محمد، مفتي، مولانا: "ملفوظات" حصو چوٿون، سنڌي ترجمو جمعيت علماء سڪندريہ پير جو ڳوٺ، 1974ع.

113. دوست محمد سنديلو: "پوکن پچارون" امتياز پريس، خيرپور 1974ع.

114. رچرڊ برٽن: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿري" سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1964ع.

115. رحيمداد، مولائي شيدائي: "بلوچستان جي مختصر تاريخ" ريلوي پريس سکر، 1941ع.

116. رحيمداد، مولائي شيدائي: "تاريخ تمدن سنڌ" سنڌ يونيورسٽي پريس، حيدرآباد، 1959ع.

117. رحيمداد مولائي، شيدائي: "جنت السند" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1958.

118. سيد جي ايم: "سنڌي ڪلچر" نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي، 1974ع.

119. عبدالڪريم چشتي، مولانا: "پنهنجن بزرگن جون يادگيريون" يوسفيہ پريس، سکر.

120. عبدالمجيد ميمڻ، ڊاڪٽر: "تذڪره شعراءِ سکر" سنڌي ادبي سوسائٽي، اسلاميہ ڪاليج، سکر، 1965ع.

121. عطا محمد حامي: "سچل سرمست" پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي 1964ع

122. علي اڪبر، قاضي: "سخي سرتاج" چاپو ٽيون، همدرد پريس، سکر، 1964ع

123. علي محمد شاهہ پير، "اهي ڏينهن اهي شينهن" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1966ع.

124. غلام رسول مهر: ”تاريخ ڪلهوڙا“، جلد ٻيو، سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1971ع.
125. غلام مرتضيٰ شاهه، مرتضائي: سنڌي يوسف زليخا منظوم، مطبع جليل اڪليل، ڪراچي 1892ع.
126. فتح محمد، حڪيم: ”ميرن جي صاحبي“ الوحيد پريس، ڪراچي، 1924ع.
127. قليچ بيگ، مرزا: ”خيرپور جي تاريخ“ فيض پريس خيرپور 1922ع.
128. قليچ بيگ، مرزا: ”يادگيريون“ يونيورسٽي پريس، حيدرآباد ،1958ع.
129. ڪئپٽن ايسٽوڪ: ”نئين مصر جا پراڻا ورق“ سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1973ع.
130. لطف الله، بدوي: ”تذڪره لطفي“ جلد پهريون، آر- ايڇ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، 1954ع.
131. لطف الله، بدوي: ”تذڪره لطفي“ جلد ٻيو آر- ايڇ - احمد ائنڊ برادرس حيدرآباد، 1953ع.
132. منظور نقوي: ”سنڌ جي مدنيت“ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1969ع.
133. نبي بخش، بلوچ، ڊاڪٽر: ”خليفي صاحب جو رسالو“ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1966ع.
134. نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: ”ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري“ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1968ع.
135. نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: ”ڪليات حمل“ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1953ع.
136. نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: ”ڪليات سانگي“ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1969ع.
137. نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: ”مولود“ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1961ع.

## سنڌي اخبارون ۽ رسالا

138. روزانه الوحيد، سنڌ آزاد نمبر، 1936ع.
139 . روزانه اخبار مهراڻ، سالگره نمبر، 1941ع.
140. روزانه اخبار مهراڻ، سالگره نمبر 1962ع.
141. سماهي رسالو مهراڻ، نمبر 1_ 2) 1957ع.
142. سماهي رسالو مهراڻ، سوانح نمبر، 1957ع.
143. سماهي مهراڻ، جلد 11، نمبر 2، جون، 1926ع
144. ماهوار ملا اسڪول مخزن، جنوري، 1933ع.
145. ماهوار نئين زندگي، جون، جولاءِ، 1975ع.
146. مخزن المير واهه، ممتاز ڪاليج خيرپور، 1956ع.
147. فرنٽيئر گزٽ، جيڪب آباد، مارچ، 1955ع.

## اردو ڪتاب


148. اختر حنيف: "ڪون ڪيا هي"، سجاد ٽريڊرز ڪراچي، 1971ع.
149. اعجاز الحق قدوسي: "تاريخ سنده"، جلد دوم، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور 1974ع.
150. اعجاز الحق قدوسي: "تذڪره صوفيائي سندهه" اردو اڪيڊمي سندهه، ڪراچي، 1959ع.
151. انوار احمد زبيري، مولوي: "خطبات عاليه"، حصه دوم، مسلم يونيورسٽي پريس، علي ڳڙهه، 1928ع.
152. ايچيسن سي يو: "عهدنامجات" اردو ترجمه جلد ساتوان، نولڪشور، لکهنؤ 1869ع.
153. بشارت علي زيدي: "دارالسرور خيرپور"، مطبع العلوم، مرادآباد، 1915ع.
154. تبسم چودهري: "تذڪره پيران پاگاره"، انڊس پرنٽرز حيدرآباد،1975ع.
155. پراگ نارائن: "صحيفه زرين" نولڪشور لکهنو، 1902ع.
156. سليمان ندوي سيد: "عرب و هند کي تعلقات" هندوستاني اڪيڊمي، الله آباد، 1928ع.
157. ضامن ڪنوتري سيد: "عبرت ڪده سندهه" نفيس اڪيڊمي، ڪراچي، 1967ع.
158. ظفر عمر: "قديم تهذيبين" انٽرنيشنل پريس ڪراچي، 1961ع.
159. عبدالرحمن امرتسري: "سياحت هند"، رفاع عام پريس لاهور، 1909ع
160. عبدالسلام خورشيد: " پاڪستان کي لوک ناچ"، ادبيات نو لاهور 1949ع.
161. علي حسن خان سيد، بهوپالي: "تذڪره صبح گلشن"، 1295 هجري.
162. غلام رسول مهر: "سرگذشت مجاهدين" ڪتاب منزل لاهور، 1956ع.
163. غلام سرور مفتي: "بهارستان تاريخ"، نولڪشور، لکهنؤ 1877ع.
164. قيام الدين احمد، ڊاڪٽر: "هندوستان مين وهابي تحريڪ"، نفيس اڪيڊمي ڪراچي، 1972ع.
165. گل خان نصير، مير: "تاريخ بلوچستان" ايجوڪيشنل پبلشرز" ڪوئٽه 1953ع
166. منها خان مري مير: "ثقافت اور ادب واديءِ بولان مين"، بزم ثقافت ڪوئٽه،1966ع.
167. محمد حنيف مهر: "تاريخ مانڪاني ٽالپور"، پاسبان پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، 1971ع.
168. محمد حنيف مهر: "تاريخ مالڪاني ٽالپور"، زاهد پريس حيدرآباد، 1968ع.
169. محمد عثمان حسن، برگيڊيئر، "بلوچستان"، انڊس پبليڪيشنز ڪراچي، 1976ع.
170. محمد عزيزالرحمن، عزيز: "صبح صادق"، طبع ثاني، برقي پريس بهاولپور، 1943ع.
171. مصطفيٰ علي بريلوي: "مسلمانان ڪراچي و هند کي تعليم"، ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچي، 1968ع.
172. نسيم امروهوي: " تاريخ خيرپور" مراد پريس خيرپور، 1958ع.
173. نور احمد فريدي، مولانا: "بلوچ قوم اور اسکي تاريخ"، نور محل، ملتان، 1967ع.
174. هدايت علي تارک: "تاريخ شعراء سندهه"، اردو ترجمه عزيز المطابع بهاولپور، 1365 هجري.
175. هيتو رام رائي بهادر: "تاريخ بلوچستان"، بلوچ اڪيڊمي ڪوئٽه 1973ع.

## اردو رسالا

176. ماهوار " بلوچي دنيا"، ملتان، جنوري 1971ع.
177. ماهوار " بلوچي دنيا" ملتان، مارچ 1963ع.
178. ماهوار" سرائڪي ادب" ملتان، سپٽمبر 1976ع.
179. سہ ماهي"العلم"، مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس، اپريل تا جون 1964ع.
180. سہ ماهي" العلم" مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس، اپريل تا جون 1966ع.

## انسائيڪلو پيڊيا

181. "اردو انسائيڪلو پيڊيا"، ٻيو ڇاپو فيروز سنز لاهور، 1968ع.
182. " دائره معارف اسلاميہ"، پنجاب يونيورسٽي، لاهور 1972ع.

## فارسي ڪتاب

183. خدا داد خان: "لب تاريخ سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1971ع.
184. خداداد خان: "خيرپور نامہ"، ليٿو پريس ڪراچي، 1894ع.
185. عطا محمد منشي مرزا: "تاريخ تازه نوائي معارڪ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1959ع.
186. عظيم الدين ٺٽوي مير: "فتح نامہ سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
187. محمد ابراهيم خليل: "تڪملۂ مقامات الشعراء"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1958ع.

## عربي ڪتاب

188. احمد بن علي: " عمدة المطالب"، مطبع جعفري، لکنئو 1080 هجري.

## قلمي ڪتاب

189. آندل فقير ماڇي: "جنگنامو ڪرڙي منظوم"، مملوڪ محمد عالم، ماڇي، ساڪن ڳوٺ چلڙي.
190. امداد علي خان سرائي: " سهاڳن جو احوال" ، قلمي مسودو ، مملوڪ سرائي غلام شبير خان سهاڳ، ساڪن ٽالپر وڏا.
191. احسان علي شاهہ سيد: "جنگنامو مياڻي منظوم"، مملوڪ مرزا، ساڪن ٽنڊو آغا، حيدرآباد.
192. احمد علي خان سرائي: "سفر نامو"، (فارسي)، مملوڪ سرائي ربنواز خان، ساڪن خيرپورميرس.
193. احمد علي خان، سرائي: "گلدستہ ريحان" فارسي، مملوڪ سرائي ربنواز خان.
194. احمد علي خان مير: "قلمي بياض"، مملوڪ صاحبزاده مير حاجي غلام حسين خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽڏيجي.

195. الله بخش عاصي مخدوم: "تذڪره مخاديم کهڙا"، مخدوم امير احمد علي واري نسخي جو نقل، مملوڪ راقم الحروف.
196. الهڏتو خان بگٽي: "قلمي بياض" مملوڪ راقم الحروف.
197. ابوطالب قاضي: "قاضيان لقمان" فارسي نسخو مملوڪ قاضي صاحب مرحوم جي بيواهه، ساڪن خيرپورميرس.
198. اميد علي اميد: "بزرگ شاعرن جو احوال"، پراڻو نوٽ بوڪ، مملوڪ محمد علي حداد، ساڪن خيرپورميرس.
199. امير الدين شاهه پير: "قلمي بياض" سنڌي ۽ فارسي، مملوڪ پير حاجي ميرڻ شاهه، ساڪن گمبٽ.
200. امير الدين شاهه پير: "سنڌي ۽ سرائڪي ڪلامن جي چوپڙي"، مملوڪ پير حاجي ميرڻ شاهه.
201. امير علي خان، مير: "انشائي امير" ، فارسي خطن جو مجموعو ۽ سنڌي ڪافيون ، مملوڪ مير بجر خان، ساڪن منگهن واري
202. امير علي شاهه، سيد: "خيرپور رياست جي تاريخ" سنڌي، مملوڪ سيد غلام مصطفيٰ شاهه عرف روشن شاهه، ساڪن کهڙا.
203. امير علي شاهه سيد: "سنڌ جي بزرگن جو احوال"، قلمي مسودو.
204. بخشڻ خان دستي: "ڏڀ مهر شاهه جا پير"، قلمي مسودو 1950ع.
205. حاجي محمد حداد: "خيرپور جي ادبي تاريخ"، ايم.اي جو مونوگراف، 1962ع.
206. حسين بخش ماستر: "درگاهه ڏڀ مهر شاهه"، قلمي مسودو، 1955ع.
207. حسين بخش مير، "بياض مير چتل خان"، مملوڪ مير حسين بخش خان ٽالپر، ساڪن ڳوٺ حسين آباد.
208. حسين بخش مير شمن: "بياض مراثي سنڌي"، 1965ع.
209. حسين بخش مير، شمن: "قلمي بياض"، مملوڪ راقم الحروف.
210. خانداني شجرو: "درگاهه تجل شريف"، مملوڪ فقير علي قطب، ساڪن ڳوٺ تجل.
211. خانداني شجرو: "سادات هگورجا"، مملوڪ پير ارشاد احمد شاهه ساڪن هنگورجا.
212. خير محمد خان مير: "قلمي بياض"، مملوڪ مير وليداد خان، ساڪن ٽنڊو علي آباد.
213. خان محمد خان مير: "قلمي بياض"، مملوڪ مير غلام رضا خان، ساڪن خيرپورميرس.
214. دوست محمد خان، مير: "سر گذشت ٽالپران"، فارسي، مملوڪ مير وليداد خان ٽالپر، ساڪن ٽنڊو علي آباد.
215. دوست محمد خان مير: "شخصي ڊائري" فارسي، مملوڪ مير وليداد خان ٽالپر، ساڪن ٽنڊو علي آباد.

216. دين محمد مخدوم: "قلمي بياض"، مملوڪ مخدوم غلام احمد، ساڪن حيدرآباد.
217. رحيم داد شر، ماستر: "مبين فقير جو احوال"، 1956ع.
218. رحيمداد، مولائي شيدائي، " تاريخ بلوچستان اردو"، مملوڪ مير حاجي محمد بخش خان ٽالپر، ساڪن ميرپورخاص.
219. راض محمد مير: "قلمي فياض" مملوڪ مير حسين بخش خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.
220. راض محمد مير: "قلمي فياض"، مملوڪ مير رحم علي خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.
221. سهراب خان ثاني، مير: "ديوان مسڪين"، مملوڪ مير بجر خان، ساڪن منگهن واري.
222. سچل سرمست: "مثنوي رازنامہ"، قلمي نسخو مملوڪ محبوب علي چنہ، ساڪن حيدرآباد.
223. صدرالدين فقير: "شاهہ عنايت جو احوال" مملوڪ راقم الحروف.
224. عابد علي شاهہ شيدا: "قلمي بياض"، مملوڪ سيد پناهہ علي شاهہ، ساڪن خيرپورميرس.
225. عطا محمد حامي: "مضمون رياست خيرپور"، قلمي مسودو، 1960ع.
226. علي ڏنو سوهو: "ميان صاحبڏني جو ڪلام"، ايم اي جو مونوگراف.
227. علي شاهہ لڪياري سيد: "سيد گنبل شاهہ جو احوال"، مملوڪ راقم الحروف.
228. علي قطب فقير: "ٽر ڏٽي جو احوال"، مملوڪ راقم الحروف.
229. علي مردان شاهہ: "هيسباڻي فقيرن جو ڪلام"، 1950ع.
230. علي محمد خان مير: "قلمي بياض"، مملوڪ مير وليداد خان ٽالپر.
131. علي محمد فقير، ميان: "اچڙ فقيرن جو احوال"، 1958ع.
232. عباس علي بيگ مرزا: "قلمي بياض ڪشڪول"، 1975ع.
233. علي نواز خان ناز مير: "گنجينئہ خرد" 1923ع، مملوڪ سرائي غلام شبير خان سهاڳ،ساڪن ٽالپر وڏا.
234. علي نواز خان ناز مير: "وصيت نامو انگريزي ۾، علي رضا شاهہ"، مملوڪ سيد امام علي شاهہ،ساڪن خيرپور.
235. عنايت الله مولانا:"سوانح مولانا غلام محمد مهيسر" مملوڪ راقم الحروف.
236. غلام احمد مخدوم: "خانداني جنم پتري" 1955ع.
237. غلام علي الانا، ڊاڪٽر: "لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، 1971ع، پي ايچ ڊي جو مقابلو.
238. غلام علي قاضي: "قلمي بياض"، مملوڪ قاضي محمد حسين، ساڪن ٽالپر وڏا.
239. غلام قادر قاضي: "قلمي بياض"، مملوڪ قاضي محمد حسين.

240. غلام محمد فقير ٽالپر: "قلمي بياض"، مملوڪ لعل بخش خان ٽالپر.
241. فتح محمد مولوي: "ڪليات فريد"، 1375 هجري، مملوڪ صوفي احمد خان، ساڪن چاچڙان شريف.
242. فدا حسين خان، مير: "قلمي بياض"، ميرن جو ڪلام.
243. قربان علي ماستر: "فقيرن جو ڪلام"1948ع.
244. گل حسن خان مرزا: "قلمي بياض"، مملوڪ، ساڪن حيدرآباد.
245. لعل بخش خان ٽالپر: "بياض لطف"، 1958ع.
246. محمد ابراهيم فاروقي: "ديوان عجائب فارسي"، مملوڪ محمد اشرف فاروقي، ساڪن ڳوٺ درازا.
247. محمد بخش حاجي، مير: "ماٺڪاٺي ميرن جي تاريخ"، 1976ع.
248. محمد شاهه ثاني: "حاشيه تفسير فارسي"، ڪتبخانه پيران گمبٽ.
249. محمد صادق مولوي: "سچل سرمست جو احوال"، قلمي مسودو.
250. محمد عالم ڪربلائي: "شاهه نامو ڪرڙي"، 1286 هجري.
251. محمد باقر خان، مير: "قلمي بياض"، مملوڪ خير محمد باقر خان ثاني.
252. محمد علي حداد: "خيرپور جي شاعرن جي مرثيه گوئي"، ايم اي جو مونوگراف، 1969ع.
253. محمد علي حداد: "قلمي بياض"، مختلف شاعرن جو ڪلام، 1974ع.
254. محمد ڪامل قاضي: "قلمي بياض"، مملوڪ قاضي عبدالله، ساڪن خيرپور ميرس.
255. محمد موسيٰ سومرو: "نانڪ يوسف جو احوال" 1353 هجري.
256. محمود خادم: "مهيسرن جو احوال"، 1976ع.
257. نور الله ميمڻ: "مولانا حبيب الله جو احوال" 1976ع.
258. نثار حسين، مير: "قلمي بياض"، مملوڪ مير وليداد خان، ساڪن ٽنڊو علي آباد.
259. نور محمد عباسي: "منشور الوصيت"، قاتل ۽ پراڻو مملوڪ مرزا عباس علي بيگ، ساڪن حيدرآباد.
260. مسٽر الهورايو چنو: "خيرپور جا ديني مدرسا"، 1975ع.

## مقالي جا راوي

1. احمد بخش خان سوهو سابق توشڪي، مير علي نواز خان، ساڪن ڳوٺ مولڙو تعلقو ڪوٽڏيجي.
2. الطاف حسين خان سمون، ڊرگ انسپيڪٽر، خيرپور.
3. الهداد خان جانوري، ساڪن ڳوٺ جانوري، لڱ لقمان.
4. الهڏنو خان ابڙو مرحوم، ساڪن ڳوٺ، سوهو قناصرا، تعلقو ڪوٽڏيجي.

5. الهرکيو خان رند. سگهڙ، ساڪن ڳوٺ سنهڙو، تعلقو خيرپور.
6. امام بخش خان ماڇي، ساڪن خيرپور.
7. امان الله خان پناڻ، رٽائرڊ سب انسپيڪٽر پوليس، خيرپور.
8. امداد علي فقير، ساڪن ڳوٺ هيسباڻي، تعلقو فيض گنج.
9. اميد علي خان اميد جمالي، ساڪن محلو بچل شاهه، خيرپور.
10. ٻولو خان جوڻي، مشهور ملهه، ساڪن نري تعلقو ميرواهه.
11. ڀڳوان داس پاتولي، شاهي بازار، خيرپور.
12. پانڌي خان چاڪراڻي، ساڪن ڳوٺ چاڪراڻي، تعلقو ڪوٽڏيجي.
13. پريل فقير ٻلهاڻي، ڪوٽڏيجي.
14. بيگو خان چانڊيو، ساڪن لڱ اسٽيشن گمبٽ.
15. پيارو خان جسڪاڻي، ساڪن ڳوٺ جسڪاڻي، تعلقو ڪوٽڏيجي.
16. پير اڏل شاهه جيلاني، ساڪن گمبٽ.
17. پير ارشاد احمد شاهه، سجاده نشين درگاهه هڱورجا.
18. پير انور شاهه جيلاني،ساڪن راڻيپور.
19. پير بچل شاهه، سجاده نشين درگاهه ڏٻ مهر شاهه.
20. پير حاجي ميرڻ شاهه جيلاني، ساڪن گمبٽ.
21. پير حسين علي شاهه راشدي ساڪن پير جو ڳوٺ.
22. پير حمزه علي شاهه، ساڪن پريان لوءِ.
23. پير شاهه مردان شاهه جيلاني، ساڪن گمبٽ.
24. پير عنايت الله شاهه جيلاني، ساڪن راڻيپور.
25. پير محمد علي شاهه جيلاني، سجاده نشين درگاهه گمبٽ.
26. پيرو ماڙيچو ساڪن سوهو قناصرا، تعلقو ڪوٽڏيجي.
27. ڦوتو خان بازدار، ساڪن ڪوٽڏيجي.
28. ڦوتو خان مهر، سگهڙ، ساڪن سوهو قناصره ، تعلقو ڪوٽڏيجي.
29. جهامن داس سونارو، شاهي بازار خيرپور.
30. حاجي بخشڻ خان ڪوري، ساڪن گمبٽ.
31. حاجي غلام محمد ڪنياٽي، ساڪن خيرپور.
32. حاجي محمد پچل، رٽائرڊ سپروائيزنگ ٽپيدار،ساڪن نري ميرواهه.
33. حاجي محمد حسن صديقي،ساڪن ڳوٺ گڏيجي.
34. حافظ عبدالمجيد ميمڻ ۽ محمد حسن مولودي، ساڪن نيڙهي.
35. حاجي محمد يوسف ڪوري، ساڪن راڻيپور.
36. حيدر شاهه شاهاڻي،ساڪن خيرپور.

37. خادم حسين فقير، سجاده نشين درگاهہ شادي شهيد.
38. خان محمد ڪنير،ساڪن صوبو ديرو.
39. خان محمد خان مري، ساڪن ڳوٺ رفيق مهيسر.
40. خير بخش خان مري، ساڪن ڳوٺ قاضڪو.
41. خير محمد راڄپر، ساڪن ديهہ پنيري، تعلقو فيض گنج ڪوٽڏيجي.
42. دانل خان شير، ساڪن ڳوٺ مينگهو فقير، تعلقو ميرواهہ.
43. رحمت الله خان ڦلپوٽو ساڪن پرڳڙي، خيرپور.
44. رستم خان رند، ساڪن ڳوٺ سنهڙو، تعلقو ڪوٽڏيجي.
45. رئيس باقر خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.
46. رئيس دوست محمد خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.
47. رئيس خدا بخش خان جسڪاڻي، ساڪن ڳوٺ جسڪاڻي، تعلقو ڪوٽڏيجي.
48. رئيس شاهنواز خان بگٽي،ساڪن ڪوٽڏيجي.
49. رئيس شرف الدين خان راڄپر، ساڪن بصيرو، تعلقو فيض گنج.
50. رئيس علي مردان خان چانگ،ساڪن مئو چانگ، تعلقو فيض گنج.
51. رئيس مراد علي خان بگٽي ساڪن ڪوٽڏيجي.
52. رئيس مستي خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.
53. رئيس مير محمد خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.
54. رئيس نور محمد خان ٻانيڻ جو ڪمدار، ساڪن ڳوٺ سهتہ، تعلقو فيض گنج.
55. زوار عبدالحسن خان مري، ساڪن ٽنڊو مستي خان.
56. سرائي اعجاز حسين خان، وڪيل خيرپور.
57. سرائي امداد علي خان بلوچ، ساڪن ڪوٽڏيجي.
58. سرائي پيارو خان خاصخيلي، ساڪن ڳوٺ پنهنجو، تعلقو ڪوٽڏيجي.
59. سرائي ربنواز خان رتڙ، ساڪن خيرپور.
60. سرائي غلام شبير خان سهاڳ، سالڪن ٽالپر وڏا، تعلقو ڪوٽڏيجي.
61. سرائي گل محمد خان جمعاڻي، ساڪن ڪوٽڏيجي.
62. سرائي لطف علي خان راڄپر، ساڪن ڪوٽڏيجي.
63. سرائي محمد بخش خان راڄپر، ساڪن ڪوٽڏيجي.
64. سرائي محمد موسيٰ خان ڏيسي، ساڪن مڏ، تعلقو گمبٽ.
65. سرائي نذر حسين خان انڙ، ساڪن ڪوٽڏيجي.
66. سرائي واحد بخش خان خاصخيلي، ساڪن خيرپور.
67. سرائي واحد بخش خميساڻي، ساڪن خيرپور.
68. سيد امام علي شاهہ، سجاده نشين درگاهہ ريجهہ علي شاهہ.

69. سيد امام علي شاهه عابدي، ساڪن خيرپور.
70. سيد امام علي شاهه حڪيم، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.
71. سيد پريل شاهه جيلاني، ساڪن ڏانورو، تعلقو خيرپور.
72. سيد پناهه علي شاهه بخاري، ساڪن پنج گلو خيرپور ميرس.
73. سيد علڻ شاهه دونهائي، ساڪن شاهه پور، لڳ پير جو ڳوٺ.
74. سيد علي رضا شاهه ثاني، ساڪن خيرپور ميرس.
75. سيد علي احمد شاهه رضوي، محلو بچل شاهه خيرپور.
76. سيد علي محمد شاهه ثاني، ساڪن ڏانورو، تعلقوخيرپور.
77. سيد غلام مصطفيٰ شاهه عرف روشن شاهه، ساڪن کهڙا.
78. سيد ڪاظم علي شاهه، ساڪن هالاڻي، ضلعو نواب شاهه.
79. سيد محمد حسين شاهه، ساڪن هالاڻي، ضلعو نواب شاهه.
80. سيد محمدعلي شاهه جوهر، ساڪن ڪوٽڏيجي.
81. سيد محمد علي شاهه عرف خانڻ شاهه، ساڪن ڪوٽڏيجي.
82. قاضي شاهه بخش خان، قاضي محلو روهڙي.
83. شاهنواز خان پناڻ، محلو بچل شاهه، خيرپور.
84. صاحبزادو مير حاجي غلام حسين خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽڏيجي.
85. صاحبزادو مير محمد علي خان جو ديرو ساڪن بنگلو.
86. عبدالرحمن خان عباسي، ٽريننگ ڪاليج خيرپور.
87. عبدالله خان پناڻ، محلو بچل شاهه، خيرپور.
88. عبدالله خان عباسي، سونارو ساڪن صوبو ديرو.
89. عزيز الرحمن عباسي، ممتاز ڪاليج خيرپور.
90. عطا محمد خان پنيرو ساڪن ڳوٺ پنيرا، لڳ سيٺارجا.
91. غلام اڪبر درازي، قاضي محلو روهڙي.
92. غلام رسول فقير، سجاده نشين درگاهه لونگ فقير.
93. غلام قادر خان مياڻو صوفي، ساڪن گمبٽ.
94. غلام قادر قاضي، ساڪن سيٺارجا.
95. غلام قادر مخدوم، سجاده نشين درگاهه ڪوٽڙي ڪبير.
96. غلام علي خان چانديو ساڪن خيرپور.
97. فتح خان لاشاري، ساڪن بهارو لاشاري، تعلقو ڪوٽڏيجي.
98. فقير علي قطب، ساڪن تجل، تعلقو نارو.
99. فقير نبين جوڻيو ساڪن تجل تعلقو نارو.
100. فيض الله خان قاضي، ساڪن ڪوٽڏيجي.

101. قاضي مهر علي، خليفو درگاهہ هگُورجا.
102. قائم خان سوهو ساڪن سوهو قناصرا، تعلقو ڪوٽڏيجي.
103. قربان علي خان خاصخيلي، ساڪن ڳوٺ مٺ، تعلقو ڪوٽڏيجي.
104. قلندر بخش عرف ڪنڊو فقير، محلو ڪربلا، خيرپور.
105. ڪوڙو خان لاشاري، ساڪن بهارو لاشاري، تعلقو ڪوٽڏيجي.
106. گلشن فقير ڦلپوٽو ساڪن ڏانورو تعلقو خيرپور.
107. ڳهٽو فقير ڦلپوٽو ساڪن ڏانورو تعلقو خيرپور.
108. لعل بخش خان منگي، ساڪن ڳوٺ منگي، تعلقو ڪوٽڏيجي.
109. لعل بخش خان ميمڻ، دڪاندار راڻيپور.
110. ماستر تاج محمد خان جانوري، ساڪن ڳوٺ جانوري، لڳ خيرپور.
111. ماستر محمد بخش خان سولنگي، ساڪن ڪوٽڏيجي.
112. ماستر محمد يوسف، ساڪن ڳوٺ ويسر، تعلقو ميرواهہ.
113. ماستر نور محمد خان ميمڻ، ساڪن نيڙهي.
114. مائي ڀاڳي زال بهادر ٻلهاڻي، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.
115. مائي جادل زال منظور ٻلهاڻي، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.
116. مائي خيران دختر جمعدار هامو ٻلهاڻي، ساڪن ڪوٽڏيجي.
117. مائي ڏياڻي ٻلهاڻڻ، ساڪن ڪوٽڏيجي.
118. مائي سهنت زال رتو ٻلهاڻي، ساڪن ڪوٽ مير محمد.
119. مائي راڻي ٻلهاڻڻ ساڪن ڳوٺ منگهن واري.
120. مائي غلام فاطمہ زال پريل ٻلهاڻي، ساڪن ڪوٽڏيجي.
121. مائي گوهر زال لعل بخش ٻلهاڻي، ساڪن خيرپور.
122. مائي مستي زال محرم ميراسي، ساڪن ميرپور خاص.
123. محمد اسلم گورايا، ساڪن ڪرونڊي، تعلقو فيض گنج.
124. محمد اسماعيل نون، ساڪن نوهٽو ضلعو ٿرپارڪر.
125. محمد بخش خان قناصرو ساڪن سوهو قناصرا، تعلقو ڪوٽڏيجي.
126. محمد جمن ميمڻ، دڪاندار راڻيپور.
127. محمد علي حداد، محلو پنجهٽي، خيرپور.
128. مرزا سلطان حيدر بيگ، ساڪن ٽنڊو آغا، حيدرآباد.
129. مستري خير محمد، ساڪن اوستو گاهي، خيرپور.
130. ملا فيض محمد پنهور، ٽلهو علي رضا شاهہ خيرپور.
131. مولا بخش خان لوهر انجنيئر، ساڪن گمبٽ.
132. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، حيدرآباد سنڌ.

133. مولوي عبدالڪريم مفتي، عباسي، خيرپور.
134. منشي محمد پريل، ساڪن درگاهه پير جو ڳوٺ.
135. ميان ميم الله فقير، اُجڻ، ساڪن کهڙا.
136. ميان علي محمد فقير، اجڻ ساڪن کهڙا.
137. ميان محمد اظهر عباسي، ساڪن راڻيپور.
138. ميان نياز حسين فقير، اجڻ ساڪن کهڙا.
139. مير امام بخش خان ٽالپر، ساڪن ڳوٺ بنگلو.
140. مير ٻڍل خان ٽالپر، ساڪن لقمان.
141. مير تراب علي خان ٽالپر، ساڪن منگهڻ واري.
142. مير حاجي بخش خان ٽالپر، ساڪن ميرپورخاص.
143. مير حسين بخش خان عرف چتل ٽالپر، ساڪن ٽنڊو علي آباد.
144. مير حسين بخش خان عرف مير شمن ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.
145. مير رحم علي خان ٽالپر، ساڪن ڪوٽ مير محمد خان.
146. مير غلام علي خان ٽالپر، ساڪن صوڀوديرو.
147. مير فدا حسين خان ٽالپر، ساڪن منگهڻ واري.
148. ؟ ٽالپر، ساڪن صوڀوديرو.
149. ؟ ٽالپر، ساڪن خيرپور.

# ڏسٽي (Index)

## هنڌ، ماڳ ۽ ماڻهن جا نالا


**آ**

آخوند آگيڏن، 417

آخوند باغ علي، 410

آخوند چنو چامڙو، 365

آخوند عبدالهادي، 410

آخوند گل محمد، 410

آخوند محمد ابراهيم، 158

آخوند محمد حيات، 150، 409، 410

آخوند محمد صالح، 86، 87، 409، 410

آخوند محمد نشان، 146، 410

آدم شاهہ، 85، 115، 403

آزاد منزل، 230

آغا ڪاظم شاهہ، 114

**ا**

ابراهيم شاهہ، 30، 165، 166، 371، 372، 373، 386، 388، 412

ابوالحسن، 92

احسان علي شاهہ، 103، 104

احمد آباد، 222، 340، 351

احمد پور، 38، 415

احمد خان ابدالي، 82

اسلام خان، 118

افغانستان، 75، 76، 77، 82، 83، 84، 87، 90، 92، 95، 96، 97، 98، 108، 109، 112، 113، 143، 313، 350، 372

الهداد خان لغاري، 336

اليگزينڊر برنس، 48، 51، 96

امام بخش خان، 17، 57، 123، 124، 125، 142، 144، 156، 158، 173، 174، 185، 204، 218، 220، 228، 229، 267، 286، 291، 292، 307، 310، 312، 316، 327، 328، 334، 341، 344، 345، 346، 364، 366، 367، 414

اميد علي خان، 17، 107، 322، 416، 418

امير صادق محمد خان اول، 88

امير عبدالرحمن، 69

امير فيروز خان، 87

اورنگزيب، 85، 285

ايوب شاهہ، 84

**ب**

بجار خان، 68، 71، 75، 76، 82، 89، 118، 222، 281، 321، 338

بجير بن بيزن، 70

برنس، 53، 93، 96، 180، 182، 186، 190، 191، 192، 215، 231

بڪرو، 39

بگهاڙ، 40

بلوچستان، 67، 68، 69، 70، 86، 87، 97، 99، 321، 326، 329، 333، 340، 372، 379، 400

بوزدار وڏا، 32

بوستان خان، 78، 83

بهادر خان، 87، 88، 322، 325، 339، 340

بهادر شاهہ ظفر، 149

بهاولپور، 41، 58، 87، 88، 89، 100، 112، 121، 152، 156، 158، 172، 313، 314، 329، 337، 338، 365، 368، 406

بهرام خان، 73، 74، 75، 77، 81، 82، 87، 111، 193، 266، 421

بيڪانير، 41

**ڀ**

ڀرلوءِ، 30، 45، 117، 225، 274، 388

**پ**

پريا رود، 32، 38

پنيون، 41، 256، 257

**ت**

تبريز خان، 69

تجل، 33، 166، 223، 275، 337، 377، 378، 379

تيمور شاهہ، 82، 83، 84، 87

**ٿ**

ٿر، 25، 33، 101، 210، 213، 223، 271، 272، 273، 283، 305، 307، 314، 334، 377، 378، 464

ٿرپارڪر، 29، 58، 241، 304

**ٽ**

ٽالپر وڏا، 71، 162، 166، 274، 310، 311، 346، 347، 356، 357، 421، 444

391, 395, 397, 408, 414, 421, 439, 442
ڪڇ, 40, 41, 58, 76, 180, 202, 261, 374, 378
ڪڇي, 25, 112, 215, 261

**ک**

کهڙا, 31, 36, 45, 53, 165, 206, 231, 236, 273, 275, 320, 349, 366, 371, 396, 405, 406

**گ**

گجرات, 69
گمبٽ, 27, 28, 29, 30, 34, 36, 37, 38, 42, 46, 48, 52, 53, 165, 220, 225, 231, 236, 273, 275, 280, 328, 337, 349, 350, 351, 365, 371, 372, 373, 384, 385, 386, 391, 397, 401, 405, 411, 413, 417, 446, 447
گنداوا, 25, 112
گهاگهڙ, 40, 41
گهري, 209, 407, 454, 457
گڊو بئراج, 39

**ڳ**

ڳڙهي خيرو 408

**ل**

لارڊ ايلنبرو, 97, 98, 99, 100, 110
لاهور, 22, 26, 34, 37, 69, 72, 99, 108, 113, 121, 125, 127, 129, 171, 172, 173, 176, 216, 218, 219, 310, 314, 346, 372, 414
لاڙڪاڻو, 46, 242, 375
لطف الله بدوي, 82, 96, 145, 164
لقمان, 29, 52, 156, 166, 227, 231, 233, 236, 238, 274, 279, 282, 309, 328, 332, 335, 353, 354, 355, 356, 359, 453
ليڊي برٽن, 104

**م**

محبت خان, 86, 322, 323, 326
محراب پور, 60, 71, 153
محمد ابراهيم خان, 124, 173, 316
محمد رحيم, 412
محمد صديق, 21, 87
محمد عالم احقر, 414
محمد عالم ڪربلائي, 325, 330, 410, 411, 414
محمد علي شاهه, 17, 151, 156, 360, 370, 381, 409, 414
محمود شاهه, 84, 365, 373
مخدوم احمد, 349
مخدوم احمدي, 349, 350, 371, 374
مخدوم امير احمد, 368
مخدوم رحمت شاهه, 352
مخدوم سلام الله, 33, 223, 224, 377
مخدوم عبدالخالق, 252, 349, 351, 352
مخدوم عبدالرحمن, 349, 404
مخدوم عبدالله, 349
مخدوم عبيدالله, 349
مخدوم عزت الله, 353
مخدوم محمد, 30, 165, 168, 257, 349, 350, 351, 352, 365, 372, 374, 378, 379, 381, 388
مخدوم محمد عاقل, 352
مخدوم محمدي, 349
مخدوم يحيٰ, 349
مديجي, 39, 388
مراد فقير زنگيجي, 71, 224
مرزا عباس علي بيگ, 17, 285, 361, 376, 439
مرزا قليچ بيگ, 83, 113, 303, 336
مرزا محمد فاضل بيگ, 361
مرزا مهر حسن بيگ, 361
مستي خان, 37, 59, 155, 321, 322, 323, 325
مڪران, 23, 68, 86, 263, 329, 352
ملا محمد, 366
ملتان, 16, 23, 67, 68, 72, 78, 85, 116, 121, 145, 152, 192, 217, 263, 314, 318, 337, 338, 339, 388, 391, 420
مولائي شيدائي, 45, 54, 67, 68, 69, 70, 104, 134, 137, 139, 149, 151, 153, 183, 210
مولانا حبيب الله, 367
مولانا عبدالڪريم, 364, 368
مولانا غلام محمد مهيسر, 364, 366
مولانا فضل الله, 367
مولانا محمد سعدالله, 367
موئن شاهه, 30, 388
ميان سرفراز خان, 74, 75, 81
ميان صاحبڏنو 397, 398, 399, 400
ميان عبدالحق, 165, 397, 398, 400, 409
ميان عبدالنبي, 75, 76, 77, 78, 81, 82, 83, 86, 89
ميان عزت يار خان, 75, 82
ميان غلام قادر, 353
ميان غلام نبي, 75
ميان قبول محمد, 398, 399, 400
ميان محمد خان, 75
ميان نجم الدين, 399
ميان نظر محمد, 398, 399
ميان نور محمد خان, 73, 74, 81, 82, 85, 86, 88
ميان يار محمد خان, 70, 72, 73
مياڻي, 43, 62, 63, 103, 106, 107, 118, 275, 305, 306, 321, 332
مير آلودي خان, 70
مير ابوبڪر, 69
مير احمد خان, 71, 157, 305, 306

مير احمد علي خان ٽالپر، 327
مير الهداد خان، 331
مير الهه بخش خان، 102
مير امام بخش خان، 228, 286, 346
مير امير علي خان، 158, 159, 163, 455
مير بجار خان، 75, 82
مير بهرام خان، 193
مير جان محمد خان، 207, 225, 309, 331, 341, 438
مير حاجي خان، 321
مير حاجي غلام حسين خان، 17, 57, 123, 129, 226, 279, 312, 442
مير حاجي غلام مصطفيٰ خان، 71
مير حسين علي خان، 103
مير حيدر خان، 304
مير خان محمد خان، 94, 107, 129, 162, 207, 225, 309, 311, 320, 420
مير خدا بخش خان، 154, 155, 159, 441
مير رستم خان، 21, 25, 71, 92, 93, 94, 97, 99, 100, 101, 102, 103, 104, 105, 112, 113, 114, 115, 116, 117, 119, 144, 149, 150, 151, 153, 156, 158, 163, 192, 193, 205, 206, 217, 218, 223, 224, 225, 230, 235, 266, 280, 281, 283, 305, 307, 308, 314, 319, 320, 323, 324, 326, 328, 336, 341, 355, 362, 369, 372, 379, 382, 385, 389, 390, 396, 411, 412, 439, 440
مير سليمان خان، 72, 148, 321
مير سمندر خان، 86
مير سهراب خان، 18, 21, 25, 29, 57, 71, 77, 78, 79, 83, 88, 89, 90, 92, 111, 112, 113, 114, 115, 117, 119, 144, 146, 147, 149, 150, 152, 153, 154, 156, 157, 163, 192, 193, 194, 205, 206, 217, 218, 221, 222, 223, 224, 231, 232, 236, 266, 267, 277, 278, 279, 281, 303, 304, 306, 308, 309, 313, 314, 318, 319, 320, 322, 324, 326, 327, 329, 332, 333, 334, 335, 340, 341, 343, 350, 352, 353, 355, 357, 360, 361, 362, 372, 378, 379, 381, 382, 384, 385, 389, 390, 396, 406, 407, 409, 410, 411, 439, 447
مير شاهنواز خان، 313
مير شاهه محمد خان، 94
مير شهداد خان، 70, 71, 72, 73, 74, 81, 86, 88, 154, 193, 205, 231, 464
مير شهڪ خان، 72
مير شير محمد خان ماٽڪاٽي، 91, 103
مير صوبدار خان، 72, 77, 94, 97, 99, 103, 104, 105, 111, 193, 284
مير عالي خان، 218, 266, 278, 304
مير عبدالحسين خان سانگي، 158, 159
مير عبدالقادر خان، 156
مير عطا حسين، 130, 225, 227, 312
مير عطا محمد خان، 161, 463
مير عظيم، 74
مير علي اڪبر خان، 153
مير علي محمد خان، 153, 310, 312, 441, 449
مير علي مدد خان، 309
مير علي مراد خان، 22, 25, 33, 34, 44, 54, 57, 58, 71, 90, 94, 97, 99, 101, 104, 107, 108, 112, 113, 114, 115, 117, 118, 119, 120, 121, 122, 127, 128, 129, 144, 148, 150, 151, 152, 154, 155, 170, 171, 176, 183, 185, 189, 192, 193, 205, 206, 207, 208, 210, 216, 217, 218, 220, 225, 226, 230, 232, 236, 237, 238, 266, 267, 273, 278, 281, 282, 283, 284, 285, 286, 304, 305, 306, 308, 309, 311, 312, 313, 314, 315, 316, 319, 320, 323, 324, 328, 329, 332, 333, 334, 335, 336, 337, 338, 339, 340, 341, 342, 343, 345, 355, 356, 357, 358, 360, 361, 362, 365, 366, 369, 376, 379, 380, 381, 383, 389, 390, 394, 401, 404, 411, 412, 413, 414, 417, 438, 452
مير علي نواز خان، 34, 37, 57, 59, 124, 125, 126, 127, 142, 144, 146, 160, 163, 174, 175, 183, 209, 218, 219, 220, 221, 228, 230, 239, 308, 309, 310, 312, 317, 327, 328, 334, 335, 341, 343, 344, 345, 346, 357, 360, 361, 363, 364, 367, 368, 413, 414, 418, 453, 455
مير علي ڏنو خان، 129, 221, 227, 313
مير غلام حسن خان، 16, 129, 144, 162, 163, 310, 443
مير غلام حيدر خان، 193, 223, 305

میر غلام رضا خان، 144، 162، 311، 331
میر غلام علي خان، 17، 77، 79، 84، 87، 88، 92، 123، 127، 154، 155، 159، 161، 193، 278، 279، 312، 441، 442
میر غلام محمد خان، 71، 89، 303، 443
میر غلام محمد فقير، 444
میر غلام مصطفيٰ خان، 306
میر غلام مهدي خان، 16، 266، 309، 332
میر غلام نجف خان، 159، 161
میر فتح علي، 77، 78، 79، 83، 84، 89، 90، 92، 103، 111، 112، 205، 350
میر فيض محمد خان، 35، 57، 120، 121، 123، 127، 128، 142، 144، 148، 155، 156، 163، 170، 171، 172، 173، 175، 208، 217، 218، 220، 226، 227، 228، 230، 235، 237، 252، 282، 285، 310، 312، 320، 334، 335، 337، 338، 339، 341، 343، 344، 345، 347، 354، 358، 360، 363، 366، 369، 383، 385، 417، 438، 441
میر ڪرم علي خان، 79، 87، 90، 92، 150، 409
میر ڪڪي خان، 70، 421
میر گل حسن خان، 159
میر ماڻڪ خان، 70، 72
میر مبارڪ خان، 71، 94، 102، 104، 112، 113، 117، 150، 153، 158، 159، 205، 279، 343، 356، 409، 436، 440، 449
میر محب علي خان، 160، 444
میر محراب خان اول، 85
میر محراب خان ثاني، 87
میر محمد حسن خان، 91، 104، 151، 152، 156، 157، 283، 307، 440، 450
میر محمد خان، 16، 18، 43، 71، 94، 101، 103، 104، 148، 157، 159، 160، 190، 193، 196، 223، 266، 267، 279، 281، 282، 283، 286، 295، 297، 298، 299، 304، 305، 306، 322، 323، 328، 380، 381، 382، 412، 415، 420، 445، 460، 461، 462
میر محمد علي خان، 117، 129، 297، 299، 311، 312
میر محمد مراد خان، 154، 189، 220، 310، 313، 343، 347، 394
میر مراد علي خان، 79، 92، 94، 220، 281، 306، 308، 344، 351، 382
میر نثار حسين خان، 161، 442، 450، 451
میر نذر حسين خان، 312
میر نصير خان، 67، 75، 86، 87، 93، 94، 97، 102، 103، 105، 115، 117، 205، 308، 309، 343
میر واهه، 26، 27، 28، 29، 31، 33، 39، 42، 52، 60، 304، 336، 389
میر ولي محمد خان، 102، 104، 105، 159
میر هوتڪ خان، 72
میر ناري خان، 78، 83، 90، 193
میر ڄام نندو، 73، 86، 464
میر چنل خان مسڪين، 464
میرپورخاص، 16، 21، 68، 72، 78، 79، 83، 107، 145، 199، 205، 206، 221، 294، 307، 421
میرڻ خان، 71، 421

**ن**

نادر شاهه، 65، 73، 81، 82، 86
نارو تعلقو، 32، 52، 275
ناصر خان، 338
نظر علي خان، 234، 324، 417
نڪولاس ورنگٽن، 91
نواب احمد خان، 107
نواب شاهه، 26، 60، 347
نواب ولي محمد خان لغاري، 85
نور واهه، 39
نهال خان، 274، 324، 395، 412
نهال سنگهه، 90

**و**

وليم لي، 90
ويسٽ فيڊر جا واهه، 45

**ه**

هاڪڙو، 41
هزهائينس جا باغيچا، 34
هماليه، 38، 40
هند، 76، 121، 171، 372
هندوستان، 209، 217
هنگورجا، 31، 32، 38، 165
هوش محمد شيدي، 107
هئملٽن، 91


*انڊيڪس جوڙيندڙ: نديم احمد سولنگي*